*..... آءُ الزام لڳايان ٿو ته تنهنجي حاڪمن، پنهنجي هم ڪلمي گو ۽ هم مذهب فاتحن منهنجي شهر جو امن برباد ڪيو آهي. آءُ الزام لڳايان ٿو ته تنهنجي حاڪمن سمنڊ ڪان اينڌڙ هير جي سرهاڻ کي قتل ڪيو آهي. شهر جي ماڻهن کي تنهنجي حاڪمن قتل ڪيو ۽ باقي جهنگ مُنهن ڪري ڀڄڻ لڳا. ڀراڙيون وسائڻ لڳا. ۽ ائين ٿي ٿي پيو جيئن موتين جو هار ٽٽي پوي ۽ موتي واوڪر ٿي وڃن! ...*

# اوڙاھ

## (ناول)

——— غلام نبي مغل

**ڪمپوزنگ : مير اشفاق احمد ٽالپر**

**سهڪاري: شاهنواز سومرو**

**وائيس آف سنڌ برقي ڪتاب گهر**

WWW.VOICEOFSINDH.NET

editor@voiceofsindh.net

غلام نبي مغل ورهاڱي کان پوءِ اُڀرندڙ ٻي ٿهيءَ جي سنڌي ليکڪن منجهان هڪ اهم نالو آهي. هن سٺ جي ڏهاڪي کان لکڻ شروع ڪيو ۽ هيستائين سندس ڪهاڻين جا چار ڪتاب، ”نئون شهر“، ”رات جا نيڻ“، ”رات منهنجي روح ۾“ ۽ ”سٺ ستر اسي“ شايع ٿي چڪا آهن. مغل جي ڪهاڻي ڪتاب ”رات منهنجي روح ۾“ کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان سال ***1989***ع جي بهترين ڪهاڻين جي ڪتاب جو انعام ٻه ملي چڪو آهي. ناول ”اوڙاهه“ مغل جو پهريون ناول آهي. هو روزانه هلال پاڪستان ۽ روزانه برسات ۾ ڪالم ٻه لکندو رهيو آهي. ان کان علاوه مشهور مخزن سهڻيءَ جي سرواڻ ايڊيٽرن منجهان پڻ آهي.

سنڌ سرڪار جي خوراڪ کاتي ۾ نوڪري ڪندو آهي ۽ حيدرآباد سندس ڄم جو شهر آهي ۽ رهندو ٻه اُتي آهي.

کاھوڙِيُن ڪٽيي، ساجھُرُ ٻـڏا سـندرا،
ڏوريندي ۾ ڏونگرين، ڪيائون پاڻ پَٽيي،
ڏکن ڏِيلُ ھَٽيي، ڇيھہُ لڌائون ڇَپرين.

شاھہ لطيف

ھيءُ ڪتاب مون طارق جي چوڻ تي ئي لکڻ شروع ڪيو ھو. مون ڪتاب تہ لکي ورتو پر پاڻ ائين ويو ھليو جو اجا ويساھہ نہ پيو اچي.

**ـــ ھي ناول آھ**
**طارق اشرف**
**جي نالي ڪريان ٿو**

ـــ غلام نبي مغل

# ... ليکڪ پاران ٻه اکر

هن ناول ”اوڙاهه“ تي مون ڪيترن ورهين کان سوچيو هو. پنهنجي دوست طارق اشرف سان انهيءَ موضوع تي گهڻو ڳالهايو هو. پين ٻه ڪيترن اديب دوستن سان تفصيلي ذڪر ڪندو رهيس. اسان سيني دوستن جي هڪ ئي راءِ هئي ته سنڌ جو سڀ کان وڏو مسئلو اِهو آهي ته سنڌين جو شهرن ۾ هيٺين وچولو ڪلاس ۽ وچولو ڪلاس صدين کان وجود ۾ نه رهيو آهي ۽ هاڻ اڄڪلهه جڏهن سنڌ جي وجود جي بقا جي جنگ وڙهجي پئي ته اسين سنڌي شهرن ۾ وچولي ڪلاس جي نه هئڻ ڪري، بقا جي ويڙهه ۾ هڪ اهڙي عذاب، اوريڪ ۽ اوڙاهه منجهه اڙجي ويا آهيون جو لڳي ائين پيو ته شايد تاريخ جي پنن تان ميسارجي نه وڃون. سمن جي بادشاهت جي خاتمي سان گڏ، سنڌ شعوري طور ديهي ۽ شهري علائقن ۾ ورهائجي ويئي يا ڏاڍ ۽ جبر جي استعمال سان ائين ڪيو ويو.

جڏهن ٻه سنڌ ۾ ڌاريا حملي ڪندڙ آيا، سنڌ جي آزادي غصب ڪئي ويئي ته سڀ کان پهرين انهن بين الاقوامي دهشت گرد حملي آور حاڪمن سنڌ جي شهرن ۾ آباد وچولي ڪلاس کي ماري، قتلامن جا سلسلا جاري ڪرائي، شهر خالي ڪرڻ تي مجبور ڪيو. سنڌي شهري وچولو ڪلاس سڀ کان اڳ ارغون دور ۾ ”جهنگ ـ مُنهن“ ڪري ويو. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي عملدارن جي دور جي تاريخ شاهد آهي ته سنڌ جي شهرن مان سنڌي وچولي ڪلاس کي ۽ انهن سان گڏ ڪمين ڪاسبين کي هڪ لاڳيتي خوني عمل سان شهرن منجهان تڙي يا ماري ڪڍيو ويو ۽ انهيءَ عمل جي ڪري ئي ڌاريا ارغون، ترخان ۽ مغل پنهنجي حاڪميت سنڌ جي شهرن ۽ اوسي پاسي جي ٻهراڙين تائين برقرار رکي سگهيا ۽ سنڌ کي لٽڻ ۽ ڦرڻ جو اهو عمل ٽي سو سالن کان ٻه مٿي جاري رهيو ۽ سنڌ اهڙيءَ طرح سياسي، اقتصادي ۽ تهذيبي طور تي مڪمل تباهيءَ جي ڪناري تي اچي پهتي.

ڳالهه ايستائين پهتي جو سنڌ جي حاڪم غلام شاهه ڪلهوڙي کي پنهنجي حڪومت جي گاديءَ لاءِ ڪو اهڙو شهر نه ملي سگهيو جيڪو بربادي‌ءَ کان ۽ ڌارين جي قتلامن کان بچي ويو هجي. ٺٽو، نصرپور يا سيوهڻ ۽ ٻيا ٻه شهر تباهه ٿي چڪا هئا ۽ سواءِ سنڌي امير طبقي جي، باقي سڀ هيٺيون توڙي وچولو طبقو شهر ڇڏي جهنگ منهن ڪري ويا هئا ۽ شهرن جو وڻج واپار، بازارون ۽ ڪارخانا آمدني روانگي واپار سڀ پڙپانگ ٿي چڪا هئا. شهرن جي اندر ڊٺل ۽ ويران برباد گهرن جي ڍڙن ۽ شهرن جي ٻاهر وسيع قبرستانن جي پيو ڪجهه ٻه نظر مشڪل سان ايندو هو. اهوئي سبب هو جو ميان غلام شاهه ڪلهوڙي کي هڪ نئين شهر حيدرآباد جو بنياد رکڻو پيو ۽ شهرن مان پڇي ويل ڪمي ڪاسبي، ڪاريگر ۽ واپارين کي سرڪاري طور تي ريهي ريبي، حيدرآباد منجهه پاڙا مخصوص ڪري آباد ڪرڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي ويئي. انهيءَ جو سبب اهو هو ته شهري وچولي ۽ هيٺئين طبقن کي حاڪمن جي خوني ارادن ۽ بڪايل ترارن تي ڪو ٻه اعتبار نه هو، پر ائين پهريون پيرو سنڌ ۾ حيدرآباد اهڙو شهر اڏيو ويو جنهن ۾ مٿيون امير طبقو ٻه سنڌي بلوچ سردارن، سيدن، مرزائن، آغائن ۽ ديوان گدومل ۽ ٻين پائيبندن ۽ عاملن تي مشتمل هو پر وچولو، هيٺيون طبقو ۽ واپاري طبقو ٻه سنڌين جو ئي وجود ۾ آنديو ويو هو نه ته ان کان اڳ سنڌ جي شهرن ۾ ڌاريا حاڪم ۽ ڌاري ٻولي هوندي هئي

۽ سنڌ جي ڳوٺن، برن، ٽرن، ڪچن، پڪن ۽ جابلو علائقن ۾ سنڌي رهندا هئا. اهڙيءَ طرح لڳي ٿو تہ سنڌ صدين کان شهري ۽ ٻهراڙي (Urban & Rural) ۾ ورهايل آهي. انگريزن جي دور ۾ بہ سنڌي شهرن جي آبادي جو Character ذري گهٽ ساڳيو ئي رهيو جو سواءِ سنڌي ٻوليءَ جي باقي شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ سياسي ۽ تهذيبي ويڇو بلڪل موجود رهيو ۽ جيڪو بدقسمتي سان ورهاڱي جي لڏپلاڻ کي ترت عمل ۾ آڻڻ جو هڪ وڏو سبب پڻ هو.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي هندو شهر خالي ڪري ويا ۽ وري سنڌ جي شهرن ۾ لوئر مدل ڪلاس ۽ مدل ڪلاس جو خال پيدا ٿي پيو جنهن کي هندستان مان ايندڙ آباديءَ نهايت آرام ۽ قابليت سان پريو ۽ سنڌي وري بہ جي ٿورو گهڻو شهرن ۾ رهيا تہ اهي هيٺئين ڪلاس ۾ ئي هئا. اسان جو مٿيون وڏيرڪو ڪلاس بنيادي طور تي پاڻ کي شهري فريم ورڪ ۾ آڻڻ لاءِ تيار نہ رهيو.

تاريخ هڪ ڀيرو وري پاڻ کي ورجايو ۽ سنڌ جي شهرن ۾ سياسي توڙي اقتصادي خال کي پرڻ کان پوءِ انهي مضبوط پڙهيل شهري وچولي ڪلاس، هڪ ڀيري وري سنڌين کي سندن شهر خالي ڪرائڻ لاءِ روايتي طاقت کي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ وري سنڌين شهر خالي ڪري جهنگ منهن ڪيو تہ جيئن سنڌ کي باقاعده Rural & urban ۾ ورهائي ڇڏجي. پر هن ڀيري ائين سڀ ڪجهہ مڪمل طور نہ ٿي سگهيو جيئن تاريخ ۾ هر ڀيري ٿيندو رهيو آهي. هن ڀيري، ڪجهہ اُڀري آيل سنڌي وچولي طبقي نہ رڳو سياسي ۽ اقتصادي طور ڪجهہ مهاڏو اٽڪايو پر ٿورن هندن تي شهرن جا حصا خالي ڪيا. پر تاريخ جو ڦيرو اهو بہ نظر آيو تہ شهر خالي ڪرڻ بدران ــ هڪ نئون شهر، سنڌوءَ جي ڪناري سان آباد ڪيو ۽ پهريون ڀيرو سنڌ جي تاريخ ۾ هيٺيون ڪلاس ۽ لوئر مدل ڪلاس وجود ۾ اچڻ شروع ٿيو ۽ Resistance جو بہ هڪ نئون دور شروع ٿيو. اهو نئون دور ئي سنڌ جو مستقبل آهي.

ناول ”اوڙاهہ“ انهي سموري تاريخي جاکوڙ بابت آهي جنهن ۾ ساڍن چار سو سالن جي تاريخ کي سوشيو ــ پوليٽيڪل حوالي سان پيش ڪيو ويو آهي ۽ سنڌ جي سورن ۽ ڏچن جو ڪارڻ بہ اهوئي رهيو آهي تہ شهرن ۾ وچولو ڪلاس ۽ شهري هيٺيون وچولو ڪلاس وجود ۾ رهيو ناهي. مٿين اميرن ۽ سردارن جي ڪلاس هميشہ ڌارين توڙي پنهنجن حاڪمن سان پنهنجي ڇڳ مڙسيءَ کي بچائڻ جا سودا ڪيا آهن.

هن ناول کي لکڻ لاءِ مون کي پنهنجي دوست طارق اشرف تمام همٿايو هو. هو اڄ اسان جي ساٿ ۾ ناهي. مون کي افسوس آهي تہ اڄ ناول طارق اشرف کانسواءِ شايع ٿي آيو آهي.

**اوهانجو**

**غلام نبي مغل**
**اي ــ 34 ــ گلستان سجاد،**
**ڄامشورو روڊ حيدرآباد.**

**جون 1994ع**

The best political community is formed by citizens of the middle class.

**___ Aristotle (384-322 B.C)**

The Upper classes are … a nation’s past; the middle class is its future.

**____ Ayn Rand**

# 1

ڊسمبر جي مهيني جي پڇاڙي هئي. سال اُڻويهه سو اوڻهانوي پوين پساهن ۾ هو. ڪي ڏينهن وڃي رهيا هئا. شام جا ڇهه لڳي چڪا هئا ۽ سج لٿي ڪِپل وقت ٿي ويو هو. ويتر آسمان تي ڦهليل ڪڪرن جي ڪري شهر مٿان ڇڻ هڪ ڪارو غلاف چڙهيل هو. صديءَ ٻن کان شاهي بازار، حيدرآباد شهر جي شهه رڳ مثل هئي. شهر جي وچ مان گنجي ٽڪر جي اتر اوڀر واري شاخ منجهان سنئين سڌي سينڌ وانگر لڳندي هئي. شاهي بازار نه رڳو شهر جي شهه رڳ هئي پر هڙئي پاڙا اُت ٻنهي طرفن آباد ٿيل آهن. ڪاريگر، ڪمي ڪاسبي — سيني جا پنهنجا پاڙا هئا. اِهي پاڙا ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دور ۾ آباد ٿيا هئا. اڄ جيئن آسمان تي ڪڪر ڇانيل هئا، تيئن ئي مٿي پڪي شهر جي پاڙن ۽ پاڙن جي گهٽين، ورن ۽ وڪڙن ۾ پڻ ويراني ڇانيل هئي. ڪٿ ننڊن چونڪن تي يا گهٽيءَ جي مُهڙ تي ڪجهه نوجوان بيٺل هئا. سندن ذهنن ۾ افواهه ڦهليل هئي ۽ مٿا ڦريل هئن. ماڻهن پنهنجن گهرن آڏو ۽ گهٽين ۾ لڳل ميونسپل جي روشنين کي وسائي ڇڏيو. ڪين اهو انديشو هو ته شايد راڪاس سندن گهٽين ۾ به ايندو.

شاهي بازار ۾ خاطو بندن جي گهٽيءَ ۾ سامهون، بازار جي ٻئي طرف پاٽولين جي پاڙي ۾ ظفر ڦاسي پيو هو. هو پنهنجي گهر وارن جي منع ڪرڻ جي باوجود به پنجين بجي پنهنجي گهران نڪتو. اڄ ٻنپهرن کان هيٺ سٽي ڪاليج پٽيان، ٻڪرا منڊي ۽ ڦليليءَ ڏانهن حالتون ٺيڪ نه هيون ۽ رکي رکي فائرنگ جا آواز ۽ ڪنهن ڪنهن مهل ڪلاشنڪوفن جي برسٽن ڦاٽڻ جا آواز آيا پئي —— ۽ سڄي ماحول ۾ آهستي آهستي بي چيني ۽ بي يقينيءَ جا اهڃاڻ ڦهلبا پئي ويا. ظفر شام جو آمريڪن ڪلچر سينٽر ۾ انگريزيءَ جا سبق پڙهندو هو. سياڻي سندس ٽيسٽ هئي ۽ سندس ٽئڪسٽ بوڪ، احمد علي وٽ هئا. سندس ڇوڪراڻي ذهن ۾ ماحول منجهه ڦهليل بي چينيءَ جو ڪو خاص اثر نه پئي ٿيو ۽ سمجهئين پئي ته هو ڊوڙ پائي، ڪائي روڊ اُڪري، عرسانين ۽ سيدن جي گهرن وٽان ٿيندو، ناهين جي پڙ ڪان ٿيندو، سرور قبي لين واري گهٽيءَ جي وچ مان پار پئي، ڪاسائين جي پڙ ۾ پهچندو ۽ اتان پوءِ الهائين گهٽيءَ منجهان نڪري، فقير جي پڙ جي بازار مان ٿيندو، سامهون ڏاڪٽي سنهڙي گهٽيءَ منجهان، شهواڻين جي پاڙي ۾ پهچندو. انهيءَ سان لڳ پاٽولين جو پاڙو آهي ۽ چونڪ، تي احمد عليءَ جو گهر آهي.

ظفر پاڙي ۾ پنهنجي دوست احمد علي ۽ ٻين اٺن ڏهن ڇٽن سان بيٺو هو. سيني سمجهايس پئي ته شهر جي حالت ٺيڪ ناهي ۽ هينئر اهڙي حالتن ۾ واپس گهر نه وڃي. پر هن جي ذهن ۾ اهو ئي هو ته ڪا ڳالهه ناهي، پاٽولين جي پاڙي کان وٺي اڌ منو ميل پري ڪائي روڊ سان لڳ، واڍن جي پڙ تائين، هڙئي پنڌ گهٽيون ۽ رستا سندس ائين واقف آهن، ڄڻ اهي گهٽيون، ور وڪڙ ۽ چونڪ سندس راند ڪرڻ جو سامان هو. واقعي گذريل ويهه پنجويهه سال هن انهن گهٽين جي ورن وڪڙن ۽ چونڪن تي رانديون ڪندي ته گذاريا آهن. دوستن سان گڏ رات جو دير دير تائين، ات يا پڙهندو هو يا رانديون ڪندو هو، جنهن ۾ پتي راند ته تمام گهڻي ٿيندي هئي. ڪيس انهن گهٽين جي ڪڏن ڪُنن ۽ ڊڪيل اڻ ڊڪيل ڪسين بابت ايتري ڄاڻ ۽ هلڻ ۾ ايڏي مهارت هئي، جو هي بي ڪٽڪي، بنا ڪنهن وڏيڪ سار سنڀال جي، سوجهري توڙي اونده ۾ ايندو ويندو رهندو هو. پر اڄ شام جو جڏهن ڪيس سيني جهليو پئي ته هِن ويل انهن گهٽين مان وڃڻ جان جوکي ۾ وجهڻ جو ڪم آهي ته سندس دل ۾ پڻ عجيب وسوسا پيدا ٿيڻ لڳا. انهيءَ مهل پوليس جي وئن اچي پاڙي جي وچ ۾ بيٺي ۽ معلوم ٿيو ته پاڙي جو نوجوان ۽ ظفر جي دوست جي ماروٽ جو پٽ، ٺوڙهي چاڙهيءَ هيٺ چاتيءَ ۾ گولي لڳڻ ڪري

اڦٽ مري ويو. پوليس وٺن سان گڏ هڪ ايمبولينس به هئي. سڄي پاڙي ۾ هراس ڇانئجي ويو ۽ ڪيترائي ننڍا وڏا گهرن مان نڪري آيا. جنهن پاڙي ۾ صدين کان پَٽ اٽيندڙ انسان رهندڙ هئا ۽ امن ۽ آشتيءَ کانسواءِ ٻي ڪا ڳالهه نه ڄاڻيندا هئا، انهن منجهه ڪنهن نوجوان جو لاش ڪچي اڇي، سان ڳالهه ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي جي شروعات ۾ به انهن ماڻهن لاءِ نه رڳو اڇرج جهڙي هئي، پر سندن پَٽَ جهڙن ذهنن ۾ پڻ رت جي مهي پئي ولوڙجي. هڪ پوليس آفيسر ۽ ڪجهه سپاهي پاڙي جي چونڪ ۾ بيهي ويا ۽ ماڻهن کي چوڻ لڳا ته سڀ پنهنجن گهرن ۾ هليا وڃن، سواءِ مارجي ويل نوجوان جي مائٽن جي. پوليس آفيسر وڏيڪ ٻڌايو ته شهر جي سمورين حدن ۾ ڪرفيو لڳي چڪو آهي. ماڻهو ڪجهه ڇُرڻ لڳا. پريان ٺوڙهي چاڙهيءَ جي هيٺ مڇي مارڪيٽ وٽان فائرنگ جا لاڳيتا پنج ڇهه آواز آيا. ماڻهن جي ٽڙڻ ۽ پکڙڻ سان گڏ، ظفر به آهستي آهستي، بنا ڪنهن سوچ جي شهواڻين جي پاڙي واري مسجد ڏانهن کسڪي ويو. مسجد ۾ ڪي ٿورا نمازي ڪيس، قبلي طرف ڪلندڙ درين مان نظر آيا ۽ هو مسجد جي پٽ جو پاسو ڏيئي، ٺوڙهي چاڙهيءَ جي مٿي، ڪاٻي طرف گنج بخش شاهه جي پڙ ڏانهن ويندڙ گهٽيءَ ۾ داخل ٿي ويو. هُن هڪ نظر ٺوڙهي چاڙهيءَ جي هيٺئين چيڙي تي وڌي. اُت ڪيس ڪو بني بشر نظر نه آيو. ڪرفيو جي اعلان ۽ اِن کان اڳ لاڳيتي فائرنگ جي ڪري پيدا ٿيل هراس ڪري، شهري پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن سعيو ڪري هليا ويا هئا. ڊسمبر جي پڇاڙي هئي، سردي ته ڪونه هئي، پر ماحول ۾ شام کان پوءِ خنڪي ڦهلجڻ لڳي هئي. ظفر گهٽيءَ ۾ داخل ٿيو ته کيس چوطرف ويراني نظر آئي پئي. گهرن جا دروازا ۽ دريون بند هئا. ڪٿي ڪٿي روشني نظر آئي پئي. هو تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي، آخر ڊوڙڻ لڳو. سندس هڪڙي هٿ ۾ ڪتاب هو. جڏهن هو ابراهيم شاهه جي پڙ ڏانهن ويندڙ گهٽيءَ جو مُهڙ به اُڪريو ته پنيان آواز آيو ڪير آهين، هن پنتي وري نه ڏٺو پر سندس پيرن ۾ تيزي اچڻ لڳي. گهٽيءَ ۾ لڳل ميونسپل جا بلب وساميل هئا ۽ رڳو ڪن گهرن جي درين جي شيشن يا مٿين ڪمرن منجهان ڪجهه روشني هيٺ گهٽيءَ جي هموار ۽ ناهموار فرش تي آئي پئي. سندس قدمن کي ائين پئي لڳو، چڻ جيڪا سندس گهٽين جي ورن وڪڙن ۽ چونڪن سان ڄاڻ سڃاڻ يا وابستگي هئي تنهن ۾ ڪا گهٽتائي محسوس پئي ٿي. کيس جيڪا هڪل ٻڌڻ ۾ آئي، تنهن جو طرف هو سمجهي نه پئي سگهيو ۽ کيس ان ڳالهه جي به اون ڪو نه هئي ته اها هڪل ڪٿان آئي پر اوچتو کيس پٺن تي هڪ زور دار ڌڪ لڳو. گرم لڳن ۽ ڊوڙندڙ ٽنگن کي هڪ جهٽڪو لڳو پر انهيءَ ڌڪ سان پٽر وڃي سندس سامهون ڪسيءَ منجهه ڪريو، پر تيستائين هُو اڳتي نڪري ويو ۽ جڏهن گنج بخش شاهه جي پڙ ۾ لڳل آنگاس وٽ پهتو ته ساڄي پاسي ٻڪهين ۽ نقاشن جا گهر هئا ۽ کاٻي پاسي مسجد هئي. هو ڪي ساعتون اتي رڪيو ۽ فيصلو نه ڪري سگهيو ته اڳتي وڃي يا بيهي. هن مسجد جي در مان ڏٺو ته اندر نماز هلي پئي ۽ هو بنا ڪجهه سوچڻ جي ڊگها قدم کڻندو مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، ڪنڊ ۾ رکيل مٽ مان پاڻيءَ جو گلاس پري پيتائين. ڊوڙڻ ۽ هراس ڪري هو سهڪيو پئي. منهن پگهر سان آلو هئس، جنهن کي هن رومال ڪڍي اگهيو ۽ اڳتي وڌي، ساهه کڻڻ خاطر، جماعت کان پريرو ٿي هڪ پاسي ويهي رهيو. سندس اک در ۾ کُتل هئي. کيس پهريون پيرو ائين محسوس ٿيڻ لڳو، چڻ ڪي ويري هن جي پنيان آهن ۽ سندس خون ڪندا. ظفر هونئن ته مڙس هو ۽ اهڙي جهڙي ڳالهه کي ڪنگهندو ئي نه هو، پر اڄ الائي ڇو سندس ڇهين حواس به کيس ڊيڄاريو پئي ته ڪجهه نه ڪجهه ٿيڻ وارو آهي. سندس ذهن تي پاٿولي چوڪري جو لاش، ايمبولينس ۽ ڊوڙڻ مهل پنيان آيل هڪل، ڇانيل هيون. نمازين سلام ڦيريو ۽ کيس خبر هئي ته ڄاڻ مسجد به خالي ٿي ويندي ۽ کيس جلد فيصلو ڪرڻو هو ته مسجد مان نڪري پنهنجي گهر ڏانهن وڃي يا اتيئي ڪنهن ٻُڪهئي، نقاش يا پٽيءَ جي گهر ۾ پناهه وٺي رات گذاري. گهر فون ڪري ٻڌائي. پر سندس ذهن انهيءَ ڳالهه کي نه قبوليو. نمازي ٻاهر نڪرڻ لڳا ۽ تڪڙا تڪڙ قدم کڻندا، پنهنجين پنهنجين گهٽين ڏانهن وڃڻ لڳا. بنا ڪنهن اڳواٽ سوچ جي، ظفر به ڪجهه ماڻهن جي پنيان پنيان قدم کڻندو کاتر چوڪ ڏانهن ويندڙ سوڙهي چوواٽي ڏانهن وڃڻ لڳو. کيس خبر هئي ته کاتو چوڪ صحيح علائقو ناهي. اوڏانهن نڪري ويو ته سندس لاش مائٽن کي ملندو. هن کاتر چوڪ کان اڳواٽ ايندڙ چوواٽي کان ناهين جي پڙ ڏانهن ويندڙ گهٽيءَ کي شڪي نظرن سان ڏٺو ۽ هن سوچيو ته جي انهن نمازين مان ڪنهن به کيس روڪي کانئس پڇيو ته هو ڪير آهي ۽ ڪيڏانهن پيو وڃي ته هو ڇا جواب ڏيندو؟

جيڪڏهن هو پنهنجي سڃاڻپ ائين ڪرائي ته هو ظفر علي ولد اُستو علي محمد سومرو آهي، ۽ واڊن جي پڙ ۾ ڪاهي روڊ کان اڌ مني ميل ۾ ڦهليل سوڙهين ۽ ور وڪڙن وارين گهٽين جو اجهاڳ سمنڊ اڪري، فقير جي پڙ سان لڳ پاڙولين جي پاڙي مان پنهنجي دوست کان ڪتاب وٺڻ لاءِ ويو هو، ۽ هاڻ ڊنل سهي وانگر انهن گهٽين ۾ منجهي پيو آهي، جن ۾ گذريل ويهن سالن کان هو ائين آڏيءَ مانجهي هلندو ڦرندو هو، جڻ پنهنجي گهر جي جدا جدا ڪمرن، اڱڻ ۾ يا ڏيڍيءَ ۾ گهمي رهيو هو. هونئن به شهر جي رهاڪن کي اِها پوري ريت ڄاڻ هئي ته شهر جون گهٽيون، نه رڳو شهر جون گهٽيون هيون، پر ڪين پنهنجن گهرن جو ئي ڪو حصو محسوس ٿيندو هيون. ازل کان ماڻهون ۽ ماڳ هڪ ٻئي جا حوالي سان ڄاتا سڃاتا ويندا آهن. اِهي ماڳ ئي آهن، جن جي مٽيءَ ۽ هو ائين ماڻهن جي ڪردار کي سنواري يا بگاڙي، نروار ڪيو. هت شهر واسي به شهر جي ڳتيل ۽ ور وڪڙن وارين گهٽين وانگر هڪ ٻئي سان ڳتيل هئا ۽ دلين ۽ دماغن جو ساٿ به سندن ورن ۽ وڪرن وانگر ڪنهن زنجير وانگر اٽڪيل لڳو پئي.

ظفر عليءَ ڪتاب ور ۾ وڌو ۽ ڊوڙ پائي ناهين جي پڙ ڏانهن مڙندڙ گهٽي جي موڙ تي بيهي رهيو، ۽ اوندهه ۾ اڳتي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري لڳو ته ناهين جي پڙ ۾ ميونسپل جي لڳل نلڪي ۽ آنگاس جي چوطرف ڦهليل پڙ ۾ ڪي اوپرا ته نه ويٺا آهن. کيس خبر هئي ته ناهين جي پڙ کان شاهي بازار ڏانهن ويندڙ گهٽيءَ ۽ پراڻن مڇيءَ هٽن واري آبادي ڪڏهڪو گهرن کي تالا هڻي، شهر جي اولهه اترئين پاسي، سندوءَ جي ويجهو لڏي ويئي هئي. انهن لڏڻ وارن ۾ وڏي ويڙهي وارا ڪتي ۽ پٽين جا گهر پڻ هئا. هاڻ ڪي چند گهر وڃي رهيا هئا. ايتري سڄي وقت ۾ ظفر کي پهريون ڀيرو خوف محسوس ٿيو هو. کيس پاڙولي چوڪري جي لاش به ايترو نه ڊيڄاريو هو ۽ نه ڪي ٺوڙهي چاڙهيءَ طرفان ٿيندڙ رائيفلن جي ٺڪائن. اوندهه ۽ چوطرف سانت کيس ڊيڄاريو پئي. هُن کي خبر هئي ته انهن گهٽين ۾ سدائين رونق لڳي پئي هوندي آهي. رات جي پوئين پهر به ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ چهل پهل هوندي هئي. ٻيو نه ته ڪنهن ڪنڊ پاسي ڪو موالي سلفيءَ جي سُوٽي کان پوءِ مڙيئي کنگهندو ڪڙڪندو يا ڪنجهندو پيو هو. پر اڄ کيس صفا خوف ڏياريندڙ سانت پئي لڳي، جنهن ۾ ڪنهن ڪنهن هنڌ ڪنهن گهر جي دريءَ منجهان ٽيليويزن هلڻ جو آواز آيو پئي، جيڪو کيس اوپرو ۽ پوائتو لڳو پئي. هو قدم آهستي آهستي وڌائي اڳتي هلڻ لڳو. ڪجهه وکن کان پوءِ کيس معلوم ٿيو ته ميونسپل جي نلڪي سان لڳ پيل بانڪڙن تي ڪي ماڻهو ويٺا هئا. هن جو خوف وڌي ويو ۽ کيس اها به خبر نه پئي سگهي ته اهي ڪهڙا ماڻهو آهن. کيس اڳتي وڌڻ کپي يا نه. پر پٺتي مڙڻ جي به ڪا واٽ نه هئي. هن کي ٿوري دير ۾ اهو محسوس ٿيو، جڻ سامهون ميونسپل نلڪي جي پر ۾ بانڪڙن تي ويٺلن مان ڪجهه ڄڻن کيس ڏسي ورتو آهي ۽ هڪ ٻن ڏانهس آڱر سان اشارو به ڪيو. اوڏيءَ مهل هو ٻيو ڪو فيصلو نه ڪري سگهيو ۽ بي ارادي گهٽيءَ جي وچ ۾ نڪري آيو ۽ چڱيون خاصيون ٻرانگهون ڀري، بانڪڙن تي ويٺل ماڻهن وٽان ٿيندو کيس اڳتي ڪوڪڙين جي دڪانن وٽان، سيدن جي گهرن ڏانهن مڙٽو هو. سندس ساهه ۽ پير ڳرا ۽ تڪڙا پئي لڳا. پر هو همت ڪري رهيو هو. ڪجهه ساعتن کان پوءِ کيس آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

”ڪير آهين؟ ترس اتي!“

# 2

ڪاهي روڊ جي وچ تي ڪورين جو پڙ آهي ۽ ان جي اترئين پاسي گھٽيءَ جي ڇيڙي تي چوڪور ميدان تي علم ڪُتل آهي ۽ پرسان مسيت ٺهيل آهي، جنهن کي واڍن جو پڙ ۽ واڍن جي مسيت سڏيندا آهن. اِهي واڍا ميرن جي صاحبيءَ کان اِتي آباد آهن. اصل ذات جا سومرا آهن. واڍڪي ڪم جا ماهر ۽ سندن ڪاريگري سنڌ، پنجاب، بلوچستان، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ راجستان جي رياستن ۾ ڏاڍي مشهور آهي. واڍن جي پڙ مان ساڄي هٿ تي هڪ سنهڙي گھٽي ولايت علي شاهه جي پڙ ۾ وڃي نڪري ٿي. ات اوير طرف اُستي علي محمد جو گھر هو. علي محمد انسپيڪٽر آف اسڪولس جي عهدي تان رٽائر ٿيل هو. پر جيئن ته سندس وڏا واڍڪي ڪم جا ماهر ۽ جڳ مشهور هئا، انهيءَ ڪري سندس پڙ ڏاڏي کي اوستي جو لقب مليل هو ۽ پوءِ سندن ڪٽنب 'اوستي' جي نالي سان مشهور ٿي ويو. ايتري قدر جو جڏهن 1940ع ۾ علي محمد پنهنجي خاندان جو پهريون فرد هو، جنهن بامبي يونيورسٽيءَ مان سيڪنڊ ڊويزن ميٽرڪ پاس ڪئي هئي ته سندس اسڪول ۾ ذات واڍو لکيل هئي ۽ علي محمد کي اها ڳالهه ياد هئي ته جڏهن سندس پيءُ علي بخش عرف استي علوءَ، کيس اسڪول ۾ داخل ڪرڻ وٺي ويو هو ته ان وقت اسڪول جي هيڊ ماستر ديوان موتيرام پاڻ ئي داخلا فارم ڀريو هو ۽ پاڻ ئي ذات واري خاني ۾ لفظ واڍو لکيو هو. اُستي علوءَ کي ديوان موتيرام چڱي طرح سڃاڻيندو هو ۽ ٻه ٽي سال اڳ، سندس سري گھاٽ تي جوڙايل جاءِ ۾ سڄو واڍڪو ڪم اُستي علوءَ ئي ڪيو هو. اُستي عليءَ هيڊ ماستر ديوان موتيرام کي اهو نه ٻڌائي سگھيو ته سندس ذات سومرو آهي. پر کيس اهو چڱو لڳو پئي ته ديوان موتيرام کيس سڃاڻي ٿو ۽ عزت سان ڳالهايو.

وڏي اڱڻ ۾ اوستو علي محمد ويٺو هو. سندس گھر جا ڀيا ياتي اڱڻ سان لڳ، ڪشادي ورانڊي ۾ پيل ڪرسين تي ويٺا هئا. هو پاڻ مسجد مان عشاءُ جي نماز پڙهي موٽيو هو. جنهن مهل هُو مسجد مان موٽيو پئي ته ٽن طرفن ڏي ويندڙ گھٽين ۾ خوف سان ڀريل سانت هئي. اڄ نمازي به ٿورا هئا. ٽنهي گھٽين مان هڪ ڪاٻي پاسي واري گھٽيءَ ۾ پرتي ڪجهه ڇٽا ولر ڪيو ويٺا هئا ۽ اها گھٽي اڳتي هلي سڌو نشاط سئنيما ڏانهن ٿي ويئي. اُوستي علي محمد کي خبر هئي ته سندن اوڙي پاڙي اهو ئي هڪ پاسو آهي، جتان سڌي فائرنگ سندن گھرن ڏانهن ٿيندي آهي. سندس گھر ۽ ڪجهه ٻين گھرن جون ٻاهريون ڀتيون گولين سان ڇيٽيءَ مثل ڇليل لڳن ٿيون.

اڄ ٻنپهرن کان فائرنگ جو سلسلو شروع ٿيو هو. ڪلاڪ کن اڳ ٺڪاءُ بند ٿيا هئا. اوستي علي محمد جو ڪٽنب به انهيءَ هيٺين وچين طبقي جي ماڻهن مان هڪ هو، جيڪي شهر جي اصل پاڙن جا رهاڪو هئا ۽ صدين کان هت آباد هئا ۽ هاڻ گذريل سال ڏيڍ جي دهشتگرديءَ ڪري پنهنجا ڪک ڇڏي، لڏ پلاڻ تي مجبور هئا. هي گھر هڪ حويلي وانگر هو. اوستي علي محمد کي ياد هو ته کيس سندس ڏاڏي مرحوم ٻڌايو هو ته پٽ منهنجو ڏاڏو به انهيءَ گھر ۾ ڄائو هو، جڏهن رات جو گھرن ۾ ڄانيي جي تيل جا ڏيئا ٻرندا هئا ۽ پڙن ۽ گھٽين ۾ ڏياٽيون روشن ڪندا هئا. ڪچا گاري ۽ ڪاٺ جا گھر تيڪي وارا ڏاڍا محفوظ ۽ گرمين ۾ ٿڌا هوندا هئا. اُستي علي محمد کي ياد هو، ملڪ جي ورهاڱي کان ڪجهه سال اڳ سندس پيءُ اوستي علوءَ ٻه ڪمرا ڊهرائي، پڪين سرن ۽ گارڊر ٽيئرن جا جوڙايا هئا. انهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ۾ مسلم آباد ۽ سنڌي مسلم سوسائٽيءَ واري آبادين ۾، سنڌ جي وڏيرن، سردارن ڄامن ۽ سيدن جي بنگلن ٺهڻ ڪري، ڪمي ڪاسبين کي چڱو روزگار ملڻ لڳو ۽ اُستي علوءَ به نه رڳو پنهنجي سُريت جنت ڪٽياٽيءَ کي عيش ڪرايا، پر ابي ڏاڏي جي

اجهي ڪي ٻه موچارو ڪيو ۽ پوءِ جڏهن ڪجهه ڏينهن واندو هوندو هو ته انهن نون جوڙايل ڪمرن ۾ ڪاٺ جي ڪم تي پنهنجو سڄو هنر لڳائي ڇڏيائين ۽ اوڙي پاڙي جا دوست دڙا، مائٽ مٽ، سڀ سيڙجي ڏسڻ ايندا هئا ته اوستي علوءَ جنهن نفاست سان پٽين ۾ ڪپٽ ٺاهيا آهن، تنهن کي ڏسجي.

ويڪري ڪشادي اڱڻ ۾ گهر جو ڪيترو ئي سامان رکيل هو. ڪجهه فرنيچر ۽ اليڪٽرڪ جو سامان، ورانڊي ۾ هڪ طرف رکيل هو. اُستي علي محمد جو ڪٽنب صبح جو هيءَ اباڻو گهر خالي ڪري، اهل و عيال سميت شهر جي اولهه اتر ڏانهن، درياهه جي ڪپ تائين آباد ڪيل نئين وستي قاسم آباد ڏانهن روانو ٿيندو. قاسم آباد ۾ اڃ آباد ٿيل ڪٽنبن جو چوڻ هو ته هت سک ۽ شانتي آهي. امن آهي. ڏکڻ جون آسيس ڏياريندڙ هوائون آهن ۽ هوائن ۾ سنڌي سمنڊ جي گهمر پڻ سمويل آهي.

علي محمد وچ اڱڻ ۾ بيٺو هو ۽ مٿي آسمان ڏانهن پئي ڏٺائين. شهر جي هن ڳتيل آباديءَ وري حصي ۾، جت هاڻ ماڙين مٿان ماڙيون ٺهي ويون آهن، ۽ تارن سان پريل آسمان جو ڏيک ڏينهون ڏينهن گهٽبو ويو ٿي، اُت ورهين جا ورهيه ابن ڏاڏن ۽ پڙ ڏاڏن کان آباد ڪٽنب ڏاڍا بي چين هئا. سندن سَون سالن جي يڪ رنگي ۽ سانتيڪي زندگيءَ ۾ عجيب ڦيرو پئي آيو. سندن روزمره جي ڪرت ۾ بارود جي بُو ۽ رائيفلن جا ڌڌڪا ۽ ٺڪاءُ شامل ٿيا پئي ۽ ڪيترن گهرن ۾ ڌڪيل جوان پيا هئا ۽ گذريل ڏيڍ ٻن سالن جي عرصي ۾ ڪيترائي نوجوان گولين جو شڪار ٿيا، انهن گهرن ۾ واپس پهتا هئا. جت امن امان جا سو ڪان ٻه مٿي ورهيه گذري ويا هئا، پر هڪڙي واويلا ڪڏهن نه ٿي. انهن گهرن جون پٽيون چٽيون ۽ بنياد شاهدي ڏيندا ته هت ڪڏهن به فساد نه ٿيو.

اوستو علي محمد نهايت ڪامياب زندگي گذاري ريٽائر ٿيو هو ۽ ريٽائرمنٽ واري حياتي به مثالي هئس. چار پٽ ۽ ٽي نياڻيون هئس. ٻه وڏا پٽ مظفر علي ۽ محمد علي شادي ڪري، پنهنجي ٻارن ٻچن سان الڳ ٿي ويا هئا. هڪڙو پٽ محمد علي ڪراچيءَ جي لا ڪاليج ۾ پڙهائيندو به هو ۽ اُت ئي وڪالت ڪندو هو. ٻيو پٽ مظفر علي ايريگيشن کاتي ۾ سب انجنيئر ٿي لڳو هو ۽ هاڻ سانگهڙ ۾ ايگزيڪٽو انجنيئر هو. هو به ٻارن سان اُتي رهندو هو. ٽئين پٽ اطهر علي وٽ جيتوڻيڪ تاريخ ۾ ماسٽرس جي ڊگري هئي، پر کيس نوڪري ڪرڻ پسند نه هو. پاڙي کان ٿورڙو ٻاهر سري گهاٽ طرف هڪ جنرل اسٽور کوليو هئائين ۽ اُستي علي محمد به کيس مالي مدد ڪئي هئي. پنيشن ۽ گرئجوئٽيءَ مان ڳپل پئسا ڏنا هئائين. اطهر عليءَ جو شوق ڪتابن ۽ اخبارن پڙهڻ کانسواءِ پنهنجي دڪان ڏانهن هو. سندس ننڍو ڀاءُ بي اي پاس ڪري چڪو هو ۽ هينئر پيءَ جي چوڻ تي سينٽرل سپيريئر سروسز جي امتحان جي تيارين ۾ هو. ظفر علي عجيب چوڪرو هو. پڙهڻ کانسواءِ ٻي ڪنهن ڳالهه ۾ دلچسپي نه هئس. ڀاڻس جي دڪان تي ويهڻ کان بيزار ٿيندو هو ۽ هُو پاڻ کي دڪانداري واري روپ ۾ هر گز ڏسڻ لاءِ تيار نه هو. اُستي علي محمد جي ٽئين پٽ اطهر علي بي اي پاس ڪرڻ کان پوءِ هڪ ڀيري پيءَ کي چيو هو ته سندن اباڻو ڌنڌو ۽ فن اسان ڀائرن مان ڪنهن کي به ٺٽو اچي. بهتر آهي ته آءُ اهو سکان. اوستي علي محمد اچرج منجهان پٽ ڏانهن ڏٺو ۽ چيو:

”پٽ مغز ته جاءِ تي اٿئي. ايترو پڙهڻ کان پوءِ به پاڻ کي ماضيءَ ڏانهن واپس ٿو گهيلين.“

”بابا ڪجهه درجا پڙهڻ سان ماضيءَ جا رشتا ناطا ختم ٿي ويندا آهن ڇا؟“ اطهر علي پڇيو.

”بابا، تنهنجو پيءُ واڍڪو ڪم نه سکيو ته تون منهنجو پڙهيل ڳڙهيل پٽ واڍڪو ڪم سکندين؟“

”بابا سائين!“ اطهر عليءَ چيو، ”اسان جي ڏاڏي سائينءَ جي خواهش هئي ته سندس پٽ هيٺئين ڪلاس جي ڪرت يعني واڍڪو ڌنڌو نه ڪري ۽ پڙهي ڪلارڪي ڪري ڪرسيءَ تي ويهي، واڍڪي ڪرت مان جان ڇڏائي ۽ گهٽ ۾ گهٽ لوئر ڪلاس مان نڪري مڊل ڪلاس ڏانهن قدم وڌائي. اوهان فرمانبردار پٽ وانگر اطاعت ڪئي ۽ اُن وقت جي حالتن ۽ تقاضائن مطابق، پنهنجي ذهني لاڙي سان گڏ هيٺئين ڪلاس جي ڌنڌي مان جان ڇڏائي ۽ پنهنجي ڪلاس مان مٿيرو ايري آيا ائين ئي جيئن ڪا بي وزن شيءِ پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ايري ايندي آهي، جڏهن هيٺ تري ۾ پاڻ جهلي نه سگهندي آهي.“

اوستو علي محمد مُرڪڻ لڳو، کيس خبر هئي ته سندس اهو پٽ اسڪول ۽ ڪاليج جي درسي ڪتابن کان ڪجهه وڌيڪ ڄاڻ رکي ٿو.

”بابا سائين،“ اطهر علي ڳالهه جاري رکي، ”پاڻ ته پاتال جي غير شفاف ماحول مان اپري مٿاڇري تي اچي وياسين، پر پنهنجي ابن ڏاڏن جو جيڪو فن هو، جنهن لاءِ اوهان چوندا آهيو ته هند سنڌ مشهور ۽ مقبول هو، سو ته ختم ٿي ويو. ڏاڏا سائين چوندو هو ته بابا اسان جي ڪاريگري ڏسڻي اٿو ته هلي خيرپور رياست جي مير علي مراد جي محل ۾ ڏسو. لاڙڪاڻي جي پَٽن ۽ کهڙن جي بنگلن ۾ ڏسو. حيدرآباد جي عاملن جي گهرن ۾ ڏسو ۽ شهر جي عمارتن جهڙوڪ موتي محل، بورين جا گهر ۽ ٽالپرن جا بنگلا ڏسڻ وٽان آهن.“

”اطهر پُٽ، هي زمانو هيءَ صدي ترقي جي آهي. آءُ ڪڏهن اهو چاهيندس ته علي محمد سومرو انسپيڪٽر آف اسڪولس جا پويان واڌڪو ڪم ڪن. باقي رهيو تو وارو فلسفو ته ماضيءَ سان رشتو ڳنڍيل هجي ته پُٽ، اُوستي علي بخش جو فن اجان جيئرو آهي، سندس پيو پٽ امام بخش ۽ سندس اولاد انهيءَ ڪرت کي اڃا تائين قائم رکيو اچن. تو کي خبر آهي ته تنهنجو چاچو ۽ سندس ٻه پٽ ڪيڏا وڏا ڪاريگر آهن، پر اڄوڪي زماني ۾ اهڙن چاڙو ڪاريگرن جو مان ۽ مرتبو ڪير ٿو سڃاڻي.“

”بابا، انهيءَ موضوع تي ڪڏهن ڳالهائينداسين.“ اطهر چيو.

اُوستي علي محمد مُرڪي ڏنو ۽ سمجهيائين پئي ته پٽس سندس ڳالهين کان مطمئن ناهي.

اُوستي علي محمد جي ٽن ڌيئن مان، وچين ڌيءَ سلميٰ جي شادي ٿي چڪي هئي ۽ هوءَ هڪ سول جج جي زال هئي ۽ پنهنجي گهر ۾ خوش هئي. وڏي ڌيءَ شاهده جيڪا سيني ٻارن ۾ سڀ کان وڏي هئي، تنهن شادي نه ڪئي هئي، سا هڪ ته شاديءَ جي وهيءَ کان چڙهي ويئي هئي ۽ ٻيو ته جڏهن هن لاءِ سڱ آيا ته پاڻ انڪار ڪري ڇڏيائين ۽ چاڻي واٽي ميٽرڪ جو امتحان نه ڏنائين ۽ بيمار ماءُ جي ٽهل ٽڪور ۾ ئي پنهنجي هيڏي پربت جيڏي جواني گذاري ڇڏيائين. باقي رهي سڀ کان ننڍي ڌيءَ زاهده، تنهن هن سال انٽر سائنس جو فارم ڀريو هو.

اوستي علي محمد پنهنجن سيني پٽن ۽ ڌيئن کي اڳواٽ اطلاع ڪري ڇڏيو هو، ته هُو اڳاري ڏينهن پنهنجي اباڻي جاءِ ڇڏي شهر جي ٻئي ڇيڙي تي لڏي ويندو ۽ سيني کيس ٻڌايو ته ايندڙ جمعو سڀ گڏجي گذارينداسين. اوستي علي محمد کي سندس زال جو سيني کان وڌو فڪر هو. سندس زال هونئن ته گذريل پندرهن سالن کان هلڻ ڦرڻ کان هلاڪ هئي ۽ سندس هيٺيون ڌڙ اڌرنگ ڪري چري پُري ٿي سگهيو. اها مائي سال ڏيڊ کان ذهني مريض پڻ ٿي پئي هئي. سندس مغز ۾ دهشتگردي، بندوقن جا ٺڪاءُ نعري بازي پرچي ويئي هئي. جنهن مهل به ٺڪائن جا آواز آيا يا پريان يا ويجهو ماڻهن جو هُل هنگامو يا نعرا ٻڌڻ ۾ آيس، ته کيس دورو پوندو هو ۽ ڪيترا ڪلاڪ هوءَ آپي مان ٻاهر هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڏينهن جا ڏينهن عجيب خوف ۽ ڏهڪاءُ جي حالت ۾ هوندي هئي.

اوستو علي محمد اڃا اڱڻ ۾ ويٺو هو. هوا ۾ تڏ وڌي پئي. هن ڪوٺ جا ٻٽڻ بند ڪيا ته اوچتو ورانڊي ۾ رکيل ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. هن وک وڌائي ٽيليفون کنيو. سندس هٿ ڪنهن اڻ ڄاتل خوف کان ڪنبيا پئي.

”ڇا هي اوستي علي محمد جو گهر آهي؟“ پريان آواز آيو.

هن هائوڪار ڪئي.

”اوهان جو پٽ ظفر علي زخمي حالت ۾ سول اسپتال جي حادثن واري وارڊ ۾ آهي.“

”ڇا ٿيو؟ خير ته آهي؟“ هن رڙ ڪئي.

”الله خير ڪيو. بچي ويو آهي. ٻه ٽي چاقن ۽ ڏندن جا ڌڪ آهن.“ جواب مليو.

هن ٽيليفون جو ريسيور رکيو ۽ سندس ٻنهي ڌيئن جون سوالي اکيون ۽ چهرا سندس آڏو هئا.

”بابا ڇا ٿيو؟“

”پٽ خير آهي. فڪر نه ڪريو. اطهر علي ڪٿي آهي؟“

# 3

ڪوئيٽا پاسي جبلن تي برف وسي هئي ۽ سڄي سنڌ ۾ سرديءَ جي لهر آيل هئي. هوا ۾ ٿڌ هئي. ڪوهيڙو اڃا صاف نہ ٿيو هو ۽ ڏينهن جو پهريون پهر ختم ٿي رهيو هو، پر سج جي روشنيءَ منجهہ گرمائش خير ڪي هئي. قاسم آباد، شهر جي اتر اولهہ پاسي وسيع ميدان ۾ آباد ٿيل هو جنهن جي اولهہ ڏانهن حد، درياهہ ڪپ ڪان اورتي پڌل بند تائين ڦهليل هئي. ڪيترن هنڌن تي تعميراتي ڪم هلي رهيو هو ۽ ڪافي ايراضي ماپ ڪيل نشانن سان نظر آئي پئي. ڪليل ماحول ڪري، سرديءَ جو اثر ڪجهہ وڌيڪ محسوس پئي ٿيو.

شهر جي هن نئين وستيءَ جي آخري وسنديءَ واري علائقي ۾، اوستو علي محمد لڏي آيو هو. ڪاهي روڊ تي سندس حويليءَ جهڙو گهر هو ۽ زندگيءَ جي ضرورتن جو بي شمار سامان هو. پر هت 240 والن جي ون يونٽ گهر ۾ ايتري جاءِ نہ هئي تہ سمورو سامان سمائجي سگهي. انهيءَ ڪري اصل گهر مان ضرورت مطابق سامان کڻي آيا هئا ۽ باقي ٻيو سڄو گهر پريل پڪيل ڇڏي آيا هئا ۽ فيصلو اِهو ئي ٿيو هو تہ اطهر علي ڏينهن جو پنهنجي دڪان تي هوندو ۽ رات جو گهر ۾ رهندو. ايڏو پريل گهر بنا ڪنهن ماڻهوءَ يا رکوالي ڇڏڻ ڪين چڱو نہ پئي لڳو انهيءَ ڪانسواءِ سڄي ڪٽنب ۾ اطهر علي ئي واحد فرد هو، جو انهيءَ لڏ پلاڻ جي خلاف هو. هُن کي انهيءَ لڏڻ جي عمل ڪري ائين محسوس ٿيو هو، چڻ پيرن هيٺان ڌرتيءَ جي ڇڪ ۾ ڪمي اچي ويئي آهي يا پيرن هيٺ ڌرتي نہ پر ڪا ڌٻڻ پئي محسوس ٿيس. کيس خبر هئي تہ تاريخ شاهد آهي تہ ڪمزور قومون هڪ هنڌان ٻئي هنڌ لڏينديون آهن يا ڏاڍ ۽ ڏمر سان پرپور جارح قومون پنهنجا ماڳ ڇڏي، نوان ماڳ ۽ نوان ملڪ پنهنجن گهوڙن جي سنبن هيٺان لتاڙي، وڌيڪ بهتر جاءِ تي آباد ٿينديون آهن. اطهر عليءَ کي ڏاڍو عجيب لڳو پئي تہ ويهين صدي گذاري ايڪيهن صديءَ جي استقبال ۽ آجيان واري موقعي تي، سوين سالن کان آباد ماڻهن جا پير ڪيئن پيا اکڙجن. هن ڌرتيءَ جي اها ريت ئي ناهي. هت تہ پنهنجا پراوا سڀ کُپي ويا ۽ سڀ خوش آسودا ۽ سُرها هئا. تاريخ ڏاڍي بي پرواهہ آهي. هت ڏاڍ ۽ ڏمر اڳواڻ آهن. هت ڏاڍا گابا آهن. کيس ڄاڻ هئي تہ صدين کان سندس ابا ڏاڏا ڏاڍا نہ هئا. منجهن اڳرائي نہ هئي. تاريخ جا پنا شاهد آهن تہ سنڌ جي ڌرتيءَ ۾ ماءُ جي هنج جهڙي ڇڪ آهي ۽ هزارين سان کان اتر اولهہ ۽ اوپر کان هزارين لکين انسان، هن هنج ۾ سمايا آهن ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جا ڌڪاريل، طمع جا غلام، هيٺا، هوند ۽ اڻ هوند وارا ماڻهو، ڪٿان ڪٿان آيا. پر هت سيني جي آجيان ٿيندي هئي ۽ ٿيندي رهي پئي. اطهر عليءَ جي ذهن ۾ هڪ ولوڙ هئي ۽ سندس طبيعت جي بي چينيءَ کيس بي آرام ڪري ڇڏيو هو. کيس پنهنجي ڪٽنب جي، شهر جي هڪ حصي مان ٻئي حصي ڏانهن لڏ پلاڻ بنهہ چڱي نہ لڳي. ماءُ جي حالت ۽ روزمره جي مسئلن ڪري هو پيءُ جي فيصلي آڏو ڪڇي نہ سگهيو هو، پر پيءُ سميت سموري ڪٽنب کي خبر هئي تہ هو انهيءَ لڏ پلاڻ جي خلاف هو.

انهي لڏپلاڻ کي ٻہ ٽي ڏينهن ٿيا، پر صدين کان آباد ۽ وسايل گهر کي ڇڏي، نئين گهر کي اڃا پوريءَ ريت رهڻ جهڙو نہ بنائي سگهيا هئا. جمعي ڏينهن ڪٽنب جي ميڙ جو پروگرام رٿيل هو ۽ صبح کان ڪراچيءَ ۽ سانگهڙ کان مهمان اچي پهتا هئا. ظفر علي مٿي ڪمري منجهہ ليٽيل هو. طبيعت ٺيڪ هئس. ٻيا زخم ڪي خاص نہ هئا، پر ساڄي سٿر تي گهاءُ گهرو هوس. پر تنهن هوندي بہ پيءُ سان گڏ مسيت ۾ جمعي نماز پڙهي آيو هو. ٻہ وڏا ڀائر ۽ سندس سول جج ڀيٽيوو امداد علي بہ ڪائنس خبر چار پڇي رهيا هئا.

ظفر علي کين سموري ڳالهه ٻڌائي رهيو هو. سياري جي مند ڪري، ٻن پهرن جي مانيءَ کان پوءِ ڪافيءَ جو دور هلي رهيو هو. شاهده کين ڪافي ٺاهي ڏيئي ويئي هئي. ظفر چيو پئي: "ادا، جڏهن آءُ عرسائين جي گهر وٽان اڳتي هلي سيجا واري گهٽيءَ ۾ گهڙيس ته مون سوچيو ته سيجا لين کان بخاري پير واري گهٽيءَ ۾ اچي اتان سڌو "روڊ" وارين گهٽين مان ٿي ۽ ڇُٽيءَ جي پڙ منجهان وادن جي پڙ ۽ پوءِ اُتان گهر سولو هو. پر ادا، اوندهه ۾ جڏهن آءُ بخاري پير جي پر ۾ پهتس ته اوچتو اتي لڪل هڪ شخص سان ٽڪر ٿي پيو ۽ اِهو ٽڪر ايڏو زبردست نه هو، پر دماغ ۾ پريل دهشت ڪري، مون کان ۽ هُن ٻئي شخص کان رڙ نڪري ويئي ته ڪير آهين؟ انهي ٽڪر جي خاص ڳالهه اها هئي ته ٻنهيءَ ڇٽن سنڌي ۾ رڙ ڪئي ته ڪير آهين. منهنجي ٺونٺ ۽ ڪنڌ کي ٿورڙي رهڙ آئي. خوف وچان ٻنهي اونده ۾ هڪ ٻئي کي سڃاڻ جي ڪوشش ڪئي. مون هڪ هٿ هن جي ڪلهي تي رکيو ته مون کي محسوس ٿيو ته هُو ڏڪيو پئي، رڙيو پئي، سندس بدن ڇڻ باهه تي رکيل پاڻيءَ وانگر ابڙڪا پيو ڏيئي. مون کيس چيو ته هل سامهون گهٽيءَ ۾ پڇي هلون پوءِ اُت محفوظ هونداسين. اسان اڃا چرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪجهه ماڻهو اسان کي ڦري آيا ۽ لٺين جي ڌڪن مٿو ڦيرائي وڌو ۽ آءُ گهٽيءَ ۾ ڪري پيس. ستر ۾ لڳل چاقوءَ جو زخم ۽ پانيان ٿو انهيءَ پهرئين لڪل شخص جو لڳل آهي، چو ته هاڻ سمجهان ٿو ته اُن وقت جڏهن اسين پاڻ ۾ ٽڪريا هئاسين ته مون کي ستر ۾ ڪا شيءَ چڀي هئي، پر خوف ۽ اونده ڪري مون کي ڪجهه به محسوس نه ٿيو هو.

ڏينهن جا سوا ٽي ٿيا هئا. اوستو علي محمد، پنهنجي گهر جي ننڍڙي ڊرائنگ روم منجهه ڪتنب جي ٻين ڀاتين سان ويٺو هو. چارئي پٽ ۽ سندس نياڻي سول جج امداد علي سان گڏ هڪ پاڙيسري نوجوان احمد بخش پڻ ويٺو هو. احمد بخش سنڌ يونيورسٽيءَ منجهان سٺ ڍهاڪي جي آخري سالن ڌاري پوليٽيڪل سائنس ۾ ماسٽرس ڪئي هئي ۽ اڄڪلهه کيس انهيءَ ڳالهه تي ڏاڍو ارمان ٿيندو آهي ته انهيءَ مادر علمي، جنهن مان هُو ۽ ٻيا الائي ڪيترا گذريل چاليهه سالن کان علم پرائي نڪتا هئا، جت ڌڪڻ جي لڳندڙ هوا ۾ به ميٺاج ۽ علم جي سُڳنڌ رچيل هوندي هئي، سا هاڻ 'بند يونيورسٽي' جي نالي سان سڏجي پئي. ننڍڙي ڊرائنگ روم ۾ ٽيپهريءَ جي چانهه لاءِ، شاهده پڇي ويئي هئي.

ڪچهري هلي پئي. سول جج امداد عليءَ پڇيو، "چاچا سائين پلا ظفر جي ايف آءِ آر داخل ڪرائي اٿوَ."

"نه پٽ،" اوستي علي محمد وراڻيو، "اسين پنهنجيءَ ۾ ئي لڳي وياسين. جوان پٽ مرٽينگ حالت کي وڃي پهتو هو ۽ اسان کي ته ڪي به سُجهيو نه پئي. تو واري چاچيءَ جي حالت به ابتر ٿي ويئي هئي ۽ زال ماڳهين هٿن مان پئي ويئي."

احمد بخش جيڪو ڪنڌ واري صوفي تي ويٺو هو، تنهن چيو: "ادا، سنڌي قوم کي ايف آءِ آر لکائڻ جي چاڻ ناهي يا ته کين عادت ئي ناهي. اسان کي سڀ کان پهرين ايف آءِ آر ورهاڱي مهل لکائڻ کپندي هئي ته اسان جي گهرن ۽ ديس ۾ ڌاريا گهڙي آيا آهن. پيو نه ته "ٽريسپاسنگ" جو ئي ڪيس ڪجي ها. پي ايف آءِ آر ڪراچيءَ کي ڌار ڪرڻ مهل ڪرائڻ کپي ها ۽ اُن کان پوءِ ته گهٽيون مهلون آيون جو اسان ايف آءِ آر درج ڪرايون ها ـــ پر جن ايف آءِ آرن جي بنيادي ضرورت هئي، سي ته اسان کان رهجي ويون ..........."

"ائين ناهي پٽ احمد بخش،" اوستي علي محمد چيو، "اهو دور اوهان نه ڏٺو هو. آءُ پنهنجي هوش هواس منجهه هئس. اسان جا ذهن ۽ قلب سيني ۾ ايمان ۽ مسلماني ڀائيچاري جا سمنڊ پئي ڇليا. مون خود ڪيترن پنهنجن هندو دوستن کي سلامتيءَ سان ڪراچي بندر يا حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي، جڏهن موڪلايو هو ته روئي ڏنو هوم ۽ ڪيترا ورهيه خدا جا انهيءَ لڏ پلاڻ جي واقعن تي غور ڪندو هوس ۽ ڏک ٿيندو هوم. پر ٻئي پاسي دل کي تسلي پڻ ڏيندو هوس ته پنهنجا ڪلمي ڀائي اچن پيا. الله، الله جي رسول جي احڪامن جي پيرويءَ جو دور شروع ٿيندو. اهڙيءَ ريت سرهو به ٿيندو هوس."

"خير بابا سائين،" اوستي علي محمد جي وڏي پٽ، محمد عليءَ جيڪو ڪراچي ۾ وڪيل هو، ڳالهايو، "هن وقت انهيءَ ڳالهه تي پڇتائڻ يا ڳالهين کي ورجائڻ مان ڪي هڙ حاصل نه ٿيندو. اوهان ڏسو ته سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي موقعا آيا آهن جڏهن سنڌ جي رهاڪن کي پنهنجي وجود جي ميسارجي وڃڻ جو احساس ٿيو آهي. آءُ هڪ وڪيل آهيان. اچو ته سنڌ جو ڪيس تيار ڪريون ته سنڌ جا ماڻهو هڪ پيري

پيهر پنهنجي وجود جي بقا جي جنگ لڙي رهيا آهن. اڳي سنڌ تي ڌاريان بين الاقوامي ڌاڙيل حملو ڪندا هئا. حڪومت ڪندا هئا ۽ اهو سڀ روايتي ڏاڍ جبر ۽ تاريخ جون زيادتيون، مڪاني ماڻهن سان ڪيائون. ايستائين، جيستائين ڪانئن وڏيڪ ڌاڙيل آيا. وڏا آڙيڪاپ آيا ۽ تاريخ پنهنجي جبر جو فقط ورق ورايو. چهرا بدلجي ويا. ظلم جا داستان وڌي ويا."

سول جج امداد عليءَ سگريٽ دکائي ۽ چوڻ لڳو: "ادا سائين تاريخ اسان تي ڇا جبر ڪيو آهي. انهيءَ ڳالهه تي پيا بحث ٿيا، پر سچي پچو ته سنڌ جي قوم جي فارميشن (Formation) ڏاڍي عجيب ۽ دلچسپ آهي. اڄ جڏهن حيدرآباد پٺي آياسين ته ڪئنٽونمنٽ ايريا ۾ ڪرفيو نه هو ۽ ڪجهه پيل ۽ ميگهواڙ ياچين جا ڳاڏا جهليو بيٺا هئا ۽ ڪيترائي ماڻهو جيڪي پاڻ کي سنڌي يا سن آف سوائل سڏين ٿا ۽ ٻيا اهي ماڻهو، جيڪي 24 سال پهرين پاڪستاني بنجي آيا ۽ پوءِ ڦيرو ڪائي نوان سنڌي چوائڻ لڳا ۽ هاڻ ڪجهه سالن کان پاڻ کي مهاجر چون ٿا ـــ سي سڀ انهن ڀيلن ۽ ميگهواڙ مردن عورتن کان ياچي بڪالو خريد ڪري رهيا هئا ۽ وڪڻڻ وارن جي منهن تي مون خوشيءَ جي مُرڪ ڏٺي. تي سگهي ٿو سندن چهرن تي اها مرڪ سندن گهٽي وڪري باعث هجي، پر مون پنهنجي پر ۾ سمجهيو پئي ته اهي اصل اوريجنل سن آف سوائل آهن. اسان صدين جي عمل سان ڪين شهريت جي اصولن ۽ وراثت جي قانون جي دائرن مان ڌڪي هڪ اهڙي ٻي اثرائتي ڌر بنائي ڇڏيو آهي، جو هاڻ ڪجهه به نٿا ڪري سگهن. ٻي علميءَ ڪين ماضيءَ کان به ڇني ڇڏيو آهي. ۽ هاڻ جڏهن سنڌ ڌرتيءَ تي وجود جي بقا يعني سروائل جي ويڙهه پيهر وڙهجي پئي ته اهي اصل سنڌي، ڪنهن به ڌر پاسي شعوري طور تي ناهن ۽ جڏهن اسان وٽن تڙ تڪڙ ۾ ياچين جي خريداريءَ لاءِ ويون ٿا ته سندن لاشعور ۾ لڪل ڪا طنز پري مرڪ سندن منهن تي اچي ٿي. سادا ايترا آهن، جو سو رپئي جي سودي جو به حساب نٿا ڪري سگهن ـــ منهنجو مطلب آهي ته هاڻ ڪهڙي ڌر ائين تاريخ جي جبر جي گهاٽي ۾ پيسجي ويندي."

"هيٺي قوم لاءِ تاريخ جو جبر ائين آهي جيئن جهرڪيءَ لاءِ باز!" اطهر علي ڳالهايو. "هن وقت ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ به سنڌي قوم جي جزن ۾ هڪ اهم جزي جي ڪمي آهي، جيئن رت ۾ جيڪڏهن ڳاڙها جزا نه هجن ته رت جي ڪا اهميت ئي ناهي. تيئن سنڌي قوم منجهه هن دور ۾ به وچولو ۽ هيٺيون وچولو طبقو آهي ئي ڪو نه. يا پير مير وڏيرا پوتار آهن يا وري هاري ڪڙمي ڪاسبي ـــ يعني صفا هيٺيون طبقو يعني پيڙهيل طبقو. قومن جي وجود جي بقا جي ويڙهه اِهو وچولو طبقو ئي وڙهندو آهي. باقي امير امراءُ وڏيرا ۽ پير مير پنهنجي طبقي جي مراعاتن ۽ وڏماڻهپي جي ليبل جي بچاءُ خاطر سودا ڪندا آهن. سو هن وقت اهڙي طبقي منجهه ڪا به اميد رکڻ، هڪ اجائي ڳالهه آهي."

"اطهر علي! اوهان صحيح ٿا چئو پر" سول جج امداد علي چيو، "ورهاڱي وقت، سنڌ ۾ مدل ڪلاس طبقو گهڻو ٽڻو هندن جو هو. هو سنڌ جي شهري توڙي ٻهراڙيءَ جي واپار تي قابض هو. شهر ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻو سڀ جاءِ تي سندن ڪاروبار هو. سنڌي زميندار نالي ماتر عزتِ نفس بچايو پيو هلندو هو. سنڌي زميندار به حقيقت ۾ 1932ع ۾ سکر بيراج ٺهڻ کان پوءِ اُسريو. نه ته ٿلهو وڏيرو هو، نالي جو خان ۽ ڪٽل سردار هو. زمين سوين ۽ هزارين ايڪڙ هئس، پر آباد سو کن ايڪڙ مس ٿيندي هئي. جڏهن رب راضي ٿئي، مينهن وسي ۽ باراني ايراضي آباد ٿئي يا جي کوهن تي موڪي پوکي آهي ته سا به نالي ماتر هئي. سنڌ جي پنهنجي سياست به سکر بيراج پوڻ کان پوءِ اُسري جو 1932ع ۾ سنڌ بمبئي پرڳڻي کان ڌار ٿي. پنهنجي اسيمبلي ملي ۽ پنهنجي حڪومت ملي. آباديءَ جي لحاظ کان مسلمان گهڻا هئا ۽ انهيءَ ڪري ميمبر به گهڻا ٿيا ته حڪومت به سندن هٿ ۾ آئي. پر وچولي طبقي وارا هندو ميمبر، معاشي طور يا سياسي سجاڳي ۽ تعليم ڪري وڌيڪ زور هئا ـــ ۽ نيٺ سنڌ جي وڏيرن، آل انڊيا مسلم ليگ سان ملي، پاڪستان جي مطالبي جي پوئواري ڪئي ۽ سمجهڻ لڳا ته هندن جي وڃڻ مان ڪين گهڻائي فائدا ٿيندا. قرض لٿ متي تي ويندا. حڪومت سچي سندن هٿن ۾ هوندي ۽ پٺيان ڪو آزار پيدا ڪرڻ وارو نه هوندو ـــ ۽ سڀ کان وڌيڪ ڪافرن مان جان ڇٽندي. الله رسول جا پوئلڳ آهيون ۽ ٻيا به پوءِ لڳ ايندا ۽ اسلامي راڄ بنجي پوندو. ائين هن صديءَ جي وچ ڌاري، سنڌ جي وچولي طبقي کي ڇڻ ڪنهن سرجريءَ وسيلي جسم کان ڌار ڪري الڳ ڪري ڇڏيو. سائين بورزوائي سماج

۾ وچولو طبقو نهايت اهم آهي. 47ع ۾ اسان وٽ وڏي ٽرئجڊي ٿي هئي. ايڏو وڏو خال هو، جو چڻ ڌرتي ڏُٻي هئي ۽ زمين ۾ ڏار پئجي ويا هئا ۽ اهي ڏار ۽ خال اڇي پرپا يو پيءِ سي پي جي پڙهيل ڳڙهيل مڊل ڪلاس جي ماڻهن، جيڪي سرڪاري ملازم هئا ـــ ۽ ٻيا آيا راجستان، اوپر پنجاب ۽ سنڌ سان لاڳو رياستن جا هيٺين درجي جا ڪمي ڪاسبي. هت اسان وٽ خال هو. جڳهيون، دڪان، ڪاروبار، نوڪريون سڀ خالي هئا ۽ هُو نهايت آرام سان ڪپي ويا ۽ ڪُپي به ويا. دنيا جي ڪنهن به اهڙي سماج يا سوسائٽي متعلق ڪو نه ٻڌو سون ته وڏيرا رئيس پنهنجا، هيٺ ڪمي ڪاسبي، هاري ناري به پنهنجا، پر جيڪو مضبوط وچولو طبقو هو، سو ڌارين جو هو، جنهن جو ڪلچر به ٻيو، زبان به ٻي ۽ رستا پنڌ به ٻيا. سو شروع کان ئي هڪ نه سمجهڻ ۾ اچڻ وارو سماج ٿهي پيو. سائين اهڙن هترادو ۽ مخصوص مفادن تي ٻڌل معاشرو ڪٿي ٿو هلي سگهي. ان ۾ ٽڪر کائڻ ۽ تضاد جا ايڏا ته جزا سمايل آهن، جو ڪنهن سمجهوتي تي اچڻ محال پيو لڳي.“

اوستو علي محمد کنگهيو ۽ نڙي صاف ڪري چوڻ لڳو: ”اوهين سڀ ٺيڪ ٿا چئو. پر يار منهنجو ذهن الائي چو انهن سيني ڳالهين کي ائين مڃڻ لاءِ تيار ناهي جيئن اوهان بيان ٿا ڪريو. ضرور ڪا خامي ڪا ڪمي رهجي ويئي. نه ته ملڪ جي ورهاڱي لاءِ اسين سڀ هڪ هئاسين. پوري هندستان جا مسلمان متحد هئا. جيڪڏهن ڪي ڪٿي همراهه مخالف هئا ته سندن آواز ايڏو طاقتور نه هو. جڏهن اسين به مسلمان هڪ رسول، هڪ الله، هڪ ڪتاب ته باقي جهڳڙو ڇا جو آهي؟ ۽ توهين ننديا آهيو. مون کي خبر آهي ته نئين ملڪ جو اڃا بنياد ئي پوريءَ ريت نه پيو هو ته جهڳڙا شروع ٿيا هئا.“

”بابا سائين اهو بلڪل سچ آهي“ وڪيل محمد علي ڳالهايو، ”اسان جي قوم جو بنيادي نسخو اِهو ئي بنايو ويو ته هڪ الله هڪ رسول هڪ ڪتاب، هڪ ملڪ، هڪ قوم. پر ملڪ ٺهڻ شرط هڪ جزو ٻيو به بنياد وڌو ويو، سو هو هڪ زبان. انهيءَ تي پهريون جهيڙو ڍاڪا ۾ 1948ع ۾ ٿيو، جڏهن قائداعظم پلٽن ميدان تي تقرير ڪندي چيو هو ته ملڪ جي قومي زبان صرف ۽ صرف اردو ٿيندي. تنهن تي ان وقت جي هڪ بنگالي نوجوان شاگرد اڳواڻ اٿي بيئو ۽ سرعام چوڻ لڳو ته اِهو غلط آهي، اردو قومي زبان نه آهي ۽ نڪي ملڪ جي ڪنهن حصي جي اها زبان آهي. نوجوان جا چيل اکر ڪنهن کي نه وڻيا ـــ“

” مون کي به نه وڻيا هئا.“ اوستي علي محمد چيو.

”پر بابا سائين، اِهو بنگالي نوجوان مستقبل ۾ شيخ مجيب الرحمان جي روپ ۾ سامهون آيو ۽ بنگلاديش ٺهي ويو.“

”مون کي مجيب الرحمان 48ع ۾ به نه وڻيو ۽ 71ع ۾ به مون کيس پسند نه ڪيو. جيترو مسلمانن جو رت هن شخص جي ڪري وهايو ويو، سو به هڪ مثال آهي. منهنجو ايمان آهي ته ساري دنيا ۾ مسلمان سڀ کان افضل آهي ۽ مسلمان واحد قوم آهي، جيڪا پنهنجا مسئلا پرامن طور نبيري سگهي ٿي.“ اوستي علي محمد چيو.

ٻيا سڀ چپ رهيا. ايتري ۾ شاهده چانهه جي ٽري کڻي آئي. اوستو علي محمد وضعدار ۽ روايتن کي قائم رکڻ وارو ماڻهو هو. کيس ارل گري چانهه نهايت پسند هئي. جڏهن شاهده چانهه جو پاڻي ڪوپن ۾ وجهڻ شروع ڪيو ۽ گرم گرم چانهه مان نڪتل دونهان، ارل گري جي خوشبوءِ سان سڄي ڪمري ۾ ڦهلجي ويا ته اوستي علي محمد ڊگهو ساهه کڻي خوشبوءِ کي پنهنجي سيني ۾ سمايو.

”چاچا سائين انهيءَ خوشبوءِ جو جواب ناهي.“ سول جج امداد علي چيو ۽ پنهنجو ڪوپ کڻڻ لڳو.

ڪجهه گهڙيون سڀ چانهه جي لذت ۾ گم ٿي ويا. سياري جي مند ۾ جڏهن پاچا هيٺا ۽ ڊگها ٿي ويندا آهن ۽ ڏينهن واري گرمائش به ختم ٿي خنڪيءَ ۾ بدلبي آهي ته سٺي چانهن سٺو مزو ڏيندي آهي.

”چاچا سائين مون کي ٿورو ڳالهائڻ ڏيو ۽ اوهين ضرور ٻڌو.“ احمد بخش چوڻ لڳو، ”اوهان سنڌ جي انهيءَ نسل مان آهيو، انهيءَ ٺهي مان آيو، جنهن نه رڳو شعوري طور هندستان جو ورهاڱو ڏٺو، پر دل جان سان انهيءَ ۾ حصو ورتو. اوهان کان پوءِ به نسل ٻيا باشعور ۽ جوان ٿيا آهن. اها حقيقت آهي ته اڄ جو نوجوان پنهنجن ابن ۽ ڏاڏن جي سياسي سماجي شعور کي شڪ جي نگاهه سان ٿو ڏسي ۽ کين accuse ٿو سمجهي. اوهان جي ٺهيءَ

کان پوءِ اسان جي ٿهي اُسري آئي. اوهان سنڌ جي وچولي ڪلاس کي ترڙي پاهر ڪڍڻ واري عمل ۾ شامل هئا. اوهان انهيءَ خال کي پاڻ پرڻ جي بدران پاهران ايندڙن کي خوش آمديد چيو ۽ انهن پاهران ايندڙن کي نهايت آرام ۽ سعيي سان هٿ آباد ڪيو. اوهان جي سامهون شهر ڏارين جي حوالي ٿيا. اوهان واري ٿهي الله جا شڪرانا ادا ڪري رهي هئي. ڪراچي ڏار ٿيو، ون يونٽ ٿهيو. اوهان جي ٿهيءَ کي ڪو به خيال نه آيو ته هي ڇا ٿي رهيو آهي، پر جڏهن اوهان کان پوءِ اسان جي ٿهيءَ اُسري ته اسان سيني کان پهرين ون يونٽ جي خلاف آواز بلند ڪيوسين. ايوب خان جي آمريت خلاف آواز بلند ڪري محترمه فاطمه جناح لاءِ پاڻ پتوڙيوسين. 4 مارچ 47ع پڻ اسان جي تاريخي جدوجهد جي شروعات جو هڪ پاسو آهي. پوءِ ڇا ڇا ٿيو. اوهان سيني کي خبر آهي. پر اسان جي ابن ڏاڏن جي سياسي شعور جي اڻ هوند اسان کي هن حال تي پهچايو آهي.“

اوستي علي محمد مرڪي ڏنو.

”پٽ صحيح چوين ٿو پر يار ٿيهن ۽ چاليهه وارن ڏهاڪن ۾ جهڙي ريت اسان جي ذهنن کي پريو ويو هو سو به مثالي هو. مسلمانن جا اڳواڻ نه رڳو ايماندار هئا، پر باعمل ۽ باڪردار هئا. اهڙي ايمان افروز لهر آئي هئي، جو اوهان اڄ اُن جو تصور به نٿا ڪري سگهو. نندي وڏي جي دماغن ۾ مذهب جي وڏائي سمايل هئي. اسان سيني سمجهيو پئي ته اسين اُن عظيم دور کي واپس ورائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، جيڪو انسانيت جي محسن نبي ڪريم صلعم جن جي حياتي ۽ خلفاءِ راشدين جي دور ۾ مڪي مديني ۾ رائج هو. اسان جي نوجوانن ۾ مذهبي جوش هو. پائيچارو هو پر سياست نه هئي ۽ نڪي اقتصاديات بابت ايڏو هوش هو. غريب ماڻهو رُکي سُکي کايو خوش هئا. سرندي وارا پنهنجي عزت ناموس کي قائم رکيو پئي آيا ۽ نهايت بي ضرر هئا. وڏيرا ۽ فيوڊل لارڊس پنهنجي خانداني روايتن ۽ پاهرئين ٺاٺ باٺ ۾ پورا هئا. خبر ناهي ته ڪيئن اهو بي يقيني ۽ بربادي‌ءَ جو دور شروع ٿي ويو ۽ مسلمان پائر هڪ ٻئي جي رت جا پياسا بنجي پيا آهن.“

”چاچا سائين، ڳالهه مسلمان پائرن جي ناهي،“ احمد بخش چوڻ لڳو، ”ڳالهه سڄي اقتصاديات جي آهي ۽ معاشري ۾ حاصل ڪيل status جي آهي. جڏهن اسان جا ڏين پائي 47ع کان اچڻ شروع ٿيا ته اسان کين پليڪار ڪيوسين. دل و جان سان خدمت ڪئي سين. شهرن توڙي پهراڙين ۾ هندن جا ڇڏيل بند ڪاروبار سندن حوالي ٿيا. ملڪ جي حڪومت جي واڳ کين ملي. حڪومت جو چيف ايگزيڪيوٽو، وزير اعظم لياقت علي خان بنيو. انگريزن ۽ هندن جي وڃڻ ڪري سموريون وڏيون نوڪريون ۽ عهدا خالي ٿي پيا. اُن وقت سڄي هندستان ۾ يارهن سو آءِ سي ايس (انڊين سول سروس) آفيسر هئا. جن مان پنجاهه سيڪڙو انگريز هئا. باقي ساڍا پنج سو آفيسرن مان چار سو هندو هئا ـــ ۽ انهيءَ ڏيڍ سو مسلمانن منجهه هڪ ڇٽو سنڌي هو. اهڙيءَ ريت ڏيڍ سو مسلمان آءِ سي ايس آفيسرن مان اڪثريت پاڪستان لاءِ opt ڪيو ۽ هت ذري گهٽ سڀ وڏا عهدي خالي هئا ۽ هي پائر آرام سان، آساني‌ءَ سان ۽ بنا ڪنهن ٻي رنڊڪ جي يڪدم ننڍن وڏن عهدن تي فائز ٿي ويا. گهر گهاٽ ملي ويا ۽ کين هجرت جا ڏک سور وسري ويا. قدرت الله شهاب پنهنجي آتم ڪهاڻي شهاب نامه ۾ پڻ اهڙا ذڪر ڪيا آهن. مهاجرين جي آبادڪاري لاءِ الڳ کاتو ۽ وزارت وجود ۾ آئي. انهيءَ ري هيبليٽيشن کاتي پندرهن ويهه سال مهارجن کي آباد ڪرڻ ۾ صرف ڪيا ـــ ۽ جيڪي جهوپڙين ۽ جاين سڃاين جڳهن کي پنيان ڇڏي آيا هئا، تن کي شهري گهر، محل ۽ بنگلا ملي ويا. دڪان، مارڪيٽون بازارون ۽ ڪوٺيون ملي ويون ۽ اهڙيءَ ريت اقتصادي طور تي هو هڪ مضبوط وچولي شهري طبقي ۾ بدلجڻ شروع ٿيا. چاچا سائين، جڏهن پنهنجا اهي دين جا پائر، ٺانيڪا ٿيا ۽ ڏنڌي ۽ صنعت جي ميدان ۾ پير ڪپائڻ لڳا ته کين پنهنجي سياسي حيثيت جو احساس ٿيڻ لڳو. ملڪ جو وزيراعظم به مهاجر هو، مرڪزي توڙي صوبائي سيڪريٽري، ڪمشنر ۽ ٻيا آفيسر به پاڻ هئا. پر کين ڄاڻ هئي ته اڄا سياسي ميدان ۾ هُو ڏيڻ واري حصي ۾ ٻيٺا آهن. انهيءَ ڪري کين پنهنجن پيرن هيٺان زمين کي مضبوط ڪرڻو هو ۽ جيڪي به مسلمان، کوکرا پار توڙي واڳها لاهور واري سرحد کان ملڪ ۾ داخل ٿيا ٿي ته اُهي سڌا، هڪ وهڪري منجهه لڙهندا، منظم طور تي اچي حيدرآباد يا ڪراچي ۾ پهتا ٿي. لياقت علي خان جيتوڻيڪ ملڪ جو وزيراعظم هو، پر کيس ڄاڻ هئي ته هُن وٽ اليڪشن کٽڻ لاءِ پنهنجو ڪو تڪ ناهي ۽ اُن دور ۾ هُن اوير پاڪستان مان اليڪشن کٽي

هئي، پر ڪيس خبر هئي ته مذهب ۽ پاڪستان تحريڪ جو بخار جنهن مهل لٿو، ڪيس سموري پاڪستان مان ڪٽڻ به سيٽ نه ملندي ۽ اهوئي ڪارڻ هو، جو هُن هندستاني مسلمانن کي هِت اچڻ جي گهڻي ۾ گهڻي ترغيب ڏني ۽ 47ع ۾ هندستاني مسلمانن لاءِ پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچي جا شهر ائين سون جي کاڻ محسوس ٿيڻ لڳا، جيئن 70ع جي ڏهاڪي ۾ پاڪستانين لاءِ دبئي ۽ نار جا ٻيا ملڪ سٽيا هئا. نئين ملڪ ۾، اقتصادي طور تي پير ڄمائڻ کان پوءِ، جيتري مهاجرن کي سياسي طور پاڻ کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت هئي، اوتروئي پنجابي جاگيردار طبقي ۽ وچولي طبقي کي به ملڪ ۾ اقتصادي توڙي سياسي طور تي پاڻ کي مضبوط ڪرڻو هو. مهاجر ۽ پنجابي طبقن ۾ ڄڻ هڪ قسم جو اڻ لکيل معاهدو ٿيل هو. نوڪرين ۾ ذري گهٽ سڀ اعليٰ عهدا مهاجرن وٽ هئا ۽ سياست ۾ پنجابين جو غلبو هو. انهن ٻنهي طبقن کي چڙهو بنگالين مان ڊپ ٿيڻ لڳو. بنگالين مطالبو ڪيو هو سڄي آباديءَ جو چاونجاهه سيڪڙو آهن، انهيءَ ڪري نوڪرين توڙي سياسي عهدن ۾ کين پنهنجو حق انهي تناسب سان ڏنو وڃي. ون يونٽ ۽ پيريٽي (parity) جا اصول انهيءَ ڪري پنجابي حڪمرانن جُنتا ۽ مهاجر نوڪر شاهيءَ جي ذهنن جي پيداوار آهن. 57ع جي مارشل لا پڻ انهن ٻن طبقن جي سياسي توڙي اقتصادي غلبي کي قائم رکڻ لاءِ لڳي. اوهان ڏٺو هوندو ته جڏهن به ملڪ ۾ هڪ مخصوص پنجابي طبقو سياسي طور تي حڪومت ڪري ٿو ۽ مهاجر نوڪر شاهي ۽ واپار تي چانيل رهي ٿو ۽ انهن ٻنهي طبقن کي ڪو چئليج نه ٿو ڪري يا آڏو نه ٿو اچي ته ملڪ ۾ هر طرف امن امان رهي ٿو. صنعت ۽ واپار وڌي ويجهي ٿو ۽ ملڪ ٽين دنيا جي ملڪن ۾ خوشحال شمار ٿئي ٿو ۽ بين الاقوامي ادارن جهڙوڪ ورلڊ بينڪ، انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ وٽ اسان جو ملڪ معتبر هوندو هو. انهن ٻنهي طبقن جي مفادن لاءِ، ساڄي ڌر جون سڀ طاقتون مشغول آهن ــــ ۽ جڏهن به ملڪ ۾ انڌي، لولي يا لنگڙي جمهوريت آئي آهي ۽ حڪومت جي ڪرسين تان هڪ طبقو هٽيو آهي ۽ ٻئي طبقي کي پنهنجو سو في صد مفاد قائم رکڻ ۾ ڏکيائي محسوس ٿي آهي، ته اوهان ڏٺو هوندو ته ملڪ ۾ امن امان جو مسئلو اٿيو آهي. مذهبي جماعتن نهايت زور شور سان تحريڪون هلايون آهن ۽ انهن طبقن هميشه جمهوريت دشمن معاملن کي اجاگر ڪيو آهي. سو چاچا سائين، هاڻ اچو اصل ڳالهه تي. زور سڄو انهيءَ ڳالهه تي هو ته سنڌ ۾ ورهاڱي وقت وچولو ڪلاس ذري گهٽ سمورو هندو هو ۽ هندن جي لڏ پلاڻ ڪري، سنڌ ۾ هڪ وڏو خال هو، جنهن کي هندستان جي مسلمانن اچي پريو. ننڍي ۾ ننڍي ڪاروبار کان وٺي ويندي وڏو امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ جو ڪاروبار، ائيرپورٽ ۽ ساموندي بندرگاهه سميت سندن قبضي ۾ اچي ويا. کين حڪومت جي پٺ ۽ مٽ ٻئي حاصل هيون. چاچا سائين، سنڌ هڪ عجيب ملڪ ۽ صوبو رهيو آهي، جنهن ۾ وچولو طبقو هميشه اقليت وارن جو رهيو آهي. سنڌ ۾ هندستاني مسلمان، جيڪي ورهاڱي کان پوءِ آيا ۽ پاڻ کي سنڌي نه پر پاڪستاني سڏائڻ لڳا، سي پنجاهه جي ڏهاڪي جا ڏهه سال ۽ سٺ واري ڏهاڪي جا به ست اٺ سال، بنا ڪنهن ٻي ڌر جي شرڪت سان، نوڪر شاهي تي قابض رهيا ۽ واپار ڪارخانا سندن ملڪيت ۾ رهيا. پر سٺ واري ڏهاڪي ۾، انهن هندستاني مسلمانن کي، جيڪي پوءِ پاڻ وانگر پاڪستاني ٿيا، پهريون ڀيرو هڪ مقابلي جو احساس ٿيو ۽ پنجابي عنصر آهستي آهستي، حڪومتي پٺ سان، ڪراچيءَ جي واپار ۽ صنعتي ميدان ۾ اچڻ لڳو. ٻئي طرف، سٺ واري ڏهاڪي ۾، سنڌين جو هڪ نسل جوان ٿيو ۽ هزارين چوڪرا ميٽرڪ، گريجوئيٽ، انجنيئر، ڊاڪٽر ۽ وڪيل بڻجي سامهون آيا ۽ ملڪ ۾ نوڪرين ۾ ٿوري گهڻي انداز ۾ اچڻ لڳا. انهيءَ معاملي ۾ به پنجابين کي نقصان ڪو نه هو، پر سنڌ ۾ مهاجرن کي ئي ڪجهه قرباني ڏيڻي پئي. چاچا سائين اسان جي اها ٿهي، جيڪا سٺ واري ڏهاڪي ۾ جوان ٿي، سا حقيقت ۾ سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون جوان نسل هو، جيڪو نه رڳو تعليم يافته هو، پر سياسي طور پڻ بالغ هو. اهي ئي نوجوان هئا جن ون يونٽ جي خلاف، ايوبي مارشل لا ۾ به دانهن ڪئي، ۽ آءُ سمجهان ٿو 4 مارچ 67ع وارو ڏينهن، نئين سنڌ پرڳٽي جو بنياد ليکبو ۽ جنهن ڏينهن 208 سنڌي شاگرد ايوب خان جي نوڪر شاهي واري طاقت سان ٽڪرايا هئا ۽ جيل پهتا هئا. خير هن وقت منهنجو اهو موضوع ناهي. مون مهاجرن جي ٻي چيني‌ءَ معتلق ٻئي ڳالهايو. جڏهن 68ع ۽ 69ع ۾ ايوب خان جي خلاف سموري ملڪ جون جمهوري قوتون هڪ ٿيون ته اُهي مهاجر، جيڪي ايوب

خان جي خلاف هئا، پر پوءِ ايوب خان جي فائدي ۾ ٿي پيا. انهيءَ ڪري جو ڪين خبر هئي ته هُو ملڪ ۾ اقليت ۾ آهن ۽ proportionally وڏن واپار صنعت ۽ نوڪرين جو وڏو حصو آهي ۽ حڪومت ۾ به عمل دخل وڌيڪ اٿن، پر جمهوريت واري دور ۾ نه رڳي سندن اهميت گهٽبي، پر واپار صنعت ۽ نوڪرين ۾ پين کي جيڪي موقعا ملندا، تنهن ڪري سندن مفاد کي نقصان رسندو. پوءِ ائي ئي ٿيو. 80ع واري ڏهاڪي جي اڌ تائين عوامي جمهوري دور ۾ کين ٻنهي طرح نقصان پهتو. واپار ۽ صنعتن ۾ پنجابي پٺاڻ وڌيڪ سرمائيدار ڦهلجڻ لڳا ۽ نوڪرين ۾ سنڌ صوبي اندر سنڌين جي پڙهيل نوجوانن کي کپائڻ جو عمل شروع ٿي ويو. اُن وقت مهاجرن طرفان ڀڃريون ردِ عمل ظاهر ٿيو، جڏهن هنن سنڌي لينگويج بل کي بهانو بنائي، حڪومت خلاف مظاهرا ڪيا. اهي مظاهرا وڌيڪ نه هلي سگهيا. انهيءَ جو سبب کان وڏ سبب هو عرب ملڪن ۽ دبئي ۾ روزگار جا بهترين موقعا حاصل ٿيڻ. مهاجرن جي لوئر مڊل ڪلاس جي هڪ وڏي حصي ۽ تعليم يافته نوجوانن کي اُتي سٺو روزگار مليو ۽ کين 70ع جي ڏهاڪي ۾ هروڀرو جمهوريت جون زيادتيون ياد نه رهيون. ڪراچي حيدرآباد جو شايد ئي ڪو مهاجر هجي، جنهن جو ڪو ياتي ٻاهرئين ملڪن ۾ چڱي روزگار تي نه هجي. پر تنهن هوندي به مهاجر نفسياتي طور تي پاڻ کي، ملڪ ۾ انهيءَ Privileged پوزيشن تي محسوس نه ڪرڻ لڳو، جيئن هو ڀريان ويهه سال هو. انهيءَ ڪري مهاجرن پٽو حڪومت خلاف نهايت دل ۽ جان سان تحريڪ هلائي ۽ نيٺ ٻين قوتن سان گڏ مارشل لا لڳائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. مهاجرن سمجهيو ته 77ع جي مارشل لا لڳڻ سان سندن مسئلا حل ٿي ويندا ۽ هُو پنهنجي اڳوڻي حيثيت کي اجاگر ڪندا. پر ائين ٿي نه سگهيو. پنجاهه ۽ سٺ جي ڏهاڪن ۾ مهاجرن کي سنڌ ۾ ڪو به سامهون نه هو ۽ سنڌي نوجوان اسريو به ته وچي سٺ ڏهاڪي جي آخري سالن ۾ ـــ پر هينئر سنڌي تعليم يافتا نوجوانن سان گڏ پنجابي، پٺاڻ ۽ بلوچي نوجوان به سامهون آيا ۽ نوڪرين ۾ مهاجرن جو تناسب اچا به گهٽ ٿي پيو. 77ع کان پوءِ ڏهه سال لاڳيتا پنجابي ۽ پٺاڻ سرمائيدار، وقت جي حاڪمن جي پٺڀرائيءَ سان، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ اُڀريا ۽ واپار ۽ صنعتن تي ڇانئجي ويا. انهن پنجابي پٺاڻ سرمائيدارن وٽ ڊرگ مافيا جو بي انداز سرمايو هو ۽ مهاجر سرمائيدار انهن جو مقابلو نه پئي ڪري سگهيو. ٻئي طرف عام مزور طبقو به گهڻي تعداد ۾ پنجاب ۽ سرحد کان اچڻ لڳو ۽ ڪراچيءَ جي صنعتي ۽ ٽرانسپورٽ شعبن ۾ مهاجر پوئتي پوڻ لڳا. سائين ضياءُ الحق کي به سنڌين کي مڙيئي خوش ڪرڻو هو، تنهن هڪ ٻه سال سي ايس ايس جي امتحانن ۾ نالي ماتر پاس يا فيل سنڌي نوجوانن کي، ڪوٽا سسٽم هيٺ، اعليٰ مرڪزي نوڪريون ڏنيون. مهاجرن ڏٺو ته هاڻ نه رڳو سنڌي، پر پنجابي، پٺاڻ ۽ بلوچي به نوڪرين، واپار ۽ صنعتن ۾ سندن سامهون اچڻ لڳا آهن، ۽ ملڪ جي هر علائقي جو پنهنجو تشخص اڀري پيو ۽ سندن اسلامي ۽ پاڪستاني ليبل پڻ انهيءَ اهميت جا نه رهيا آهن، جهڙيءَ طرح هنن انهيءَ ليبلن کي ملڪ جي ٺهڻ کان پوءِ ڀريان ويهه سال ڪيش ڪرايو هو. سو کين پنهنجي عافيت ۽ بقا اهڙي تحريڪ ۾ نظر آئي، جيڪا سندن معاشي ۽ سياسي حقن جي ڳالهه ڪري، مسلم ليگ يا جماعتِ اسلامي يا جميعت علماءِ کين هاڻ فائديمند نظر نه آيون. معاشي طور کين پنجابين ۽ پٺاڻن مان ڏپ هو. انهيءَ ڪري جڏهن مهاجر قومي موومنٽ جو بنياد پيو ته سندن سوچ هئي ته سنڌ ۾ مهاجر ۽ سنڌين کي رهڻو آهي ۽ ان جي وسيلن تي انهن ٻن قومن جو حق آهي. کين پنجابين ۽ پٺاڻن تي اعتراض هو ته اهي کهڙي حساب منجهه سنڌ ۾ ويٺا آهن. سندن هڪڙو نعرو هو: "**سنڌي مهاجر ڀائي ڀائي ـــ تيسري قوم ڪهان سي آئي**." مهاجر نوجوان سنڌي قومپرستن سان سُر ملايو. سنڌي نوجوان ته پنجابين تي اصل اڌار ڪايو ويٺا هئا سي يڪدم ٽپي آيا ميدان ۾. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ سنڌي قومپرستن پنجابين جا ڌڻ تپايا ۽ شهرن ۾ ڪراچي حيدرآباد ۾ مهاجرن پنجابين، پٺاڻن سان مهاڏو اٽڪايو. صدر ضيا الحق جي پاليسي هئي ته سنڌي پل قوم پرستن پارٽين ڏانهن وڃن ۽ سندن لابيءَ جي نظرن ۾ ڪافر ۽ راجا ڏاهر جو پوئلڳ سائين جي ايم سيد به صحيح هو، ته جيئن سنڌي عوام پيپلز پارٽيءَ جي جادوءَ منجهان ٻاهر نڪري ۽ ڦاسي چڙهيل ڀُٽي جي شخصيت جو سحر ختم ٿئي. ٻئي طرف مهاجرن کي به همٿايو ويو ته جيئن مهاجر جماعتِ اسلاميءَ جو شهري علائقن مان زور ٽوڙين ۽ ضياالحق لاءِ جماعت آزار نه بڻجي. انهيءَ سڄي ٽڪساٽ کي سنڌ ۾ وڏي وزير غوث علي شاهه به سهڻي نموني هلايو. 86ع ۽ 87ع ۾

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مهاجر نوجوانن ايم ڪيو ايم جي اڳواڻي هيٺ پنجابين ۽ پٺاڻن کي سٺا ٺوٺا ڇپايا ۽ پنجابي پٺاڻ سرمائيدار ۽ سندن پٺ تي لڳل ڪن ادارن يڪدم محسوس ڪيو ته اها لھر غلط آهي. ڪراچيءَ ۾ نه رڳو سندن ڪروڙين اربين روپين جو سرمايو سيڙيل هو، پر پنجابين جي ذهنن ۾ هڪ تصور جيڪو هن صديءَ جي شروعات کان ئي اسريل هو ته Karachi is the natural sea port of Punjab سو ختم ٿيندي نظر آيو پئي. ڪين اهو پتو هو ته هاڻ اسلام يا ملڪي سالميت وارو ڪارڊ به ڪا اهميت نٿو رکي. سو انهن نهايت چالاڪيءَ ۽ سياست سان مهاجرن جي سياست ۽ بندوقن جو رخ پنجابين پٺاڻن کان ڦيرائي، سنڌين ڏانهن ڪري ڇڏيو ۽ اِهو اڳتي تاريخ هلي طئہ ڪندي ته اسان جا قومپرست اڳواڻ ۽ نوجوان انهيءَ سڄي وهنوار ۾ ڪيترو استعمال ٿي ويا، ۽ سندن سياسي اڻ پختگي ۽ حالتن تي مٿاڇري نظر ۽ ڪچن ذهنن ڪري، ترت ڪيترو نقصان رسيو آهي ۽ مستقبل ۾ ڪيترو پوڄيندا سين. انهيءَ سڄي معاملي کي ڦيرائڻ ۽ مهاجرن کي سنڌين آڏو بيهارڻ ۾ مهاجر نوجوانن کي، سندن بزرگن ۽ سينيئر اڳواڻن جي لاڳيتي هُشي به شامل هئي. انهن بزرگن سينيئر اڳواڻن کي خبر هئي ته سندن سياست اقتصادي ذريعن تي غلبي حاصل ڪرڻ واري سياست هئي ۽ سنڌين جي بنيادي ۽ تاريخي حقن جي آڏو سندن ڪيس هميشہ ڪمزور ۽ حيثيت ثانوي رهندي. انهيءَ ڪري پنجابي ۽ پٺاڻ طبقن ۽ سندن طبقي ۾ هڪ ڪامن فيڪٽر آهي، ته سنڌ جي اقتصادي ذريعن کي پنهنجي قبضي ۾ رکجي. اوهان کي خبر آهي ته جڏهن مهاجرن، پنجابين ۽ پٺاڻن خلاف ڪات ڪهاڙا کنيا، ته نه رڳو سرمائيدار پنجابي پٺاڻ، پر سندن سياسي ليڊر، ولي خان جهڙا سياستدان به ڪراچي آيا ۽ معاملي کي ٺاهي ويا ۽ ٺنهي ڌرين کي پاڻ ۾ ٺاهي، سنڌين آڏو ڪري ويا. ها! انهيءَ سڄي ڪٿا جو آخري مقصد في الحال اِهو آهي ته مهاجر چاهين ٿا ته سندن اقتصادي غلبو قائم رکڻ لاءِ سنڌ جي فريم ورڪ ۾ ئي ڪين هڪ انتظامي يونٽ ٺاهي ڏنو وڃي. چاچا سائين اها آهي سندن بسم الله!“

احمد بخش جي هيڏي وڏي پٿاڙ سيني خاموشيءَ سان ٻڌي. شام ويجهي پئي ٿي. اطهر علي، انهيءَ ڊگهي تقرير جي وچ ۾ ئي ڪسڪي ويو هو. سندن گهر کان سڌ پنڌ تي درياهہ جو بند هو. هُو ڪڏهن ڪڏهن بند تي چڙهي ڪجهہ پسار ڪندو هو ۽ اجڪلهہ درياهہ جو سڪل ۽ ويران پيٽ ڏسندو هو. چوطرف واريءَ وارا ڪک هئا ۽ ڏکڻ جون تيز هوائون پاڻ سان گڏ اهي واري جا ذرڙا کنيو اڳتي پئي ويون. اطهر عليءَ کي اهوڏاڍو عجيب لڳندو هو ته ههڙو درياهہ جنهن جي تاريخ جي هر دور ۾ هاڪ رهي آهي، سو اڄ هڪ ازدها بلا وانگر بيحال زمين تي پيو آهي. هيءُ اهو درياهہ آهي جيڪو نه رڳو ارڏو پر درياهن جو درياهہ ۽ شهہ زور رهيو آهي پر عام چوڻيءَ ۾ ڪيس درياهہ شاهہ به چوندا آهن. ائين ئي چڻ نادر شاهہ يا ڪو سنڌي سيد بادشاهہ، جيڪو صدين کان جيئن سنڌ ۾ آباد ٿيو آهي. پنهنجي استحصالي برتريءَ واري ڪردار سان، سنڌ جي سماج جي صحيح اوسر لاءِ هميشہ رڪاوٽ رهيو آهي ۽ پاڻ جهڙن ٻين ڪردارن سان جُٽ رهيو آهي. پر درياهہ شاهہ سائينءَ جو پيو رخ به رهيو آهي جنهن ڪري سندس عظمت ۽ احترام سيني جي دلين ۾ آهي. سو ڪردار آهي سنڌ کي سدائين آباد ۽ شاداب رکڻ جو. سنڌو ڏرياهہ، سنڌ پرڳٽي جي چڻ شهہ رڳ آهي، سڃاڻپ آهي.

اطهر علي بند تي ويٺو هو ۽ پريان ڪٿي ڪٿي پاڻيءَ جا ڏُبا ڪي ننڍڙا وهڪرا هئا جن تي پريان اولهہ ۾ لهندڙ سج جا ڪي ترورا ڪنهن ڪنهن هنڌ جرڪيا پئي. سج اولهہ ۾ لهڻ لڳو ۽ پوريءَ ريت اونده ڇانئجڻ کان اڳ، اطهر علي گهر ڏي موٽيو.

# 4

قاسم آباد، حيدرآباد شهر جي اتر ـــ اولهہ ڪنڌ تي، ديهہ ڄامشورو ۽ درياهہ جي بند سان لڳ هڪ تازي وسندي آباد ڪيل آهي. شهر جي تنظيم ڪندڙن جو اهوئي خيال هو تہ حيدرآباد جي سوڙهين گهٽين ۽ پاڙن ڪان ماڻهو پوساڻجي پيا هوندا ۽ جيڪو ڪٽنب سوڙهہ ۽ گهٽ محسوس ڪري، سو پل قاسم آباد جي ڪشادي، ڪليل ۽ پلاننگ سان آباد ڪيل ماحول ۾ آرام ۽ سک جا ساهہ کڻي ۽ رهائش جي طور طريقي ۾، وقت مطابق ڦير ڦار ڪري شهري زندگيءَ جون سهوليتون حاصل ڪري. اوستي علي محمد جي ڪٽنب کي بہ هن ماحول ۾ آسودگي ۽ بي فڪريءَ جو احساس ٿيڻ لڳو. پنهنجي اصل گهر سان يادگيريون تہ وابستاهين، پر ماحول جي گهٽ ۽ روز روز جي ڪتراڻ ڪري، ڪين هن نئين ماحول ۾ سڪون ۽ حفاظت جو احساس ٿيو پئي. اوستي علي محمد جي زال بہ هت اچي ڪجهہ وڌيڪ بهتر ٿيڻ لڳي هئي.

سومهاڻيءَ جي نماز ڪان پوءِ، سيني پاتين گڏجي ماني کاڌي ۽ پوءِ مردن جي پيهر ڪچهري شروع ٿي. ارل گري چانهہ جو دور شروع ٿيو. هن وقت احمد بخش موجود نہ هو. ننڍڙو ڊرائنگ روم گرم لڳو پئي، پر ٻاهر ماحول ۾ ٿڌ وڌي رهي هئي. رستا سنسان هئا. ڪنهن ڪنهن مهل ڪو اسڪوٽر يا ڪنهن ڪار لنگهڻ جو آواز آيو پئي ۽ اُن سان گڏ پريان يا ويجهو ڪُتن جي ڀونڪڻ جا آواز بہ پئي آيا.

”يار هي پنهنجو احمد بخش آهي نہ ـــــ“ اوستي علي محمد چانهہ جو آخري ڍڪ پيئندي، ڪوپ ساسر ميز تي رکيو، ” تنهن وچائي ڇڏيو. واهہ جي تشريح ڪئي. اسان تہ ڪين هت پنهنجي مذهب جي آڌار تي جيءَ ۾ جايون ڏنيون ۽ سمجهياسين پئي تہ اسلام جي سربلندي اچا وڌندي. ملڪ سچو ڪنڌ ڪير تي ويندو.“

”چاچا سائين،“ سول جج امداد عليءَ چيو، ”اسلام تہ وڌيو آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي. اسان جي عام ماڻهوءَ کي اسلامي مهينن جا نالا ڪو نہ ايندا هئا. اسلامي مهينن کي بہ ”سنڌي مهينو“ چوندا هئا. پوءِ براد، پهريون خالي پيو خالي عرس هئا سنڌي مهينن جا نالا! اسلامي سن جي عام ماڻهو تہ چا چڱي مٺي کي خبر نہ هوندي هئي. عيدالاضحیٰ کي ٻاڪري عيد يا ٻڪرا عيد چوندا هئاسين. سي سنڌ ۾ جيئن ماڻهو سادا سٻاجها هئا تہ مسجدون بہ اهڙيون ننڍيون، ڪچي سرن ۽ گارن سان ٺهيل، ڪٿي ڪٿي ڪا ڪاشيءَ جي سر لڳل هوندي هئي. باقي وڏيون پڪيون مسيتون يا حاڪمن ٺهرايون يا ڪنهن پير يا مخدوم، پنهنجي شان وٽان جوڙايون. مسيتون اهڙيون ئي ساديون، گاري سان لنبيل هيون، جهڙيون مسڪين غريبن جون دليون. اندر ٿڌا يا فراسيون وڇيل هونديون هيون. مٿي طاق تي ڏيئو ۽ قرآن شريف جو ڪو نسخو رکيل هوندو هو. باقي مڙيوئي خير. عام طور تي چوندا هئا تہ ابا چور گهر سچو پُهاري پينگ ڪري ويا ۽ گهر جهڙوڪ مسيت ڪري ويا. اها عام ماڻهن جي سادگي ۽ اڻوجهائي هئي. ڪين علم ۽ ڄاڻ جي معاملن ۾ قطعي خبر نہ هئي. مذهب کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ساڃاهہ ئي ڪانہ هئي. جيڪو استحصال اتر ۽ اولهہ ڪان آيل اچي چمڙي ۽ ڏگهي قد وارن ماڻهن عربي ۽ فارسيءَ جي ڄاڻ ڪري، اڻوڄهہ عوام تي ڪيو سو صديون قائم رهيو. پر هت استحصال ڪندڙ بہ هن ڌرتيءَ جو حصو بنجي ويو ۽ پنهنجي سڃاڻپ بہ هن زمين سان لاڳاپيل بنجي وڃي. اسان جي

همراهن جا ڪيسا خالي هوندا هئا ته ٿپ ڇئي ڏيندا هئا ته ادا الله جي نالي ڪانسواءِ پيو مڙيوئي خير ـــــ يعني الله جو نالو ۽ خالي ڪيسو ڳالهه مڙيوئي ساڳي هئي.“

اوستو علي محمد کلڻ لڳو. اطهر علي ڪنڌ ۾ پيل صوفي تي اڌ ليٽيل هو، سو به مُرڪڻ لڳو. ظفر علي به کلندي ڪنهن ڪم سان ٻاهر نڪري ويو. محمد علي ۽ مظفر علي خاموش هئا ۽ اچا چانهه جي خوشبو ۽ ذائقي جو لطف وٺي رهيا هئا.

”ڪجهه ڪجهه ڳالهه سچي لڳي پئي،“ اوستي علي محمد چيو.

”چاچا سائين،“ امداد علي وري ڳالهايو، ” اڳي نالو ٻڌي ماڻهوءَ جي سڃاڻپ ٿي ويندي هئي ته سنڌي آهي يا مهاجر يا پنجابي. سنڌي نالا، پيرل، بخشل، ڪوڙو خان، ڪرڙ گلڻ، يار محمد، محمد ابراهيم، غلام محمد، احمد خان، پريل شاهه، الله بچايو، الله رکيو، غلام نبي، غلام حسين، سونهارو خان ـــــ مطلب ته نالن ۾ جت سادگي هئي، اُت پنهنجو هڪ لوڪل ڪرئڪٽر به هو ته اسين نبي، حسين يا محمد احمد جهڙا وڏا نالا ڪو نه رکندا هئاسون، پر غلام نبي، غلام حسين، غلام محمد يا احمد بخش، غلام علي جهڙن نالن سان پنهنجي نئڙت ۽ ٻانهپ ڏيکاريندا هئاسين. مهاجر آيا ته اسان احمد مجتبىٰ به ٻڌوسين، علي عباس، عباس حيدر، حسنين، سبطين فاطمه زهرا ۽ ٻيا اهڙا وڏا ۽ ڳاٽي پيڳا نالا ٻڌاسين، جو پهرين ٻڌي ڏڪي ويندا هئاسين ته ڪنهن ڪوجهي اجائي ماڻهوءَ کي احمد مجتبىٰ ڪيئن سڏيان ۽ ائين نالا وٺڻ عام سنڌيءَ جي ذهن ۾ بي ادبيءَ جي برابر سمجهيو ويندو هو. ڪي ڪي پير يا سيد يا ڪو شهري تونگر ڪٽي اهڙا ڪي نالا پنهنجي اولاد تي رکندو هو، ته عام ماڻهو سمجهندو هو ته وڏن ماڻهن جون وڏيون ڳالهيون آهن، باقي اسان جا ٻار نبيءَ جا غلام، عليءَ جا بخشيل يا الله جا بچايل ئي چڱا لڳن ٿا. جيترا ڳرا نالا هوندا اوترو ئي وهم وڌندو رهندو. پر چاچا سائين، جڏهن ٻن تهذيبن جو پاڻ ۾ ميلاپ ٿيندو آهي ته پوءِ ڪجهه هڪٻئي سان ادل بدل ٿيندي آهي. هوئن به جيتري جيتري پهراڙيءَ جي تهذيب يا ڪلچر پختو ۽ پيڙاهيتو هوندو آهي، ته شهر ڪلچر نهايت وٽندڙ من کي موهيندڙ ۽ فيشن طور چوطرف هڪ وبائي مرض وانگر ڦهلجي به سگهجي ٿو.“

ايتري ۾ احمد بخش به اندر آيو. سيني اٿي ڪيس ڪيڪاريو ۽ هو اطهر عليءَ جي پر ۾ ويهي رهيو. سندس منهن ۽ هٿ ٻاهر ڦهليل سرديءَ ڪري ٺڏا هئا. ويهندي شرط رڙ ڪيائين ته گرم گرم چانهه جو ڪوپ ڪپي. چانهه آئي. گرم گرم ڍُڪن سندس لڱن ۾ ڇڻ گرمي ڦهلائي ڇڏي.

”پٽ دير ڪئي اٿئي؟“ اوستي علي محمد پڇيو.

”چاچا سائين ٿورڙو شهر ويو هئس،“ احمد بخش چيو. اوستو علي محمد کلڻ لڳو، ” يار اڳ اسين حيدرآبادي جڏهن چوندا هئاسين ته مٿي شهر ويو هئس ته اُن جي معنىٰ هوندي هئي شهر جو اهو حصو جيڪو قلعي کان وٺي سموري شاهي بازار اُڪري، سري گهٽ يا مارڪيٽ تائين ۽ اُن جي ڀنهي پاسن کان آباد گهٽيون ۽ پاڙا. جت هاڻ وچڻ ڇڻ موت جي منهن ۾ وڃڻ آهي. باقي شاهي بازار کان هيٺ ڳاڏي کاتو، ڪوڪر پاڙو، لجپت روڊ، مهر شاهه جو پاڙو ۽ هيڏانهن مولا جي قدمن کان اسٽيشن تائين، اولهندو ڪڇو سڏبو هو ۽ شاهي بازار جي ڀئي پاسي الله داد چند جو ڳوٺ، ٽيون نمبر تلاءُ ۽ ٻيا پاڙا سڀ ايرندي ڪڇي ۾ اچي ويندا هئا. هينئر ڀئي نالا شايد سرڪاري رڪارڊ تي هجن، پر ماڻهن جي ذهنن ۾ ميسارجي چڪا آهن.“

”چاچا، اجا به اسٽيشن روڊ تي پڪي پير واري اوتاري ۾ جِت يعقوب جوهراڻي رهي ٿو، اُن جي سامهون ٿهيل پوسٽ آفيس تي بورڊ لڳل آهي ويسٽ ڪچا پوسٽ آفيس.“ احمد بخش چيو.

”يعقوب شيديءَ کي سڃاڻين؟“ اوستي علي محمد پڇيو.

”ها چاچا، ٿورو ٿورو. جهونو مڙس آهي،“ احمد بخش چيو، ”سندس پڪي پير واري پڙ تي ڪڏهن محرم جي نائين تاريخ تي مڙيئي نياز ڪائڻ ويندا آهيون.“

”ها پٽ پوڳائي مڙس هو،“ اوستي علي محمد چيو ”جهونو حيدرآبادي هو. چرچن ۾ ساڻس ڪو به نه پُڄي. هڪ پيري محرم جو مهينو ويجهو هو ۽ يعقوب پڪي پير واري اوتاري ۾ لڳل آنگاس لاٿو ۽ ڪاٺ کي ڪجهه اڏوهي لڳل ڏسي، آنگاس کي ڪارائيءَ سان پہ اڌ ڪري ڇڏيائين ۽ جيڪو اڌ صحيح هو، تنهن کي رنگ روغن ڪرڻ لڳو. اوڏيءَ مهل پاڙي جو هڪ معتبر سيد اچي لنگهيو ۽ تنهن رڙ ڪري پڇيو، ’اڙي يعقوب

هيءُ علم شريف ڪي ڇا ڪيو اٿئي؟، يعقوب وراڻيو: ’سائين بادشاهي برقرار! بس جيڪي ڏسو پيا. مولائين ڪي منٿون ڪري اسين ٻئي پيءُ پٽ ٽڪجي پئون، سي اچن ڪو نه. علم شريف ڳرو ۽ اسان ٻن سنگل هڏي پيءُ پٽ جي جاءِ نه آهي ته اهڙو ڳرو علم شريف لاهيون ۽ چاڙهيون. سو هاڻ جند ڇُٽي پئي. هُو علم اٿو جيڪو هاڻ چاڙهيون ٿا. باقي هو شريف ڪنڌ ۾ پيو اٿوَ اڌوهيءَ کاڌل!‘

سب کلڻ لڳا.

”بابا ـــــ ڏاڍو چڱو ماڻهو هو. هاڻ هن سال گذاري ويو. عمر به نوي سال کن هئي سندس. ڇهه مهينا کن اڳ مون کي مليو هو ته پڇيو مانس ته ڪر خبر اڄا ڪيترو جيئرو رهڻ جو پروگرام اٿئي. ته چوڻ لڳو. بابا مون کي ۽ سائينءَ جي ايم سيد کي الله ۽ الله جي ملائڪن شايد وساري ڇڏيو آهي. هن سائينءَ جي سنڌي قوم تي ٻڌي ۽ منهنجي پناهه گير قوم تي ٻڌي، جيڪي ابن ڏاڏن جي پڪي پير واري اوتاري ۾ قبضو ڪيو ويٺا آهن ۽ جايون خالي ڪن نه ٿا. ماڳهين اوقاف کاتي وارن مان اڙجي ويو آهيان، جيڪي اسان واري اوتاري کي وقف جي ملڪيت ڄاڻائي پاڻ کي مالڪ سمجهي ويٺا آهن. سائين جي ايم سيد جو به حشر ساڳيو ئي اٿئي. سنڌ به سڄي ڄڻ اوقاف جي ملڪيت تي پئي آهي. مون وانگر سائين وٽ پل وڏڙن ۽ جهونن جون سندون ۽ دستاويزون هجن، پر سائين، هڪ پيرو ملڪيت اوقاف کاتي ۾ اچي ويئي ته ڄڻ زمين ۽ مالڪن جا ڪم لهي ويا. نوان زمانا نوان مالڪ!“

سيني جي ڇهري تي مُرڪ ڇانئجي ويئي. جج امداد علي چوڻ لڳو، ”سائين انهيءَ يعقوب جوهراڻي کي آءُ به سڃاڻان. هارمونيم ڏاڍو سٺو وڄائيندو هو ۽ راڳ جي ڄاڻ سٺي هيس. انگريزي به واهه جي ڳالهائيندو هو. ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ اسٽيج لاءِ ڊراما لکندو به هو ته انهن کي ڊائريڪٽ به ڪندو هو. اداڪاري به ڪندو هو. ڏهن پنڌرهن يا ويهن سالن جي ڳالهه آهي ته سندس ڪنهن دوست جي پٽ جي شادي ۾ ڇڄ سان گڏ ڪٽڙ پاسي ڪنواريتن جي ڳوٺ ويو. ڪنوار جو چاچو ڪو سندس پراڻو دوست نڪري پيو ۽ اهو ڪو پنهنجي جوانيءَ ۾ وڏو شوقين ۽ تماشبين رهيو هو، سو گهڙي گهڙي کيس چوي: يار يعقوب، ڪڄرين کي نه وٺي اچو ها ته شغل تي وڃي ها ۽ هيءَ جبل جيڏي رات به ڪٽجي وڃي ها ۽ اَسر جو نڪاح ٿئي ها ته رات جي گذرڻ جو لکاءُ ئي نه پوي ها.“ يعقوب کي ڪنوار جو اِهو چاچو صفا نه پئي وڻيو ۽ هو به ڦري گهري کيس چوي: يار ڪي ڪڄريون ڪي ڳائڻيون وٺي اچو ها ته واهه جو ڪم ٿي پوي ها ۽ هاڻ رڳو آهن اوپاسيون. يعقوب بيزار ٿي پيو ۽ نيٺ وڏي واڪي چيائين: ”ادا مون اوهان جي سيڻ کي چيو هو ته ڪو بندوبست ڪري هلو. سڄي رات جبل جيڏي آهي. پوءِ تنهنجي مائٽ چيو ته منهنجي پٽ جا ساهرا وڏا ڪڄر آهن. اُت راڳ رنگ جام هوندا. رڳو هلڻ جي دير آهي.‘ يعقوب جو ايترو چوڻ، بس ڪهرام مچي ويو. ڪنواريتا اصل هٿن مان نڪري ويا. يعقوب کسڪي نڪري ويو. صبح جو يارهين وڳي تائين نڪاح نه ٿيو. همراهه سب فيصلي ۾ رڌل هئا. نيٺ منٿ ميڙ آزين نيازين سان ۽ هٿ ٻڌي جان ڇڏايون ۽ پوءِ مس مس نڪاح ٿيو ۽ گهوٽ ڪنوار وٺي حيدرآباد پهتو.“

”ها بابا انهيءَ يعقوب جا الائي ڪيترا واقعا هوندا،“ اوستي چيو، ”پر انهن ماڻهن سان گڏ حيدرآباد شهر جو هڪ عاليشان تهذيبي دور ختم ٿي ويو.“

## 5

احمد بخش اصل ۾ اوستي علي محمد جي وڪيل پٽ محمد عليءَ جو دوست هو ۽ ٻنهي ڄڻن حيدرآباد جي مسلمانن واري اسڪول نور محمد هاءِ اسڪول منجهان 1960ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو هو. انهيءَ زماني ۾ اڃا بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن نہ ٺهيو هو ۽ ميٽرڪ جا امتحان بہ سنڌ يونيورسٽي وٺندي هئي. سنڌ يونيورسٽي ورهاڱي کان سنت ئي پوءِ وجود ۾ آئي هئي ۽ مئٽرڪ جو ڪورس بہ ساڳيو بامبي يونيورسٽي وارو هو. محمد عليءَ آرٽس گروپ ۾ ۽ احمد بخش سائنس گروپ ۾ امتحان پاس ڪيا هئا. سندن عمرون سورهن سَترهن سالن کن جون هيون ۽ احمد بخش دادوءَ جي پاسي ميهڙ تعلقي جو رهندڙ هو. سندس ماءُ هُو اڃا معصوم ئي هو، تہ گذاري ويئي هئي ۽ سندس ياڇائي حاڪم زاديءَ کيس پٽ وانگر پالڻ لڳي. حاڪم زادي سندس ياڇائي بہ هئي تہ سؤٽ بہ هئي. سندس وڏي چاچي زوار ميان علي بخش خان جي سڪيلڊي ڌيءَ هئي ۽ کيس ٻيو ڪو بہ اولاد نہ هو. زوار علي بخش پنهنجي مال ملڪيت وارو هو. کيس سو ايڪڙ کن زمين هئي، جنهن مان چاليهہ پنجاهہ ايڪڙ زمين آباد بہ ٿيندي هئي ۽ ٻيون ڍڳيون مينهون، ٻڪريون چڱي تعداد ۾ هئس. مطلب تہ پنهنجي نندي ياءُ ماستر محمد بخش کان گهڻو سُکيو ۽ مٿس هٿ بہ رکندو هو. ٻئي ياٹر ٿورڙو ذهني طور تي پرتي هئا، جو زوار علي بخش شيعي مذهب جو پوئلڳ بنجي ويو ۽ ننديو ياءُ محمد بخش روايتي سنڌي ڳوٺاڻن وانگر هو. عليءَ جو شيدائي بہ هو تہ صحابين کي بہ عزت جي نظر سان ڏسندو هو. زوار پنهنجي محنت ۽ ڏنڊي مان خوب ڪمايو ۽ زمين بہ ورتائين ۽ مالوندن ۾ بہ شمار ٿيو. پر پنهنجي هڪ نياڻي کي بہ تعليم نہ ڏياريائين ۽ رڳو قرآن شريف جي تعليم بہ ڳوٺ جي استاد مائي حليمان، جنهن کي سڀ استاد حلو چوندا هئا، 'سنڌي لهجي' ۾ ڏياريائين. ويچاري استاد حلو غريب عورت هئي. ڳوٺ جي ڪجهہ ٻارن کي قرآن پاڙهيندي هئي ۽ پنهنجو گذاران ڪندي هئي. پر جڏهن ٽي وي ۽ ريڊيو عام ٿيا ۽ ماڻهن ٽي وي ريڊيو تان قرآن جا سبق ٻڌا تہ ننڍي هوندي استاد حلوءَ جي پاڙهيل اُچارن ۾ ڪين وڏو فرق محسوس ٿيو. استاد حلوءَ جا اچار سنئون سڌو وات مان نڪرندي محسوس ٿيندا هئا ۽ ريڊيو ٽي وي وارن ملن جا اچار ڪين ائين محسوس پئي ٿيا ڄڻ زبان جي پاڙ يا ڪاڪڙي جي ڪنڊ يا نڪ نڙيءَ منجهان گهمي ڦري نڪري رهيا آهن. جيڪي ٻار يا وڏا ڳوٺ ڇڏي شهرن ۾ آيا، تن پنهنجا اچار سڌاريا ۽ پنهنجن ٻارن تي بہ نئين زماني موجب نظر رکي.

احمد بخش جي عجيب ڪهاڻي هئي. هن وقت هو مرڪزي حڪومت ۾ ڊپٽي سيڪريٽري جي عهدي تي هڪ بلڪل غير اهم کاتي ۾ لڳل هو. ٻہ شاديون ڪيائين. هڪ کيس زوري مائٽن ڪرائي ۽ ٻي پاڻ هڪ مختصر پر زبردست عشق وارين حالتن ۾ ڪئي.

اڃا ملڪ جو ورهاڱو نہ ٿيو هو، پر ٻي عظيم جنگ ختم ٿي چڪي هئي. دنيا ۾ ٽاپر واپس وري پئي ۽ زوار علي بخش کي ڪن يارِ دوستن جي قافلي سان گڏ ايران عراق زيارتن تي وڃڻ جو بيحد شوق هو، پر ان زماني ۾ ايڏي وڏي سفر تي اُسهڻ کان اڳ ماڻهو پنهنجا گناهہ ثواب سڀ بخشرائي، دنياوي ڪم ڪار اُڪلائي، پنهنجن مٽن مائٽن عزيزن ۽ دوستن سان موڪلائي پوءِ وطن ڇڏيندا هئا تہ جي قسمت ۾ هوندو تہ ملنداسين نہ تہ الله تهار! سو زوار علي بخش پنهنجي ياءُ محمد بخش ماستر کي گهرائي اِهو فيصلو ڪيو تہ سڀ کان پهرين نياڻيءَ جو بار لاهجي. سو احمد بخش تہ انهن ڏينهن ۾ پنجن سالن جو مس هو. سو سندس وڏي ياءُ مهر بخش، جنهنجي عمر مس سترهن ارڙهن جي هئي، کيس نڪاح جي ٻن اکرن سان گڏ حاڪم زادي، جيڪا سندس هم عمر هئي، پرڻائي ڏني. زوار علي بخش، پنهنجي ملڪيت جو ڪو بہ فيصلو نہ ڪيو، پر چوڻ لڳو، "ادا نيٺ منهنجو سڀ ڪجهہ حاڪم زاديءَ جو آهي ۽ حاڪمزادي اوهان جي آهي. سو سڀ ڪجهہ مال ملڪيت، اوهان سيني جي آهي. رڳو منهنجي پويان امام صاحب جي علم شريف ۽ جيڪو نياز نڙو ڪريان ٿو، تنهن جي پوئواري ڪجو. امام ڪندو اوهان سدائين آباد رهندا."

زوار علي بخش تہ سال کن کان پوءِ موٽي آيو، پر حياتيءَ وفا نہ ڪئي. 1950 يا 1951ع واري سال ۾ گذاري ويو. سڄي ملڪيت سندس ياءُ ماستر محمد بخش ناٺي ۽ ياٺيٽي مهر بخش جي هٿ آئي. ماستر محمد

بخش جي زال ٻه ڳذاري وئي ۽ ننڍڙو احمد بخش ٻه حاڪم زاديءَ جي حوالي ٿيو. حاڪم زاديءَ کي شاديءَ جي پهرين پنجن سالن ۾ ٻه پٽ ٿيا، پر ٻئي جانبر نه ٿي سگهيا ۽ اجا سال جا ٻه نه ٿيا ته گذاري ويا. سو حاڪم زاديءَ احمد بخش کي پٽن وانگر پاليو ۽ احمد بخش ٻه حاڪم زاديءَ کي ماءُ واري عزت ڏيندو هو. پر قدرت جا عجيب کيل آهن، مهر بخش چاليهه سالن جي عمر ۾ ئي گذاري ويو. کيس سلهه ٿي پئي ۽ گهڻائي علاج ڪيائين، پر ڪو ٻه فائدو نه ٿيس. جوڙس حاڪم زادي ڪانٽس سال ۾ سال ننڍي هئي ۽ زوار جي ملڪيت ٻه سڄي سندس نالي ٿي هئي. مهر بخش مان کيس ڪو اولاد ٻه نه هو. سو جڏهن احمد بخش فرسٽ ائير جو امتحان پاس ڪري انٽر ۾ آيو ته مهر بخش کي فوت ٿئي ٻه سال ڏيڍ ڪان مٿي عرصو ٿي چڪو هو، سو سڄي خاندان جي مرضي اها هئي ته حاڪم زاديءَ جي ٻئي ڪنهن هنڌ شادي نه ٿيڻ گهرجي. نه ته گهر جي ملڪيت ٻين جي هٿن ۾ ويندي هلي. سيني جي مرضي جي انهيءَ ڳالهه تي ٻيئي ته احمد بخش حاڪم زاديءَ سان نڪاح ڪري، اها ڳالهه احمد بخش جڏهن ٻڌي ته کيس ائين لڳو، چڻ ٿهه سياري ۾ ڪنهن ٿڌي پاڻيءَ جي باردي مٿس هاري ڇڏي آهي. خود حاڪم زادي پڻ وائڙي ٿي ويئي ته ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو. هن پنڌرهن ويهه سال جنهن معصوم ٻار کي نِپائي وڏو ڪيو هو، سو سندس مڙس بنجي ۽ هوءَ سندس زال، سا ڳالهه سندس سمجهه کان ٻاهر هئي ۽ صاف صاف سيني کي چوڻ لڳي ته جي ملڪيت ئي ڪپي ته مان هاڻ احمد بخش جي نالي لکي ٿي ڏيان. پر اها ڳالهه ڪٽنب جي وڏن کي پسند نه هئي ته ماڻهو چوندا ته ماستر محمد بخش کي ڪنهن ٻه صورت ۾ زاور جي ملڪيت ڦٻائڻي هئي. نيٺ فيصلو ٿيو ته اهو نڪاح ٿيندو. ڪا نئين ڳالهه ناهي. اهو رواج صدين کان هلندو اچي. ياءُ جي مرڻ کان پوءِ پاڇاڻيءَ سان نڪاح شرع ۾ جائز آهي. اهو ٻڌي احمد بخش حيدرآباد ڀڄي ويو ۽ پنج ڇهه مهينا ڳوٺ ڏانهن لڙيو ئي نه. منٿن ميڙن ۽ دڙڪي تاب سان ڳالهه نه مڃيائين، نيٺ هڪ ڏينهن کيس حاڪم زاديءَ جو خط مليو، جيڪو هن ڪنهن کان لکرائي موڪليو هوس. خط ۾ لکيل هو ته تون ضرور اچ ۽ جيڪا وڏن جي مرضي آهي، تنهن کان انڪار نه ڪر. اهي قسمت جا کيل آهن. ۽ اسين انسان بيوس آهيون. سڀ گهر وارا تمام پريشان آهن ۽ باقي تون مون کان پريشان نه ٿي. مان تنهنجي ڪنهن ٻه ڳالهه آڏو نه ايندس. هڪ رسم آهي دنيا جي، سا اسان کي مائٽن جي مرضيءَ موجب پوري ڪرڻ ڪپي. تون اچ.

خط جي آخري ٻن لفظن 'تون اچ' ۾ کيس پنهنجي پوئين زندگيءَ جا سمورا پاڇولا نظر اچي ويا ۽ احمد بخش نه چاهيندي ٻه واپس ڳوٺ پهتو. حاڪم زادي ٻيهر ڪنوار بڻجي، سينگارجي ويئي. نڪاح ٿيو. هيترا سال جيڪي ڏير پاڇائي هئا يا ڏير کي پنجن سالن جي عمر کان پالي نپائي جوان ڪيو، سو اڄ سندس مڙس جي روپ ۾ جڏهن رات جو ڪمري اندر آيو ته سندس اندر ڪيڇي ۾ اڌ پئي ٿيو ۽ ذهن ۾ ڪو ارمان ڪو انسنو يا ڪو جذبو نه هو، نه ئي احمد بخش کي سيج تي ويٺل حاڪم زاديءَ ۾ ڪا عورت محسوس ٿي.

ٻئي ڏينهن صبح جو احمد بخش حيدرآباد هليو ويو ۽ حاڪم زادي جيڪا پهرين ٻه احمد بخش کي ياد ڪندي هئي، تنهن جي من جي ڪنهن ڪنڊ ۾، انهيءَ ياد سان گڏ ڪو ٿورڙو ذرڙو مڙس جو اوسيئڙو ٻه شامل ٿي ويو. سندس سيني جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۽ ذهن جي ڪنهن ڏورانهين ذرڙي جاءِ ۾ اهو احساس ضرور هو ته احمد بخش سندس حق آهي ۽ پاڻ جيڪا پهرين سندس وڏي پاڇائي هئي، جنهن کيس پالي وڏو ڪيو هو، سا هاڻ سندس نڪاح ٻڌي زال ٻه هئي.

اوڻويهه سو سٺ وارو ڏهاڪو سموري ملڪ لاءِ اهم هو. حڪومتي سرشتو ته ڇا بدليو، پر ڊڪٽيٽرشپ ماڻهن جا ذهن ۽ سوچون بدلائي ڇڏيون. سنڌ ۾ تاريخ جي راڪاس جو جبر هڪ ٻئي انداز ۾ ڪر ڪڻ لڳو. سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن، ملڪ ۾ هيٺيون وچولو يا لوئر مڊل ڪلاس طبقو، هڪ شعوري ڪوشش سان آباد ڪيو هو. ملڪ ۽ قوم جي تاريخن ۾ اهو طبقو هميشه انقلابي تبديلين جو ڪارڻ بڻبو آهي. پر ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي صاحبيءَ ۾ حيدرآباد شهر جو اڏڻ ۽ جدا جدا ڪمين ۽ ڪاسبين کي پاڙا ٺهرائي ڏيئي آباد ڪرڻ، اصل ۾ اوڻويهه صديءَ جي شروعاتي اڌ ۾، سنڌ ۾ ايندڙ طبقاتي جنگ جي تياريءَ جا اهڃاڻ هئا. پر صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ انگريز بادشاهيءَ سان گڏ سنڌ جي شهرن ۾ لوئر مڊل ۽ مڊل ڪلاس وارن طبقي منجهه هندو جو سرڪاري سرپرستي منجهه واضح طور، واپار ۽ اقتصاديات ۾ اُڀري

اچڻ ۽ ڀھراڙيءَ جي مسلمان ڇٽن سان گڏ شھر حيدرآباد جي هيٺين طبقن جي مسلمانن کي هيسائي رکڻ جي مسلسل ڪوششن، انهيءَ طبقي کي اُسرڻ جو موقعو ئي نہ ڏنو. سنڌ ۾ شھري لوئر مڊل ۽ مڊل ڪلاس طبقو عام طور تي هندن جو ئي رهيو ۽ جڏهن ورهاڱي وقت هندو لڏي ويا تہ سنڌ جا شھر پڙپانگ ٿي ويا. وڻج واپار ۽ ننديا توڙي وڏا واپار جا وسيلا، شهرن ۾ گهٽين، سڙڪن ۽ بازارن ۾ ننڍڙڪا پيل هئا، جيڪي هندستان مان آيل مسلم پائرن، بنا ڪنهن تڪليف جي حاصل ڪيا ۽ ورهاڱي وقت سنڌ جي هڪ لوئر مڊل ڪلاس ۽ مڊل ڪلاس جي وجڻ کان پوءِ ٻيو ساڳيو اهڙو طبقو اچي آباد ٿيو. پهرين جيڪا هڪ نالي ماتر زبان ۽ ڪي قدر تهذيبي ڳانڍاپو هو، سو بہ ٽُٽي ويو ۽ پوءِ ٻاهران آيلن ۽ حڪومتي ذريعن طرفان هڪ نئين تهذيبي رشتي کي وجود ۾ آڻڻ جون شعوري ڪوششون، تقريرن ۽ اخباري بيانن معرفت ٿيڻ لڳيون.

ويهين صديءَ جي سٺ واري ڏهاڪي ۾، سنڌ جي شهرن ۾ ڪيترائي نوجوان، تعليمي ادارن منجهان اسرڻ لڳا. سندن مٿن کي تالا لڳل نہ هئا. پهريون ٻيرو نوجوانن کي هوائن ۾ بوءِ اچڻ لڳي تہ سندن پير ڌرتيءَ تان کڄن پيا ۽ حيدرآباد شهر اُڪري، ڄامشوري وٽ ڪوٽڙي بيراج جي پل مٿان لنگهي، جڏهن جوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سنڌ يونيورسٽي ڏانهن ويندا هئا تہ هو اهو ضرور محسوس ڪندا هئا تہ پل هيٺان گهٽو پاڻي وهي چڪو آهي. ملڪ ۾ چار سادا چار سال سخت مارشل لا کان پوءِ بنيادي جمهوريتن واري دستور جي حڪومت هئي. احمد بخش ۽ اوستي علي محمد جو وڏو پٽ محمد علي، ٻئي ايم اي پوليٽيڪل سائنس جي آخري سال ۾ هئا. احمد بخش، حاڪم زاديءَ سان نڪاح ٿيڻ کان پوءِ، تمام گهٽ ڳوٺ ويو هو ۽ ڪيس الائي چو ڳوٺ وڃڻ کان ڪهڙو جذبو روڪيندو هو. پٽس ڇوٽين پنجين مهيني ڪيس حيدرآباد هاسٽل ۾ ڏسي ويندو هو ۽ ڪجهہ پئسا ڏوڪڙ ڏيئي ويندو هو. هونئن بہ احمد بخش کي پئسي جي ايتري ضرورت نہ هوندي هئي. ڪجهہ شاگردن کي ٽيوشن ڏيئي بہ ڪيس مهيني ۾ ست اٺ سو ملي ويندا هئا. جيڪي هن لاءِ ڪوڙ هئا.

سنڌو جي ڪناري، ڄامشوري ۾ يونيورسٽيءَ منجهہ سنڌ جي سورن کي سمجهڻ لاءِ ساڃاهہ جا درس عام ٿيڻ لڳا ۽ جيڪي بہ نوجوان جڏهن ڄامشوري جي تيز هوائن ۽ تڏڪار واري ماحول مان نڪري، اتر پاسي پنهنجن شهرن ۽ ڳوٺن جو رخ ڪندا هئا تہ انهن ڳوٺن ۽ شهرن جي گرم موسمن جي گهٽ ۽ ٻوسٽ واري موسم منجهہ، تازين هوائن ۽ ڪنهن ٻي سرهاڻ کي ساڻ کڻي ويندا هئا. خون ۾ ڪستوري ڪڏهن بہ لڪي نہ سگهندا آهن. سنڌ جي دائمي تاريخي ڦتلام ۽ نئين سُرهاڻ، ذهنن ۾ گڏ سمائجڻ لڳا.

4 مارچ 1967ع جو ڏينهن، تاريخ جو وڏو ڏينهن هو. اُن ڏينهن سنڌ يونيورسٽي جا سوين ڇوڪرا بسون پريو، ڄامشوري کان حيدرآباد اچي رهيا هئا تہ رستي تي ڪين ڊڪٽيٽرشپ جي ڪامورن روڪيو ۽ ڪين حيدرآباد اچڻ کان روڪڻ لاءِ لاٺي چارج ڪيو ويو. نوجوان شهر ۾ پنهنجن مطالبن کي مڃائڻ لاءِ احتجاج ۽ مظاهرو ڪرڻ اچي رهيا هئا تہ پوليس جي هڪ وڏي آٽالي ڪين روڪيو ۽ 207 شاگرد گرفتار ٿي سينٽرل جيل حيدرآباد پهتا. محمد علي بہ گرفتار شاگردن سان گڏ هو ۽ اوستي علي محمد جي هانوَ کي لوڏو آيو تہ اهڙو پڙهيل ڳڙهيل، سُلجهيل پٽ پڌجي جيل وڃي. ڪيس ائين لڳو تہ جنهن شرافت ۽ چڱائيءَ واري فرش تي سندس قدم، سموري سرڪاري نوڪري دوران مضبوط ٿيندا رهيا، سو ڪي قدر ڪمزور ٿي ويو آهي. سندس محمد عليءَ جي مستقبل ۾ وڏيون اميدون ۽ آسون هيون. اوستو علي محمد، اها خبر ٻڌڻ شرط ٽاٽي ۽ پوءِ ضلعي حاڪمن وٽ پهتو تہ هُو پنهنجي پٽ پاران معافي لکي ڏيئي ٿو ۽ ضامن بہ پوي ٿو تہ سندس پڙهيل ڳڙهيل پٽ آئينده هڪ باعزت ۽ قانون پسند شهري جي حيثيت ۾ ڪڏهن بہ وقت جي حڪومت جي خلاف ڪنهن ڳالهہ ۾ حصو نہ وٺندو. حاڪمن ڪيس ٻڌايو تہ اجا اسان ڇورن کي ٻڌڻ شروع ڪيو آهي، معافيءَ جو مرحلو پوءِ ايندو. محمد عليءَ ڪيس نياپو موڪليو تہ اوهان پنهنجي عزت کي سنڀاليو. منهنجو فڪر نہ ڪريو. مون ڪو غلط ڪم نہ ڪيو آهي. فقط ان ڪم جي شروعات ڪئي اٿم، جيڪا منهنجي ڏاڏي کي اڄ کان پنجاهہ سال پهرين ڪرڻ کپي ها ۽ جي ڏاڏي سائينءَ نہ ڪئي تہ بابي سائينءَ کي ويهہ پنجويهہ سال پهرين ڪرڻ کپي ها. سو اسان جو هيءُ نسل، پنهنجن ٻن گذريل نسلن جو بہ فرض پورو ڪندو.

احمد بخش کي انهيءَ چڪتاڻ ۾ پوليس جا ٻہ ٽي ڏنڊا، مٿي ۽ پٺن تي سنڌائتا لڳا هئا ۽ ڄامشوري روڊ تي بيٺل پاڻيءَ ۾ پٽ ڪري پيو هو، سو سندس سڄا ڪپڙا بہ گپ ۾ پرجي ويا، پر همت ڪري هُو پوليس وارن جي چنبي کان ڀڄي ويو ۽ پرپاسي هڪ ڳوٺ ۾ وڃي لڪيو. جت مٿي مان وهندڙ رت صاف ڪري پٽي ٻڌرايائين ۽ ڪپڙا بہ ڌوئرائي سڪائي ۽ شام ڌاري ڄامشوري ڦاٽڪ تائين پهتو تہ خبر پيس تہ يونيورسٽي پوليس جي قبضي ۾ آهي ۽ پوءِ بنا ڪجهہ سوچڻ جي، ڪوٽڙيءَ مان ايندڙ پئسنجر ٽرين ۾ چڙهي پيو ۽ سڄي رات ٽرڊ ڪلاس جي هڪ ڊبي جي ڪنڊ ۾ ويڙهيو سيڙهيو پيو هو. مٿي ۽ لڱن ۾ ڏاڍو سور هئس. صبح جو اسر ڌاري راڌڻ جي اسٽيشن تي لٿو ۽ ميهڙ ڏانهن ويندڙ بس ڪيس هڪي تڪي ملي ويئي. جڏهن ٽن چئن ڪلاڪن کان پوءِ ڳوٺ پهتو تہ سندس لڱ تپ منجهہ ٻريا پئي ۽ اها حالت ڏسي نہ رڳو مائٽ مٽ پر سڄو ڳوٺ اچي لڙيو.

احمد بخش جو پوڙهو پيءُ، جوان جماڻ پٽ جي اها حالت ڏسي، اچرج ۾ پئجي ويو تہ هيئن پڙهيل ڳڙهيل پٽ بہ ڪڏهن اهڙي ابتر حالت ۾ ٿي سگهن ٿا. هيڏا اُٺ ڪتابن جا پڙهي بہ ڇوڪر مٿو ڦاڙائي ۽ سرڪار مائي باپ جا ڏنڊا کائي، گهر موٽي، سا ڳالهہ شرم جهڙي هئي ۽ ڪيس پنهنجن سنگتين کي سربستي ڳالهہ ٻڌائڻ ۾ بہ ڦڪائي محسوس پئي ٿي. محمد بخش جو جهونو دماغ اهو سوچڻ سمجهڻ لاءِ تيار ئي نہ هو تہ ڪو پڙهيل ماڻهو، علم جو اڪابر ههڙي حال ۾ ٿي سگهي ٿو. اهي ڪم تہ لوفر لفنگن، شودن ۽ ڳنڊيڇوڙن جا آهن، جن جي پويان پوليس رات ڏينهن ڏنڊا کنيو پئي هلي، محمد بخش سوچڻ لڳو تہ ضرور ڪا پُل ٿي آهي. پوليس ائينءَ هرويرو ڇو مٿس ڪاهي ايندي. سوچڻ لڳو مٿان ڪنهن ڇوڪري ٻوڪريءَ جو معاملو هجي. احمد بخش اهڙو آهي تہ ڪو نہ. پر نيٺ جواني ديواني آهي. ڪٿي ڪو ڪچو ڪم ڪري ويٺو هجي. ڏٿيءَ ڪٿي پناهہ ۾ رکيو اٿس. جان بچائي ڀڳو آهي. نہ تہ انهن ڪمن ۾ تہ سِرن جون بازيون هونديون آهن. مال ملڪيت جي احمد بخش کي نہ ڪي پرواهہ نہ ڪو خيال. جوٽس جي هيڏي ملڪيت آهي، پر ڪيس نہ ڪا لالچ ۽ نہ ڪو ايڏانهن اونو اٿس. سو زر زمين تہ ناهن، باقي ڇوڪرو زن ڪري، مار کائي ويو آهي. وڏا ڇئي ويا آهن تہ مرد لاءِ زر زن زمين سدائين ڦڏي جا ڪارڻ رهيا آهن. چريو آهي شهري هوا لڳي اٿس. پنهنجي ملوڪڙي حاڪم زادي ويٺي اٿس. اجايو شهري ڇورين پٺيان اچي پيو آهي. اڄ ڦٽجي ويو آهي، سڀاڻي، رب خير ڪري، لاش بہ گهر پهچيس يا نہ!

جيسين شام تائين احمد بخش هوش ۾ آيو، بخار ڪجهہ ڍرو ٿيو ۽ گرم کير جو وٽو پيتائين ۽ ويهي ڪجهہ ڳالهائڻ جهڙو ٿيو، تيسين پوڙهو پيءُ، پنهنجا انومان ساري، احمد بخش جي هن حالت بابت پنهنجي سنگت سات ۽ مٽ مائٽ کي اهوئي ٻڌائيندو رهيو تہ بابا ضرور ڇوڪرا پاڻ کهيا هوندا. اڄڪلهہ ڇورا توڙي ڇوريون گڏ پڙهن، اٿن ويهن ۽ گهمن، سو سائين پوءِ اهڙا هاڃا بہ ضرور ٿيندا. اسان جي دور واري ماستري ڪانهي، اُهي اسڪول ناهن جن ۾ نياڻي سياڻيءَ کي اجازت ئي نہ هئي ڪو اتان لنگهي، ماستر محمد بخش نيٺ نالي واري مصرع طور هيئن چيو: خير يار مڙس جو پٽ آهي. خير پٽس بہ اهڙا ڪم نہ ڪيا، پر ڏاڏس ۽ چاچس وڏي جا تہ ريڪارڊ اڃا بہ ڪٿي ڪٿي پيا وڄندا آهن.

سومهاڻيءَ واري نماز کان پوءِ، گهر سڄو پرجي ويو ۽ ماستر محمد بخش جي سنگت سات، مٽ مائٽ ۽ اوڙي پاڙي جا مرد توڙي زالون اچي گڏ ٿيون. انهيءَ وقت احمد بخش کي بخار نہ هو، پر لڱن ۽ مٿي ۾ هلڪو هلڪو سُور هوس. سندس کٽ جي چوطرف، اڱڻ ۾ سڀ ميڙ ڪريو ويٺا بہ هئا تہ ڪي بيٺا بہ هئا ۽ حاڪم زاديءَ پريان ڪنڊ ۾، چُلهہ ۾ ڇيٽا پوريو پئي وڏا ۽ چُلهہ تي هڪ وڏي چانهہ جي ڪيٽلي چڙهيل هئي. هوءَ سڄي پريل گهر ۾، پاڻ کي الڳ ٿلڳ ڪري ڪم ۾ رڌل هئي پر سندس ڪَنَ احمد بخش جي ڳالهين ڏانهن هئا ۽ ڪنهن ڪنهن مهل ليئو پائي احمد بخش کي ڏٺائين بہ پئي. سندس شاديءَ کي ڪجهہ عرصو ٿي ويو هو ۽ احمد بخش گهر ايندو بہ هو، پر ڪيس اڄ احمد بخش ۾ مٽيائي ڪجهہ اور نظر آئي پئي. احمد بخش جو آواز سندس ڪنن ۾ ائين لهڻ لڳو، ڄڻ ورهين ڪانپوءِ احساس ۽ سمجهہ جي ويران جهنگ ۾ ڪا ڇٽنگ ٻري پنيٺ بنجي رهي آهي. حاڪم زاديءَ کي ڇيٽن جو دونهون نہ وٽندو هو، پر اڄ ڪيس اهو دونهون ۽ اکين جو پوسرڻ بہ وسري ويو ۽ هوءَ شعوري طور تي هڪ ٻي شخصيت جي سحر ۾ وڪوڙيل هئي. احمد بخش جو آواز

نه رڳو ڳرو پر کُهرو پڻ هو، پر اڄ حاڪم زاديءَ ڪي پريان، اهو آواز ائين پئي لڳو، ڄڻ ڪنن ۾ ڪا گرم گرم وڳهريل پاڻيات لهندي پئي وڃي ۽ ڪنهن ڪنهن مهل ڪيس چڱي ريت لڳ ڪانداراڻ محسوس پئي ٿيا. سندس اکيون، پانهون ۽ هٿ چانهه ٺاهڻ ۾ رڌل هئا، پر ذهن سچو انهيءَ ڪٿ ڏانهن هو جت احمد بخش، پنن ۽ ڪنڊ هيٺ وهاڻا ڏيو، ٽنگون ڊگهيريو ويٺو هو.

”پٽ ڪو جهيڙو؟ ڪا دشمني؟“ ماستر محمد بخش نيٺ پڇيو.

”بابا سائين،“ احمد بخش چوڻ لڳو، ”جهيڙو به هو ۽ دشمني به هئي . . . . . “

”پر بابا ڪنهن سان؟“ ماستر وڏيڪ پڇيو، ”مون کي ته ڪڏهن ڪا خبر ئي نه ڏنئي. پٽ پاڻ غريب ماڻهو آهيون. اهي جهيڙا دشمنيون پنهنجو وڙ ناهي ۽ نڪي پاڻ کي سونهن. پنهنجي پُٽ ۽ مُٺ تون سمجهين ٿو. پائو زوان مڙس ماڻهو هو. سو به ڪڏهڪو ــ الله کي وڃي پرتو. پر پٽ جهيڙو به نيٺ ڪنهن سان ٿيو.“

”بابا سائين جهيڙو ڇا جو . . . . “ احمد بخش مرڪڻ لڳو، ”بس پوليس سان ٽڪراءُ ٿي پيو!“

”پوليس سان!“ ماستر ڪان رڙ نڪري ويئي ۽ پيو چوطرف بيٺل ڊنب ماڻهن جو به حيرت ۾ پئجي ويو، ”پر پٽ ڪو چوريءَ جو ڪيس هو يا ڪو چوڪراٺو ممڻ . . . .“

”نه بابا سائين چوري ڇاجي،“ احمد بخش چوڻ لڳو، ”اسان ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ هئاسين.“

ون يونٽ خلاف تحريڪ جي ڳالهه ڪنهن کي به سمجهه ۾ نه آئي. ماستر کي عبرت اخبار پڙهڻ ڪري مڙئي ڪجهه خبر هئي ۽ هڪ پيو ڳوٺ جو جهونو استاد سائين محرم خان مسڪين هو، جنهن پڻ ون يونٽ بابت اخبارن توڙي ٽرانزسٽر ريديو تي ٻڌو هو. پر ڪيس به ڳالهه پوري طرح سمجهه ۾ نه آئي ته ڪهڙي خراب ڳالهه سنڌ سان ٿي ويئي آهي. سائين محرم خان مسڪين کي راڳ جي مڙيئي ڪجهه سڌ ٻڌ هئي ۽ مرفي ٽرانزسٽر کي، رات جو سومهاڻيءَ کان پوءِ ليٽي، اٽيي چاتيءَ تي رکي، پيو سوئي ڦيرائيندو هو ۽ ڪٽي نه ڪٽي، ڪنهن آڪاش واڻي يا آل انديا ريديو يا آزاد ڪشمير يا ملڪي ڪنهن اسٽيشن تي، هٽي ڏٽي، مالڪونس، ميان ڪي توڙي، درٻاري، تلنگ يا ڪنهن ٻئي راڳ يا راڳڻيءَ کي ڄڻ کوٽي ڪڍندو هو ـــ ۽ جي وچ ۾ ميڊيم ويو تي ريڊيو پاڪستان يا آل انديا جي اسٽيشن تي خبرن جو وقت ٿي ويو ۽ هر ڦيري سان سوئي وڃي خبرن تي رڪجي ته پوءِ استاد محرم خان مسڪين جي ڪاوڙ ڏسڻ وٽان هوندي هئي. چوندو هو: ”پيٽسان! جت ڏس اُت خبرون. اصل مُٺ پي ويون آهن. ماڻهو جيترا بي خبرا اوترا آرام سان سمهندا.“ پوءِ ٽرانزسٽر ريڊيو ڏانهن اشارو ڪندي چوندو هو: ”ابا اڄ جي سائنسي دنيا ۾ ڇيهه ٿي ويا آهن، پلان پليءَ جا. اسان جهڙا مسڪين بي پهچ، ڪنهن ڇٽي ڇهه ماهيءَ، ڪنهن عرس يا ميلي جي موقعي تي هئا، ماڻهن ۾ ڪنهن استاد گوئبي يا اڌ استاد راڳيءَ کي اڌ منو ڪلاڪ ٻڌندا هئاسون، پر رب جا شڪرانا مڃيندا هئاسين واهه ير واهه جو راڳ ٻڌوسون. پر هاڻ ته سائين هن ڊٻي جي ڪرامت ڏسو ته مون کي ائين ٿو لڳي، ڄڻ جوڌپور، جيسلمير جو راجا يا خيرپور جو والي ٿي پيو آهيان، جو روز سڄ لهڻ سان ئي، ڪٿ تي رلي وڃائي ليٽي، اهڙن اهڙن راڳيندڙن جو ڪلام ٻڌو اٿم، جو اسان جهڙا خواب ۾ به اهڙو عيش نه ٿا ڪري سگهن.“

اهوئي استاد محرم خان مسڪين هو، جنهن احمد بخش کي چيو: ”ابا اوهان جوانڙا اڇي ڇتا ٿيا آهيو ته ون يونٽ ٿهي ويو آهي، ۽ سنڌ ختم ٿي ويئي. بابا سنڌ ڪٽي ختم ٿي آهي؟ مون کي ته ختم ٿيڻ جي ڪا ڳالهه لڳي ئي ٽتي. اهي وڏن ماڻهن جون ڳالهيون آهن، انهن کي ئي سونهن. اسان تو پارا غريب پنهنجي پيٽ قوت لاءِ پورهئي کان ئي آجا نه آهيون.“

احمد بخش مرڪڻ لڳو.

”پٽ صحيح ٿو چوان،“ استاد مسڪين وراڻيو، ”منهنجي چوڪراڻي وهيءَ ۾ چوندا هئا ته سنڌ بمبئي سان ڳنڍيل آهي ۽ پوءِ وري اهي اعلان ٿيا ته سنڌ بمبئيءَ کان ڌار ٿي ويئي، سچ پڇين يار اسان کي نه ڳنڍجڻ جي ڪا سُڌ هئي ۽ نه ڪا ڌار ٿيڻ جو جهٽڪو محسوس ڪيوسين. پهرين به ساڳيا وڏيرا ۽ پائيبند ميمبر چوندبا هئا ۽ پوءِ به ساڳيا وڏيرا ساڳيا پائيبند هوندا هئا. اسان کي نڪي فائدو رسيو ۽ نه ڪي ڪو نقصان. سچي جوانيءَ جا ڏينهنڙا ڏاڍي آرام ۽ آنند سان گذاري آياسين. مون به چاليهه سال ٻارن کي پڙهايو، پر اسان کين اهو ئي

سبق ڏنو ته نه ڪنهن جي ڪتي کي هٿ لاهجي نه پنهنجو پَٽ پُٽائجي. رُکي سُکي ڪائي عزت سان حياتيءَ جا چار ڏينهڙا گذارجن.“

احمد بخش ڪان ڪل اچي چُٽي. استاد محرم خان مسڪين ۽ پٽس ماستر محمد بخش کي سندس اها ڪل نه وڻي.

”بابا سائين، استاد سائين،“ احمد بخش چوڻ شروع ڪيو، ”جنهن قوم جا، اوهان جهڙا سياڻا، سدورا ۽ سبيتا استاد هجن، تنهن قوم جا جوان ۽ نوجوان گوشت ۽ هڏن وارو بُت هوندا آهن. سندن کوپڙيءَ ۾ مغز بدران برف جو ٽڪرو رکيل هوندو آهي، جن کي پنهنجن استادن يا وڏن طرفان ڪو به رُخ ڏسيل نه هوندو آهي ڪين پنهنجي متعلق، پنهنجي ملڪ يا حالتن بابت ڪا ڄاڻ نه هوندي آهي ۽ ڄاڻ جهڙي ڏاڻ کان آجا، اهي جوانڙا، روزگار ڪمائڻ بدران به ٽي عشق ڪمائيندا آهن ۽ پوءِ جيڪا به اکوٽ ملي، تنهن ڇوڪريءَ کي زال بڻائي، لانيد ٻارن جي ڪيڻ ۾ رات ڏينهن جنبي ويندا آهن . . . . ۽ پوءِ جڏهن جوانيءَ جو جن لهي ويندو آهي ته پوءِ ٻارين ٻچين پورهيو وجي ڪندا آهن ته جيئن پيٽ پالي ۽ انگ ڍڪي سگهن . . .!“

”پٽ،“ استاد مسڪين وچ ۾ چيو، ”مون به هزارين شاگرد پڙهايا، پر سڀ اهڙا حالي هئا، جو اڃي ڏاڙهيءَ سان اچي ٽيا آهن، پر اڄ به ادب سان ملندا آهن. استاد ويٺو هوندو ته وڏي واڪي نه ڳالهائيندا. ڪا هلڪي سلڪي ڳالهه نه ڪندا.“

استاد ٿوري دير رڪيو ۽ وري ڳالهائڻ لڳو: ”پر پر، اسانجا زمانا اور هئا، شرم حيا، نندي وڏي جو مان مرتبو سڃاڻڻ ۽ اوتري عزت ڏيڻ. سيني لهڻي ۽ سيني جو اهو وڙ هو. ڳوٺ ۾ رئيس جو ئي ايترو رعب داب هو جو ڳرو گنجو، چور اُچڪو يا شودو لفنگو مجال آهي جو ڪا ڳڙ ٻڙ ڪري وڃي. اصل جهڻ ٻچو پيئاري ڇڏيس. جي ڪڏهن ڪو پوليس جمعدار يا وڏو جمعدار ڳوٺ ڪهي آيو ته ڳوٺ ۾ ڇڻ راڪاس ڦري ويو. بابا پوليس نه ڪا دوست چڱي نه ڪو دشمن. اوهان ڇوڪرن جو ڇامشوري جي هوائن ۾ رهي رهي، گدو ۽ ڪوٽڙي جا پلا ڪائي ڪائي، مٿو ئي ڦري ويو آهي. اجايو ٿا پوليس يا ڪمشنر سان ٽڪرون ڪايو. پٽ جبل سان مٿو هڻبو ته مٿو ئي ڦاٽندو ۽ جبل کي ڪجهه نه ٿيندو.“

اتي ماستر محمد بخش ڪڇيو، ”استاد سائين مان به کيس اهو ئي سمجهائيندو رهندو آهيان ته بابا هاڻي گهڻو ئي پڙهي ورتو اٿئي. هاڻ خير سان اچي پنهنجيون زمينون سنڀاليو. الله ڪوڙ ڏنو آهي، نه رڳو اسان لاءِ پر ايندڙ نسل لاءِ به! ڪنهن شيءِ جي ڪوٽ ناهي هٿ سڀ ڪجهه آهي. پئسو ڏوڪڙ آبادي، هاري ڪمدار، مائٽ مٽ، دوست يار، پيءُ زال . . . . پيو باقي ڇا کپي انسان کي؟ امن امان ۽ سک سانت، هٿ اسان وٽ جام آهي ۽ اڻ ميو آهي ۽ ائين ئي آهي جيئن کير مکڻ جي ڪا کوٽ ناهي. اصل ۽ نج.“

ٿورڙي دير چپ رهي ۽ احمد بخش کي پيهر لڳن ۾ پيڙهه محسوس ٿيڻ لڳي ۽ مغز به ڪجهه ڳرو ٿيڻ لڳس. اهي آثار وري بخار ٿيڻ جا هئا، سو ڪچهري برخاست ڪرڻ کان اڳ، استاد مسڪين کي اهو چيائين ته ”استاد سائين بس هِت اِها ’سانت‘ ئي ته وٺي ۽ انهيءَ سانت سان مونجهه ٿئي ٿي.“

سڀ ڇٽا موڪلائي ويا هليا ۽ پوءِ حاڪم زاديءَ کيس زوريءَ کير پياريو. حاڪم زاديءَ جو انداز ڪجهه حاڪماڻو پئي لڳو ۽ سندس مرضي هئي ته ڪجهه ڪائي وٺي، پر احمد بخش صاف ناڪار ڪئي ۽ پوءِ حاڪم زادي، کيس ٻانهن کان جهلي پنهنجي ڪمري منجهه وٺي ويئي. انهيءَ وچ ۾ احمد بخش جو بخار تيز ٿيڻ لڳو.

”پٽ، احمد بخش کي دوا پيار، مٿي کي ٿورا زور ڏينس ته سمهي آرام ڪري. ڏٺي ڪندو سياڻي تائين ٺيڪ ٿي ويندو.“ ماستر محمد بخش حاڪم زاديءَ کي سمجهايو ۽ کيس اهو ڏاڍو چڱو لڳو ته هن پيري احمد بخش حاڪم زاديءَ سان چڱو ورتاءُ پيو ڪري.

اندر ڪمري ۾ دريءَ پرسان پيل نئين جنديءَ جي کٽ تي وڇايل ريشمي هنڌ تي، احمد بخش ليٽي پيو. بخاري ڪري ٻٽ سور ڪري رهيو هوس. حاڪم زادي، لالٽين جي لاٽ گهٽ ڪري دريءَ جا مٿيان ٻئي طاق کولي ڇڏيا. مارچ جو مهينو هو. دادو ضلعي ۾ اڃا گرم موسم ٿيڻ ۾ دير هئي ۽ رات خاص ڪري ٺرندي هئي ۽ چوطرف جي خاموشيءَ منجهه ڪڏهن ڪنهن ڪتي جي ڀونڪ يا ٻه ٽي ميل پرتي راڏڻ

وٿان لنگهندڙ ريل گاڏيءَ جو آواز پڻ ٻڌڻ ۾ ايندو هو . . . . . نہ تہ اهڙي سانت ڇانئجي ويندي هئي، جو ماڻهوءَ کي پنهنجو ساهہ کڻڻ بہ ڇتيءَ ريت محسوس ٿيندو هو، پر ٻڌڻ ۾ بہ ايندو هو.

حاڪم زادي، احمد بخش جي سيراندي اچي ويٺي ۽ آهستي سان پنهنجو هڪڙو هٿ احمد بخش جي پيشانيءَ تي رکيو. بخار ۾ ٻرندڙ پيشاني جي گرمائش ڪيس، پنهنجين آڱرين ۽ ٻانهن ذريعي سموري لڱن ۾ ڦهلجندي محسوس ٿيڻ لڳي. هوءَ آهستي آهستي ڪيس مٿي تي زور ڏيڻ لڳي. احمد بخش لاءِ حاڪم زاديءَ جا اهي هٿ ۽ زور ڪا نئين ڳالهہ نہ هئي. ننڍي هوندي کان وٺي جوان ٿيڻ تائين بہ حاڪم زاديءَ جي هٿن جي زورن ۽ محبت کي محسوس ڪيو هو. پر نڪاح کان پوءِ هو ائين ڪڏهن بہ حاڪم زاديءَ جي ويجهو نہ آيو هو. جيترو هن پيري ۽ ڪيس ائين محسوس پئي ٿيو، ڇڻ هن کان ڪجهہ بي انصافي ۽ بي واجبي ٿي آهي. احمد بخش اکيون کوليون ۽ حاڪم زاديءَ کي ڏٺو. هن بہ ڪيس ڏٺو. لالٽين جي جهيڻي روشنيءَ ۾ بہ ڇڻ هڪ اُهاءُ هو. هُن پنهنجو هڪ هٿ حاڪم زاديءَ جي هٿ تي رکيو، جيڪو سندس پگهر هاڻي پيشانيءَ تي رکيل هو.

”مان زور ڏيان ٿي، تون سمهي رهہ. تپ پيو چڙهي.“

”مون کي چو ٿي سمهارين،“ احمد بخش چيو، ”مون کي ڳالهائڻ ڏي.“

”پلي ڳالهائي، پر تنهنجي طبيعت خراب آهي.“

احمد بخش، ڪمري ۾ ڦهليل جهيڻي روشنيءَ ۾ حاڪم زاديءَ کي ڏسڻ لڳو. هوءَ چاليهن کن جي هڪ صحتمند عورت هئي. سندس بت تي اجا ٿولهہ ڪا نہ چڙهي هئي، پر تڏهن بہ بدن جي ڀريل هئي. رنگ صفا چليل باداميءَ جهڙو تہ نہ هيس، پر چگو صاف هئس ۽ منهن ۾ رت ٻهڪيو پئي، جنهن ڪري سندس ويڪري روشن چهري تي چڪي ڪيل ٻن چوٽين جي ڪري سندس ڪشادي پيشانيءَ تي اجا عمر ۽ زماني جي گردش جون ليڪون يا اهڃاڻ نظر نہ پئي آيا. اکيون وڏيون ۽ آسائتيون هيس، جن ۾ جيءَ ۾ لهڻ جا گس چٽا نظر پئي آيا. حاڪم زاديءَ جو چهرو هڪ ڪتاب مثل هو، جنهن ۾ اڳواٽ ڪجهہ لکيل نہ هو ۽ اهڙين عورتن جا سر جا سائين انهيءَ ڪتاب جا ورق کولي، محبت جي سموري ميراث لکي ڇڏيندا آهن ۽ هُو سموري زندگي انهيءَ لکيل سبق سهاري گذاري ڇڏينديون آهن.

”توکي مونسان شڪايت آهي؟“ احمد بخش پڇيو. سندس هٿ اجا حاڪم زاديءَ جي هٿ مٿان هو.

”پتار ۽ سر جي سائينءَ سان ڪهڙيون شڪايتون!“ حاڪم زادي چوڻ لڳي. سندس ڳالهائڻ ۾ سنجيدگي ۽ نهٺائي هئي. هوءَ چوڪري نہ پر هڪ عورت وانگر ڳالهائي رهي هئي. ”مان عورت ذات آهيان. منهنجي نصيب جي ڦرحيءَ تي پهرين پيءَ ۽ چاچي تقدير لکي ۽ پوءِ تنهنجي حوالي ٿي آهيان. منهنجو انهيءَ ۾ ڪهڙو ڏوهہ؟ سائين اسين زالون، مردن جون ائين ملڪيت آهيون، ڇڻ ڪو ڍور هجي، اهو پوءِ ٻنين تي هر لاءِ هجي يا گهر ۾ ٻيٺل کير واري ڳئون يا مينهن وانگر هجي يا زمين جو ٽڪر هجي. پر آهيون مردن جي تابع . . . . “

”مون کي خبر آهي تون ڏاڍي سياڻي آهين.“ احمد بخش مرڪندي چيو.

”سياڻي يا اياڻي مڙئي حياتيءَ جا ڏينهنڙا گذارڻا آهن. مون کي تو سان ڪا شڪايت ناهي. تون پڙهيل ڳڙهيل شهري جوان. مان اڻ پڙهيل ڄٽ، ڳوٺاڻي عورت. تنهنجو منهنجو ڪو ميل ئي ناهي. مائٽن زبردستي اهو ڳٽ تنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو آهي. مون تنهنجي سڄي عمر سار سنڀال لڌي آهي، هاڻ اهو ڳٽ تنهنجي ڳچيءَ مان لهڻو ئي ڪونهي. حياتي ساري ائين ئي گذري ويندي. مون گهڻو اڳ سوچيو هو تہ جي تون مونسان ائين ويهي ڳالهائين، جيئن اڄ ويٺا آهيون تہ مان پاڻ تو کي صلاح ڏيندس تہ پنهنجي زندگي برباد نہ ڪر ۽ جي وڻئي تہ ٻي شادي پنهنجي پسند سان پڙهيل ڳڙهيل سهڻي شهري چوڪري سان پِل ڪر. مون کي ڪو اعتراض ناهي.“

احمد بخش اچرج ۾ پئجي ويو ۽ ترت ڪيس محسوس ٿيو تہ سندس هٿ حاڪم زاديءَ جي هٿ ۾ آهي ۽ جنهن کي هوءَ مضبوطي سان پڪڙيو ويٺي هئي.

حاڪم زادي اوچنگار روڪي نہ سگهي ۽ ڳوڙها سندس ڳلن تان لهي احمد بخش جي ڳچي ۽ قميص تي اچي ڪريا. احمد بخش ڪيس ڇڪي پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو ۽ هن احمد بخش جي گرم سيني سان لڳي نيڻن ۽ دل منجهہ سانديل ۽ برف ٿيل جذبن کي ڳاري، ٻاهر ڪڍيو. سندس لڙڪ ۽ احمد بخش جو پگهر گڏجي ويا. احمد بخش پاڻ کي ڏوهاري محسوس ڪرڻ لڳو. هُو اجا تائين اها ڳالهہ سمجهڻ ۾ ناڪام ويو هو تہ

حاڪم زادي سندس زال بنجي چڪي آهي. حقيقت اها آهي جيڪا سامهون آهي ۽ سندس نفسياتي ڪيفيت يا ذهني وڳوڙ جي ڪا بہ حيثيت ناهي.

حاڪم زاديءَ روئڻ بس ڪيو. احمد بخش جو بخار وڌڻ لڳو هو ۽ زال جي زورن ڪري ڪيس ننڊ پئي آئي ۽ حاڪم زادي ڏسڻ لڳي تہ هو سمهي رهيو هو. ڪجهہ دير زور ڏئي جڏهن هن محسوس ڪو تہ هاڻ ننڊ ۾ آهي تہ احمد بخش جو هٿ ڪٽي چمڻ لڳي ۽ پوءِ آهستي آهستي سندس منهن تي آڱريون ڦيرڻ لڳي. ڪجهہ دير ڪان پوءِ هن احمد بخش جي ويڪري سيني تي بہ هٿ ڦيريو ۽ پوءِ جهڪي سندس چپ چميا ۽ ڪيس ڪجهہ ساعتون گهوري ڏسڻ لڳي. پوءِ ڪٽ تان اٿي، احمد بخش مٿان رلي سؤلي ڪري وڌائين. پاڻ وچي پرسان پيل منجيءَ تي ليٽي پئي. سڄي رات جاڳندي گذاريائين ۽ سندس ڏيان سڄو احمد بخش ڏانهن هو، مٿان ننڊ مان اٿي ۽ ڪا ضرورت محسوس ٿئي. انهيءَ اوجاڳي مان پڻ ڪيس آسودگي ملي پئي.

صبح جو سوير اجا سج جا ڪرڻا بہ ڌرتيءَ تي سنوان نہ ٿيا هئا ۽ ڳوٺ جي ڪڪڙن بہ ٻانگون ڏنيون تہ اوڏي مهل حاڪم زاديءَ جي ٿورڙي اک لڳي هئي.

# 7

ٻئي ڏينهن احمد بخش جو بخار لهي ويو. لڳن مان سور به گهٽو جهڪو هوس ۽ منجهد جو ماني کائي، هو ميهڙ ويو ۽ اُت ڪيترن دوستن ۽ اسڪول ۽ ڪاليج جي شاگردن سان ڪچهرين ڪيائين ۽ سيني جو پروگرام اهو ٿيو ته ٻئي ڏينهن شهر جا اسڪول بند ڪرائي، شهر ۾ جلوس ڪڍبو ۽ حيدرآباد ۾ گرفتار 207 شاگردن جي آزاديءَ لاءِ مظاهرو ڪبو. احمد بخش شام تائين انهيءَ ڪم ۾ رڌل هو. ڪيس ڏاڍو عجب لڳو ته حيدرآباد ۾ هيڏو ڪهرام مچي ويو ۽ هت نوجوانن کي پوري ريت ڄاڻ به ڪانهي. آخر سيني اسڪولن جي نمائندن اهو طئہ ڪيو ته صبح جو ڏهين بجي سڀ کان پهرين سرڪاري هاءِ اسڪول بند ڪرائي، پوءِ اتان جلوس جي شڪل ۾ شهر جي ٻين اسڪولن کي بند ڪرائبو ۽ پوءِ شهر جو هڪ چڪر هڻي، وچ بازار ۾ ڪلاڪ ٽاور وٽ تقريرون ڪري جلوس ختم ڪبو.

اهي سڀ انتظام ڪري، احمد بخش رات جو نوين ڏاري ڳوٺ پهتو ته حاڪمزادي هُن لاءِ ڪڪڙ جو پلاءُ، بيهن جي ڀاڄي ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه تاهيو ويٺي هئي. احمد بخش ڪيس ٻڌايو ته هو پنهنجن يارن دوستن وٽ دال پٽ کائي آيو آهي ۽ ڪيس ماني جي ضرورت ناهي. گهر جا سڀ ڀاتي انتظار ۾ هئا ته هُو اچي ۽ گڏجي ماني کائن. پر احمد بخش ٿڪل هو ۽ سڌو وڃي پنهنجي ڪمري ۾ کٽ تي ليٽيو. ٿورڙي ويرم کان پوءِ، حاڪم زادي کير جو گلاس، گرم ۽ مٺو کڻي آئي.

”ماني ته اسان سان ڪو نه کاڌئي. پر هي کير پِي.“

احمد بخش اکيون کوليون. حاڪم زاديءَ جو جيئرو ۽ وٽندڙ وجود ڪيس پنهنجي بلڪل ڀرسان محسوس ٿيو.

”مون کي کير پيئڻ جي عادت ئي ناهي . . . . “ احمد بخش چيو.

”کير چڱيءَ شيءَ آهي. ضرور پيئڻ کپي.“ حاڪم زاديءَ چيو، ”شهري کير ناهي جنهن ۾ ملاوٽ هجي. نج کير آهي. مون پنهنجن هٿن سان ڏڌو آهي. اڇي وٽ.“

احمد بخش جي جواب ڏيڻ کان اڳ، حاڪم زاديءَ ڪيس هڪ هٿ سان چڪي اٿاري ويهاريو ۽ گلاس هٿ ۾ ڏنائين. احمد بخش سمجهي نہ ٻئي سگهيو ته هُو ڪيئن حاڪم زاديءَ جي حڪم کان ٻاهر وڃي نہ ٻيو سگهي. شاديءَ کي ٽي چار سال گذريا هئا، انهي وچ ۾ هو گهٽا ئي دفعا گهر آيو هو، پر هنن ۾ ڪڏهن به ايتري ويجهڙائپ نہ ٿي هئي. منجهن هڪ حجاب هو ۽ لڳندو هو ته ڪا ديوار آڏو آهي. پر هن ڀيري حاڪم زاديءَ جي سخت ڳوٺاڻين زالن وارن هٿن جي زورن ۾ ڪو طلسم هو، جيڪو نس نس ۾ لڳل سوئي وانگر سندس سڄي بُت ۾ ڦهلجي ويو.

احمد بخش کير جو هڪ ڍڪ پيتو ۽ رڙ ڪيائين: ”هيءُ ته مٺو آهي.“

”تون شايد ڦِڪن جو هيراڪ آهين. اسان وٽ مٺو کير آهي.“ حاڪم زاديءَ مرڪي ڏنو.

”پر مون کي . . . . “

”پر ہر ڇڏي . . . .“ حاڪم زاديءَ ڇڻ حڪم هلايو، ”پوليس جي مار کاڌي اٿئي. ڪجهه جان ۾ طاقت ضروري آهي ۽ کير پيئڻ ضروري آهي. گلاس خالي ڪر.“

احمد بخش، حاڪم زاديءَ ڏانهن ڏٺو. هُن جي چهري تي سنجيدگي سان گڏ محبت به هئي ته ڪٽ تي ليٽيل مرد مٿان جهڪيل عورت جو برتريءَ وارو احساس به هو. احمد بخش سُڪ تي ويو ۽ ڪير جو گلاس خالي ڪرڻ لڳو. حاڪم زادي ڪٽ جي اِيس تي ويهي، هڪ هٿ جون آڱريون، احمد بخش جي وارن ۾ ڦيرائڻ لڳي. احمد بخش نيٺ گلاس خالي ڪيو ۽ وري ليٽي پيو. هوءَ گلاس پويان پيل ميز تي رکي، لالٽين جي وٽ کي هيٺ ڪري، اچي سندس پرسان ويٺي. هن جا لڱ احمد بخش جي ويجهو هئا ۽ کيس انهن مان گرمائش پئي محسوس ٿي.

”هڪڙي ڳالهه ٻڌائي؟“ احمد بخش چيو.

هوءَ کيس تڪڻ لڳي.

”اها ڳالهه ڪيئن ڪئي ته مان ٻي شادي ڪريان.“

هوءَ جواب ڏيئي نه سگهي ۽ اکيون ڪٽي هيٺ ڪيائين. سندس هٿ احمد بخش جي سٿرن تي زور ڏيئي رهيا هئا. اُهي به اتي ئي رڪجي ويا. ڪجهه ساعتن کان پوءِ چوڻ لڳي:

”مون ڪا غلط ڳالهه ڪئي.“

”غلط يا صحيح اها ٻي ڳالهه آهي. پر تو اهو ڪيئن سوچيو ته مون کي تو زال جي حيثيت سان تٿي وٺين.“

”حالتون ڪجهه اهڙيون آهن،“ حاڪم زاديءَ آهستي سان وراڻيو، ”تنهنجو منهنجو رشتو ڪجهه عجيب ٿي پيو آهي. منهنجي به من ۾ تو لاءِ الائي ڪهڙا ويچار هئا. سوچيندي رهي آهيان ته ڇا ٿي رهيو آهي. ڳوٺ وارن ڇا ڪري وڌو. پر سچ پڇين ته . . . . “

هوءَ خاموش ٿي ويئي.

”ڇو. خاموش ڇو ٿي وئين؟“

”خاموش ٿيڻ جي ڳالهه ناهي. پر مون سوچيو هو ته حياتيءَ جا ڏينهن ائين ئي گذري وڃن ته بهتر آهي جيئن تون چاهين ٿو. پر ڪجهه وقت کان جيڪا تيڪا اچي الائي ڪهڙا ڪهڙا وسوسا من ۾ وجهيو وجي. نيٺ مون سوچيو تون جڏهن ايندين توکي منٿ ڪندس ته تون مون کي پنهنجو سمجهه. گذريل ڳالهين کي وساري ڇڏ. مان تنهنجي زال آهيان. توکي ڪپي پل ٻي شادي پنهنجي مرضيءَ سان ڪر. اهو مردن جو وڙ آهي، باقي مون کي ائين رول نه. تون پل سال سال نه اچ. مون کي منظور آهي، پر تنهنجي پنيان، تنهنجي زال وانگر انتظار ۾ هجان ۽ لوڪ به سمجهي ته مڙس پنيان مائٽن ۾ زال ڇڏي ويو آهي ۽ نه ڪي مون وانگر ههڙي حالت ۾ ــــ نڪا پرڻيل زال لڳان ٿي نڪو رن زال. وچ ۾ لٽڪي پئي آهيان. مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو؟“

هوءَ چپ ٿي ۽ احمد بخش به ڪجهيو نه. ڪجهه ساعتون ائين ماٺ ۾ گذري ويون.

”قسمت پاڻ ٻنهيءَ سان ناانصافي ڪئي آهي،“ آخر احمد بخش ڪڇيو. ”تنهنجو ڏوهه ناهي. پر تنهنجي منهنجي شادي مون لاءِ ڳري ڳالهه ٿي پئي. مون کي اهي سڀ زمانا ياد آهن، جڏهن مان تنهنجن هٿن ۽ هنج ۾ . . . . . “

حاڪم زاديءَ سندس وات تي ڪٽي هٿ رکيو، ”سڀ زمانا گذري ويا. منهنجا هٿ به ساڳيا آهن ۽ هنج به ساڳي. پويون ڳالهيون ياد ڪرڻ عذاب آهي. مان پاڻ کي مس مس انهيءَ عذاب مان ڪڍي آئي آهيان. اسان ٻنهي جو ڏوهه ڪونهي. تون مرد آهين هي زمانو اوهانجو ته ظلم ۽ انصاف به اوهانجو. اسين زال ذات، اوهانجي پناري. وٽيوَ ته ماريو وٽيوَ ته جياريو.“

هو خاموش رهيو ۽ حاڪم زاديءَ هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ڪٽي دٻايو ۽ پوءِ ڪجهه ساعتن کان پوءِ هن هٿ ڪٽي پنهنجين اکين تي رکيو. ڪيتري دير تائين احمد بخش جو هٿ، حاڪم زاديءَ جي ٻنهي هٿن ۾ قابو جهليل هو. ائين پئي لڳو ڄڻ جي حاڪم زاديءَ جي هٿن مان اهو هٿ ڇڏائجي ويو ته سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندو ۽ هُن وٽ ڪجهه به نه رهندو. ڪجھ دير کان پوءِ، حاڪم زاديءَ محسوس ڪيو ته احمد بخش ننڊ ۾ هو ۽ هوءَ سندس پرسان ليٽي پئي ۽ سندس منهن پنهنجي پُٽار جي ويڪري ڇاتيءَ منجهه لڪل هو.

پوءِ جڏهن رات جا پل پڇاڙيءَ تي هئا. اوندهہ جي ڪاراڻ، ميرانجهڙي بنجڻ لڳي ۽ گهٽو پري اوپر مان سج ڪر ڪڻڻ جي تيارين ۾ هو تہ، حاڪم زاديءَ محسوس ڪرڻ لڳي تہ احمد بخش، من جا ڏاڪا لهي، سندس وجود جي ويڪري ۽ وشال دنيا ۾ هو. هن جا لڱ ڪنبڻ لڳا ۽ حاڪم زاديءَ ٻانهون کولي، احمد بخش جي جسم کي، پنهنجي وجود ڏانهن ڇڪيو ۽ کيس ائين محسوس ٿيو چڻ رات ٽري آهي . . . . ۽ پوءِ صبح جو روشن ڪرڻن سان گڏ، حاڪم زاديءَ جي من جي رڻ ۾ وڏ ڦڙو وٺو.

. . . . رات منهنجي روح ۾، مارن مينهن وسايا.

# 8

ٻئي ڏينهن شام ڌاري، ڳوٺ ۾ اها خبر پهتي ته صبح جو ميهڙ شهر جي شاگردن، اسڪول بند ڪرايا، اڌ ڪن شهر بند ڪرايو ۽ شهر جي چونڪ تي حڪومت جي خلاف تقريرون ڪيون ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ 4 مارچ جي قيدين شاگردن جي آزاديءَ جي گهر ڪئي. پوليس ٻين شاگردن سان گڏ احمد بخش کي به گرفتار ڪري وئي ۽ شام جو ئي ڪيس حيدرآباد سينٽرل جيل پهچايو ويو.

حاڪم زاديءَ اها خبر ٻڌي پر ڪجي ڪانه. سمجهڻ لڳي ته چامشوري ويو آهي. هوءَ سدائين سندس انتظار ڪندي هئي ۽ هن ڀيري به هُوءَ ٻيهر انتظار ڪرڻ لڳي.

# 9

سياري جي رات هئي. قاسم آباد جي وسيع علائقي ۾ کليل ميدانن ۾ پرسان سنڌو درياهه ۾ ڪجهه پاسن کان بيٺل پاڻيءَ جي ڌُپن ڪري، ٿڌڪار وڌي ويئي هئي. اوستو علي محمد جي ڊرائنگ روم ۾ اجا ڪچهري هلي پئي. اوستو علي محمد، سندس پٽ محمد علي وڪيل ۽ سندس ڌيءَ سلميٰ جو مڙس سول جج امداد علي، سومهڻيءَ جي نماز پڙهي آيا هئا. رات جي ماني اڳ ئي کائي چڪا هئا. قاسم آباد جو نئون آباد ٿيل شهر، رات جي اوندهه ۾ تمام خاموش ۽ سانتيڪو لڳو پئي. ڪنهن ڪنهن مهل پريان ڪنهن ڪار يا رڪشا جا آواز آيا پئي. ڊرائنگ روم جي ڪوسي ماحول ۾ ارل گري چانهه ۽ ڪافي جي ڪوپن مان نڪرندڙ دونهون، هڪ هلڪي هلڪي خوشبوءَ کي ڦهلائي رهيو هو. احمد بخش پڻ موجود هو.

”يار اوهان سڀ جوان ۽ نوجوان آهيو،“ اوستي علي محمد چيو، ”اوهان جي سوچ ۽ مون جهڙي رٽائرڊ ۽ پوڙهي جي سوچ ۾ فرق هئڻ کپي. پر ڪٿي نہ ڪٿي سوچ جا اهي وهڪرا ملڻ تہ کپن.“

”بابا سائين،“ پٽس اطهر عليءَ چيو، ” سوچ ضرور ساڳي هئڻ کپي، ڇاڪاڻ تہ اوهان جي ٿهي ۽ اسان جي ٿهي يا اسان کان پوءِ اُسريل ٿهيءَ جا مسئلا ۽ چوطرف ماحول ساڳيو رهيو آهي. فرق صرف اهو آهي تہ اوهان جي ٿهيءَ انهن مسئلن کي، ماحول جي جبر ۽ پنهنجي چوطرف سوچ ۽ عمل جي اڻ هوند ڪري، منهن ڏيئي حل ڪرڻ جي بدران، انهيءَ وهڪري جو شعوري يا غير شعوري طور حصو بنجي ويئي. اسان جي ٿهيءَ سڀ کان اول آواز بلند ڪيو ۽ پنهنجي وت ۽ سمجهہ آهر ڪجهہ عملي ڪم بہ ڪيا. پر اها شروعات هئي. هاڻ جيڪا ٿهي جوان ٿي آهي، جنهن کي اوهان جي زماني ۾ باشعور ماڻهن، وات ڦاڙهي، چڙواڳ ۽ بي سمجهہ چيو آهي . . . سا ٿهي پنهنجي اصل ٽارگيٽ کي حاصل ڪرڻ لاءِ آتي آهي. هن وقت اِنهي ٿهيءَ ۾ اهي سڀ چڱايون ۽ اوڻايون موجود آهن، جيڪي ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ ايڪيهن صديءَ جي شروعات جي نوجوانن ۾ هئڻ گهرجن، جن ٽين دنيا جي جبر ۽ استحصال واري ماحول ۾ اک کولي ۽ جسماني توڙي ذهني طور تي پيڙهجي سيڙهجي سمجهہ حاصل ڪئي.“

”پر پٽ، اسان پوڙهن جو ساٿ بہ اوهان سان ئي هوندو ۽ ٻيو اسان لاءِ ڪو چارو آهي؟“ اوستي علي محمد سوال ڪيو.

”چاچا سائين،“ جج امداد علي ڪافي جو ڪوپ ختم ڪيو، ” جنهن معاشري منجهہ انصاف جي اڻ هوند هوندي ۽ عام ماڻهوءَ جو ويساهہ حاڪمن ۽ عدالتن منجهان کڄي وڃي تہ اُن معاشري ۾ رڳو افراتفري، پنهنجن کي نوازڻ ۽ وک وک تي هر ڪنهن قسم جو استحصال ئي ملندو. ڪوڙ کي بار بار وڏي واڪي چئواٽي تي ٻيهي سچ ثابت ڪيو ويندو ۽ سچ کي ڪوڙ جو ليبل لڳائي، ايترو تہ، ذليل ۽ خوار ڪيو ويندو جو ان جي ڪا حد نہ رهندي ۽ هينئر اهائي افراتفري اسان جي ملڪ ۾ آهي.“

”بابا سچا زمانا اسان جي وڏڙن جا هئا،“ اوستي علي محمد چيو، ”ڪجهہ ڪجهہ سچ اسان جي زماني ۾ بہ هو. هاڻ تہ پاڻي پيو ٻري.“

”سائين سچ اسان جي ابن ڏاڏن جي زماني هو،“ احمد بخش صوفي تي پاسو ورايو، ”سچ اوهانجي زماني ۾ بہ هو. سچ هاڻ بہ آهي. ڇا اِهو سچ ناهي تہ اوستو علي محمد اشراف ماڻهو آهي ۽ سو ڏيڍ سال کان پنهنجن ابن ڏاڏن جي شرافت ۽ چڱائيءَ سان گڏ ڪاهي رو‌ڊ تي، واڍن جي پڙ ۾ رهندو هو ۽ ڇا اهو سچ ناهي تہ اهو اشراف

ماڻهو دهشتگرديءَ هٿان مجبور ٿي، پنهنجو گهر ڇڏي شهر جي ڀِئي ڇيڙي جي ويرانيءَ منجهه اچي ويٺو آهي. چاچا سائين جيڪو به هاڻ وهي واپري پيو، اهو به سچ آهي. پر اسان لاءِ انهيءَ سچ وارو مسئلي جو هڪ نهايت ڏکيو پهلو آهي ۽ سنڌ جو سدائين مسئلو اهو رهيو آهي، ته ان ۾ هيٺيون وچولو طبقو يا لوئر مڊل ڪلاس ناهي ۽ تاريخ شاهد آهي ته جيڪي به ڌاريا حاڪم سنڌ تي ڪاهه ڪري آيا ـــــــ جن ۾ وچ ايشيا جي پنڌرهن سورهين سترهين صدي جا بين الاقوامي دهشتگرد يا انٽرنئشنل ٽيررسٽ گروهن يعني ارغون، ترخان، احمد شاهه ابدالي، مدد خان پٺاڻ يا نادر شاهه شامل آهن ــــ جن ۾ يورپي ڊچ، انگريز ۽ پورچوگيز شامل آهن، جن ۾ دهليءَ جي مغل سلطنت جا فيڊرل دادا گير ۽ پيداگير شامل آهن ـــ تن سيني سنڌ جي شهرن ۾ آباد لوئر مڊل ڪلاس جو قتلام ڪيو ۽ باقي جيڪي بچيا، تن کي شهرن مان ڀڄائي ڀهراڙين ۽ ٿر جي ريگستان ۽ ڪير ٿر جي جبل تائين پهچايو، جت هُو اپوجهه پناهه گير ٿي رهي پيا. سنڌ جي شهرن جي مٿئين طبقي، حاڪمِ وقت ۽ اسلامي نظريي ”اولامر“ جي هيٺ طاقتور حاڪم جي اطاعت قبول ڪئي. وچولي طبقي، پنهنجي قائم ڪيل عزت نفس ۽ مال ۽ جان جي حفاظت خاطر هڪ قدم اڳتي وڌايو ۽ انهن وچ ايشيا جي انٽرنئشنل ٽيررسٽ گروهن کي، جيڪي هميشه لٽ مار ۽ مال ملڪيت لاءِ ايندا هئا، تن کي اسلامي حاڪمن جو لقب ڏنو ۽ اهڙي ريت تاريخ جي جاندهه ۾ پيسجڻ لڳا.“

اوستو علي محمد ڪلڻ لڳو، ”يار اِهي لفظ انٽرنئشنل ٽيررسٽ سڻا آهن. پر آءٌ شايد ڊائجسٽ ڪري سگهان.“

”نه چاچا اوهان تاريخ ڏسو،“ احمد بخش ڳالهه جاري رکي، ”وچ ايشيا جي منگوليا ۽ ترڪستان جي پرپاسي وارن علائقن جا ماڻهو ويڙهو ۽ پاڻ سدائين جنگ جي حالت ۾ رهيا آهن ۽ هر ڪنهن بهادر ۽ چالاڪ ماڻهوءَ پنهنجا جٿا ٺاهي، اوسي پاسي کي ڦريو ۽ پنهنجي ڌاڪ جو سڪو ڄمايو، ۽ پوءِ آهستي آهستي پر واري ملڪ هندستان جي زرخيز ۽ مالدار علائقن کي سدائين پنهنجن گهوڙن، ساز سامانن، ترارن، بندوقن ۽ جنگ هيٺ رکيو. گهڻن رڳو ڦريو، قتلام ڪيو ۽ پوءِ جوڳي رمندا پيلا! گهڻن پڪيون ڪچيون بادشاهيون قائم ڪيون. پنهنجن علائقن کان ٻاهر بادشاهين قائم ڪرڻ جو هڪ وڏو سبب اهو به هو ته هو جابر، قهار ۽ بهادر ماڻهو پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ اهڙي ڦرمار، قتلام يا چڱمڙسي قائم نٿي رکي سگهيا، جو اُت انهن جهڙا اڳ ئي گهڻا جوڌا موجود هئا ۽ پنهنجين اهڙين ساڳين ڪاروائين ۾ مشغول هئا. اُتي جي جنگ ۽ بهادر جوڌن جو پنهنجن جٿن سان هيڏانهن سنڌ ۽ هند ۾ ڦر لٽ ڪرڻ جو معاملو، سندن اقتصادي مسئلي ۽ هوس جو حل هو ۽ اها ساڳي ڳالهه آهي، جيئن يورپي قومون به لڳ ڀڳ انهيءَ ساڳئي وقت، واپار سانگي پنهنجن ملڪن مان نڪري، اوير اولهه ڏانهن اُسهيون ۽ پوءِ واپار ڪيائون، ماڻهو ماريائون ۽ بادشاهيون قائم ڪيون. اهو پنڌرهين صديءَ کان اوڻويهه صدي تائين جو زمانو اصل ۾ بين الاقوامي دادگيري ۽ دهشتگرديءَ جو زمانو هو. اسان سنڌ جا سنوان سڌا سادا سپاجها ماڻهو آهيون ۽ سدائين استحصال ڪندڙ طبقن هٿان تباهه ٿيندا رهيا آهيون، ۽ سدائين ڪين مسلمان جي حيثيت ۾ چڱو چوندا رهندا آهيون. مڪليءَ جي ٽڪري ڏسو، اُت گهڻو ڪري ارغون، ترخان ۽ مغلن جا گورنر يا عملدار پوريا پيا آهن، پر اسين اجا به چئون ٿا ته اهي سڀ ولي هئا، اولياءُ هئا، ڏٿيءَ جا پُهتل ۽ چڱا ڀانها هئا، ۽ چئون ٿا ته مڪلي تي سوا لک اولياءَ دفن آهن ـــــــ ۽ سائين انهن گهڻو ڪري سيني ”اوليائن“ سنڌ جي گادي ٺٽي تي قبضي ڪرڻ لاءِ لک لک مڪاني ماڻهو ماريا ۽ وڏا قتلام ڪرايا. ٺٽي جي آسپاس ڦهليل قبرستان ۽ انهن ”اولياءَ“ بادشاهن جي پنهنجن تاريخ نويسن جا لکيل داستان شاهد آهن. ڪين سنڌ جا اهي سڀ ماڻهو، حرام زادا، وڳوڙي ۽ شرارتي لڳندا هئا، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن طور ٻاهران ايندڙن جي مزاحمت ڪندا هئا . . . “

ٿورڙي چپ کان پوءِ احمد بخش وري چوڻ لڳو، ”پر چاچا سائين، هن ويهين صديءَ ۾ اسان جا مسئلا ڪجهه وڌيڪ عجيب آهن ۽ اوهان وڏا آهيو. ڪجهه اسان کي ٻڌو. اڳ وڏا ڳالهائيندا هئا ۽ ننڍا وڏا عمل ڪندا هئا. اِها ئي اسان جي روايتي، اشرافت ۽ فضيلت هوندي هئي. هينئر وڏن جا ذهن ڪنبن ٿا، ڏکن ٿا ۽ ننڍا عمل جو سوچين ٿا ۽ عمل ڪن ٿا. مون چيو پئي ته ويهين صديءَ جي آخري اڌ منجهه اسان جا مسئلا عجيب آهن. ورهاڱي وقت، شهرن ۾ آباد لوئر مڊل ڪلاس عام طور تي هندو هئا، جيڪي سماج ۾، سنڌي

سوسائٽيءَ ۾ هڪ مضبوط گروپ هو. پر ورهاڱي ڪري اهو سمورو لوئر ڪلاس لڏ پلاڻ ذريعي سنڌ ڇڏي ويو ۽ جيڪو لوئر ڪلاس يا لوئر مڊل ڪلاس اُن جي بدلي هت آيو، سو اسان جو لوئر مڊل ڪلاس نہ هو ۽ هڪ اهڙي ڪيميڪل عنصر وانگر هو، جيڪو پاڻياٺ ۾ حل نہ ٿي سگهندو آهي، يعني هت جي زمين ۽ تهذيب تمدن ۾ سمائجي وڃڻ جي بدران، پهرئين ئي ڏينهن کان پنهنجي ڌار واضع سڃاڻپ قائم رکڻ ۾ شعوري طور مصروف رهيو. سو چاچا 47ع جي ورهاڱي، سنڌ جي سوسائٽيءَ کي ٻہ ڪاپاري ڌڪ هنيا. هڪ تہ سنڌي لوئر مڊل ڪلاس طبقي کي سنڌ جي شهرن ۾ اهڙيءَ ريت آباد ڪيو ويو، جو ٻہ تهذيبون، ٻہ زبانون ۽ ٻہ هڪ ٻئي جي ابتڙ سوچون واضع طور تي ايرڻ لڳيون. ورهاڱي کان پوءِ اسين بلڪل صاف ٻن طبقن ۾ ورهائجي وياسين. هڪ مٿيون طبقو يعني پير، مير، وڏيرا، خان، سردار، خان بهادر ۽ ٻيا مراعت يافتہ ماڻهو يا اُهي جن وٽ ڪنهن جي پٽڪي ۾ هٿ وجهڻ لاءِ هٿيار ۽ پاڙيا ماڻهو موجود هئا. ٻيو طبقو هو عام هاري ڪمي، ڪاسبي، صدين جي پيڙهيل انسانن جو. يعني يا تہ مٿاهون طبقو هو يا هيٺائون طبقو هو. هيٺيون طبقو هميشہ ظلم ۽ استحصال برداشت ڪندو آهي، پر لوئر مڊل ڪلاس ئي اهو طبقو آهي، جيڪو سوچيندو آهي ۽ ظلم ۽ استحصال کي منهن ڏيڻ لاءِ اُسرندو آهي ۽ ٻين طبقن کي بيدار ڪندو آهي. تاريخ شاهد آهي تہ ظالمن ۽ جابرن کي مخالفت يا ڪا تحريڪ هميشہ شهرن جي لوئر مڊل ڪلاس طرفان اُڀرندي آهي ۽ پوءِ اها شهرن توڙي ٻهراڙيءَ جي عام اڪثريت جي سپورٽ سان اڳتي وڌندي آهي ۽ ڪامياب بہ ٿيندي آهي. هاڻ اچو سنڌ جي انهن ٻن طبقن بابت ٿورڙو وڌيڪ بحث ڪريون. سنڌ جا وڏيرا ۽ خان صدين جا ڪُتل ۽ اقتصادي طور تي پوئتي پيل، سدائين قرضن ۽ گروي رکيل زمينن جي زور تي مڇ وٽي عيش ڪندا وتندا هئا. سنڌيءَ ۾ چوٽي بہ آهي تہ 'ادا جي ڪُتل آهيون تہ بہ خان تہ آهيون'. سو چاچا سائين، دعا ڪريو انگريزن کي، جن 1932ع ۾ سکر بيراج ٺهرايو ۽ وڏيرن جي زرعي پر غير آباد زمينن تائين پاڻي پهچايو ۽ ائين سوين ميل پري، پاڻي پهچائڻ هن صديءَ ۾ هڪ عجوبو ٿي پيو، نہ تہ هزارين ايڪڙن جي مالڪ وڏيرو سائين، شهر ايندو هو تہ ساٽس ڪو هڪ اڌ گهوڙو يا ڪمدار گڏ هوندو هوس. سادا، ميرڙا ڪپڙا يا واٽر ڪورس جي ميرانجهڙي پاڻيءَ منجهہ ڌوتل ڪپڙا پاتل، هڪ يڪ نالي يا ڪنهن ڪنهن وٽ دونالي بندوق هوندي هئي. اوطاقون وڏيون پر پراڻيون جت سر ڪاڌل سرون صاف نظر اچن ۽ اُن زماني جي مسيتن ۽ اوطاقن ۾ ڪو فرق نظر نہ ايندو هو، سواءِ ان ڳالهہ جي تہ الله جا گهر ويران هوندا هئا ۽ وڏيري جي اوطاق سدائين ڀريل هوندي هئي. پوءِ مهمانن کي اُت گجر بصر سان ماني ملي يا ڳوٺ مان ورتل ڪڪڙ يا ڇيلي کي سِير پوي. ڪچهريون پيون هلنديون هيون. انهيءَ ڪري مسيت جي ويراني يا غربت واري حالت ڏسي، سنڌي زبان ۾ عام محاورو آهي تہ 'ادا چور گهر ائين ٻهاري ڪٽي ويا، ڄڻ ڪا مسيت هجي'. سو چاچا سائين، سکر بيراج کان پوءِ سنڌ جو وڏيرو سائين، اقتصادي طور ڪجهہ ساهہ کڻڻ لڳو ۽ وٽس لاڳيتو ۽ يقيني فصل ۽ پئسو اچڻ لڳو ۽ مٿان الله سندن ٻُڌي تہ سنڌ پرڳٽو بمبئي کان ڌار ٿيو ۽ اليڪشن ۾ ٻهراڙي مان کٽي اچي، ڪراچيءَ ۾ حڪومت جي گادين تي ويهڻ لڳا. اقتصادي توڙي سياسي طور تي آهستي آهستي مضبوط ٿيڻ لڳا، پر شهرن ۾ هندن جو لوئر مڊل ڪلاس، اُن حالتن هوندي بہ گهڻو مضبوط هو. وٽن علم هو، سمجهہ هئي، سياسي شعور هو ۽ سڀ کان وڌيڪ ڪاروباري ذهن هو. وڏيرا وڏ ـ ڏٽي هوندي بہ انهي شهري لوئر مڊل ڪلاس وٽ قاتل هئا ۽ سنڌي مسلمان وڏيرن جي سموري زمين جو 40 سيڪڙو انهن وٽ گروي رکيل هو ۽ جڏهن هندستان جي ورهاڱي جي تحريڪ هلي ۽ وڏيرن کي خبر پئي تہ هندو هندستان هليا ويندا ۽ مسلمان پاڪستان لاءِ تہ سيني دل جان ۽ اسلامي جذبن سان انهيءَ تحريڪ ۾ حصو ورتو ۽ وڏيرن سمجهيو پئي تہ هندن جي لڏي وڃڻ ڪري، سندن گروي پيل زمينون ڪين بنا قرض ۽ وياج ڏيڻ جي آجيون ٿي ملنديون. پر چا ٿيو ـــــ زمينن تي قبضا تہ سنڌي مسلمان وڏيرن جا ئي رهيا، پر ملڪ جي شروعاتي مرڪزي حڪومت جي پاليسي مطابق اهي سڀ زمينون، جيڪي سنڌ جي زمينن جو چاليهہ سيڪڙو ڪن هيون، سي ڪليمن ۾ غير سنڌي، ٻاهران آيل مسلمانن کي مليون، جنجي ابن ڏاڏن کي بہ ڪڏهن زراعت متعلق ڪا ڄاڻ نہ هئي. پوءِ آهستي آهستي ڪري اهي ميدِ ان پاڪستان زميندار پنهنجيون ڪلمين ۾ الاٽ ٿيل زمينون چڱي نفعي ۾ انهن ساڳين يا ڪن ٻين مڪاني زميندارن کي وڪٽي پئسا ڪمائي، اچي سکر

حيدرآباد يا ڪراچيءَ ۾ گهر جوڙايائون ۽ ڪاروبار ڪيائون. پنهنجي اولاد کي نئين زماني جي تعليم ۽ ترقيءَ کان روشناس ڪرائڻ ۾ لڳي ويا. سندن نه اڳ ڌرتيءَ سان ڪو ايڏو رابطو هو ۽ نڪي سندن هاڻ ڪي زمين منجهه پاڙون پڪيون ٿيڻ لڳيون. پر سنڌ جي شهرن ۾ هڪ واضح طور تي لوئر مڊل ڪلاس ۽ مڊل ڪلاس اُسري آيو. مڊل ڪلاس جا سياسي، تهذيبي، مذهبي ۽ سماجي سوچ رکندڙ خوشحال طبقا، پنهنجي مفادن خاطر وقت به وقت، سياسي ۽ سماجي شوشا، مذهب جي شوگر ڪوٽيڊ ڪور سان، پيش ڪندا رهيا ۽ لوئر ڪلاس ۽ لوئر مڊل ڪلاس کي پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪندا رهيا. ڪراچي شهر جي سوسائٽين ۽ چگن صاف سٿرن علائقن ۾ رهندڙ مڊل ڪلاس ۽ اپر مڊل ڪلاس اڳواڻن، واپارين، صنعت ڪارن ۽ مولوين، پاڪستان جي تاريخ شاهد آهي ته لالو کيت، اورنگي، ڪورنگي، لانڍي، ڪچين آبادين ۽ ناظم آباد ۾ آباد ڪيل هيٺئين آباديءَ کي، ۽ ان سان گڏ حيدرآباد جي پريٽ آباد ۽ لطيف آباد جي اهڙين ئي آبادين کي، وقت جي حاڪمن جي خلاف ۽ سياسي فائدي لاءِ، سنڌين، پنجابين ۽ پٺاڻن جي خلاف، وقت جي ضرورت مطابق خوب استعمال ڪيو . . . ۽ هاڻ جيڪا انهن شهري علائقن جي لوئر ڪلاس، مڊل ڪلاس جي ڪنهن تحريڪ ۾ هڪ ٿي دهشت گردي ڦهلائڻ آهي، سو هڪ تسلسل آهي انهيءَ ڏينهن جو، جڏهن پهرين ڀاهران آيل مسلمانن، ورهاڱي جي ڪري، سنڌ جي سر زمين تي قدم رکيو هو. اِها دهشتگردي ڪلائميڪس آهي انهن ماڻهن جو ۽ هاڻ انهيءَ کان پوءِ سندن گراف هيٺ ئي ڪرندو. پر جيڪڏهن اسين ائين ئي وڏيرن جي قيادت، چگمڙسي ۽ انهن جي صدين کان قائم ٿيل جبر جي جادوءَ منجهان جان ڇڏائي نه نڪتاسين ته پوءِ سنڌ جي تاريخ ڇا ٿئي؟ سنڌ جي جاگرافي ڇا ٿئي؟ تنهنجي رب کي خبر آهي، پر ڪجهه ڪجهه انسان کي پاڻ به ڄاڻ ٿيڻ کپي.”

ٿوري دير خاموشي رهي، جو اُستي علي محمد جي ننڍي ڌيءَ ڪافي کڻي آئي هئي ۽ ڪافيءَ جا گرم گرم دونهان پنهنجي خاص خوشبوءَ سان ڪمري منجهه ڦهلجي ويا پئي.

”هاڻ چاچا ٿورڙو مختصر ڪريان ٿو.“ احمد بخش چوڻ لڳو، ”اوهين به چوندا ته ٻيو ڪو مليس ڪو نه، رڳو اسان ئي هٿ چڙهي ويا آهيون.“

سڀ کلڻ لڳا.

”سو چاچا! اها به هڪ عجيب دلچسپ ڳالهه آهي ته سکر بئراج ٺهيو ته وڏيرا خوشحال ٿيا. بمبئي کان سنڌ جدا ٿي ته به وڏيرا اڳواڻ بڻجي پيا ۽ اسيمبلين ۽ حڪومت ۾ سندن انگ ويو. سائين پاڪستان ٺيو ته به وڏيرا ئي ملڪ جا والي ۽ وارث بڻجي ويا. ون يونٽ ٺهيو ته تڏهن به وڏيرن کي حاصل ڪرڻ ۽ ڪين لالچون ڏيئي پنهنجي پاسي ڪرڻ ۽ حڪومت ۾ شامل ڪرڻ جا ڪم ٿيا. ون يونٽ ٽٽو ته به هڙئي وڏيرا ٽويوٽا ڪارن ۾ چڙهي اچي اسيمبلين ۾ ويٺا. اچو سائين ـــــ ڀٽو صاحب جي عوامي حڪومت آئي ته ساڳيا ئي همراهه عوامي وڏيرا بڻجي، وزير، سفير، مشير ۽ سندن پٽ پائيتا پاٽيجا، اسسٽنٽ ڪمشنر ڊي ايس پي جي روپن ۾ سامهون آيا. عوامي حڪومت جي برڪت سان ڪو غريب غربو کڻي آيو ته به اهو غريب صاحب به باقاعدي وڏيرو بڻجي پيو. عوامي دور ويو ته ذري گهٽ سڀ اسلامي وڏيرا بڻجي پيا ۽ ٽويوٽا ڪارون ڇڏي پاجيرو هٿ ڪيائون ۽ جڏهن 88ع ۾ عوامي دور جو ٻيو پارٽ شروع ٿيو ته اهي ساڳيا وڏيرا، جمهوريت جا رکوالا ۽ آمريت حڪومت جا مظلوم بڻجي سامهون آيا. پر هن ڀيري اهي وڏيرا ڪجهه ٽڪل هئا ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجو نئون نسل پڻ سامهون آندو، جيڪو سنڌين جي روايتي فضيلت نئڙت ۽ ساڃهه کان ٻنهي وانجهيل هو. سندن ابن ڏاڏن ۾ اهي خوبيون ته هيون. سندن ڪي ابا ڏاڏا جيڪڏهن بمبئي يونيورسٽي يا علي ڳڙهه جا پڙهيل هئا ته گهٽا شڪارپور جي اسڪولن، نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد يا سنڌ مدرسي ڪراچي جا ته ضرور پڙهيل هئا ۽ سنڌيءَ سان گڏ انگريزيءَ جي به ڪي قدر ڄاڻ هين. پر 1980ع کان اُسريل ٽهي ته سنڌي به خير ڪي ٿي ڄاڻي. انگريزيءَ جي ته ڳالهه ئي ڇڏي ڏيو. پر آهن سڀ سنڌ يونيورسٽي يا حيدرآباد ڪراچي جي ڪنهن ڪاليج جا گرئجوئيٽ يا پوسٽ گرئجوئيٽ. ڪو هڪ اڌ منجهن سُريلو هجي واهه نه ته هڙئي مٽي جا سور. هاڻ اهي سڀ پيا ٽين آفيسر ـــ سنڌ جو ڇا ٿيندو. وڏيرا حاڪم ۽ سندن اولاد آفيسر ـــــ چاچا سنڌ رُلي ويئي ۽ ٽيستائين رُلندي رهندي جيستائين اسان جي شهرن ۾ لوئر مڊل ڪلاس ۽ ڪي قدر مڊل ڪلاس اڀري

نہ ايندو ـــــــــ ۽ ڳوٺن ۾ پڻ ستل سگهہ کي جاڳائڻو آهي ـــ پوري طرح. پُٽي صاحب واري سجاڳي وانگر نہ تہ ووٽ ڏيڻ مهل تہ ماٺهو پوتار جو ٺپو لاهيو وجهن، پر پوءِ سدائين مضبوط ۽ حاڪم وڏيري جي اڳيان پٺيان جي حضوريءَ ۾ هلڻ لاءِ مجبور هجن. منهنجو مطلب آهي تہ ٽين دنيا جا ملڪ تڏهن ئي ڪنهن صحيح يا ڏاڍن جي لُٽمار ۽ دٻر دونس کان بچي سگهن ٿا، جڏهن اُت شهرن ۾ لوئر مڊل ڪلاس طبقو واضح طور تي ايري اچي ۽ اقتدار جي بگهڙن سان عوامي سمجهہ ۽ قوت سان مهاڏو اٽڪائي ۽ وڏن جي وڏيرائپ ختم ڪري يا ان کي بي اثر ڪري ڇڏي. اوهان سنڌ کي وٺو. جيڪي بہ ڌاريا هت ڪاهي آيا آهن، تن هميشہ سڀ کان پهرين شهري طبقي جو قتلام ڪيو آهي، اهو انهيءَ ڪري جو قيادتون ۽ شعور شهرن مان اُسري ٿو. ارغون آيا، ترخان آيا، مغلن جا گورنر آيا، سڀني شهرن جي باشعور آبادين کي ختم ڪيو ۽ مٽئين طبقن هميشہ وانگر حاڪمن جو سات ڏنو ۽ ائين سندن حڪومت قائم رهي. حاصل مطلب اهو تہ گذريل ٽي چار سو سالن کان سنڌ ۾ ائين ٿئي پيو ۽ ورهاڱي کان پوءِ بہ اِهوئي عمل ورجايو ويو آهي.“

احمد بخش جي تقرير سڀني ڏاڍي غور سان ٻڌي ۽ پوءِ نيٺ احمد بخش ٻيهر چيو، ”سائين معاف ڪجو! اوهان بہ چوندا تہ رڳو چاڙي هٽي ٿو ۽ شل نہ ڪو موقعو مليس تہ ماڻهن جو مٿو ئي کائي وڃي ٿو،

سڀ کلڻ لڳا.

”نہ پٽ! اها ڳالهہ ناهي،“ اوستي علي محمد مرڪندي چيو، ”اسان جا جوان جيڪڏهن تاريخ جي سلسلي ۾ اُن جي لاڳيتي زيادتيءَ کي محسوس ڪرڻ لڳا آهن ۽ منجهن اها ساڃاهہ آهي تہ پوءِ اڳيان سوجهرو آهي ۽ سڀ ڳالهيون روشن ٿي وينديون.“

رات گهڻي ٿي چڪي هئي ۽ پوءِ سڀ کان اڳ ۾ احمد بخش ئي اٿيو ۽ سڏ پنڌ تي سندس سو والن تي اڏيل گهر ڏانهن وڃڻ لڳو.

# 10

اجا سج مس ڪني ڪدي هئي. چوطرف ڦهليل ٽڏ ۽ ڪوهيڙي ڪري نظر گهٽ آيو پئي. سج جا پهريان ڪرڻا پڻ ايترا طاقتور نہ هئا جو ڪوهيڙيءَ جي ڦهليل ميرانجهڙي چادر کي چيري سگهن. ٽڏ جو اثر ۽ ڳراڻ پڻ محسوس ٿي پئي. احمد بخش ۽ اطهر علي متي کي مفلر ويڙهيل ۽ سوئيٽر پاتل، اوندهہ منجهہ گهران نڪتا هئا ۽ آهستي آهستي ڊڪندا، اچي بند تي پهتا هئا. اهو بند بئراج کان هلندو، قاسم آباد جي اُلهندي طرف کان ٿيندو، گدوبندر ڏانهن پئي ويو. بند مٿان بيهي ٻنهي ڄڻن چوطرف ڏٺو. اوڀر ۾ سامهون قاسم آباد نئين وستيءَ جا ٽڙيل پکڙيل گهر نظر آيا ۽ ان جي پٺيان حيدرآباد جو شهر ڪوهيڙي ۾ ٻڏل هو. انهيءَ ئي پاسي کان سج ڪني ڪدي هئي ۽ ڪمزور ڪرڻا آسمان توڙي زمين تي ڦهلجڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا هئا. اتر پاسي ڪجهہ ڳوٺن ۽ بئراج جا جهيٽا جهيٽا اهڃاڻ نظر آيا پئي. اولهہ طرف سنڌو درياهہ جو وڏو سڪل پيٽ هو، جت پريان ڇيڙي تي ۽ وچ ۾ ڪٿي ڪٿي پاڻيءَ جا ميرانجهڙا ڊُٻا ۽ ڪي وهڪرا نظر آيا پئي. پريان ڪوٽڙيءَ پاسي پل، ڪوهيڙي منجهہ ڪنهن راڪاس وانگر لڳي پئي.

”يار هي درياهہ . . . “ احمد بخش چوڻ لڳو، ”دنيا جي شهزور درياهن منجهان هو. اڄ حال اِهو آهي تہ بند تہ قائم آهن، پر درياهہ کي ڳوليون پيا. جت هي درياهہ سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو اُت ماڻهو توڙي تاريخدان چوندا هئا تہ هڪڙو سمنڊ ٻئي سمنڊ ۾ لهي پيو.“

احمد بخش ۽ اطهر علي ٻنهي جون نظرون ڏکڻ ڏانهن کڄي ويون، جيڏانهن ڦهليل ڪوهيڙي منجهہ سج جي جهيٽن ڪرڻن مليل ميرانجهڙي ماحول منجهہ درياهہ جو ور وڪڙ کائيندڙ سُڪل پيٽ ائين پئي لڳو، ڄڻ ڪو شهزور ڏاڍو مڙس، ٻي ست ٻنجي ڊهي پيو آهي يا ڪو راڪاس ستو پيو آهي.

سال 1886ع جو زمانو. چار ساڍا چار صديون اڳ اِهو سنڌو درياهہ، سمنڊ وانگر عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو ۽ انهيءَ چوڙ کان ڏهہ ٻارهن ميل پهرين سنڌوءَ جي ڪناري لاهري بندر، ڏکڻ ــــ اولهہ هندستان جو هڪ اهم ۽ مرڪزي بندر هو، جتان بين الاقوامي واپار جو سرشتو جاري هو. سال 1886ع نہ رڳو انهيءَ بندر جي لاءِ اهم هو، پر سنڌ جي تاريخ ۾ پڻ انهيءَ سال جي اهميت وڏي آهي. اهي ئي سياري جا ڏينهن هئا ۽ شهر لاهري ۽ سمنڊ جي وچ ۾، سنڌو درياهہ تي هڪ اوچي جاءِ، جنهن کي سوءِ مياڻي سڏبو هو، اُت بندرگاهہ جي انتظاميا پاران عملدار مقرر ٿيل هئا ۽ هڪ وڏي توب هميشہ بارود سان ڀريل تيار هوندي هئي تہ جيئن ڪو بہ ملڪي يا غير ملڪي ٻيڙيون يا جهاز سمنڊ منجهان درياهہ ۾ داخل ٿي بندرگاهہ ڏانهن رخ ڪن تہ هڪدم توب چوڙي، ان جي ٺڪاءُ سان ايندڙ جهازن کي خبردار ڪيو ويندو هو ۽ هيڏانهن لاهري بندر جي اعلىٰ عملدارن ۽ بندر ۽ شهر جي حاڪم، مير ــــ بندر کي بہ ڄاڻ ٿيندي، تہ ڪي اوپرا يا پنهنجا جهاز سمنڊ مان درياهہ منجهہ داخل ٿي بندرگاهہ جي ڏَڪن ڏانهن اچي رهيا آهن. سوءِ مياڻي وٽ ايندڙ جهازن جي ڪاغذن ۽ اختياري وارن جي تپاس کان پوءِ، لاهري بندر ڏانهن ويندڙ نار (Navigational channel) ۾ رڳو انهن جهازن ۽ ٻيڙن کي اجازت ملندي هئي، جيڪي بندرگاهہ جي عملداريءَ وٽ درج يا رجسٽرڊ ٿيل هئا. درج نہ ٿيل جهازن کي اُت ئي ٻاهر (Outer enchorage) تي ترسائيندا هئا ۽ آندل مال کي ٻين ٻيڙين يا ننڍن غورابن ۾ لاهي، بندرگاهہ ڏانهن اماڻبو هو.

بندرگاهه جي عملدارن نه رڳو هڪ توب جو آواز ٻڌو، پر ٿوري ئي وقت ۾ ڪين ڪجهه وڌيڪ ٺڪائن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. سندن بندرگاهه جي نوڪريءَ منجهه اها نئين ڳالهه هئي. جڏهن ٺڪائن جا آواز اچا به وڌڻ لڳا ته لاهري بندر گاهه جو ترخان حاڪم علي قلي خان، جنهن جو عهدو مير بندر جو هو، سو به پنهنجي دفتر مان نڪري آيو ۽ ٻيا به ڪيترائي ننڍا وڏا عملدار، جنهن ۾ ڪسٽم جا عهديدار به هئا، سنڌو درياهه جي ساڄي ڪپ تي ٺهيل، پٿر جي وڏي شاهي عمارت ۽ ميل ٻن ۾ ٺهيل ڏڪي wharf تي اچي بيهي رهيا ۽ ڪين سمجهه ۾ نه پئي آيو ته سوءِ مياڻي تي لڳل توب جو ايترا ٻيرا ٺڪاءُ ڪري رهي آهي.

”ڪٿي اهو سوءِ مياڻيءَ وارو عملدار نشي ۾ ته ناهي؟“ مير بندر علي قلي خان پنهنجي راءِ ظاهر ڪئي.

ٻيا سڀ عملدار خاموش هڪ ٻئي کي ۽ ڏکڻ طرف سوءِ مياڻي ڏانهن ٿيندڙ ٺڪائن ڏانهن ڏسي رهيا هئا. بندرگاهه سان لڳ، لاهري شهر ۾ ٻڻ خوف ڦهلجڻ لڳو ته اهڙا ٺڪاءُ اڳ ڪڏهن به ٻڌڻ ۾ نه آيا هئا. پر انهن ٺڪائن جا آواز مفاصلي تي هئڻ ڪري جهڪا هئا.

هُتي سوءِ مياڻيءَ جي عملدارن لاءِ هڪ نئين صورتحال هئي ته ڪين هڪ ئي وقت اٺاويهه جنگي جهاز، سمنڊ منجهه درياهه ۾ داخل ٿي لاهري بندر ڏانهن ايندا نظر آيا. قاعدي موجب لاهري بندر تي، هر درج يا درج نه ٿيل جهاز سوءِ مياڻي تي لڳل توب جي هڪ ئي چٽاءَ تي، پريان ئي اشارو ڪري پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي بيهي رهندو هو ۽ جيستائين سوءِ مياڻي جي عملدارن منجهان ڪو هڪ ٻيڙي ڪاهي، جهاز تي نه اچي ۽ ضروري ڳالهين، ڪاغذن جي جانچ پڙتال نه ڪري، ۽ واپاري جهاز وارن کان مقرر ڪيل چاندو پاٽي يا دش — خوش نه وصول ڪري، تيستائين ڪو به جهاز بندرگاهه جي قائم ڪيل سوءِ مياڻي واري چوڪيءَ تان اڳتي نه وڌندو هو. پر جڏهن عملدارن ڏٺو ته اهي سڀ جهاز لاڳيتو وڌندا ٿا اچن هنن توبن جا وڌيڪ ٺڪاءُ ڪيا ۽ پوءِ بندرگاهه جي انهيءَ چوڪي تي حفاظت جو مناسب انتظام نه هئڻ ڪري، اهي عملدار پڇي وڃڻ جو سوچڻ لڳا ته ڪين سڀ کان اڳ واري جهاز تي پورچوگيزن جو جهنڊو نظر آيو. انهيءَ ڳالهه سندن همت وڌائي ته يورپ جا رهاڪو پورچوگيز، سنڌ جي حاڪم مرزا عيسيٰ ترخان جا دوست آهن ۽ سندن ايترن جهازن سان لاهري بندر تي چڙهائي، ڪنهن بدنيت يا جنگي نوعيت جي ناهي. عملدارن ٺڪاءُ بند ڪيا ۽ ڪجهه عملدارن، همت ساري، پنهنجن ڪجهه محافظن (coastal guards) سان گڏ، اچي ڏڪي تي بيٺا. ٻن ننڍن عملدارن کي يڪدم هڪ ٻيڙي منجهه بندرگاهه ڏانهن مير بندر ڏي موڪليائون. جڏهن پهريون جهاز ڏڪي تي اچي لنگر انداز ٿيو ته، مڪاني عملدارن جي ڳِٽي گهٽ ٿي ۽ ڪين چاتل سڃاتل پورچوگيز نظر آيا، جيڪي عام طور تي واپاري توڙي عام جهازن ۾ ايندا ويندا رهندا هئا. هنن هٿ لوڏي ڪين ڪيڪار ڪئي ۽ اُتان به ڪين اهڙي ئي موٽ ملي. ٿوري دير ۾ سوءِ مياڻي جو عملدار پوچوگيز جهاز تي ويو ۽ ان جي ڪمانڊر سان مليو.

”اوهان کي اطلاع آهي يا نه . . . . “ پورچوگيز ڪمانڊر رعب دار انداز ۾ چيو، ”ته اسان کي توهان جي بادشاهه عيسيٰ خان ترخان پاران لکيو ويو آهي ته سندس مدد لاءِ باغين جي سرڪوبي لاءِ فوجي مدد ڪريون. اسين اچي ويا آهيون ۽ بندرگاهه ڏانهن ويندڙ رستو کوليو وڃي.“

”اوهان اسان جا دوست آهيو“ سوءِ مياڻي جي عملدار چيو، ”پر مون کي انهيءَ معاملي جي ڪا به اڳواٽ سرڪاري اطلاع ناهي، ۽ منهنجي فرض ادائيگي انهيءَ ۾ ئي آهي ته اوهان کي اڳتي وڃڻ کان ايستائين روڪيان، جيستائين بندرگاهه يا تختگاهه نٽي کان اجازت ملي.“

پورچوگيز ڪمانڊر انهيءَ جواب تي ڪاوڙجي پيو ۽ چوڻ لڳو، ”مون کي تون نٿو سڃاڻين. منهنجو نالو پيڊرو بريٽو رولم (Padro Berreto Rolium) آهي. اولهه يورپ جي ڏاکڻي ڪنڊ کان وٺي آفريڪا جي الهندي ڪناري سان لڳ، هزارين ميل ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ جون بي پناهه چوليون مونکي سڃاڻين ٿيون. ڏکڻ آفريڪا کان ڦري هندي وڏي سمنڊ کان وٺي ديو دمن، بسين، ڪڇ، گجرات، عربي، سنڌي سمنڊ ۽ ايراني نار تائين ڦهليل پاڻين ۾ منهنجو عڪس محفوظ آهي. منهنجا ماڻهو ۽ جهاز جهڙي طرح سمنڊ کي چيري ڦاڙي هلن ٿا، اهڙيءَ ريت خشڪي يا هوا به ڪين قبول ڪري جاءِ ڏيندي آهي. مون کي تنهنجي حڪم يا فرض جي

ڪا پرواهه ناهي ۽ نڪي مير بندر جي اجازت جي ضرورت آهي. اسان وٽ اوهانجي بادشاهه جو پروانو موجود آهي ۽ اسان جي هي جهاز ايندڙ صبح کان اڳ لاهري بندر ۾ لنگر ڪرڻا آهن.“

جهاز جي ڪئبن ۾، پورچوگيزن جي موجودگيءَ ۾ ترخان عملدار ڪجهه وڌيڪ چئي نه سگهيو. فقط ايترو پڇڪيو: ”مون کي نه ڪا اجازت آهي ۽ نه ڪي خبر!“

”پرواهه ناهي،“ پيدرو صاحب رڙ ڪئي، ”آفيسر کي پنهنجي قبضي ۾ وٺو ۽ بندرگاهه ڏانهن رخ ڪيو. مون کي سنڌو درياهه جي چولي چوليءَ جي ڄاڻ آهي. ڏاڍو ڏکيو درياهه آهي. پيدرو رولهه سمندن جي لهرن تي هريل انسان آهي. پر هن درياهه ۾ ٿورو خبرداري سان هلجو.“

سوءِ مياڻيءَ جي ترخان عملدار کي بيوس ڪري، پورچوگيزن پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ۽ ڪمانڊر پيدرو جو جهاز سڀ کان اڳ لاهري بندر ڏانهن روانو ٿيو. رات جي اونداهه چوطرف ڦهليل ۽ سوءِ مياڻي جي چوڪيءَ تي روشن شمعدان ۽ ڏياٽيون آهستي آهستي پنتي ٿينديون پئي ويون. پورچوگيزن جا اجگر جهاز هڪ ٻئي جي پٺيان آهستي آهستي لاهري بندر ڏانهن وڃڻ لڳا. سنڌو درياهه جون بي پناهه چوليون پورچوگيزن جي جهازن جي چوطرف ڦهلجي ويون. سياري جي موسم ڪري درياهه منجهه لاٽ هئي، پر تنهن هوندي به پاڻيءَ ۾ ايتري اونهائپ هئي، جو جنگي جهاز به اڳتي وڌي سگهن. رات جي اونده ۾، سنڌوءَ ۾ اهي جهاز ائين پئي لڳا، ڄڻ ڪي اجگر راڪاس، نشن ۾ ٻڏل، آهستي آهستي لڏندا لمندا پئي ويا. انهن اٺاويهن جهازن ۾، هزار کن پورچوگيز فوجي جنگي ساز سامان سان موجود هئا. پنڌرهين سورهين صديءَ منجهه، سڄي ساموندي ڪناري تي آباد شاهوڪار ملڪن ڏانهن پورچوگيز قوم جي اچ وڃ گهڻي هئي. پورچوگيز يورپ جي اولهه ــ ڏکڻ ڪنڊ تي اسپين ۽ جبرالٽر ملڪن جي پرسان، ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري آباد ملڪ پورچوگال جا رهاڪو هئا. عيسائي مذهب جا ڪٽر ۽ انتها پسند ماڻهو هئا. جن ملڪن ۾ سندن اثر رسوخ هو، اُت سوچي سمجهي ڪوشش ڪندا هئا ته سندن مذهب جو پرچار ٿئي ۽ ماڻهو عيسائي بنجن. اولهه هندستاني بندرگاهن جن ۾ گوا، ديوڊمن، بيسين، بمبئي ۽ ٻيا ننڍڙا ڪناري وارا واهڻ شامل هئا تن ۾ سندن عملداري قائم ٿي چڪي هئي ۽ ڪيترن ماڻهن کي پنهنجي مذهب جو پوئلڳ بنائي چڪا هئا. سنڌ جي شهر لاهري بندر ۽ ٺٽي ۾ پڻ سندن ديول قائم هئا ۽ سندن پادري عام طور تي ٻنهي شهرن ۾ گهمندا ڦرندا هئا. هندستان جي سڄي اولهائين ڪناري، سنڌ مڪران جي ساحلي علائقن کان ايراني نار تائين، هرمز جي بندرگاهه تائين، پورچوگيز جو وڏو اثر قائم هو ۽ سندن ڏاڍ مڙسي ۽ لُچائيءَ جي اها حد هئي، ته هو سنڌ جي لاهري بندر يا هندستان جي ڪن ٻين بندرگاهن تان، ٻين يورپي قومن جي جهازن کي اچڻ يا وڃڻ جي اجازت نه ڏيندا هئا ۽ سندن جنگي ٻيڙا سدائين سنڌ هند جي اوسي پاسي سمنڊ ۾ موجود هوندا هئا، ۽ فقط انهن ٻيڙين يا جهازن کي واپار سانگي اچڻ وڃڻ جي اجازت ڏيندا هئا، جيڪي سندن مرضي مطابق ڏن ڀريندا هئا يا پورچوگيزن جي وڏيرپ مڃيندا هئا. انهيءَ ڪري سنڌ جا حاڪم ۽ بادشاهه پورچوگيزن سان تمام سٺا دوستانا تعلقات رکڻ لاءِ مجبور هئا. سنڌ جو سمورو روانگي واپار پورچوگيزن جي ذريعي ٿيندو هو ۽ پورچوگيز سنڌي حاڪمن ۽ عملدارن کي، سندن ملڪ جو ٺهيل اعلىٰ شراب پڻ ڏيندا هئا. اهو شراب، مغل شهنشاهه پڻ استعمال ڪندا هئا ۽ سنڌ جا حاڪم ۽ عملدار اهڙي اعلىٰ شراب کي استعمال ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. پورچوگيزن جي هند سنڌ جي ساموندي ڪناري وارن علائقن ۾ هڪ هٽي قائم هئي. جيئن وچ ايشيا جي جنگجو قبيلن جهڙوڪ مغل، ارغون، ترخان يا پٺاڻ قومن جي دهشت يا جنگي جنون يا بين الاقوامي ڦرلٽ، ايران افغانستان ۽ هند سنڌ تي ڦهليل هئي، ائين پورچوگيزن جي بين الاقوامي داداگيري، دنيا جي ساموندي ڪناري وارن علائقن ۾ ڦهليل هئي. ساڻن گڏ انگريز ڊچ ۽ فرينچ به انهيءَ ڪم منجهه شامل هئا.

اجا سج ڪو نه نڪتو هو ته سوءِ مياڻي مان نڪتل ٻيڙي ڀن ننڍن عملدارن سان گڏ لاهري بندر ۾ داخل ٿي. بندر ۾ ڪجهه هراس پکڙيل هو. بندر جا ڪجهه عملدار ڏکي تي بيٺا هئا، جن ٻيڙيءَ مان لٿل عملدارن کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ڇو ته اهو هڪ غير معمولي واقعو هو ته رات جي پهر ۾ ائين ڪا ٻيڙي بندرگاهه جي حدن ۾ داخل ٿئي. ننڍن عملدارن کين هڪدم مير بندر، علي قلي خان سان ملڻ جي ضرورت محسوس ڪرائي. بندر تي موجود عملدارن کي اها خبر هئي ته مير بندر، علي قلي خان اڌ رات تائين بندرگاهه

جي عمارت ۾ موجود هو. ڪيس ڪجهه فڪر پڻ هو ۽ انهيءَ خفي منجهه ولايتي شراب گهڻو پي ويو هو ۽ پوءِ بستري تي وڃي ڪريو هو. سوءِ مياٽي جي ننڍين عملدارن نيٺ هٽي هنڌ ڪيو ۽ جڏهن پرهه ڦٽي مهل، مير بندر ڪين بندرگاهه جي عاليشان عمارت ۾ پنهنجي دفتر ۾ مليو ته ڪين اِهو به اطلاع مليو ته ڪجهه جهاز بندرگاهه جي ويجهو پهچي چڪا آهن.

”آخر ڇو اهي جهاز آيا آهن؟“ علي قلي خان جنهن جا نشا لهي چڪا هئا تنهن پُڇيو.

”سرڪار اسان کي خبر ناهي. پر آهن جنگي جهاز.“

”پورچوگيزن جا بادشاهه سلامت سان ته تمام سٺا تعلقات آهن،“ مير بندر چيو، ”هوئنءَ ته پورچوگيز سدائين اسان جا مهمان ۽ دوست رهيا آهن، پر جنگي جهازن جي اچڻ جو مطلب ڇا آهي. هت بندرگاهه تي اسان وٽ ته ڪا فوج به ڪانهي. جيڪا ڪجهه موجود هئي، سا به بادشاهه سلامت سان گڏ خدمت ۾ ويل آهي.“

علي قلي خان کي گهٽي ورائي ويئي. هو پاڻ عمارت مان نڪري، ڏڪي تي اچي بيٺو ۽ اُن وقت پهريون جهاز ڏڪي سان لڳو پئي ۽ پٺيان جهازن جي لانڊ هئي، جيڪي ٿوري ٿوري مفاصلي تي بيهي رهيا. جهازن تي پورچوگيز جهنڊا لهرايا پئي، جنهن جو ڏهڪاءُ سنڌ جي هن ساموندي ڪناري واري شهر ۾ ڦهلجڻ لڳو.

صبح ٿي چڪو هو ۽ شهر جي ماڻهن ۾ به پورچوگيز جنگي جهازن جي لنگر انداز ٿيڻ جي خبر ڦهلجي چڪي هئي. هڪڙو پورچوگيز ڪارملائٽ پادري، ڊگهي جبي، ڊگهي ڏاڙهي ۽ پيرين اگهاڙو، ڏڪي تي آيو هو ۽ سندس ضد هو ته مون کي جهاز تي مٿي موڪليو وڃي. مٿي جهاز تي علي قلي خان پهچي چڪو هو. پورچوگيز ڪمانڊر پيڊرو رولم جي ويڪري ڪئيبن ۾ ويٺو هو. کيس ڪمانڊر جو انتظار هو. علي قلي خان جا ڪيترن پورچوگيزن سان سٺا دوستانا تعلقات هئا. پر اڄ کيس پنهنجو ڪو به پراڻو واقف ڪار نظر نه پئي آيو. هو جيتري دير ڪمانڊر جي سجايل ڪئيبن ۾ ويٺو هو، اوترو خوف مٿس چڙهندو ويو. اڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ ڪمانڊر پيڊرو ڪئيبن ۾ آيو. مير بندر علي قلي خان وڏي کيس خوش آمديد چيو ته ڪمانڊر کيس ورندي ڏني:

”اسين اوهان جا دوست آهيون. پر لڳي ٿو ته اوهان سڀ بي خبر آهيو. اسين اوهان جي بادشاهه جي دعوت تي هت آيا آهيون. پر هت مون کي ڪو به بندوبست نظر نه ٿو اچي. اوهان جي يڪ پوسٽ سوءِ مياٽي وارن عملدارن کي به ڪا خبر ناهي.“

علي قلي خان ٿڌو ساهه کڻيو ۽ ادب سان وراڻيو: ”اسان کي بادشاهه سلامت طرفان ڪا به ڄاڻ ناهي. پر اها حقيقت آهي ته اوهان اسان جا محترم ۽ بهترين دوست آهيو. اسان جو سڄو ڪاروبار اوهان جي مهربانين سان سڄي دنيا ۾ هلي ٿو. اوهان فڪر نه ڪريو اسان توهان جو سمورو بندوبست ڪريون ٿا.“

”نه، مون کي ڪنهن به بندوبست جي ضرورت ناهي، اسان سياٽي شام تائين ٺٽي پهچڻ چاهيون ٿا ۽ ڪلاڪ پن ۾ هتان ٺٽي روانا ٿيون ٿا. اوهان رڳو پنهنجا ڪارندا ٺٽي موڪلي بادشاهه کي اطلاع پهچايو، جيئن ٺٽي ۾ اسان جو استقبال ڪري سگهي.“

”بلڪل ائين ٿيندو.“ علي قلي خان کي پنهنجو ڇوٽڪارو محسوس ٿيڻ لڳو. کيس جهاز تي موجود پورچوگيز فوجي سپاهي، بندوقون ۽ لڳل توبون ڏسي دهشت وٺي ويئي. کيس اها به ڄاڻ هئي ته اهي جهاز پنهنجن توبن سان سڄو شهر تباهه ڪري سگهن ٿا. شهر سڄو عام طور تي ڪاٺ ۽ مٽيءَ جي سرن ۽ گاري سان لنبيل هڪ ماڙ کان چار ماڙ تائين ٺهيل اوچين ۽ ويڪرين جڳهين سان پريل هو. ڪي ڪي سرڪاري عمارتون پٿر جون ٺهيل هيون. شهر ايڏو وڏو نه هو، پر تنهن هوندي به گهٽيل آبادي ۽ وٽندڙ هو. ماڻهو سُکيا ۽ واپاري هئا. بندرگاهه هئڻ ڪري سڄي شهر جي ڪاروباري زندگي ۾ رونق هئي. واپار گهڻو ڪري وڏن طبقن جي هٿن ۾ هو، جيڪي ڪجهه مڪاني ماڻهو ڏنڌي ۾ هئا، تن تي ترخان حاڪمن ۽ ارغونن جي اُرهه زورائي ظاهر ظهور هئي ۽ سندن نفعي جو وڏو حصو يا ته محصولن ۾ ويندو هليو هو يا ارغون داداگير ڦري ويندا هئا. بندرگاهه تي سنڌي مزور گهٽ هئا ۽ يمن ۽ فارس جا ماڻهو محنت مشقت ڪندا هئا. ترخانن جو ملڪي ماڻهن ڏانهن رخ به صحيح نه هوندو هو ۽ هُو پاڻ به پرڏيهي مزورن کي ترجيح ڏيندا هئا. انهيءَ بندرگاهه منجهان ٺٽي جي سرڪار کي ساليانو سٺ لک روپيا محصول ملندو هو. مير بندر سڄي شهر ۽ بندر گاهه جو حاڪم هو، پر

هڪ ٻيو ڪامورو پڻ هو، جنهن کي ’نا خدا‘ چوندا هئا، جيڪو سچي بندرگاهه تي اينڌڙ ويندڙ جهازن ۽ انهن جي ڪارڪردگي لاءِ ذميوار هو. بندر تي ئي هڪ ڪليل عمارت جي حصي ۾ ڪسٽم هائوس يعني محصول گاهه ٺهيل هئي. محصول وصول ڪندڙ ڪامورا، بندرگاهه تي اينڌڙ هر هڪ شيءِ جو ڪاتن ۾ اندراج ڪندا هئا ۽ سامان جي ڪل مُلهه جو ساڍا ٽي سيڪڙو محصول يا ڪسٽم ڊيوٽي طور وصول ڪندا هئا. گهڻي واپاري وهنوار ڪري، پورچوگيزن ۽ انگريزن، سنڌي ڪسٽم آفيسرن کي رشوت تي هيرائي ڇڏيو هو ۽ ڪسٽم آفيسر اينڌڙ مال ۽ پرڏيهي واپارين کي ڏسندا هئا ته سندن وات پاڻي ٿيندو هو ۽ اهڙي طرح انگريز ۽ پورچوگيز پنهنجي مال جو گهٽ مُلهه ڏيکاري، محصول بچائيندا هئا ۽ سنڌي ڪسٽم آفيسر پڻ پنهنجو دش ـــ خُش وصول ڪندا هئا. لاهري بندر تان جيڪو سنڌ جو سامان ٻاهرين ملڪ ڏانهن روانو ٿيندو هو، تنهن ۾ اوني سوٽي ڪپڙو، گلي، لوڻ، ڪنڊ، چمڙي جون ٺهيل شيون ۽ عاج لڳل ڪاٺ جو سامان ۽ ٻيون به ڪيتريون جنسون شامل آهن، گهڻو ڪري واپار ايراني گلف وارن بندرن مسقط، ڪانڪن، بندر عباس ۽ بحرين سان ٿيندو هو ۽ سامان گجراتي ۽ مهاراشٽري بندرگاهن ڏي به ويندو هو. سنڌي حاڪم، بحرين مان موتي، سون، چاندي گهرائيندا هئا ۽ پورچوگيز شراب، تماڪ ۽ کجور پڻ آڻيندا هئا. پورچوگيزن جو لاهري بندر جي آمدني ۽ روانگي واپاري تي ايترو ڪنٽرول هو، جو مشهور انگريز سياح ۽ سفير ٿامس رو لکيو هو ته سنڌ پورچوگيزن جي قبضي منجهه آهي.

سچي شهر ۾ اها خبر ڦهلجي ويئي ته پورچوگيزن جا جهاز پرچي بندرگاهه تي لنگر انداز ٿيا آهن. پهرين خوف ڦهلجي ويو، پر جڏهن شهرين کي خبر پئي ته خير آهي ۽ ڪا به اڻ وڻندڙ ڳالهه ناهي ته شهر جا ڪيترا معزز ماڻهو، بندرگاهه تي پهتا، پر پيڊرو وليم کين اطلاع ڏنو ته اسان ڪنهن سان به ملڻ نه آيا آهيون. اسان جي منزل ٺٽو آهي ۽ مرزا عيسىٰ ترخان. بندرگاهه جي پر واري چرچ جا پيءُ آگسٽينين پادري به ڪجهه حاصل ڪرڻ جي نيت سان آيا، پر کين به جواب مليو. ڪسبياڻي عورتن جا دلال سهي سنيري بندرگاهه تي پهتا ته مولا وارو ورايو آهي، اُهي به واپس وريا. پيڊرو رولم جي من ۾ ڪا ٻي ڳالهه هئي. ڪيس ٺٽي پهچڻ جي ڳڻتي هئي.

جڏهن سج آسمان تي چڱو چڙهي آيو ۽ ڦهليل ڪڪرن مان روشني لاهري بندر جي شهر ۽ سنڌو درياهه تي پوڻ لڳي ته پورچوگيزن جا جهاز واپس مڙيا ۽ اڌ ميل ڪن پوئتي پهچي، بندرگاهه وارو پاڻي ـــ گس ڇڏي، سنڌو درياهه ۾ داخل ٿيا. سرديون هئڻ جي باوجود، وهڪرو تيز هو ۽ جهاز اوپاري وهڪري کي چيري اڳتي وڌڻ لڳا. درياهه جي ٻنهي پاسي آباد ڳوٺن ۾ ماڻهن جا ٺٽ لڳي ويا ۽ جهازن جي اهڙي سرگس هنن ڪڏهن نه ڏٺي هئي. پري ڏارين جا جهنڊا ڏسي، ڪجهه وڏڙا ۽ جهونا ماڻهو ڊڄي ويا. ٻئي پاسي، مير بندر هڪ دم چاڪ چوبند گهوڙيسوار دستو ٺٽي ڏانهن خشڪيءَ رستي روانو ڪيو. مير بندر کي ڄاڻ هئي بادشاهه مرزا عيسىٰ خان ٺٽي ۾ موجود ناهي ۽ عام فوجي دستا به ساٽس گڏ روانا ٿيل آهن. مير بندر، علي قلي خان، پريشان هو ته هاڻ ڇا ٿيڻ وارو آهي. بادشاهه جي دعوت تي پورچوگيز آيا آهن، ڇو ته بادشاهه کي باغين جي سرڪوبي لاءِ فوجي امداد جي ضرورت هئي. پر بادشاهه ٺٽي ۾ ناهي ۽ هي بگهڙ اوڏانهن وڃن پيا. هنن جا ارادا ۽ انداز ڪيس چڱا نه پئي لڳا. الله خير ڪري. ڪيس عام ماڻهن جي پرواهه نه هئي، پر شاهي خاندان ۽ حڪومت جي ڳڻتي هئي.

ٻئي ڏينهن شام ڏاري ته نه، پر اڌ رات مهل پورچوگيزن جا جهاز ٺٽي پهتا. ڪمانڊر پيڊرو جو جهاز درياهه جي ٺٽي واري پاسي ٺهيل ڌڪي تي اچي لڳو ۽ ٻيا جهاز وچ درياهه ۾ ئي لنگر ڪيرائي بيهي رهيا. ٺٽو شهر درياهه جي ڪناري کان ڳپل پنڌ تي هو، پر درياهه جي ڪناري به چڱي وستي هئي. پر هن اوچتي يلغار ڪري ماڻهو سڀ ڊنل هئا. مير بندر علي قلي خان جا موڪليل گهوڙي سوار ٺٽي پهچي ويا هئا. ٺٽي ۾ بادشاهه موجود نه هو ۽ ٻيا به سڀ وڏا عملدار پڻ بادشاهه سان گڏ ويل هئا.

لاهري بندر جي عملدار مير بندر، علي قلي خان جا چار گهوڙي سوار جوان، لاهري بندر ڇڏي، سنڌ جي گادي واري شهر ٺٽي ڏانهن روانا ٿيا. کين اهي هدايتون هيون ته بندر کان ٺٽي تائين چاليهه ميلن جو مفاصلو طوفان واري رفتار سان پورو ڪري، شاهي خاندان جي ماڻهن ۽ شهر جي عملدارن کي پورچوگيزن جي جهازن ۽

فوجين بابت اطلاع ڏين. علي قلي خان کي پورچوگيزن جا ارادا چڱا نہ پئي لڳا. ڪيس سڀ کان وڏيڪ ڳڻتيءَ اچي ورايو هو تہ اهي اجگر جهاز هڪ دفعو وري واپس لاهري بندر ڏانهن ورڻا آهن ۽ پوءِ واپس سمنڊ ڏانهن ويندا. جيڪي چار گهوڙيسوار ٺٽي ڏانهن روانا ٿيا هئا، تن ۾ ٽي ترخان هئا ۽ هڪ ٺٽي جو پراڻو رهاڪو علي بخش پڻ گڏ هو. علي بخش 35 سالن جو هڪ مضبوط، ڪٽڪ رنگو ۽ قدآور جوان هو. ڪيس ترخان حاڪمن جي نوڪريءَ ۾ ڏهہ سال کن ٿي ويا هئا. پهريان بہ ٽي سال هو ٺٽي ۾ ترخانن جي پيدل فوج ۾ هو ۽ هاڻ پنجن ڇهن سالن کان لاهري بندر جي عملدار وٽ گهوڙي سوار دستي ۾ شامل هو. سندس پيءُ احمد بخش سمون، جنهن جي عمر هاڻ ذري گهٽ سو کن کي پهتي هئي، انهن ماڻهن منجهان هو، جنهن ڄام فيروز جي حڪومت تي مرزا شاهہ حسن ارغون جي حملي ۽ ٺٽي شهر ۽ آسپاس جي قتلِ عام ۽ تباهين کي روڪڻ لاءِ ڏيهي فوجن ۽ ماڻهن سان گڏجي جنگ ڪئي هئي. احمد بخش سمي کي مرزا عيسىٰ ترخان پاڻ سڃاڻيندو هو ۽ سندس سمن سان مائٽي هئڻ ڪري بہ احمد بخش کي چڱو مان ڏيندو هو، ۽ پوءِ سندس پٽ علي بخش کي پنهنجي محافظ دستي ۾ مقرر ڪيائين. علي بخش جي بهادري ۽ مردانگيءَ جا قصا جڏهن ٺٽي جي اميرن ۽ عام ماڻهن ۾ مشهور ٿيڻ لڳا تہ مرزا عيسىٰ ترخان، بنا ڪنهن سبب ڄاڻائڻ جي علي بخش جون خدمتون علي قلي خان، مير بندر لاهري بندر جي حوالي ڪيون.

چار ئي سوار ٺٽي ڏانهن ويا پئي. هڪ سوار ترخان سپاهي جنهن جي ڏاڙهي ڇاپئين هئي ۽ ڏگهو، صاف رنگ ۽ تکا نقش نگار هئس، سو علي بخش جو دوست هو ۽ ڪيس چوڻ لڳو: ”يار علي بخش تون اسان ترخانن کي پوري ريت سڃاڻين ڪو نہ ٿو. اسان جابلو علائقن جي سخت گير ماحول جي وچ ۾ ڦهليل ماٿرين جا رهاڪو آهيون. جيئن مذهب جا پڪا آهيون، تيئن قول فعل ۽ ارادن جا بہ اڏول آهيون. تلوار، گهوڙو ۽ تير اسان جي رانديڪن ۾ شامل آهن. اسان وچ ايشيا جي جابلو ميدانن ۽ ماٿرين ۾ ڦهليل ساوڪن جا هيراڪ آهيون. جانور يا انسان جو رت اسان لاءِ ڪا اهميت نٿو رکي. پر اسين دوست دشمن کي سمجهون ٿا. اُن جو وڏو ڪارڻ اِهو آهي تہ اسان جي پيرن هيٺان سخت پٿريلي ڌرتي پڻ آهي. اسان جو بنياد مضبوط آهي، انهيءَ ڪري اسين مضبوط ارادن ۽ صحيح رخ ڏانهن ڏسڻ واري قوم آهيون.“

”اڄ تنهنجي ڳالهائڻ جو انداز ئي اور آهي،“ علي بخش ڪيس چيو، ”پاڻ گڏريل پنجن سالن کان هڪ ٻئي جا دوست آهيون. پر اهڙيون ڳالهيون تو ڪڏهن بہ نہ ڪيون.“

”مون اها تهميد ڪئي هئي. اصل ۾ منهنجو موضوع سخن انهن مردود فرنگين ڏانهن آهي، جيڪي جهاز پرائي، اسان جي وجود اندر هليا ويا آهن.“ ترخان سپاهي طغرل خان وراڻيو.

”تنهنجي ڳالهہ غلط ناهي،“ علي بخش چيو، ”هي دور. . . ڇا هر دور، جو ڏاڍو سو گابو واري اصول جو رهيو آهي. ست سمنڊ پار کان هي آيل ماڻهو چالاڪ دغاباز ۽ قاتل آهن. هنن تي پروسو ڪرڻ اجايو آهي.“

”يا علي بخش! اسين بہ ستن جبلن کي اورانگهي هت پهتا آهيون. هيءَ زمين جت پاڻ آهيون، شايد مقناطيسي ڪشش ۾ سڀ کان زور آهي. ڪي قومون جبلن جو قطارون اورانگهي هت اچن ٿيون. ڪي رڻ لتاڙي اچن ٿا تہ ڪي وري ست سمنڊ پار ڪري اچن ٿا. پر علي بخش هڪڙي ڳالهہ ٻڌي ڇڏ، اسان جي قدمن هيٺان جابلو ڌرتي آهي. اسان جا ناتا ڪنهن نہ ڪنهن طور هڪ ٻئي سان ملن ٿا. جي اسان جو رت اعلىٰ ۽ ارفع آهي تہ بہ اسان دين جي ڏور ذريعي هتي جي ماڻهن سان ڳنڍيل آهيون. تون منهنجو دوست آهين. دل ۾ نہ ڪجان، اها اعلىٰ ۽ ادنىٰ جي ڳالهہ قدرت پاڻ پيدا ڪئي آهي. هاڻ هي فرنگي ڦرڻا گهرڻا ۽ لچڪدار ماڻهو آهن. سندن پيرن هيٺان ڪاٺ جا تختا آهن ۽ ڪاٺ جي تختن هيٺ سمنڊ جون ڇوليون آهن. انهيءَ ڪري سندن ارادا ۽ قول فعل بہ ڪاٺ جي انهن تختن وانگر آهن، جيڪي سمنڊ جي بي پناهہ ڇولين ۾ لڏن لمن پيا. مون کي هنن جي رنگين ڪپڙن، ڊگهين بندوقن، پورن وارن ۽ ڇيتي جهڙين خونخوار اکين مان خوف ٿو لڳي. سندن دماغ نشي ۾ ائين پُر آهن، جيئن سندن جهاز سنڌو درياهہ جي تيز وهڪري کي چيري، لڏندي لمندي اڳتي وڌن ٿا.“

” تون سمجهين ٿو تہ اهي پورچوگيز ٺٽي ۾ قتل ۽ غارتگري ڪندا.“ علي بخش سوال پڇيو.

”ها ۽ ان سان گڏ ڦرمار پڻ!“ طغرل خان وراڻيو.

” پر ڇو؟ اهي تہ بادشاهہ سلامت جا دوست آهن ۽ سندن چوڻ مطابق هو بادشاهہ سلامت جي خواهش تي ئي سنڌ آيا آهن.“

”سڀ طاقتور قومون، ڪنهن ڪنهن جي خواهش جي پورائي ڪنديون، پين جي حد بنديءَ منجهہ دخل ڏينديون آهن. مون فارسي ادب پڙهيو آهي، مون ڪي ترڪستان جي ٻوليءَ جو علم آهي ۽ ان سان گڏ اهڙين قومن ۽ انهن جي طاقتن جي بہ ڄاڻ آهي. ڪتابن ۽ وڏڙن جي سيني ۾ لڪل داستانن منجهہ اهي سڀ ڳالهيون ملنديون آهن. اسان کي رڳو ڪتابن جي صفحن کي کولڻ ۽ وڏڙن جي سينن کي ڦولڻ جي ضرورت آهي.“

”منهنجي سو ورهيہ جي جهوني پيءَ جي ڇاتي منجهہ بہ الائي ڪيترا داستان سمايل آهن“ علي بخش چيو، ”هن الائي پنهنجين اکين سان ٺٽي شهر ۾ ڇا ڇا وهندو واپرندو ڏٺو آهي.“

”افسوس جي ڳالهہ آهي تہ“ طغرل خان چيو، ”پوڙهاڻ جهونا ۽ بزرگ زمين ۾ دفن ٿي وڃن ٿا ۽ سڀ واقعا بہ ائين ساڻن گڏ هن دنيا جي مٿاڇري تان لهي پاتال ۾ هليا وڃن ٿا. ڪتابن جي ڪاغذن کي اڌوهي ۽ زماني جي هوا آهستي آهستي پوري ختم ڪري ڇڏي ٿي.“

هنن گهوڙن جي رفتار تيز ڪئي ۽ ڪين خبر هئي تہ پنهنجي تائين هو ٺٽي پهچي ويندا. طغرل خان کي ڪجهہ وڌيڪ ڳڻتي هئي. هو اڳرائي ڪندڙ قوم جو فرد هو. کيس اها ڄاڻ هئي تہ جڏهن ڪا قوم طاقت جي نشي ۾ پرجي، ٻئي ملڪ جي سرحدن ۾ قدم رکندي آهي تہ پوءِ طاقتور ۽ ڪمزور، حاڪم ۽ محڪوم، ظالم ۽ مظلوم ۽ لُٽيندڙ ۽ لٽجندڙ جا رشتا قائم ٿيندا آهن ۽ ڌرتيءَ جو اهو حصو هڪ اوڙاهہ وانگر بنجي ويندو آهي جنهن ۾ ڪمزور سڙندا رهندا آهن، لهسندا رهندا آهن ۽ ڏاڍو، انهيءَ سچي اوڙاهہ ۾ انڌ واري گهوڙي تي سوار هوندو آهي ۽ لغام سندس پنهنجن هٿن ۾ هوندي آهي.

علي بخش، لاهري بندر تان روانو ٿيڻ مهل، پنهنجي عملدار کان ٻن ٽن ڏينهن جي موڪل وٺي آيو هو تہ جيئن پنهنجي پيءُ احمد بخش سان ملي ۽ گهر جي ڀاتين سان ڪي قرب جون گهڙيون گهاري سگهي. هو ٽن مهينن کا پوءِ ٺٽي آيو پئي. ٺٽي ۾ سندس پيءُ احمد بخش، زال جنان، ڀہ ننڍيا ڀائر پنهنجين زالن ۽ ٻارن سان رهندا هئا. علي بخش هميشہ پنهنجن ترخان عملدارن جي ساراهہ جا ڍڪ ڀريندو هو، پر جهونو احمد بخش کيس چوندو هو تہ ڪنهن مهل ساڻس ڪچهري ڪري تہ کيس گذريل مُني صديءَ جا واقعا ٻڌائي، پر نوجوان علي بخش کي پنهنجن ڪمن منجهان فرصت ئي نہ ملندي هئي ۽ جهونو احمد بخش بہ هروڀرو ماضيءَ جا قٿ ڦولهڻ جي ڪوشش نہ ڪندو هو. جوان پٽ علي بخش جي ترخان حاڪمن جي ملازمت ڪري، کين شهر ۾ امن سان رهڻ جون گهڙيون نصيب ٿيل هيون. ٺٽي پهچي، طغرل خان ۽ ٻيا سپاهي، اعليٰ عملدارن کي تفصيل ٻڌائڻ ۾ مشغول ٿي ويا، ۽ علي بخش کانئن موڪلائي گهر جو رخ ڪيو. ترخان اعليٰ عملدارن پورچوگيزن جي اچڻ کي رواجي اهميت ڏني ۽ کين ڄاڻ هئي تہ تہ هو سندن دوست هئا. ترخانن جي بادشاهيءَ ڪري لاهري بندر جو سڄو روانگي توڙي آمدني واپار پورچوگيزن جي قبضي ۾ هو ۽ ڪو بہ ڌاريو جهاز سندن اجازت کانسواءِ لاهري بندر ڏانهن وڃي نٿي سگهيو ۽ نڪي ڪو جهاز ڏيساور لاءِ ڪو سامان کڻي وڃي سگهيو ٿي. اهڙي ريت سموري هندستاني اولهہ سامونڊي ڪناري ۽ سنڌ مڪران جي سامونڊي علائقن ۾، پورچوگيزن جي هڪ هٽي قائم ٿيل هئي. ترخان حاڪمن لاءِ يورپي شراب جا پيپا پڻ اهي پورچوگيز ئي آڻيندا هئا. انهيءَ ڪري ترخان اعليٰ عملدارن کي ڄاڻ هئي تہ سندن دماغن ۽ جسم ۾ اقتدار جي نشي سان گڏ پيو نشو يورپي شرابن جو آهي. سو هم پيالي ڀائي، سندن مهمان آهن ۽ ڪائي پي عيش عشرت ڪري موڪلائي هليا ويندا. پلي ڪري آيا. اکين تي آيا.

علي بخش ٽيهريءَ جو گهر پهتو تہ جهونو احمد بخش ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڀاڪر پائي آسيس لاٽائين. علي بخش کي، پيءُ جون پاسراٽيون چڱيءَ طرح محسوس ٿيون پئي، پر انهيءَ پاسراٽين جي اندر جيڪي گذريل ڏينهن جا داستان پوريل هئا، تن جي اپٽار لاءِ اجا جهوني چَپَ نہ چوريا هئا ۽ نڪي علي بخش کي ماضيءَ جي احوالن جي ڳڻتي هئي. هُو ترخانن جي ڏنل گهوڙي ۽ تلوار تي مست هو. ڀائر پنهنجن ڪمن ڪارين تي هئا ۽ ٻين ڀاتين سان ملي، جنان سان ڳالهايائين. ٽيهن سالن جي مضبوط هاٿي ۽ پوري ٻني قد ۽ موچاري مُنهن واري

جنان، پورن ڏينهن تي هئي. علي بخش جي دل چاهيو تہ وک وڌائي پاڪر پائيس، پر گهر ۾ ٻين پاتين اڳيان يا ڏينهن جي روشنيءَ ۾ روايتي شرم حيا ڪري، اهو ممڪن نہ هو. جنان جنهن مرڪ ۾ روشن اکين سان ڏٺو هو، سو ئي ڪوڙ هو.

”پٽ، هاڻ ماني کاءِ آرام ڪر.“ احمد بخش چيو، ”حال احوال لاءِ رات سڄي پئي آهي.“

جنان يڪدم رڌڻي ۾ ويئي ۽ مانيءَ جي بندوبست ۾ لڳي ويئي.

”بابا پورچوگيزن جا اٺاويهہ جهاز فوج سان پرجي آيا آهن ۽ اڄ شام ڌاري ٺٽي پهچي ويندا.“

”خير تہ آهي؟“ احمد بخش پڇيو.

”بابا لڳي تہ خير ٿو.“

”پر اڳ تہ ڪڏهن بہ ايترا جهاز يا منجهن فوجي ٺٽي ۾ نہ آيا آهن.“ احمد بخش وراڻيو.

”ها، پر ترخان چون پيا خير آهي. پورچوگيز بادشاهہ سلامت جا دوست آهن ۽ انهيءَ جي ئي دعوت تي آيا آهن.“ احمد بخش وراڻيو.

”بادشاهہ سلامت جي دعوت تي آيا آهن؟“ احمد بخش پڇيو، ”پر مرزا عيسىٰ ترخان تہ ٻہ مهينا کن ٿيا آهن بکر سرڪار جي بغاوت کي دٻائڻ لاءِ ويل آهي. مون کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي.“

”بابا خير ٿي ويندو.“ علي بخش پيءُ کي دلاسو ڏنو.

”پٽ مون کي خير نظر نہ ٿو اچي،“ جهوني چيو، ”الله، الله جو رسول ڪري تہ اِها آفت جيئن آئي آهي، تيئن ٽري وڃي. ڪيڏي مهل ويهہ تہ توکي گذريل پنجاهہ سو سالن جا واقعا ٻڌايان. منهنجي نظر هينئر تمام گهٽ آهي، پر اکين ۾ سمايل واقعا ٻڌايان. منهنجي نظر هينئر تمام گهٽ آهي، پر اکين ۾ سمايل واقعا ائين جيئرا جاڳندا لڳندا لڳن ٿا جڻ ڪو آرسيءَ آڏو بيٺو آهي.“

علي بخش پيءُ جي ڳالهہ تي گهڻو ڌيان نہ ڏنو ۽ جنان ڳاڙهن چانورن جي اٽي جي پچايل ماني، مکڻ ۽ لسيءَ گلاس کڻي آئي هئي ۽ هو مانيءَ کي جنبي ويو. جنان کيس ڏسڻ لڳي. عورت کي پنهنجو مرد ڪيترو چڱو لڳندو آهي، سو بہ جڏهن هوءَ ڪجهہ وقت کان پوءِ ڏسي تہ سندس لڱن جي لوڻءَ لوڻءَ منجهہ هڪ تنوار پيدا ٿيڻ لڳندي آهي، ۽ ڪي پارکو اکيون ئي انهيءَ عورت جي لڱن جي لوڏ ۾ انهن منجهہ پرندڙ مشعلون ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهنديون. جنان پنهنجو نون مهينن جو پيٽ ڏٺو ۽ کيس ائين لڳو، جڻ سندس پرٽيل زندگيءَ ۾ جيترو بہ پيار علي بخش کيس ڏنو هو، سو سڄو هن پيٽ ۾ سمائي ڇڏيو هو. جنان جو موڪرو منهن ۽ وڏيون اکيون جڻ ڪو ڪتاب هو، جنهن ۾ سڀ اکر محبت جا لکيل هئا.

علي بخش ماني کائي سمهي پيو. کيس لاڳيتي گهوڙي سواريءَ ڪري ٿڪ هو ۽ لڱن ۾ سور هوس.

شام جو سوير ئي سج لهي ويو. سياري جا ڏينهن ننيا راتيون اجگر. آسمان تي ڪارا ڪڪر چانيل هئا. شهر ٺٽو سڄو اوندهہ ۾ ٻڏل هو، سواءِ ڪجهہ گهرن جي يا چونڪن ۽ ڪجهہ گهٽين ۾ ٻريل شمعدانن جي روشني هئي. شهر جي اولهہ ڏکڻ ۾ جيڪي وڏن ماڻهن جا پاڙا ۽ وستيون هيون تن ۾ وڌيڪ روشني هئي. مغلن جو پاڙو ۽ ارغونن جو پاڙو، شهر جي عمارت ۽ وڏماڻهپي وارا حصا هئا، جن نہ رڳو عمارتون پڪيون، پر گهٽيون ۽ چونڪ بہ پڪين سرن سان ٺهيل هئا. انهن پاڙن ۾ مغلن ۽ ارغونن جي گهوڙن جا سنب بہ مٽي اڏائي نہ سگهندا هئا، جو اُت صفائيءَ جو ايڏو انتظام هو جو مٽيءَ نالي ڪا شيءَ نہ هئي. پرسان سيدن ۽ ٻين درٻاري اميرن جا ويڙها هئا. ات بہ پڪا گهر ۽ روشن چونڪ هئا. انهن وستين سان گڏ ڪجهہ مدرسا ٺهيل هئا، جن ۾ ڪچي پڪي سر ٻئي استعمال ٿيل هيون ۽ ڪاٺ جو ڪم بہ گهڻو ٿيل هو. مدرسن ۾ فارسي عربي عالمن ۽ شاگردن جي گهٽائي هئي. تمام ٿورا ڏيهي ۽ مڪاني شاگرد هئا، پر سندن حيثيت حاڪم طبقي جي شاگردن جي پيٽ ۾ ٻئي درجي جي هئي. شهر جي شاهي بازار ڊگهي سنهي ۽ ور وڪڙن واري هئي، جيڪا ڏيهي توڙي پرڏيهي سامان سان سٿيل هئي. واپاري گهڻا، ڪڇ، مارواڙ پاسي جا هئا، پر ٺٽي شهر جي اصل رهاڪن مان ڪيترن ميمڻ ۽ نومسلم ماڻهن جا بہ دڪان هئا. عام طور دڪانن جون ڇتيون پٽر جون ٺهيل هيون ۽ ڇتيون ۽ مٿان تيڪي سان ٺهيل جهڳيون هيون. شهر جي اوير پاسي باغ هئا ۽ شهر جي اولهہ پاسي اميرن جي پاڙن پرسان پڻ هڪ باغ هو، جنهن کي شاهي باغ چوندا هئا. سڄي شهر ۾ ارغون گهوڙيسوار عام جام ارهہ

زورائي سان گھمندا ڦرندا نظر ايندا هئا ۽ ترخان عملدار بہ کين هروڀرو روڪي نہ سگھندا هئا. ڪنهن ترخان يا شهر جي اصل رهاڪن جي بي عزتي ڪندي دير نہ لڳندي هُئِنَ. ترخانن جي وري بہ ڪٿي نہ ڪٿي داد رسي ٿي ويندي هئي، پر اصل رهاڪن کي اهي حق حاصل نہ هئا تہ اهڙين روز مرهہ جي ننڍين وڏين ارهہ زوراين تي ڪا دانهن ڪوڪ ڪن. سواءِ انهن موقعن جي، جڏهن شهر جو قاضي يا بادشاهہ پاڻ ڪڏهن درٻار ۾ ڪڏهن مسجد ۾ يا ڪڏهن هلندي ڦرندي، شريعت موجب فيصلا ڪندو هو ۽ مثال قائم ڪندو هو. تڏهن بہ شهر جا رهاڪو هروڀرو ڪنهن امير يا وڏي گهراڻي جي فرد خلاف دانهين نہ ٿيندا هئا. مڪليءَ جي پر ۾ بادشاهہ جون حويليون ٺهيل هيون ۽ مٿي ٽڪر تي فوجن ۽ عام شهري عملدارن جي رهڻ جا بندوبست هئا. ٽڪر تي پڪيون عمارتون نہ هيون، پر رهائش جون سموريون سهولتون موجود هيون. چاڪاڻ تہ حاڪم پاڻ پڪا پختا ڏرتيءَ وارا نہ هئا، ان ڪري سچو بندوبست پڻ مستقل نہ پئي لڳو. سندن زمين قنڌار ۽ اُن کان مٿي اتر ڏانهن هئي. ان ڪري هت بادشاهي تہ قائم هئي، پر بادشاهن جا محل ۽ ديوان وغيره نہ هئا. انسان جي بي بقا هئڻ واري دائمي حالت وانگر، سندن بادشاهيون بہ عارضي هيون. هر ڪو طاقتور ڪمزور جي ڪڍ هو. ارغون ۽ ترخانن کي دهليءَ جي مغل شهنشاهن ۽ سندن نوازيل عملدارن مان هميشہ خوف هوندو هو. شهر جي اولهہ طرف ڪورين جا پاڙا هئا ۽ ڪپڙي اُڻڻ جا ننڍا وڏا گھڻا ئي ڪارخانا هئا. ڪپڙن جي ٺاهڻ جي صنعتن تي سڌو نہ تہ اڻ سڌو ضابطو حاڪم طبقي جو هو، ۽ رڳو اهي ڪوري ڪٽنب مراعتن ۽ سک سانت سان رهندا هئا، جيڪي محصول، زوري مڙهيل پتي ۽ اميرن کي سستي اگهہ تي ڪپڙو ڏيڻ کان ڪيٻائيندا نہ هئا. ٺٽي جو سؤٽي ۽ اوني ڪپڙو ايراني نار ۽ يورپ تائين ويندو هو. شهر جي چؤطرف ٿورڙي مفاصلن تي ڳوٺ آباد هئا، جن ۾ رهندڙ ماڻهو يا تہ پوک ڪندا هئا يا صبح جو مزوري يا ٻئي ڪنهن پورهئي خاطر شهر ڏانهن ايندا هئا ۽ سڄو ڏينهن محنت مزوري ڪري، شام جو پنهنجن ککن ڏانهن واپس ورندا هئا. گذريل ٽيهہ چاليهن سالن جي ارغون ۽ ترخان دور حڪومت جي سرشتي ٺٽي جي مڪاني ۽ فارسي زبان کان اڻڄاڻ، هيٺئين طبقي کي شهري علائقي مان اهڙيءَ ريت تڙي ڪڍي، پرپاسي جي ٻهراڙي ڏانهن ڌڪي ڇڏيو هو، جو ٺٽي شهر ۾ اصل رهاڪن جو هيٺيون طبقو ۽ ڪي قدر سجاڳ وچولو طبقو، مس نالي ماتر وڃي رهيو هو. باقي اهي خاندان، جيڪي مذهبي توڙي فارسي دان ۾ پڙ هئا، سي ارغون ۽ ترخان حاڪمن ۽ اميرن جا منظورِ نظر بنجي، چڱي سماجي حيثيت توڙي سرڪاري منصب حاصل ڪري چڪا هئا. هڪ ٻيو طبقو بہ انهيءَ شرافت ۽ وفاداريءَ واري حلقن ۾ شامل ٿي ويو هو. هيءُ طبقو انهن سنڌ جي رهاڪن تي مشتمل هو، جيڪي ترخان جي فوج ۽ شهري سپاهہ منجھ هو. مرزا عيسىٰ خان وٽ پنهنجي خاص ارغوني ۽ ترخاني فوج کانسواءِ، ويهہ هزار سنڌي سپاهي بہ هئا. اهي ڪٽنب، راڄڌاني ٺٽي شهر ۾ بي خوف ايندا ويندا هئا ۽ کين خبر هئي تہ هُو حاڪمن جا نوازيل ٻانها آهن ۽ سندن ڪوشش هئي تہ هُو حاڪمن جي ٻولي فارسي سکن ۽ ڳالهائن. انهيءَ جو وڏو سبب اهو هو تہ سمورو سرڪاري توڙي غير سرڪاري ڪم ڪار فارسيءَ ۾ هلندو هو. فارسي نہ رڳو مڪاني حاڪمن جي پر بادشاهن ۽ شهنشاهن جي زبان هئي. جيئن ئي ٺٽي شهر جي حدن کان ٻاهر نڪربو هو تہ فارسي نظر نہ ايندي هئي ۽ مڪاني زبان، محڪومن جي زبان عام رواج ۾ هئي. پر جيڪو بہ ماڻهو، خوشحالي، شرافت، وڏماڻهپي، ترقي ۽ شعور جون ڳالهيون ڪندو هو، تنهن کي فارسي زبان سکڻ ۽ ڳالهائڻ جي اون هوندي هئي. شهر ۾ رهندڙ اشراف مڪاني ماڻهو، جيڪي فارسي زبان فر فر ڪري ڳالهائيندا هئا، سي پنهنجن هم وطن ماڻهن کي، جيڪي فارسي نہ ڳالهائي سگھندا هئا، پوئتي پيل ۽ ڄٽ ڪري سمجھندا هئا ۽ کين ڳوٺاڻو سڏيندا هئا. اهي نوازيل اشراف خاندان، انهن ڄٽن ۽ ڳوٺاڻن کي پاڻ وٽ نوڪر ڪري رکندا هئا ۽ کين خبر هئي تہ وقت جا حاڪم پڻ ائين ئي ڪندا هئا. اهو سندن برتري جي احساس کي قائم رکڻ جو ذريعو هو.

رات جو پوئين پهر، آسمان تي شام کان ئي بيٺل ڪڪر وسڻ لڳا. ڊسمبر ۾ بہ سيءَ خير ڪا هئا، پر هن وسڪاري ڪري ٿڌ وڌي ويئي هئي ۽ سڄي شهر مٿان وڏيڪ خاموشي ۽ سردي ڇانئجي ويئي. رستا ۽ گهٽيون پُسي ويا هئا ۽ گهڻن هنڌن تي شمعدان بہ وسامي ويا، جنهن ڪري شهر جو وڏو حصو سياري جي مينهن ۽ ڳگهہ اوندهہ ۾ ٻڏي ويو. علي بخش بہ پنهنجي اونداهي ۽ سوڙهي ڪمري منجھ کٽ تي جنان جي پر

۾ ستل هو. رات سمهڻ مهل کيس تڪ هو ۽ جنان جي مرضي هئي تہ سڄي رات ساڻس ڪچهري ڪري، پر هُو جلدي سمهي رهيو هو. جنان ڳچ مهل کيس زور پئي ڏنا. ڊگهي گهوڙي سواريءَ سندس لڱ ڏڪائي ڇڏيا هئا ۽ جنان جي هٿن جي ڇهاءُ ۽ زورن سندس سڀ سور لاهي ڇڏيا هئا، ۽ هو اُتيئي سمهي پيو. پر ڪمري جي ٻاهر اڱڻ ۾ لڳل ڇپري تي برسات وڻ ڪري، پيدا ٿيل لاڳيتي آواز کيس جاڳائي وڌو ۽ هن ڪجهہ سردي محسوس ڪئي، پر جنان کيس پنهنجي گرم ياڪر ۾ ياڻ ڏانهن ڇڪيو. علي بخش کي جنان جو گرم جسم محسوس ٿيڻ لڳو ۽ گرمائش کيس آٿت پئي ڏني. جنان جو اڳيان نڪتل پورن مهينن وارو پيٽ، کيس پنهنجي جسم سان لڳل محسوس پئي ٿيو. ڪمري منجهہ گگهہ اوندهہ هئي. رڳو ٻاهر مينهن جي هلڪي وسڪاري ۽ سندس ۽ جنان جي ساهہ کڻڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا پئي. هن جنان جي منهن ۽ ڇپن تي هٿ ڦيريو ۽ پوءِ سندس ڳچي، ڇاتيءَ تان هيٺ گول ايريل پيٽ تائين آيو، جت سندس هٿ بيهي رهيو ۽ کيس هڪ عجيب چَرپُر پيٽ اندر محسوس ٿي. اها چرپر علي بخش کي ڏاڍي چڱي لڳي. جنان جو سڄو بت پگهر هاڻو هو. سردين ۾ بہ، علي بخش کي، جنان جي بت تي ڦيريل هٿ تي ڪجهہ آلاڻ محسوس ٿيڻ لڳي.

”ڇا ٿو ڳولهين؟“ جنان آهستي سان سوال ڪيو.

”هيءَ پيٽ اندر ڊوڙ ڊڪ لڳي پئي آهي.“

”ها! تنهنجي پٽ جي آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ آءُ ڊڄي ويندي آهي، اهڙي مستي ڪندو آهي جڻ پيٽ ۾ ناهي پر گهر جي اڱڻ ۾ پيو راند ڪري.“

”اڱڻ ۾ بہ راند ڪندو . . . . .“ علي بخش فخر منجهان چيو، ”الله ڪندو تہ سريلو جوان ٿيندو. بهادر دلير ۽ پڙهيل ڳڙهيل شهري هوندي. فارسي پڙهندو. عربي پڙهندو ۽ وڏو ماڻهو ٿيندو. اسين کيس ڏسي خوش ٿينداسين.“

جنان، جيڪا پنهنجي مڙس کي ڇهتيل هئي، تنهن جي لڱن جي مشڪ مشڪ، خوشيءَ وچان واسجي ويئي ۽ سوڙهي ڪمري ۾ اوندهہ ۾، جنان جي پگهر جي بوءَ جي سرهاڻ ڦهلجڻ لڳي.

سڄي رات هلڪي ڦڙ ڦڙ وسندي رهي.

# 11

پيو ڏينهن عجيب هو. شهر تي ڪالهوڪا ڪڪر ڇانيل هئا. گهاٽا ڪڪر ڪارا پورا ۽ تمام هيٺ پرو محسوس پئي ٿيا. سج اڀرڻ جا ڪي اهڃاڻ نظر نہ پئي آيا. ٺٽو شهر عالمن ۽ اميرن جو هو. اعليٰ عملدارن ۽ سپاهين جو هو. ڏيهي پرڏيهي شاگردن جو هو. وچ ترڪستان، سنڌ کان ڪشمير تائين مڪاني ۽ پراون فقيرن جو شهر هو. پورچوگيز پينو پادرين جو شهر هو. هزارين ڪمي ڪاسبين ۽ شهر ۾ پسگردائي وارن ڳوٺن کان ايندڙ مزدورن ۽ ٻارُن جي پورهئي ڪندڙن جو شهر هو. مينهن هجي طوفان هجي، واچوڙو هجي يا واءُ هجي، گرمي هجي يا پارو پوندو هجي، شهري زندگي فجر جي نماز کان پوءِ پاڻمرادو شروع ٿي ويندي هئي. پر شهر جي چُرندڙ پُرندڙ زندگيءَ جا اِهي سڀ جزا جت پاڻ مرادو، گهاٽي جي ڏاند وانگر هلندا رهندا هئا، سي پکين وانگر، ايندڙ خطري کي ڀ اڳواٽ محسوس ڪري وٺندا هئا. سو اڄ شهر ۾ راتوڪي مينهن جا آثار تہ هئا، پر جيئن شهر ۾ سڄي رات اوندهہ ڇانيل هئي ۽ مينهن وسندو رهيو هو ائين ئي، شهر جي ماڻهن جي هنن ۾ اهو سوال سمائجي ڇڪو هو تہ مرزا عيسيٰ ترخان، شهر کان ٻاهر ويل آهي ۽ هي پورچوگيز اٿاويهہ جهاز فوج سان پرائي ڇو آيا آهن؟ سڄي رات شهر جا عملدار ترخان توڙي ارغون، سنڌو درياهہ، جتي پورچوگيزن جا غوراب بيٺل هئا ۽ شهر تائين اڄ وڃ ۾ رُڌل هئا. ڪين ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي تہ مرزا عيسيٰ ترخان هنن راڪاسن کي ڪيئن دعوت ڏيئي گهرايو آهي. ڪالهوڪي سڄي رات، سنڌوءَ ڪناري غوراب منجهہ ڳالهين ۾ گذري ۽ پورچوگيز ڪمانڊر پيدرو جو اهو ضد هو تہ اسين هيڏي فوج ساڻ ڪري آيا آهيون وڏيڪ عرصو ٽڪا رهي سگهون.

شهر جي قلعدار ارمغان ترخان، جيڪو نہ رڳو قلعي ۾ موجود سؤ ڏيڍ فوجين جو اڳواڻ هو، پر شهر جو انتظام بہ سندس حوالي هو، سو چوڻ لڳو: ”اوهان صحيح چئو ٿا. بادشاهہ اوهان کي ضرور گهرايو هوندو. پر هينئر بادشاهہ ايترو پري وڃي چڪو آهي، جو هتان ڏهہ ڏينهن وڃڻ ۽ ڏهہ ڏينهن اچڻ ۾ لڳي ويندا.“

” ترخان! تون صحيح ٿو چئين. پر اسين گهڻو عرصو هتي رهي ٽڪا سگهون. پنڌرهن ويهن ڏينهن کان پوءِ، سرديون وڌنديون ۽ درياهہ ۾ پاڻي گهٽ اونهو ٿي ويندو پوءِ اسين پنهنجا جهاز بہ ڇوري نہ سگهنداسين ۽ اسان کي وڏيڪ ڏيڍ ٻہ مهينا پاڻيءَ جي وهڪري وڌڻ جو انتظار ڪرڻو پوندو.“

”اها ڳالهہ بلڪل صحيح آهي.“ ترخان وراڻيو.

”پر اسان جي ڳالهہ بہ صحيح آهي. جيڪڏهن هاڻ اسان جي مدد جي اوهان کي ضرورت ناهي تہ اسين واپس هليا وينداسين، پر اسان جو خرچ ۽ ٻيو مقرر معاوضو اوهان کي پرڻو پوندو.“

”انهيءَ ڳالهہ کي پوري ڪرڻ جو مون کي اختيار ناهي ۽ نڪي مون وٽ ڪي ايترا وسيلا آهن، جو مان اوهان جي ضرورت پوري ڪري سگهان.“

”پر اسان کي خبر آهي،“ ڪمانڊر پيدرو چوڻ لڳو، ”تہ ترخانن وٽ ارغونن جو هڪ تمام وڏو شاهي خزانو موجود آهي. اسان جي ضرورت پوري ڪريو ۽ اسان هتان روانا ٿيون.“

” نہ مون کي خزاني جي خبر آهي ۽ نڪي مون کي ڪي اهڙا اختيار حاصل آهن. اوهان اسان جا مهمان آهيو ۽ اسان جي مهماني ڪائو ۽ باقي ڳالهيون سياڻي ڏٺي ۾ ڪنداسون. سياڻي ٻنپهرن جي دعوت مڪليءَ تي قلعي منجهہ رکيل آهي.“

ڪمانڊر پيڊرو ڪجهہ دير خاموش رهيو ۽ پوءِ ڪجهہ سوچي چوڻ لڳو: ”پر اسين ٺٽي تائين ڪيئن پهچنداسين؟“

”اسين اوهان کي ڪجهہ گهوڙا موڪلينداسين.“

”پر ڪيترا گهوڙا؟“

”في الحال سؤ ڏيڍ کن گهوڙا اسان وٽ موجود آهن.“

رات وچ ۾ شهر جو امير، ارمغان ترخان، پورچوگيزن جي بندوبست ڪي لڳي ويو. ڪيس ارغونن جي خزاني جي چاڻ تہ هئي، پر اها خبر نہ هئس تہ اهو ڪٿي رکيل آهي. ارغون امير، پورچوگيزن جو ٻڌي خوش پئي ٿيا. مرزا عيسيٰ ترخان جي خاص عملدار قاضي خميسي جي شاهي اصطبل ۾ ڏيڍ سؤ کان مٿي، عربي، عراقي، ڪڇي، تازي، زهري ۽ ڪوهي نسلن جا گهوڙا موجود هئا، جيڪي صبح ساڻ شهر کان ڏيڍ ٻن ڪوهن تي، درياهہ وٽ پهچايا ويا تہ جيئن پورچوگيز مهمان، ٺٽي پهچي سگهن.

جيئن ئي صبح ٿيو تہ سؤ ڏيڍ سؤ پورچوگيز، هٿيارن سميت گهوڙن تي سوار ٺٽي ڏانهن، هلڪي بارش ۾ روانا ٿيا. ڪمانڊر پيڊرو، پنهنجن ٻين ساٿين کي پيادو اچڻ جو حڪم ڏنو ۽ کين اها هدايت ڏني ويئي تہ هُو ٺٽي شهر جي ٻاهر ترسي سندس حڪم جو انتظار ڪن. جڏهن پورچوگيزن جا گهوڙيسوار ٺٽي ڏانهن روانا ٿيا تہ شهر جا اصلوڪا رهاڪو ائين ئي خوف محسوس ڪرڻ لڳا، جيئن پکي پکڻ، ڪنهن طوفان جي اچڻ کان اڳ خطرو محسوس ڪندا آهن. اصلوڪا ماڻهو، الائي ڪيترن اهڙن طوفانن مان گذري چڪا هئا ۽ کين شهر کان ٻہ ميل پري پورچوگيزن جي گهوڙن جي سنبن جا آواز، ڌرتيءَ منجهان شهر ۾ ائين محسوس ٿي رهيا هئا، جيئن ڪنهن وڏي گهنڊ جو آواز فضا ۾ ڦهلجي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين پهچندو آهي. شهر تي ڪالهہ رات کان ئي ڪارا ڪڪر ڇانئيل هئا ۽ لاڳيتي هلڪي بارش، سڄو شهر پاڻيءَ جي دُٻن ۽ جڳهہ جڳهہ گپ سان پرجي چڪو هو. مينهن ڪري شهر ۾ ٿڌ پڻ وڌي ويئي هئي. شهر جي ڏکڻ اولهہ واري حصي ۾ ارغون آباديون هيون، جيڪي پنهنجي ليکي ڏاڍا مڙس ۽ حڪومت جا دعويدار بہ هئا، سي ڏاڍا خوش هئا تہ فرنگي ترخانن کي ماري ڦري ايترو ڪمزور ڪري ڇڏين، جو کين ٺٽي جي حاڪميت ٻيهر هٿ ڪرڻ ۾ وڌيڪ تڪليف نہ ٿئي. فجر جي نماز مهل، مير فرخ ارغون جي جامع مسجد ۾ ذات ارغون اچي گڏ ٿيا هئا ۽ گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ اهو ئي فيصلو ٿيو تہ هن وقت ترخانن جي مدد نہ ڪبي ۽ پل فرنگي سڀ ڪجهہ لٽي ڦري ترخانن کي اهڙي حالت ۾ ڪري وڃن، جو ارغون مرزا عيسيٰ ترخان جي اچڻ کان اڳ ٺٽي تي قبضو ڪري، سندس مقابلو ڪن.

هلڪي برسات ۾ ئي جڏهن پورچوگيزن جا گهوڙا شهر جي اوپر واري علائقي منجهان داخل ٿي، ميمڻن، ڪورين ۽ شهر جي پراڻن پاڙن منجهان آهستي آهستي وچ شهر ۾ پهتا تہ کين ائين محسوس ٿيو تہ هُو هڪ بي جان شهر ۾ داخل ٿيا هئا. ڪو پنڌ پهڻ ٿيل شهر هو. رستن تي، آدم نہ آدم جي ذات هئي. گهرن جا در ۽ دريون بند هئا. گهرن جي اندر ماڻهو بند ٿي ويا. پر جڏهن سيدن جو محلو اُڪري سندن گهوڙا ارغونن جي آبادين منجهان لنگهيا تہ کين ارغونن آڌرياءُ چيو ۽ ڪٿي ڪٿي تاڙيون وڄائي ۽ هٿ لوڏي سندن ڪيڪر ڪئي. پورچوگيز گهوڙي سوار، ڪنهن مشيني ماڻهن وانگر تلوارن ۽ ڊگهين بندوقن سان، ڳاٽ اوچا ڪيو، مينهن ۾ پُسندا اڳتي وڌندا ويا. ڪمانڊر پيڊرو سموري شهر جو جائزو وٺندو ويو ۽ جڏهن هو مڪليءَ جي پر ۾ پهتا تہ شهر جي امير ارمغان ترخان، بادشاهہ جي مقرب خاص، قاضي خميسي ۽ ٻين سندس استقبال ڪيو ۽ ڏاڍي شان مان سان کين مٿي ٽڪريءَ تي ٺهيل ترخاني قلعي منجهہ وٺي ويا.

ٻنپهرن ڌاري مينهن بند ٿي ويو هو، پر ڪڪر اڃا سڄي شهر کي وڪوڙي بيٺا هئا. شهر جي ماڻهن ۾ چؤٻول هو. رستن ۽ گهٽين ۾ رونق وڌڻ لڳي هئي. دڪان کلڻ لڳا هئا. شهر جي پسگردائي وارن ڳوٺن مان سوين

ماڻهو پنهنجي روزگار ۽ محنت مزوري لاءِ اچڻ لڳا هئا. شهر ۾ خوف هراس ضرور هو، پر تنهن هوندي به روزمره جا ڪم ڪار عام رواجي طريقي سان هليا پئي.

علي بخش شهر مان ڪم ڪار لاهي، جڏهن منجهند جي مانيءَ مهل گهر پهتو ته ڪيس جهوني احمد بخش چيو: ”بابا! هي فرنگي شهر ۾ داخل ٿي ويا آهن. تون شهر مان اچين پيو. ڪا خبر چار؟ خير ته آهي؟“

علي بخش کلڻ لڳو: ”بابا سائين، رب خير ڪندو. ڪنهن ڦڏي فساد جي اميد ته ناهي، پر هڪ ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي اچي.“

”ڪهڙي ڳالهه؟“ احمد بخش يڪدم سوال ڪيو.

”پورچوگيز گهوڙي سوار شهر مان لنگهي مڪليءَ تي ويا آهن. پر سندن پيو سمورو لشڪر شهر جي ٻاهران بيٺو آهي. انهن کي جهاز چڙهي، شهر ڏانهن اچڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي.“

”پٽ، مون اڌ صديءَ کان وڌيڪ هن شهر ۾ قتلام ڏٺا آهن،“ پوڙهي احمد بخش چيو، ”هينئر ته شهر ۾ ارغون ترخان ۽ ٻيا پرڏيهي ماڻهو گهڻي تعداد ۾ آهن ۽ پاڻ اصلوڪا رهاڪو وڃي ڪو شهر جي آباديءَ جو ٽيون حصو رهيا آهيون ۽ ٻه حصا ماڻهو يا قتلامن ۾ ختم ٿي ويا يا شهر ڇڏي وڃي ڀهراڙيون وسايون اٿن. سو مون ته ڪالهه ئي چيو پئي ته انهن بگهڙن جو اچڻ چڱي ڳالهه ناهي. ڌاريا طاقتور ڪڏهن به چڱي نيت سان ٻين جي سرزمين تي نه ويندا آهن.“

”ها بابا ڪو نيت ۾ فتور ڏسجي ٿو.“

علي بخش، جوٽس کي مانيءَ جو چيو ۽ مياڻ مان تلوار ڪڍي ڏسڻ لڳو.

جنان ماني کڻي آئي. ڳاڙهي چانورن جي اٽي جي ماني، ٻيهن جي ڀاڄي ۽ لسي. جنان تلوار کي ڏسي پڇيو: ”خير ته آهي جو اڄ اها ڀاهه مياڻ مان ٻاهر نڪتي آهي.“

علي بخش ٽهڪ ڏنو. احمد بخش به مُرڪيو ۽ نيٺ چوڻ لڳو، ”پٽ مرد ٻني وني ۽ هٿيار سان ئي سونهين ٿو. جيڪا قوم پنهنجو بچاءُ ڪرڻ ڄاڻي ٿي، سا ئي ڌرتيءَ تي رهي سگهي ٿي، نه ته الائي ڪيترين قومون آيون ۽ ڪيئن نيست و نابود ٿي ويون.“

”پر چاچا اڄ ضرورت ڪهڙي پئي آهي، جو اها مُئي مياڻ مان نڪتي آهي.“

ٻئي پيءُ پٽ کلڻ لڳا.

شام ڌاري، علي بخش جو يار طغرل خان آيو ۽ کيس پاڻ سان مڪليءَ تي ٺهيل قلعي ڏانهن وٺي ويو. علي بخش پيءُ کي ٻڌايو ته رات جو فرنگين جي دعوت جو اهتمام آهي ۽ سپاهين کي به ڊيوٽي لاءِ گهرايو اٿن. پوڙهي احمد بخش جو جڻ هانءُ ٻڏي ويو. احمد بخش گهوڙي تي سوار ٿي طغرل خان سان شهر جي وچ مان لنگهيو پئي.

”احمد بخش، فرنگين جي نيت ٺيڪ ناهي.“ طغرل خان چيو، ”شهر ۾ سپاهه نالي ماتر آهي. ارغونن جا هٿيار بند جوان گهٽائي آهن. پر هُو ته خوش ٿيا نظر اچن ته پل ترخانن جي ٻيڙي ٻڏي.“

”پر جڏهن طوفان لڳندو آ . . . . “ علي بخش چوڻ لڳو، ”زلزلو ايندو آهي يا ظالم جي تلوار هلندي آهي ته پوءِ سيڪو نديو وڏو هيٺو يا ڏاڍو سڀ آزار ۾ پئجي ويندا آهن.“

”ها پر مون ٻڌو آهي ته اڄ رات قلعي واري دعوت منجهه ارغون ايندا ئي نه.“ طغرل خان چيو.

”ها مون به ٻڌو آهي ته فجر جي نماز مهل مير فرخ ارغون جي جامع مسجد ۾ سيني ارغونن انهيءَ مسئلي تي غور ڪيو هو ته فرنگي ترخانن کي ماري ڪمزور ڪري وجن ته هو پاڻ اقتدار تي قبضو ڪري ويهن. خير اسان کي ڇا آهي. اسين ته اڳ ئي غريب ماڻهو آهيون، پنهنجي کل بچائڻ ۾ پورا آهيون.“

”غريب ماڻهوءَ جي کل ڪيئن بچندي“ طغرل خان مُرڪيو، ”تو ڪڏهن قتلام، قرلٽ ڏٺي آهي؟“

”مون ڪو نه ڏٺي آهي. پر منهنجي جهوني پيءُ گذريل اڌ مُني صديءَ جا هڙيئي قتلام ۽ شهري قرلٽ ڏٺي آهي.“

”بس پنهنجي پيءُ کان وڃي پڇ ته انسانن مٿان انسانن جو نازل ٿيل زلزلو ڪيترو نه خطرناڪ ۽ خونخوار ٿيندو آهي.“

هو پئي شاهي بازار اُڪري، هاڻ شهر جي اولهائين حصي ڏانهن وڃڻ لڳا. طغرل خان پنهنجا هڙئي دوست گڏ ڪري مڪلي ڏانهن پئي ويو ته جيڪڏهن مرزا عيسىٰ ترخان جي غير حاضري منجهه سپاهين جي ضرورت پئجي وڃي ته ان کي منهن ڏئي سگهجي.

رات سڄي ڪارا ڪڪر هئا، پر هڪ گهڙيءَ لاءِ به نه وسيا ۽ پئي ڏينهن صبح جو سج نظر نه آيو. پر صبح ساڻ علي بخش گهوڙي تي نهايت تيزيءَ سان مڪليءَ تان لهي شهر ڏانهن پئي آيو. هُو خوف وچان ڪُنبيو پئي ۽ رستي ۾ جت به ڪو ماڻهو نظر آيس پئي، ان کي هوشيار پئي ڪيائين ته فرنگين قتلام شروع ڪري ڇڏيو آهي . . . ۽ جڏهن هو شهر جي شاهي بازار واري چؤنڪ تي پهتو ته اتي بيهي وڏي واڪي رڙ ڪئي ته ٺٽي جا شهريو خبردار، فرنگين جا گهوڙي سوار ترخانن جي رت سان ڳاڙهيون ڪيل تلوارن سان شهر ڏانهن اچن پيا. پنهنجي بچاءُ جي تياري ڪريو يا پوءِ سر بچائي ڀڄي وڃو. اها ڳالهه ٻڌي ارغون ڪلڻ لڳا. پر اصلوڪن رهاڪن جا منهن لهي ويا ۽ هر ماڻهو پنهنجن گهرن ڏانهن ڀڄڻ لڳو. شهر جا دڪان ڪارخانا ۽ وسنديون بند ٿيڻ لڳيون.

ٿوري ئي دير ۾ پورچوگيز گهوڙا ڊوڙائيندا، بندوقون ڇوڙيندا، شهر ۾ داخل ٿيا ۽ ڪمانڊر پيڊرو، شهر جي چؤنڪ تي بيهي هڪ مُلي ترجمان ذريعي اهو پڙهو گهمايو ته سموري شهر جا ماڻهو، جيڪڏهن پنهنجي جان بچائڻ چاهين ٿا ته پنهنجا سڀ قيمتي مال متاع، سون چاندي، هيرا جواهرات سڀ هت چؤنڪ منجهه يڪدم آڻين، نه ته سيني جو حال اهڙو ئي ٿيندو، جهڙو مڪليءَ جي قلعي منجهه شاهي دسترخوان تي ڦٽڪندڙ ۽ رت ۾ وهنتل ترخانن ۽ سندن سپاهين جو ٿيو آهي. شهر ۾ افراتفري ڦهلجي ويئي. پورچوگيزن جا شهر جي اوير پاسي بيٺل ڇهه ست سؤ سپاهي پڻ شهر ۾ داخل ٿي ويا ۽ بازار سڄي لُٽي، پورچوگيز ارغونن، مغلن، سيدن ۽ ٻين اميرن جي محلن ڏانهن وڌيا. رستن تي ماڻهن جا لاش پيا هئا ۽ سرديءَ جي موسم هوندي به انساني رت جي بوءِ ڦهلجي ويئي. شهر جي چؤنڪ تي سؤ کان مٿي لاش پيا هئا ۽ پرسان بيشمار مال متاع پڻ پيل هو. ارغونن پهرين ته پورچوگيزن جو پنهنجي پاڙي ۾ استقبال ڪرڻ ٿي چاهيو پر جڏهن سندن ڏهه کن لاش ڪريا ته هو سمجهي ويا ته پورچوگيز ڇا ٿا چاهين. ارغونن وٽ ايترو وقت به نه هو، جو هو تياري ڪري پورچوگيزن جي حملي جو جواب ڏين، سو هو ڪين پنهنجو سمورو مال هيرا جواهر ڏيڻ تي راضي ٿي ويا ۽ ائين شام تائين ارغونن جو مال گهرن مان نڪرندو رهيو ۽ سڙڪن چؤواٽن تي جمع ٿيندو ويو. شهر سڄي ۾ پورچوگيزن جي بندوقن جا ٺڪاءُ ۽ بارود جي بوءِ ڦهلجي ويئي هئي. صبح جو شهر ۾ آيل، پسگردائي ايراضين مان ڪمي ڪاسبي، سڀ پريشانيءَ منجهه شهر ڇڏي ڀڄڻ جي تيارين ۾ هئا ۽ ڪيترائي گهٽين ۽ چونڪن منجهه پورچوگيزن جي ور چڙهي ويا ۽ سندن مُرده جسم شهر جي ڪند ڪڙڇ ۾ لاوارث پيا هئا. گهڻا ماڻهو گهوڙن ۽ ڏڳي گاڏين ۽ پنڌ، شهر ڇڏي جهنگ منهن ڪري ويا هليا هئا.

ٺٽي ۾ هي پهريون قتلام هو، جنهن ۾ اصلوڪن رهاڪن سان گڏ گهڻي ڀاڱي نقصان ترخانن، ارغونن، مغلن ۽ سندن اميرن جو ٿيو هو. اصلوڪا شهري اڳ ئي گذريل پنجاهه سالن جي لاڳيتي ڏاڍ ۽ ڌمڪاءُ جي ڊؤر ڪري، شهر ڇڏي، ڀرارين ۾ وڃي لڪا هئا. ڪجهه رهندا هئا، سي به گهڻو ڪري محنت مزوري يا ترخانن جي ملازمت وارا ڪٽنب هئا.

قتلام جاري هو. ڦرمار هلي پئي ۽ جڏهن شام ڪانپوءِ اوندهه چؤطرف ڦهلجڻ لڳي ته جهوني احمد بخش جي اصرار تي سموري ڪٽنب جا ڀاتي ٻن ڏڳي گاڏين ۽ هڪ گهوڙي تي، خاموشيءَ سان پريل پُڪيل گهر ڇڏي، شهر جي ڏاکڻي پاسي کان ڀرارين ڏانهن نڪري ويا. هزارين ماڻهو ائين شهر ڇڏي ويا. ڪيترائي ارغون شهر جي ٻاهرين پاسن جي ڄاڻ نه هئڻ ڪري درياهه ڏانهن وڃي نڪتا، جت به ڪين پورچوگيز مليا ۽ ڪيترن ڇٽن درياهه ۾ ٽپو ڏيئي فرنگين کان جان بچائي. احمد بخش ۽ سندس گهر جا ڀاتي جڏهن شهر کان ميل کن پري نڪري ويا ۽ اوندهه ۾ مُڙي شهر ڏانهن ڏٺائون ته کين شهر ۾ چؤطرف باهه جا اُلا نظر آيا. اُتان ڏس پنڌ تي، موڙرئي چنڊ جو ڳوٺ هو، اُت احمد بخش جو دوست وريام واهي رهندو هو. وريام واهي ٿوري گهڻي ٽُڪ بندي واري شاعري به ڪندو هو، ڏاڍو سياڻو مڙس هو. تنهن احمد بخش ۽ سندس ڪٽنب کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. سندن رهڻ ۽ کاڌي پيتي جو بندوبست به ڪيائين. احمد بخش سک جو ساهه کنيو ته سر بچي پيا. پر علي

بخش کي ماٺ لڳي ويئي هئي. نڪي ڳالهايائين تي نڪي ڪنهن سوال جو جواب ڏنائين تي. پيءُ جي اصرار تي چوڻ لڳو: ”بابا سائين اهڙو انڌير ۽ ظلم مون ته ڪڏهن ڪونه ڏٺو. مون ننڍيون وڏيون لڙايون به لڙيون آهن ۽ ماڻهو مرندي به ڏٺا آهن. پر ائين بي گناهه شهري قتلام ٿيندي ۽ ههڙي لُٽ مار مون نه ڏٺي.“

جهونو احمد بخش ڪلڻ لڳو ۽ ڪلي پنهنجي يار وريام واهيءَ کي چوڻ لڳو ته، ”وريام، علي بخش کي ٻڌاءِ ته شهرين جا قتلام ڪيئن ٿيندا آهن. همراهه هڪڙي قتلام تي هنيون هاري ويهي رهيو آهي.“

وريام چوڻ لڳو: ”پٽ علي بخش، پٺهين جي ته اسي مت ڪسي اٿئي. هن پنهنجي سانيڙ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جا اهي قتلام ۽ آزار ڏٺا آهن، جو اچي چمڙي ۽ پورن وارن وارا ڪا شيءِ ئي ناهن. پٽ مون کي پنڌرهن سال ٿيا آهن جو مون پنهنجن ڀاتين ۽ ٻين هزارن ماڻهن سان شهر ڇڏي اچي ڀهراڙي وسائي. شهر اسان ڪمزور ماڻهن جي وس کان ٻاهر ٿي ويا آهن. جڏهن به ڪو ڌاريو حاڪم يا سندن چاڙتو بگڙي ٿو ته لاش اسان جا ٿا ڪِرن. پٺهين کي هزار منٿون ڪيون هوندم ته بابا اهي ايراني توراني يا ترڪستاني، پل پنهنجا ڪلمي ڀائي هجن، پر انهن جي اکين ۾ رت نظر اچي ٿو. سندن گهوڙن ۽ ترارن آڏو اسان هتي جي رهاڪن ۾ سيني ساهڻ جي سگهه ناهي. هاڻ سال ٿيا آهن. روز شهر وڃون ٿا، محنت مزوري ڪري شام جو پنهنجن ٻچن ۾ حفاظت سان واپس ڳوٺ وري، رُکي سُکي کائي رب جا شڪر ٿا ميون ته جيئرا جاڳندا آهيون ۽ حاڪمن جي ترار ۽ سندن گهوڙن جي سنبن کان پريرو آهيون.“

علي بخش کي نه ته اها منطق سمجهه ۾ آئي، نه ڪي اهي ڳالهيون ڪيس وڻيون.

”چاچا پنهنجا گهر ۽ پنهنجا شهر ائين ڇڏبا آهن ڇا؟ جي اسين ائين شهر خالي ڪنداسين ته پوءِ شايد جهنگ ۾ به رهڻ جي جاءِ نه ملندي.“

وريام واهي ڪلڻ لڳو: ”پٺهين جا به اهي خيال هئا. ڪڏهن سندس لڱن تي ارغونن جي ترارن جا ڌڪ ڏٺا اٿئي. ڪڏهن به شهر نه ڇڏيائين، پر اڄ سندس اولاد جي حياتيءَ جو سوال هو ته سڀ کان اڳ ڀڳو آهي.“

احمد بخش مُرڪڻ لڳو، ”اها ڳالهه آهي به، ته ناهي به.“

”پٽ اِهي اچي چمڙي وارا ويندا هليا. پنهنجي ملڪ ۾ ڌاريا ٽِڪي رهي نه سگهندا آهن. سڪندر جهڙو قندار مڙس به ته يونان ڇڏي آيو، پر هتان واپس ورڻو پيس. سو اهي سڀ هليا ويندا. تون پلي سرڪار جي نوڪري ڪر، پر ڪٽنب جي ٻين سيني ڀاتين کي هت ڳهر اڏي آباد ڪر. مولا جو ڏنو هت سڀ ڪجهه آهي.“ وريام واهيءَ چيو.

رات ختم ٿيڻ ۾ ڪو گهڻو وقت نه هو. علي بخش جو پيءُ ۽ ٻيا گهر جا ڀاتي ستا وڃي پر علي بخش ڪچي سرن سان ٺهيل هڪ ننڍڙي ڪمري منجهه پٽ تي، تڏي مٿان وڇايل پٽراٽيءَ تي ليٽيل هو. سندس اکين ۾ ننڊ نه هئي. سڄي ڏينهن جو خوف ۽ هراس، سندس لڱن جي ذري ذري ۾ سمايل هو. سندس زال جنان پير ۾ مٿانس ٻانهن ورائي ستي پئي هئي. علي بخش کي پنهنجي زال جو ساهه کڻڻ ۽ ٻاهر نڪتل پيٽ منجهه ٿيندڙ چُر پُر، رات جي ٿئين پهر به اوندهه ۾ چڱي طرح محسوس ٿي پئي. علي بخش کي اها ڳالهه اڃا تائين سمجهه ۾ نه پئي آئي ته بي گناهه ماڻهن کي مارڻ مان ڇا حاصل ٿئي ٿو. ٻن ڌرين يا فوجن جي وچ ۾ جنگ لڳڻ ٻي ڳالهه آهي. پر جيڪي ماڻهو ڦر لٽ جي ارادي سان اچن ٿا سي پل ڦرلٽ ڪري هليا وڃن. معصوم ۽ بي گناهه ماڻهن جي رت سان راند ڪيڏڻ، ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آئي.

ائين ئي پرهه ڦٽي. ڪڪرن دس ڏنا. مڙسالا ۽ زالون اُٿي ڪڙا ٿيا ۽ پنهنجي پنهنجي ڪُرت کي جنبي ويا. سڄو ڳوٺ ڪوهيڙي جي ڪونئڙي چار منجهه ويڙهيل هو. ڳوٺ جي اوپر پاسي سنڌو درياهه وهيو پئي، جيڪو ايترو پري نه هو ۽ جي ڪنهن ڊِبِ يا مٿانهين جاءِ تي بيهي ڏسبو هو ته يا درياهه جو وهندڙ پاڻي نظر ايندو هو يا وري سج جي ڪرڻن جا جر تي پيل جرڪاٽ ڏسڻ ۾ ايندا هئا.

جيئن ئي سج اڀري آيو ۽ ڳوٺ مٿان تاڻيل ڪوهيڙي جي چادر ڪڇي ته علي بخش جي اک پريان ايندڙ رڙين ۽ اوچنگارن تي ڪلي پئي ۽ اکيون مهٽيندي اٿي ويهي رهيو. جنان سندس پر ۾ نه هئي. هو اٿي ٻيٺو ۽ اجرڪ ويڙهي ڪمري منجهان نڪري منهه ۾ آيو. پٽس احمد بخش ٻيٺو هو ۽ پٽ جي سوالي نگاهن کي ڏسي چوڻ لڳو:

”پٽ رات ٿني کان ڪجهه ڪٽنب پهتا آهن پر ساڻن گڏ ڪجهه لاش به آهن.“

”پورچوگيزن جي قتلام ڪري ـــــ ؟“ علي بخش سوال ڪيو.

”ها بدنصيبن جا مائٽ اڳ ئي هت آيل هئا. ڪي ٽيرهن چوڏهن ڪن لاش آهن ـــ ۽ چاچي وريام واهيءَ جو پاٽيجو غلام حسين به انهن ۾ شامل آهي.“

”چاچا وريام ڪٿي آهي؟ هت ته ڪير به ناهي“ علي بخش پڇيو. ”بابا جنازا سڀ ڳوٺ جي ٻاهران جت امام صاحب جو آنگاس ڪتل آهي اتي پڙ ۾ رکيل آهن. ڳوٺ جا سڀ مڙسالا اتيئي آهن. سيني گهرن ۾ روڄ راڙو متل آهي. غلام حسين سميت ٽي ڇنا ته اهي جوان هئا جيڪي ڪم سانگي روز ٿني شهر جي ڪارخانن ۾ ڪمائڻ ويندا هئا. روزگار جي بدران سندن لاش آيا آهن.“

”بابا اها ته ظلم جي حد آهي.“

پوڙهو احمد بخش مرڪڻ لڳو ۽ پوءِ ويندي ويندي چوڻ لڳو، ”چڱو تون منهن تي پاڻيءَ لپ وجهي پڙ ۾ پهچ، جنازي نماز چاڻ ٽيڻ واري آهي.“

ڳوٺ کان اڌ فرلانگ پري، ٿني شهر ڏانهن ۽ اوپر رخ تي، درياهه جي ويجهڙائيءَ ۾، هڪ مٿانهين پٽ تي قبرستان ٿهيل هو جت اڳ ئي هزارين قبرون موجود هيون. اُت هڪ ڪنڊ ۾ چوڏهن قبرون تازيون کوٽيل هيون. فٽ ڏيڍ کن هيٺ زمين منجهه آلاڻ هئي پر ان کان هيٺ خشڪ مٽي هئي. سڄو ڳوٺ اڇي مڙيو هو، پوڙها جوان ٻار سڀ غمگين هئا. ويجهن عزيزن جي سڏڪن ۽ اوچنگارن ڪي ماٺ نه پئي آئي.

”ڪهڙي ڪُتي ڪنئي هيس جو شهر ويو“ هڪ پوڙهي رڙ ڪئي، ”پٽ ڪي چيم ته بابا پنهنجي اباڻي ڪرت ڪريو. ڪو هر وهايو زمين کيڙيو. پر ڪيس شوق هو سوٽي ريشمي ڪپڙو ٺاهيان.“

”چاچا هاڻ اسان ماڙهن جو شهر وڃي ڪمائڻ به ويو. روزگار ته روزگار جي ماڳ، ماڳهين شهزادن مڙسن جا لاش ٿا اچن شهرن مان.“

قبرستان مان ماڻهو واپس ورڻ لڳا. ڪي ايڪڙ ٻيڪر عزيز اچا به قبرن وٽ ٻيٺا هئا. پوڙهو احمد بخش قبرستان جي ٻئي چيڙي تي ٻيٺل نظر آيو ۽ علي بخش به آهستي آهستي پرانگهون پريندو، پيءُ جي پر ۾ وڃي ٻيٺو. کيس خبر هئي ته هن قبرستان ۾ اچي پٽس ڏاڍو اداس ٿي پوندو آهي. علي بخش پيءُ جي ڪلهن تي هٿ رکيا. احمد بخش جي جهونن ڪلهن تي ٻه جوان هٿ محسوس ٿيا ۽ هن مُڙي پٽ ڪي ڏٺو. علي بخش پيءُ جي اکين ۾ لڙڪ ڏٺا.

”پٽ پاڻ سان ڏاڍا ظلم ٿيا آهن.“ پوڙهي احمد بخش روئي ڏنو.

”ابا سائين گذري ويل ڳالهين لاءِ ايترو نه روئبو آهي. اهي ڏٽيءَ جي حڪمتن جو نتيجو آهي. تون آءُ جا ٿا ڪري سگهون.“

احمد بخش ٻه وکون اڳتي وڌيو، ”پٽ هيءُ تنهنجي امڙ آهي. سون جهڙي زال هئي. پرسان ننيڙي قبر تنهنجي وڏي ڀاءُ جي آهي. جهڙي ماءُ سون هيس اوهڙو پٽ به موتيءَ داڻو هو. هن قبر ۾ ڀاٽين جو رڳو ڌڙ آهي. سسي جيئن ارغونن اڏائي هيس، سا آءُ ڳولي نه سگهيس. ماڻهين جي لاش ڪٽندي به مون کي جيڪي ترار جا گهاءُ لڳا هئا، سي منهنجي پٺن تي اجا به ظاهر آهن.“

ائين چئي احمد بخش اڳتي جهڪو ۽ پٺيان چولو ڪٽي پٽ کي پُٺا ڏيکاريائين. علي بخش وڏي پيءُ کي ڀاڪر پائي ڀَراڻي وڏي ۽ پريل آواز سان چيائين: ”بابا تون ته دل جو وڏو مڙس آهين. چو ٿو منهنجو هانءُ ڦاڙين.“

احمد بخش ٿورڙو پاڻ سنڀاليو ۽ سامت ۾ آيو. هو هڪ قبر تي ويهي رهيو. پٽس کي به اشارو ڪيائين. هو به ساڻس گڏ ويهي رهيو. ڪجھ دير ائين ئي ٻنهي کي اتي ويٺي گذري ويئي. سج هاڻ چڱو مٿي اڀري آيو هو ۽ ٻٽ کي گرمائش محسوس پئي ٿي. پوڙهي احمد بخش جي مرضي نه هئي ته قبرستان منجهان واپس وري. نيٺ علي بخش هڪ سوال ڪيو:

”بابا! هي ڳوٺ ته ننيڙو آهي پر هي هيڏو وڏو قبرستان جنهن ۾ هزارين ماڻهو دفن آهن ۽ قبرستان به ڪو صديون پراڻو نه ٿو لڳي.“

”پٽ هن هنڌ نہ تہ اهو چاچهين وريام واهيءَ وارو ڳوٺ هو ۽ نڪي هي قبرستان هو. اڄ کان پهرين چاليهہ سال پنجاهہ سال اڳ مرزا شاهہ بيگ جون فوجون آيون هيون، جن قتلام ڪيو هو. تڏهن منهنجي عمر مس ويهہ ٻاويهہ سال هئي. يا اڃا متي هوندي پر جانئو جوان هوندو هوس. ڪڏهن هڪ ڪڏهن ٻہ جوان ڪلهن تي ويهاري، سنڌو درياهہ اُڪري پار پوندو هوس. درياهہ جو زور تون ڏسين ٿو پر پنجاهہ سال اڳ گهڻو مست هو. ڪنهن کي وٺ نہ ڏيندو هو. جي ڪنهن جو پير ترڪيو يا لڱن جواب ڏنس تہ همراهہ سڌو لڙهي وڃي سمنڊ جي حوالي ٿيندو هو. آءُ اڙٻنگ جوان هيس. اهڙي جهڙي تي اک ئي نہ ٻڌندي هيم. بابا طاقت وڏو نشو آهي. مڪليءَ جي اترئين پاسي بگهڙ سان خالي هٿين وڙهيو هوس. هي ٻانهن تي ڏِگها رانبوٽن جا نشان انهن ڏينهن جا آهن. بگهڙ کي ٻنهي هٿن سان ڪنڌ وٽان اهڙو زورائتو جهليو هوم جو بگهڙ نيٺ اڇي مُنڊو تہ ڪيئن جان ڇڏائي. يار دوست بہ اچي ڪڏ ٿيا ۽ جڏهن ڏٺم تہ بگهڙ جو بُت ڍلو پيو ٿئي تہ ڪيس سٽ ڏيئي پري ڦٽو ڪيم ۽ جهٽ ترار ڪڍي ورتم پر بگهڙ ائين ڀڳو جو وري نظر نہ آيو. سو پٽ دوست يار مون کي بگهڙ خان بہ چوندا هئا. سو پٽ پنهنجي حڪومت هئي چؤطرف امن امان هو. بادشاهہ سلامت ڄام فيروز تخت تي ويٺل هو پر سندس ڪچي طبيعت ۽ ٻاراڻو ذهن، عقل وارن کي ڏاڍو ڏکيو پئي لڳو. ڪچي ڪير بہ نہ پئي سگهيو. اسان جو صاحب مبارڪ خان وڏي دهشت ۽ حشمت وارو مڙس هو. جهڙو وڏي بادشاهہ سلامت مٽس لقب دريا خان رکيو هو اوهڙوئي درياهہ شاهہ جي جگر وارو انسان هو. آءُ بہ سندس هڪ دستي ۾ سپاهي هوس. منهنجي بگهڙ واري ويڙهہ کان پوءِ مون کي پنهنجي انهي خاص سپاهين جي دستي منجهہ شامل ڪيائين جيڪي سدائين سندس جند سان گڏ هوندا هئا. مون کي انهي قنڌار مڙس کي ويجهو ڏسڻ جو موقعو ملندو رهندو هو. ڇا مڙس هو! ڊگهو قداور ڳرو، ڇاپئين ڏاڙهي ۽ شهپري مڙس. وڏن پانئچن ۽ پرت سان پريل ڊگهو ڪرتو ۽ صاف بي داغ ملڪي سوٽي ڪپڙي جو ڇڪي ٻڌل پٽڪو. ٻن آڱرين ۾ چانديءَ جون زمرد جي ٻُڙي سان ٿهيل منڊيون پيل هونديون هيس. آواز تمام ڳرو پر پنهنجائپ ۾ ٻڌل. هلندو هو تہ ڌرتي ڏڪندي هئي ۽ جي ڪٿي ٻيهي رهيو تہ ڄڻ زمانو ٻيهي رهيو. پٽ امن امان ۽ سک سانت جو اهو عالم هو جو تون ٿٽي کان نڪري، سيوهڻ سرڪار، هالا پرڳڻي چاچڪان پرڳڻي باغبان پرڳڻي يا ڪٿي درياهہ جي ڪناري ڪناري بکر تائين اڪيلو اڪيلو مال متاع سان هليو وڃ، ڪا بہ روڪ ٽوڪ يا جهل پل نہ هوندي هئي ۽ نڪي ڪو ڊپ ڊاءُ ئي هو. پٽ هڪ دفعو آءُ پنهنجي دستي جي سپاهين سان، پنهنجي سرڪاري سائين مبارڪ خان سان گڏ، ڄام سلطان سان سرڪاري اصطبل ۾ ويس. ڄام سلطان هڪ گهوڙي جي پٺي ٺپري ۽ انهن غازين کي جيڪي اکر چيا سي مون کي اڄ بہ ياد آهن. هن نيڪ دل حاڪم، شاهي ڪُڙهہ منجهہ گهوڙن کي مخاطب ٿي چيو: ”خدا اهڙو اٿئو ڏينهن نہ آڻي جو آءُ اوهان تي سوار ٿي ڪنهن پرائي ملڪ تي ڪاهہ ڪرڻ وڃان يا نہ ڪو اوپرو اسان تي ڪاهي اچي. شال ڏٺي سڀ ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي ماڳ تي امن امان سان آباد رکي.“ پٽ جت اهڙا حاڪم هوندا آهن، اُت رعيت سک جا ساهہ کڻندي آهي ۽ ملڪ ڦلبو ۽ وڌندو ويجهندو آهي. شهر ٺٽو اڳ بہ ڪجهہ ٺهيل هو پر ڄام سلطان جي ڏينهن ۾ شهر جي رونق ئي اؤر ٿي ويئي. ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪاريگر، ڪمي ڪاسبي اچي هت گڏ ٿيا. شهر ۾ روزگار جا انيڪ ذريعا هئا. سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙن جا ڪارخانا، پنهنجي اؤج تي هئا. گلي، لاک، ڪپڙو ۽ عاج مان ٺهيل سامان هتان ڏيساور ويندو هو. شهر ۾ ڏس تہ جا بجا بازارن ۾ انيڪ قسمن جا ماڻهو نظر پيا ايندا. اصل وڻ وڻ جي ڪاٺي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. بابا روزگار هو، امن امان هو تڏهن تہ شهر جا ماڻهو سکيا ستابا هئا. مڪليءَ تي مهيني جو پهريون سومار جنهن کي سائو سومار ڪري سڏبو هو. شهر جا ماڻهو، شوقين، مانيون ٽڪيون ڪٽي، سڄو سڄو ڏينهن مڪليءَ جي سڪ ۽ ڪٿي ٺهيل تلائن تي گذاريندا هئا. ڪجهہ درگاهن تي سماع جي محفل ٿيندي هئي. ماڻهو ويچارا ڏاڍا خوش هوندا هئا، پر سلطان ڄام جي پٽ راڻي مائي مدينا جي نيت ڪجهہ ٻي هئي. پٽ تو اها راڻي ڪانہ ڏٺي. مون ڏٺي هئي. مون اڃا ڪيس سندس آخر وهيءَ ۾ ڏٺو هو پر ڇا عورت هئي. گهٽ ذات ماڇياڻي قوم جي هئي پر يار ذات تي ڏات ناهي. جنهن تي رب پنهنجي رضا ڪري. مائي قداور ۽ ڇليل بادام جهڙي هئي. سندس اکين ۾ ڄڻ ٻرندڙ مشعال هئا ۽ منهن مان رت ليئا پائيندو هوس. اهي مغلياڻيون، ارغون زالون يا ترخانڻ جون عورتون سندس جتي برابر بہ نہ هيون. اهي ئي جلوا هئا جو ڄام سلطان جهڙو درويش انسان مٽس هرکي پيو هو.

هن ملڪ جي تباهيءَ ۾ انهيءَ مائيءَ جو وڏو هٿ آهي. هڪ دفعي مون کي خاص گهرائي پڇيائين ته تون بگهڙ سان ڪيئن وڙهئين ۽ منهنجون پانهون ڪنجرائي، اهي رانبوٽا پڻ ڏنائين جيڪي بگهڙ جي ننهن ڪري مونکي لڳا هئا. پٽ اسان ته ننڍڙا انسان پر مائي هئي ماچياٽي پر سندس چؤطرف هڪ جادو ئي چار وچيل هو، جيڪو ڏسڻ ۾ ته نه ايندو هو پر شل نه ڪو آدم زادو انهيءَ چار جي ويجهو وڃي ائين چڪجي ويندو هو چڻ لوهه کي چقمق چڪي. بابا منهنجي به جواني ٺٽي شهر ۾ گهٽ مشهور نه هئي ـــــ پر جڏهن مائيءَ کي خبر پئي ته آءٌ پاڻ سائين مبارڪ خان جي دستي جو ادنيٰ ۽ سر گهوريندڙ سپاهي آهيان ته پوءِ مون کي واپس ڪري ڇڏيائين پر سندس هلڪي مرڪ ۽ پرندڙ اکين ۾ الائي ڇا هو. مون به انهيءَ ۾ خير سمجهيو ته هتان پڇي وڃي ۽ ڪيس به اها چاڻ پئجي ويئي هوندي ته جنهن ماڻهو خلاف هوءَ هئي تنهن جي نوڪرن جو به آءٌ نوڪر هيس."

"پٽ پيون ته الاهي ڊگهيون ڳالهيون آهن پر جڏهن مائي مدينا، اسان جي سائين درياهه خان سان پڇي نه سگهي ۽ نڪي ڄام سلطان نظام الدين جي پٽ ڄام فيروز ۾ به ڪو اهڙو عقل هو جو پنهنجي رعيت کي خوش ڪري ۽ ملڪ جو درد رکندڙ ماڻهو، جهڙوڪ سائين درياهه خان انهن جا پٽ ۽ ٻيا محب وطن سردار پاڻ سان گڏ رکي ۽ صلاح مصلحت سان هلجي. پر ائين نه ٿيو. سمن جي سلطنت جي ڦِٽي! ٺٽي ننگر جو زوال لکيل هو. شهر جي چؤطرف سو ڪوهن جي زمين کي مڪاني ماڻهن جي رت جو پاڻ ڏيڻ لکيل هو. مائي مدينا کي الله، الله جو رسول بخش ڪريس، مائي ڏاڍي جگرو واري هئي. شينهڻ جو کير پيتل هئس.

"هتان ـــــ ٺٽي ننگر منجهان سپاهين جو هڪ دستو ساڻ ڪري، سچي سنڌ لتاڙي، ملتان ۽ ڪابل منجهان ٿيندي قنڌار پهتي ۽ مرزا شاهه بيگ ارغون جي دربار ۾ هتي. ارغون دربار ۾ اڳ اهڙو ڪو جادو نه پهتو هو. مائي مدينا اُن وقت عمر ۾ پنجاهه کان به مٿي هوندي پر سندس اکين ۽ زبان ۾ جادو هو، ڪامڻ هو ۽ ڊوهه هو. مرزا شاهه بيگ ارغون، بگهڙن جو سردار هو. مائيءَ کيس ٻڌايو ته سنڌ ڪيترو سٺيو ملڪ آهي ۽ مرزا جي ڪيتري ضرورت آهي سندس بي همت پٽ ڄام فيروز کي. مائيءَ کي دريا خان ۽ ٻيا اهي ماڻهو، جيڪي وڏي ڄام جا گهڻ گهرا هئا ۽ هن ڌرتي جا رکوالا هئا، سي بنهه ڪو نه وڻندا هئا. هت ٺٽي ۾ بدبخت فيروز کي چڻ ڪا چاڻ نه هئي ته ماڻس جي پرڪارن ڪري، گهوڙن ۽ ترارن جا طوفان اتر کان، قنڌار کان، سنڌ ڏانهن اچن پيا. پاڻ پنهنجي عيش عشرت ۾ پورو هو. ٺٽي شهر ۾ عيش عشرت جا هڙئي سامان موجود هئا. دريا خان کي ڪا ٿورڙي خبر پئجي ويئي، سو ٻڌائندا هئا ته، هلي ڄام فيروز وٽ ويو پر ڏنائين ته سنڌ جي تخت تي ويٺل همراهه کي پرواهه ئي نه هئي. چون ٿا درياهه خان سمجهايس ته جڏهن به ڏاريا ٻي سرزمين تي ويندا آهن ۽ وڌن طاقت ۽ هٿيار هوندا آهن ته اهي ڏاريا پل اوهان جي سڏ تي آيا هجن پل ڪلمي گو ڀاءُ هجن پر انهن جي ترارن ۽ گهوڙن جي سنبن جون نيتون چڱيون نه هونديون آهن. پوءِ پٽ ائين ئي ٿيو جيڪو رب کي منظور هو. هيٺا سدائين هار کائيندا آهن. ڄام فيروز، دريا خان جي ڪنهن به جنگي تياريءَ ۾ شامل نه ٿيو، پر ٺٽي شهر ۾ اڏيل مغلن جي پاڙي ۾ ڪيبڪ ارغون جي جوڙايل عاليشان حويليءَ ۾ عيش عشرت ۾ پورو هوندو هو. اسان کي پوءِ خبر پئي ته شاهه بيگ کي سنڌ اچڻ جي دعوت ڏيڻ جو منصوبو به انهي امير ڪيبڪ ارغون جي گهر ۾ تيار ٿيو هو. بابا پوءِ گهٽي عرصي کانپوءِ ٺٽي جي شهرين کي خبر پئي ته خود شاهه بيگ ارغون پڻ، پنهنجي ملڪ ۾ بابر بادشاهه ۽ ڪو پيو اسماعيل صفوي وارن جي يلغارن ڪري آزار ۾ هو. کيس به ڪا آجي نويڪلي حڪومت کپي ٿي سو جڏهن مائي مدينا وٽس پهتي ته هو طوفان وانگر سنڌ پهتو ۽ سيوهڻ پرسان باغبان پرڳڻي کي لتي ڦري، سنڌو درياهه جو ڪپ ڏيئي اچي ٺٽي جي پسگردائيءَ منجهه پهتو. ڄام فيروز ته به بي اونو هو. . . . . ۽ نيٺ پُٽ، اسان ويڙهه ڪئي. درياهه خان اوسي پاسي جي ڏاڍن مڙسن کي سڏ ڏنو. سڀ اچي مڙيا ۽ هٿ وڏي ويڙهه ٿي. ڪيترائي ڪونڌر ڪُسجي ويا ۽ آخرڪار ارغون فاتح بڻجي ٺٽي شهر ۾ داخل ٿيا. شهرين کي ڄام فيروز ۽ مغلن اڳ ئي هوشيار ڪري ڇڏيو هو ته جڏهن بادشاهه شهرن ۾ داخل ٿيندا آهن ته هو ماڻهن جي جسمن ۽ زندگين جا مالڪ هوندا اهن ۽ جن کي وٽين جيئدان ڏين جن کي وٽين نيزي تي چاڙهين. سو پٽ هي قبرستان ته آباد ٿي ويو. هزارين سنڌ جا جوڌا اچي دفن ٿيا. شهر ۾ ڄام فيروز، شاهه بيگ جي اڳيان پيش پيو. مائي مدينا خوش هئي ته درياهه خان مان جان ڇڏائي ڇڪي هئي. هوءَ چوندي هئي ته مرزا شاهه بيگ

اسان کي سنڌ ۾ حڪومت موٽائي ڏيندو ۾ جيڪڏهن نه به ٿو موٽائي ته به، دريا خان جهڙي ڀانهي جي وڏ ماڻهپي ته ختم ٿيندي ۾ اسان تي غلام بدران مرزا جهڙو شاهه حڪومت ڪندو.

”پر ٽي سال آءُ به شهر ڪان ٻاهر رهيس جو شهر ۾ ارغون ائين هلندا هئا جو مڪاني ماڻهو ناس پٽو پوڙي پوءِ رهي سگهيو ٿي ۽ ڪيترا غريب غربا شهر مان لڏڻ لڳا. پر پوءِ مرزا شاهه بيگ جي وڃڻ ڪان پوءِ آءُ واپس شهر آيس ۽ اچي محنت مزوري کي لڳس. شهر جو حال ئي اوُر ٿي ويو. خود سما جيڪي شاهه بيگ جي وڃڻ ڪان پوءِ حاڪم هئا، سي به ڪي سرها نه هئا. ڪنهن به غريب يا سرندي واري جي عزت محفوظ نه هوندي هئي. پر تنهن هوندي به شهر جي آبادي ڀن حصن ڪان وڌيڪ اصلوڪن ماڻهن جي هئي، جيڪي گهٽو ڪري سمن جي عملداريءَ منجهه هئا يا وري ڪارخانن ۾ پورهيو ڪندا هئا.

”پوءِ پٽ اهي ڏينهن آيا، جيڪي رب دشمنن کي به نه ڏيکاري. ٺٽي شهر ۾ سما ۽ ٻيا اصلوڪا رهاڪو، ارغونن مغلن جي ارهه زوراين ڪان بي نياز ٿي ويا هئا ۽ پاڻ ۾ ڪٽي چڪريون به لڳنديون هيون ۽ سنڌ مان وڃڻ ڪان پوءِ ترت شاهه بيگ مري ويو ۽ چام فيروز ناتجربيڪار حاڪم هو، سو هڪ دم قندار سان بغاوت ڪري ويٺو. شاهه بيگ جو پٽ مرزا شاهه حسن پٽس ڪان به وڌو رهزن ۽ قاتل انسان هو. تنهن کي جڏهن سنڌ جي حاڪم ۽ زميندارن وٽان ساليانو ملندڙ ڍل ۽ ٻيا مال متاع بند ٿيا ته مڄرجي سنڌ تي ڪاهي آيو. اهو سال پُٽ سنڌ جي خرابي ۽ تباهي جو سال هو. سنڌ جا رهاڪو، ٺٽي جا شهري انهيءَ سال کان پوءِ اڃا پنهنجن پيرن تي سنئون سڌو بيهي نه سگهيا آهن.“

”بابا اها ڪڏهن جي ڳالهه آهي؟“ علي بخش پيءُ جي ڳالهين ۾ چڻ ٻڏي ويو هو. تنهن پڇيو.

”پٽ، آءُ سمجهان ٿو،“ احمد بخش حساب ڪرڻ لڳو، ”پنجتيهه ڇهتيهه سال کن ٿيندا هوندا ۽ انهيءَ سال ئي ارغونن ٺٽي جي حڪومت هٿ ڪئي. هڪ ڏينهن اوچتو چام فيروز کي خبر پهتي ته مرزا شاهه حسن جو لشڪر بس ڪجهه ڏينهن ۾ ٺٽي پهچڻ وارو آهي. پوءِ چام اچي ششدر ٿيو. انهن سيني راڄن ۽ جوانن کي سڏ ڪيائين جيڪي ڇهه سات سال اڳ مرزا شاهه بيگ سان وڙهيا هئا. ڪيترائي راڄ ۽ جوان اچي ٺٽي پهتا. پر چڱي ڳالهه اها به ٿي ته ٺٽي شهر جا اصلوڪا رهاڪو به پهريون ڀيرو مڙس ٿي ڌارين سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿيا. جن ۾ شهر جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ ڪمي ڪاسبي ۽ عام هيٺين طبقو شامل هو. امير دولتمند ۽ عالم سڳورا انهيءَ ڳالهه لاءِ تيار نه هئا ته مسلمان پاڻ ۾ رت وهائن ۽ ٻيو سندن نظرن ۾ شاهه حسن ارغون سان مقابلو ڪرڻ، اهڙو ئي آهي جهڙو دهليءَ جي شهنشاهه سان مقابلو ڪرڻ آهي. گهڻن ئي چام فيروز کي صلاح ڏني ته پيش پؤ پر چام فيروز کي ويساهه نه هو ۽ ٻيو ڪيس ڪجهه طاقت به ٽڙ ٽڪڙ ۾ حاصل ٿي ويئي هئي. ٺٽي شهر ۾ به ٻي چيني هئي. ماڻهن گهرن ۾ ڪي هٿيار پنهوار گڏ ڪري رکيا ۽ شهر جي هيٺين درجي جا غريب نوجوان وڙهڻ لاءِ تيار ٿيا. انهيءَ تياريءَ ڪري شهر جي هڪ پاسي آباد ارغونن، مغلن ۽ اميرن قاضين ۽ سيدن جي پاڙن ۾ رهندڙ عام ماڻهن ڪان ڪتيل وڏن ماڻهن ۾ پڻ خوف چانيل هو. نوجوانن ۾ اهو تاءُ هو ته هر ڀيري شهر کي قتلام جو نشانو بڻائيجي ٿو.

”بس پٽ وڌيڪ ٿو ٻڌائي سگهان. اڪين مان رت جا ڳوڙها وهن ٿا. آءُ شاهه حسن سان ٿيل ويڙهه ۾ ته شامل نه هوس پر لڙائي ختم ٿيڻ ڪان پوءِ جڏهن، چام فيروز پيرين اگهاڙي ڀڄي ويو ته شاهه حسن ارغون پنهنجين فوجين سميت شهر ۾ داخل ٿيو. ڪيس ارغونن، مغلن، شهر جي اميرن قاضين ۽ سيدن آجيان ڪئي، پر جڏهن شهر جي ڪجهه عام پاڙن ۾ ارغون سپاهين جا لاش ڪريا ۽ پٽ رب ڪان اڳ شاهه حسن نسوري قيامت برپا ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو. شهر جي گهرن، پاڙن بازارن ۽ چؤنڪن تي ارغون سپاهي مورچا ٻڌي بيهي رهيا ۽ پُٽ 11 محرم کان 20 محرم تائين اِهو قتلام ٿيو، اِها ڪربلا، جنهن جو آءُ اکين ڏٺو شاهد آهيان. ڪيترن پاڙن ۾ ارغون سپاهين کي، شهري جوان ڦري آيا ۽ پهريان ٻه ڏينهن ته شهر جي هر چؤڪ ۽ گهٽيءَ منجهه ارغونن جا لاش پيا هئا پر شهري جوان، ارغونن ڪلي ماري گهرن ۾ يا شهر ۾ ڀڄي ويندا هئا پوءِ ٽئين ڏينهن، شاهه حسن پاڻ شهر ۾ داخل ٿيو ۽ سندن اڳواٽي اُهي ئي پنهنجا مسيتن جا پيش امام، ڪي سرندي وارا ۽ ڪي گهڻي وقت ڪان رهيل مغل ۽ ارغون ڪري رهيا هئا. مون کي ياد آهي ته هڪ سمي نوجوان الله داد چار ارغون سپاهي ماريا هئا. شاهه بيگ پاڻ سپاهين سان گڏ اچي انهيءَ نوجوان جي گهر جي سامهون بيٺو.

حڪم ڪيائين ته الله داد کي گهران ٻاهر ڪيو. هڪ پوڙهي، جنهن جي عمر 70 يا 80 کن ٿيندي، ٻاهر نڪري آئي:

’حاڪم سائين! الله داد رات کان گهر نه آيو آهي.‘

’اوهان کي خبر آهي ته هو ڪٿي آهي؟‘ شاهه حسن جو فارسيءَ منجهه فرمان هو. پوڙهي سمي اِهو حڪم سمجهي نه سگهي پر حاڪمن جي ٻولي هئي. ڪيترائي سمجهي سگهيا پئي ۽ پوڙهي عورت کي سؤلي سنڌي ۾ سمجهايو ويو. نيٺ فاتح شاهه حسن حڪم ڏنو ته گهر ۾ جيڪي به فرد موجود آهن تن کي ٻاهر ڪڍيو وڃي. چار عورتون ۽ ٽي ٻارڙا ٻاهر آيا جن ۾ هڪ سهڻي ۽ جوان عورت پڻ شامل هئي جنهن کي اٺون يا نائون مهينو پيٽ هوندو. شاهه حسن ان عورت کي پاڻ ڏانهن گهرايو.

’هيءَ ڪنهن جي عورت هي؟‘

’الهداد سمي جي آهي.‘ پريان بيٺلن مان هڪ رڙ ڪئي.

شاهه حسن اوڏي مهل پنهنجي هڪ سپاهيءَ کي حڪم ڪيو ته هن عورت جي پيٽ مان اِهو بغاوت جو ڇتيل ٻج ڪڍيو وڃي. عورت ڏڪي ويئي. پر اتيئي بيٺي رهي ۽ سپاهي اڳتي وڌيو ۽ پنهنجي قنڌاري ترار سان هڪ ئي وار ۾ عورت جو پيٽ ڦاڙي، هڪ رت ۾ ٻڏل، الائي مُئل يا جيئرو گوشت جو لوٿري جهڙو ٻار ڪڍيو ۽ جنهن کي ترت ٻئي سپاهي نيزي جي نوڪ تي ڪٽي اپو ڪيو ۽ سڄي پاڙي جي انسانن جا لڱ ڪنبي ويا ۽ الهداد سمي جي زال اُت گهتيءَ ۾ ڦاٿل پيٽ سان تڙڦي، ڇڙهيون هٽي دم ڏنو. اتي اها پهرين پوڙهي عورت اڳتي وڌي ۽ چوڻ لڳي: ’اي شاهه بيگ جا پٽ! اسان لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟‘

’اوهان ترسو!‘شاهه حسن جو حڪم مليو.

’پوءِ سموري پاڙي جي گهرن ۾ لڪل مردن ۽ عورتن کي ٻاهر ڪڍيو ويو. مرد گهٽو ڪري وڏي عمر جا هئا ۽ زالن ۾ نوجوان به هيون ته ٻارڙيون ۽ وڏي عمر جون پڻ شامل هيون. انهن سڀني عورتن الهداد سمي جي ڪونج جهڙي زال کي رستي تي ائين ڦاٿل پيٽ ۽ ويران بي جان ڪليل اکين سان ڏٺو ته ڪنبي ويون ۽ انهن ايترين عورتن ۾ ٽي چار عورتون پڻ پورن مهينن سان هيون تن جا به ٻار ڪيرايا ويا ۽ الهداد جي زال جي لاش کي پاڙي جي وچ ۾ هڪ ڪاٺ جو ٿنيو کوڙي، اُن تي ٽنگي ڇڏيائون. مائي جي لڱن جو سمورو رت وهي چڪو هو ۽ پيٽ جا آنڊا لٽڪيا پئي . . . . ۽ پوءِ جن عورتن جا ٻار ڪري پيا تن کي ڪٺائي ۽ باقي ٻين پوڙهين توڙي جوان عورتن کي، ارغون فوجي درياهه ڏانهن هڪليندا وٺي ويا ۽ تان جو اهي عورتون سڀ درياهه جي ڪپ تي اچي بيٺيون ۽ ڪين ارغون فوجين اِهو حڪم ڏنو ته اوهان ائين نه سمجهيو ته اڳتي درياهه آهي. پر اڳتي ائين هلنديون رهو چڻ خشڪي ۾ پيون هلؤ. ائين سمن جي پاڙي جون سؤ ڏيڍ سؤ زالون درياهه جي حوالي ٿي ويون، جيئري جاڳندي. الهداد سمي جي زال جو لاش ٽي ڏينهن اتي ٽنگيو پيو هو ۽ چون ٿا ته هڪ رات دير سان الهداد پنهنجن ساٿين سان شهر ۾ داخل ٿيو ۽ اوندهه ۾ ڪيترائي ارغون ماري، پنهنجي زال جو لاش اتان لاهي آيو ۽ هن ئي قبرستان ۾ اها مائي ڪنهن نامعلوم قبر ۾ دفن ٿيل آهي. پوءِ يار مون الهداد جو نالو وري نه ٻڌو پر به ٽي سال ساندهه شهر ۾ اعلان ٿيندا رهندا هئا ته باغي مردود الهداد جي جيئري توڙي مئل سر تي انعام رکيل آهي.

”پٽ ارغونن جيڪي ظلم سمن جي زالن يا مردن سان ڪيا تن شهر ۾ هراس ڦهلائي ڇڏيو ۽ پوءِ ڪيترا اصلوڪن رهاڪن جا پاڙا خالي ٿيڻ لڳا. هڪ پاسي ماڻهو ٻارين ٻچين پچڻ ۾ پورا هئا ته ٻئي طرف ارغونن سپاهين پنهنجو ڪوس جاري رکيو. گهر ڦريا، مال متاع لٽيو ۽ پُٽ ڇهن ستن ڏينهن ۾ شهر جا چڻ به حصا يا ته خالي ٿي ويا يا اتي جا مرد ائين قتل ٿي ويا جو گهر جي ٻاهر ان پاڙي جي چونڪن ۾ لاشن جا ڍير نظر ايندا هئا. اهي لاش ٻاهر رستن ۽ گهٽين ۾ ائين پيا هئا چڻ اضحيءَ واري عيد تي جانورن جون کلون يا پيو گند پيو هوندو آهي. سڄي شهر ٺٽي ۾ انساني رت جي بو ڦهليل هئي. مرزا شاهه حسن اِهو به فرمان جاري ڪيو ته باقي شهري جن ۾ اصلوڪا رهاڪو يا ٻاهريان ايندڙ شامل هئا سي سڀ پنهنجين اکين سان اهي قتل ڪيل لاشن جا ڍير ڏسن ۽ عبرت حاصل ڪن ته وقت جي بادشاهه جي نافرمانيءَ جي قدرت طرفان ڪيتري سزا ملي ٿي. شهر جي ڪسين مان به انساني رت ريلا ڪري وهندو هو.

”چاچهين وريامر ۽ مون بہ شهر ڇڏڻ جو سوچيو هو. پر جڏهن منهنجي سامهون تنهنجو چاچو منهنجو وڏو ڀاءُ امير بخش ۽ تنهنجي سون جهڙي ماءُ ۽ ننڍڙي ابهم ڀاءُ کي ارغونن قتل ڪيو تہ مون شهر نہ ڇڏڻ جو پڪو پهہ ڪيو پر هڪ رات پوين پهر وريام، پنهنجي ڪٽنب سان شهر ڇڏي ويو ۽ پٽ انهن ئي ڏينهن ۾ ٺٽي شهر جي پسگردائيءَ ۾ ٽن چئن ڪوهن تي ڳوٺ بہ آباد ٿيا تہ قبرستان بہ وجود ۾ آيا. چون ٿا تہ لڙائيءَ منجهہ تہ الائي ڪيترا هتي جا سپاهي شهيد ٿيا پر ٺٽي شهر جي رهاڪن جي مارجڻ جو انگ اٺ هزار ڪان مٿي آهي. رڳو جمعي جي نماز ۾ ارغون پاڙي جي مير فرخ ارغون جامع مسجد ۾ هزار کن ماڻهو نماز دوران ماريا ويا. انهن ماڻهن کي ارغون سپاهي ڳولي رهيا هئا. ڪين ارغونن جو ٺاهيل الله جو گهر بہ بچائي نہ سگهيو.

”ڪارخانا ويران ٿي ويا. اڌ کان وڌيڪ ساڙي ڇڏيائون باقي ارغونن ۽ سنڌي وفادار اميرن جا ڪارخانا بچي ويا پر ڪمي ڪاسبي يا تہ مارجي ويا يا شهر ڇڏي ڀڄي ويا.

ان کان پوءِ مرزا شاهہ حسن عام دربار ڪئي. سندس خطاب ٻڌڻ جهڙو هو. مرزا چيو تہ هو پنهنجي پيءُ جي ڳالهين تي ضرور عمل ڪندو پر جيڪي غدار آهن، جيڪي وڳوڙي آهن، جيڪي وقت جي حاڪم جي نافرماني ڪن ٿا، تن جي منهنجي حڪومت ۾ ڪا جڳهہ ناهي. اهي يا تہ تلوار جو کاڄ ٿيندا يا ڪين هي ملڪ ڇڏڻ کپي يا فرمانبردار رعيت وانگر رهڻ کپي. باقي انصاف سيني سان ٿيندو. جيڪي ڪجهہ شريعت محمدي ۾ مقرر آهي سو سيني لاءِ آهي ڪنهن امير غريب جو ڪو فرق ناهي.“

پوڙهو احمد بخش ڪجهہ گهڙين لاءِ ترسيو. علي بخش لاءِ اهي سڀ بلڪل نيون ڳالهيون نہ هيون پر تنهن هوندي بہ اڄ پهريون دفعو اهڙي تفصيل سان ٻڌيون هئائين.

”پُٽ!“ احمد بخش ٻيهر ڳالهايو، ”ٺٽي شهر جي چوطرف پندرهن ويهن ڪوهن جي پسگردائيءَ منجهہ هيءَ ڳالهہ عام آهي تہ جڏهن چانڊوڪيون راتيون هونديون آهن تہ رات جي ٽئين پهر، ڪو گهوڙي سوار شهر جي چوطرف، هنن قبرستانن ۽ ويرانن ۾ گهمندو پيو آهي. عام طور تي ماڻهو چون ٿا تہ سندس گهوڙي جي قدمن ۽ هٽڪار جا آواز تہ سيني ٻڌا آهن پر ڏٺو تمام ٿورن چئن آهي. اهو گهوڙي سوار ڪيترن ئي قبرستانن منجهہ ٻيٺو هوندو آهي جڻ اتي سندس ڪي دل گهريا عزيز پوريل هجن. ماڻهو چون ٿا ۽ آءٌ بہ سمجهان ٿو تہ اهو دريا خان جو روح آهي، جيڪو اڃا بي چين آهي ۽ ٺٽي شهر جي تباهي ۽ ڏارين هٿان ديسي ماڻهن جي قتلام کانپوءِ اهڙن هنڌن تي گهمندو رهي ٿو جت ڪيس آسيس ملي ٿي.

”پٽ آءٌ بہ ۽ ٽي سال هتي چاچهين وريامر سان گڏ رهيس ۽ جڏهن ڪڏهن ڪم سانگي ٺٽي شهر ويندو هوس تہ مون کي شهر ائين لڳندو هو جڻ اهو ساڳيو ٺٽو نہ رهيو آهي. شهر جا رنگ ئي ٻيا ٿي ويا. شهر جي آباديءَ جو وڏو حصو ارغون، مغل، ترخان ۽ ٻيو قنڌارين تي مشتمل هو. بازارون، چونڪ، باغ بُستان توڙي مدرسا ـــــ جت ڪٿ رونق هئي پر ديسي ماڻهون جڻ اتي ۾ لوڻ برابر وڃي رهيا. جتي ڏس اُت ڏڳها قداور اڇا ڳاڙها ڳٽا مغل ترخان پيا گهمن. خاص ڳالهہ اها هئي تہ اصلوڪن ماڻهن جي پاڙن ۾ جيڪو رت مرزا شاهہ حسن وهايو هو، تنهن جا نشان اڃا ڪيترن گهرن جي ڀتين تي ظاهر هئا ۽ ارغون سپاهي اهي نشان ڊاهڻ نہ ڏيندا هئا تہ جيئن ڪو نافرمانبردار ٿئي تہ انهن رت جي نشانن کي ڏسي عبرت حاصل ڪري. خير ڪجهہ سالن کان پوءِ، جڏهن مرزا شاهہ حسن جي حڪومت ڄمي ويئي ۽ ڄام فيروز کي بہ ٻيهر شڪست ڏيئي ڊوڙائي ڪڍيائين ۽ سمجهڻ لڳو تہ هاڻ بنا ڊپ ڊاءُ جي حڪومت ڪندو رهندو تہ ڪيس خيال آيو تہ سواءِ ٺٽي شهر جي ٻئي سموري ملڪ ۾ رهواسين جي دلين جو حاڪم ناهي. اصل ۾ ترار جي حڪومت قائم آهي ۽ ڏيهي ماڻهو بہ ٺٽي ۾ ٿا اچن. ڪمي ڪاسبين جي کوٽ ڪري سڄو ڪاروبار رڪجي ويو هو. حڪومت جي آمدني ۽ ماڻهن جي خوش حاليءَ منجهہ فرق اچڻ لڳو. آخر مرزا شاهہ حسن ارغون، پنهنجي حڪومت جو طريقو بدليو ۽ سموري سنڌ جا دؤرا ڪيا. سنڌو درياهہ جي ڪناري ۽ ٻين پرڳڻن جي شهرن ۽ ڳوٺن جي ماڻهن سان مليو. عام ماڻهو، مرزا جي ظلمن جا ڪهڪايل هئا. ماڻهن کي سندن رت جي هولي ۽ ماس جا اُڏاميل ٽڪرا ۽ سندن ساڙيل گهر ياد هئا. پر پٽ جڏهن وڏا ماڻهو، بادشاهہ وقت جا، عام ماڻهن آڏو اچي ٻيهن ٿا تہ پوءِ ڳالهہ ئي اؤر هوندي آهي. جابر اڳيان ٻي واهہ ماڻهو ڪجهہ ٿا ڪري سگهن سواءِ ان ڳالهہ جي تہ اِهو بہ ڪين لڳي ٿو تہ جبر ۽ ظلم جو دؤر شايد ختم ٿئي. مرزا پوءِ ٻن مڪاني ماڻهن کي پنهنجا خاص عملدار ڪري ٺٽي ۾ مقرر ڪيو.

جن ۾ عربي ڳاهو پڻ شهر جو مقرر ٿيو. ٻيو ٻه هڪ ڳوٺاڻو اسماعيل ڀهاري، حڪومت جي ڪاروبار ۾ مرزا جو هٿ ونڊائڻ لڳو. انهيءَ ڳالهه تان ارغون ترخان امير ۽ عملدار سخت ڪاوڙجي پيا. پر يار اسان کي هتي اها ملي ته گهڻا ماڻهو جيڪي ٺٽي شهر مان پرڏيهي حاڪمن جي ظلمن ۽ جبر ڪري لڏي ڀهراڙين ۾ هليا ويا هئا سي پنهنجن اصلوڪن گهرن ۽ دُڪانن تي واپس آيا. ملڪ ۾ خوش حالي ۽ امن امان گهڻو ڪجهه سڌرڻ لڳو پر مرزا شاهه حسن جا پنهنجا سنڌس ويري ٿي ويٺا. نيٺ سندس خاتمي کي ويجهو آندائون.“

”بابا اوهان پوڙها ماڻهو،“ علي بخش سوال ڪيو، ”اهي سڀ ڳالهيون اوهان کي ڪيئن معلوم ٿيون؟“

”پٽ اڻ پڙهيل ضرور آهيان پر اسان سائين دريا خان جي حياتي ۾ ٻه ۽ پوءِ جيڪي ڏوڙ گذاريا ته هڪ ٻئي سان ميل ملاقات ۾ حال احوال ضرور ڪندا هئاسين. هونئن به ٺٽي شهر جا ماڻهو بادشاهن جي اچڻ، بادشاهن جي وڃڻ ۽ ظلم ۽ بربادين ڪري هر موسم تي نظر رکندا هئا ۽ اڄا تائين به ائين آهي. مون توکي چيو ڪو نه هو ته اهي فرنگي پل دوست هجن يا وقت جي بادشاهه جي دعوت تي آيا هجن. سندن نيت ٺيڪ ناهي. پٽ دوست ائين نه ايندا آهن اهي ڳالهيون مشاهدن ۽ تجربن جون محتاج آهن.“

سج مٿي آسمان جي وچ تي اچي بيٺو هو. پيءُ پٽ ٻئي آهستي آهستي وريام جي ڳوٺ ڏانهن ورڻ لڳا ته ڳوٺ ۾ ڪجهه ماڻهو اوڏي مهل ٺٽي مان پهتل هئا. انهن ٻڌايو ته فرنگين سڄي شهر کي لٽي ڦري، قتلام ڪري، باهه ڏيئي ڇڏي آهي. باهه سڄي شهر جي گهرن، محلاتن، باغن، مسجدن ۽ بازارن ۾ ڦهلجي ويئي آهي. باقي بچيل ماڻهو به شهر کان ٻاهر آسي پاسي ٽڙي پکڙي ويا آهن ۽ شهر سڄو سڙي پيو.

اُت ئي هڪ ٻيو همراهه به پهتل هو جنهن ٻڌايو ته هن اڄ صبح پورچوگيزن جا غوراب واپس ويندي ڏٺا.

# 12

ٺٽي شهر کي باهه ڏيڻ جو ٻڌي، احمد بخش ته پريشان ٿيڻ لڳو پر سندس پٽ علي بخش ڏاڍو بي چين ٿي پيو. نيٺ کانئس رهيو نه ٿي سگهيو ۽ پيءُ کان اجازت گهريائين.

”بابا سائين، آءُ شهر وڃان ٿو.“ علي بخش چيو.

”پٽ الائي شهر کهڙن واڳن جي هٿ ۾ هجي،“ احمد بخش وراڻيو، ”تون منهنجو هيري جهڙو پٽ ۽ هن پيريءَ جو به سهارو آهين. ڇا پيو هو پنهنجي گهر ۾؟ سڙي رک ٿي ويندو ته مولا ٻيو ڏيندو.“

”نه بابا اها ڳالهه ناهي. مون کي روڪيو نه. هاڻ پورچوگيز شهر ڇڏي ڇڪا آهن. آءُ حڪومت جو سپاهي به آهيان ۽ منهنجو پنهنجو شهر به سڙي پيو، مون کي ضرور وڃڻ کپي. ٻي ڳالهه ته منهنجي فرض آوري لاهري بندر شهر ۾ آهي. هي خوني ۽ باهه ڏيندڙ هاڻ اوڏانهن پيا وڃن. ٿي سگهي ٿو اتي جي عملدارن کي اطلاع ڏيڻو پوي.“

علي بخش گهوڙي تي سنج وڌا ۽ واءُ ٿي ويو. پٺيان جهونو احمد بخش، سندس زال جنان ۽ ٻيا ڳوٺ وارا کيس ويندو ڏسندا رهيا تان جو فقط کين رڳو ڪجهه مٽي اڏامندي نظر آئي.

علي بخش جڏهن شهر جي پسگردائي منجهه پهتو ته کيس ڪيترا ماڻهو پنهنجي ڪجهه بچيل ساز سامان ۽ زخمين ٻاتين سان ٽڙيل پکڙيل نظر آيا. خبر چار پڇڻ تي معلوم ٿيس ته سڄو شهر باهه جي حوالي آهي ۽ ماڻهو يا مارجي ويا آهن يا ڪجهه ماڻهن شهر مان ڀڄي جان بچائي آهي يا سڙي رک ٿي ويا آهن.

علي بخش گهوڙو ڊوڙائيندو شهر ۾ داخل ٿيو. کيس ائين لڳو ڄڻ ڪنهن اوڙاهه ۾ داخل ٿيو هجي يا ڪنهن مچ ۾ اچي پهتو آهي. سڄو شهر باهه جي سيڪ سان ورتل هو.

شهر جي اندر شاهي بازار کان ٿورڙو اورتي هڪ چوُنڪ تي ڪجهه ارغون ترخان عملدار ۽ سپاهي بيٺا هئا ۽ کين پوري طرح خبر نه پئي ته شهر جا ڪهڙا گهر ۽ پاڙا باهه ۾ ورتل آهن. ڪجهه عملدار ۽ سپاهي شهر جي اندرين علائقن ۾، جت پهچي سگهيا ٿي، ويل هئا. آخر علي بخش به کين ٻڌايو ته هو پنهنجو گهر ڏسي اچي ٿو ۽ ڏٺيءَ کي ساري هو شاهي بازار جي سوڙهي رستي ۾ ڪاهي پيو. ٻنهي پاسي جا دڪان سڙيا پئي. باهه جا اُلا اجهاٽيل لڳا پئي پر سڄي آبادي باهه ۾ ورتل هئي ۽ گهر دڪان آهستي آهستي ٻريا پئي. علي بخش جڏهن گهوڙي تي سوار ٿي اتان لنگهيو پئي ته باهه جو سيڪ سڄي رستي تي ايترو هو جو سندس گهوڙو ۽ پاڻ اها گرمائش برداشت نه پئي ڪري سگهيا. شهر سڄي ۾ دونهون ڦهليل هو ۽ جيڪو به ماڻهو اڳتي وڌيو ٿي سو ائين ٿي لهسجي ويو ڄڻ ڪنهن ڪوري ۾ داخل ٿيو هجي. مٿي آسمان تي به رڳو دونهين جا ڪڪر لڳا پئي ۽ انهيءَ اوندهه ڪري سڄو شهر ائين پئي لڳو ڄڻ ڪنهن ميرانجهڙي اوندهه ۾ وڪوڙجي ويو آهي.

بازار مان نڪري، جڏهن علي بخش هڪ ويڪري پڙ منجهه آيو جتان ٽن چئن پاڙن ڏانهن رستا ويا ٿي ته کيس اُت ايترا ته لاش نظر آيا جيڪي گهڻي ڀاڱي سڙيل هئا يا گهڻن کي ترار جي ڏڪن ڪري سڄي بدن يا ڪپڙن تي رت لڳل هو. شهر ٺٽي جا ايترا ماڻهو ڪريا پيا هئا جو هن ڳڻڻ به اجايو سمجهيو پر کيس اها پڪ ضرور ٿي ته اهي سڀ يا گهڻي قدر اصلوڪن شهرين جا لاش آهن، جيڪي پنهنجن ڪپڙن يا رنگ روپ مان پڌرا هئا. پر کيس اها به خبر پئجي چڪي هئي ته ترخان، ارغونن، سيدن مغلن ۽ مڪاني چڱن مڙسن جي به

گهٽي تباهي ٿي آهي. ڪجهہ گهڙيون اتي ويهڻ کان پوءِ هو پنهنجي گهر طرف ويندڙ رستي ڏانهن مڙيو. دونهين ڪري شهر ۾ ائين هلڻ ڏاڍو ڏکيو پئي لڳو ساهہ گهٽجيو پئي. پر علي بخش نيٺ اچي پنهنجي گهر جي در تي بيٺو. در چائنٺ سميت ڀري چڪو هو ۽ علي بخش جي لت هٽڻ سان پرزا پرزا ٿي ويو. ويرم کن کان پوءِ جڏهن گهر ۾ اندر داخل ٿيو تہ ڌڻيءَ جو شڪر ادا ڪيائين تہ سمورو گهر باهہ کان بچي ويو آهي. پٽس ۽ ڀين پاتين جي رهڻ وارا پاسا سلامت هئا. علي بخش ڪجهہ وقت اتي ويٺو هو. سندس هوش ۾ هي ڀيريون پيرو هو جو ڌارين شهر لٽيو ڦريو ۽ ساڙيو هو. پر اها ڪيس خبر هئي تہ نواب عيسيٰ ترخان ۽ سندس مغل فوج ۽ ويهہ هزار مڪاني جوڌا سپاهي هجن ها تہ ههڙي تباهي نہ مچي ها. پورچوگيز دغا باز هئا ۽ دوستيءَ جي روپ ۾ اچي شهر سڄو ساڙي رک ڪري ويا آهن. هزارين ماڻهو قتل ٿي ويا. هو سوچڻ لڳو تہ بادشاهن جي ويڙهہ ۾ عام ماڻهو چو ٿا قتلام ٿين. يا تہ بادشاهہ مرن يا سندن فوج دوبدو وڙهي. هن سمجهيو پئي ۽ ڪيس جهوني احمد بخش بہ ڳهٽو ٻڌايو هو تہ ٺٽو شهر شايد هندستان جو واحد شهر آهي جنهن کي هر بيروني حملو ڪندڙن لٽيو آهي، ڦريو آهي، قتلام ڪيو آهي ۽ پوءِ جزوي طور باهيون بہ ڏنيون آهن. پر هي پورچوگيز تہ سموري شهر جا لاهہ ڪڍي ويا آهن ۽ ايترو مال متاع کڻي ويا آهن جو سندن جهازن ۾ رکڻ جي جاءِ نہ هئي ۽ وڏيڪ بار کڻڻ ڪري غورابن کي سنڌوءَ ۾ اڳتي هلڻ ڏکيو پئي لڳو ۽ ڀهر جي سفر کي بہ ٿي ڀهر پئي لڳا.

ائين سڄ لٿو ۽ رات جي اوندهہ شهر مٿان چائنجي ويئي پر شهر ساڳي ريت ٻريو پئي. ڪٿي وڏا شعلا هئا تہ ڪٿ رک جا ڍير هئا. گهٽن گهرن ۾ اندر سموري باهہ ٻري پئي پر ٻاهر نظر نہ پئي آئي. شايد چند سؤ گهر هئا جيڪي سڌي سنئين باهہ جي وڪڙ کان بچي ويا هئا ۽ باقي گهرن لاءِ اهو مسئلو هو تہ اها شهر جي باهہ ڪيئن وسائجي. گهرن جا ڌڻي يا تہ پاڻ قتل ٿي چڪا هئا يا گهٽن اوسي پاسي پڄي جان ڇڏائي.

اوچتو رات جو ڌڻيءَ رحم ڪيو. جيئڪي ڪڪر ٺن چئن ڏينهن کان پوءِ شهر جي مٿان بيٺل هئا پر وسيا نٿي، سي ڀهريان ٻہ ٿي ڪلاڪ واهہ جو وسيا ۽ پوءِ فجر تائين هلڪي بارش پئي هلي . . . ۽ شهر جون پکڙيل سنهيون يا وڏيون باهيون، سڄي رات پسڻ ڪري، ٿڌيون ٿي پيون. ۽ شهر جو هڪ اوڙاهہ بڻيل هو، ڪنهن کوري مثل هو، سو هاڻ مٽاچڙي تي ٿڌو ٿي چڪو هو پر صبح جو بہ ڪيترا گهر، ڪيترا رستا ۽ ڀيا ٽڪاٽا اندر گرم هئا. سڄي شهر ۾ پينگ پئي واڪا ڪيا. ڪٽي ڪٽي ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ داخل ٿيا هئا ۽ سڙيل سامان گهرن مان ڪڍي ٻاهر رستن ۽ گهٽين ۾ پئي اڇلايون ۽ سندن گهرن جون پٽيون ۽ ڇتيون اڃا گرم هيون. مرزا فرخ ارغون جامع مسجد سڄي سڙي رک ٿي ويئي هئي ۽ جن بہ ماڻهن اُت پناهہ ورتي هئي تن جا سڙيل لاش اڱڻ ۽ اندر مسيت ۾ سٽيا پيا هئا. ان ۾ الائي ڪيترا ارغون مغل ۽ ترخان ۽ ڪيترا پاڇ ڪائيندڙ اصلوڪا شهري هئا. باهہ سيني کي تباهہ ڪري ڇڏيو هو ۽ ٺٽو شهر هن ڀيري سمورو برباد ٿي ويو. عاليشان عمارتون، باغ، گهر، دڪان، ڪارخانا ۽ ڀيا آستانا سڀ جلي رک ٿي ويا هئا. مڪليءَ تي بہ ترخانن واري قلعي کي، پورچوگيزن ڪوس ڪانپوءِ باهہ ڏيئي ڇڏي هئي جيڪو سڙي ٻري پُرڻ لڳو هو.

انهيءَ رات چار ئي پهر، پنج گهوڙي سوار، نهايت تيز رفتاري منجهہ ٺٽي کان لاهري بندر ڏانهن روانا ٿي ويا. سندن ذمي اهو ڪم هو تہ شهر جي عملدارن توڙي عام ماڻهن کي اڳواٽ اطلاع ڏين تہ هو پنهنجي حفاظت لاءِ ڪو بندوبست ڪن پر جڏهن صبح جو اهي گهوڙي سوار لاهري بندر جي ويجهو پهتا تہ ڪين پريان ئي دونهين جا ڪڪر نظر آيا ۽ دل جي ڌڪ ڌڪ ڪرڻ جي رفتار وڌڻ لڳي ۽ گهوڙا ڍرا ٿي ويا. هڪ ٻيو شهر تباهہ ۽ برباد ٿي ويو.

جڏهن هو شهر جي بلڪل ويجهو پهتا تہ ڪين پري ڏاڪٽي پاسي، پورچوگيزن جا جهاز نظر آيا جيڪي سنڌ درياهہ اڪري، سمنڊ ڏانهن وڃي رهيا هئا. علي بخش جا پير گهوڙي جي رڪاب ۾ ڄمي ويا ۽ سندس گهوڙو پڻ ڄڻ ڌرتيءَ تي پنڊ پهڻ ٿي ويو. علي بخش جون نظرون پريان ڏکڻ پاسي کُتل هيون جو سندس وطن جو هڪ ٻيو شهر ڦرجڻ کان پوءِ، سڙيو پئي.

# 13

اهي سمورا گهوڙي سوار واپس ٺٽي ڏانهن وريا. واپسيءَ مهل سندن رفتار سست هئي. آسمان تي، سمنڊ طرفان ايندڙ ڪڪر ڇانيل هئا ۽ ٺٽي کان لاهري بندر تائين سموري رستي تي هڙئي ننڍڙا ڳوٺ ۽ وستيون سڀ خالي هيون. نڪو انسان ۽ نہ ڪي ڍور ڍڳا هئا. انهن ڳوٺن ۾ جيئن ئي اهي خبرون پهتيون تہ فرنگي ٺٽي شهر کي ساڙي، لاهري بندر ڏانهن واپس ورن پيا تہ درياهہ جي ڪپ سان آباد ڳوٺ تہ اڳ ئي خالي ٿي ويا هئا پر جيڪي ڳوٺ خشڪي وارن پيچرن تي ٻڌل هئا سي بہ ڊپ ۾ پنهنجو اجهو سجهو ڪٽي پرتي نڪري ويا.

علي بخش جڏهن ٺٽي واپس پهتو تہ کيس خبر پئي سڄو شهر برباد ٿي چڪو آهي. ترخانن جو قلعو، رهڻ لاءِ عمارتون، اميرن جا گهر حويليون ۽ عام شهرين جا گهر، ڪچا توڙي پڪا، سڀ باهہ جي نذر ٿي ويا آهن. شهر جا امير توڙي غريب، حاڪم ۽ محڪوم، سڀ پنهنجن مئلن عزيزن لاءِ لاش ڳولي، ڪفن دفن ۾ رڌل هئا. ڪفن لاءِ ڪپڙو ملڻ ڏکيو ٿي پيو. ڪپڙي جا هڙئي ڪارخانا ڪي پوريءَ طرح تہ ڪي جزوي طور سڙي ويا هئا. ڪٿي ڪٿي بچيل ڪپڙن جا تاڪيا بہ حاڪمن ۽ اميرن جي قبضي ۾ اچي ويا ۽ غريبن، ٻي پهچ ۽ محڪومن پنهنجا عزيز عام ڪپڙن ۾ يا بنا ڪپڙن جي دفن ڪيا. مڪلي ٽڪريءَ تي حاڪم گهراڻي ۽ امير امرائن ۽ هلندي پڄنديءَ وارن جا لاش دفن ٿيا ۽ باقي شهر جي غريب غربي ۽ اصلوڪن رهاڪن، ٺٽي شهر جي ٻاهر چوڌطرف پنهنجا عزيز قريب دفن ڪيا.

علي بخش گهر پهتو تہ سندس پيءُ ۽ زال جنان اُت موجود هئا. احمد بخش کي ملول ڏسي، علي بخش پڇيو:

”بابا خير تہ آهي ماٺ ڪري ويٺا آهيو؟ شهر جي تباهيءَ جو خيال دل تي رکيو اٿوَ ڇا؟“

”نہ پٽ!“ جهوني احمد بخش وراڻيو، ”هن ملڪ جا شهر تہ وسيا ئي انهيءَ لاءِ آهن تہ ڊاريا اچن، ڦرلٽ ڪن، ڦرن ۽ تباهہ ڪن. اها ڪا مون لاءِ نئين ڳالهہ ناهي. مون هن شهر ۾ گهڻو ٿيندي ڏٺو آهي. اڳ قنڌار کان ڌاڙا ايندا هئا ۽ سندن گهوڙن جي سنبن هيٺ سموري سنڌ هوندي هئي. هاڻ تہ ست سمنڊ پار ڪري، غوراب پرائي پوري رنگ جا ماڻهو اچن ٿا. قنڌار کان بہ ڳاڙها ڳٽا، ڌڳها قداور شهپري ماڻهو اچن ٿا تہ ٻڌو اٿم تہ سمنڊ پار ڪري اچڻ وارا بہ ڌڳها، ڳاڙها، پورا شهپري سوئر هئا، جن اچي هي ننگر ساڙيو. پانيان ٿو پاڻ سانورا، ڪارا ڪوجها، ٻي همتا، تسبيح جي وڪريل داڻن جهڙا ماڻهو سدائين، زور آور ۽ طاقتور قومن کان مار کائيندا رهنداسين.“

علي بخش کلي ڏنو: ”بابا تو ڇو مايوس ٿيو آهين. تنهنجي پٽ ۾ ايترو زور ۽ طاقت آهي جو ڪو ارغون يا ترخان بہ مون سان زور آزمائي نہ ڪري سگهندو آهي. اسان جو شايد نصيب ڦٽل آهي يا قدرت کي منظور ناهي.“

”نہ پٽ، قدرت کي اهوئي منظور هوندو آهي جيڪو انسان ڪوشش ۽ همت سان ڪرڻ چاهيندو آهي. اسان جي تباهيءَ جو ڪارڻ آهي، اسانجن ماڻهن جو شهر خالي ڪري وڃڻ ۽ وڃي ننڍڙا ننڍڙا، پري پري ڳوٺ آباد ڪرڻ. طاقت جا موتي سڀ‍ڳي مان نڪري ٽڙي پکڙي ويا آهن.“

”بابا اهو شڪر ڪرڻ جهڙي ڳالهه ناهي ڇا جو اسين مرزا عيسيٰ ترخان جهڙي چڱي حاڪم جي رعيت آهيون.“

پوڙهو احمد بخش ڪجهه دير چپ رهيو ۽ پوءِ آخر ڳالهايائين: ”پٽ، پنهنجا ته سر بچي ويا پر چاچهين امام بخش جي پٽ جي ڪا خبر ناهي.“ علي بخش ڪان رڙ نڪتي: ”سائين ڏنو ته ٽڪر واري مدرسي ۾ رهيل هو ۽ اهو مدرسو ته هر تباهيءَ کان بچي ويو آهي.“

”ها، پر سائين ڏني جي ڪا خبر ناهي ۽ آءٌ اڄ به انهيءَ مدرسي مان ٿي آيو اهيان. مدرسي جو هڪڙو استاد ٻڌائي پيو ته ڪي چاليهارو کن شاگرد گم ٿي ويا آهن. حملي واري ڏينهن سڀ شاگرد مدرسو خالي ڪري ڀڄي ويا هئا. ڪيترا شهر ۾ مارجي ويا ۽ ڪي اوسي پاسي وڃي لڪا هئا، پر چاليهه ڇوڪرن جو ڪو پتو ئي ناهي. پنهنجو سائين ڏنو صفا نوجوان ڇوڪرو آهي. طبيعت جو به ارڏو آهي. ڏٺي ڪري ڪٿي سلامت هجي.“

احمد بخش جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. پرسان بيٺل جنان به پوٽيءَ جي پلاند سان اکيون اگهيون.

”آهي ته ڏاڍو ضدي ۽ ارڏو مڙس،“ علي بخش اڱڻ ۾ پيل کٽ تي ويٺو، ”اڳ ۾ پيرا ارغون سپاهين سان اٽڪيو هو ته مس مس منٿون ڪري سندس جان ڇڏائي هيم. پر بابا، سائين ڏنو سياڻو آهي ۽ چاليهه ڇوڪرن جو ڏسو پتو ناهي. ضرور ڪنهن هنڌ لڪي سر بچايو هونداءُن.“

”الله ائين ڪري. ٺاهوڪو جوان آهي. مون کي ته ڏاڍو وڻندو آهي.“ علي بخش پيءُ جي انهن اکرن تي مرڪڻ لڳو.

”صبح ٿئي سائين ڏني جو پتو ڪبو.“

علي بخش، جنان سان گڏ اندر ڪوٺيءَ ڏانهن ويو. جنان ڏاڍي خوش هئي ته سندس گهر ۽ ٻُتار ٻئي صحيح سلامت هئا. علي بخش جنان کي ڀاڪر پائي، زال جي جسم جي گرمي ۽ موهه پنهنجي لڱن ۾ لهندو محسوس ڪيو. جنان، پنهنجي ڀتار جي ڀاڪر ۾ ئي هئي ته سندس آواز ٻڌائين:

”ٻک لڳي اٿم.“

”۽ ادائي مهينا ترس.“ جنان سندس ويڪري ڇاتيءَ ۾ لڪل هئي.

”تيسين ته گذاريويندس.“ علي بخش رڙ ڪئي ۽ جنان ڇڻ ڇرڪ ڀريو ۽ منهن مٿي ڪئي چيائين:

”مرن تنهنجا دشمن!“

علي بخش کيس کلهن کان جهلي پاڻ کان الڳ ڪيو ۽ چيو:

”سياڻپ ۾ ادائي مهينا دشمنن کي به ماني نه ملي ته اهي به گذاري ويندا.“

جنان کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي. پهرين ٺهڪ ڏنائين ۽ پوءِ شرم وچان پاڻ ڇڏائي ڪوٺي کان ٻاهر وڃڻ لڳي پر ويندي ويندي چوندي ويس:

”مانيءَ جي ٻک لڳي هئي ته اڳ ۾ چئين ها.“

علي بخش به کلڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن سج اڀريو، پر آسمان تي ڪڪر هئا ۽ شهر منجهان ڇڻ سيڪ پئي آيو. اڃا شهر پنهنجي پيرن تي بيٺو ئي نه هو. شهر ۾ اها خبر اچي چڪي هئي ته مرزا عيسيٰ ترخان بکر ڏانهن ويندي رستي مان ئي موٽ ڪاڏي آهي ۽ چاڻ ڏينهن ۾ لشڪر سميت واپس ننگر ٺٽي پهچي ويندو. علي بخش کي پٽس سوير اٿاريو هو ته سائين ڏني جي ڪا خبر چار لهي. علي بخش تيار ٿي نيرن ڪري اڃا گهر مان نڪتو ٿي ته در تي کيس هڪ پوڙهيءَ زال روڪيو:

”ابا، احمد بخش جو گهر هيءُ آهي؟“

”ها امان.“ علي بخش ورندي ڏني.

پوڙهي زال در کولي اندر ويئي ۽ علي بخش سندس پويان واپس مڙيو. هن انهيءَ زال کي ڪو نه سڃاتو. سامهون منهن ۾ جهونو احمد بخش کٽ تي ويٺو هو ۽ جڏهن هن اوپري زال پنهنجي گهر ۾ ڏٺي ته کٽ تان اٿيو ۽ جنان به ٺورڙو اڳتي وڌي.

”ادا، احمد بخش تون آهين؟“ مائيءَ جو آواز رعب دار هو.

”ها ها پيڻ. آءُ احمد بخش آهيان. تون يلي آئينءَ. اچ هت ويهه.“

مائي کٽ تي ويٺي ۽ جنان ڏانهن اشارو ڪري پاڻي گهريائين. هوءَ ترت وٺو پاڻيءَ جو پري کڻي آئي ۽ کيس کيڪاريائين.

”ادا منهنجو نالو جنت آهي سپ مائي جنت ڪري سڏيندا اٿم. مڪليءَ کان اتر ڏانهن جبلن ڏي اٺن ڏهن ڪوهن تي نئين جي پر ۾ سمن جي وڏي ڳوٺ کان ٿورو پريرو رهان ٿي. مالوند ماڻهو آهيون ۽ آءُ پاڻ روز ننگر جي شهر ۾ کير کڻي ايندي آهيان.“

”پر مائي کير ته رب اسان کي پنهنجو ئي گهڻو ڏنو آهي. اسان کي کير جي گهرج ناهي.“ احمد بخش چيو.

اها ڳالهه مائي جنت کي ڇڻ ڏکي لڳي. هوءَ عمر ۾ پنجاهه ورهين کان مٿي هئي پر سندس کهي چڱي هئي ۽ اجا به سندس منهن مان رت ليئا پاتا پئي.

”نه ادا مون کي کير وڪڻڻو ناهي. آءُ ته هڪ جوان چوڪر سائين ڏني جي چوڻ تي آئي آهيان.“

انهيءَ ڳالهه تي سيني چرڪ پريو.

”پيڻ تنهنجو رب يلو ڪري،“ احمد بخش ڇڻ رڙ ڪئي، ”ڪٿي آهي سائين ڏنو جيئرو ته آهي؟“

”ها جيئرو آهي،“ مائيءَ ڪڙڪي سان وراڻيو، ”الله جواني بخشي ڏئي، صحيح سلامت آهي.“

مائي جنت ڪجهه گهڙيون چپ رهي ۽ پوءِ چيائين: ”مون وٽ آهي. الاهي چوڪرا آيا هئا. ڏينهن ٻن کان پوءِ سپ ويا هليا پر پنج ڇٽا اجا به مون وٽ رهيل آهن. شهر اچڻ کان ڊڄن پيا.“

پهريون دفعو علي بخش ڳالهايو: ”پر هاڻ ته شهر ۾ ڪو خوف ناهي. راڪاس ويا هليا. ڪنهن به فڪر جي ڳالهه ناهي.“

”پر ابا هُو ڊنل آهن.“

”هاڻ ڊپ ڇا جو؟“ علي بخش کان اڳ احمد بخش چيو.

”ڳالهه هيئن آهي جو انهن چوڪرن هٿان، شهر مان يڄندي ٿن الائي ڇئن سرڪاري سپاهين جو خون ٿي پيو آهي ۽ سپاهي هئا ارغون ۽ ترخان. چون پيا ته ڪن ٻين سپاهين کين سڃاتو به هو.“

اها ڳالهه ٻنهي پيءُ پٽ کي ڳنڀير لڳي ۽ هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا.

”پر اهڙي ته ڪا به ڳالهه مون کي شهر ۾ ٻڌڻ ۾ نه آئي.“ علي بخش چيو.

مائي جنت ٿورڙي ويرم چپ رهي ۽ پوءِ ڳالهايائين: ”چوڪر سائين ڏنو ته بي ڊپو ۽ پنهنجي وهيءَ جي حساب سان ڏاڍو اُڀهرو آهي. مون سان گڏ آيو پئي پر آءُ کيس اتي بند ڪري آئي آهيان.“

”بند ڪري آئي آهين؟“ احمد بخش پڇيو، ”هاڻ مڙيو ئي خير آهي شهر تان آفت ٽري ويئي آهي.“

”پائو منهنجي مجو ته انهيءَ چوڪري کي شهر ۾ بلڪل اچڻ نه ڏيو. نه ته انهيءَ جا نتيجا ڏاڍا خراب نڪرندا. اڳتي مرضيءَ جا مالڪ آهيو.“ مائي جنت چيو.

ڪجهه دير کان پوءِ علي بخش، مائي جنت سان گڏ سندس ڳوٺ ڏانهن ويو پئي. علي بخش پنهنجي گهوڙي تي هو ۽ مائي جنت ۽ ساڻس گڏ هڪ پنجاهي ڪن همراهه، پنهنجيءَ گاڏيءَ ۾ هئا جنهن تي کير جاخالي ڪِيان رکيل هئا ۽ گاڏيءَ ۾ هڪ متارو گهوڙو ٻڌل هو. مڪلي جي چاڙهي چڙهي، ساڄي پاسي ڪچي رستي ڏانهن لڙي پيا. مائي جنت جي گهوڙي هرويرو علي بخش جي گهوڙي کي اڳتي وڃڻ نه پي ڏنو. سندن رخ اتر اولهه ڏانهن هو جنهن پاسي مڪلي ٽڪري آهستي آهستي لهواري ٿيندي پئي ويئي ـــــ ۽ پوءِ ڳچ پنڌ ڪري، مڪليءَ جون حدون اُڪري، جابلو علائقي ۾ داخل ٿيا. چوطرف زمين سخت ۽ پٿريلي هئي. گاڏيءَ جا چيچاٽ ۽ کير جي خالي ڪِيانن جا آواز پري پري تائين ٻڌڻ ۾ پئي آيا. گهڻو پنڌ سڪل نئين مان پئي ڪيائون جت لسن پٿرن سان گڏ ڪجهه وارياسا پيچرا به هئا. چوطرف خشڪي ڦهليل هئي ڪو وڻ ٻوٽو نظر نٿي آيو. پاڻيءَ جو به نالو نشان ڪو نه هو. سج چڱو مٿي چڙهي آيو هو. ڪجهه ڏينهن کان بيئل ڪکر به اڄ ڇڻجي ويا هئا. ٻه ٽي ڏينهن اڳ جيڪا برسات شهر ٺٽي ۾ پئي هئي تنهن جو هت نالو نشان ڪو نه هو. قدرت کي شايد شهر جي ٻاهه کي وسائڻو هو نه ته سياري جو مينهن سڄي ملڪ ۾ نه ته گهڻي علائقي ۾ هڪ جهڙو پوندو آهي. انهيءَ ڪري اُس تکي پئي لڳي. مائي جنت ۽ سندس همراهه پيچرن جي لوڏن لمن تي هريل هئا پر علي

بخش جو گهوڙو جابلو علائقن جو هيراڪ نہ هو، سو مڙيئي ڪنهن مهل مُنجهيو پئي تہ ڪنهن مهل ڪو ٿاٻو ٿي کاڌئين. پر اهو سفر جاري هو. نيٺ جبل تي چڙهندي، هڪ پاسي اوپر ۾ هيٺ لهي ويا ۽ پريان ئي ڪجهہ وڻ، ساوڪ ۽ گهوڙا نظر آيا. مائي جنت رڙ ڪئي.

”اهو سامهون منهنجو ڳوٺ آهي.“

ڳوٺ ننڍڙو هو. پنجاهي کن ڪچا گهر هئا. هڪ ٻہ گهر ڪجهہ وڏا ۽ اڌ ڪچا اڌ پڪا ٺهيل هئا. ڳوٺ جي ٻن طرفن کان وڻ هئا جن ۾ ڪجهہ کجين جا وڻ شامل هئا. وڻ جهونا لڳا پئي ۽ سندن بناوٽ ۽ ڦهلاءُ منجهان سندن عمر جو اندازو ٿيو پئي. ڳوٺ جي شروعات ۾ ئي ڪچين سرن جي هڪ ننڍڙي مسيت ٺهيل هئي. جڏهن مائي جنت جي گاڏي ۽ پٺيان علي بخش جو گهوڙو ڳوٺ جي ساڄي طرف چيڙي تي اچي بيٺا تہ کين سامهون سائين ڏنو ۽ ٻہ ٻيا جوان ڇوڪرا نظر آيا. سائين ڏني، علي بخش کي ڏٺو تہ ڏکيون پرانگهون پريندو اڳتي وڌيو ۽ علي بخش بہ گهوڙي تان لهي ڪٽي پاڪر وڌائينس. علي بخش عمر ۾ سائين ڏني کان گهٽو وڏو هو پر ٻئي پاڻ ۾ دوستن وانگر هئا. علي بخش کيس ڏاڍو پائيندو هو. مدرسي ۾ بہ کيس علي بخش ئي داخل ڪرايو هو ۽ سندس خرچ پکي ۾ بہ پيو وهندو هو. علي بخش ٻين ڇوڪرن سان بہ مليو ۽ پوءِ سڀ ڄڻا مائي جنت جي گهر ۾ اندر هڪ ڪمري منجهہ کٽن تي وڃي ويٺا.

علي بخش، سائين ڏني کان احوال لاءِ آيو هو.

”ادا، جنهن مهل اڌ رات جو پورچوگيزن مڪلي قلعي ۾ ڪوس شروع ڪيو، “ سائين ڏنو چوڻ لڳو، ”تہ سڀ کان اڳ اسان کي خبر پئي هئي. اسان جو مدرسو مڪلي ٽڪري سان هيٺ لڳل آهي ۽ ڏينهن جو پورچوگيزن کي گهوڙن تي ويندو بہ اسان شاگردن ڏٺو هو ۽ سيني انهيءَ ڳالهہ تي اچرج بہ ڪيو هو تہ اهي ڌاريا، ترارن ۽ بندوقن سان مڪلي قلعي منجهہ وڃن پيا، رب خير ڪري. اسان سڀ ڇوڪرن سومهاڻيءَ جي نماز کان پوءِ گڏ ٿي هڪ ٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ بہ ڪئي هئي ۽ اسان جي فارسي واري استاد اسان کي منع بہ ڪئي هئي. پر پوءِ اڌ رات جو جڏهن قلعي منجهان اوپرا آواز ۽ رڙيون ٻڌڻ ۾ آيون ۽ پوءِ اسان جي سامهون ئي قلعي مان باهہ جا اُلا نظر آيا. اسان شاگردن کي مدرسي مان ٻاهر وڃڻ جي اجازت نہ هئي ۽ صبح تائين اتي ويٺا هئاسين ۽ سڄو قلعو اسان جي اکين آڏو ٻرندو رهيو. باهہ جا اُلا آسمان تائين پهتا پئي ۽ جيڪو دونهون ۽ گرمائش ڦهلي پئي سا اسان جي مدرسي تائين پڻ محسوس ٿي پئي. پوءِ صبح جو جڏهن اسان کي خبر پئي تہ شهر ۾ بہ قتلام شروع ٿي ويو آهي تہ اسين سڀ ڏاڍا پريشان ٿياسين ۽ اوچتو جڏهن اسان جي پر ۾ ارغون آباديءَ منجهان رڙين جا آواز آيا تہ اسان جي استادن بہ چيو تہ پڃي جان بچايون ۽ سڀ افراتفري منجهہ هيڏانهن هوڏانهن پڃڻ لڳاسين. مدرسي کان ٻاهر نڪرندي ئي ڏهہ ٻارهن پورچوگيز گهوڙن تي سامهون نظر آيا. سندن ترارن تي رت لڳل هو. اسان تي دهشت ڇانئجي ويئي. هو اسان ڏانهن وڌيا. ڀڄڻ جي واهہ نہ هئي سو ڪيترائي شاگرد ترار جا ڌڪ کائي ڪري پيا ۽ ڪجهہ زخمي حالت ۾ رت ڳاڙيندا، شهر ڏانهن ڀڳا. اسان پنجاهہ کن شاگرد ڪجهہ پورچوگيزن کي گهوڙن تان ڪيرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين ۽ سندن پنج ترارون ۽ گهوڙا ڪٽي، مڪلي ٽڪر تي چڙهي آياسين. اسان جي جٿي ۾ چاليهہ کن شاگرد وڃي بچيا هئا جن ۾ چار ارغون بہ هئا. پورچوگيزن مان جان ڇڏائي ٽڪريءَ تي قلعي وٽ پهتاسين تہ ڇهہ اٺ ترخان سپاهي سامهون اچي بيٺا. اسان گهٽو ئي سمجهايوسين تہ اسين مدرسي جا شاگرد آهيون. خود ارغون ڇوڪرن بہ ساڻن ڳالهايو پر ترخان سپاهي اهو ئي سمجهندا هيا تہ ملڪي ماڻهن کي ارغون ورغلائي، ترخان حڪومت جي خلاف بغاوت ڪري رهيا آهن. مون کين ٻڌايو تہ اهو غلط آهي. اسان سيني جا خاندان مرزا عيسىٰ ترخان جي رعيت آهن ۽ منهنجو پاءُ علي بخش، ترخان سپاهہ ۾ آهي ۽ لاهري بندر ۾ آهي. اسان کان ٻيا بہ سوال ڪيائون پر يڪدم ترارون ڪڍي اسان تي ڪاهي پيا. چار ئي ارغون ڇوڪرا ۽ ٻہ پنهور ۽ هڪ سميجو، رت ۾ ڳاڙها ٿڪيا پئي. پوءِ ادا اسان بہ پنهنجي جان بچائي ۽ مڙسي ڪري ڇئن ڄڻن کي ڊاهي وڌوسين. ٻہ ڄڻا ڀڄي ويا. پوءِ اسان بہ گهوڙا ڪٽي جهنگ منهن ڪري وٺي ڀڳاسين. ڪجهہ گهوڙن تي ڪجهہ پنڌ ۽ آخر مڪليءَ جي چيڙي تي مائي جنت ۽ سندس همراهہ اسان کي ملائڪن جي روپ ۾ مليا. اهي کير ڪٽي شهر ڏانهن ويا پئي ۽ پوءِ اسان کان حال احوال وٺي، واپس موٽي ۽ اسان سيني کي هت وٺي آئي آهي. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ٻيا سڀ تہ موٽي ويا پر اسين پنج ڄڻا

هت لڪل آهيون. اسان سيني کي انهن ٻن ترخان سپاهين طرفان خوف آهي ۽ چڱي طرح سڃاڻين به ٿا ۽ مون تنهنجو نالو به ورتو هو.“

علي بخش ڏاڍي ڌيرج سان سائين ڏني کي ٻڌو. ٻيا سڀ چپ هئا. مائي جنت گرم ڪير جا وٽا پري آئي ۽ سيني کي ڪير پيارڻ لڳي. ساڻس گڏ هڪ جوان نينگري به هئي، جيڪا بت جي پريل ۽ ڪٽڪ رنگي هئي ۽ سندس منهن مان رت ٻهڪيو پئي. ڇوڪريءَ جو نالو ملوڪان هو. عمر اها ئي مس ارڙهن اوڻيهه سال کن هيس. پر ڏاڍي موچاري لڳي پئي جهڙو نالو ملوڪان هو اهڙي ئي شڪل شبيهه ۽ لڇڻ جي ملوڪ هئي.

ٻنپهرن جي مانيءَ کان پوءِ علي بخش ڇوڪرن کان پڇيو ته نيٺ سندن مرضي ڇا آهي؟

”چاچا سائين“ هڪ ڇوڪر جنهن جو نالو محمود علي جت هو، تنهن چيو، ”جيڪڏهن اسان ٽن ڄڻن کي اوهان اسان واري مدرسي جي استاد ابراهيم سارنگ تائين پهچائي سگهو ته پوءِ اسين حفاظت سان ڳوٺ هليا وينداسين.“

”پر پٽ اوهان کي اها خاطري آهي ته اوهان جو استاد جيئرو به آهي يا قتلام ۾ پورو ٿي ويو؟“ علي بخش پڇيو.

”استاد، قتلام کان ٻه ٽي ڏينهن اڳ ڳوٺ روانو ٿي ويو هو.“ ڇوڪر وراڻيو.

”اوهان جو بابا ڳوٺ ڪهڙو آهي؟“ علي بخش پڇيو.

”ٺٽي کان هيٺ پنج ڇهه ڪوهه پرتي، درياهه جي ڪاپي ڪپ تي لڳو لڳ ڪلمتي ٻروچن جو ڳوٺ آهي. اسين به ڄڻا اتي جا آهيون. استاد به پرسان ئي سنڌ پنڌ تي راهوجن جي ڳوٺ ۾ رهي ٿو.“

”ٺيڪ آهي“ علي بخش چيو، ”اوهان مون سان هلو. جي استاد جو اتو پتو نه مليو ته آءُ پاڻ اوهان کي ڪنهن ٻيڙيءَ يا ٻتيلي تي چاڙهي ڳوٺ روانو ڪندس.“

”پر چاچا“ سائين ڏني ڌيرج سان ڳالهايو، ”جيڪڏهن شهر ۾ ڪٿي سڃاڻجي پيا ۽ ترخانن جي ور چڙهي ويا ته پوءِ .....“

علي بخش کلڻ لڳو. مائي جنت انهيءَ سڄي گفتگو دوران چپ ڪيو ويٺي هئي. ملوڪان ٻاهر منهه ۾ ويٺل هئي پر سندس سڄو ڌيان ڇوڪرن جي ڳالهائڻ ڏانهن هو.

”پٽ توهان ڪو فڪر نه ڪريو“ علي بخش کين خاطري ڏني، ”شهر بابت اوهان ڪو اُلڪو نه ڪريو ۽ هاڻ تياري ڪريو ته هلون.“

”بابا ايڏي تڪڙ نه ڪريو“ مائي جنت ڳالهايو، ”اها سؤلي ڳالهه ناهي. نڪو انهن ترخانن تي اهڙو ويساهه ڪريو. اسان ڪهڪايل آهيون. اسان جي هن ڳوٺ ۾ گذريل سال ڏهه جوان ائين ماري ويا ڄڻ کين شاهي فرمان مليل هو. رکيو ڳوٺ وٽان لنگهيا هئا. اسان کين سندن مرضيءَ موجب وهڻ نه ڏنا. اها ڇوري ملوڪان ويٺي اٿئي. پٽس ۽ پاڻس کي سندس اکين اڳيان رت ۾ لال ڪري، ڪُهي ڳيا ڳيا ڪري ويا. ڇوڪرن جي حياتي ايڏي سستي ناهي جو هٿ وٺي کين بگهڙن جي حوالي ڪجي.“

”کين نيٺ ته هلڻو آهي!“ علي بخش چيو.

”ها ڀلي تون شهر وڃ. اُت حال احوال وٺ. سندن استاد آهي به يا نه ـــ سندس بندوبست ٿئي، پوءِ هتان چُرن. باقي سائين ڏني کي آءُ به هتان وڃڻ نه ڏيندس.“

اها ڳالهه سيني کي حيرت جهڙي لڳي.

”ڇو ـــ ؟“ علي بخش ۽ سائين ڏني ٻنهي هڪ ئي وقت رڙ ڪئي.

”اهو پوءِ ٻڌائيندس“ مائي جنت مرڪندي چيو، ”پهرين انهن جوانن جو بندوبست ڪيو.“

سياري جو سڄ هو سو علي بخش به تڪڙ ڪئي ۽ پنهنجي گهوڙي تي لانگ ورائي، ٺٽي شهر ڏانهن روانو ٿي ويو. سائين ڏنو ۽ ٻيا ڇوڪرا مائي جنت کي ورائي ويا ته سائين ڏني کي ڇو نه ڇڏيندي.

”بابا انهيءَ ۾ به ڪو راز هوندو؟“ مائي جنت کلندي چيو.

”پوءِ نيٺ به ته ٻڌون ـــ؟“

خود سائين ڏنو به اپهرو پئي ٿيو ته مائي جنت کيس ڇو پئي روڪي.

”آءُ پٽ اڻ پڙهيل ۽ سادي ڳوٺاڻي زال آهيان،“ مائي جنت چوڻ لڳي، ”پر جڏهن کان هوش سنڀاليو اٿم ڪڏهن به نماز قضا نه ڪئي اٿم. صبح جو سوير فجر مهل، نماز کان پو عجب رنگ ڏسندي آهيان. آءُ گناهه گار آهيان پر رب مون تي ڏاڍو مهربان آهي. الائي ڇا ڇا اسرار مون کي ڏيکاريندو آهي. نئين شهر جي قتلام کان هفتا اڳ آءُ روز صبح جو شهر ۾ رت جا وهندڙ ريلا ۽ لاشن جا انبار ڏسندي هيس ۽ ڏکي ويندي هيس ته اي منهنجا رب اسان کي پناهه ۾ رکجائين. سو پٽ سائين ڏني کي به تڪليفن ۾ ڏٺو اٿم. شهر ۾ وڃڻ ڪيس ڀانئين نه پوندو.“

سائين ڏنو مرڪڻ لڳو. پر ٻيا ڇوڪرا پريشان پئي نظر آيا.

”اسان جي متعلق ڪهڙو خيال اٿئي؟“ محمود علي جت پڇيو.

مائي جنت ڪجهه ويرم چپ رهي ۽ پوءِ نيٺ ڳالهايائين:

”پٽ اوهان سڀ خير سان گهر پهچي ويندا. اوهان جو وار به ونگو نه ٿيندو پر . . . . .“

”پر ڇا؟“ محمد جت رڙ ڪئي.

”پر تنهنجي آسپاس ڪجهه رت آهي. ڪجهه بگهڙن جا چنبا آهن پر آخر ۾ تون پنهنجي ڳوٺ ۾ سک سان زندگي گذاريندين.“

سڀ ڇوڪرا هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا.

”يلا مائي جنت،“ سائين ڏني پڇيو، ”منهنجي حساب مطابق منهنجو شهر وڃڻ ٺيڪ ناهي ته پوءِ سڄي عمر هت ڀهراڙي ۾ ڇا ڪندس؟“

مائي جنت کلڻ لڳي.

”نه نه اهڙي به ته ڳالهه ناهي. پر ماڻهو احتياط کان ڪم وٺي. اجايو جت ٻاهه ٻرندي هجي اوڏانهن ڇو وڃجي. فجر مهل نماز پڙهي ٿورڙي اک لڳندي اٿم ته مون کي اڪثر شهر بگهڙن سان ڀريل نظر ايندو آهي. ڀهرين ائين نه هو. هاڻ ڪجهه سال ٿيا آهن ته اهڙا وهم ايندا اٿم جو اوهان ٻچڙن کي ٻڌائي به نٿي سگهان.“

”پوءِ مون کي ته ڪو گهرڙو جوڙي ڏيو ته ويهي رهان هن ڳوٺ ۾.“ سائين ڏني کلندي چيو.

# 14

پورچوگيزن جي وڃڻ کان پوءِ مرزا عيسىٰ ترخان شھر کي نئين سر آباد ڪيو ۽ مرمت شروع ڪرائي. شھر ٺٽي کي ان کان اڳ پناھ گاھ نہ ھئي. ھاڻ سڄي شھر کي چوڌاري ديوارون ڪڙيون ڪري شھر جي پناھ گاھ جوڙائي ويئي. شھر جي جن پاڙن کي نقصان پھتو ھو ۽ ڪجھ اميرن ۽ ڏيھي ماڻھن جي جڳھين کي باھ پوريءَ يا اڻ پوري ريت ساڙيو ھو، تن سيني کي سرڪاري خرچ تي ٺيڪ ڪرايو ويو. جامع مسجد مير فرخ ارغون کي پڻ سڄي سرڪاري پئسي تي جوڙايو ويو. انھيءَ مسجد ۾ ٿيل قتلام ڪري، گھڻن اميرن ۽ مرزا جي گھٽگھرن ۽ ارغونن کي سندن ارڏائي ۽ ھوڏ ڪري، سرڪاري خزاني مان وظيفا پڻ ڏنا ويا. شھر جي محلن ۾ پائي خان جو محلو، غلہ بازار، سھتيہ محلو، اگر محلو، تند سر محلو، گدا بازار ۾ واقع عام شھرين جا گھر جيڪي سڙي پٽ ٿيا ھئا سي اتيئي ائينءَ پيا ھئا. قتلام ڪري گھڻا اصلوڪا رھاڪو، جان بچائي، پر پاسي جي ڀھراڙين ڏانھن ڀڄي ويا ھئا. ھاڻ اصلوڪن رھاڪن لاءِ شھر ڇڏڻ ڪا وڏي ڳالھ نہ ھئي. الائي ڪيترا ڀيرا ھُو پاڻ وقت جي حاڪمن خاص ڪري مرزا شاھ حسن جي ظلمن ۽ امير ارغونن جي اُرھ زورائي ۽ داداگيريءَ ڪري، شھر منجھان ٽپڙ ڪٺي پرپاسي جي ڳوٺن ۾ اچي پناھ وٺندا ھئا. انھيءَ ڪري جيڪي ھيٺا ۽ بي پھچ ھئا تن شھر جي پچر ئي ڦٽي ڪئي. ڇٽي ڇھماھي بہ وڃڻ لاءِ تيار نہ ھئا.

مرزا عيسىٰ ترخان ھڪ دور انديش حاڪم ھو. تنھن کي خبر ھئي تہ سندس سڀ کان وڏو دشمن سندس پنھنجو ئي ھم قوم طبقو ارغون آھي. ارغون ساڻس نہ ٺھندا ھئا. ڳالھ ڳالھ تي ارھ زورائي ڪندا ھئا ۽ سندس پٺ ۾ ھٿ وجھندي بہ دير نہ ڪندا ھئا. انھيءَ ڪري مرزا کي اھا بہ خبر ھئي تہ ترخان، ارغون مغل يا ٻيا ايراني توراني، قنڌاري سڀ اميرن جي طبقن ۾ شامل آھن. ڪيترائي ڪپڙن جا ڪارخانا بہ سندن آھن. ٺٽي شھر جي آسپاس ھڙئي باغ بہ سندن ملڪيت آھن. سندن ڏنڌو ھيرن جواھرن، پٽ پھراڻ عاليشان پوشاڪن ۽ سون چانديءَ وارو ھو. پر اصلوڪن رھاڪن جو وڏو طبقو ڪمي ڪاسبي ۽ ڪڙمي ھو. عام شھري مزور بہ اھي ڏيھي ماڻھو ھئا. ڏيھي ماڻھن کان سواءِ ٻيا انھيءَ ڪرت ۾ گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ ڀڄ جا مسلمان ۽ ھندو ھئا. پورچوگيزن جي قتلام ڪري گھڻو انداز ڪمي ڪاسبي ۽ مزورن جو شھر ۾ يا تہ مارجي ويو يا ڀڄي ويو. ھاڻ شھر ۾ ھيٺئين طبقي ۽ ڪجھ وچولي طبقي جي ماڻھن جي نہ ھئڻ ڪري، شھر جو ڪارخانن وارو نظام ۽ واپار ھلائڻ ڏکيو ٿي پيو. انھيءَ ڪري مرزا عيسىٰ، باقاعده ڏيھي ماڻھن کي ڳوٺن مان آڻي ٻيھر شھر ۾ آباد ڪرايو. پنھنجي ننڍي پٽ جان بابا جي شادي بہ سميجن مان ڪرائي. مرزا کي اھا خبر ھئي تہ سميجا، طاقت وارا آھن ۽ سنڌي قبيلن ۾ اھو زورآور قبيلو آھي. ڏيھي ماڻھو آھستي آھستي شھر ۾ اچڻ لڳا. برباد ڪارخانا، ٻيھر آباد ٿيا. مال تيار ٿيڻ لڳو. بازارن ۾ بہ رونق موٽي آئي.

استاد ابراھيم سارنگ بہ واپس پنھنجي مدرسي ۾ آيو ۽ ڳوٺ جا ھڙئي جوان بہ پاڻ سان وٺي آيو جيڪي سھتيہ محلي جي پر ۾ ڏھ پنڌرھن گھر اڏي ٻارين ٻچين رھڻ لڳا. گھڻو ڪري سڀ ڪلمتي ٻروچ ھئا پر سندن اباڻي ڪرت اُٺ پالڻ ھئي تنھن ڪري سڀ ڪين جت چوندا ھئا. استاد سارنگ جي مرضي ھئي تہ ڳوٺن جا جوان مرد شھر اچن ۽ شھري ماحول ۾ رھي اتي روزگار حاصل ڪن. ڪيس چاڻ ھئي تہ شھري ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ ۽ وڻج واپار ۾ ڪيترو نفعو آھي. شھر ماڻھوءَ جي رھڻي ڪھڻي بدلايو ڇڏي ۽ سندن سوچ جو انداز بہ بدلجي وڃي ٿو. انھيءَ پاڙي جو نالو ئي جتن جو پاڙو پئجي ويو. استاد سارنگ جي عمر پنجاھ کن ھئي. ھن فارسي ۽ عربي ۽ فلسفي جي تعليم پرائي ھئي. سندس ذھن ۾ ٺٽي شھر جي بربادي ءَ جا چٽا

اهڃاڻ هئا. هو ننديڻ ڪان شهر جو رهاڪو هو. هت علم حاصل ڪرڻ لاءِ رهندو هو. نہ تہ سندس ڳوٺ سنڌو درياهہ جي ڪاپي ڪپ تي ست اٺ ڪوهہ پري، نٽي ڪان لهواري پاسي ڏانهن هو. ڪيس شهر جي ماڻهن جو، مرزا شاهہ بيگ جي فوجن هٿان ٿيل قتلام بہ ياد هو ۽ شاهہ بيگ جي پٽ شاهہ حسن جي نهايت وڏي پئماني تي ڪرايل ڪوس تہ سندس يادگيرين ۾ نهايت چڱي طرح چٽيل هو. ٻئي ڀيرا هو شهر ڇڏي ڀڄي ويو هو. مرزا شاهہ حسن جي ڪوس ڀيري تہ سندس قسمت زور هئي جو بچي ويو پر هڪ ارغون سپاهيءَ جي ترار جو زخم سندس ساڄي ڏوري تي اڄا تائين ظاهر هو. استاد سارنگ سال جا ڇهہ مهينا مدرسي ۾ پاڙهيندو هو ۽ باقي ڇهہ مهينا، پنهنجي ڳوٺ، سنڌ ۽ ملتان جي پرپاسي ۾ ڦهليل دوستن سان ميل ملاقاتن لاءِ ويندو هو آبڪلاٽيءَ جي موسم ۾ ائين لڳندو هو ڄڻ سڄي سنڌ پاڻيءَ هيٺ آهي. درياهہ شاهہ جو زور ڏسڻ وٽان هوندو هو. پاڻي، درياهہ جا ڪنارا اورانگهي چؤطرف ڦهلجي ويندو هو. ڳوٺن جا ڳوٺ ٻڏي ويندا هئا. ماڻهو آبڪلاٽي ڪان اڳ ئي ڳوٺ خالي ڪري مٿانهين پٽن يا ٽڪرن تي وڃي آباد ٿيندا هئا ۽ پاڻي لهي وڃڻ ڪان پوءِ، واپس پنهنجن ڪکن ڀيرا ٿيندا هئا. سنڌو درياهہ ماڻهن جي حياتيءَ جي هر گهڙيءَ منجهہ سمايل هو. جت درياهہ تٽي اُتي تباهي ٿئي تہ ساڳي وقت اهي زمينون بہ اهڙيون پليون ٿيو پون جو اناج جا ذخيرا هر ڳوٺ ۽ شهر ۾ هوندا هئا. ماڻهو سڪيا ستابا ٿي پوندا هئا. حاڪمن جي ڪارندن ۽ سپاهين جي ڦرلٽ ۽ ڏن ڏيڻ ڪان پوءِ بہ گهڻو ئي ڪجهہ سندن ڪرن ۽ گندين ۾ هوندو هو.

جتن جي وستيءَ سان گڏ، ٻيا بہ ڪيترائي ماڻهو آس پاس جي ڳوٺن مان لڏي، ٻارين ٻچين اچي ٺٽي ۾ رهيا هئا. شهر ۾ روزگار جا موقعا هئا ۽ هاڻ امن امان جو حال بہ صحيح هو. عام ماڻهو جيڪڏهن صبح جو گهران روزگار تي ويندو هو تہ شام جو سر بچائي گهر موٽندو هو. مرزا عيسىٰ پنهنجي فوج ۾ جيڪا مڪاني سپاهہ جي ڀرتي ڪئي هئي تنهن ڪري بہ شهر جي اصلوڪن رهاڪن کي وڏو ڏڍ هو ۽ خاص ڪري ارغون اميرن ۽ سندن ارڏن پٽن جي جبر ڪان بچيل هئا. ڪجهہ هندن تي ارغونن سان جهيڙا بہ ٿيا تہ مرزا هرو ڀرو مڪاني ماڻهن تي عتاب نازل نہ ڪيو پر ارغونن کي ريهي ريبي سمجهائي پنهنجي اجائي هوڏ تان لاٿو. شهر جون بازارون باغ بُستان يا مڪليءَ تي باغ ۽ نديڙي ڍنڊ، ترخانن ۽ ارغونن ۽ ٻين ايراني توراني ۽ ڪابل قنڌار جي پاسن جي ماڻهن سان سٽيل هونديون هيون. شهر جي عملي ادبي ۽ مذهبي بہ انهن ئي طبقن جا هئا. اهي ماڻهو ڊگها قداور هئا، منهن منجهان رت ٽپيو ليئا پائين ۽ پوشاڪ ۽ هلت چلت ۾ بہ مڪاني ماڻهن ڪان بلڪل مختلف لڳا پئي. مڪاني ماڻهو عام طور تي سج جي ڪاڙهي منجهہ لهسيل، قد جا پُورا پُنا ۽ عام سادي پوشاڪ منجهہ ٻنين يا شهرن جي ڪرت ۾ رڌل هئا. سندن بدن سگهارا پر منجهن ٻي همتي آڏو آيل هئي. سندن ذهنن ۾ هڪ محڪوميت ۽ ڪمتر هئڻ جو احساس پريل هو. ڪين چاڻ هئي تہ درياهہ شاهہ چڙهي تہ بہ سندن ڪک جُهرن ۽ جي ٻاهريان گهوڙي سوار اچن تہ بہ سندن وستيون ۽ حياتيون آزار ۾ پون. ايران ۽ بغداد جا عالم پڻ پنهنجي علم، جسماني اڏاوت، پوشاڪ جي برتري ۽ حاڪمن جي طبقن جي قرب، قرآن جي تفسير ۽ حديثن جي ورجاءُ ڪري نہ رڳو شهرن ۾ پر ڳوٺن ۾ بہ ماڻهن جي ذهنن تي ڇانئجڻ لڳا. اهي عالم عام ماڻهن ۾ ولي الله جهڙو درجو ماڻڻ لڳا. عام ماڻهو، انهن عالمن جي زبان ۽ سندن گفتگو ڪان جيڪا عربي فارسي ۾ هوندي هئي، ان کي قرآن جي ٻولي سمجهي، پلي پار جي زبان سمجهي، ڏاڍو متاثر ٿيندا هئا ۽ ڪين دلين ۾ جايون ڏيندا هئا. انهيءَ ڪري سنڌ ۾ ترخان، ارغون ۽ مغل، پنهنجي حاڪميت ۽ برتريءَ جي زور تي اڏامندا هلندا هئا. ٻئي پاسي ايراني يا عربي عالم پنهنجي علم يا زبانداني يا نسلي برتري ۽ حاڪمن جي طبقي منجهان هئڻ ڪري ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گرمي توڙي سردي، ريگستانن يا جابلو علائقن يا سنڌوءَ جي پاڻي سان پريل ميدانن ۾ ائين بي پرواهہ، نڙت ۽ فخر سان ڳاٽ اوچو ڪري گهمندا هئا جيئن شينهن شير بادشاهہ جهنگ ۾ گهمندو آهي. عام مڪاني ماڻهوءَ جي حالت سنڌ ۾ نهيل عام ڪسري مسيت جهڙي هئي. ايراني عربي عالم يا ماڻهو پڪين عاليشان محرابن ۽ گنبذن وارين محلاتن وانگر هئا سدائين فخر سان ڳاٽ اوچو ڪري هلندا هئا. ڪين ڪو ڊپ ڊاءُ نہ هو.

مرزا عيسىٰ ترخان جو پٽ مرزا صالح آهستي آهستي پيءُ جي حڪومت جو هڪ اهم پائو ليکجڻ لڳو. پنهنجي ڀاءُ مرزا باقيءَ جا ٽڏا پٽرائي، پيءُ جي نالي ۾ سڄي حڪومت جي واڳ ڪٽي پاڻ سنڀالي هئائين.

سندسن جواني ۽ حڪومت جو نشو پنهي رنگ پئي لاٿو ۽ ٺٽي جي امير امرائن ۽ عام ماڻهن، مرزا جي ارڏائين کي چڱي طرح محسوس پئي ڪيو. پر مرزا عيسىٰ ترخان جي حڪومت چڱي طرح مضبوط ٿي چڪي هئي. ارغونن جو مٿو ڦريل ضرور هو پر سندن طاقت ايتري نه هئي جو ترخانن سان پُڄي سگهن.

هڪ ڏينهن جتن جي نئين آباد ڪيل پاڙي ۾ چؤبچؤ لڳل هو. جت وڏي عمر وارا بگڙيل هئا ته اُت ننڍا نيٽا جوان پڻ مچريل هئا. سومهڻيءَ واري نماز کان پوءِ چڱو خاصو مجمعو ٿي ويو هو. استاد سارنگ به پنهنجي مدرسي منجهان ڪجهه شاگردن سان گڏ آيل هو. ساڻس گڏ محمود جت به هو. مسئلو به محمود جت واري ڪٽنب جو هو. الله بخش جت سندس ڏاڏي جو ڀاءُ هو. مڙس پيرسن هو پر اجا لڱن ۾ طاقت هيس. پنهنجي پيرين سيرين پيو هلندو هو. وڏي عمر هوندي به اکين جو نور چڱو هوس.

الله بخش جت ڳالهائڻ لڳو: ”يائو، مرزا ترخان جا سپاهي آيا هئا ۽ مون کي سياٽي، مڪلي واري قلعي منجهه گهرايو اٿس. اهو به چورائي موڪليو آهي پل ۾ ٿي پيا به چڱا مڙس وٺي اچو.“

”خير ته آهي؟“ مجمعي مان ڀي ٿي آواز آيا.

استاد سارنگ خاموش ويٺو هو.

”ٻي ته خبر ناهي پر مرزا صالح جي نيت آهي ته غوث بخش جي نياٽي جيڪا منهنجي پوٽي آهي تنهن جو سڱ اسين کيس ڏيون.“

الله بخش چپ ڪئي ۽ سڄي مجمعي کي ٻه ماٺ ويڙهي ويئي. لڳو ائين پئي ڄڻ اها ڳالهه ڪنهن کي نه وڻي. ڪو ٻيو ڳالهائي ها ۽ معاملو خراب ٿئي ها، استاد سارنگ وچ ۾ ڳالهايو: ”منهنجو خيال آهي اسان کي سياٽي تخت جي وارث مرزا صالح وٽ هلڻ کپي ۽ ڏسون ته هو ڇا ٿو چوي ۽ اسين انهيءَ معاملي ۾ ڇا ٿا ڪري سگهون. اسان ۾ ايڏي طاقت ناهي جو وقت جي نواب سان ٽڪر کائي سگهون. اڄ وڌيڪ ڳالهائڻ کان بهتر آهي ته پهرين سياٽي قلعي منجهان ٿي اچون.“

ڪجهه نوجوانن ڳالهائڻ چاهيو ٿي پر انهن کي چپ ڪرايو ويو. خود الله بخش جت پاڻ جوانن کان گهٽ نه پئي لڳو. پر چئن چڱن جي وچ ۾ پوڻ ڪري، سڀ ننڍا وڏا پنهنجن گهرن ڏانهن ويا هليا. الله بخش جت جي گهر جي اڳڻ ۾ ڪجهه ڄڻا ويٺا هئا. جن ۾ استاد سارنگ، محمود علي ۽ ٻيا ڪجهه مدرسي جا شاگرد پڻ شامل هئا.

”الله بخش سائين،“ استاد سارنگ چوڻ لڳو، ”تنهنجي ڳالهين مان مون کي ڪجهه فساد جي بوءِ پئي اچي.“

”پوءِ تنهنجي مرضي آهي ته اسين انهيءَ بگهڙ کي پنهنجي نياٽي ڏيئي ڇڏيون؟“ الله بخش جت پڇيو.

” نه مون ائين ته ڪو نه چيو ـــــ “ استاد سارنگ وراڻيو.

شاگرد چپ هڪ ٻئي کي ڏسي رهيا هئا.

”مون ته اهو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته مرزا صالح جي اها ڳالهه اسان کي قبول ناهي.“

”ڇو؟“ استاد سارنگ پڇيو.

”يائو اسين بيغرت ناهيون. پروچ آهيون. ڪرت ڪٽي ائن چارڻ ۽ پالڻ جي ڪئي سين ته ڪا وڏي ڳالهه ناهي. تو کي خبر ناهي ته انهي مرزا منهنجي انهيءَ نياٽيءَ ۾ هٿ وڌا هئا ـــ ۽ هاڻ سڱ گهري ٿو.“

هاڻ ڳالهه ٻي ٿي پئي. شاگرد به هڪ ٻئي کي ٽڪڻ لڳا. استاد سارنگ به ڪٽي ماٺ ڪئي. نيٺ ڪافي دير کان پوءِ استاد سارنگ چوڻ شروع ڪيو: ”يائو الله بخش هاڻ ڳالهه ٻي ٿي پئي آهي. هاڻ پاڻ کي وڌيڪ هوش ۽ عقل سان ڪم وٺڻو پوندو.“

”منهنجو عقل ته اهوئي ٿو چوي ته اسان کي اها ڳالهه قبول ناهي ۽ هوش جي ڳالهه انهيءَ ۾ آهي ته سياٽي خاموشيءَ سان هٿ ٻڌي پنهنجي جان ڇڏائي اچون.“

”پر ڏاڏا،“ محمود جت چيو، ”اوهان کان وڌيڪ انهن ترخانن ۽ ارغونن کي ڪير سڃاڻي؟ مرزا صالح انهيءَ جواب تي راضي ٿيندو؟“

”پٽ حاڪمن ۽ بادشاهن کي اهڙا جواب نہ ڏبا آهن،“ استاد سارنگ ڳالهايو، ”پر ماڻهو ائين اُرهہ زورائيءَ کي ڏسي پنهنجا ننگ بہ تہ ڪو نہ ڪيدي ڏيندو. ڳالهہ اها آهي تہ اها ڳالهہ ڪيئن صحيح طور سلجهي. نہ تہ يار وڏو آزار ٿيندو.“

ڪجهہ گهڙيون سڀ خاموش هئا.

”يار ڳالهہ ڳري ناهي،“ الله بخش ڳالهايو، ”اسان جي ريت آهي رواج آهي. اسين پنهنجو ننگ ڌارين کي نہ ڏيندا آهيون. مسڪين غريب پورهيت آهيون. هت شهر ۾ ڪارخانن ۾ ڪم ڪريون ٿا. غيرت نيلام ڪرڻ نہ آيا آهيون. جي حاڪمن کي اها ڳالهہ نٿي وڻي تہ شهر خالي ڪري ويندا سون. پنهنجا ڳوٺ پري تہ ڪونهن.“

”پر ڏاڍا اها ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ،“ محمود جت ڳالهايو، ”وقت جا حاڪم اسان کي توهان کي ائين آرام سان شهر ڇڏڻ بہ نہ ڏيندا.“

”پٽ رب وڏو آهي. جيڪو رب کي منظور آهي سو نيٺ ٿيندو. انهيءَ ۾ بندي جي مرضي شامل ناهي.“

ٻئي ڏينهن صبح جو الله بخش جت، استاد سارنگ ۽ ٻہ ٽي ڄڻا ٻيا مڪليءَ جي قلعي ڏانهن اُسهيا. منجهند ڌاري ڪين سڏ ٿيو ۽ مرزا صالح آڏو پيش ٿيا. مرزا صالح سيني کي ڇڱي آڏر ڀاءُ ڏني. پوءِ جلدي مرزا پنهنجي مطلب جي ڳالهہ ڪئي.

”سائين اسان کي معافي ڏيو ۽ بخش ڪريو.“ الله بخش جت ترت هٿ ٻڌي عرض ڪيو.

مرزا صالح کي انڪار ٻڌڻ ڪري نهايت ڪاوڙ آئي پر ضبط ڪري نهايت ڌيرج سان چيائين: ”اوهان اڻڄاڻ ناهيو. اوهان کي خبر هئڻ کپي تہ اوهين اسان جي رعيت آهيو. حاڪمن ۽ بادشاهن اڳيان ائين انڪار چڱي ڳالهہ ناهي.“

هو سڀ خاموش ويٺا رهيا. هڪ اکر بہ نہ اُڪليائون. نيٺ مرزا صالح چپ چاپ اتان اٿي اندر هليو ويو ۽ هي سڀ واپس وريا.

گهر پهچي پهريون ڪم اهو ٿيو تہ جنهن نينگر تي مرزا صالح جي اک هئي تنهن کي ٻين زالن سان گڏ شهر مان ڪيدي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن موڪلي ڇڏيائون.

انهيءَ ڳالهہ کي هفتو بہ نہ گذريو هو تہ مرزا صالح جا سپاهي پاڙي جي سيني گهرن ۾ گهڙي پيا ۽ ڏهن ٻارهن مڙسن کي گرفتار ڪري وٺي ويا. مٿن الزام هو تہ نٽي شهر ۾ ڪجهہ ڏينهن کان جيڪي ڌاڙا لڳن پيا يا رستن تي ٿيندڙ ڦرن جي ذميدارن کي هن پاڙي ۾ پناهہ ڏين ٿا ۽ ڌاڙيل رات جو الله بخش جت جي گهر رهن ٿا. نوجوان زالون ۽ ننڍيون نينگريون چوڪريون اڳئي ڳوٺ روانيون ٿي ويون هيون. هن واقعي کان پوءِ گهڻا مرد بہ پنهنجي مزوري ۽ ڪرت کي ڇڏي ڳوٺ هليا ويا. ڪين حاڪمن جي ظلمن جي خبر هئي تہ ڪيئن جڻ ٻچو پيڙاهي ڇڏيندا هئا. انهيءَ واقعي جو اثر ٻين پاڙن ۾ رهندڙ مڪاني ماڻهن تي بہ پيو. سڀ ماڻهو هيسيل ۽ ڊنل هئا.

جتن جي پاڙي ۾ ان وقت سخت دهشت طاري ٿي وئي جڏهن ترخان سپاهي، الله بخش جت جو رت ۾ ٻڏل لاش سندس گهر جي بند ٿيل در آڏ ڦٽو ڪري ويا. ماڻهن پنهنجن گهرن جا در بند ڪري ڇڏيا ۽ ڊپ وچان ڪو بہ ٻاهر نڪري نہ پئي سگهيو. نيٺ ٻئي ڏينهن صبح جو محمود جت، خبر پوڻ تي، مدرسي مان ڪجهہ شاگردن سان گڏ آيو ۽ ڏاڍس الله بخش جي لاش کي غسل ڏيئي ڪفن وغيره جون رسمون پوريون ڪري، جمع نماز کان پوءِ مسيت ۾ جنازي نماز لاءِ ويا. ماڻهن ۾ چؤٻول ڦهلجي ويو. حاڪم طبقي جا ڪجهہ ماڻهن جمعي نماز کان پوءِ ترسي پيا ۽ جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيا. مسجد جو امام پڻ نٽي جو اصلوڪو رهاڪو هو جنهن نماز پڙهڻ کان سواءِ ٻہ ٽي اکر وڌيڪ ڳالهايا: ”اي شهر جا رهواسيو، مسلمانو! اسين دهلي جي مغل شهنشاهہ هند ۽ جناب مرزا عيسىٰ ترخان جي رعيت آهيون. انهن جي حڪمن جي پيروي اسان تي فرض آهي ۽ حڪم نہ مڃڻ جي سزا اهڙي ئي آهي جهڙي هڪ ڪافر کي ڏني وڃي. الله ۽ الله جي رسول جو فرمان آهي تہ وقت جي حاڪم جو فرمان مڃڻ هڪ عبادت آهي ۽ نافرماني جي سزا موت آهي. الله زمين تي ماڻهن مٿان

حاڪمن جي صورت ۾ پنھنجو نائب مقرر ڪندو آھي تہ جيئن اطاعت جو صحيح رخ مقرر ٿئي ۽ فساد کي روڪي سگھجي. رب جي انھيءَ رضا جي ڀڃڪڙي جي سزا موت کانسواءِ ناھي. جيڪڏھن وقت جا حاڪم، الله تبارڪ تعالىٰ جا زمين تي نائب ائين نافرماني ڪندڙن کي درگذر ڪندا رھندا تہ ڌرتيءَ تي فساد وڌيڪ ڦھلجندو رھندو. بيشڪ الله وڏو آھي ۽ اسان سڀني کي واپس ڏانھنس ورڻو آھي ۽ پنھنجن چڱن مٺن اعمالن جو حساب ڏيڻو آھي.“

جيستائين الله بخش جت جو لاش دفن نہ ٿيو تيستائين سڀني ڪانڌين جي ذھنن منجھہ ھڪ خوف ڇانيل ھو تہ الائي ڪنھن مھل مرزا صالح جا سپاھي ايندا ۽ ڪين بہ پورو ڪري ڇڏيندا.

رات جو ڳپل حصو گذري چڪو ھو. استاد ابراھيم سارنگ، الله بخش جت جي گھر ٽڪيل ھو. گھر جا ڀاتي اڳ ئي شھر ڇڏي ويا ھئا. محمود جت ۽ ڪجھہ ٻيا مدرسي جا شاگرد بہ اُتي موجود ھئا. پاڙي جا ڪجھہ ماڻھو گھڻو اڳ وڃي چڪا ھئا. سياري جي پڇاڙي ھئي. رات جا ٻہ پھر ڪن گذري چڪا ھئا انھيءَ ڪري ڪجھہ ٿڌاڻ وڌيڪ محسوس ٿي پئي. استاد سارنگ ۽ شاگردن جي ڪچھري ھلي پئي.

”استاد اڄ مُلي چيو پئي تہ.“ ھڪ شاگرد جنھنجو نالو غلام حسين ھو، تنھن چيو، ” ـ ـــ تہ ھي بادشاھہ ۽ ھي حاڪم الله جا نائب آھن. انھن جي نافرماني جڻ الله جي نافرماني آھي.“

استاد سارنگ کلڻ لڳو.

”پٽ اھي مُلن جون، عالمن جون ۽ قاضين جون اختراعون آھن. وقت شاھد آھي. تاريخ شاھد آھي تہ اھي مُلا ۽ عالم ھميشہ وقت جي حاڪمن جي ناجائز حاڪميت کي مذھب جو سھارو ڏيئي اڳتي ھلائيندا آھن. سندن نظرن ۾ يزيد بہ حاڪمِ وقت ھو ۽ سندن نظرن ۾ اطيعو الله و اطيعو الرسول و اولىٰ الامر مِنڪم جي مطابق امام حسين بہ واجب القتل ھو. وڏا وڏا عالم حاڪمن کي خوش ڪرڻ لاءِ، عجيب ڳالھيون ڪري ويا آھن ۽ لکي ويا آھن. سندن نظرن ۾ نبي ۽ بادشاھہ، الله جا خاص ۽ چونڊيل طبقا آھن ۽ باقي سڄي خلق تي سندن برتري ڇانيل آھي. بادشاھہ زمين تي خدا جو پاڇو آھي. انھيءَ ڪري سندس اطاعت ڪرڻ کپي ۽ سندس حڪم مڃڻ کپي. اولىٰ امر واري آيت سورت النساء ۾ آيل آھي جنھن کي ھر جابر ۽ زور آور، عالمن جي ذريعي پنھنجي حاڪميت قائم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو آھي. پر اوھان اڃا علم حاصل ڪريو پيا. شاگرد آھيو. اڳتي ضرور پڙھندا تہ انھيءَ آيت جو وقت جي حاڪم جي اطاعت سان ڪو بہ واسطو نہ آھي. اھا آيت ڪھڙي وقت نازل ٿي ھئي سا نھايت اھم ڳالھہ آھي. خالد بن وليد ۽ عمار بن ياسر ھڪ جنگي مھم تي ھئا جت عمار بن ياسر پنھنجي سپاھہ سالار خالد بن وليد جي منظوري کانسواءِ ھڪ ڪافر عرب کي پناھہ ڏني جيڪو ان وقت مسلمان ٿيو ھو. پوءِ انھيءَ ڳالھہ تان تڪرار ٿي پيو ھو ۽ معاملو رسول ڪريم صلعم جي آڏو پيش ٿيو. رسول ڪريم عمار جي طرفداري ڪئي پر انھيءَ سان گڏ عمار کي دڙڪا بہ ڏنائين تہ تون فوج جو سالار ناھين. فوج ۾ حڪم سالار جو ھلندو آھي. اھا آيت انھيءَ موقعي تي نازل ٿي ھئي. انھيءَ آيت کي انھيءَ واقعي کان الڳ ڪري سياسي حاڪميت جو بنياد بنائڻ چڱي ڳالھہ ناھي پر اخلاقي ڏوھہ بہ آھي.“

”پر استاد.“ محمود جت ڳالھايو، ”امام بخاري جي ھڪ حديث اسان کي پڙھائي ويئي ھئي تہ پنھنجي سردار جي اطاعت ڪريو پوءِ ڀل ڪو حبشيءَ ئي سردار ڇو نہ ھجي.“

”ھا، اھا حديث امام بخاريءَ جي ڪتاب ۾ آھي تہ اسمعو او اطيعو اولو استعمل عليڪم عبد حبشي ـــــ يعني ٻڌو ۽ اطاعت ڪريو پوءِ ڀل توھان جو سردار حبشي ڇو نہ بنايو وڃي. يار، بنواُميہ ۽ عباسين جي دؤر ۾ اھڙيون ڪوڙ حديثون حاڪمن جي فرمائش تي ٺاھيون ويون ھيون. رسول ڪريم جي وفات کان پوءِ تہ حديثون ٻڌائڻ عام توڙي خاص ماڻھن جي عادت بنجي ويئي ھئي ۽ ھر ننڍي وڏي ڳالھہ ۽ ھر ڪنھن مسئلي تي ماڻھو رسول الله صلعم جا نوان نوان قول ٻڌائڻ لڳا. اھا وبا ايستائين ڦھلجي ويئي جو پھرئين يا ٻئي خليفي

حديثن جي اهڙي ورجاءَ ۽ ڦهلاءَ تي بندش وجهي ڇڏي هئي. اهڙي طرح حديثن جي استعمال ڪرڻ واري کي سزا ڏني ويندي هئي.“

”پر استاد“ محمد جت پڇيو، ”هي اسان جا حاڪم به ته پاڻ کي اسلام، قرآن ۽ نبيءَ جي سنت جي اصولن مطابق پيش ڪن ٿا. تڏهن ته اسين هتي جا ماڻهو هزارن ڪوهن تان آيل ماڻهن جي تابعداري ڪريون ٿا.“

”اسين تابعداري انهيءَ ڪري ٿا ڪريون،“ استاد ابراهيم سارنگ چوڻ لڳو، ”جو اسلام يا قرآن يا نبيءَ جي سنت ۾ اهڙو ڪو اصول يا درس موجود آهي. پر هي سنئون سڌو اصول آهي جيڪو ڏاڍو سو گابو. انهن ارغونن ترخانن هزارن ڪوهن کان اچي هت آباد ماڻهن تي پنهنجي طاقت ۽ جبر جو ڏاڪو ڄمايو. اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي. هزارن سالن کان ڪمزورن تي طاقتور حڪومت ڪندا رهيا آهن. هاڻ سوال آهي ته ماڻهن جا ڪي گروهہ طاقتور ڇو هوندا آهن ۽ ڪي گروهہ ڪمزور ڇو هوندا آهن. ائين ناهي ته الله ڪجهہ قومن کي طاقتور ۽ ڪجهہ قومن کي ڪمزور خلقيو آهي. عقل، ڏاهپ ۽ سگهہ، هر انسان کي پنهنجي تخليق سان گڏ عطا ٿيل هوندي آهي. اها ڳالهہ هر انسان يا ماڻهن جي گروهن تي منحصر آهي ته هو پنهنجي ڏاهپ ۽ سگهہ کي ڪيئن هڪ هنڌ تي هڪ مقصد لاءِ يڪجا ڪن ٿا ۽ پوءِ پنهنجي مفاد لاءِ استعمال ڪن ٿا. باقي مذهب يا سنت ۾ ڪي به اصول نظر ٿا اچن جن ذريعي ڪا اسلامي رياست قائم ڪجي يا اهڙي رياست کي قرآن يا سنت نبوي مطابق استعمال ڪري، ماڻهن جي حقن جو استحصال ڪندا آهن ۽ پنهنجي حاڪميت کي وڌيڪ مضبوط ڪندا آهن.“

استاد ابراهيم سارنگ ٿورڙو رڪيو ۽ پوءِ وري چوڻ لڳو، ”اسان سنڌ وارا ڇڙو ڇڙ ٿي ويا آهيون. ملڪ جي گادي واري شهر ٺٽي مان ته اسان جي ڄڻ پاڙ پٽجي ويئي آهي. اسان جي ڪا سگهہ ٺٽي شهر يا ٻين شهرن ۾ نہ رهي آهي. اسان سيني، شهرن کان پري ڳوٺ وجي وسايا آهن ۽ هڪ بند ٿيل مٺ وانگر جيڪي هئا سي کليل مٺ وانگر هارجي ويا آهن ۽ واوِڪر ٿي ويا آهن. اها ڳالهہ آهي سگهہ جي اگهائيءَ جي. ماڻهن کي خبر ئي ناهي ته ترخانن سان اجان به سنڌ جا ماڻهو وڙهن پيا. پر سنڌ جا ماڻهو ڪنهن هڪ طاقت وانگر گڏجي وڙهڻ جي بدران سندن الڳ الڳ ڪڙم قبيلا پيا ترخانن سان مهاڏو اٽڪائين. نتيجو اهو پيو نڪري ته جت ڪٿ، سيوهڻ ۾، سيوهڻ جي آسپاس، چاچڪان سرڪار نصرپور لاڪاٽ مطلب ته هر هنڌ سنڌ جا ماڻهو مار کائن پيا ۽ عام ماڻهن کي اِهو ئي تاثر ڏنو پيو وڃي ته ڪجهہ ڌاڙيلن جا ٽولا آهن جيڪي ڦرمار ڪن پيا ۽ پوءِ سرڪاري سپاهي کين مقابلي کان پوءِ ماري ڇڏين ٿا. پوڙهو الله بخش جت به ته انهيءَ بهاني ترخانن ماريو. ڇا ويچارا مزور جت ۽ ڇا ڌاڙيل! بس ڏاڍي جي لٺ کي ٻہ مٿا آهن.“

شاگرد غلام حسين چوڻ لڳو، ”استاد ائين نہ ٿو ٿي سگهي ته اسين سنڌ جي ماڻهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري سگهون؟“

”ها سڀ ڪا ڳالهہ ٿي سگهي ٿي،“ استاد سارنگ جواب ڏنو، ”پر سنڌ جا ماڻهو ٽٽل تسبيح جي داڻن وانگر سڄي ملڪ ۾ ڦهلجي ويا آهن. سندن قوت، سگهہ ۽ سياست جي ڄاڻ، سندن ذهنن مان ائين نڪري ويئي آهي جيئن درياهہ شاهہ پنهنجي بي شمار مٽي پاڻيءَ سان کاري پاڻيءَ جي اڻ ڪٿ سمنڊ ۾ لهي ويندو آهي. مٺاڻ سڄي ختم ٿي ويندي آهي. ماڻهو گڏ تڏهن ئي ٿيندا جڏهن کين پنهنجي مقصد جي ڄاڻ ڏجي. جڏهن سندن ذهنن ۾ سمايل لوڻ بدران ميٺاج جاءِ والاريندو. ميٺاج علامت آهي جدوجهد جي جاکوڙ جي، پر رڳو مقصد جي ڄاڻ هجڻ به مقصد ناهي. انهيءَ ڄاڻ ۾ پاڻ ٻارڻ ضروري آهي. ڪو طرف مقرر ڪرڻ کپي. هڪ يا ڪي اڳواڻ شخصيتون سامهون اچڻ کپن. عام ماڻهو، بنا اڳواڻ جي ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهن. سنڌ ۾ دريا خان کان پوءِ ڪو بہ اڳواڻ نہ ابريو آهي جيڪو وڏي اچي ۽ ماڻهو بہ سندس پويان هلن. مون کي جيڪي ماڻهو ملن ٿا، جيڪي جدا جدا ڳوٺن ۽ واهڻن مان همراهہ اچن ٿا تن مان اها خبر پوندي رهندي آهي تہ عام ماڻهن نہ ارغونن کي دل جان سان پنهنجو حاڪم مڃيو آهي ۽ نڪي ترخانن لاءِ وٽن ڪو سندن حاڪميت جو احترام آهي. سڀ ڳالهہ ڏنڊي جي هلي پئي. ائين ئي وقت جي حاڪمن جي حاڪميت قائم آهي.“

”استاد اهي ڳالهيون اوهان مدرسي ۾ تہ ڪو نہ پڙهائيندا آهيو؟“ غلام حسين پڇيو.

استاد سارنگ مُرڪي ڏنو ۽ پوءِ محمود جت ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳو: ”بابا اهي ڳالهيون مدرسي ۾ به چوندا آهيون. پر مدرسي ۾ سڀ سچڻ ناهن. ڪجهه ماڻهو اهڙا به آهن جن جا ترخانن ۽ ارغونن سان سنوان سڌا ناتا آهن. اسان کي به احتياط ڪرڻو پوي ٿو. پنهنجن شاگردن سان ته اُتي به کلي ڳالهائبو آهي. هت به سوير مون محمود کان تنهنجي باري ۾ پڇڪ ڪئي هئي. ترخانن تي ڪو پروسو ناهي. ٿورڙي غلط يا صحيح اطلاع تي ماڻهن جو بڻ بڇو پيڙاهي ڇڏين ٿا. اجا وقت نه آيو آهي ته ڪو اسين ظاهر ٿيون. پر اهڙو وقت ضرور اچڻو آهي ته ذهن تي ڦهليل ڪاري پاڻيءَ کي مٺي پاڻيءَ ۾ بدلائجي ۽ پوءِ انهيءَ مٺي پاڻيءَ کي ڳهرٻل سيڪ پهچائجي.“

رات گهٽي گذري چڪي هئي. شهر جي چؤطرف هُو هوا لڳي پئي هئي. ڪنهن ڪنهن مهل ڪو ترخان سپاهي لنگهيو ٿي ته سندس گهوڙن جي سنبن جا آواز آيا ٿئي يا ڪنهن ڪتي جي اونائڻ جو آواز آيو ٿئي.

ٻئي ڏينهن گجرات منجهان عبدالله جت جو پائيتو مريد جت نٽي پهتو. عجب ڦريل دماغ جو جوان هو. هن جي مرضي هئي ته سڄي پاڙي جي ماڻهن کي پڙ ۾ گهرائي، قسما قسمي ٿئي ته مرزا صالح کي ڪنهن به صورت ۾ مارڻو آهي. ڪيترائي پوڙها توڙي جوان پهچي ويا. پر اتي به استاد سارنگ ڌيرج کان ڪم ورتو ۽ سيني کي سمجهائي ريجهائي گهر پيڙو ڪيائين. ذري گهٽ سيني گهرن مان زال ذات کي شهر مان لڏائي ڳوٺن ڏانهن موڪليو ويو هو. استاد سارنگ مريد جت کي ڏاڍو سمجهايو ته ائين ڪرڻ سان اسان سيني جو نٽي شهر ۾ رهڻ ڏکيو ٿي پوندو. مس مس وڃي گذريل ڇئن پنجن سالن ۾ ماڻهو ڀهراڙين مان واپس شهر ۾ اچي وسيا آهن ۽ پنهنجن ڌنڌن ۽ ڪرت ڪار کي لڳا آهن. ترخان حاڪمن سان ائين ڦٽائڻ چڱي ڳالهه ناهي.

مريد جت ڪا به ڳالهه نه مڃي. محمود جت به سندس پانهن ٻيلي ٿيو بيٺو هو.

هڪ هفتي تائين مريد جت شهر ۾ چرين وانگر گهمندو رهيو. شهر جي اصلوڪن رهاڪن کي خبر نه هئي ته انهيءَ چريائپ منجهه ڪهڙو ممڻ مچڻ وارو آهي. نيٺ ڳالهه چيهه ڪيو ۽ مريد جت هڪ صبح سان مڪلي واري قلعي جي ٻاهر، هڪ سائل جي روپ ۾ مرزا صالح ڏانهن وڌيو ۽ هڪ ٻانهن جيڏي ڇُري سندس پيٽ ۾ آر پار ڪري ڇڏيائين. مرزا صالح ڦٿڪڻ لڳو. سندس آندا ٻاهر نڪري آيا ۽ صبح جو کاڌل ناشتو ۽ رب به ٻاهر پٽ تي ظاهر ٿي پئي هئي. ۽ ٻئي طرف مريد جت جي چريائپ ختم نه ٿي پر ويتر اتي بيهي نچڻ لڳو. محمود گهڻو ئي سمجهايس ۽ ڀڄڻ لاءِ چيس پر مٿس ڪو اثر نه ٿيو تان جو ترخان سپاهين سندس ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيا. محمود جت ڪڙين تي زور رکيو ۽ وري به سندس رخ مڪليءَ جي اتر اولهه پاسي ڏانهن هو. ترخان سپاهي مرزا صالح کي سنڀالڻ ۾ پورا هئا ۽ ڪنهن به محمود جو پيڇو نه ڪيو. شام تائين محمود پيهر مائي جنت جي ڳوٺ پهچي چڪو هو.

مرزا صالح جي قتل ٿيڻ جي خبر سموري شهر ۾ باهه وانگر پکڙجي ويئي. شهر سڄي ۾ هٽتاڙ ٿي ويئي. ترخان، ارغون ۽ ٻيا اشراف طبقن جا ماڻهو حيران ٿي ويا ۽ ڪجهه ڊڄي به ويا پر شهر جي اصلوڪن رهاڪن کي جڏهن خبر پئي ته مريد جت نالي هڪ چرئي مرزا صالح جو پيٽ ڦاڙي وڌو آهي ته ڪين نه رڳو پنهنجن پٽن جو خيال ٿيو پر پنهنجن انگن ۽ ننگن جو پڻ اؤنو ٿيڻ لڳو. جيئن زلزلي يا طوفان کان اڳ پکي پکڻ يا ٻيا رڙهندڙ جاندار پنهنجي جان بچائڻ لاءِ هٽ پير هٽندا آهن تيئن اصلوڪن رهاڪن جي پاڙن منجهه خوف ڇانئجي ويو. ترخان اجا قتل ٿيل مرزا صالح جي ڪفن دفن ۾ پورا هئا پر شهر جا ڪيترا ماڻهو شهر ڇڏڻ ۾ رڌل هئا. ڪين زلزلي يا طوفان اچڻ جو خوف هو. پوءِ ٿيو به ائين! منجهند کان پوءِ ڪجهه ترخان سپاهين جا دستا جتن جي پاڙي کي وڪوڙي ويا. زالون ۽ ٻار ته ڪڏهو ڪو نڪري ويا هئا. باقي ڪي پندرهن ويهه مرد پاڙيجي چؤواٽي تي پيا هئا. استاد ابراهيم سارنگ بچي ويو. جو ان وقت مدرسي ۾ هو. ٻيو محمود جت بچيو هو جيڪو شهر ڇڏي ڀڄي ويو هو. باقي شهر جا اصلوڪا رهاڪو به پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ محفوظ ٿي ويا. تنهن هوندي به ترخانن ۽ ارغونن جي پاڙن مان ٻئي ڏينهن ڪيترن ماڻهن جا لاش مليا. مڪليءَ ڏانهن ويندڙ پيچرن تي به ڪجهه ماڻهو قتل ٿيا پيا هئا. نواب عيسيٰ ترخان وڏ ماڻهپائي ڏيکاري ۽ هانوَ تي پٿر رکي. غم جا جبل جهاڳي، نيٺ پنهنجن سپاهين ۽ ترخانن کي عام شهرين جي قتلام کان منع ڪئي. نواب ترخان سمجهيو ته اها رب جي رضا هئي ۽ وڏيڪ خون خرابو سندس بادشاهت لاءِ هاڃيڪار هو. سندس سموري سپاهه منجهه ويهه کن هزار

سپاهي سنڌي هئا. سندن متو خراب ٿيڻ ۾ ڪيتري دير لڳي سگهي ٿي. پوءِ ٻہ ساندهہ مهينو ڪن شهر ۾ راڪاس گهميل هو. ڏينهن جو بازارين ۽ رستن ۽ چؤنڪن تي نالي ماتر گهما گهمي هئي. سچ لٿي ڪان پوءِ تہ شهر سڄو پنڊ پهڻ ٿي ويندو هو. اصلوڪو رهاڪو شايد ڪو گهر جي در ڪان ٻاهر نڪرندو هو. تنهن هوندي بہ ٻئي ڏينهن صبح جو شهر جي ڪنهن نہ ڪنهن حصي ۾ ڪو راتوڪو پيل لاش ضرور ملندو هو. گهڻا ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن نموني شهر ڇڏي ويا. ترخانن جي ڪاوڙ ختم ٿيڻ ۾ جيترا ڏينهن لڳا اوترائي پاڙا ذري گهٽ خالي ٿي ويا.

# 15

مرزا باقيءَ جي حڪومت ۾ ٺٽو هڪ عجيب اسرار جهڙو شهر بنجي چڪو هو. مرزا باقي جي حڪومت ٺٽي شهر تي هئي. نصرپور شهر، سيوهڻ شهر، پاٽ شهر ۽ ٻيا ڪي شهر جن جي حدن ۾ ترخان خاندان جي بادشاهي قائم هئي ۽ انهن شهر کان ٻاهر چؤطرف، ڪوهن جي مفاصلن تي ننڍا وڏا ڪيترائي ڳوٺ اڏيل هئا جن ۾ سنڌ جا اصلوڪا ماڻهو رهندا هئا. انڙ جوکيا، نوهڙيا، چانڊيا، سما، سميجا، کهڙا، راهو پوٽا، سهتا، ڏيپارجا ڦلاٽا، سوڍا، ساند، هنگورا ۽ جت وغيره ـــ ـــ سڀ انهن ننڍن وڏن ڪچن پڪن ڳوٺن ۾ رهندا هئا. اهو زمانو هندستان جي تخت تي اڪبرِ اعظم جي حڪومت جو هو. پر هت ڏاکڻين سنڌ ۾ ترخان صرف شهر جا حاڪم هئا. سندن حڪم شهر کان ٻاهر تڏهن هلندو هو جڏهن سندن لشڪر ڪهي ڪنهن ڳوٺ يا وستيءَ تائين پهچندو هو. تاريخ جو اهو دؤر به عجيب آهي ته ماڻهو، حاڪمن جي جبر ۽ لٽ مار کان بچڻ لاءِ شهرن مان لڏي آيا هئا پر وقفي وقفي سان ڳوٺن جا ماڳ به بدلائڻ لڳا. وڏا ڳوٺ ۽ وسنديون ختم ٿينديون ويون ۽ ٻيهر آباديون به ٻين هنڌن تي قائم ٿينديون رهيون. عام ماڻهن ۾ عدم تحفظ جو احساس وڌندو پئي ويو. حاڪم ۽ رعيت جا رشتا ۽ حد بنديون قائم نه رهي سگهيا. حاڪمن جا طور طريقا ئي اؤر هئا. کين پنهنجي برتري ۽ امن امان قائم رکڻ لاءِ کين فرصت ئي نه هئي. دهليءَ جي شهنشاهه جي تلوار مرزا باقيءَ جي سر تي سوار هئي. ان کان علاوه ارڏا ارغون امير ته شهر ٺٽي ۾ ائين هلندا ڦرندا هئا جو ڄڻ شهر ۾ ترخانن جي بادشاهي ڪانه هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته ارغون گهوڙن تي سوار مرزا باقيءَ جي درٻار ۾، تخت تائين ڌوڪيندا ايندا هئا. نه حاڪمِ وقت جي رعب تاب جو خيال هونَ ۽ نه ڪي حڪومت جي ڪارندن جو. مرڳو ئي ارغونن جو خيال هو ۽ مطالبو به ته، سنڌ جي حڪومت تي سندن موروثي حق آهي جيڪو کين ملڻ گهرجي ۽ خاص ڪري مرزا عيسىٰ ترخان جي وفات کان پوءِ ته ترخانن کي تخت اصل وارثن ارغونن کي ڏيڻ کپي ها. مرزا باقي ٺٽي جي تخت حاصل ٿيڻ کان اڳ اهڙا ڏولانا ڏٺا هئا ۽ ڏونگر لتاڙيا هئا جو هو ڪنهن به قيمت تي تخت تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار نه هو. کيس پنهي آزارن کي منهن ڏيڻو هو. دهليءَ جي شهنشاهه کي به راضي رکڻو هو ۽ ارغون داداگيرن کي دلاسن تي هلائڻو هو.

ان وقت هندستان جي معاشري ۾ عجيب تبديلي اچڻ لڳي. معاشرا، ماڻهن جي ميل ميلاپ ۽ ڳانڍاپي ڪري بدلبا رهيا آهن پر هت هڪ شعوري ڪوشش ذريعي هندستاني معاشري کي نئين رنگ ۾ رچڻ جو ڪم ٿي رهيو هو. اڪبر بادشاهه پنهنجي جاري ڪيل دينِ الاهيءَ جي پرچار ۾ مصروف هو. جت عام رعيت جي اڪثريت جيڪي هندو يا غير مسلم هئي، اها نئين تبديليءَ ڪري خوشگوار موسم جي اچڻ جا اهڃاڻ محسوس ڪري رهي هئي، ته ايراني توراني قنڌاري ۽ ٻيا ٻاهران آيل عالم ۽ مذهبي بنياد پرست، انهيءَ تبديليءَ کي مذهب جي خلاف سمجهڻ لڳا ۽ پوءِ هڪ تحريڪ ڪر کنيو. شيخ احمد سرهنديءَ انهيءَ تحريڪ جي اڳواڻي ڪرڻ لڳو. سنڌ ۾ عام شهرين انهيءَ سماجي تبديليءَ کي نه ڪي محسوس ڪيو ۽ نه ڪي سنڌ جي سرحدن اندر اهڙي ڪا آبهوا هلي. هت ته اڃا تائين به حاڪم ۽ محڪوم جو تنازعو فيصل نه ٿي سگهيو هو. حاڪم چند شهرن تائين هئا جت سندن زور زر ۽ حاڪميت هئي. ٻئي پاسي عام مڪاني محڪوم ماڻهو سڄي ملڪ ۾ درياهه جي ٻنهي طرفن ڇڙو ڇڙ زبون حالت منجهه ڦهلجي ويا هئا. پر حاڪمن جي حاڪميت اهڙيءَ طرح قائم هئي حاڪم لشڪرن سان شهرن مان نڪرندا هئا ۽ جيستائين به ڏونگر ڏوري سگهندا هئا، ۽ وستيون واهڻ لُٽي ۽ ماڻهو ماري سگهندا هئا تيستائين انهيءَ علائقي تائين هو سندن حاڪم هئا. ملڪ ۽ ماڻهن ۾ سماجي ۽ تمدني تبديلي تڏهن ئي ايندي آهي جڏهن حاڪم ۽ رعيت، زندگي ۽ روزگار عام رواجي

حالتن ۾ حاصل ڪري سگهن. دهليءَ جي تخت جي چؤطرف هڪ مستحڪم حڪومت قائم ٿي چڪي هئي. شهنشاهه اڪبر جو سڪو ۽ رعب عام خاص جي دلين تي نقش ٿي چڪو هو. ملڪ مسلسل جنگي صورتحال کان آزادي حاصل ڪري چڪو هو. اهوئي سبب هو ته جنگي جنون جي جاءِ تمدن ۽ سيپتا والاري رهي هئي ۽ دين الاهي به اهڙين تبديلين منجهان هڪ تبديلي هئي. ٺٽي شهر جي عالمن تائين اها ڄاڻ پهتل هئي ۽ عالمن جا جٿا انهيءَ موضوع تي پهرن جا پهر گفتگو ۽ بحث ڪندا رهندا هئا.

پر انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌ ملڪ منجهه ڏڪار ڦهليو ۽ ٺٽي شهر جي ماڻهن لاءِ اناج جي اڻاٺ پيدا ٿي پئي. جت پيٽ خالي هجي اُت نظريي يا فلسفي جون ڳالهيون اجايون هونديون آهن. ٺٽي جي نواب مرزا باقيءَ چڱن ڏينهن ۾ مڪلي قلعي جي گدامن ۾ ڪڻڪ جا ذخيرا ڪرائي ڇڏيا هئا. سرڪاري ڪڻڪ ۾ سُرو لڳي ويو هو پر عام ماڻهن کي نه ڏني ويئي. مرزا باقي پنهنجن سيني پرڳڻن جي عملدارن کي وڏا ٻيڙا ڏياري موڪليا ته جيئن اهي ڪڻڪ سان ڀرائي ٺٽي موڪلين ۽ عام ماڻهن ۾ ڏڪار واري ڪيفيت دور ٿئي.

هڪڙي ڏينهن شام مهل ٺٽي شهر ۾ خبر پهتي ته لاڪاوت پرڳڻي جي عملدار امير شاهه قاسم بيگلار ٽي ٻيڙا ڪڻڪ جا ڀرائي موڪليا آهن جيڪي ٺٽي پرسان درياهه جي ڪپ تي اچي بيٺا آهن ۽ نواب مرزا باقيءَ جا عملدار اتيئي ڪڻڪ عام ماڻهن کي ڏيندا ۽ اميرن ۽ سرنديءَ وارن لاءِ ڪڻڪ ٺٽي آٽي پوءِ ورهائبي.

گرمين جا ڏينهن هئا. اجا چاليهو بيٺو ڪو نه هو. پر تنهن هوندي به گرمي مدام تي هئي. پر ٺٽي شهر ۽ آسپاس ۾ هلندڙ تيز ساموندي هوائن ڪري هروڀرو ايتري گرمي نه پئي لڳي. ڏکڻ طرفان ايندڙ ڪڪر ائين پرجي شهر مٿان آيا پئي ڄڻ ڄاڻ وسڪارو شروع ٿيو. پر لاڳيتن تيز هوائن ڪري مينهن جو ڪو آسرو ئي نه پئي ٿيو.

اجا سج ڪني مس ڪيدي هئي ته سوين ڪمي ڪاسبي پنهنجن گهرن مان نڪرڻ لڳا ۽ سيني جو رخ شهر جي ڏکڻ پاسي درياهه ڏانهن هو. اها خبر رات ئي شهر ۾ پهچي چڪي هئي ته ڪڻڪ جا ٽي وڏا ٻيڙا، لاڪاوت پرڳڻي منجهان پرجي پهچي چڪا آهن ۽ اها ڪڻڪ عام ماڻهن کي ڏني ويندي ته جيئن ڏڪار جي ڪيفيت ختم ٿئي. استاد ابراهيم سارنگ به پنهنجن ٻن ساٿين سان پنڌ ۾ هو. علي بخش پنهنجي سپاهه واري پوشاڪ منجهه گهوڙي تي ٻين ٽيهه چاليهن سپاهين سان اڳيان نڪري ويو. مائي جنت پنهنجي ڪير ڍوئڻ واري گهوڙي گاڏي منجهه هڪ ٻن ٻين همراهن ساڻ گڏ هئي. استاد سارنگ سان شاگرد غلام حسين به هو. درياهه جي ڪناري تي شاهي ٻيڙا بيٺل هئا. درياهه شاهه ائين پئي وهيو ڄڻ ڏرتيءَ جو ڪو ڊگهو ٽڪرو نهايت تيزيءَ سان پاڻياٺ ۾ بدلجندو اڳتي وڃي رهيو هجي ۽ اُن جي آسپاس جي زمين ويچارڳيءَ واري حالت ۾ غير متحرڪ هجي ائين ئي جيئن انهي زمين جا رهواسي هئا. سج جي ڪرڻن پوڻ ڪري درياهه جو مٿاڇرو چمڪيو پئي. آهستي آهستي ماڻهن جا هشام ٿي ويا. درياهه جي ڪناري سان لڳ ترخان سپاهي گهوڙن تي سوار بيٺا هئا ته جيئن عام ماڻهو ٻک منجهان ڪڻڪ جي ذخيرن تي هلان نه ڪن. اجا ٻيڙن کي کولڻ جي رسم ادا نه ٿي هئي. ٻيڙن جو مهندار مير جان محمد بيگلار هو. تنهن ترخان سپاهين کي ٻڌايو ته جيسين نواب مرزا باقيءَ جو ڪو خاص ايلچي يا ٺٽي شهر جو ڪو اعلىٰ عملدار نه ايندو اهو سامان کين نه ڏيندو. سيني جون نظرون اولهه طرف ويندڙ پيچري ڏانهن هيون ته ڪنهن مهل حاڪمن جا خاص ماڻهو ايندا ۽ ڪڻڪ عام ماڻهن ۾ ورهائبي.

پريان ڪنڌ ۾ ڪجهه ماڻهو بيٺا هئا. تن مان هڪ ڇٽو چوڻ لڳو ته، ”ڌڻي خير ڪري، ٻه مهينا اڳ به لاڪاوت جي بيگلار اهي ئي ٽي ٻيڙا موڪليا هئا.“

ڪجهه ماڻهو توبهه توبهه ڪرڻ لڳا هئا.

ساڳيو ماڻهو چوڻ لڳو: ”اوهان کي خبر هوندي ته ٽن مان هڪ ٻيڙي ۾ ٽيهن اُڻن جون وڍيل سِسيون هيون.“

”انڙن ڏوهه ڪهڙو ڪيو هو؟“ پئي اڌڙوٽ مڙس سوال ڪيو.

”انڙن امير قاسم بيگلار جي آڻ نه مڃي هئي. بابا ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا! اوهان شايد اهو ٻيڙو نه ڏٺو هو. ڇا ڳالهه ڪريان. شهزادن جوانن جا سِر رتو ڇاڻ پيل هئا. جن ماڻهن ڏٺو تن جا لڱ ڪانڊارجي ويا هئا.“

اها ڳالهه غلام حسين به ٻڌي ۽ آهستي سان هلي اچي استاد سارنگ جي پر ۾ بيٺو جيڪو ڪجهه ٻين همراهن سان ڳالهائي رهيو هو.

”استاد پريان هڪ همراهه بيٺو آهي. عجيب ڳالهه پيو ٻڌائي.“

”ڪهڙي ڳالهه؟“ استاد سارنگ ڏانهن ڏيان ڏنو.

”همراهه چوي پيو،“ غلام حسين آهستي سان چيو، ”ته ٻه اڍائي مهينا اڳ اهڙائي ٽي ٻيڙا پرجي آيا هئا. پر هڪڙي ۾ انڙن جا وڏيل سر پيل هئا. آءُ ته ڏڪي ويس اها ڳالهه ٻڌي.“

استاد سارنگ مُرڪڻ لڳو.

”اوهان کي انهيءَ ڳالهه جي خبر آهي؟“ غلام حسين وري سوال ڪيو ۽ ٻيا جيڪي ٽي چار همراهه بيٺا هئا تن به حيراني ڏيکاري.

”اهي وڍيل سسيون انهن اُنڙن جون هيون جيڪي پنهنجي علائقي ۾ ڪنهن به ارغون ترخان يا ڪنهن به ڌارئي راڄ جي اُرهه زورائي جي خلاف هئا. سندن اهي معرڪا ڪيترن سالن کان جاري آهن. پر هي جيڪو نئون حاڪم امير قاسم بيگلار لاکاوت پرڳڻي جو حاڪم بنجي ويو آهي سو نهايت ظالم ۽ دهشت ناڪ ماڻهو آهي. انهيءَ عهدي کان اڳ سڄي سنڌ ۾ پنهنجن ڪجهه ساٿين سان گڏ رلندو پندو وتندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ساڻس گڏ مرزا باقيءَ جو پاءُ مرزا جان بابا به هوندو هو. سندن ڪم لُٽمار ۽ خون خرابو هوندو هو. ڪيس سيوهڻ، لاکاوت، نصرپور، امرڪوٽ انهن جي آسپاس علائقي جا سڀ ڏنگا، ارڏا ماڻهو ۽ غريب غربو به سڃاڻيندا آهن ۽ سيني کي ماري مڃائڻ سندس دلچسپي ۽ راند ۾ شامل آهن. اوهين انهيءَ مان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته سندس ڪو ٿاڪ يا مستقل ماڳ ڪونهي. بس هر طرف قُرمار ۽ ويڙهه تي گذر سفر آهي.“

”پوءِ اهڙي ماڻهوءَ کي ته مرزا باقيءَ کي سيڪت ڏيڻ کپي،“ هڪ همراهه پريان ٻيڙن کي ڏسندي چيو.

استاد سارنگ کلي ڏنو.

”منهنجا پائو ڏنگي ماڻهوءَ جي ساري چڙهيل هوندي آهي. اهو بيگلار ته مرزا باقيءَ جي لشڪر تي به ڪاهي ويو هو ۽ اهڙي حرفت ڏيکاريائين جو لشڪر ساري کي خبر نه هجي ۽ هي همراهه مرزا باقيءَ جي ٻيڙي ۾ گهڙي ويو ۽ وڃي مٿس حملو ڪيو. مرزا ته انهيءَ درياهه شاهه ۾ ٽپو ڏيئي جان بچائي پر جوڻس پريل ڏيئو، بيگلار جي منهن تي وهائي ڪڍيو. جنهن ڏنو آهي سي چون ٿا امير قاسم بيگلار جي پوٽ جو هڪڙو پاسو ڏيئي جي لاٽ سان سڙيل آهي. نواب مرزا باقيءَ کي اهڙا بهادر شودا پاڻ وٽ رکڻ جي ضرورت آهي.“

”پر مرزا باقي هروڀرو اهڙو خراب ماڻهو ناهي،“ هڪ همراهه وچ ۾ ڳالهايو، ”هونئن به بادشاهه بادشاهي قائم رکڻ لاءِ ڪجهه ماڻهن کي مارائيندا آهن. ڪجهه کي ديس نيڪالي ڏيندا آهن.“

”صحيح آهي،“ استاد سارنگ چيو، ”پر ڪجهه ارڏا ۽ ڏنگا ماڻهو پاڻ سان ضرور گڏ رکبا آهن.“

ٺٽي منجهان ڪجهه سوار اچي پهتا هئا. شهر جو مڪاني حاڪم اڳيان اڳيان هو. جڏهن هو ٻيڙن وٽ پهتو ته جان محمد بيگلار ڪجهه قدر اڳتي وڌي ساڻس مليو ۽ ڀاڪر پاتائين. سيني ماڻهن جون نظرون انهن عملدارن ۾ کُتل هيون.

ٿوري دير کان پوءِ اعلان ٿيو. سيئي ماڻهو ٻيڙن ڏانهن سِري آيا ۽ خاموشيءَ سان اعلان ٻڌڻ لڳا. جان محمد بيگلار جيڪو انهن ٽن ٻيڙن جو مهندار هو، سو هڪ ٻيڙي تي چڙهي بيٺو ۽ تلوار مياڻ مان ڪڍي ماڻهن ڏانهن مخاطب ٿيو: ”شهر ٺٽي جا رهواسيو هوش حواس قائم رکي مون کي ٻڌو. اسين اعلىٰ حضرت نواب محمد مرزا محمد باقي، واليءَ سنڌ جا غلام آهيون، ڪارندا آهيون ۽ نڪمخوار بندا آهيون. اسان کي جڳائي ٿو پنهنجي ۽ پنهنجي آل اولاد جي وفاداري اعلىٰ حضرت لاءِ وقف ڪري ڇڏيون. منهنجو حاڪم امير قاسم بيگلار خان زمان پڻ اعلىٰ حضرت جو ادنىٰ ٻانهو آهي. عوام تڏهن ئي خوشحال ۽ امن امان منجهه رهي سگهي ٿو جڏهن هو پنهنجي حاڪم جي حڪمن جي بجا آوري دل و جان سان ڪن، نه ته فساد ٿيندو ۽ باطل هميشه نيست و نابود ٿيندو آهي. اسان جو مذهب ۽ الله جو پاڪ رسول به اهڙين ڳالهين جي تلقين ڪري ٿو. ان ڪري اوهان سيني کي به کپي ته اعلىٰ حضرت نواب صاحب جي فرمان بردار رعيت بنجي هن ملڪ جي ترقي لاءِ گڏجي ڪوششون ڪريون.“

ڪجهه ساعتون جان محمد بيگلار چپ رهيو. گهڻن ماڻهن کي اها فارسيءَ ۾ ڪيل تقرير سمجهه ۾ آئي پئي ۽ ڪجهه ماڻهن جن کي فارسي جي ڄاڻ نه هئي تن پرسان بيٺلن کان پڇيو پئي. استاد سارنگ، غلام حسين ۽ ٻين کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ته ماڻهن کي ڪٽڪ ورهائڻ جي موقعي تي اهڙين ڊگهين تقريرن مان ڪهڙو فائدو ورندو.

پر پوءِ جان محمد بيگلار پنهنجي مطلب تي آيو: "شهر ٺٽي جا رهواسيو مون کي ايترو ضرور چوڻو آهي ته الله تعاليٰ به وقت جي حاڪم ساڻ هوندو آهي ۽ انهيءَ ڪري کيس ظل الاهي به چوندا آهن. هاڻ منهنجي ڳالهه ڪن کولي ٻڌو. هي سنڌ ملڪ به عجيب ملڪ آهي. اسين ارغون ترخان بيگلار ۽ مغل سڀ سرسبز وطن ڇڏي هت آياسين ته هن ڌرتيءَ جي حصي کي پنهنجي وطن مثل سمجهي حڪومت قائم ڪريون. اسين الله جي فضل سان مسلمان آهيون ۽ هي ديس به ڪو غير مسلم ناهي. پر هن زمين جا ماڻهو شورش پسند ۽ وڳوڙي آهن. هن ڌرتيءَ تي رب تعاليٰ جو فضل آهي ته هت مٺي پاڻيءَ جو هڪ وڏو درياهه وهي ٿو ۽ هند سنڌ ۾ سڀ کان اڳ اسلام به هن خطي ۾ آيو. اسان جي حڪومتن کي اڌ صديءَ کان مٿي عرصو گذري ويو آهي. پر ماڻهن جي دلين مان ڪينو ختم نٿو ٿئي. ڪجهه شورش پسند، وڳوڙي ۽ حرامزادا، عام ماڻهن کي ورغلائن ٿا ـــــ ۽ پوءِ سڄي ملڪ ۾ ڌاڙيلن جي ٽولين وانگر ڦهلجي نه رڳو عام ماڻهن جي زندگيءَ منجهه آزار پيدا ڪن ٿا پر حڪومت ۽ ان جي ڪارندن لاءِ رنڊڪون وجهن ٿا. اوهان کي ياد هوندو ته ڪجهه مهينا اڳ منهنجي امير خان زمان هڪ ڀيڙو ٿيهن باغي ڌاڙيل انڙن جي وڍيل سرن سان پرائي موڪليو هو ته جيئن سڄي ملڪ ۾ ماڻهو وڳوڙين جو انجام ڏسن ۽ عبرت حاصل ڪن. پر مون کي افسوس سان اوهان کي ٻڌائڻو پوي ٿو ته اسان ڏي لاڪاوت ۽ سيوهڻ جي پرڳڻي ۾ درياهه جي ٻنهي پاسن اهڙن وڳوڙين ۽ ڌاڙيلن جون سرگرميون برقرار هيون جن کي امير قاسم بيگلار خان زمان، پنهنجي سمجهه فراست ۽ شجاعت سان نبيرڻ چاهيو ٿي پر خاص ڪري وري انڙن جا مٽا خراب هئا. کين آخر سبق سيکارڻ جي ضرورت محسوس ٿي ۽ قاسم انڙ جي جٿي ۽ سنڌس پوئلڳن جو قتلام شروع ٿيو. حق برحق آهي. انڙ ۽ سنڌن ساٿي مردود مري مات ٿيا. ڪجهه تر ڏي ڀڄي ويا. سو چوڻ جو مطلب آهي ته هنن ٽن ڀيڙن منجهان هڪ ڀيڙو، سڄو سارو انهن مردودن ۽ وڳوڙين جي وڍيل سرن سان ڀريل آهي ۽ اهي وڍيل سر انهيءَ ڪري آندا اٿم ته جيئن ٺٽي جا شهري عبرت حاصل ڪن. هڪ ٻي به ڳالهه آهي ته اسان کي خبر پئي ته هن ڀيري ٺٽي جا به ڪجهه نوجوان امير خان زمان سان ٽڪرجڻ لاءِ انڙن جي ٽولن ۾ شامل ٿيا هئا ۽ سنڌن به وڍيل سر انهيءَ ڀيڙي ۾ آهن. سو ڪٽڪ جي ورهاست کان پوءِ جيڪڏهن ڪي ماڻهو پنهنجا گمراهه نوجوان سڃاڻين ته کين اجازت آهي سنڌن سسيون کڻي وڃن. شهر جو چونڪن ۽ گهٽين ۽ پاڙن ۾ عام ماڻهن کي ڏيکارين ۽ پوءِ اُن کي دفن ڪري ڇڏين."

جان محمد بيگلار ڳالهائڻ بند ڪيو ۽ ماڻهن کي چڻ نانگ سونگهي ويو. درياهه جي ڪناري هزارين سرڪاري ڪارندا ۽ عام ماڻهو بيٺا هئا. پر لڳو ائين پئي چڻ ڪو به انسان اُت موجود ناهي. رڳو درياهه جو وهڪرو پنهنجي ڀرپور قوت سان سمنڊ ڏانهن وڃي رهيو هو.

ان کان پوءِ ڪٽڪ جي ورهاست شروع ٿي. ڪيترن ئي ماڻهن ڪٽڪ ورتي ۽ گهڻا اتان روانا ٿي ويا. باقي ڪٽڪ ڪارندن ٺٽي ڏانهن سرڪاري ذخيري لاءِ موڪلڻ شروع ڪئي. جڏهن گڏدي لٿي ۽ باقي به ٿي سؤ ماڻهو وڃي بچيا ته ڪجهه ماڻهو آهستي آهستي پري انهيءَ ڀيڙي جي ويجهو آيا جن ۾ جان محمد بيگلار جي چوڻ مطابق باغي انڙن، سنڌن ساٿين ۽ ڌاڙيلن جون وڍيل سسيون پيل هيون. جڏهن انهيءَ ڀيڙي جي مٿان پيل ڪاٺ جي تختن کي هٽايو ويو ته بي شمار انساني سسيون هڪ ٻئي جي مٿان سٿيون پيون هيون. اوسي پاسي انساني گوشت ۽ رت جي بانس ڦهلجي وئي. ڏسندڙن جا دل دهلجي ويا. ڦاٿل بي جان اکيون، وار ۽ منهن سڀ چميل رت سان ڪارانجي ويا هئا. درياهه جي ڪناري هڪ عجيب منظر هو. درياهه وقت وانگر پنهنجي رفتار ۾ رڌل هو. ماڻهن جا ذهن چڻ برف بنجي ويا هئا. کين ڪو احساس نه پئي ٿيو سواءِ خوف جي جنهن سنڌن لڱ ڪانداري ڇڏيا هئا.

استاد سارنگ، غلام حسين ۽ سنڌس ٻين ساٿين به ويجهو اچي ڀيڙيءَ جي اندر جهاتي پاتي.

"استاد انهن سسين ۾ محمود جت کي ڳولڻو آهي." غلام حسين آهستي سان چيو.

استاد سارنگ ڏانهنس ڏٺو ۽ حيران ٿي پڇيو: ”غلام حسين خير ته آهي. ڇا پيو ڳالهائين؟“
”استاد ڪجهه ڏينهن اڳ مون کي ڪنهن ٻڌايو هو ته محمود سيوهڻ ۾ لاڪوٽ ڏانهن لڏي ويو آهي ۽ هت ٺٽي ۾ ترخان سپاهي ڪيس سجاڻين ٿا ۽ ڪنهن مهل به ڪيس جهلي ماري وجهن ها. پوءِ اهي خبرون ٻڌڻ ۾ آيون ته محمود جت ڪجهه اهڙن جٽن سان گڏجي ويو آهي جيڪي ترخان حاڪمن سان وڙهندا رهن ٿا.“
استاد ابراهيم سارنگ ڳنڀير ٿي ويو ۽ ڪجهه سوچي پوءِ غلام حسين کي چوڻ لڳو: ”يار انهيءَ پاسي ته منهنجو ذهن ويو ئي نه هو. تون سچ ٿو چئين. هڪڙو محمود جت ته ٺٽي مان سيوهڻ ڪونه ويو هو پر پنجن ڇهن کي آءُ به سڃاڻان ۽ وچڻ کان پهرين انهن نوجوانن مون سان ملاقات به ڪئي هئي. هو اوهان وارو يار سائين ڏنو به مون ٻڌو هو ته سيوهڻ ڏانهن نڪري ويو هو.“
پرسان مائي جنت به بيٺل هئي. تنهن جڏهن سائين ڏني جو نالو ٻڌو ته ڪنڌ ورائي استاد ابراهيم ۽ غلام حسين کي ڏٺو ۽ پوءِ به ٿي قدم کڻي سندن پرسان آئي.
”ابا اوهان سائين ڏني کي سڃاڻو؟ اوهان محمود جت کي سڃاڻو؟“ مائيءَ جو آواز روئڻهارڪو هو. غلام حسين وڏي آيو.
”امان تون ڪير آهين؟“ غلام حسين پڇيو، ”سائين ڏني سان تنهنجو ڪهڙو واسطو؟“
”ابا منهنجي پٽ جهڙو هو.“ مائي جنت روئي ڏنو.
استاد سارنگ ۾ وکون پري مائي جنت وٽ آيو ۽ سندس مٿي تي هٿ رکيو: ”امان تون مائي جنت ته ناهين؟“
مائي جنت ڪنڌ لوڏي هائوڪار ڪئي ۽ رئي جي پلاند سان اکيون اگهڻ لڳي: ”پٽ ڪجهه مهينا ٿيندا ته سائين ڏنو، محمود جت جيڪي مون وٽ رهندا هئا، سيوهڻ ڏي ويا هئا. چوڪرن جا مٿا ڦريل هئا.“
استاد سارنگ مائي جنت کي ماٺ ڪرايو ۽ ڪانئس پڇيائين:
”پلا انهيءَ ڳالهه جي ڪهڙي پڪ آهي ته سائين ڏنو يا محمود جت مارجي ويا هئا.“
”ابا مون وٽ سندن هڪ همراهه آيو هو،“ مائي روئڻ لڳي، ”سائين ڏني جي ڪنوار چوري ملوڪان، هُتي ڳوٺ ۾ اوندو منجو ڪيو پئي آهي.“
”پلا سائين ڏني جي مائٽن کي ڪا خبر چار آهي؟“ غلام حسين پڇيو.
”ابا سپاهي علي بخش کي ٻڌايو هوم پر ڪيس يقين نه آيو. پوءِ ڪا به خبر چار نه ورتئون.“
”علي بخش ته سويل مون هت ڏٺو هو،“ غلام حسين چيو.
ڪيترائي ماڻهو ٻيڙي جي پر ۾ بيٺا هئا ۽ سندن اکيون وڌيل سسين ۾ کتل هيون. نيٺ مائي جنت هڪ سسي سڃاتي ۽ ڪانئس رڙ نڪري ويئي. استاد سارنگ ۽ غلام حسين سسي کٽي آيا ۽ جڏهن مائي جنت آڱر جي اشاري سان ڪنڌ ۾ پيل هڪ سسيءَ ڏانهن اشارو ڪيو ته غلام حسين ٿورڙو هيٺ لهي ويو ۽ هٿ ڊگهيري، انهيءَ سسيءَ کي وارن منجهان جهلي، ٻين رت هاڻين سسين مان ڇڪي مٿي ڪيائين ۽ پوءِ واپس اُتي آيو جت استاد سارنگ ۽ مائي جنت بيٺي هئي. ٻيا به ڪيترائي ماڻهو چوطرف پکڙيل هئا. غلام حسين جي هٿ ۾ رت سان پريل سسي ڏسي، استاد سارنگ جي دل کي چڻ جهٽڪو لڳو ۽ مائي جنت به سڏڪو ڀريو ۽ چيو، ”ابا منهنجي سائين ڏني کي به ڳوليو.“
غلام حسين، محمود جت جي سسي کڻي ۽ هٿ ۾ جهليل سسيءَ کي ڌسڻ لڳا. غلام حسين ننڍا قدم کڻندو درياهه جي وهڪري تائين آيو ۽ پاڻيءَ منجهه ٻوڙي رت ۽ مٽي صاف ڪرڻ لڳو.
استاد سارنگ ۽ ڪجهه ٻيا ماڻهو به اچي گڏ ٿيا. درياهه جي پاڻيءَ منجهه ڏوپجڻ کان پوءِ محمود جا مُنهن مهاندا صاف ظاهر ٿيا. سندس چهرو اڃا هرويرو خراب نه ٿيو هو.
”جوان ڪيئن ٿا پنهنجي سرن جو آهو لاهين!“ هڪ ماڻهوءَ چيو.
”بابا جبل سان ٽڪرائڻ سان پنهنجو ئي مٿو ڦاڙائبو آهي.“ ٻئي پيرسن چيو.

استاد سارنگ بہ وڏي آيو ۽ محمود جت جو ڏوتل چھرو ڏسڻ لڳو. ”ھھڙا جوان بہ قربان ٿي ويا“ استاد چيو، ”ڏاڍو شھزور ھو. قدرت کي الائي ڇا منظور آھي.“ استاد ٿورو چپ رھيو پوءِ آھستي سان چيائين، ”پر ائين ڇڙوڇڙ ويڙھہ ھاڃيڪار آھي.“

ڳپل وقت کان پوءِ غلام حسين استاد کان پڇيو تہ ڇا ڪرڻ کپي. استاد وراڻيو. ”بابا جت تہ سڀ ٿتو شھر ڇڏي ويا. شھر کين ڀانئين ئي ڪو نہ پيو. پاڻ ھاڻ کين ڪٿي ڳوليندا سين. بھتر اھو آھي تہ ھي شھزور پنھنجي ڌرتيءَ لاءِ وڙھيو آھي. کيس درياھہ شاھہ جي مٽي وھڪري جي حوالي ڪري ڇڏيوس تہ سندس منھن سدائين تر و تازو رھندو.“

غلام حسين بہ ائين ئي ڪيو ۽ پہ ٿي قدم درياھہ ۾ اڳتي ويو ۽ پوءِ تيز وھڪري کي محسوس ڪري محمود جت جي سسي درياھہ جي حوالي ڪيائين. سيني ماڻھن اِھو منظر ڏٺو. ڪنھن بہ نہ ڪڇيو پر پريان ھڪ مُلو بيٺو ھو تنھن چيو، ”حاڪمِ وقت سان مھاڏو اٽڪائيندڙن لاءِ ڏٽي تعاليٰ جنازي نماز جي بہ اجازت نہ ڏني آھي.“

اوڏي مھل ئي مائي جنت غلام حسين وٽ آئي ۽ ٻاڏائڻ لڳس، ”پٽ ڏس ھلي. مون کي تہ سائين ڏنو ملي ئي ٿتو.“

سڀ درياھہ جي ڪپ تان سري، ٿورو اوپاري طرف ويا. ٻيڙي جي چوڌاري رت ۽ انساني ماس جي بو ڦھليل ھئي. آسمان تي ڪڪر تيزيءَ سان ڏکڻ کان اتر ڏانھن ويا پئي ۽ ڪجھہ ڳجھن بہ لامارا ڏيڻ شروع ڪيا.

سج لھڻ ۾ ٿورو وقت باقي ھو. انساني سسين سان ڀريل ٻيڙو اتي ئي بيٺو ھو. ماڻھو سڀ واپس وڃڻ لڳا. مائي جنت بہ پنھنجي پوٽيءَ ۾ ويڙھي سيڙھي سائين ڏني جي سسي کنئي ھئي. پاڻ پنھنجي گھوڙي گاڏيءَ ۾ سوار ھئي. سندس اکيون آليون ۽ وار ڇڙيل ھئس. گاڏيءَ پرسان سپاھي علي بخش بہ پنھنجي گھوڙي تي سوار ساڻس گڏ ھليو پئي. ڪجھہ ٻين ماڻھن وٽ بہ پنھنجن عزيزن ۽ دوستن جا سر ھئا پر باقي ٻيڙو ائين ئي ڀريل بيٺو ھو.

سج لھي چڪو ھو. اوندھہ ڦھلجڻ لڳي. ٿتي پھچندڙن ماڻھن سان گڏ خوف ۽ عبرت پڻ ٿتي شھر کي وڪوڙي ويئي.

ٻئي ڏينھن خبر پئي تہ سرڪاري ڪارندن سڄو ٻيڙو، سسين سان ڀريل درياھہ جي نذر ڪري ڇڏيو.

# 16

سنڌ ملڪ، هندستان جي اولهہ ـــ ڏکڻ طرف سڀ کان ڏورانهون ماڳ هو. سائو سبز ۽ مال ملڪيت سان ڀرپور هو. سنڌ جي وچ مان سنڌو درياهہ جو زور آور ۽ مست وهڪرو هڪ طرف سنڌ جي لاءِ خوشحاليءَ جو وڏو ڪارڻ هو تہ ٻئي طرف ٻاهران ايندڙ حملي آورن لاءِ پڻ وڏي رنڊڪ هو، جو سنڌن لشڪر جي ڇُر ڀُر لاءِ مڪاني ماڻهن جي بچاءُ جو هڪ ذريعو پڻ هو. جنهن جي هڪ پاسي لشڪر هو تہ ٻئي طرف جا ڳوٺ واهڻ وستيون ۽ رهاڪو، ڪنهن حد تائين بچيل هئا. جيستائين حملو ڪندڙ لشڪر اهڙو بندوبست ڪري جئين درياهہ جو تيز وهڪرو اُڪري پار ٿئي يا وري ڪو اهڙو هنڌ ڳولي جت درياهہ جو پيٽ گهٽ ويڪر ۾ هجي. پر مست درياهہ جا ماڻا بہ عجيب هئا. سال جا اٺ نو مهينا تار وهندو هو. عام خاص جي زور کان بہ زورا ٻنهي پاسي سوين ڪوهہ زمين کي ٻوڙڻ تہ عام ڳالهہ هئي. جي ڪو مٿاهين ماڳ تان ٻيهي نهار ڪري تہ ائين خبر پوندي ڄڻ سنڌ ملڪ سمورو پاڻي هيٺ آهي. ان کان بہ وڌيڪ ائين محسوس ٿيندو هو تہ سنڌ هڪ ڏيڻ آهي. جنهن ۾ اڻ سونهان ماڻهو، ٻاهريان ماڻهو ۽ ميري اکين وارا ماڻهو سدائين گٽل هوندا آهن. سنڌن اڳلو هر قدم ڳرو ۽ غير يقيني هوندو هو.

جنهن ملڪ ۾ درياهہ اهڙا راڱا ڪري ۽ درياهي علائقن کان پرتي ڏکڻ کان هلندڙ تيز ڏڏيون هوائون، اڳتي هلي رڻ ۽ پوٺن کي ڇُهندي لُڪون بنجي پون ۽ اُترئين علائقن منجهہ جت ڏکڻ کان هلندڙ ڏڏيون هوائون، لُڪن ۾ بدلجي ٻي سٽ ٿي اڳتي نہ وڌن، ات سمورو اُتر تندور جهڙو گرم رهندو هو. پر ماڻهو نرم ۽ اڻ ڄاڻ! اڻڄاڻ رهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. پر انهيءَ سڄي اوڙاهہ منجهہ، ٺٽو شهر دل ۽ جان جي فرحت مثل هو. ٺٽي ۾ امن هو، سلامتي هئي، علم هو، ڄاڻ هئي، ادب هو، تهذيب هئي، امير امراءُ هئا، اهل الله هئا، درويش، ولي ۽ فقراء هئا. بازارون ڏيهي پرڏيهي سامان سان ڀريون پيون هيون. ماڻهو سڀ سرڪاري ڏر جا هئا. سڀ خوشحال هئا. گذريل پنجاهہ سالن جي حڪمراني منجهہ، مڪاني ماڻهو شهر ڇڏي ويا هئا ۽ ڪجهہ ڪاريگر يا مزور يا ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ هيٺيون طبقو، اصلوڪن رهواسين جو هو پر سنڌن شهر ۾ رهائش سدائين شڪ جوڳي هئي. ترخان سپاهين جي نظر اهڙن سيني ماڻهن تي هئي جيڪي نواب مرزا باقيءَ لاءِ ڪو اهنج ڪرڻ جو باعث بنجي سگهيا ٿي.

درياهہ شهر جي اوڀر طرف هو. جتان سج بہ ايرندو هو ۽ پخالي صبح سان پخالون ڀري شهر ڏي روانا ٿيندا هئا. ڪجهہ پخالي گاڏن تي چار پنج ڀريل پخالون وجهي شهر ڏانهن روانا ٿيندا هئا. اوڀر کان جيئن شهر شروع ٿيو ٿي تہ هڪ شاهي قلعو هو جنهن کي ارڪ جو قلعو يا حاڪمن جو قلعو بہ چوندا هئا، جنهن منجهہ سرڪاري عملدارن جون جڳهيون ۽ دفتر ٺهيل هئا. قلعي جي ٽن طرفن کان عام ماڻهن جا گهر ۽ سنهيون سنهيون گهٽيون هيون جيڪي شهر جي پاڙن ۽ بازارن ڏانهن ويون ٿي.

شهر جي پاڙن يا محلن ۾ مشهور غلہ بازار پاڙو، پائي خان جو محلو، سهتيہ پاڙو، مغل واڙو، اگر محلو، تندسر محلو، گدا بازار محلو، خواجا شڪر محلو، مسگر محلو، ٺٽي محلو ۽ ارڪ قلعي جي آسپاس وارو علائقو. انهن مان ڪجهہ پراڻا آباد محلا هئا پر گهڻا ارغونن ۽ ترخانن ۽ مغلن اچي وسايا هئا ۽ حاڪمن جي پر ۾ رهندڙ محڪوم قوم جا فرد آهستي آهستي سرندي سرندي پنهنجيون جايون ۽ محلا ڇڏڻ لڳا ۽ ترخان حڪومت ۾ اصلوڪا رهاڪو شهري ٺٽو شهر ڇڏي يا تہ ٻين پرڳڻن يا سرڪارن ۽ شهرن ۾ ويا هليا يا وري شهر ٺٽي جي آسپاس ڪجهہ ڪوهن جي پنڌ تي اڳ ئي آباد ڳوٺن وستين يا نئين سر آباد ڪيل ڳوٺن ۾ رهڻ لڳا. ٺٽي شهر

۾ امن امان جو مسئلو هو. ڪنهن به وقت اصلوڪا رهاڪو ترخان سپاهين يا ارغون جي اُره زورائيءَ جو شڪار ٿيندا رهندا هئا.

شهر جا گهڻا ڪارخانا عام ڪاريگر يا مزور نه هئڻ ڪري بند ٿي ويا. گجرات ۽ ڪاٺياواڙ مان ڪاريگر پورهيت اچڻ لڳا جن هتي جي شهرين جي جاءِ والاري ۽ ڪپڙي جي صنعت خاص ڪري ململ ۽ بافتي کي زور وٺرايو جنهن جي گهرج هندستان جي اولهائين ڪناري وارن شهرن گجرات، گُوا ۽ ايران عراق ڏانهن بندر هرمز ۽ بصري منجهه تمام گهڻي هئي. سنڌين وٽ وڏا جهاز نه هئا. وڻن ننديا ننديا ٻيڙا هوندا هئا. انهيءَ ڪري لاهري بندر تي سڄو آمدورفت جو بار پورچوگيزن جي جهازي آرماڙ تي هوندو هو. لاهري بندر تي جنهن سامان جي گهرج هئي تنهن ۾ عاج، ولايتي شراب، ريشم چاندي ۽ ٻين ولايتن مان ايندڙ شين جي هوندي هئي. ٺٽي شهر جون بازارون ولايتي سامان سان ڀريل هونديون هيون ۽ امير ۽ شاهي حڪومت سان لاڳاپيل ماڻهو پنهنجي پنهنجي پسند جون نادر شيون خريد ڪندا هئا. ولايتي شراب کين سُرور پهچائيندو هو ۽ کين پنهنجا ملڪ ۽ مڪان وسري ويا. پاڻ پنهنجن ملڪي ڀائرن کي اتر کان گهرائڻ شروع ڪيائون. شهر ٺٽو ائينءَ ته وڌڻ ويجهڻ لڳو جنهن جو هندستان ۾ مثال نه آهي. شهر اولهه طرف مڪلي تائين هو ۽ اتان اوڀر ۾ سنڌوءَ جي ڪناري تائين ڦهليل ۽ اتر ڏکڻ ڏانهن ته تمام گهڻو ڦهلجي ويو هو. بلخ بخارا قنڌار ڪابل، ايران بغداد ۽ ٻين اتر طرف جي علائقن جا ماڻهو واپار سانگي ۽ مرزا جي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ ٺٽي ڏانهن اچڻ لڳا. عالم فاضل ۽ فارغ التحصيل ماڻهو پڻ ٺٽي ڏانهن اچڻ لڳا. مدرسا قائم ٿيڻ لڳا. فارسي زبان ائين شهر ۾ ڦهلجي ويئي جڻ سنڌو جو پاڻي ڪچو پوڙي. حاڪمن جي زبان ۽ لفظن محاورن سان شاهوڪار زبان فارسي کي ڳالهائڻ ۽ ان کي سکڻ هر شهري لاءِ وڏو اعزاز ۽ وڏ ماڻهپائي جي نشاني هئي.

هڙن ئي مدرسن ۾ فارسي ٻولي رائج هئي. ڪٿي ڪٿي بغداد، بصري يا دمشق منجهان آيل عالمن جي اثر هيٺ هلندڙ مدرسن ۾ عربي زبان ۽ فلسفي کي پڙهايو ويندو هو. بازارن ۾ به ارغون، ترخان، مغل، ايراني توراني ماڻهو نظر ايندا هئا يا وري عراقي ۽ شامي عرب هئا. واپار سڄو ارغون ترخان يا گجراتين جي قبضي ۾ هو. مطلب ته ٺٽو شهر ان وقت هڪ بين الاقوامي شهر بنجي چڪو هو جنهن ۾ هندستان جي ڪجهه قومن سان گڏ يورپ جي پورچوگيزن، ڊچ ۽ انگريزن کان سواءِ عربي نسل جا ماڻهو پڻ عام جام هئا. ٺٽي شهر جي هاڪ ملڪان ملڪ هئي. شهر جي آبهوا، ماڻهو، ماڻهن ۾ حسن، فلسفو، واپار، صنعت مطلب ته هر ڪا ڳالهه پنهنجو مٽ پاڻ هئي.

الله لوڪ، ڪامل بزرگ ۽ ڏٽيءَ جا پهتل ٻانها به ڪيترين ولايتن تان ڪهي اچي مڪلي ۽ ٺٽي شهر ۾ آباد ٿيا. انهيءَ دؤر ۾ شاهه مسڪين، سيد محمود، شيخ فريد، شيخ محمد مڪائي، حاجي محمد يعقوب، سيد ابراهيم، سيد عبدالله، شيخ حسن ۽ پير بودن، غلي بازار جي علائقي جا هئا. پائي خان محلي منجهه موسىٰ لنگاهه، پير شاهي، سيد لطيف شاهه، پير چتو، پير صلاح الدين هئا. انهيءَ محلي منجهه پورچوگيزن مسجد ۾ ۽ ٻاهر مسلمان ماريا هئا جنهن ڪري اتي شهيدن جو گنج به هو. ائين هر محلي ۾ ڪيترائي الله لوڪ هئا. ساڳي طرح شهر جي ٻئي حصي مڪلي تي پڻ ڪيترن هزارن ڪامل بزرگن جا مسڪن ۽ اوتارا هئا.

يارهينءَ جو چنڊ ڳپل اڀري چڪو هو. مرزا فرخ ارغون جي جامع مسجد سان لڳ مدرسي ۾ ڪجهه استادن دعوت جو اهتمام ڪيو هو ۽ جت شهر جا ڪجهه عالم، مدرسن جا استاد ۽ ڪجهه سمجهدار شاگردن کي پڻ سڏيو ويو هو. دعوت مرزا فرخ ارغون جي جامع مسجد سان لڳ مدرسي کي هلائيندڙ استادن ڪئي هئي. شهر جي اها پهرين دعوت هئي جنهن ۾ حڪومت جا ڪي به عملدار يا حاڪم گهراڻي جي ڪنهن فرد کي به دعوت نه ڏني ويئي هئي. رات جي مانيءَ کان پوءِ محفل جو رنگ نهايت سنجيده ۽ علمي هو. عربي فارسي زبان جا ماهر استاد به هئا ته اسلامي فقي ۽ فلسفي جا ڄاڻو به دعوت ۾ شريڪ هئا. هڪ ٻه استاد يوناني فلسفي کان ٻلي پت واقف هئا. مرزا الغ بيگ، طغرل يارخاني، دانيال مشهدي ۽ اسفنديار ڪيقباد فارسي زبان ۽ خطاطي جا وڏا ڄاڻو هئا. انهن مان دانيال مشهدي ته سٺو شاعر ۽ صاحبِ ديوان به هو. مالڪ بن زياد بصري وري عربي زبان ۽ اسلامي فقي جو ڄاڻو ۽ قرآن شريف جو حافظ هو. استاد ابراهيم سارنگ انهن سڀني منجهه ٺٽي شهر جو اڪيلو رهاڪو هو، جنهن کي پنهنجن ابن ڏاڏن کان پنهنجي ملڪ بابت ڄاڻ مليل هئي

۽ هو عربي ۽ فارسي زبان جو بہ چڱو ڄاڻو هو. انهيءَ ڪري ڪيس مڪلي قلعي جي هيٺين پاسي اڏيل مدرسي ۾ ترخان حاڪمن مقرر ڪيو هو.

رات جي مانيءَ کان پوءِ ڪچهري شروع ٿي. سڀ کان پهرين دانيال مشهديءَ چيو: "اي هن ڪچهريءَ جا معزز دوستو! اوهان کي ضرور ڄاڻ هوندي تہ اقليمِ هند جو شهنشاهہ معظم اڪبر هڪ نئين دين جي اجراءُ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. هن بندي کي، سال جي اڳياڙي ۾ ڪجھ ڏينهن دهلي ۽ آسپاس ۾ رهڻ جو موقعو مليو هو ۽ انهيءَ سچي حقيقت کي پنهنجين اکين سان ڏٺو ۽ گناهگار ڪنن سان ٻڌو آهي."

مالڪ بن زياد بصري ڳالهايو: "جناب سلطانِ هند جون اهي ڪاوشون شريعت جي خلاف آهن. اسان کي شهنشاهہ معظم جي نيت تي ڪو بہ شڪ ناهي پر مذهب ۾ تجديد يا اضافو ڪيئن ٿي سگهي ٿو."

"اها ڳالهہ برابر صحيح آهي" اسفند يار ڪيقباد چيو، "سو بہ اهڙي مذهب ۾ جنهن کي ڪائنات جي خالق رب العالمين پاڻ مڪمل ڪيو."

اسفنديار ڪيقباد ڳالهائڻ ۾ اٽڪندو هو پر پنهنجي ڳالهہ تي سخت زور ڏيندو هو. هن وڌيڪ ڳالهايو، "اوهان کي ضرور علم هوندو تہ سلطانِ هند جناب سلطان سڪندر لوڌيءَ جي زماني منجھ ٻُڌهن نالي هڪ برهمڻ اهو چيو هو تہ هندو ڌرم ۽ اسلام ٻئي سچا مذهب آهن. انهيءَ تي عالمن سڳورن دعوىٰ ڪئي تہ جيئن برهمڻ پاڻ ٻاسيو آهي تہ اسلام سچو مذهب آهي انهيءَ ڪري کيس مسلمان ٿيڻ لازم آهي. برهمڻ جي انڪار تي سلطان سڪندر لوڌي، عالمن جي سفارش تي انهيءَ مردود برهمڻ کي موت جي سزا ڏني. اهو واقعو تہ هو اسلام کي سچو مذهب مڃي ان ۾ داخل ٿيڻ کان انڪار جو —— پر دهليءَ ۾ تہ اسلام مذهب کي انسان لاءِ اڻپورو سمجھي ان کي ٻين مذهبن ۽ عالمن جي راءِ موجب وڌيڪ بهتر ڪيو پيو وڃي."

ڪچهري زور تي هئي. استاد ابراهيم سارنگ بہ هڪ ڪنڊ ۾ مرزا الغ بيگ سان گڏ ويٺو هو جيڪو پنهنجي مدرسي جو وڏو استاد ڪري ليکيو ويندو هو. شاگردن کي فارسي زبان پاڙهيندو هو ۽ ذهني طور ڪجھ ڪجھ آزاد خيال بہ هوندو هو.

"ڀلا اسان مسلمان فاتحين کي اهو حق آهي تہ" مرزا الغ بيگ دانيان مشهدي کي مخاطب ٿي چيو، "... . اسين مڪانيءَ آباديءَ کي شمشير جي زور سان زير ڪري، سندن معاشرتي ۽ مذهبي زندگيءَ تي بہ اثرانداز ٿيون. اسين هڪ اهڙي تهذيب سان وابستہ آهيون جيڪا وچ ايشيا جي اترئين پاسي جي جابلو علائقي منجھ پروان چڙهي آهي ۽ جنهن کي عربستان جي ريگستانن مان اٿندڙ ۽ ڦهلجندڙ توحيد جي سڏ جي امتزاج سان نوازيو ويو آهي. هت سنڌ ۾ جابلو علائقا ناهن. اهو ماحول ناهي —— پر سنوان سڌا ميداني علائقا آهن. پرپور دريا وهن ٿا. زراعت هر طرف نظر اچي ٿي. اهڙو ماحول هتي جي رهاڪن جي رهڻي ڪهڻي تي اثرانداز ٿيندو هو. انهيءَ مان آءَ اِهو سمجهان ٿو تہ سڀ کان پهرين اسان فاتح قوم جي فردن ۽ هتي جي مڪاني ماڻهن جي ذهني ۽ معاشرتي تضاد ۽ ڇڪتاڻ کي ختم ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ختم نٿا ڪري سگهون تہ ان کي هڪ لاڳيتي ڪوشش سان گهٽ ڪجي ... ."

"اوهان جو مطلب آهي ... ." اسفنديار ڪيقباد وچ ۾ ڳالهايو، " تہ شهنشاهہ معظم هندو مسلمان کي ويجهو آڻڻ لاءِ جيڪو نئون دين آڻي پيو سا اِهائي ڪوشش آهي تہ فاتحن ۽ مفتوحين منجهان ذهني ۽ معاشرتي تضاد ختم ڪجي؟"

" نہ منهنجو مطلب اِهو ناهي" مرزا الغ بيگ وراڻيو، "آءُ ڀل ڪيترو بہ آزاد خيال هجان پر الله ۽ سندس رسول جي دين سان هٿ چراند نہ ڪندس. منهنجي خيال ۾ تہ مذهب هر انسان جو پنهنجو ذاتي معاملو آهي ۽ جڏهن هم مذهب ماڻهن جو معاشرو وجود ۾ اچي ٿو تہ پوءِ ساڳي مذهب وارن جي اجتماعيت ۽ ان جو عام زندگي ۾ مظاهرو بہ نظر اچي ٿو. پر انهيءَ يڪسانيت جو اهو مطلب نہ هئڻ کپي تہ اهي ماڻهو جيڪي ٻين مذهبن ۽ مسلڪن سان واسطو رکن ٿا تن کي ڪنهن شاهي فرمان رستي هڪ نقطي جي تابع ڪجي."

"جناب اتي مان اوهان سان اختلافِ راءِ رکان ٿو" مالڪ بصري چيو، "تاريخ گواهہ آهي تہ جڏهن بہ ٻہ مخالف قوتون ٽڪريون آهن تہ زور آور کي غالب اچڻو آهي ۽ ڪمزور کي شڪست مڃڻي آهي ۽ نابود ٿيڻو آهي. غالب عنصر پنهنجي فتح کان پوءِ بہ مغلوب کي ختم ڪندو رهي جيستائين سندس وجود وري ڪنهن

پئي مقابلي جي سگهه وجائي ڇڏي. مقابلي جي سگهه جو مطلب آهي ته جسماني توڙي ذهني طاقت آهي جنهن جو نابود ٿيڻ فاتح قوم جي بقا ۽ مضبوط قبضي لاءِ نهايت ضروري آهي. مون کي چوڻ نه کپي. اها گستاخي ٿيندي پر شهنشاهه معظم شايد هن عظيم مسلم سلطنت کي لاشعوري طور ڪمزور ڪري رهيو آهي. جنهن فلسفي ۽ مذهبي اصولن تي جنت مڪاني شهنشاهه ظهير الدين بابر هندستان کي فتح ڪيو هو، آءٌ سمجهان ٿو انهيءَ مضبوط بنيادن کي ڪمزور ڪرڻ جو عمل شروع ٿي چڪو آهي.“

مالڪ بصري ڪجهه ساعتون خاموش رهيو ۽ پيهر چوڻ لڳو: ”شهنشاهه معظم اڪبر هندو رعيت کي رعايتون ڏيڻ ۾ ڪجهه وڌيڪ اڳيرو ٿي ويو آهي ۽ مسلمان اهي سڀ تبديليون نهايت حيرانگيءَ سان ڏسي رهيا آهن. جيڪي ماڻهو چون ٿا ته شهنشاهه اسلام کان نه ڦريو آهي انهن جو خيال صحيح ناهي. دين الاهي بذات خود اسلام جي خلاف ۽ ان کان انڪار آهي. آفتاب پرستي يعني سج جي پوڄا اسلام جي بنيادي تصورِ توحيد جي سراسر مخالفت ۾ آهي. هندن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ ڳئون کي ذبح ڪرڻ منع قرار ڏنل آهي. ڏاڙهي ڪوڙائي سگهو ٿا. ڪتي ۽ سوئر جهڙي غليظ جانورن کي صاف سترو سمجهڻ انهيءَ نئين دين جو حصو آهي. مرد ۽ عورت جي مباشرت کانپوءِ ناپاڪيءَ واري غسل کي فرض ڪري نه سمجهيو ويو آهي. مرد سون ۽ ريشمي ڪپڙا پائي سگهن ٿا. فقہ، حديث ۽ تفسير پڙهڻ وارا مطعون ڪيا وڃن ٿا. زرد شتين جي مذهب وانگر سال ۾ چوڏهن عيدون مقرر ڪيون ويون آهن. سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته اڪبر اعظم پنهنجي طور اهو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته اسلام کي هزار سال پورا ٿي ويا آهن ۽ انهيءَ کي ثابت ڪرڻ لاءِ اسلامي سال کي هجرت بدران رسول اڪرم کي نبوت عطا ٿيڻ جي سال کان ڳڻڻ شروع ڪيائين. ۽ اهڙي طرح اعلان ڪيائين هاڻ هڪ نئين دين جي آغاز جو وقت اچي ويو آهي. انهيءَ سان گڏ اهو حڪم به صادر ٿيو ته سڪي تي اسلامي سن هجرت کان نه پر نبوت جي ظهور ٿيڻ کان ڳڻي لکجي.“

”آءٌ سمجهان ٿو ته ـــــــ“ دانيال مشهدي چوڻ لڳو، ” اڪبر اعظم تي شاهي حرم ۾ راجپوت راڻين، بيربل ۽ ٻين درٻارين جي صحبت جو وڏو اثر آهي. الله جا لک لک ٿورا آهن ته هت سنڌ ملڪ ۾ اهي اثر اچا نه پهتا آهن.“

”انهيءَ جو وڏو ڪارڻ آهي“ طغرل يار خاني چيو، ”ته هِت نواب عالي جناب مرزا باقي به پنهنجن پيشرو صاحبن وانگر هڪ راسخ العقيده مسلمان آهي. اوهان ٺٽو شهر گهمي اچو. بازارون هجن يا محلا، قلعا هجن يا محلاتون، هر هنڌ امن امان آهي. ڪنهن به غير مسلم فڪر کي ڪا به برتري حاصل ناهي. مذهب اسلام ۾ جيڪا به سهولت غير مسلم رعيت کي ڏنل آهي اها ئي رائج آهي. ان کان علاوه سموري رعيت موجوده حاڪمن منجهان خوش آهي.“

طغرل يارخاني پاڻ ترخان هو. مدرسي ۾ سبق ڏيڻ کان علاوه درٻارجو هڪ اهم رڪن پڻ هو. سندس نظر شهر جي عام روز مرهه جي حالتن تي به هوندي هئي.

طغرل يارخاني وري ڳالهايو: ”آءٌ غلط بياني نه پيو ڪريان. پر اهو ترخان حاڪمن ۽ ارغون اميرن جي فراست ۽ اسلام سان وابستگي جو اثر آهي ته هت ڪو مذهبي فساد ناهي ۽ سموري رعيت شهرن توڙي شهرن کان ٻاهر آسودي ۽ خوش آهي. اسين ارغون ۽ ترخان هتي جي مڪانيءَ آباديءَ سان نهايت خوش اسلوبي ۽ اسلامي اخوت سان هليا آهيون.“

”اوهان صحيح ٿا چئو . . . . .“ پهريون ڀيرو استاد ابراهيم سارنگ ڳالهايو، ”هت سنڌ ۾ جيستائين امن امان ۽ اسلامي اخوت جي ڳالهه جو واسطو آهي ته مون کي پنهنجي دوست مالڪ بصريءَ جي ڳالهه سان متفق ٿيڻو پوي ٿو ته تاريخ شاهد آهي ته طاقتور ڌر کي ڪمزور ڌر کي نابود ڪرڻو آهي نه ته صحيح طور امن امان قائم نه ٿيڻو آهي. هت سنڌ ۾ به حالتن جي تقاضا موجب مغلوب ڌر کي هڪ لاڳيتي عمل سان ختم ڪيو پيو وڃي. منهنجو مطلب آهي ته مڪاني وڳوڙين کي. باقي رهيو ٺٽو شهر ۽ امن امان جو مسئلو ـــ سا هڪ عجيب ڳالهه آهي.“

”اوهان جو مطلب اهو آهي ته ٺٽي شهر ۾ امن ناهي؟“ طغرل يارخانيءَ سوال ڪيو.

”نہ منهنجو اهو مطلب ناهي،“ استاد سارنگ چيو، ”منهنجو مطلب آهي تہ ٺٽو شهر دنيا جي سيني شهرن کان عجيب شهر آهي. علم ۽ منطق جا سڀ ڏاڪا ۽ تاويلون هن شهر جي اجزاءِ ترڪيبي جي مخالف آهن.“
سڀ استاد سارنگ ڏانهن ڏسڻ لڳا.
”جناب ڪجهہ واضع ڪري سمجهايو.“ مرزا الغ بيگ عرض ڪيو.
”اوهان سڀ علم جا اڪابر آهيو،“ استاد سارنگ چوڻ لڳو، ”آءُ پاڻ کي اجا شاگردن ۾ ئي تصور ڪندو آهيان. پر گذريل سال پن کان منهنجي ذهن ۾ ڏاڍي بي چيني آهي. ٺٽو شهر پنهنجي ڪمال جي عروج تي آهي. چؤطرف باغ بُستان، مدرسا، علم جا چشما آهن. عالمن ۽ علم جي شيدائين سان شهر پريو پيو آهي. بازارون پريل آهن. خريدار خوشحال ۽ بي شمار آهن. پر هڪ ڳالهہ عجيب آهي تہ هن شهر جي عام رعيت ۾ هتي جا اصلوڪا رهاڪو نظر نٿا اچن. ذري گهٽ سڀ اصلوڪا ماڻهو شهر يا تہ خالي ڪري ٻهراڙين ۾ هليا ويا آهن يا وري دور دراز ٻين شهرن ۾ آباد ٿيا آهن. ائين ڪڏهن ڪٿي دنيا ۾ ٿيو آهي تہ شهر جا اصلوڪا رهاڪو شهر خالي ڪري ويا ۽ ٻيا پائر غالب بنجي ويا. شهر جو واپار هجي يا عملداري، ڪارخانا هجن يا ان جا ڪاريگر مزور هجن. علم جا سرچشما هي سوين مدرسا سڀ ٻاهران آيل ماڻهن جي هٿن ۾ آهن. هاڻ سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ ڇا جيڪي هزارين اصلوڪا ماڻهو لڏي ويا يا حالتن کين هتان وڃڻ تي مجبور ڪيو ـــ سي اڄ ڪلهہ جنهن سونهري دؤر جي علم ۽ واپار توڙي صنعت منجهان فائدو چو نٿا وٺي سگهن؟ ڇا ڪنهن بہ حڪومت جو بنياد ٻاهران گهرايل ماڻهن يا ڪمي ڪاسبين جي ڪري مضبوط ٿي سگهي ٿو؟ ڇا شهنشاهہ هند اڪبر اعظم وانگر اسان جا حاڪم بہ سلطنت جي مضبوط بنيادن کي ڪنهن ٻئي انداز منجهہ ڪمزور تہ نہ ڪري رهيا آهن؟“
ڪافي دير خاموشي رهي. استاد سارنگ جا لفظ ۽ سوال دير هضم هئا. نيٺ مرزا الغ بيگ چيو، ”اوهان جا خيال ڪنهن حد تائين درست بہ آهن. ملڪي ماڻهن جي عدم دلچسپي ۽ الڳ ٿلڳ رهڻ واري روش اڳتي هلي نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿي. اوهان صحيح چئو ٿا تہ ٺٽي ۾ سواءِ چند امير گهرن ۽ درٻار جي ويجهو ماڻهن کان سواءِ واپار توڙي صنعت ۾ شهر جي اصلوڪن رهاڪن جو وجود نظر نٿو اچي.“
”پر آءُ سمجهان ٿو انهيءَ ۾ حڪومت جو ڪو بہ قصور ناهي،“ طغرل يارخاني چيو، ”هتي جي شهرين کي شايد ارغون ترخان حاڪم پسند ناهن.“
” نہ ائين ناهي،“ استاد سارنگ چيو، ”ارغون ترخان حاڪم پنهنجا ئي ڪلمي گو پائر آهن. اوهان ڏٺو يا ٻڌو هوندو تہ نواب عيسىٰ ترخان سنڌ جي ماڻهن کي پرچائڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪيون هيون ۽ اسان جي موجوده حاڪم نواب مرزا باقي پڻ شروع ۾ اهڙا بندوبست ڪيا هئا ۽ مڪاني ماڻهو واپس شهر ۾ آيا هئا ـــ پر پوءِ جي لاڳيتن سالن جي واقعن ۽ سرڪاري ماڻهن جي روين ۽ ٻاهران ايندڙن کي ترجيحي سلوڪ ڏيڻ، گجرات ڪاٺياواڙ جي ڪاريگرن ۽ مزورن کي مڪاني ماڻهن کي ڪڍي ڪارخاني ۾ کپائڻ ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي عمل انهن ڳالهين جا ذميدار آهن تہ هن پريل پڪيل عظيم شهر ۾ اصلوڪا ماڻهو ناهن. اهي سڀ جهنگ منهن ڪري ويا آهن. آءُ چوان ٿو تہ اهو عمل ترخان حڪومت لاءِ هاجيڪار ثابت ٿيندو. اصلوڪن شهرين کي جهنگ ڏانهن ترڻ جو مطلب اهو آهي تہ هُو شهر ۾ ڦٽندڙ علم جي چشمن کان وانجهجي وڃن. بي علم رهن. هڪ چڱو با ادب ۽ باعلم شهري نہ بنجن پر جهنگ جي تاريڪين ۾ رهي انساني روين کي جانورن جي جبلتن ۽ ماحول جي سنگيني سان ملائي ڪو نئون ارڏو ۽ اڻ گهريو روپ وٺي نڪرن يا اتي ئي نيست نابود ٿي وڃن. ٻنهي صورتن ۾ انسان ذات کي نقصان آهي. جنهن جو پورائو ڪنهن صورت ۾ ممڪن ناهي.“
”مون کي علم آهي،“ طغرل يارخاني چيو، ” عالي جناب مرزا باقي دلي طور تي چاهي ٿو تہ سنڌ جا ماڻهو سندس ساٿ ڏين ۽ موٽ ۾ هو کين خوشحالي ۽ پُر امن ماحول ڏيڻ لاءِ تيار آهي.“
” اها ڄاڻ مونکي بہ آهي،“ استاد سارنگ چيو، ”اسان سيني جو اعتماد عالي جناب منجهہ آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن وقت جا بادشاهہ پنهنجن دوستن جي غلط ڪمن ڪري بہ اَهنج ۾ پئجي ويندا آهن. ڪجهہ ڏينهن اڳ امير شاهہ قاسم بيگلار جيڪي ٻيڙا ٺٽي شهر رهاڪن لاءِ موڪليا هئا سي اوهان پاڻ ٻڌا هوندا ۽ ڏٺا بہ هوندا. اهڙن تحفن جي اچڻ ڪري بہ شهرن ۽ حاڪمن جي قرب کان عام ماڻهو پاسيرو ٿيڻ لڳا ۽

مون کي پڪ آھي تہ انھن پيڙن ڪانپوءِ ٺٽي شھر منجھان، سيوھڻ منجھان ڪيترائي اصلوڪا رھاڪو لڏي ٻھراڙين ۾ ڦھلجي ويا آھن. حقيقت اھا آھي تہ اھي لڏي ويل ماڻھو پڙھيل ڳڙھيل بہ آھن تہ ٻاھنر مزور يا ڪاريگر بہ ـــــ پر جھنگن ۾ رھڻ ڪري ڪنھن بہ ڪارج جا ناھن ۽ سندن ايندڙ نسلون بہ بي علم ۽ بي ھنر ھونديون. اھو عمل ھڪ ملڪ جي ارتقا ۽ ترقيءَ لاءِ ڪيڏو ھاڃيڪار آھي، تنھن جو اندازو ھينئر پاڻ ڪي شايد نہ ٿي سگھي. الله تعاليٰ وڏو آھي. اسان سيني کي معاف ڪندو!“

”ھت ھڪ ٻي ڳالھہ چوڻ بہ مناسب آھي،“ مرزا الغ بيگ چوڻ لڳو، ”آءُ سمجھان ٿو تہ ھت سنڌ ۾ حاڪمن ۽ محڪومن ۾ گھربل رشتو قائم ئي نہ ٿي سگھيو آھي. جيڪي بہ يار دوست امير يا فوجي عملدار ٻين پرڳڻن يا سرڪارن مان ھت اچن ٿا تن وٽ ڏاڍيون خوفناڪ خبرون ھونديون آھن. ننڍي وڏي پئماني تي ويڙھون مقابلا، ڳوٺن جا ڳوٺ برباد ڪرڻ، عام ماڻھن توڙي سرڪاري ماڻھن قتلام، ڦرون ۽ ڌاڙيلن جو آزار ـــــ اھي سڀ خبرون لاڳيتو ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. اسين ھت ٺٽي ۾ امن امان سان ويٺا آھيون. علمي ڪچھريون پيا ڪريون. مون کي ابراھيم سارنگ جي ڳالھہ ۾ وزن ٿو نظر اچي. مڪاني ماڻھو وڳوڙي ناھن. پر اسان سندن اعتماد ڪي حاصل نہ ڪيو آھي.“

ڪچھريءَ جو رنگ علمي ادبي موضوعن کان ڦري سياست ڏانھن ويو پئي. استاد سارنگ جي ذھن جي ڪنھن ڪنڊ ۾ اھا ڳالھہ بہ ھُري پئي تہ ارغون يا ترخان اھا ڳالھہ پسند نہ ڪندا تہ ھو اھو ٻڌن تہ سندن غلط ۽ متعصب حڪمن ڪري عام رھاڪن مٿان ڏاڍ ۽ جبر وارو ماحول ڇانئجي ويو آھي. انھيءَ ڪري ھن موضوع کي بدلايو ۽ چوڻ لڳو، ”ھن علمي ۽ خوشبو سان ڀريل محفل جي دوستن لاءِ ھڪ ٻيو عرض آھي جيڪو آءُ سندن معلومات لاءِ ڪرڻ چاھيان ٿو.“

سيني جون نظرون ٻيھر استاد سارنگ ۾ کُپي ويون.

” آءُ دھلي دربار کي ڏسڻ جي سعادت تہ حاصل نہ ڪري سگھيو آھيان پر ڪجھہ ڏينھن اڳ ڪجھہ دوست دھليءَ منجھان ھت آيا ھئا. انھن جي ڪچھري نھايت معلومات واري ھئي. ھنن شھنشاھہ معظم جي نئين دين متعلق گھڻو ڳالھايو. چون پيا تہ اڪبر اعظم ذھني طور تي مطمئن ناھي. ھو ھڪ مڪمل ترين نقطي جي ڳولا ۾ آھي تہ جيئن ھندستان جھڙي عظيم ملڪ ۾ رھندڙ جدا جدا مذھبن ۽ فرقن جا پوئلڳ ڪنھن ھڪ مرڪزي نظام جي تابع ٿين. اھو مرڪزي نظام مذھبي بہ ھجي تہ اخلاقي بہ. ھتي اھو ذڪر بہ ضروري سمجھان ٿو تہ مغل سلطنت جي باني شھنشاھہ بابر پنھنجي ولي عھد ھمايون لاءِ جيڪو وصعيت نامو ڇڏيو ھو سو بہ اڪبر اعظم جي طبيعت تي اثرانداز ٿيو آھي. انھيءَ وصعيت ۾ بابر ھمايون کي آگاھہ ڪيو آھي تہ ھندستان ۾ مختلف مذھبن وارا ماڻھو رھن ٿا، انھيءَ ڪري پنھنجي دل ۾ مذھبي تعصب کي بلڪل جاءِ نہ ڏي. ماڻھن جي مذھبي جذبن ۽ رسمن جو خيال رکجي ۽ سيني سان انصاف سان ھلجي. ڳئون جو ڪوس کان پرھيز ڪجي. ڪنھن بہ فرقي جي عبادت گاھہ کي تباھہ نہ ڪجي. اسلام جي تبليغ ظلم جي تلوار جي بدران لطف ۽ احسان جي تلوار سان بھتر ٿي سگھي ٿي. ٻيو تہ شيعا سني اختلاف ھميشہ نظر انداز ڪندا رھو. سو آءُ سمجھان ٿو تہ اڪبر اعظم جي ذھن تي ان وصعيت جو بہ اثر آھي. شھنشاھہ اڪبر لاءِ اھو چوڻ تہ ھو اسلام جي خلاف آھي ۽ نئون دين آڻڻ چاھي ٿو، صحيح ناھي. حقيقت ھيءُ آھي تہ اڪبر پنھنجي عھد جي نظرياتي، مذھبي ۽ سماجي قوتن جو منطقي نتيجو آھي. اڪبر کان اڳ اھڙن ئي قوتن جا مظھر شيخ عبدالقدوس گنگوھي، ڀڳت ڪبير ۽ گورو نانڪ ھئا. پر انھيءَ ساڳي ڀڳتي تحريڪ جي ابتدائي رھنما رامانند پڻ وڏو ڪم ڪيو آھي. رامانند، ڀڳوت گيتا ۾ پيش ڪيل انھيءَ خيال کي تمام ڦھلايو تہ سڀ انسان ھڪ جھڙا ۽ برابر آھن. انھيءَ حوالي سان ھن ھندو مت ۾ آيل ذات پات جي نظام کي پڻ نِنديو آھي. گذريل صدي کان وٺي ھندستان ۾ جن ٻن تحريڪن نمايان طور پاڻ کي عوام تي ظاھر ڪيو آھي تن ۾ ڀڳتي تحريڪ ۽ باغي صوفي فڪر جي اشاعت ۽ عوامي مقبوليت سڀ کان اڳ ۾ آھي. ھت سنڌ ۾ بہ انھن تحريڪن جا اثر ڪي قدر محسوس ٿين پيا. سو مون چيو پئي تہ انھن تحريڪن جا اثر ڪي قدر محسوس ٿين پيا. انھن تحريڪن ھندو مسلم فرق کي گھڻي قدر ڪمزور ڪيو آھي ۽ اھڙن اثر ورتل مختلف مذھبي ۽ ثقافتي گروھن جي ميلاپ سان ھندستان ۾ ھڪ گڏيل يا متحده قوميت جي احساس جو بنياد پئجي رھيو آھي. اوھان کي خبر آھي تہ لوڌي

خاندان انهيءَ سلسلي ۾ مذهبي جبر کي نافذ ڪيو هو پر اهي قوتون دبجي نہ سگهيون هيون. ايتريقدر جو ڀڳت ڪبير ۽ گرونانڪ کي قيد بہ ڪيو ويو. نيٺ اهي سڀ جبر انهيءَ نتيجي تي پهتا تہ روشن خيالي ۽ راسخ الاعتقادي اصولن جي پنهنجي ڇڪتاڻ، ڦري مٿانهين طبقي ۽ هيٺئين طبقن جي نظرياتي ويڙهہ ۾ ظاهر ٿي. اهي سڀ تحريڪون ۽ قوتون ۽ انساني رويا اڪبر اعظم جي پيش نظر رهيا آهن. اڪبر خود بہ جوانيءَ کان وٺي هڪ پڪو مسلمان هو پر پنهنجي عقيده پرستي ڪانسواءِ بہ روحاني بي چينيءَ جو شڪار هو. سندس ذهن ۾ اٿندڙ مسئلن جو ڪنهن بہ عالم تسلي بخش جواب نہ ڏنو. اڪبر اعظم جا ٻہ خاص صلاحڪار بيرم خان ۽ عبداللطيف پڻ شهنشاهہ جي بي قراري جا سبب هئا. بيرم خان شيعو هو ۽ عبداللطيف ايتري قدر آزاد خيال هو جو شيعا سني ٻئي کيس پنهنجو مخالف سمجهندا هئا. انهيءَ روحاني تسڪين حاصل ڪرڻ لاءِ اڪبر اعظم جو جدا جدا مذهبن ۽ فرقن جي عالمن ۽ دانشورن کي پاڻ ڏانهن مدعو ڪيو ۽ اوهان کي خبر آهي تہ دهلي ۾ عبادت گاهہ نالي هڪ عمارت ٺهيل آهي جت سيني مذهبن جا عالم هر هفتي گڏ ٿين ٿا ۽ بحث مباحثن جا طوفان برپا ٿين ٿا. اهي خبرون بہ هت ٺٽي منجهہ پهتيون آهن تہ شهنشاهہ ڪيترن ئي مذهبي مسلمان عالمن جي ڪج بحثي ۽ اجائي لباڙ کان بيزار ٿي ڪين زوري قنڌار ڏانهن موڪلي ڇڏيو ۽ انهن جي بدلي قنڌار جي حاڪم کان تندرست گهوڙا گهريائين. چون ٿا تہ قنڌار جي حاڪم کي ٻي ڪا واهہ نہ هئي ۽ انهن ملن جي بدران گهوڙا ڏنئي، اهو گهاٽي جو سودو قبول ڪيائين. اهڙي طرح اڪبر اعظم هندو مت، اسلام، عيسائين ۽ زرتشي مذهبن جي عالمن سان ملندو رهيو ۽ دين الاهي جي تشڪيل ٿيندي رهي."

"اتي مون کي هڪ سوال ڪرڻو آهي،" مالڪ بصريءَ وچ ۾ ڳالهايو. "ڇا اوهين شهنشاهہ جي انهي نئين دين جي بدعت جي حمايت ڪريو ٿا."

" نہ، آءٌ حمايت ڪو ڪريان،" استاد سارنگ چيو، "منهنجو مطلب ٻيو آهي. هيڏي وڏي ملڪ هندستان کي صرف حاڪمن جي طريق حيات واري نظام سان هلائڻ تمام ڏکيو آهي. سيني ڪارن ماڻهن کي شاهي حڪم يا تلوار جي ڇُهنب سان اچو اجرو ڪو بنائي سگهجي. ضرور ڪا مياڻ روي واري فلسفي يا واٽ جي ضرورت آهي. مذهبي يگانگي ۽ ڇڪتاڻ ٻئي خطرناڪ عمل آهن. منهنجي ذاتي خيال ۾ تہ مذهب هر انسان جو پنهنجو داخلي مسئلو آهي. پر وقت جي حڪومت سياسي ۽ اخلاقي پائيداري خاطر سماج سيني ڌرين کي هڪ جهڙو انصاف ڏي ۽ هڪ جهڙا موقعا ڏي. امتيازي سلوڪ تفرقا پکيڙيندو. انهن سڀين ڳالهين منجهہ سڀ کان چڱي ڳالهہ جو جيڪو اشارو آهي سو هند جي عام ماڻهن ۾ هڪ متحده قوميت جو احساس آهي."

"جناب اتي مون کي بہ اختلاف آهي،" دانيال مشهدي چيو، "اها متحده قوميت جي ڳالهہ قدرت جي انساني ورڇ واري نظام جي نفي آهي. قومون قبيلا تہ ابد کان آهن ۽ ازل تائين هلندا."

"خود الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي تہ،" مالڪ بصري بہ ڳالهايو، "اسان انسانن ۾ مختلف قبيلا ۽ نسل انهيءَ ڪري پيدا ڪيا آهن تہ جيئن سڃاڻپ ٿي سگهي. انهيءَ جو مطلب آهي تہ خود الله تعالىٰ جي مرضي بہ انهيءَ ۾ شامل آهي."

"آءٌ وڌيڪ ڇا چئي سگهان ٿو،" استاد سارنگ چيو، " اوهان سڀ مونکان وڏا ڄاڻو ۽ عالم آهيو پر منهنجو مطلب هو تہ جي اسين هن هند سنڌ جي ڌرتيءَ تي متحد ٿي هڪ قوم بنجي وڃون تہ پوءِ هڪ اڻ ـ ٽُٽ طاقت ۾ بدلجي ويندا‌سين ۽ الله جي هن ڌرتيءَ تي فساد جا امڪان گهٽبا رهبا ــــ شايد اڪبر اعظم بہ اهو ئي چاهي ٿو تہ سندس رعيت ۾ فساد جا امڪان ختم ڪرڻ لاءِ ڪي غير معمولي قدم کنيا وڃن."

اتي مالڪ بصري ٻيهر وچ ۾ ڳالهايو، "ڪي بہ غير معمولي قدم اجايا آهن. فساد پنهنجي جاءِ تي موجود رهندو. سواءِ طاقت جي استعمال جي. زور آور کي پنهنجي حڪم ۽ طريقن کي نافذ ڪرڻ لاءِ صرف طاقت استعمال ڪرڻي آهي نہ تہ ٻيو فريق، موقعي ملڻ تي کيس ختم ڪري ڇڏيندو. قدرت جو اٽل فيصلو آهي تہ ڪمزور کي نيست نابود ٿيڻو آهي ۽ طاقت ور کي غالب اچڻو آهي. بس!"

سڄي ڪچهري ڪلڻ لڳي. استاد سارنگ بہ مرڪيو پئي.

رات گهڻي گذري چڪي هئي ۽ پوءِ سڀ ڄڻا آهستي آهستي پنهنجن ماڳن ڏانهن، ٺٽي شهر جي گهٽين ۾ ٻريل شمعدانن جي روشني ۾ وڃڻ لڳا.

# 17

سياري جي پڇاڙي هئي. ڏينهن جو سج جي تڙڪي ۾ گرمائش هئي پر رات جو سيءُ چڱو خاصو وڌي پئي ويو. تڏي مُند ڪري درياھ ۾ پاڻي گهٽيو لٿل هو پر تنهن هوندي به هرويرو هر هنڌان درياھ کي پار ڪرڻ ڏکيو ۽ جوکي جو ڪم هو. ٻه گهوڙي سوار آهستي آهستي درياھ جي ڪناري ويا پئي. ڪٿ اهڙي هنڌان درياھ کي اُڪرڻو هو جت پاڻيءَ جو وهڪرو گهٽ هجي. درياھ جي اوڀاري پاسي هلندي هلندي سج لهي ويو پر سرديءَ جي مند ۾ انهن ٻن گهوڙي سوارن کي ڪو سؤلو هنڌ نظر نه آيو جت وهڪري جي ويڪر گهٽ ۽ پاڻي تانگهو هجي. سج لهڻ ڪري چؤطرف اوندھ ڦهلجڻ لڳي. انهيءَ ڪري هنن اڳتي وڃڻ جو خيال لاهي ڇڏيو ۽ اتي ئي ترسي پيا. درياھ جي ڪناري سان لڳ هُڙتي هئي جنهن ۾ سوين وڻ هئا ۽ اتي هڪ مناسب هنڌ تي گهوڙا بيهاري، پاڻ به چادرون وڇائي ۽ ڪٺا ويڙهي ويهي رهيا. سيءُ وڌندو ويو ۽ ڪٿن مان سيءُ نه پئي لٿو. انهيءَ ٻنهي سوارن ڪجھ ڪاٺيون گڏ ڪيون ۽ مچ ٻاري، ڪوسا تي ويهي رهيا. ڪجھ کائڻ پيئڻ جو سامان ساڻ هون، سو ڪڍي کائڻ لڳا. سيءَ ڪري سندن منهن ۽ هٿ خشڪ هئا. عمر جا ٻئي ڄڻا وڏا هئا ۽ پنجاھ سٺ سالن جي وهيءَ جا لڳا پئي. پر تنهن هوندي به مضبوط لڳن ۽ پڪي ارادن جا همراھ هئا.

هڙتيءَ منجھ چؤطرف اوندھ هئي. سياري جو سج ڪڏهن ڪو لهي چڪو هو. هڙتيءَ جي گهاٽن وڻن مان ڪٿان ڪٿان سرد آسمان ليئا پئي پاتا ۽ ڪجھ سرديءَ ۾ ڏڪندڙ تارا نظر آيا پئي. ڏهين يارهين تاريخ جو روشن چنڊ به پريان نظر آيو پئي. جتان جتان تارن چنڊ جي سُهائي ڇٽي پئي، اتي ڪجھ سوجهرو هو پر سپ ڪان وڌيڪ روشني هنن ٻن جي ٻاريل مچ ڪري هئي. سرديءَ ڪري مچر يا ڪي ٻيا جيت جڙا به نه هئا ۽ هو ٻئي ٽنگون ڏگهيري ليٽيا پيا هئا. ڏاس منجهان ٿهيل ڪٺا سيءُ جهليو بيٺا هئا، پر سندن آڏو ٻريل مچ وڌيڪ گرمائش ڦهلائي رهيو هو.

”يار پاڻ ڪالھ ڪان گڏ آهيون،“ هڪڙي همراھ چيو جنهن جي ڏاڙهيءَ کي ميندي لڳل هئي ۽ مڇن ۾ اڇا ڪارا ۽ ميندي‌ءَ لڳل ڳاڙها وار نظر آيا پئي، ”پر تنهن هوندي به هڪ ٻئي کي ڪا چڱي ريت سڃاڻپ يا حال احوال ڪونه ڏنو اٿئون.“

ٻيو همراھ جيڪو هاڻ وڻ جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو، سو اهو ٻڌي، سنئون سڌو ٿي ويٺو. ٻاھ تي ٻئي هٿ سيڪي، منهن تي ڦيريائين. ڪيس چاپهنئين ڏاڙهي هئي جنهن ۾ ڪارا وار اڇن کان گهٽ هئا. نڪ ڏگهو ۽ گهاٽا ڀرون هئس. اکين ۾ اڇا چمڪ هيس جيڪا ٻاھ جي اُلن منجھ جرڪي پئي. هو چوڻ لڳو:

”سائين منهنجو نالو محمد ملوڪ آهي. اصل وڏا نٽي ننگر شهر جا هئا پر آءٌ ڄائس نپنيس شهر کان گهٽو ٻاهر ـــ سمجھ ڪٽي مڪليءَ کان اتر ڏي جيڪي جابلو علائقا آهن ات هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو، هاڻ اهو ڳوٺ ناهي. اهو ڳوٺ منهنجي ماءُ جو هو.“

اتي محمد ملوڪ جو آواز ٻرجي آيو ۽ ڪجھ ساعتون چپ ٿي ويو ۽ ٻيو همراھ به هاڻ سڌو ٿي ويٺو هو. ڪجھ هوا به هلڻ لڳي هئي. سيءَ جو احساس وڌڻ لڳو هو. ٻئي همراھ ٻرسان پيل ڪاٺين جي ڍڳ منجهان ڪجھ ڦوڙاٽيون مچ ۾ وڌيون.

”يار منهنجو ڳوٺ جنت مثل هو،“ محمد ملوڪ چيو، ”هاڻ اهو برباد ٿي ويو آهي. مغلن ۽ ترخانن جي گهوڙن جا سنب هر هڪ بي جان ۽ جاندار شيءِ کي چيپاٽي ويا. هر ماڻهوءَ جي ذهنن تي انهن سنبن جي ڌهڪاءُ جا اهڃاڻ آهن ۽ شايد صدين تائين رهندا.“

”اوهان مون کي اڻ پڙهيل ڇڙ نہ ٿا لڳو!“ بئي همراهہ وچ ۾ ڳالهايو.

”ها آءُ اڻ پڙهيل ناهيان. مون شهر ٺٽي ۾ مڪليءَ جي پر ۾ قائم مدرسي منجهہ عربي فارسيءَ جا ابتدائي سبق سکيا هئا. ايران ۽ بغداد جا استاد هئا. علم جا اڪابر ۽ سندن ڳالهائڻ ئي علم هو. سندن صحبت ڪٿيل لوهہ کي بہ سون بڻايو وجهي. اُت منهنجو استاد سائين ابراهيم سارنگ بہ هو. اڄ کان ٽيهہ سال اڳ، ترخانن ڪيس وچ شهر ۾ ڦاسي ڏني هئي. سندس ڏوهہ صرف اهو هو تہ جيڪي نالي ماتر هن ڌرتي جا مڪاني شاگرد وڃي بچيا هئا سي وٽس ايندا هئا ۽ هُو ڪين پاڙهڻ جي بدران، علم ڏيڻ بدران، ڪاريندو هو ۽ وقت جي حڪومت خلاف پڙڪائيندو هو. خير اڄ ويٺا آهيون دل جا سور اوري وٺون. وري الائي ڪڏهن اهڙو وقت ملي يا نہ ملي. سياڻي منهنجي منزل، سچ جي روشنيءَ منجهہ تمام ڏورانهين ۽ اڻانگي آهي. مون کي پنهنجن مارُن سان ملڻو آهي.“

محمد ملوڪ ڪجهہ ڪن چپ رهيو پوءِ وري ڳالهائڻ لڳو: ”يار منهنجو ڳوٺ جنت مثل هو. ماڻهو ملائڪن جهڙا، پورهيت، جاڻنا، سچا ۽ سهڻا. زالون ـــ مائون ڀيڻون نڪاح پڌل ونيون ـــ سڀ پيار ڪندڙ، ڪي سانوريون ڪي ڪڻڪ رنگيون ۽ ڪي منهنجي ماءُ ملوڪان جهڙيون اڇيون جهڙيون ڪير وانگر ـــ مٺيون جهڙيون مصري. مندائتي وهندڙ نئن وانگر سُريليون صاف ۽ شفاف. يار منهنجي ماءُ چون ٿا پنهنجي جوانيءَ منجهہ سڀ مان نڪتل موتيءَ جهڙي هئي.“ محمد ملوڪ ڪلڻ لڳو، ”يار تو کي عجب لڳندو تہ منهنجي ماءُ جو ڪنهن نالو ئي نہ رکيو، هو پاڻ پنهنجي نالي سان هن دنيا ۾ جائي. ڪيس ڄمڻ کان پوءِ جنهن بہ ڏنو اهوئي چيو تہ اهڙي ملوڪ نياڻي، رب جي رحمت آهي ۽ پوءِ چون ٿا تہ نڪي ملو آيو ۽ نہ ڪنهن بئي ٻانگ ڏني پر ماڻهن جي زبان تي اهوئي نالو عام ٿي ويو يعني ملوڪ زادي، ملوڪڙي ۽ پوءِ آخرڪار ملوڪان. آءُ انهي ملوڪان جو پٽ آهيان. جنهن سک جا ڏينهن ڏاڍا ٿورا ڏٺا. خير، مون ڳوٺ جي ڳالهہ پئي ڪئي. سائين منهنجو ڳوٺ واقعي جنت وانگر هو. پر انهيءَ جنت وانگر نہ جيڪا سوره رحمان منجهہ، رب سائين انسانن کي ٻڌائي آهي. رب سائينءَ جي جنت نرم زمين ۽ چؤطرف ساوڪ ۽ باغن بُستانن واري آهي. منهنجو ڳوٺ ڪوهستاني علائقي منجهہ آهي جت چؤطرف سخت پٿريلي زمين آهي سواءِ اسان واري ڳوٺ جي جت زمين نرم آهي. ساوڪ ۽ ڪنهن باغ جو نالو ناهي. جنت ۾ ٿڌي ۽ مٺي پاڻيءَ جا چشما آهن. اسان وٽ ڪل ٿي ڪوهہ آهن جن منجهان ٻن ۾ ٻاڙو پاڻي آهي پر هڪ مٺي پاڻيءَ جو آهي. پر اهو مٺو پاڻي، پانيان تو تہ جنت جي هڙنئي ماکيءَ جهڙن مٺن چشمن ۽ وهندڙ نهرن کان وڌيڪ مٺو هو. هاڻ انهيءَ ڪوهہ منجهہ ڳوٺ جي ڏهن ٻارهن مڙسن ڪجهہ زالن ۽ ٻارن جا لاش پيا آهن. مغل جاگيردار جي سپاهين رت ۾ ٻڏل لاشن سان ڪوهہ پرائي ڇڏيا هئا ۽ باقي ڳوٺ جا پنجاهہ ڪن ڪچا پڪا گهرڙا ڊهرائي باهہ ڏياري ڇڏي. جيڪي ستر اسي مڙس زالون ۽ ٻار جان بچائي سگهيا سي سڀ تن تي پيل ڪپڙن ۾ پنڌ ۽ وهٽن تي پڳا ۽ جڏهن ڪينجهر پار ڪيائون تڏهن انهن بگهڙن مان جند ڇُٽين. اصل ۾ جاگيردار جي سپاهين کي منهنجي ۽ منهنجن ٻن پٽن سائين ڏني ۽ احمد بخش جي ڳولا هيئن.“

محمد ملوڪ جو آواز ڀرجي ويو. پر پوءِ طبيعت کي سنڀالي چوڻ لڳو، ”يار سائين ڏنو وري ٻيهر مغل سپاهين جي هٿان مارجي ويو ـــــ منهنجو شهزادو شهيد ٿي ويو.“

”مون تنهنجي ڳالهہ نہ سمجهي،“ بئي همراهہ پڇيو، ”سائين ڏنو ٻيهر ڪيئن شهيد ٿي ويو؟“

محمد ملوڪ مٿي آسمان جي انهيءَ ٽڪري کي ڏسڻ لڳو جيڪو ڏکڻ ۽ ڦهليل وٽن جي وٽيءَ منجهان نظر آيو پئي. جت تارا ٽمڪيا پئي ۽ لڳا ائين پئي ڄڻ سرديءَ ۾ ڏڪن پيا.

محمد ملوڪ ٿڌو ساهہ ڀريو ۽ چوڻ لڳو: ”يار منهنجي پيءُ جو نالو بہ سائين ڏنو هو. مون اهو مرد مٿير ڪونہ ڏٺو. جڏهن اهو شهيد ٿيو. آءُ پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ محفوظ هئس. منهنجي ماءُ جي ملوڪ سينڌ ڦٽي پر ڪُک پريل هئس. اها انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن ٺٽي جي تخت تي مرزا باقيءَ جهڙو حاڪم

ويٺل هو. انهيءَ مرزا جي ظلمن لاءِ دفتر ڪين جيڪي پرجن ۽ بي ڊپا ۽ بي خوف عالم هجن جيڪي حقيقتن جو حال لکن. ٺٽي شهر منجهان اصلوڪا ماڻهو جان بچائي لڏي ويا ۽ وڃي ٻين شهرن يا ڳهٺو ڪري ڳوٺن ۾ آباد ٿيا. شهر ٺٽي ۾ اصلوڪا ماڻهو صرف اهي وڃي رهيا جيڪي يا ته امير هئا يا ترخانن جي نظرن ۾ وفادار هئا. منهنجو پيءُ به نوجواني منجهه ٺٽي شهر مان ڀڳو هو. ترخان سپاهي سندس جان جي پٺيان هئا. سچي مڪلي ٽڪري جهاڳيندو بابا منهنجي ماءُ جي ڳوٺ پهتو هو. بابا سان گڏ ڪجهه ٻيا به مدرسي جا شاگرد هئا. پوءِ ٻيا سڀ پنهنجن پنهنجن ماڳن ڏانهن وري ويا پر بابا اتي رهجي ويو ۽ هميشه لاءِ. امان جنت هڪ عجيب عورت هئي. منهنجي ناني هئي. پر بيٺي هوندي هئي ته چڻ ڪو مڙس بيٺو آهي. هڪ اڻ پڙهيل ڳوٺاڻي عورت هئي پر ڪيس عجيب قدرتي علم هو. اڳڪٿيون ڪندي هئي. مستقبل ۾ ٿيندڙ ڳالهيون ڪيس صبح جو فجر جي نماز ۾ سجدي منجهه ٻڌڻ ۾ ايندڀون هيون. اهڙن ئي ڪجهه سجدن ۾ ڪيس ٻڌڻ ۾ آيو ته سائين ڏنو جيستائين هن ڳوٺ ۾ محفوظ هوندو تيستائين هن جو وار به ونگو نه ٿيندو. امان جنت ٻڌائندي هئي ته مون کي ڏيکائي ملندي هئي ته شهر ٺٽو منهنجي پيءُ لاءِ قتل گاهه آهي انهيءَ ڪري امان جنت منهنجي پيءُ کي ريهي ريبي پنهنجي ڳوٺ ۾ رهائي ڇڏيو. پوءِ ڪيس پنهنجي جگر جي ٽڪر يعني منهنجي ماءُ سان شادي ڪرائي ڇڏي. امان کي به اها خبر هئي ته شهر ٺٽي منجهه سندس سهاڳ لاءِ قتل گاهه سجيل هئي. انهيءَ ڪري هو سدائين بابا کان اهو وچن وٺندي هئي ته ٺٽي ڏانهن نه ويندين. بابا ڪجهه سال انهيءَ ڪوهستاني بهشت مثل ڳوٺ منجهه گذاريا. اهي ئي سال منهنجي ماءُ سک، خوشي ۽ سُرهائي سان گذاريا. منهنجي پيءُ ۽ ماءُ جي محبت ڳوٺ منجهه ۽ چؤطرف جي وستين ۾ مشهور هئي. اصل هير رانجها هئا پنهنجي ديس جا."

محمد ملوڪ ڪجهه دير خاموش رهيو. چؤطرف پري پري تائين ڪوبه آواز نه هو. پکي پکڻ سڀ وڃي آرامي ٿيا هئا. ڪنهن ڪنهن مهل پريان درياهه جي وهندڙ سرد پاڻيءَ تي چنڊ جي روشني جرڪي پئي.

"يار پنهنجو ديس ـــ " محمد ملوڪ وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، "پيار محبت ۽ سونهن جو ديس آهي. پر گذريل سٺ ستر سالن کان هت رڳو مار ڌاڙ آهي. قتلام آهن. ماڻهن جي لڏ پلاڻ آهي. ڪو ماڻهو ڪٿي سک سان رهيل ناهي. اوهان ويجهڙائي ۾ ٺٽو شهر ڏٺو آهي؟ اڌ کان وڌيڪ آبادي يا ته لڏي ويئي آهي يا وري ارغون ترخانن ۽ مغلن جي ترارن جي ور چڙهي ويئي آهي. شهر جا ڪارخانا ته ڳهٺو اڳ بند ٿي ويا هئا. مزور ڪمي ڪاسبي هڙيئي جانيون بچائي، ٻار ٻچا وٺي ٽڙي پکڙي ويا. هاڻ ته مدرسا به ڪي چند بچيا آهن جت رڳو انهن اميرن ۽ وڏن ماڻهن جا ٻار پڙهن ٿا جيڪي ڪنهن نه ڪنهن طور حڪومت سان واسطيدار آهن. جان ۽ مال جي امان به اهڙن ماڻهن کي مليل آهي. اڳ الائي ڪيترين ولايتن مان شاگرد هت علم حاصل ڪرڻ ايندا هئا. هاڻ ته انهن ولايتن کي به ڄاڻ آهي ٺٽو شهر تباهه برباد ٿي رهيو آهي. نه ته مون کي ياد آهي ته شهر جي بازارن ۽ باغن ۾ طرحين طرحين جا شاگرد نظر ايندا هئا. امان ٻڌائيندي هئي ته انهيءَ ٺٽي منجهه منهنجو پيءُ به علم حاصل ڪندو هو. هڪڙي ڳالهه مزي جي ٻڌايان. جڏهن کان امان جنت اهو ٻڌايو هو ته ٺٽو شهر منهنجي پيءُ لاءِ قتل گاهه آهي تڏهن کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين منهنجي ماءُ نه ٺٽي جو نالو ورتو ۽ نه ڪڏهن ٺٽي شهر ئي ويئي. اهو ئي شهر ٺٽو هو جت منهنجي پيءُ جو وڍيل سر پهتو هو. ٻيا به ڪيترائي وڍيل سر، ٻيڙي منجهه پرجي آيا هئا. امان جنت ٺٽي شهر ڏانهن ڀڳي. پراڻي ڳالهه آهي ترخان حاڪمن جا باغي انڙ سميجا، بگهيا ۽ ٻيا عام سنڌي، سندن هڪ امير شاهه قاسم بيگلار سان وطن خاطر وڙهندي شهيد ٿي ويا هئا ـــ انهيءَ شاهه قاسم سيني سنڌين جا سر ڪپرائي، ٻيڙو ڀرائي ٺٽي جي حاڪم مرزا باقيءَ کي سوکڙي طور موڪليا هئا. انهيءَ سوکڙين ۾ هڪ وڍيل سسي منهنجي پيءُ سائين ڏني جي به هئي. امان چوندي هئي ته منهنجي پيءُ جي عمر پنجويهه سال به پوري نه هئي ۽ ڪجهه دوستن سان گڏ سيوهڻ ۽ لاڪاڻ پاسي انڙن ۽ سميجن سان ٻانهن ٻيلي ٿيڻ ويا هئا ته جيئن اُت جيڪا ويڙهه ترخانن خلاف هلي پئي تنهن ۾ حصو وٺن. يار توکي ڇا ٻڌايان جڏهن امان جنت ٻيڙي مان سڃاڻي منهنجي پيءُ جي سسي ڪنئي ته اُن کي پوتي ۾ ويڙهي سيڙهي، ڳوڙها ڳاڙيندي ڳوٺ ڪٺي آئي ۽ اچي منهنجي ماءُ جي هنج ۾ رکيائين. پوءِ سمجهين ٿو ڇا ڪهرام ٿيو هوندو. سچي ڳوٺ ۾ حشر جو ڏينهن هو. سيني امان جنت کي ڏاڍو ڇنڀيو ته هي ڪهڙي بيوقوفي ڪئي اٿئي. امان ملوڪان پنهنجا هوش

هواس وڃائي ويٺي ۽ مڙس جو وڏيل سر پنهي هٿن ۾ قابو جهليو ويٺي هئي. سڄي ڳوٺ جي سمجهائڻ تي بہ ڏيڻ لاءِ تيار نہ پئي ٿي. پوءِ ٻئي ڏينهن سڄي ڳوٺ ريهي ريبي ڪانئس سسي ورتي ۽ پوءِ دفن ڪري ڇڏيائون.

”اهو واقعو مون ٻڌو آهي،“ محمد ملوڪ اڃا ڳالهائي رهيو هو، ”پر ڪجهہ واقعا مون پنهنجن اکين سان بہ ڏٺا. جڏهن آءٌ جوان ٿيس تہ مون بہ پنهنجي پيءُ جي استاد وٽ علم حاصل ڪيو. محترم استاد ابراهيم منهنجي جوانيءَ ۾ پيرسن ٿي ويو هو. وائي سور ۽ دم جي بيماريءَ کيس هڪ هنڌ ويهاري ڇڏيو هو. مدرسي ۾ وڃڻ ڪڏهن ڪو ڇڏي ڏنو هئائين. پر علم جا پياسا اُت گهر بہ وٽس ايندا هئا. آءٌ بہ مدرسي کان پوءِ وٽس ويندو هوس. امان ملوڪان مون کي اجازت ڏني هئي تہ پل ٺٽي وڃي علم پرايان. پر يار تون ٻڌي حيران ٿيندين تہ منهنجي پٽ سائين ڏني کي ڪڏهن بہ ٺٽي وڃڻ نہ ڏيندي هئي. احمد بخش کي اجازت هئي. سو ڳالهہ پئي ڪيم تہ استاد سارنگ وٽ جڏهن اسان نوجوانن جي اچ وڃ شروع ٿي تہ ٺٽي جي ترخان عملدارن کي اها ڳالهہ ڏکي لڳي ۽ پوءِ اهي ڳالهيون مشهور ٿي ويون تہ ٺٽي کان ٻاهر ـــــ سن، سيوهڻ ۽ هالا ڏانهن جيڪي بہ شورا سميجا ۽ انڙ ٻين عام ماڻهن سان گڏ سرڪاري عملدارن سان وڙهن پيا تن سيني کي هدايتون يا صلاحون استاد سارنگ ۽ سندس پوئلڳن وٽان ملن پيون. هڪ ڏينهن شهر جو قلعدار شمشير خان استاد سارنگ وٽ آيو ۽ چيائينس تہ تو کي حضرت نواب صاحب ياد ڪيو آهي.

”بابا جيئري تہ حاضري ڏکي آهي،“ استاد وراڻيو، ”هن جڳهہ کان پوءِ قبر جو وارو آهي.“

”پر تو تي الزام آهي تون ٺٽي شهر جا نوجوان کارين ٿو ۽ کين بغاوت تي آماده ڪرين ٿو.“

استاد مرڪيو. مون کي ياد آهي تہ کيس شمشير خان جهڙي قهري ماڻهوءَ جو بہ ڪو ڊپ نہ ٿيو.

”ٺٽي شهر جا قلعدار، تون ٺٽي شهر جي نوجوانن جي ڳالهہ ٿو ڪرين پر مون کي اهو تہ ٻڌائي ٺٽي شهر ۾ هاڻ نوجوان آهن ڪٿي؟ ماڻهو تہ سڀ لڏي ويا. اوهان جا مدرسا خالي ٿي ويا. شهر ۾ هاڻ رونق ۽ آبادي ئي نہ رهي آهي تہ آءٌ ڪنهن کي ڪاريندس. ڪنهن کي ورغلائيندس. ارغونن کي، ترخانن کي يا مغلن کي. بابا اسين غريب ماڻهو، پنهنجي ڪل کان ٻاهر ٽتا نڪري سگهون سو ڪيئن بغاوت تي ڪنهن کي آماده ڪنداسين. آءٌ تہ پنهنجو علم بہ ڪنهن کي سيکاري نہ سگهيس. شهر ۾ شاگرد آهن ڪٿي؟ هاڻ تہ ٻاهران بہ شاگرد ڊپ کان ٽتا اچن.“

شمشير خان تہ ويو هليو پر پيرسن استاد سارنگ ڪاوڙ ۾ پرجي ويو ۽ مون کيس زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ڪاوڙ ۾ ڏڪندي ڏٺو.

”الله ۽ الله جا رسول تون شاهد رهجئين،“ استاد سارنگ رڙ ڪئي ۽ اسين ڪجهہ شاگرد جيڪي اتي هئاسين سي بہ حيران ٿي وياسين ـــ ”مون کي هيڏي زندگي ڏني اٿئي. هاڻ هلڻ جهڙو بہ نہ آهيان. ڏسي سگهان ٿو پر منهنجي ديس جا ماڻهو سمجهن ٽتا. مون کي تو ٺٽي جو عروج ڏيکاريو. ڇا دلبر شهر ٺٽو هو ۽ هاڻ سواءِ چند امير جي محلن جي شهر ۾ خاڪ پئي وسي. بازارون بند ٿي ويون. ڪاروبار ختم ٿي ويا. ماڻهو سڃا ٿي ويا. آسپاس جون زمينون فصل نہ ٿيون ڏين. ڪيترا قحط مون ڏٺا. هر ڀيري ڪجهہ نوجوان مون وٽ آيا ـــــ جي موٽي وري نہ آيا. ٻڌڻ ۾ آيو مارجي ويا. بابا مون وٽ اوهان نوجوان نہ اچو. اجايو پنهنجي سرن تان آهو نہ ڪٺو. اوهان ڪيئن ٽا مهاڏو اٽڪايو؟ اوهان وٽ طاقت آهي جوش آهي جذبو آهي پر اتحاد ناهي. سميجا پنهنجي ليکي پيا وڙهن. انڙ ۽ شورا ڌار ڌار سندرا ٻڌيو بيٺا آهن. نومڙيا، ٻگهيا، ساند، چانديا، منگواڻا، ڪيريا، ساريا، ڏاهري، راهو، ڏاريجا، مناهيجا، راهوجا، ٽيپا، جوٽيجا، پريا، دل، ڪيبر، اوٺا، لاکير، راڄپر، پان ـــــ ڪنهنجا ڪنهنجا نالا ڪٺان! سڀ ڇڙو ڇڙ سڀ پنهنجي ليکي شهہ زور ـــــ سڀ ائين پيا ڪُسجن ڄڻ ڪو ٻڪرين ۽ رڍن جو ڌڻ هجي. اهي مغل، ارغون ۽ ترخان ۽ سندن لشڪري سنڌ ۾ ائين پيا گهمن ڄڻ ٻيلي ۾ بگهڙ هجن. راڪاس هجن. آءٌ تہ اڳ ئي مري چڪو آهيان. مون کي ٺٽي جو نواب يا سندس عملدار ڇا ڪندا؟“

پوءِ ڪجهہ ساعتن کان پوءِ، استاد سارنگ ٻئي هٿ مٿي ڪري رڙيون ڪيون: ’ها اچو اچو مون کي ماريو. هاڻ وڏيڪ جيئڻ جي ڪا سگهہ ناهي. هي اسي نوي سال نا اميدي ۽ نامراديءَ ۾ گذاريا اٿم. اوهان سڀ ڏاريا آهيو. ڌاريا آهيو. اوهان هي ملڪ لُٽيو آهي ڦريو آهي ۽ الله جي مخلوق جو بار بار قتلام ڪيو آهي. رب العالمين سڀ ڏسي پيو. اوهان کي انهيءَ رب جي بہ پرواهہ ناهي جنهن اوهان کي حيواني سگهہ ۽ طمع سان پري

چڏيو آهي. اوهان الله جا گنهگار آهيو ۽ اوهان الله جي مخلوق کي بي گناهه ماريو آهي. اوهان هن ملڪ جا شهر اجاڙيا ـــــ سڀ ڪجهه برباد ڪيو ـــــ باقي هي غريب استاد ڇا ٿو ڪري سگهي؟ ڇا ٿو ڪري سگهي؟ سواءِ پنهنجو ساهه ڏئي سگهي ٿو. پيو ڇا ٿو ڪري سگهي. اچو مون کي ماريو! ـــــ مون سچ چيو آهي . . . .“

”اسين سڀ شاگرد چپ هئاسين. استاد جو مُنهن ڳاڙهو هو ۽ رڳون ڇڪجي ويون هئس. ات ڪجهه ترخان چوڪرا به بيٺا هئا. پوءِ استاد هيٺ وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي اهلي پيو. سندس اکيون پوريل هيون. سينو ساهه کڻڻ ڪري هيٺ مٿي ٿيو پئي.

”انهيءَ شام ئي شهر جي عملدار سپاهي موڪليا ۽ استاد ابراهيم سارنگ کي کڻي ويا. شهر ۾ ڪجهه به نه ٿيو. استاد جا ساٿي عالم ۽ فاضل سڀ حيران به ٿيا ته اهو پڻ پٽڪيائون ته ههڙا عالم فاضل انسان به ائين نافهميءَ جو شڪار ٿي سگهن ٿا.

”ٻئي ڏينهن شهر جي قاضيءَ وٽ اهو معاملو پيش ٿيو. قاضي خود استاد سارنگ جي علم ۽ ڄاڻ جو معترف هو پر هُو جنهن گاديءَ تي ويٺو هو ۽ جيڪو سندس منصبي فرضن ۾ شامل هو، انهيءَ حساب سان استاد سارنگ تي ملڪ جي خلاف بغاوت ۽ الله ۽ ان جي رسول جي فرمانن جي اطاعت جي مخالفت جو مقدمو هو. عام ماڻهو تمام ٿورا آيا پر مدرسن جا استاد ۽ ڪجهه شاگرد ضرور اچي پهتا.

” ’محمد ابراهيم سارنگ، سابق استاد جي خلاف الزام آهي ته هُو هن سنڌ ملڪ جي جائز حاڪم جي قانوني حڪومت جي خلاف عام ماڻهن ۽ خاص طور شاگرد طبقي جي ذهنن ۾ بغاوت ۽ شر پسندي کي ڦهلائي رهيو آهي. جنهن جي سزا يقيني طور تي موت آهي. انهيءَ ڪري ملزم کي صفائيءَ جو موقعو ڏنو وڃي ٿو. ڪيس جيڪي چوڻو آهي سو بيان ڪري.‘

” ’آءٌ انهيءَ الزام لاءِ ڇا ٿو چئي سگهان؟‘ استاد سارنگ چيو. مقدمي جي ڪاروائي ڏسڻ وارا خود حيران پريشان هئا ته هاڻ ڇا ٿيندو ۽ سارنگ ڇا چوندو.

” ’اوهان هڪ عالم ۽ استاد آهيو،‘ قاضيءَ چيو، ’اوهان کي چڱي طرح ڄاڻ آهي ته اوهان ڪهڙي الزام هيٺ هن عدالت ۾ آيا آهيو.‘

” ’سڀ کان اول ته مون کي اهو يقين ڏياريو وڃي ته جيڪو ڪجهه آءٌ چوڻ چاهيان ٿو سو مون کي پوري ريت چوڻ ڏنو ويندو.‘

” ’اوهان کي مڪمل آزادي آهي.‘ قاضيءَ فرمايو.

” ’مون تي اهو الزام آهي ته، ـــــ ‘ استاد ابراهيم سارنگ ڳالهائڻ شروع ڪيو: ’آءٌ محمد ابراهيم سارنگ ولد جان محمد قوم سنڌي ويٺل ٺٽي شهر جي لڳ وهندڙ سنڌو درياهه جي ڪاٻي ڪپ تي آباد جتن جي ڳوٺ پرسان ـــــ مون کي پنهنجي بچاءُ ۾ گهڻو ڪجهه چوڻو آهي. ڇاڪاڻ ته منهنجي بچاءُ ۾ هاڻ منهنجي وطن جو بچاءُ آهي. عام طور تي وطن جي بچاءُ ۾ فرد جو بچاءُ شامل هوندو آهي. پر هت هاڻ حال اهو وڃي ٿيو آهي ته سنڌ وطن انهيءَ هڪ نهايت وڏي اوڙاهه مثل بڻجي ويو آهي جنهن ۾ باهه جا اُلا وسامي چڪا آهن. رڳو چار ۽ دونهون بچيو آهي. چوطرف باهه ختم ٿيڻ کان پوءِ جو سيڪ ڦهليل آهي. ماڻهو باهه ۾ وڪوڙجي چڪا آهن. سندن ذهن لهسجي چڪا آهن. هن ڌرتيءَ تي زرخيز مٽيءَ احتجاج طور فصل ڏيڻ کان نابري واري آهي. سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ اُها لٽ نه رهي آهي جيڪا زمين تي چٽيل ٻج کي سلو بڻائي. انهيءَ جو ثبوت اهو آهي ته گذريل پنجاهه سٺ سال کان لاڳيتا هڪ ٻن سالن کان هت ڏڪار ٿيا آهن. ڏڪار ۽ ماڻهن جي قتلام جو هڪ ٻئي سان لاڳاپو آهي. هن ڌرتيءَ تي قتلام به پنجاهه سٺ سالن کان لاڳيتا آهن ته ڏڪار به ائين ئي لاڳيتا آهن. سنڌو درياهه يا ته سُڪيو وڃي يا وري سموري زمين ٻوڙي ڇڏي ٿو. هي درياهه هن سر زمين جو ساهه آهي، دل آهي.‘

” ’منهنجي عمر نوي سال کن آهي. سمن جي آخري دؤر ۾ آءٌ اچا ٻار هئس، مون کي سمجهه نه هئي پوءِ به اهو سمجهيم پئي ته امن ڇا آهي ۽ جنگ ڇا آهي. پنهنجن وڏن ۽ زماني کان به سکيم ته پنهنجن جي حاڪميت ڇا آهي ۽ پراون جي گهوڙن جي سنبن هيٺان هيءَ ڌرتي ڪيئن ٿي ڪنبي. اوهان مون تي الزام بغاوت جو لاڳو ڪيو آهي. بغاوت پنهنجي وطن سان؟ پر هن شهر ـــــ اجڙيل شهر، برباد شهر جي قاضيءَ اڳيان،

انصاف کي مٿانهون درجو ڏيندڙ سرڪاري عملدار اڳيان، الله جي حڪمن ۽ ان جي رسول جي شريعت جي پيروي ڪندڙ با اختيار انسان اڳيان ـــــــ آءُ الزام لڳايان ٿو ته تنهنجي حاڪمن منهنجو هي شهر تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي. هن شهر جا بي گناهه ماڻهو، ڪمي ڪاسبي، سفيد پوش، واپاري، شاگرد ـــــــ سيني جو قتلام ٿيو آهي. انهن جو ڪو ڏوهه نه هو. ڏوهه فقط اهو هو ته هو ڏاڍن جي ترارن ۽ گهوڙن اڳيان بيهي نه سگهيا. آءُ الزام لڳايان ٿو ته تنهنجي حاڪمن هن ڌرتيءَ تي لاڳيتو قتل جي بازار سرگرم رکي آهي. مون کي اهو سال به ياد آهي جڏهن شاه بيگ جا گهوڙا هن شهر ۾ داخل ٿيا هئا ــ ۽ پوءِ ڇا ٿيو هو. مون کي اهو به ياد آهي ته شاهه بيگ جي پٽ شاهه حسن شهر جي پاڙي پاڙي ۾ ماڻهن جو قتلام ڪيو هو. انهيءَ قتل عام ۾ منهنجي پيرسن ماءُ به هڪ ارغون جي ترار جو ڪاچ بنجي ويئي هئي. ان جو ڏوهه فقط اهو هو ته هوءَ مفتوح قوم جي هڪ بيوس ۽ بي ٻهچ عورت هئي. منهنجي ماءُ جي انهيءَ قتل جو مجرم ۽ سندس ڪٽنب، اعليٰ درجي جا شهري آهن. مون پنهنجن اکين سان پنهنجي ماءُ جو پيٽ قاتل ۽ وڍيل ڇاتي ڏٺي هئي. اهڙا ڪيترا قاتل پيٽ ۽ وڍيل بازو ۽ بيجان جسم ٺٽي شهر جي هر گهر جي چانئٺ چانئٺ تي پيا هئا ۽ ڪيترا ڏينهن خدا جا، اهي لاش ائين بي گور و ڪفن پکين ۽ جانورن جي رحم و ڪرم تي پيا هئا. آءُ تنهنجي حاڪمن ۽ پنهنجي هم ڪلمي گو ۽ هم مذهب فاتحن تي، الزام لڳايان ٿو ته منهنجي شهر جو امن هن شهر جي هڪ در منجهان انهيءَ گهڙيءَ غريب الوطن ڪيو ويو جڏهن شهر جي ٻين درن منجهان اوهان جي حاڪمن جون اگهاڙيون رت جو پياسون ترارون داخل ٿيون. آءُ الزام لڳايان ٿو ته شهر جي انهن هزارين ماڻهن جي رت جي ڦڙي ڦڙي لاءِ اوهان ذميدار آهيو. هن شهر ۾ ڏکڻ کان ساموندي هوا، هير بنجي گهلندي هئي. انهيءَ هير منجهه سڳنڌ هوندي هئي. شهر جا ماڻهو انهيءَ سڳنڌ واري صبح جو الله نبيءَ جو نالو وٺي اٿندا هئا. سندن ذهنن منجهه سڪون ڀريل هو ۽ بازن ۾ پورهيو ــ هو ڌرتيءَ جا ڇاوا هئا ۽ ڪين مٽيءَ جي ڇاڻ ۽ قدر هو. آءُ الزام لڳايان ٿو ته تنهنجي حاڪمن، سمنڊ کان ايندڙ هير جي سُرهاڻ جو قتل ڪيو آهي. هن شهر جي ماڻهن جي ذهنن ۾ سمايل سڪون کي نيست ۽ نابود ڪيو آهي. هن شهر جي قضا جي مسند جا صاحب، تنهنجي حاڪمن تي آءُ الزام لڳايان ٿو ته هي هن ڌرتيءَ جي اصلوڪن رهاڪن سان ڀريل هو. نئڙت ۽ نياز سان ڀرپور ماڻهن جو ماڳ هو. ماڻهو ڪير جهڙا بي داغ ۽ سگهارا هئا. اُهي ماڻهو تنهنجي حاڪمن قتل ڪيا جي پنهنجو شهر ڇڏي وڃي ٻهراڙيون وسائڻ لڳا. ائين ئي جئين موتين جو هار ٽٽي پوي ۽ موتي واوڪر ٿي وڃن. توکي خبر آهي ته سنڌ جي شهرن مان ماڻهو نون فاتحن ۽ حاڪمن جي زور ۽ ارڏائي ڪري پنهنجا ماڳ ڇڏي، جهنگ منهن ڪري ٽڙي پکڙي ويا. هاڻ اُهي جهنگ ۾ به حفاظت منجهه ناهن. هن ڌرتيءَ جي شهرن جا ماڻهو هاڻ ٽر جي رڻ پٽ ۽ پٽن ۾ وڃي پناهه گير ٿي آباد ٿيا آهن. هزارين ماڻهو اوڏانهن هليا ويا آهن. اهو انصاف آهي؟ اهو اسلامي انصاف آهي؟ اسلام ته ائين ڪونه ٿو چوي ته اهڙو جبر ڪيو وڃي.

"آءُ ڪيترو ماضيءَ ۾ پوئتي وڃان ۽ توکي ڇا ڇا ٻڌايان. آءُ الزام لڳايان ٿو ته جڏهن هندستان جو شهنشاهه همايون سنڌ ملڪ منجهه آيو هو ته هت جو قابض ارغون حاڪم شاهه حسن سڄي سنڌ جا بيٺل فصل ساڙائي ڇڏيا هئا. کوهن ۾ نه رڳو زهر وجهرائي ڇڏيو هو پر مئل غليظ جانورن ۽ ڀئي گند کي گڏ ڪري انهن سان کوهه پرائي ڇڏيا هئا ته جئين هندستان جي شهنشاهه کي کائڻ لاءِ اَن ۽ پيئڻ لاءِ پاڻي نه ملي سگهي. ڇڪتاڻ نندي بگهڙ ۽ وڏي بگهڙ منجهه هئي پر ڌرتيءَ جي لڱن کي لويو ويو. ڪوبه پٽ، پنهنجي ماءُ جي لڄ ائين تباهه برباد نه ڪندو آهي. مرزا شاهه حسن ارغون جيڪڏهن سنڌ ڌرتيءَ جو پُٽ هجي ها ته ائين ڪڏهن به نه ڪري ها.

"مون هن شهر ۾ ڇا نه ڏٺو! هت سنڌي باغين ۽ اوهان جي نظر ۾ ڪميڻن ۽ مردودن جي وڍيل سرن سان ڀريل ڀيڙا به آيا. مون انهن ڀيڙن ۾ مائٽن کي واجهائيندي ڏٺو ته من سندن جگر جي ٽڪر جو ڌڙ ٽٽو ملي سگهي ته سر ئي ڏسي سگهن ــ ۽ اهڙا به مائٽ ڏٺا جيڪي وقت جي حاڪمن جي خوف ڪري انهن ڀيڙن جي ويجهو ئي نه ويا.

"هاڻ آخر ۾ ايترو چوندس ته اي قضا جا ڌڻي! تون به هن شهر ۾ ٽيهن چاليهن سالن کان رهين پيو، تون به هن شهر جي اوُج جو شاهد آهين، تو به هن شهر جا باغ بُستان، مدرسا، پاڙا، بازارون ۽ ڪارخانا ڏٺا هئاــ تو به

هن شهر جا نياز ۽ نئوڙت سان ڀريل ماڻهو ڏٺا هئا. تو به هن شهر جي رونق ۽ عظمت ڏٺي هئي تو به ڀريل ڀڪيل پاڙا ۽ خريدارن سان ڀريل بازارون ڏٺيون هيون. . . . . . . هاڻ ٻڌايو ته ڪٿي آهن با غ بُستان، ڪٿي آهن ڪارخانا ۽ انهن ۾ هلندڙ ڪلن جا آواز؟ اهي پاڙا تباهه ٿي ويا. گهر ڍهي ڍير ٿيا پيا آهن. بازارن ۾ سڄ پئي واڪا ڪري، نياز ۽ نئڙت ته الڳ ڳالهه آهي، اُهي ماڻهو ئي يا لڏي ويا. ــ يا وري ترارن جا ڪاڄ بنجي ويا. مدرسا به پنهنجي منطقي انجام ڪي پهچي چڪا آهن. دور دراز علائقن ۽ ولايتن کان ايندڙ شاگردن جو سلسلو ڪڏهڪو بند ٿي چڪو آهي. هن ديس جي شاگردن کي هت داخل ٿئو ڪيو وڃي ۽ جيڪي داخل ٿي به وڃن ٿا ته سندن ساهه مُٺ ۾ هوندو آهي ته ڪڏهن سندن لاش واپس مائٽن ڏانهن ورندا. اڳ ٿتي جي مدرسن ۾ ٻاهرين ملڪن جا عالم ۽ استاد پنهنجي علم ۾ اضافي خاطر ايندا هئا ۽ الائي ڪيترا ڏونگر ڪهي ايندا هئا. هاڻ هن ويراني ۾ اهڙي ڪا دلچسپي نه رهي آهي جو هو هت اچن.

”سڀ کان وڏي ڳالهه ته منهنجي هن شهر جي پر ۾ مڪلي ٽڪري، اوهان آباد ڪئي آهي. جيڪي به حاڪم ۽ حاڪمن جا ڏيهي توڙي پرڏيهي ساٿي آهن سي سڀ جيئرا آهن ته حڪومت به ٽڪريءَ تان ڪن ٿا ۽ جڏهن مرن ٿا ته دفن به اُتي ٿين ٿا. حاڪم طبقي جا مُردا به عام شهرين کان سوين گز مٿي دفن ٿيا ۽ موت کان پوءِ به برتري برقرار رکن ٿا. . . . . . . . پر آءٌ الزام لڳايان ٿو ته اهي سڀ، سواءِ ڪجهه جيڪي هن مڪلي تي زندهه توڙي مُردا آباد آهن ، سڀ سنڌ جي لکن ماڻهن جي جسماني، سياسي ۽ تهذيبي قتل عام جا ذميدار آهن. پهرين انهن تي مقدمو هلڻ کپي ته هنن ڌرتيءَ جو خون ڪيو آهي. هن ڌرتيءَ تي رهندڙ پُر امن انسانن جو قتل ڪيو آهي. اهي سڀ قاتل ۽ قاتلن جا پٽ پوٽا آهن جيڪي اوهان کي مڪليءَ تي نظر اچن ٿا. لاهيو انهن کي اتان. ڪديو سندن لاشا اُتان ۽ آڻيو هن عدالت ۾ ته سچي جڳ کي خبر پوي ته هڪ ملڪ ۽ هڪ قوم کي ٻاهران ايندڙ قومن ڪئين راتاها هڻي نيست نابود ڪري ڇڏيو آهي“

ٿوري دير خاموشي رهي ـــ پر پوءِ پيهر استاد سارنگ ڳالهايو:

”هاڻ سڀ ڪجهه ختم ٿئي پيو هاڻ مونکي سزا ڏيو. آءٌ شاگردن جي ذهنن ۾ اوهان جي قانوني حڪومت خلاف ٻج ڇٽيان ٿو. اوهان انهن ڇوڪرن جا ذهن محسوس ڪيا آهن. انهن مٿن ۾ باهه جو اوڙاهه ٻري پيو. هن ملڪ جي ماڻهن جا منهن ڏٺا اٿو ـــ سندن اٽيا انگ، رت ۾ ٻُڏل رنگ ۽ هيءَ ٽوٽ ڌرتي . . . . . . سڀ اوهان آڏو آهن. انهن سيني وارداتن ۽ انڌير جا ذميوار ڪير آهن؟ صرف اهي ذميوار آهن جيڪي ملڪ گيري ۽ دولت جي هوس ۾ هزارين ڪوهه گهوڙا ڊوڙائيندا اچن ٿا ۽ ٻين ملڪن جو امن امان ۽ سک سانت نيست نابود ڪن ٿا. اوهان اسان جا شهر اجاڙيا. اوهان اسان شهرين کي شهرن مان لڏايو. منهنجي هن ٺٽي شهر ۾ ايترا قتلام ٿيا جو شهر جي چؤطرف ڪيترائي وسيع قبرستان وجود ۾ آيا آهن. هر قبرستان ۾ قبرن جو تعداد ايترو آهي جو ڳڻپ ٿئي ٿي سگهي. آءٌ اوهان تي الزام لڳايان ٿو ته اوهان سنڌ ملڪ جا قاتل آهيو! قاتل آهيو!! قاتل آهيو!!! اچو قاتلو مون کي به ترار هڻو ۽ قتل ڪري ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن صبح ساڻ استاد ابراهيم سارنگ جو ضعيف جسم ڦاهيءَ جي ٿياس تي ٽنگيل هو ۽ اها خبر شهر ۾ باهه وانگر ڦهلجي ويئي. سيڪ سيني محسوس ڪيو پر هرڪو ماڻهو ائين پئي نظر آيو ڄڻ شهر ۾ ڪو واقعو ئي نه ٿيو هجي.

ٻه ڏينهن لاش ٽنگيو پيو هو ۽ ٽئين ڏينهن استاد سارنگ کي ڪجهه مائٽ ۽ ڪجهه شاگرد گڏجي، سندس وصيت مطابق ڳوٺ کڻي ويا ۽ درياهه جي ڪناري دفن ڪيائون. استاد سارنگ مڪليءَ تي آباد جيئرن ۽ دفن ٿيل ارغون ترخان ۽ مغلن جي پر ۾ دفن ٿيڻ لاءِ تيار نه هو.

محمد ملوڪ چُپ ٿي ويو. پيو همراهه به ملوڪ جي هيڏي جبل جهڙي ڪتا ٻڌي پند پهڻ تي ويو ۽ ڪجهه به نه ڪُڇيو. سياري جي پل پڇاڙي هجي پر پوئين پهر رات ٿڌ وڏي ويئي هئي. محمد ملوڪ هڪ دفعي وري مچ ۾ ڪجهه ڦوڙائيون وڌيون ۽ باهه کي نئين سر مچائڻ لاءِ ٽاندن کي هيٺ مٿي ڪرڻ لڳو. ماحول ۾ بلڪل سانت هئي. سندن ساهه کڻڻ جا آواز ۽ باهه لڳڻ ڪري ڦوڙائين جي ٽڙڪڻ جا آواز هڪ ٻئي سان مليا، سانت ۽ سرد ماحول ۾ ڦهلجي ويا پئي.

محمد ملوڪ وري ڪُڇيو، ”هاڻ آءٌ تر ڏانهن پيو وڃان.“

”ٺر ڏي“ ٻئي همراھ پڇيو، ”خير منجهان؟“

”ها خير آهي. پر توکي شايد نہ ٻڌايم تہ منهنجو سارو ڪٽنب ۽ ڳوٺاڻا جيڪي بچي سگهيا سي سڀ ٿر ويا هليا. ٿر واريءَ جو سمنڊ آهي ۽ بي ٻهچ ۽ ڪمزور ماڻهن لاءِ اجهي وانگر آهي. هاڻ ماڻهن مغلن جي سپاهين جي ڏپ ۽ ظلم کان بچڻ خاطر ٿر ڏانهن رخ رکن پيا. ماڻهو ويچارا مسڪين اٻوجهہ ڇا ڪن. شهرن ۾ ڪاٽي مار ڪاٽي جيار لڳي پئي آهي.“

# 18

ٻئي همراهه جو نالو قاضي محمد هادي هو. سندس عمر ذري گهٽ سٺ سال کن هئي پر بدن ۾ اجا به سيٺ لڳو پيو هو. سونهاريءَ جا خط ورتل ۽ ميندي لڳل هيس. وار به ڀڙون هيس ۽ ذري گهٽ ڪلهن تائين آيا پئي. سندن اکيون، ٻاهه جي مچ ۾ جرڪيون پئي ۽ انهن ۾ هڪ عجيب جوت هئي. محمد ملوڪ کي قاضي هادي پاڻ ڏانهن ڇڪيو پئي ۽ اهوئي سبب هو جو محمد ملوڪ جهڙو جهانديدو شخص پنهنجو سڄو اندر هڪ اوپري ماڻهو اڳيان اوري ويٺو. ڪڏهن ڪڏهن ٻه ماڻهو اهڙا ملندا آهن جيڪي ڄاڻ سڃاڻ نه هوندي به هڪ ٻئي کي دل و جان سان چاهيندا آهن. اهڙو ئي مامرو هو. قاضي هادي به چاهيو پئي ته جيڪي ڪجهه سندس سيني منجهه آهي سو اڳيان ويٺل شخص آڏو ڪڍي رکي. رات جو پويون پهر هو. سردي به وڌي ويئي هئي. ٻاهه جي اُلن کي چؤطرف ٿڌ وڪوڙيو بيٺي هئي ۽ سيڪ ڏاڍو مشڪل سان سرديءَ جي ٿهن کي چيري اڳتي ڦهلجڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هنن ٻنهي همراهن جي منزل الڳ الڳ ۽ گهٽو پري هئي.

”يائو آءُ سيوهڻ جو رهاڪو آهيان.“ قاضي هاديءَ چيو، ”منهنجا وڏا ايران جي شهر مشهد منجهان هت لڏي آيا هئا. منهنجا وڏا چوندا هئا ته سنڌ ملڪ جهڙو امن امان ۽ سائو ستابو ملڪ ڪٿي به نه هو. هت آئي کي آڏرياءُ ۽ عزت ملي ٿي. هن مُلڪ ۾ ڪوبه متڀيد نه هو. انهيءَ ڪري اسانجن وڏن به پنهنجا شهر ۽ ملڪ ڇڏيا ۽ هت آيا. هت جيتري عزت ۽ مرتبو مليو سو منهنجن بزرگن جي خيال منجهه به نه هو. منهنجا وڏا پهرين بکر ۾ اچي لٿا پر ورهيه مس گذريو ته سيوهڻ هليا آياسين. شهر جي قضا اسان ٽن پيڙهين کان ڪئي. پر هينئر اسان جو خاندان دربدر ٿي ويو آهي. قضا منهنجي وڏي چاچي وٽ هئي. سو به ورهيه ٿيا پنهنجي ڪٽنب سميت الائي ڪهڙي اوڙاهه منجهه ڪهڙي پاسي هليو ويو آهي. منهنجو پيءُ ۽ وڏو ڀاءُ سيوهڻ جي مغل عملدار مرزا يوسف جي ظلمن ڪري قتل ٿي ويا ۽ آءُ به ڪئين بچيو آهيان سو وڏو داستان آهي. منهنجا ٻار ۽ ڪٽنب جا ٻيا ڀاتي خبر پئي اٿم ته لاهري بندر جي پاسي وڃي آباد ٿيا آهن. آءُ گذريل ڏهن ٻارهن سالن کان دربدر آهيان. جيڪي پٽ ۽ ڌيئون ضغير ڇڏي ويو هوس سي سڀ جوان هوندا يا رب کي خبر حاڪمن جي ترارن جو کاڄ بنجي ويا.“

قاضي هاديءَ ٿڌو ساهه کنيو ”يار منهنجو داستان ڏاڍو ڏکائتو ۽ عجيب آهي. هن سنڌ ڌرتيءَ ۾ عجيب ڪشش آهي. هت گهٽو ڪري سڀ ٻاهران آيل آباد آهن، ڪي ڪڇ ڀڄ کان آيا، ڪي جيلسمير ۽ جوڌپور کان آيا. ڪن گجرات مان هت وطن وسايو. ايران توران، افغانستان، عرب عراق شام منجهان به لکين انسان هن ڌرتيءَ تي اچي آباد ٿيا. پر هن سنڌ منجهه عجيب ڪشش آهي. ڌرتيءَ کي اها پڙور پليءَ پت آهي ته ڪهڙا مانجهي سندس پنهنجا ٿيندا ۽ انهن کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏئي ٿي ــ ماءُ وانگر! باقي نامراد ٽڙندا ٽاپڙندا، قهر ڪندا ائين ئي نابود ٿي وڃن ٿا ڄڻ سندن وجود ئي نه هجي. هيءَ ڌرتي هر ماڻهوءَ کي ماں ڏئي ٿي جيڪو انسان بنجي اولاد وانگر هت جذب ٿي وڃي ٿو. منهنجو ڪٽنب به اهڙن ماڻهن مان هو جن پنهنجي هڙان وڙان هن ڌرتيءَ سان پاڻ ملهايو. اسين جڏهن سڀ کان پهرين بکر پهتاسين ته اتي جي اشرافن ۽ حاڪم طبقي اسان کي خوش آمديد چيو ۽ جلدئي منهنجي ڏاڏي ۽ وڏي چاچي کي سرڪاري عهدا مليا. عزت ملي. مطلب ته اسان کان پنهنجو وطن وسري ويو. اها به حقيقت آهي ته اڄ کان اسي نوي سال به اڳ يعني منهنجي ڄمار کان ٽيهه

چاليھ سال پھرين سنڌ جي ساک عراق، ايران، سمر قند، بخارا ۽ انھن پاسن ڏانھن ھڪ سڪئي ستابي ملڪ جي ھئي. جتي عالمن جي گھرج ھئي تہ علم حاصل ڪرڻ وارا بہ اچڻ لاءِ آتا ھوندا ھئا. جن گروھن کي ملڪ گيريءَ جي لالچ ھئي سي بہ لشڪرن سان سنڌ ملڪ کي ڦرڻ لٽڻ ۽ حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا رھندا ھئا. عام غريب غربو روزگار خاطر ھن ملڪ ڏانھن رخ ڪندو ھو. پر يار ھاڻ ھن ملڪ جو حال تو ڏٺو آھي تہ الائي تون واقف آھين يا نہ پر مون پنھنجين اکين سان سچي ملڪ جا پرڳڻا لتاڙيا آھن، پينگ پئي واڪا ڪري. ٺٽو شھر ڪڏھڪو اجڙي ويو ھو. ڪجھ تو پنھنجي احوال ۾ ٻڌايو. مونکان سيوھڻ ۽ نصرپور جو حال ٻڌ. مون پاڻ نصرپور پرڳڻو، ٺٽو پرڳڻو، چاچڪان پرڳڻو، نيرون ڪوٽ پرڳڻو، گھمي ڏٺو آھي. بکر سرڪار ۽ سبي سرڪاار جا بہ ڪيترا پرڳڻا يا پاڻ گھميو آھيان يا رُليو آھيان يا الله جي بندن واتان ٻڌو اٿم. ھن وقت سنڌ ملڪ پڙ پانگ آھي. شھر تباھ ۽ ويران آھن جت حاڪم طبقي جا ماڻھو ۽ اڳ آباديءَ جو اڌون حصو بہ ناھي. سڀ شھر ڇڏي ويا، پنھنجا بہ ٿي عزيز مارائي پاڻ ڦرائي، راتو واھ شھر ڇڏي ويا. اڳ مون کي ياد آھي تہ شھرن جي چؤطرف وڏا وڏا ڳوٺ ۽ وسنديون، ڪوھ ڏيڍ ڪان ڏھين ڪوھن تي آباد ۽ شاداب ھونديون ھيون. پوءِ بہ ھر ھنڌ ڪوھ اڌ تي ڪو نہ ڪو ڳوٺ ھوندو ئي ھو. پر ھاڻ يار لڳي ائين ٿو چڻ ماڻھو ملڪ ڇڏي ويا آھن. ھڪ تہ ٺٽي سرڪار ۽ سيوھڻ سرڪار جي عملدارن ۽ ڪارندن ماڻھن کي ڦري پينگ ڪيو آھي ۽ ٻيو بنا ڪنھن قانون جي عام ماڻھن جي ڪوس ملڪ کي اوڙاھ بنائي ڇڏيو آھي“.

”مون اچ کان ورھيہ خدا جا ٿيا جو سيوھڻ ڇڏيو ھو. آءُ سيوھڻ ۾ تہ ڪو چائو ھوس پر منھنجو سمورو ننڍپڻ سيوھڻ ۾ گذريو. آءُ اُت جوان ٿيس. منھنجو وڏو چاچو بکر ڇڏي سيوھڻ ۾ قاضيءَ جي عھدي تي فائز ٿيو. منھنجو پيءُ قاضي عبدالمنان مشھدي وڏو واپاري ھو. سندن ڪاروبار بکر، ملتان، ڪابل ۽ مشھد تائين ڦھليل ھو. منھنجي پيءُ ھڪ شادي سيوھڻ جي رھاڪن سميجن مان بہ ڪئي. منھنجي ماٽيلي ماءُ ھئي پر مونکي پنھنجي ماءُ جي سانپر ناھي ۽ اھائي منھنجي پنھنجي ماءُ ھئي، جنھن جي پاءُ ۽ پيءُ کي، سيوھڻ جي نواب احمد بيگ جي پاءُ مرزا يوسف، شھر جي وچ ۾ ڦٽڪا ھڻايا ھئا ۽ پوءِ جڏھن منھنجي وڏي چاچي ڪنھن فرد کي اھو ٻڌائڻ تہ ھُن پنھنجي فيصلي ۾ انھن ٻنھي پيءُ پٽ کي آزاد ڪري ڇڏيو ھو تہ مرزا يوسف بيگ ٻنھي کي مارائي ڇڏيو. مون کان پنھنجي ماءُ جو رنج ڏٺو نہ ويو ۽ آءُ سڌو مرزا يوسف وٽ دانھن ڪٽي ويس. منھنجي جواني ھئي. جوش ھوم ۽ ان کان اُتم شيءَ اھا تہ منھنجي لڱن ۾ عام ديسي رت نہ پر ايران جي مشھد شھر جي اشرافن ۽ اعليٰ ذات جو خانداني رت ھو. منھنجي ذھن ۾ برتريءَ جو احساس ھو تہ آءُ بہ اعليٰ خاندان ۽ حاڪم طبقي جي اھم فردن منجھان آھيان. مونکي پنھنجي ماٽيلي ماءُ جي پاءُ يا پيءُ جي مارجي وڃڻ جو ايڏو ڏک نہ ھو پر مون عام طور تي ھڪ اشراف خاندان جي فرد جي حيثيت ۾ محسوس ڪيو ٿئي تہ اھو ظلم آھي ۽ اعليٰ حاڪم طبقو، ڏاڍيون ۽ ارڏايون تہ ڪندو آھي پر ايڏو ظلم نہ ٿيڻ گھرجي. منھنجي نوجوان ذھن ۾ ولوڙ پئجي ويئي ۽ آءُ سڌو سيوھڻ شھر جي قلعي منجھ داخل ٿيس ۽ جڏھن اتي بيٺل سپاھين ۽ عملدارن کي پنھنجي سڃاڻپ ڪرايم تہ مونکي مرزا احمد، حاڪم سيوھڻ سرڪار تائين پھچڻ ۾ ڪابہ تڪليف پيش نہ آئي. مرزا احمد بيگ قدآور ۽ سھڻو انسان ھو. ھو منھنجن وڏن کي سڃاڻيندو ھو ۽ منھنجي ڪُمھلي اچڻ تي حيران ٿيو ۽ اُتي عملدارن بہ ٻڌايو تہ احمد بيگ پنھنجن عملدارن سان بہ ڏاڍو ڏکيو ملندو آھي. تون تہ خوشنصيب آھين جو مرزا نفس بنفيس پاڻ پنھنجي حرم مان نڪري آيو آھي“.

”مون مرزا احمد بيگ کي ٿيل حادثي بابت ٻڌايو. ھن خدا جي بندي جي چھري تي ڪوبہ احساس نہ اُڀريو ۽ ڏاڍي نرميءَ سان چوڻ لڳو: پُٽ تون اسان جو پنھنجو ماڻھو آھين. ماڻھو جيڪي ڇمندا آھن سي مرندا بہ آھن. شايد توکي ھن معاملي ۾ مرڻ جي طريقي ڪار تي اعتراض آھي. ماڻھو جيڪڏھن مرن نہ تہ پوءِ الله جي خلقيل خوبصورت زمين تي رڳو فساد جنم وٺن“.

”مون ڪجھ وڌيڪ ڳالھائڻ چاھيو پر مرزا احمد بيگ نھايت شفقت ۽ نھٺائيءَ سان منھنجي مٿي تان ھٿ ڦيريو ۽ پوءِ بيٺل ھڪ سپاھيءَ کي حڪم ڏنائين تہ ’ھن اعليٰ نسل جي نوجوان کي مرزا يوسف ڏانھن وٺي وڃو. شايد سندس تشفي ٿي وڃي ۽ مرزا صاحب کي منھنجي طرفان عرض ڪجو تہ نوجوان کي ٻڌي تدارڪ ڪن.

”مرزا احمد بيگ مون کي اتيئي چڏي پاڻ پر واري دروازي ڏانهن هليو ويو. سپاهي مونکي مرزا يوسف جي رهائش گاهه ڏانهن وٺي ويو. پر اُتي مون کي اهوئي پڌايو ويو مرزا صاحب اوهان سان سڀاڻي صبح جو ملندو.
”يار آءُ به پنهنجي هوڏ تي چڙهيل هوس، سو ٻئي ڏينهن ٺيڪ وقت تي وڃي پهتس. مونکي مرزا يوسف وٽ وٺي ويا. آءُ جڏهن هڪ ٻن ننڍڙن گهٽ روشن ڪمرن منجهان لنگهندو، هڪ وڏي ويڪري ۽ اوچي ڇت واري ڪمري منجهه پهتس ته منهنجي ذهن تي جيڪو پهريون تاثر آيو ته سو اهوئي هو ته آءُ ڪنهن حاڪم آڏو پيش ٿيڻ وارو آهيان. ڪالهه مرزا احمد بيگ جيڪو شهنشاهه دهليءَ طرفان مقرر ڪيل صوبيدار ۽ سيوهڻ پرڳڻي جو حاڪم هو، سو به مونکي انسانن جهڙو لڳو، جنهن جي خيال ۾ ماڻهن جو موت هن سهڻي ڌرتيءَ تي فساد گهٽائڻ جي علامت آهي. پر جڏهن مرزا يوسف پرپاسي جي هڪ سوڙهي در کي کولي انهيءَ ويڪري دالان منجهه آيو ته اُت موجود پنجويهه ٽيهن کان مٿي سرڪار توڙي غير سرڪاري ماڻهو ادب منجهان اُٿي بيٺا ۽ مونکي ائين لڳو ته چڻ سيني کي سپ سونگهي ويو هجي ۽ منهنجيون اکيون ۽ منهنجو ذهن ساڳئي وقت مرزا يوسف جي اکين ۽ شاهي قدمن منجهه چڻ اڙجي پيو. مرزا يوسف جون اکيون شيريون ۽ باز وانگر هيون. منجهن ڪشش ۽ ڌهڪاءُ ايترو هو جو هر ماڻهو جو ڌيان به اوڏانهن ڇڪجي ويو ٿئي ۽ پوءِ ترت لڱن ۾ سيسراٽ به پئجي ويا پئي. هو قدآور مڙس هو. بت جو پورو پنو. پهريل ريشمي چوغو ڪيس ٺهيو پئي. سندس ويجهي اچڻ تي سيني حاضر ماڻهن ڪيس جهڪي ادب منجهان سلام ڪيو ۽ سپاهي سينو تاڻي چوڪس ٿي بيٺا. مون به ڪيس ادب سان سلام ڪيو.
”مرزا يوسف آهستي آهستي قدم کڻندو اچي هڪ مسند تي ويٺو ۽ اسين سڀ ڪائنس ٿورو پر پرو بيٺا رهياسين.
”ٿوري ئي دير ۾ مرزا يوسف مون ڏانهن متوجه ٿيو.
”قاضي عبدالمنان مشهديءَ جو فرزند تون آهين؟‘
”’ها سائين، منهنجو نالو عبدالهادي آهي؟‘ مون وراڻيو.
” ’توکي پٽ ڪهڙي شڪايت آهي؟‘ مرزا يوسف پڇيو.
” ’مونکي هڪ دانهن ڏيڻي آهي. رعيت تي ظلم جي.‘
” ’توکي نوجوان رعيت ۽ ظلم جي خبر آهي پر توکي پنهنجي اصل ماڳ معتلق به ته خبر ناهي.‘ مرزا يوسف ٿورڙي ترشيءَ سان چيو، ’تون پنهنجي نسل متعلق ڇاڻ رکين ٿو؟‘
”آءُ“ چُپ رهيس.
” ’توکي تنهنجي پيءُ اهو نه ٻڌايو آهي ته جڏهن سندس نالو قاضي عبدالمنان مشهدي آهي ته سندس پٽ جو نالو به قاضي عبدالهادي مشهدي هئڻ کپي.‘ مرزا يوسف ٿورڙو مرڪيو، پُٽ جي تون پنهنجو اصل سڃاڻين ها ته ائين نه پاڻ تڪليف سهين ها ۽ نه ڪو صاحب اعلىٰ يا مونکي تڪليف ڏين ها.‘
”اها ڳالهه منهنجي لاءِ بلڪل نئين هئي. مون ڪو چاڙي واڙي پنهنجي نالي پُنيان مشهدي نه هٽايو هو پر بنا ڪنهن ارادي جي مون کان رڳو پنهنجو نالو ئي بيان ٿي سگهيو هو. پر يار منهنجي به جواني هئي ۽ اهو اعلىٰ خون به منهنجي رڳن ۾ هو، جيڪو حاڪم طبقي جي ارفع نشاني آهي ـــ سو مون به چئي ڏنو:
” ’ اوهان کي ڇاڻ هجي ته مشهدي منهنجو پدر بزرگوار آهي ۽ ٿي به سگهي ٿو پر مون ته سيوهڻ جي شهر کان ٻيو ڪو ماڳ ۽ مڪان ڏٺو ئي ناهي. هي ته منهنجو وطن آهي. آءُ مشهدي ناهيان پر سيوهاڻي ٿي سگهان ٿو.“
”اها ڳالهه نه رڳو مرزا يوسف کي سخت ناگوار لڳي پر ٻيا حاضر ماڻهو به عجيب نظرن سان مونکي ڏسڻ لڳا. مرزا يوسف جو چالاڪ تجربي ڪار ۽ حرفتي ذهن منهنجن لفظن کي شايد مونکان ئي وڌ سمجهڻ لڳو هو ۽ يڪدم هو نئين پر وٽندڙ انداز ۾ چوڻ لڳو:
” ’خير اهڙيون ڳالهيون ٿينديون رهنديون آهن پر نوجوان تون ٻڌائي هت اسان وٽ ڪئين ۽ ڇاجي لاءِ حاضر ٿيو آهين؟‘

” ’ آءُ رڳو انهيءَ ڪري حاضر ٿيو آهيان تہ اعليٰ حضرت شهنشاهہ شاهہ جهان جي دؤر حڪومت ۾ سندس رعيت جا شريف ماڻهو سندس فائز ٿيل عملدارن هٿان بي گناهہ قتل ٿين ٿا . . . . . . “

” ’ ڪير قتل ٿيا آهن . . . . ؟“

”آءُ اجان جواب ڏيڻ وارو هوس تہ مرزا يوسف پيهر ڳالهايو:

” ’نوجوان مشهدي. . .‘ هن پيري سندس آواز پوائتو پئي لڳو: تون انهن پيءُ ۽ پٽ جي ڳالهہ ٿو ڪرين جيڪي ذات جا سميجا هئا؟“

” ’ها اهي نہ رڳو سميجا هئا پر هڪ منهنجو نانو آهي ۽ پيو منهنجو مامو . . . . . . .‘

”مرزا مُرڪڻ لڳو. ’بي وقوف نوجوان، هي ملڪ مغل سلطنت جو حصو آهي ۽ دنيا جي سڀ کان وڏي شهنشاهيت کي قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ انساني رت وهائڻ جي ضرورت هميشهہ رهي آهي. هي ۽ پيءُ پٽ مونکي خبر آهي تہ تنهنجا ڪيترا مائٽ هئا. پر اهي وڳوڙي مفسد ۽ حاڪم وقت جا منڪر هئا.‘

”آءُ چپ ٿي ويس ۽ وڌيڪ ڳالهائڻ نہ پئي اُڇهيو.

”جئين پلي فصل لاءِ هر ڏيڻ ۽ پاڻ ضروري آهي.‘ مرزا يوسف چوڻ لڳو. ’تئين ئي هڪ مضبوط حاڪميت لاءِ هڪ شاندار بادشاهت لاءِ انساني رت وهائڻ حد کان وڌيڪ زبان بند ڪرڻ ۽ اجائي سوچ کي سلب ڪرڻ ضروري آهي. ڪٽڪ جو فصل، پڪل فصل ڏٺو اٿئي نوجوان؟ سڀ سلا هڪ جيترا ۽ ڪي قدر جهُڪيل هوندا آهن. جيڪڏهن ڪو سلو، پنهنجي آسپاس ڦهليل سلن کان قد ۾ مٿيرو اپري ايندو آهي تہ پريان ئي ظاهر نظر ايندو آهي ۽ ڏاتو سڀ کان پهرين انهي سلي تي ڦرندو آهي رعيت ۾ بہ اهڙا ڪر ڪٽي هلڻ وارا شخص سڀ کان اڳ تلوار حوالي ٿيندا آهن.“

”پر سائين. . . . . مون همت ڪئي. اعليٰ حضرت شهنشاهہ هند ڪڏهن بہ عام ماڻهن جي قتلام لاءِ فرمان جاري نہ ڪيو آهي.“

’پٽ هيءُ عام ماڻهن جو قتلام ناهي.‘ مرزا يوسف جو لهجو نرم هو. ’هي تہ وڳوڙين ۽ باغي گروهن جا نمائيندا هئا ۽ تون هاڻ پنهنجي حيثيت کان گهڻو مٿي پيو ڳالهائين.‘

“مونکي سچ پچين تہ وڌيڪ ڳالهائڻ جي همت نہ ٿي ۽ سلام ڪري پوئتي موٽڻ لڳس پر ويندي ويندي ايترو ضرور چيم: ’سائين اوهان کي بهتر خبر هوندي پر اهي پئي بي ڏوهي مارجي ويا آهن.‘

”آءُ گهر موٽي آيس. مون پنهنجي ماءُ کي ٻڌايو تہ هوءَ ڏڪي ويئي ۽ مون کي ڀاڪر پائيندي چوڻ لڳي پٽ تون انهن ظالمن وٽ نہ وڃين ها. توکي پنهنجي پيءُ جي عزت ۽ پنهنجي سر جو خير ڪرڻ گهرجي.

“يار منهنجي ماءُ هڪ مڪمل عورت هئي. جيترو هن منهنجي والد کي پيار ۽ سک ڏنو اوتروئي خيال ۽ محبت مونسان ڪيائين. هوءَ ڪٽڪ رنگي ۽ ويڪري منهن ۽ وڏين اکين واري عورت هئي. جنهن جي اکين ۾ سڪ جا سمنڊ نظر ايندا هئا. اسان جون ايراني عورتون سبيتيون زالون بہ هن اڳيان ڪجهہ نہ هيون. پوءِ منهنجي ماءُ، منهنجي پيءَ اڳيان مون کان وچن ورتو تہ وري مرزا يوسف يا سندس ڪارندن سان ان باري ۾ نہ ڳالهائيندين. منهنجو پيءُ بہ انهيءَ خيال جو هو ۽ پنهنجي پير سنيءَ ڪري ۽ سندس اعليٰ نسل ڪري بہ هو مصلحت سان ڳالهائڻ لڳو. پر تنهن هوندي چوڻ لڳو: ’بابا رعيت تي ظلم جو هٿ ڊگهو ڪرڻ خرابيءَ جو ڪارڻ بنجي ٿو. هن سنڌ ملڪ جون حالتون وڃي انهيءَ حد تي پهتيون آهن جو انجي ماڻهن جو پچڻ وارو ڪونہ رهيو آهي ۽ اهي مظلوم ۽ بي واها بنجي ويا آهن.‘

” ’بابا سائين هڪ سوال ذهن ۾ اٿم.“ مون چيو.

”بابا مون ڏانهن نهاريو“

”سوال اهو آهي تہ ڇا اسين انهيءَ رعيت جو حصو ناهيون ۽ پي ڳالهہ تہ ڇا اسان عام ماڻهن تي نازل ڪيل بنا ڪنهن ڏوهہ ۽ حساب جي ظلم تي احتجاج نٿا ڪري سگهون ۽ حاڪمن جي اکين تي چڙهيل انڌ جي پٽي نٿا لاهي سگهون ـــ يا اسين رعيت جو حصو ناهيون.“

”بابا خاموش مون کي ٻڌڻ لڳو پر امان جي اکين ۾ خوف هو.“

”پٽ رعيت ۽ حاڪم ٻه الڳ الڳ ڳالهيون آهن.“ بابا سائين چوڻ لڳو، ’حاڪم تي فرض آهي ته رعيت جي جان مال ۽ عزت جي رکوالي ڪن، رعيت جو فرض آهي ته اطاعت ۽ فرمانبرداري جو مظاهرو ڪري. پر هت ڪجهه عرصي کان حالتون پنهي طرفن کان خراب ٿينديون پيون وڃن.‘

”بابا سائين اسين ڪهڙي خاني ۾ آهيون. رعيت منجهان آهيون يا حاڪم طبقي منجهان؟“

”پٽ اصل ۾ ته پاڻ پنهنجو وطن ڇڏي هڪ بهتر مستقبل لاءِ هن ملڪ منجهه آياسين. نه رڳو پاڻ پر اهڙا هزارين خاندان هت لڏي آيا. هيءَ سر زمين ڏاڍي سونهن ڀري آهي. هتي جو وهندڙ پاڻي مٺو ۽ صحت افزا آهي. ماڻهو ماڻهپي وارا ۽ محبتي آهن. هنڻ ته ائين ڪيپي ته جڏهن اسان وطن ڇڏي هت آيا آهيون ته هت جذب ٿي وڃون ـــ ماڻهن ۾ ۽ مٽي ۾. پر جيڪي آءُ ڏسان پيو سا ڏاڍي ڀيانڪ تصوير آهي. مونکي ۽ منهنجي خاندان کي هن ڌرتيءَ سان محبت ٿي پئي آهي ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ ٻه تنهنجي ماءُ سان ذڪر ڪيو هوم ته منهنجي مرڻ کان پوءِ مونکي دفن ٻه درياهه جي ڀرسان ڪجو ۽ سوچيان پيو ته شهر کان ٿورڙو ٻاهر درياهه ڪناري پنهنجي لاءِ جاءِ جوڙايان پر تنهنجو چاچو ۽ ٻيا امير راضي ناهن. چون ٿا ته شهر کان ٿورڙو ٻاهر ٻه اسان جي جان ۽ مال کي خطرو آهي.“

”اهو خطرو اسين ۽ ٻيا امير انهيءَ ڪري ٿا محسوس ڪريون جو اسين اجا ٻه پاڻ کي اوپرا سمجهون ٿا.“

”اهو ٺيڪ آهي.“ بابا چيو، ’پر اهي ڳالهيون ٻاهر پنهنجي چاچي يا ٻين اميرن، عملدارن يا رئيسن سان نه ڪجائين.

”منهنجو پيءُ اجا ٻه پاڻ کي پراڻي نسل جي نمائندگيءَ واري ڇار منجهان نه پئي ڪڍي سگهيو پر منهنجي ذهن ۾ ڪشمڪش جاري ٿي چڪي هئي.

”ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اهڙو واقعو ٿيو جنهن منهنجي سموري دنيا جا رنگ ڦيري ڇڏيا. امان کي پنهنجي ڳوٺ وڃڻو هو. اُت شايد سندس پيءُ ۽ ڀاءُ جو ختمو يا چاليهو ـــ هاڻ مونکي پوري طرح ياد ناهي. بابا سائينءَ پنهنجن ڪارندن ۽ چئن گهوڙيسوار محافظن کي ٻه تيار ڪيو پر منهنجي ذهن ۾ آيو ته آءُ پاڻ پنهنجا ناناڻا ڏسي اچان ۽ اهي پَٽَ ٻه گهمي اچان. بابا سائين تيار نه پئي ٿيو ۽ نڪي منهنجي ماءُ ٻه زور ڀريو ٿي پر منهنجي ضد ڪري ٻنهي ها ڪئي. امان ته خوش ٻه هئي. جئين مون شروع ۾ ٻڌايو ته منهنجي ماءُ سميجن منجهان هئي ۽ سميجن جو هڪڙو ڳوٺ سيوهڻ کان ٺيهه ٻٽيهه ڪوهن تي هو اتيئي اسان کي وڃڻو هو. رستي ۾ ڪابه خطري جهڙي ڳالهه مون کي نظر نه آئي. اسان جا محافظ اڳيان هئا. آءُ بابا سائينءَ جي عربي نسل واري ابلق گهوڙي تي سوار هئس ۽ پٺيان امان ۽ ان سان گڏ هڪ ٻانهيءَ جي سواري هئي. اسان جا محافظ سوار ڪجهه پريشان ۽ چوڪس هئا. چاڪاڻ ته انهن ڏينهن ۾ سرڪاري ماڻهو يا سپاهي ائين هرويرو هٿين خالي يا ٿوري تعداد ۾ ملڪ جي رستن تي سفر نه ڪندا هئا. آءُ پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو سيوهڻ شهر کان ٻاهر ٻهراڙيءَ ڏانهن ويس پئي.“

”شام ڌاري اسين پنهنجي منزل تي پهتاسين. رستن جا ڀيچرا، گهاٽا ڦهليل وڻ ۽ ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ پوکيل ميدان ۽ انهن جي ساوڪ مون کي ڏاڍي وڻي. اندر ڳوٺ منجهه سڀ ماڻهو اسان جي چوگرد ڦري آيا اسان جي محافظن کي ڳوٺ جي ٻاهران منهه منجهه ترسايو ويو. امان پنهنجين ڀائٽين، ڀاڻيجين، هڪ ڀيڻ ۽ ٻين مائٽن سان ڀاڪر پائي ملي ۽ اوڇنگارن جا آواز عرش تائين ٿي ويا. آءُ انهن سيني لاءِ نئون ماڻهو هيس. منهنجو رنگ ۽ روپ ٻه ڪجهه بدليل هو. ڳوٺ جا مرد سڀ مون سان مليا. امان ڪين ٻڌايو هي منهنجو پٽ آهي. ڳوٺ جي ماڻهن ٻه مونکي ڏوهٽي جهڙي عزت ڏني. جڏهن امان اکين ٻڌايو ته هي مرزا يوسف سان ٻه منهن مقابل ٿي آيو آهي ته سيني کي اچرج لڳي ويو ۽ منهنجي وڌيڪ خاطر مدارت ٿيڻ لڳي“.

”رات جو ڪچهريءَ جو اهتمام ٿيو. آءُ هڪ ٺپ شهري نوجوان هوس ۽ شعوري طور تي سنڌ ملڪ جي رواج روايتن کان پريرو هئس. تنهن ڪري مون کي اهي ڳالهيون ۽ ماڳ ڏاڍا قربائتا لڳا. مون سچي چمار حويلي منجهه عيش عشرت ۾ گذاري هئي. شمعدانن جي روشني اسان جي رات جو حصو هو. هت وچ ڳوٺ ۾ مچ ٻاري، چوڌاري ننديا وڏا اچي مڙيا. ڏينهن جو موسم اجا ڪي قدر گرم هئي لڱن کي چڳو پئي لڳو. ڪچهريءَ منجهه پنجاهي کن مڙسن جي هئي. ڪيترائي چوڪرا ۽ جوانڙا ٻه اچي گڏ ٿيا هئا. اچ هيترن سالن کان پوءِ مون

ڪي گهڻن همراهن جا نالا ياد نہ پيا اچن پر چاچو جئيندو ياد اٿم. وڏي عمر وارو ۽ اچي سونهاريءَ سان هو. انهيءَ چاچي جئيندي جيڪي حال اوريا تن منهنجا لڱ ڪانڊاري ڇڏيا. چاچي جئيندي ٻڌايو تہ وڏن جا ترخان حاڪمن سان سٺا تعلقات هئا. مرزا صالح ترخان تہ وٽائنن پرڏيو بہ هو ۽ سميجا هڪ صلح پسند ۽ سرڪار کي برابر ڍل ڏيندڙ قبيلو هو. پر هاڻ پنجويهہ ٽيهن سالن کان سندن قسمت ڦٽي آهي ۽ جڏهن سيوهڻ سرڪار منجهہ مغل صوبيدار آيا آهن تن مان ڪي تہ چڱا بہ هئا تہ ڪن اسان جا لاهہ ڪڍي ڇڏيا آهن.“

”چاچو جئيندو ڳالهين جو ڳهير هو. سڄي رات واهہ جي ڪچهري ڪيائين. آءُ شهري نوجوان مون کي اهڙين ڪچهرين جو ڪو تجربو ڪونہ هو. انهيءَ ڪري مون وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪا ٻي ڳالهہ هئي ڪانہ ۽ گهڙي گهڙي مون کان اهو پڇن تہ مرزا يوسف سان ڪئين سامهون ٿئين ۽ انهيءَ ظالم کي ڇا چيئہ. آءُ بہ خوش پئي ٿيس. اها ڪچهري، رات جي ٽئين پهر تائين هلي. تارا بہ آسمان تي لڙي ٻئي پاسي ٿيا. اوچتو ڳوٺ جي فضا ڪجهہ عجيب ٿي پئي. مرد هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا ۽ ڪجهہ ڊوڙ پائي ڳوٺ کي ڏنل لوڙهي تائين ويا. چاچو جئيندو ڏاڍو پريشان نظر اچڻ لڳو. گهرن ۽ مَنهن مان زالون بہ نڪري آيون. نيٺ چاچي جئيندي ڪجهہ ڳالهايو ۽ مون کي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ سڄي ڳوٺ کي گهوڙي سوارن گهيرو ڪري ڇڏيو آهي.“

”ڪير ٿي سگهن ٿا؟“ هڪ ڄڻي پڇيو.

”الله، الله جو رسول خير ڪري!“ منهنجي ماءُ دعا گهري.

” ٻہ ٽي مرد، جيڪي ڳوٺ کان ٿورڙو ٻاهر تائين ويا هئا، سي موٽي آيا، ”مرزا يوسف جا سپاهي آهن.“

”ڇا ٿا چاهين؟“ چاچو جئيندو فڪرمند نظر آيو پئي.

”خبر ناهي.“

”سپاهين جي گهيري جي خبر سڄي ڳوٺ ۾ ڦهلجي ويئي. زالن منجهہ خوف ڦهلجي ويو. ننڍن ستلن ۽ جاڳيل ٻارن کي هڪ پاسي ڪيو ويو ۽ مرد سمورا ڳوٺ جي وچ ۾ اچي بيٺا. مردن پنهنجا پنهنجا هٿيار ۽ ڏنڊا ڪُتڪا سنڀاليا. امان مون کي اندر مَنهہ ۾ لڪڻ لاءِ چوڻ لڳي. پر مون انڪار ڪيو ۽ اتيئي ٻين مردن سان بيٺو رهيس ۽ منهنجي سمجهہ ۽ عقل کان ٻاهر هو تہ ڪو سيوهڻ سرڪار جا سپاهي ائين ڳوٺ کي گهيرو ڪري راتو واهہ قتلام شروع ڪندا. منهنجي ذهن ۾ اڃا بہ انسانيت ۽ انسان جي اخلاقي قدرن جا اهڃاڻ موجود هئا. سو مون کي پڪ هئي تہ اهڙو ڪڌو ڪم نہ ٿيندو. ايتري ۾ ڪجهہ پنڌ کان ڪجهہ آواز اچڻ لڳا. مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو. ڪجهہ مرد لوڙهي کي ويجهو ٿيڻ لڳا. نيٺ ڳالهہ صاف ٿي ۽ ٻہ ٽي مڙسالا ڳوٺ کي ڏنل لوڙهي منجهان ٻاهر ويا ۽ گهوڙي سوارن کان سندن سڃاڻپ ۽ منشا پُڇي. گهوڙي سوار سپاهي، مرزا يوسف جا موڪليل هئا. سندن مطالبا اهي هئا تہ ويهہ مغرور سميجا سندن حوالي ڪريو، جن ۾ مونکي هاڻ فقط چاچي جئيندي جو نالو ياد آهي. سپاهين جي اڳواڻ چيو تہ اسان کي اهي گهربل ماڻهو زندهہ ڏيو يا مرده يا پاڻ سندن سر وڍي موڪليو پر حڪم جي تعميل ٿئي نہ تہ صبح تائين انهي ڳوٺ ۽ رهواسين جو وجود ڌرتيءَ تي نہ هوندو. يار عجب تڪبر هو ۽ اهڙو موقعو منهنجي لاءِ بلڪل نئون هو. منهنجي ذهن ۾ بہ خوف طاري ٿي ويو. آءُ تلوار هلائڻ تہ سکيل هوس پر ڪڏهن بہ ڪنهن انسان کي مارڻ جي نيت سان تلوار نہ کنئي هيم. ڳوٺ ۾، مون اڳ ۾ عرض ڪيو تہ پنجاهين کن ڇوڪرا يا مرد هئا باقي سڄو ڳوٺ زالن ۽ ٻارن سان پريو پيو هو.“

”پوءِ فجر تائين گهيرو قائم هو ۽ ڪجهہ مڙسالا آيا ويا پئي ۽ جن اچي ٻڌايو تہ سپاهين جا ٻہ دستا، جن ۾ سؤ کان متي هٿياربند سوار شامل آهن، ڳوٺ کي گهيرو انهيءَ ڪري ڪيو آهي تہ سندن مخبر مطابق ڪجهہ گهربل سميجا اُت لڪل آهن. پوءِ مونکي خبر پئي تہ واقعي ڪجهہ اهڙا همراهہ هت موجود هئا پر ڪالهہ شام جو هتان موڪلائي روانا ٿي چڪا هئا. مون کي حيرت انهيءَ ڪري ٿي تہ چاچي جئيندي جهڙي پيرسن کي بہ وڳوڙي سمجهي هو قتل ڪرڻ چاهين ٿا. وچ وارن ڳالهين کان پوءِ سپاهين انهيءَ ڳالهہ تي رضامندي ڏيکاري تہ جيڪڏهن ڳوٺ جي تلاشي ورتي وڃي ۽ پوءِ سندن گهربل وڳوڙي ملي نہ سگهيا تہ سپ سپاهي بنا ڪنهن خون خرابي جي واپس هليا ويندا. اها ڳالهہ منهنجي ماءُ جي مائٽن کي قبول نہ هئي تہ مغلن جا گهوڙي سوار سپاهي ڳوٺ جي گهر گهر جي تلاشي وٺن ۽ سندن ننگن اڳيان اها بيهودگي ڪن. آخرڪار

ڪاڳ خير جي ڳالهه نه تي سگهي ۽ جڏهن مرزا يوسف جا گهوڙيسوار سپاهي ڳوٺ ڏانهن وڌڻ لڳا ته سميجن جا هڙئي پوڙها توڙي جوان مرد، جيڪي به وٽن هٿيار هئا سي کڻي بيهي رهيا. عورتن ۾ عجيب صورتحال هئي. منهنجي ماءُ مون کي چوڻ لڳي پٽ ڪوشش ڪر ته پاڻ ۾ هتان نڪري هلون يا تون ئي پاسو ڪندڳ وڃي پيچي نڪر نه ته تنهنجو پيءُ مون کي ڏوهي قرار ڏيندو. آءُ به ڪونه چاهيندس ته منهنجو سون جهڙو جوان پٽ بگهڙن جي ور چڙهي وڃي. امان جي اها ڳالهه مون کي منظور نه هئي. مون صفا جواب ڏنو ۽ چيم ته جيڪڏهن الله طرفان حياتي آهي ته اوهان سيني سان گڏ جيئندس ۽ جيڪڏهن موت هن ئي ڳوٺ ۾ لکيل آهي ۽ مغل سپاهين هٿان لکيل آهي ته پوءِ به پرواهه ناهي. پنهنجي ماءُ سان گڏ آهيان. اهڙا جواب ٻڌي به منهنجي ماءُ خوش نه هئي ۽ نيٺ جڏهن سپاهي اسان جي سامهون اچي بيٺا ته مون سندن اڳواڻ کي سجاتو ۽ رڙ ڪري پڇيائين ڇا تون به هنن وڳوڙين ۽ حڪومت جي باغين سان ملي باغي بڻجي چڪو آهين؟"

"مون کيس جواب ڏنو: نه! آءُ باغي ناهيان پر هي ڳوٺ منهنجي ماءُ جو آهي اوهان جيڪڏهن منهنجي ماءُ جي ڳوٺ ۽ ماڻهن کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ آيا آهيو ته سندن ساٿ ڏيندس."

"خرم بيگ ۽ منهنجي وچ ۾ پي به وڏ واڪي ڳالهه ٻولهه ٿي پر ان جو ڪو به ڪڙ تيل نه نڪتو ۽ آخرڪار مغلن جي سپاهين ڳوٺ وارن تي حملو ڪيو ۽ آءُ به ڳوٺ وارن سان گڏ انهيءَ جنگ ۾ جنبي ويس. ڪجهه ويرم کان پوءِ منهنجو مهاڏو خرم بيگ سان ٿيو. جيتوڻيڪ هو قد بت ۽ طاقت ۾ مون کان وڌ هو پر هن جو موت منهنجي هٿان لکيل هو ۽ هو جيئن ٽڙي ڪريو ته منهنجي ترار سندس سسي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏي. آءُ پاڻ ڌڪي ويس. ڪيترن ئي مغلن اهو لقاءُ ڏٺو. هو مون کي به چڱي طرح سڃاڻندا هئا. پر ان وقت افراتفري منجهه ٻئي ڪنهن سپاهي مون ڏانهن قدم نه وڌايو ۽ گهوڙن جي قدمن ۽ انسانن جي ويڙهه منجهه اڏاميل ڌوڙ ۾ سڀ ڪجهه صاف نظر نه پئي آيو ۽ ائين اوڏي مهل مون کي ڪنهن ڪلهي کان جهلي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. مون ڪنڌ موڙي ڏٺو ته منهنجي ماءُ هئي سندس هڪ هٿ ۾ ترار هئي ۽ مون کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چوڻ لڳي. آءُ رت ۾ ٻڏل ترار سان ساڻس گڏ ٽڪرو ٽڪرو هلي ڳوٺ جي پوئين پاسي آيس ۽ ات ٻه گهوڙا بيٺا هئا ۽ هڪ بابا جو محافظ پڻ گهوڙي تي سوار هو. وڌيڪ ڳالهائڻ يا سوچڻ جي مهل نه هئي. اسين ماءُ پٽ ٻه گهوڙن تي چڙهياسين ۽ هڪ ٻئي رستي کان سيوهڻ ڏانهن روانا ٿياسين. ڳوٺ ۾ اڃا جنگ جاري هئي. اسان کي پوئتي رکو اڏاميل دز نظر اچڻ لڳي. ڏينهن جي ٽيئن پهر سيوهڻ پهتاسين.

"دوست اُها سڄي رات، پنهنجي گهر جي تهه خاني منجهه بابا سائين امان ۽ ڀين ياتين جاڳي صبح ڪيو ۽ سيني جي ذهنن منجهه اهو خوف سمايل هو ته هاڻ ڇا ٿيندو؟ منهنجي ذهن تي خوف ائين ڇانيل هو ڄڻ آسمان ۽ ڌرتيءَ تي ڪوهيڙو ڦهليل هجي ۽ لڱن ۾ رکي رکي ڇٽڪون پئي محسوس ٿيون. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن انساني رت ۾ ترار ڪانه ٻوڙي هئي ۽ ڪالهوڪو واقعو، خرم بيگ جي ڌڙ کان ڌار ٿيل سسي ۽ ڳوناٽي ڌوڙ منجهه جنگ ۽ واڪا ۽ دانهون ـــ سڀ منهنجي دماغ ۾ ڦري رهيا هئا. ماڻهو، ماڻهو جي رت جو پياسو ڇو ٿو ٿئي؟ هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ کي ۽ هڪ گروهه ٻئي گروهه کي يا هڪ قوم ٻئي قوم کي ڇو ٿي شڪست ڏئي؟ ڇو ٿي نيست نابود ڪري؟ ڇا انسان ذات جي ارتقا ۽ تاريخ جي وهڪري کي اڳتي وڌڻ لاءِ جبر جو مظاهرو ۽ قوت جو استعمال ڪرڻ ضروري آهي. ڇا ڌرتيءَ تي سک ۽ سانت، امن ۽ آشتيءَ جو دائمي دور نه ايندو؟ ڇا اڳتي هلي اسان کان به صديون پوءِ، انسان ايترو ساڃاهه وارو ۽ عقل مند ٿي ويندو جو هو شعوري طور تي جبر ڏاڍ ۽ ڌڪاءُ جو استعمال بند ڪري ڇڏيندو؟ مون انهيءَ ڳالهه تي نهايت ويچار ۽ غور ڪيو آهي پر يار جنهن نتيجي تي پهتو آهيان سو ڏاڍو مايوس ڪندڙ آهي. مون کي انسان جانورن کان به وڌيڪ جانور لڳو آهي. قدرت جانور کي هڪ طرفي فطرت بخشي آهي. نانگ جو ڪم ڏنگ هڻڻ آهي ۽ شينهن بگهڙ جو ڪم چيرڻ ڦاڙڻ آهي. پر انسان جون صفتون انيڪ آهن ۽ انسان کي عطا ٿيل شعور سندس فطرت کي اهڙيءَ طرح ظاهر ڪري ٿو جنهن مان کيس وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ٿئي. حرص ۽ لالچ انسان جي فطرت جا اهم حصا آهن جيڪي قدرت چيريندڙ ڦاڙيندڙ ۽ ڏنگيندڙ جانورن کي به عطا نه ڪيا آهن. مطلب ته بقا هر انهيءَ مخلوق جي آهي جيڪو طاقتور آهي ۽ طاقت جو استعمال ڄاڻي ٿو. جيڪو طاقت جي استعمال سان اڳتي وڌي سگهي ٿو سو وجود برقرار رکي ٿو ۽ باقي ختم ٿيڻ لاءِ آهن. انسان طاقتور به آهي ته طاقت جي استعمال جو ڏانوَ ۽ طور

طريقا به ڄاڻي ٿو ۽ ايجاد ڪري وٺي ٿو. حاصل مطلب ته زور آور برقرار آهي ۽ هيڻو هلاڪ ٿي وڃي ٿو. اهوئي زماني جو ازل کان دستور آهي.

”اسان اها رات ته ڏاڍي خوف ۽ بي يقيني سان گذاري. صبح جو سوير اڃا سج به نه اڀريو هو ته بابا جا ڪي گهڻگهرا دوست وٽس آيا ۽ ڪيس ٻڌايائون ته مرزا يوسف کي رات دير سان اها خبر پئجي ويئي آهي ته سندس ڀاڻيجو خرم بيگ منهنجي هٿان ڪُسجي ويو آهي. سيني جي صلاح اهائي بيٺي ته سيوهڻ کي يڪدم ڇڏجي نه ته صبح جو اڀرندڙ سج الائي ڪهڙا قهر پاڻ ساڻ گڏ آڻيندو. جيڪو ڪجهه ٽڪڙ ۾ کڻي سگهياسين سو ساڻ کنيوسين. ٽن گهوڙن تي سامان رکيل هو. ٽن گهوڙن تي امان، بابا ۽ آءٌ سوار ٿياسين ۽ باقي ڇئن گهوڙن تي اسان جا پراڻا نمڪخوار خدمت گار هئا جن مان هڪ ايراني، هڪ ترخان ۽ ٻه امان جي خاندان منجهان سميجا هئا. مون پنهنجي هيڏي ساري زندگيءَ ۾ انهن ڇئن ئي کي پنهنجي حويليءَ منجهه خدمت ڪندي ڏٺو هو. سياري جي موسم جي شروعات هئي. درياهه ۾ پاڻي گهٽ هو ۽ اسان سيوهڻ کان ٿورڙو اتر ڏي هلندي، هڪ هنڌان درياهه اُڪري پار پياسين ۽ لاڪاڻ جي ٻيلن ۾ گهڙياسين. سڄو ڏينهن ٻيلي ۾ هلندا رهياسين. شاباس آهي منهنجي ماءُ کي جا زال ذات هوندي به سڄو ڏينهن رات، ٻيلي جي مسافت ۾ اسان مردن سان گڏوگڏ هئي. سڄي ڏينهن جي مسافت ۾ اسان ڪجهه پنڌ پرتي نڪري وياسين. بابا جي مرضي هئي ته اسان بکر سرڪار ڏانهن هلون ته اُتي محفوظ رهنداسين.

”پهرين رات اسان کي وچ ٻيلي ۾ پئي. بابا هڪ هنڌ، ٿورڙو مٿيرو ۽ صاف سترو ڏسي اُتي ڏاپو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. گهوڙن تان سامان لاٿو ويو ۽ ڪجهه چادرون وڇايون، اسان ويهي رهياسين. پريان اولهه ۾ سج لهڻ جو منظر صاف نظر آيو پئي. اسان کي به چوطرف کان گهاٽي وڻڪار هئي. رڳو هڪ ڪنڊ کان ٿورڙا ڇدا وڻ هئا جتان سج جي روشني نظر آئي پئي. بابا وڏي عمر جو هو ۽ سڄي ڏينهن جي گهوڙي سواري ۽ خوف ڪري ڏاڍو ٿڪل نظر آيو پئي. خادمن سڪل ڪاٺيون گڏ ڪري ٿورڙي باهه ٻاري. سج لهڻ سان اوندهه ۽ سردي به وڌڻ لڳي. اسين سڀ سڄي ڏينهن جا ٿڪايل هئاسين، مون ۽ امان ته هڪ رات اڳ به سڄي رات سفر ڪيو هو. پر ڪجهه پيٽ ۾ پوڻ کان پوءِ، ٻُت ۾ ساهه پيو. بابا ٽيڪ ڏيئي ويٺو ۽ امان ڪيس زور ڏيڻ لڳي. پرسان آءٌ ليٽيو پيو هوس. پرتي اسان جا خادم پاڻ ۾ مڇ ٻاري ڪچهري ۾ رُڌل هئا.

”بابا، انسان، انسان کي ڇو ٿو ماري؟“ منهنجهي ٻاراڻي ذهن ۾ سوال اُڀريو.

”بابا مون ڏانهن ڏٺو ۽ چيو: ’بابا انسان جت امن جو علمبردار آهي ات ظلم جو اوڙاهه به آهي. اوڙاهه جڏهن ٻرندو آهي ته ان جا اُلا ته ساڙيندا آهن پر سيڪ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. هن وقت منهنجي عمر سٺ کان مٿي هوندي مون چاليهه پنجيتاليهه سال سنڌ ۾ گذاريا آهن. هن ملڪ ۾ جڏهن آيو هوس ته اڃا ٻار هئس. پوءِ پنهنجن وڏن سان گڏجي واپار تي زور رکيم. الله جي مهرباني آهي ته مون پنهنجي حياتي ڏاڍي سک ۽ آرام سان گذاري آهي. هن ڌرتيءَ جان مون تي وڏا ٿورا آهن. هتي جي ماڻهن مون کي سُک ڏنا. عزت ۽ اڪرام ڏنو. سڀ کان وڌ پنهنجي جگر جو ٽڪر ڏنو جيڪو منهنجي جيءُ جو حصو بنجي پيو. آءُ پنهنجن هم وطن دوستن سان ڪچهريءَ ۾ هن ڌرتي ۽ ماڻهن جي ساراهه ڪندو آهيان ته اسان کي به هن ڌرتيءَ ۽ ماڻهن سان پائرن وانگر هلڻ کپي، حالڪمن وانگر نه. هيءَ ڌرتي ماءُ جي هنج وانگر آهي ۽ هتي جي ماڻهن ۾ سڀ کان املهه شيءَ پاڻپي ۽ ان جو اظهار آهي. جت انسان کي روزگار ۽ عزت ۽ مناسب اجهو ملي ٿو اهوئي وطن آهي ۽ انهيءَ وطن سان ڪڏهن به بيائي نه ڪرڻ کپي. باقي هيءَ وسيع دنيا آهي. ماڻهو هڪ هنڌان ٻئي هنڌ لڏندا رهندا آهن. ڪڏهن واپار سانگي، ڪڏهن علم خاطر ته ڪڏهن دنياوي حالتن هيٺ. اها لڏپلاڻ انسان جي ارتقا ۽ سماجي ترقيءَ جي واڌ جي نشاني آهي. پر لڏپلاڻ جي نتيجي ۾ اڳرائي ۽ جارحيت نه هئڻ کپي. انساني رت وهائڻ نه کپي. ڏاڍ جي زور تي قابض نه هئڻ کپي. پر پٽ هيءَ دنيا ڏاڍي ڏکي ۽ ظالم آهي. مون جيڪي ظلم ويجهڙائي ۾ مرزا يوسف جا ڏٺا آهن سي هن ڌرتيءَ تي نئين ڪربلا مثل آهن. پٽ سيوهڻ جو شهر پريل پُڪيل، واپار جو مرڪز هو. ماڻهو مٺا ۽ قربائتا جيءُ ۾ جايون ڏيڻ وارا هئا. هاڻ شهر تباهه ۽ برباد ٿي ويو آهي. شهر جا اصلوڪا ماڻهو، ڪجهه اڳ مغل صوبيدارن ڪري ۽ باقي هاڻ مرزا يوسف جي سفاڪي ۽ بيپناهه ظلمن ڪري، شهر ڇڏي جهنگن ڏانهن هليا ويا آهن. انهن مان جيڪي ڪجهه طاقت رکن ٿا سي ته ڪڏهن ڪڏهن مهاڏو اٽڪائين ٿا. مرن ٿا مارين

ٿا. باقي ٻي خلق خدا جي، جن ۾ ڪمي ڪاسبي، ننڍا وڏا واپاري عام درجي جا شهري ماڻهو شامل هئا سي سڀ گذريل ڏهن پندرهن سالن ۾ سيوهڻ شهر مان لڏي ويا. سندن گهر ڀڙڀانگ لڳا پيا آهن. ڪي ڊهي پيا. ڪي ڊهڻ تي آهن. ٻڌو اٿم ته ٺٽو شهر به تباهه ۽ برباد ٿي ويو آهي. لکن جي آبادي وارو شهر هاڻ چند هزارن ۾ وڃي بچيو آهي. اتي جا مدرسا توڙي ڪارخانا سڀ ختم ٿي ويا. منهنجو هڪڙو دوست ايران مان ٺٽي ويو هو ۽ پوءِ واپسي تي پاڻ وٽ سيوهڻ ۾ به آيو هو. تنهن گذريل سال ٻڌايو هو ته ڪيس ٺٽي شهر جي عظمت، علم ۽ واپار جي مرڪز هئڻ تي يقين ناهي. ماڻهو چون ٿا. تي سگهي ٿو، سنڌ جو ٽيون شهر نصرپور به چون ٿا، بيگلارن جا پويان تباهه ڪن پيا. هيڏو وڏو لاهري بندر هو سو به چون ٿا ختم ٿي ويو آهي. هاڻ پرڏيهي غوراب ته ڇا پر پنهنجا ٻيڙا به نظر نٿا اچن.

” ’بابا اها ڇو ٿي آهي؟‘ مون سوال ڪيو، ’ڇو شهر ائين تباهه ٿي ويا آهن.‘

’پٽ جڏهن ٻاهريان ماڻهو هت حاڪم بنجي آيا ته انهن پنهنجي حڪومت ۽ قبضو مضبوط ڪرڻ لاءِ هر انهيءَ رڪاوٽ کي ختم ڪرڻ شروع ڪيو جن مان کين ٿورڙي نقصان جو به انديشو هو.‘

” ’بابا جڏهن هو حاڪم بنجي ويا ته پوءِ رڪاوٽ ڇا جي هئي؟‘

” ’پٽ خون خرابي ۽ جنگ ڪٽڻ کان پوءِ ملڪ تي قبضو ته ٿي ويو پر پوءِ انهيءَ قبضي کي برقرار رکڻ جا طور طريقا اختيار ڪرڻا پون ٿا. ٺٽي جي ارغون ۽ ترخان حاڪمن ۽ مغل صوبيدارن، مڪاني شهري ماڻهن کي ڇاڙي واڙي تباهه ڪيو. سندن واپار ۽ عزتن جي پويان ڪاهجي پيا. ڪنهن به سفيد پوش ماڻهو جو جيئڻ جنجال بنجي پيو. حاڪمن پنهنجي زبان فارسي مڙهڻ ۾ ايترو ته جبر جو ڪم ورتو جو عام ۽ خاص ماڻهو، سرڪاري عملدارن اڳيان پلجي به پنهنجي زبان ۾ نه ڳالهائيندا هئا. هڪ واقعو مشهور آهي. جت ڪٽ ٿهلجي ويو هو ته مرزا باقيءَ جي نوابي واري دؤر ۾ ٻه نوجوان ڇوڪرا شهر ۾، وڏي چؤنڪ وٽ سنڌي ڳالهائي رهيا هئا. سرڪاري سپاهين کين پڪڙي ورتو ۽ سڌو قاضيءَ جي عدالت ۾ وٺي ويا ته هي نوجوان سرڪاري زبان فارسيءَ جي مخالفت ڪري رهيا هئا ۽ پنهنجي ديسي ٻوليءَ جي حمايت ڪري، ملڪ ۾ وڳوڙ ڦهلائي رهيا هئا. قاضيءَ دير نه ڪئي ۽ فيصلو ڏنو ته ٻنهي نوجوانن کي عوام آڏو، زبانون ڪپي، پوءِ ڦاهيءَ تي چاڙهيو وڃي ته جيئن ماڻهو عبرت وٺن. پوءِ ائين ئي ٿيو ته ديسي زبان ڳالهائڻ جي ڏوهه ۾ زبانون تارون وٺان ڪپجي ويون ۽ جوان ڦاهيءَ تي چڙهي ويا. پوءِ پٽ، اهڙيءَ ريت ٺٽو شهر اصلوڪن ماڻهن خالي ڪرڻ شروع ڪيو ۽ سڀ ماڻهو ڏنڊا ڏاڙي ڇڏي ڀهراڙين، ڪوهستان ۽ ريگستانن ڏانهن ويا هليا ته جيئن پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي جان بچائي سگهن. ٺٽي شهر جو ياڳ ڦٽو جو اصلوڪا ماڻهو ويا ته ارغون ۽ ترخان به مغلن جي اچڻ کان پوءِ، پنهنجو مال ۽ سامان ڪٽي لڏڻ لڳا. مون ته ڪونه ڏٺو آهي پر ٻڌو اٿم ته شهر ۾ باغ اجڙي ويا آهن ۽ شاندار جڳهيون ڊهي پيون آهن.‘

”بابا ڳالهائي رهيو هو. منهنجو پيءُ تمام آهستي ۽ نرم آواز منجهه ڳالهائيندو هو. امان برابر ڪيس زورن ڏيڻ ۾ مصروف هئي ۽ اهي ڳالهيون به ٻڌي رهي هئي. چؤطرف اوندهه ۽ سانت هئي. پريان ۽ ڪنهن مهل ويجهو به جيت جڙي جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا پئي. پريان اسان جا خدمت گذار اڃا تائين ٻاريل مچ تي ڪچهريءَ منجهه رُڌل هئا.

”بابا مون ٻڌو آهي ته ٺٽو شهر تباهه ٿي ويو آهي ۽ ماڻهو گهڻو ڪري لڏي ويا آهن.“ مون چيو.

”ها بابا نه رڳو ٺٽو،“ بابي وراڻيو، ”پر پنهنجي شهر سيوهڻ کي به تباهه ڪري ڇڏيو اٿن. ڪتي آهن اهي معتبر ۽ سرنديءَ وارا ماڻهو —— عاليشان ڪاريگر ۽ علم ادب وارا ماڻهو ——— سڀ مغل عملدارن جي خوف کان شهر ڇڏي ڇڪا آهن. شهر جا هيٺين طبقي جا غريب ڪمي ڪاسبي به جان ۽ عزت جي خوف کان شهر ڇڏي ڇڪا آهن. گذريل ڪجهه سالن ۾ ته ظلم جي انتها ٿي چڪي آهي. مرزا يوسف جي اڳيان مون کي حجاج بن يوسف ته هڪ ننڍڙي شاگرد وانگر لڳي ٿو. مرزا يوسف نه رڳو شريف ۽ معتبر ماڻهن جون پڳون لاهرائيندو هو پر غريب غربو به سندس ظلمن کان بچيل نه هو. روز ٻه ٽي سؤ ماڻهن جي ڇهبڪن سان کل لاهرائيندو هو. اهو سڄو تماشو سندس وندر ۽ تماشي لاءِ ٿيندو هو. پٽ مغل جاگيردار احمد بيگ جي پاءُ مرزا يوسف کي جنهن به ماڻهوءَ بابت ڪا خبر پوندي هئي ته هو شاهوڪار مالدار آهي ته ان تي ڪوڙا الزام

مڙهي سرڪاري ڪارندن ذريعي گهرائي، اهڙا ته ڦٽڪا هٽائيندو هوس جو پوءِ هو پنهنجي سڄي ملڪيت جي ضبط ٿيڻ تي ڪجي نه سگهندو هو. نه رڳو مردن سان پر مالدار عورتون به ڪانئس وانجهيل نه هيون. ماڻهن جي ڌن دولت ۽ مال يعني گهوڙا اٺ ۽ ڍڳيون ٻڪريون سڀ زور تي سرڪار جي حوالي ٿيندو رهيو آهي. رستن ـــ خشڪي توڙي درياهي، سين هنڌ سندس ڪارندا بيٺا آهن. واپارين کان ته ٺهيو پر عام ماڻهو به جيستائين محصول نه ڏئي تيستائين هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تئو پهچي سگهي. درياهه منجهه خالي توڙي پريل ٻيڙي جيسين محصول نه تي ڏئي، ان کي هلائڻ جي اجازت ناهي. توکي شايد خبر هوندي ته سال ٻن کان ٻاهريان سوداگر سيوهڻ تئا اچن ۽ جيڪي اڻ چاٽاپ ۾ اچن تا ته انهن کي زبردستي نه رڳو ڳرا محصول پرڻا پون ٿا پر ڪين لازمي طور تي پنهنجو قيمتي سامان پيڳڙن مٺ وڪڻو پوي ٿو. ڪيترائي واپاري مرزا يوسف کي وڏيون رشوتون ڏيئي، جان ڇڏائي ۽ مان بچائي سيوهڻ مان پيچي نڪرندا آهن. پٽ وڏيڪ چا ٻڌايان شرم جهڙي ڳالهه آهي ته هيڏي وڏي مغل خاندان جا فرد تي، شهنشاهه شاهه جهان جا ويجها عزيز تي، تڏهن به بد ذات ڪمينن، بدمعاشن ۽ چورن کي پاڻ وٽ ويهاري ويٺا آهن ۽ شل نه مرزا يوسف کي ڪٿڪ پئجي وڃي ته فلاڻي شهر يا ڳوٺ ۾ ڪنهن ماڻهو وٽ دولت يا چوپايو مال آهي ته اهي بدمعاش ۽ ڌاڙيل مٿن ائين ڇڏيندو هو جڻ شڪاري ڪتا هجن، جڻ بگهڙ هجن. ڪجهه ڏينهن اڳ مرزا يوسف الائي ڪٿان جواري گهرائي شهر ۾ ويهاريا ۽ شايد ئي ڪو شهري هو جنهن جا کيسا خالي نه ٿيا هجن. شهر جا شريف ۽ عابد زاهد ماڻهو روز ڪمينن هٿان ذليل خوار ٿيندا هئا. مرزا يوسف اهو ڏسي ۽ ٻڌي خوش ٿيندو هو. ماڻهو ويچارا حاڪمن اڳيان ڪوڪاري به نه پيا سگهن. پٽ مفتوح قوم هجڻ هڪ نهايت ذلالت جوڳي ڳالهه آهي. شهر کان ٻاهر ٻهراڙين ۾ ته ان کان به وڌ ظلم رهيو آهي. اڃا فصل مس پچي راس ٿيندو ته مغل جاگيردارن جا ڪارندا پهچي ويندا هئا ۽ جمع بندي ائين ٿيندي هئي جو اپترو محصول سرڪاري اوڳاڙيندي هئي ته ويچارا هاري زميندار رت جا ڍڪ پي ماٺ تي ويندا هئا. پرسال جڏهن سوڪهڙي ڪري گهٽ هنڌ فضل ٿيو ئي ڪو نه ته به محصول اوڳاڙيندڙ پهچي ويا. ماڻهو ويچارا گهر گهاٽ ڇڏي پڃي ويا ته به مرزا يوسف جي حڪم مطابق انهن ماڻهن جو پيڇو ڪري ڪين لُٽيو ويو ۽ پويان سندن ڳوٺن جا ڳوٺ تباهه برباد ڪيا ويا.'

”بابا ڳالهائيندو رهيو. امان چپ پنهنجي پتار کي زور ڏيندي رهي ۽ منهنجو سڄو ذهن ۽ ڪن بابا جي گفتار ڏانهن هئا. رات گهڻي تي چڪي هئي. پوءِ ٿورڙي دير ۾ اسان کي ننڊ اچي ويئي. هوڏانهن پريان مڇ ٻرندو رهيو ۽ ٻه خدمتگار ليٽيا پئا هئا ۽ ٻه ويٺا هئا. اوچتو مون کي پنهنجي ماءُ اٿاريو ۽ آءُ هڪ اڻ چاتل خوف سان جاڳي پيس. امان جي چهري تي سخت پريشاني هئي. پريان ويٺل ٻه خدمتگار بابا کي ٽيڪ ڏيو ويٺا هئا ۽ باقي ٻه ڇٽا اتي مڇ وٽ ئي بيٺا هئا. مون کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته ڇا ٿيو آهي. نيٺ مون ويجهو وڃي پڇيو ته مان مون کي ٻڌايو ته بابا کي نانگ ڏنگيو آهي ۽ بابا جي حالت صحيح ناهي. ٿورو پريرو نانگ مئو پيو. منهنجي پڇا تي معلوم ٿيو ته بابا ستو پيو هو ته نانگ کيس ڳچيءَ کان ٿورو هيٺيرو ڪاپي هسليءَ واري هڏيءَ جي پرسان ڏنگيو هو. پريان ٻريل مڇ جي روشنيءَ ۾ بابا جو منهن ڳاڙهو ۽ تڪليف پريو نظر پئي آيو. اسين سڀ اُن وقت ۽ اُن حالت ۾ ڇا ڪري سگهياسين ٿي . بابا جو ايراني خدمتگار زخم منجهان گهٽوئي رت چوسي ٻاهر اوتيو هو پر لڳو ائين پئي ته ڏنگ جو اثر سڄي جسم ۾ ڦهلجي رهيو هو. بابا جي سگهاري بدن ۾ ڪمزوري وڌي پئي. اڃا سج ابرڻ ۾ ڳچ وقت هو. امان به پريشان هئي مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڪريان. ٿوري دير کان پوءِ اسان جو ترخان خدمتگار سامهون اوندهه ۾ گم تي ويو ۽ گهڻي وقت کان پوءِ جڏهن موٽيو ته هو ڏاڍو حيران پريشان نظر آيو پئي. بابا، جيئن وقت گذريو پئي تيئن سندس طبيعت خراب تي پئي. امان ۽ آءُ تمام پريشان هئاسون ته رب اسان کي ڪهڙي امتحان ۾ وڌو آهي. ترخان خدمتگار نهايت پريشاني واري انداز ۾ ٻڌايو ته مغل جاگيردار جا سپاهي ٿورڙئي پنڌ تي آهن ۽ جيئن ئي صبح ٿيو ته اسين سندن نيزن ۽ ترارن جي سامهون هونداسين. بابا جي طبيعت جيئن پوءِ تيئن بگڙجندي پئي ويئي. مون پنهنجي بهادر ماءُ جي اکين ۾ پهريون ڀيرو لڙڪ ڏٺا ۽ مون کي ائين پئي محسوس ٿيو جڻ مون ۾ ست ناهي. طاقت ختم ٿي ويئي. ڪجهه به نٿي ڪري سگهيس. ڇئني خدمتگارن فيصلو ڪيو ته اسان کي ڪنهن به صورت هتان نڪرڻ کپي. پر بابا جي لڱن ۾ نانگ جي زهر ڦهلجڻ ڪري اهڙي سگهه ئي نه هئي ته ڪو هو وڌيڪ سفر ڪري سگهي. نيٺ بابا ئي مسئلو حل

ڪيو ته منهنجي ماءُ آءُ ۽ هڪ سميجو خدمتگار يڪدم اوندهه جو فائدو وٺي ٻيلي مان نڪري واپس درياهه پار ڪري، جت به منهنجا ناناڻا هئا اُت پهچون ۽ تيسين بابا به اتي اچي پهچندو. آءُ بابا کي ائين ۾ اهڙي حالت ۾ ڇڏڻ لاءِ بلڪل تيار نه هئس. نيٺ بابا پيهر حڪم واري انداز ۾ مون کي چيو ته تون ٻي سمجهه آهين. مغل سپاهي تنهنجي ۽ تنهنجي ماءُ جي ڳولا ۾ آهن. تو ئي مرزا يوسف جو پاٽيجو ماريو آهي. تون چاهين ٿو ته آءُ پنهنجي سامهون جوان پٽ جي جسم جا ڳترا ڳترا ٿيندو ڏسان ۽ پنهنجي زندگيءَ جي ساٿيءَ کي ظالمن جي هٿان ڪسندو ڏسان.'

"آخرڪار اسان گهوڙا تيار ڪياسين. آءُ، امان ۽ هڪ سميجو خدمتگار نئين منزل ڏانهن روانا ٿياسين. اهو موڪلاڻيءَ وارو منظر ڏاڍو ڏکيو هو يار ـــــ ڏاڍو ڏکيو هو! شاباس آهي منهنجي ماءُ جي همت کي ته ڪيئن جبر ڪري، تحمل سان پنهنجي پُتار کي الوداع ڪيائين.ڪيس خبر هئي ته هاڻ هو زندگي ڀر پيهر نه ملي سگهندا ۽ هو بابا جو آخري حڪم به ائين تعميل ڪرڻ لڳي ڄڻ ڪو عام رواجي واقعو هجي. ان مهل منهنجي پيءُ جي اکين ۾ به ڳوڙها اچي ويا ۽ مون کي ياڪر پائي چيائين پٽ هيڏو مالدار ماڻهو پنهنجي پٽ لاءِ سواءِ ڳٽتين ۽ خوف جي ٻيو ڪجهه ڏيئي نٿو سگهي. مڙس ماڻهو ٿجو ۽ زندگي انهن جي ئي آهي جيڪي زندگي ڪِلي گذارڻ چاهين. آخر ۾ رڳو ايترو چيائين منهنجي حياتيءَ جي هن املهه ساٿيءَ جو خيال رکجانءِ . . . ۽ زندگي رهي ته جلد اچي توهان سان ملندس.

"پوءِ اسان ٽي ڄڻا ۽ ٻن گهوڙن تي سامان سوڌو، صبح جو سج جي اڀرڻ کان اڳ ئي ٻيلو پار ڪري درياهه ٽپي واپس سيوهڻ سرڪار جي حدن ۾ اچي وياسين. بابا سعيو ڪري گهڻو مال متاع اسان حوالي ڪيو هو. مون وانگر منهنجي ماءُ جي خيالن ۾ اهائي ڳالهه هئي ته اها رات آخري هئي ۽ هاڻ هوءَ پنهنجي پتار کي پيهر نه ڏسي سگهندي ۽ مون به سمجهيو پئي ته هاڻ آءُ دنيا ۾ پيءَ جي شفقت کان محروم ٿي ويو آهيان پيهر ملڻ جا آسرا سپ رُج مثل آهن. پوءِ دوست ائين ئي ٿيو.

"ان کان پوءِ ڏاڍا اٽانگا ڏينهن شروع ٿيا. منهنجي زندگي به خانه بدوشن واري هئي. هاڻ آءُ پنهنجي ماءُ جي وارثن سميجن جي خاندان جو فرد هئس ۽ سندن ڏک سک ۾ شامل! ڪنهن به مغل جاگيردار اسان کي سک سان ڪٽ ويهڻ نه ڏنو ۽ مرزا يوسف جي پاءُ کان پوءِ به جيترا جاگيردار سيوهڻ پرڳڻي تي آيا، اسان سڀ انهن جي نظر ۾ فسادي، وڳوڙي، ڪمينا ۽ حرام زادا هئاسين. منهنجو تعلق ڏاڏاڻن سان بلڪل ڪٽجي ويو ۽ سمجهيم ته منهنجون پاڙون هن ئي ڌرتيءَ ۾ کُتل آهن.

"ڳالهه ڪتاڻي ته پورا ويهه سال مغل جاگيردارن سان مهاڏو اٽڪائڻ کان پوءِ آءُ پنهنجن پارن کان به ڪٽجي ويس. مون کي نيٺ وطن ڇڏڻو پيو ۽ ڪچ پُڄ ڏانهن دربدر ٿي ويس. اڄ ڪيترن ئي سالن کان پوءِ اتان واپس وريو آهيان ۽ خبر پيم ته منهنجا پار ڦتل لاهري بندر ڏانهن هڪ ڳوٺ ۾ رهن ٿا. هاڻ اوڏانهن ئي رخ اٿم. دعا ڪريو ته پنهنجن سان وڃي ملان. يار ڏاڍا ڏک ۽ ڏولائا ڏٺا ۽ سَٺا اٿم. اها اٿئي منهنجي ڪهاڻي!"

اڃا سج اڀرڻ ۾ گهڻي دير هئي. سياري جي يخ رات ۾ ڄڻ پارو پئي پيو. سندن ٻاريل مچ به ٻري ٻري ساٺو ٿي پيو هو. پر چوطرف سيڪ اڃا به چڱو ڦهليل هو. انهيءَ ڪري ٻنهي جا لڱ ڪوسا هئا.

سج اڀريو ۽ ٻئي اجنبي شخص تيار ٿي پنهنجين منزلن ڏانهن روانا ٿيا. ٻنهي ڄڻن هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي موڪلايو ۽ هڪ ڄڻو ٿر جي ريگستانن ڏانهن اُسهيو ۽ ٻيو سنڌ جي ڏاکڻي ساموندي ڪناري جي آسپاس ڪٿ ڪنهن آباد ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو. ٻئي ڄڻا شهرن جا رهواسي ـــــ شهر ڦٽا ۽ شهري ٽٽل تسبيح جي داڻن وانگر وکري ويا. ائين ئي سنڌ جا شهري رهاڪو، ارغون، ترخان ۽ مغل حاڪمن جي حاڪميت وارن دؤرن ۾ شهرن مان ترڙجي نڪتا هئا ۽ ڏاڍن جي ڏاڍ ۽ اوپرن جي ترارن جي زور ڪري شهرن ۾ پنهنجا گهر، پنهنجا ڏنڌا ۽ آستان ڇڏي، شهرن کان ڪچ پري ريگستانن، جبلن ۽ ميداني علائقن ۾ پکڙجي ويا ته جيئن شهرن ۾ قائم ڏارين حاڪمن جا بگهڙ سپاهي انهن تائين پهچي نه سگهن. هر ساهه واري کي پنهنجو ساهه پيارو آهي.

# 19

گرمين جي موسم هئي، اجا چاليهو ڪو نہ ويٺو هو. ٿر جا ريگستان ۽ ٽِٻون، لڳندڙ سامونڊي هوا جي ڪري، سڄو ڏينهن واريءَ جي طوفانن سان ڍڪيل هيون. ماڻهن ۽ ڍورن جا ٽاهيل پيچرا واريءَ جي ڪري ڍڪجي ويندا هئا. چوڌاري نيڻ نهار تائين رڃ لڳي پئي هئي. ڪٿي ڪٿي ننڍڙا ڳوٺڙا آباد هئا. وارين جي انهن ٽِٻن جي وچ ۾ ڪو سخت زمين جو ٽڪر يعني ڏهر هوندو هو تہ اتي وڏا ڳوٺ ۽ ننڍڙا واهڻ يا شهر بہ هئا. اهڙي ئي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ پنجاهي ڪن ڪچا گهر ۽ چؤنرا ٺهيل هئا. ڳوٺ جو ڪو خاص نالو تہ ڪو نہ هو پر پالوا ڳوٺ جي پر ۾ هئڻ ڪري عام طور تي پالوا پر ڳوٺ سڏبو هو. ڳوٺ جي آبادي مس ٻہ اڍائي سؤن ماڻهن تي مشتمل هئي. پر ڳوٺ پنهنجن ڪاريگرن ڪري، ٿر ۽ ٿر جي ٻنهي پاسن يعني راجستان ۽ سنڌ ۾ گهڻو مشهور هو. واڍڪي ڪم جا ڪاريگر ڏاڍا سٺا هوندا هئا ۽ اهي گهڻو ٿر جي اوپر پاسي وارين رياستن ۾ راجائن ۽ ٻين اميرن جي گهرن ۾ ڪم ڪندا هئا. ڪجهہ گهر گهنياڻين جا بہ هئا جيڪي ڪپڙي رنگڻ جي ڪم جا ماهر هئا. ٽي چار گهر چاڪين جا هئا جيڪي ڄانيي مان اڪسير تيل پيڙهندا هئا ۽ سنڌ جي ٻنين مان آندل سرنهن منجهان خوشبودار مٺو تيل بہ ٺاهيندا هئا جيڪي سرندي وارن مردن توڙي عورتن جي استعمال منجهہ گهڻو هوندو هو. اهو مٺو تيل ننڍڙن ڇاول معصوم ٻارن جي اکين ۾ بہ وجهندا هئا. انهيءَ ڳوٺ جا رهاڪو خوشحال ۽ پنهنجي مڇي ماني وارا هئا. ڳوٺ جا مرد ڪاريگر ٽي ٽي، ڇهہ ڇهہ مهينا راجستان جي اميرن ۽ سرنديءَ وارن وٽ ڪمائڻ ويندا هئا ۽ خوب ڪمائي پنهنجي ڳوٺ ورندا هئا.

انهيءَ ڳوٺ منجهہ گذريل ٽن چئن ڏينهن کان سنڌ منجهان آيل ڪجهہ مهمان ٽِڪيل هئا. ڳوٺ جو چڱو مڙس استو بخشل هو. اهي مهمان سڀ سندس ڪچي گهر سان اڏيل چونئري منجهہ ترسيل هئا. اڄ رات سومهڻيءَ نماز کان پوءِ فيصلو رکيل هو. ڳوٺ جا مرد توڙي زالون پريشان لڳا پئي. ڳوٺ جي مائن ۽ زالن کي مهمانن جي موجودگي ڏاڍي ڏکي لڳي پئي.

ٻارهين يا تيرهينءَ جو چنڊ آسمان تي اڀري آيو هو. چؤطرف ڦهليل واري تي چانيل اوندهہ روشن ٿي ويئي. چونئري جي ٻاهر پيل ٽن چئن کٽن تي سنڌ مان آيل چار مهمان ويٺا هئا. سانن گڏ هڪ کٽ تي اُستو بخشل بہ ويٺو هو. گهڻا نوجوان ۽ ڇوڪرا ٻاڪرا کٽن جي چوڌاري گاري سان لنبيل فرش تي وڇايل تڏن تي ويٺا هئا. استي بخشل عمر ۾ سٺ کان بہ چڙهيل هو پر کهي چڱي هيس جو منهن مهانڊي مڃهان بہ پنجاهي کن جو لڳو پئي ۽ لڱن ۾ ڦڙتي بہ نندن نيٽن جهڙي هيس. چوندو هو بابا سچا گيهہ ۽ ڳاوا مکڻ هڏن ۾ پيل آهن. نشي پتي کان پري رهيو آهيان ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ پنهنجي پوڙهيءَ کان سواءِ ٻي دنيا سموري ماءُ ڀيڻ ڪري ڄاتم. تڏهن تہ اڃا بہ جوانن جهڙي سگهہ اٿم.

نيٺ مهمان پنهنجي مطلب تي آيا. اهي مهمان حيدرآباد شهر کان پهتا هئا. انهيءَ شهر جو نالو استي بخشل پاڻ تہ ڪو نہ ٻڌو هو پر ابن ڏاڏن جي واتان بہ انهيءَ نالي واري شهر جو ذڪر ڪو نہ ٻڌو هئائين.

”چاچا سائين،“ هڪڙو مهمان جنهن جو نالو عثمان کتي هو ۽ جنهن جي چاپهئين ڏاڙهي ۽ ٻتون وار هيس. قد بت ۾ بہ سٻر لڳو پئي. ”ها چاچا سائين اڄڪلهہ سنڌ جو حاڪم غلام شاهہ ڪلهوڙو آهي. ارغون ترخان ۽ مغلن مان الله، الله جي رسول، سنڌ جي جان ڇڏائي. هاڻ ملڪ آزاد آهي. سيني جا جان ۽ مال محفوظ آهن. سنڌ جا شهر سڀ ڦٽي ويا. هاڻ بادشاهہ هي نئون شهر پيو ٻڌائي. منهنجي مولا جي نالي وارو شهر يعني حيدرآباد. شهر تہ هلي ڏسو. ڇا جي دلي، ڇا جو آگرو ـــــ اُستا بخشل، جيڪي ننگر ٺٽي جو ٻڌو اٿئون. تنهن

ڪي وساري ڇڏ قلعو ئي اهڙو پيو اڏجي جو سڄي دنيا ۾ واهه واهه ٿي ويندي. ڪوهن ۾ ته بازار آهي. يار چؤطرف دنيا کان ڪاريگر اچي سهڙيا آهن. سو اسين به اوهان کي وٺڻ آيا آهيون. اڻ ميو روزگار آهي. اصل . . . .“

”بابا روزگار ته هوندو پر جان به محفوظ آهي؟“ استي بخشل وچ ۾ ڳالهايو.

ٻئي مهمان ڳالهايو جيڪو هندو لڳو پئي، ”يائي ڪو جور جبر ناهي. هر ڪنهن جي مال متاع کي مجال آهي جو ڪو هٿ به لاهي وڃي. اسان به ته ڪڇ ڀڄ، گجرات ۽ راجستاني رياستن مان ڪيترائي لڏي آيا آهيون.“

”سيٺ رام لال ڪوڙ ڪو نه ٿو ڳالهائي،“ ٽئين مهمان مهر بخش ٽالپر چيو، ”اسان به ته پنهنجا پَٽ ڇڏي، ديري غازي خان ۽ سبيءَ کان هيڏي آيا آهيون. ملڪ ۾ امن امان ۽ انصاف ئي انصاف آهي.“

عثمان ڪٽيءَ وري ڳالهايو: ”چاچا حاڪم ۽ بادشاهه معنىٰ ظالم. گهٽ ۾ گهٽ اسان سنڌ وارن گذريل ٻن سؤ سالن ۾ اهو ئي ڏٺو ۽ ڀڳو آهي. پر سيني کي خبر آهي ته ڪلهوڙا، الله جا چڱا بندا آهن. پُهتل بزرگ آهن. سندن مريد نه رڳو سنڌ ۽ پنجاب ۾ پر هندستان ۾ به ڦهليل آهن. ڪين ملڪ گيري جي هيڇ ناهي. شايد رب کي ئي اهو منظور آهي ته ظلم جي دؤر کان پوءِ سنڌ مٿان بزرگن جي حڪومت قائم هجي. اسان ته چؤطرف پنهنجي اکين سان ڏٺا آهن. بزرگ درويش ۽ لاتعداد مريد!“

”يائو اوهان ضرور سچ چوندا هوندا،“ اُستي بخشل چيو، ”اسان جي هيءَ چوٿين پيڙهي آهي جيڪا ٺٽ جي پٽن ۾ جان بچائي آسودي حال سان ويٺي آهي. اسان جا وڏا ننگر ٺٽي جا عاليشان ڪاريگر هئا. منهنجو ڏاڏو ٻڌائيندو هو ته سندس ڏاڏي الائي پڙ ڏاڏي کي ارغون ۽ مغلن ٺٽي شهر جي وچ ۾ آڳريون ڪپي گهر موڪليو هو ۽ ٻئي ڏينهن اسان جي سمورن گهرن منجهان قيمتي مال لُٽيو ويو ۽ ٻه نوجوان ماريا ويا. انهيءَ ڏينهن سڀ سر بچائي اچي هت لڪا آهيون. روزگار سانگي به ٺٽي يا ٻئي شهر جو رخ نه ڪيو اٿئون ۽ ٻارن کي به اهو ئي سبق ڏيندا آهيون. پروردگار ايترو ڏنو آهي جو ڏاڍو سکيا آهيون. سال ۾ ڇهه اٺ ۽ ڏهه مهينا به راجائن ۽ ٺاڪرن ۽ ٻين رياستي اميرن وٽ وڃي ڪمائيندا آهيون ۽ اڻ ميو ميڙي گهر ڪٺي ايندا آهيون. ڏسو ٿا ڪيترو مال آهي اسان وٽ! ڪير مڪڻ گيهه جام آهي. ٻاجهر رب جي مرضيءَ سان ايتري هر سال ٿي ويندي آهي جو گذر سفر ڏاڍو سنجهو پيو ٿئي. ڪڏهن ڪڏهن ڏڪار به پوندو آهي ته انهيءَ مان به پار پئجي ويندا آهيون . . . پر سنڌ جي شهرن ڏانهن ڪو نه لڙندا آهيون. هاڻ ته شهرن ۾ نڪي مائٽ رهيا آهن ۽ نڪي شهر به ساڳيا آباد آهن. ٻڌو اٿم ته شهر به پڙيانگ برباد ٿي ويا آهن.“

”برابر سنڌ جا شهر سڀ برباد ٿي ويا آهن،“ عثمان ڪٽيءَ ڳالهايو، ”پر چاچا سائين اسان حاڪمن پاران هت آيا آهيون. ڪيترائي ڪمي ڪاسبي بکر ملتان ۽ بهاولپور وارن پاسن کان به اچي سهڙيا آهن. شهر حيدرآباد هلي ڏس ته سهي ڪهڙو نه عجيب شهر ۽ عاليشان پيو ٺهي. هر ٻوليءَ وارو هر مذهب وارو موجود آهي. سيني کي پنهنجو پنهنجو روزگار ملي پيو. عاليشان شاهي قلعو ٺهي راس ٿيڻ تي آهي. چاچا اهڙو قلعو ڪو دلي ۽ آگري منجهه هجي پر اوسي پاسي پنجين ڇهين ڪوهين ته مون به نڪي ٻڌو ۽ نڪي ڏٺو.“

”پر نئين شهر ٻڌڻ جي پُٽ ضرورت ڪهڙي پئي؟“

”چاچا پراڻا شهر سڀ تباهه برباد ٿي ويا. جي هاڻ ننگر ٺٽو ڏسين ته روئڻ اچي وڃي ته چا عاليشان شهر هو ۽ چا هاڻ دڙن ۽ ڊٻن وارو ماڳ وڃي بچيو آهي. ڪٽي لکين ماڻهو رهندا هئا ته هاڻ ماڻهو هزارن ۾ مس آهن.“

”ها پٽ ٺٽي جو سيني کي ارمان آهي.“

”پيو چاچا هاڻوڪا حاڪم مذهبي ماڻهو آهن. درويشي مسلڪ جا انسان آهن سي نئين تعمير ڪرڻ چاهين ٿا. اوهان هلي ڏسو ته سهي ته جنهن هنڌ شهر ٻڌجي پيو سو ٿڌي هوائن ۾ جنت مثل آهي. هڪ پاسي درياهه وهي پيو ٻئي پاسي رڳو ساوڪ ئي ساوڪ نظر اچي ٿي. شهر مٿي ٽڪر تي پيو اڏجي. نڪو ٻوڏ جو خطرو ۽ نڪي برساتن ۾ چِڪڻ جو آزار.“

اهي حيدرآبادي مهمانن ٽي چار ڏينهن پيا ٻه ٽڪيا پيا هئا. ڳوٺ جي ڪاريگرن اوسي پاسي جي ڳوٺن جي ڪاريگرن ۽ چڱن پرين مڙسن ۽ چاٺو ماڻهن سان حال احوال ڪيو ۽ پڪ ڪري پوءِ حيدرآباد جي تياري ڪيائون.

نئون شهر آباد ٿيو پئي. گنجي ٽڪر جي هڪ ڏاکڻي چيڙهي تي پڪين سرن جو قلعو ذري گهٽ تيار ٿي چڪو هو. قلعي جي حشمت ۽ بيهڪ ڏسڻ وٽان هئي. ڀ سؤ ڪوهن کان ٻه پريان جا ڪاريگر پهتل هئا. ڪلهوڙن جو وزير ديوان گدو مل پيڙهي رپين جي پرائي خدا آباد کان حيدرآباد پهتو هو. ميان غلام شاهه کيس سڀ اختيار ڏئي ڇڏيا هئا ته حڪومت جي شان ۽ مان وٽان عاليشان پڪسرو قلعو تيار ڪرائجي جت فوج ۽ حاڪمن جي رهائش جو بندوبست هجي. قلعي سان گڏوگڏ شهر اڏڻ به ضروري هو. پر ملڪ جو عجب حال هو ته حاڪم هئا، سپاهه هو، درباري طبقو هو پر عام شهري نه هئا. نڪي ڪمي نڪي ڪاسبي. نڪي دوڪاندار نڪي خريدار. مطلب ته گنجي ٽڪر تي ٿهيل قلعو هڪ دور دراز سرحد تي ٺهيل چوڪيءَ مثل پئي لڳو. سنڌ جا شهري ماڻهو پنهنجن شهرن جي برباد ٿيڻ کان اڳ برباد ٿي شهر ڇڏي ڀڄي ويا هئا. ڪي ريگستانن ۽ جابلن علائقن ۾ وڃي آباد ٿيا ته ڪي شهرن کان گهٽو پري ٻهراڙين جي ڪن وسندين ۾ وڃي سر لڪائي ويٺا هئا.

هڪ ڏينهن، سج اڀرڻ مهل، قلعي جي شاهي در آڏو اعلان ڪيو ويو ته اڄ ڪم شروع ٿيڻ کان اڳ ديوان گدو مل پاڻ اُستن، ڪاريگرن ڪمين ۽ ڪاسبين سان ڳالهائيندو. قلعي چوڪ تي سوين ماڻهو اچي مڙيا. سج اڀري چڪو هو پر اجا ڪرڻن ۾ تيزي نه آئي هئي. انهيءَ جو سبب، سياري جي پڇاڙيءَ جي راتين جي ٽڏڪار ۽ چؤطرف ڦهليل ڪوهيڙي جي هلڪي ته هئي. هونئن به نئين شهر کي اڏڻ واسطي، حاڪمن، ملڪ جي سڀ کان سهڻي هنڌ کي چونديو هو. هڪ پاسي ڏيڍ ٻن ڪوهن تي درياهه شاهه جو وهڪرو هو ته ٻئي پاسي ٻه ڦاٽ ڪاڏل، درياهه جي شاخ وهي پئي. ڏکڻ ڏانهن هڪ پاسي اولهائين قطار گنجي ٽڪر جي هئي ته ٻئي پاسي سر سبز ميداني علائقو هو ۽ اتر ڏانهن سمورو علائقو، ٽڪر کان پوءِ، سر سبز هو. شهر مٿي ٽڪر تي اڏجي رهيو ته انهيءَ ڪري درياهه جي اُٿل ۽ برساتن جي ڪري ٿيل ڳپن ۽ ڇڪن کان به آجو هو.

ٿوري دير کان پوءِ ديوان گدومل، ڪڇهه گهوڙي سوارن سان گڏ، پنهنجي وسايل ٽندي واري پاسي کان نروار ٿيو ۽ قلعي جي اڌ اڏيل اُترين پٽ سان گڏ ٺهيل چاڙهيءَ تان چڙهندو اچي قلعي واري چوڪ وٽ پهتو..

ٿورڙي ويرم کان پوءِ، ديوان گدومل ماڻهن جي ميڙ کي چئي رهيو هو: ”هاڻ سنڌ منجهه ڏارين جي حڪومت ناهي. هاڻ ڪابل قنڌار يا دهليءَ جا حاڪم ناهن. هاڻ سنڌ ڌٽيءَ جي پُھتل پانهن جي خاندان جي امان منجهه آهي. هاڻ سڄي سنڌ منجهه امن امان آهي. ماڻهو پنهنجا شهر نه ڇڏيندا پر جيڪي به شهرن منجهان لڏي ويا آهن تن کي به اسين ٻڌايون ٿا ته واپس اچو. جان ۽ مال کي ڪو خطرو ناهي. پنهنجا شهر اچي وسايو. اسانجو حاڪم ته نئين شهر کي اڏي رهيو آهي. هي قلعو اوهان جي سامهون آهي. جيترو هي مضبوط اڏجي رهيو آهي اوتروئي اوهان رعيت پاڻ کي محفوظ سمجهو. سيني سان انصاف ٿيندو. روزگار ملندو. پورهئي جا اڻ ڪٽ موقعا ملندا. اوهين پاڻ هٿ اچو ۽ پنهنجا ٻار ٻچا ۽ ننگ وٺي اچو. سڄي سنڌ ۾ امن امان آهي. رستن تي ڪو چور يا لٽيرو ناهي. اچو هن نئين آباد ٿيندڙ شهر ۾ آباد ٿيو. ٿر بر ۽ ڪوهستانن ۾ رهڻ هاڻ اجايو آهي. اوهين هت اچو ته حڪومت اوهان کي زمين ٽڪر ڏيندي ته جيئن اوهان پنهنجا ويڙها ۽ پاڙا قائم ڪري، هت ٽڏڙي هير مثل هوائن ۾، حيدر جي نگري منجهه، درويشن ۽ اوليائن جي خاندانن جي حاڪميت ۾ سک ۽ سانت سان رهو. مون پنهنجو خاندان ٽندو درياهه جي ڪپ سان رهايو هو ۽ ٻن سالن ۾ هاڻ سڏجي ئي ٽندو گدو ٿو. پر مون به فيصلو ڪيو آهي ته پنهنجن ننگن ۽ مائٽن سان گڏ هت هن نئين شهر ۾ گدوائين جو پاڙو قائم ڪريان ته جيئن رعيت ۽ حڪومت جي ڪارندن ۾ به ويجهڙائي ٿئي ۽ دوري گهٽ ٿئي. هي نئون شهر آباد ٿي رهيو آهي. قلعي جي هن در جي سامهون هڪ سڌي ۽ ڊگهي هٽن جي قطار ٺهندي ۽ ڪجهه هٽ تيار به آهن ۽ اوهان جا، اسان جا پنهنجا پنهنجي ڏنڌي ۾ رُڌل آهن. هت امير ڪبير رهڻ لڳا آهن ۽ پيا به پنهنجن اڻالن سميت اچن پيا. هي شهر نه رڳو سنڌ جي دل سڏبو .... ۽ پائرو اهو اوهان کي ٻڌائي ڇڏيان ته جيستائين هي شهر، اسان جو شهر، سنڌ جو شهر، قائم ۽ دائم هوندو تيستائين سنڌ کي ڪنهن به پاسان ڪو به جوکم نه هوندو. اهڙو

مضبوط ۽ اجگر جهڙو قلعو ۽ اوهان پورهيتن جا مضبوط هٿ ۽ خدا ترس حاڪم موجود آهن ته سنڌ جي پوتر مٽيءَ جو مان سدائين اوچو رهندو.“

ديوان گدومل ته اها تقرير ڪري گهوڙن ۽ پنهنجن ساٿين سميت قلعي جي شاهي در منجهان اندر هليو ويو پر قلعي در جي ٻاهر چؤڪ ۾ بيٺل سوين ماڻهن جي ذهنن ۾ هڪ آنڌ مانڌ هئي. اهي سڀ ماڻهو حقيقت ۾ ٻه ٽي پيڙهيون اڳ شهرن جا رهواسي هئا پر پوءِ ڌارين حاڪمن جي ظلمن ۽ دهشتگردين ڪري، پنهنجا ۽ پنهنجن ننگن جا سر بچائي شهر ڇڏي، سنڌ ملڪ جي اندروني حصن يا اوڀر طرف ريگستاني علائقن ۾ وڃي آباد ٿيا. اتيئي سندن ٻڪ ٻه پيڙهيون گذريون. هو ارغون ترخان ۽ مغل گهوڙي سوارن ۽ ڌاڙن جي ڌاڙاين کان ته بچي ويا پر اهي خاندان جيڪي ٺٽي ۽ سيوهڻ جي علمي خاندانن منجهان هئا تن جا پويان علم حاصل نه ڪري سگهيا ۽ روزگار خاطر جدا جدا ڪم ڪار سکيا ۽ اهي ڪم ڪار ڪرڻ ٻه سنڌ ڌانهن خير ڪو ايندا هئا ۽ گهڻو ڪري هُو گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ ٻين راجستاني رياستن ۾ ويندا هئا.

# 20

1789ع سال، حيدرآباد شهر کي آباد ٿيندي پندرهن سورهن سال ٿي چڪا هئا. شهر اڃا پوريءَ ريت آباد نہ ٿيو هو. پر جڏهن ميرن جي صاحبي قائم ٿي تہ شهر اوج وٺڻ لڳو. ڪمي ڪاسبي، جيڪي شهرن جا ڪهڪايل هئا سي پاڻ ڇڙا شهرن ۾ ايندا هئا ۽ روزگار ڪمائيندا هئا ۽ پوءِ ڇٽي ڇهماهي واپس پنهنجن ٻچن سان وڃي گڏ ٿيندا هئا. اها ريت ڪين سؤلي ۽ جوکم کان خالي لڳندي هئي. ميرن جي صاحبي شروع ٿي ۽ مير فتح علي خان ٽالپر جهڙو حشمت وارو حاڪم تخت تي ويٺو تہ عام ماڻهن کي پنهنجن سرن ۽ اجهن جي سلامتيءَ جي پڪ ٿيڻ لڳي ۽ سنڌ سموريءَ منجهہ هڪ ڦيرو وري ماڻهن جي ڀهراڙين کان شهرن ڏانهن، روزگار خاطر، لڏ پلاڻ ٿيڻ لڳي.

ٺر جي دُور دراز ڳوٺن ۾، اڌ مُني صديءَ کان پناهہ ورتل ماڻهن ۾ بہ واپس شهرن ڏانهن وڃڻ جو خيال ٿيو. گذريل پندرهن سورهن سالن ۾ ڪي ماڻهو ٻارن ٻچن سان گڏ حيدرآباد لڏي ويا هئا تہ گهڻا، پنهنجا ننگ ٺر جي محفوظ پٽن ۽ ڳوٺڙن ۾ ڇڏي پاڻ ڪمائڻ ويندا هئا. سندن دلين مان شهر جي حاڪم طبقي جي اڳرائي، دهشت گرديءَ جا اهڃاڻ ختم نہ ٿيا هئا جنهن ڪري سندن ابا ڏاڏا پڙڏاڏا شهر ٺٽو، سيوهڻ ۽ نصرپور ڇڏي ڀڳا هئا ۽ پوءِ پنهنجو الهہ تلهہ ڦرائي، ڪونڌر ڪهائي، مس ننگ بچائي ٺر جي وارياسي سمنڊ ۾ اچي پناهہ ورتي هئائون . . . .

پر هينئر حالتن ۾ ڦيرو آيل هو ۽ عام ماڻهن ۾ اعتماد جي فضا ڦهلجي رهي هئي. پارڪر واري ايراضيءَ ۾ ڏاني ڏانڌل ۽ ڀالوا جي اوپر واري پاسي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ قاضي عبدالهادي بہ پنهنجن ٻارن سان رهندو هو. سندس ڏاڏي قاضي عبدالهادي مشهدي، سيوهن جي مغل صوبيدارن جي جبر کان جان بچائي هت پهتو هو. سندس زال ۽ پٽ ڏيئون ڪانئسونس ڪيترا ورهيہ اڳ ٺر لاءِ روانا ٿيا هئا پر جڏهن پاڻ ٺر پهتو تہ ڪيس پنهنجن ٻچن جو ڪو بہ ڏس پتو نہ مليو ۽ پوءِ قاضي عبدالهادي مشهندي، ٺر جي ڪنڊ ڪنڊ گهمي ڏٺي، ڪو ڳوٺ واهڻ يا ٺڙ نہ ڇڏيائين پر ڪيس ڪو بہ پتو نہ پيو ۽ انهيءَ ڳولا ۾ ڪيس وڏيڪ پنج سال لڳي ويا. نيٺ ڪهندو ڪهندو 'ڪاسبو' ڳوٺ پهتو. اهو ڳوٺ اوسواڙن جو هو ۽ هڪ مسلمان کي ڏسي ڪيس ويجهو اچڻ نہ ڏنائون پر قاضي هادي سخت اُڃايل هو ۽ بک بہ لڳل هيس. نيٺ هڪ پير مرد ڪيس صلاح ڏني تہ "پرديسي هت تنهنجي ڪير بہ مدد نہ ڪندو، هن باغ جي پٺيان هڪ مالدار عورت رهي ٿي. اُتي وڃ."

جڏهن قاضي هادي باغ جي پٺيان پهتو تہ ڏٺائين هڪ چڱو ڪچو پڪو گهر اڏيل هو ۽ هڪ بہ پوڙها اوسواڙ نوڪر، گهر آڏو ٿهيل وڏن ٻارن ۾ گُڏ ڪري رهيا هئا. قاضيءَ هاديءَ کي ڏسي اٿي بيٺا ۽ هڪ ڄڻي وڏي ڪانئس احوال ورتو.

"تون مسلمان آهين؟"

"ها!"

"تون هتي ترس. آءُ پنهنجي مالڪياڻيءَ کي ٻڌائي ٿو اچان."

ٿوري دير ۾ هڪ وڏي عمر جي عورت گهرن مان نڪتي ۽ اچي قاضي هاديءَ جي اڳيان بيٺي. قاضي هاديءَ جو ساهہ پئي نڪتو. ڪيس اڃ ۽ بک بيحال ڪري ڇڏيو هو. مائيءَ ڪيس ويهاريو ۽ سندس مانيءَ جو بندوبست ڪيو. پوءِ قدرت جا کيل آهن. اهو قاضي هادي، انهيءَ عورت وٽ پورهيت جي حيثيت ۾ ڪمائڻ

لڳو. پورهئي جي عيوض ڪيس رڳو اجهو، لٽو ۽ ڳن وقتن جي ماني ملندي هئي. پر ڪيس اها به اجازت هوندي هئي ته جت به ڪيس پنهنجن ٻارن ٻچن بابت ڪا خبر پوي ته اُت وڃي جانچ ڪري اچي. قاضي هاديءَ جي عمر پنجاهه پنجونجاهه کي اچي پهتي هئي ۽ هڪڙي ڏينهن سندس محسن عورت ڪيس پاڻ وٽ گهرايو ۽ ڪيس پنهنجي حقيقت ٻڌايائين.

”آءُ هڪ غريب اوسواڙ پيءُ جي ڌيءُ آهيان. سنڌ جو هڪ نواب هت هرڻن جي شڪار تي آيو هو. تڏهن منهنجي جواني ۽ سونهن جي هاڪ ٽر جي پٽن ۽ جيسلمير جي وارياسي پٽن کان به اُڪري ويئي هئي. اهو نواب مون کي ڏسي پنهنجو هوش وڃائي ويهي رهيو ۽ نيٺ پنهنجي راڄ ۽ چڱن مڙسن جي مرضيءَ خلاف مون زوري ڪٽي ويو ۽ پوءِ مون کي سنڌ ۾ وڃي مسلمان ڪيائين ۽ شادي ڪيائين. شادي کان پو منهنجي غريب مائٽن سان به صلاح ڪري ڪين خوب پئسا ڏنائين. ۽ منهنجي پيءُ کي هي باغ ۽ ڪجهه زمين خريد ڪري ڏنائين. مون کي انهيءَ مان هڪ ڌيءُ به ڄائي. پر ڪجهه عرصي کان پوءِ نواب مري ويو ۽ مون کي سندس اوچي ذات وارن ڪجهه پئسا مال ملڪيت ڏيئي پنهنجي گهر مان ڪڍي ڇڏيو هو. آءُ پنهنجن اباڻن ڪکن ۾ واپس آيس. پر منهنجا مائٽ مون کي قبولڻ لاءِ تيار نه هئا. انهيءَ جو هڪ سبب اهو به آهي ته مون مذهب بدلايو هو. پوءِ آءُ پنهنجي پيءُ سان گڏ ڳوٺ کان پرتي هن پاسي ويٺي آهيان. مون کي ويهه سال ٿي ويا آهن. منهنجو پيءُ به پنج سال ٿيا آهن گذاري ويو ۽ هاڻ مون کي پنهنجن مائٽن کان به خوف ٿو اچي. هو منهنجي مال جي ۽ جان جي خلاف آهن. مون کي ڪو به سهارو ناهي. تون شريف ماڻهو آهين. تنهنجو به دنيا ۾ ڪير ناهي. تون هت رهي پؤ ۽ اسين باقي زندگي سک سانت سان گذاريندا سين.“

قاضي هاديءَ کي انهيءَ عورت تي قياس اچڻ لڳو.

”پر آءُ ته اڳ ئي شادي شده ۽ ٻارن جو پيءُ آهيان.“

” تو پنهنجن ٻارن کان ڪيترو عرصو ڌار گذاريو آهي؟“

”ٻارهن تيرهن سال مان به مٿي ٿي ويا آهن.“

”مون ٻڌو آهي ته جيڪي به ٺٽي شهر کان ڀڄي ماڻهن هن ٿر ۾ پهچي ويا سي سلامت رهيا ۽ جيڪي نه پهچي سگهيا سي ختم ٿي ويا. ٻارهن تيرهن سال وڏو عرصو آهي.“

”آءُ تو سان شادي کان سواءِ به هت رهي تنهنجي حفاظت ڪري سگهان ٿو.“

قاضي هادي چپ ٿي ويو ۽ ڪيترا ڏينهن انهيءَ ڳالهه تي سوچيندو رهيو. هڪ دفعي کيس ايران وڃڻ جو به خيال آيو پر انهيءَ سان گڏ اهو به سوچيائين ته جيڪڏهن هو ايران ويو ته وري ڪڏهن سنڌ ڏانهن موٽي نه سگهندو ۽ جيڪڏهن سندس زال ۽ ٻار جيئرا به آهن ته کيس ڪڏهن به نه ملي سگهندا. پر جي هت رهيو پيو آهي ته پوءِ رب جي رضا ٿي ته کيس ڪڏهن نه ڪڏهن ملي سگهن ٿا.

قاضي هاديءَ جي رضامندي ڏيکارڻ تي، عورت پر واري مسلمانن جي ڳوٺ ماڻهو موڪلي مُلو گهرايو. مُلي نڪاح پڙهيو ۽ قاضي عبدالهادي مشهديءَ هڪ نئين زندگي شروع ڪئي.

هاڻ جيڪو قاضي هادي ٿر ۾ رهيل هو سو انهيءَ قاضي عبدالهادي مشهديءَ جو پڙ پوٽو هو. سندس رت ۾ ايراني ۽ اوسواڙن جو رت شامل هو. سڄي ڳوٺ ۾ اهو هڪ گهر هو جيڪو ڪجهه فارسيءَ جا اکر ۽ عربي يا قرآن شريف پڙهڻ ڄاڻين، جي ڄاڻ رکندو هو. قاضي هادي به گذريل ڇهن ستن سالن کان حيدرآباد ۾ اڪيلي سر ڪمائيندو هو. ٻچا اڃا ٿر ۾ رهيل هئس. پاڻ حيدرآباد ۾، قلعي سان لڳ ٺهيل دڪانن منجهان هڪ تي فارسي ۾ حساب ڪتاب رکڻ جي نوڪري ڪندو هو. سندس مالڪ اصل ذات جو مسلمان ميمڻ هو پر ڪم سانگي کيس پاٽولي چوندا هئا. شام جو قلعي کان ڳچ پري ميان فقير محمد جي پڙ جي پرسان هڪ ننڍڙي ڪچي مسيت ۾ سنجها ۽ سومهڻيءَ جي نماز به پڙهائيندو هو. سندس مالڪ عبدالقادر پاٽوليءَ کيس رهڻ لاءِ پَٽ ٽڪر ڏنو هو جنهن تي گذريل پنجن سالن ۾ پنهنجن هٿن سان هڪ ننڍڙو ڪمرو اڏيو هئائين. هاڻ سندس مرضي هئي ته پنهنجن ٻارن کي به شهر وٺي اچي. شهر ۾ امن امان هو. ويتر ڪلهوڙن کان حڪومت جون واڳون کسجي جڏهن ٽالپرن جي هٿن ۾ آيون ته شهر جا ماڻهو حيران ٿي ويا ته حڪومت جا وارث بدلجي ويا پر ڪا به رتوڇاڻ نه ٿي ۽ ڪو به عام شهري قتيو به نه ۽ ڪو لُٽيو به نه. اها ڳالهه ڀهرين ته

اچرج جهڙي لڳي ۽ پوءِ اهو احساس ۽ تاثر ڦهلجڻ لڳو ته هاڻ حڪومت پنهنجن جي هٿن ۾ آهي ۽ ماڻهوءَ کي جان مال جو ڪو به ڊپ نه ڪرڻ کپي.

قاضي هاديءَ سان گڏ ڇهه ٻيا به گهر حيدرآباد هلڻ لاءِ تيار ٿيا. انهن سيني سان قاضيءَ جي ياري دوستي ۽ نيازمندي به هئي. انهن مان هڪ احمد علي چاڪي هو. پيو محمد بخش کٽي هو. ٻه پائر علي ڏنو ۽ قادر بخش واڍا هئا ۽ ٻيا ٻه ڇٽا امام بخش ۽ نيازو پورهيت هئا. احمد علي جي گهر جا ڀاتي ڪل 9 ڄڻا هئا ۽ ٻين سان به ڇهه ست ڀاتي ساڻ هئا.

انهن مان علي احمد اصل ساڪري پاسي جو هو ۽ سندس وڏا درس تدريس جا ماهر هئا. ذات سومرو هئس. پر ترخانن جي آخري دؤر جي نوابن جي عهد ۾ جڏهن ٺٽي شهر ۾ اصلوڪن رهاڪن جو قتلام شروع ٿيو ۽ لٽ مار هلي ته انهيءَ سڄي پڙهيل خاندان جا سمورا ماڻهو ٺٽي جي گهٽين ۾ ڪُسجي ويا ۽ انهن مان هڪ ڏهن ٻارهن سالن جو ڇوڪر پاڻ بچائي، ٻين پاڇوڪڙن سان گڏ پهرين لاهري بندر ڏانهن ويو ۽ پوءِ ڌڪا ٿاٻا کائي نيٺ چاليهن ورهين جي ڄمار ۾ ٺر آيو ۽ هڪ چاڪيءَ وٽ نوڪري ڪيائين ۽ پوءِ اتيئي هڪ غريب عورت سان شادي ڪري آباد ٿي ويو ۽ جيڪو ڌنڌو اختيار ڪيائين تنهن موجب سندس ذات به ٿي چاڪي ۽ انهيءَ چاڪي جي اولاد منجهان اڳتي هلي ٻن ٽن پيڙهين کان پوءِ احمد علي ٿيو هو. سندس وڏا جيڪي ٺٽي شهر جي مدرسن ۾ درس تدريس ۾ مشغول هوندا هئا تن جي تخم منجهان هي احمد علي اڻ پڙهيل هو ۽ ڪيس ڪلمي ۽ نماز جا اکر به ورهيه لڳا ياد ڪرڻ ۾. اجا به سلام چوڻ وقت سلاماليڪم ۽ ماليڪم سلام چوندو هو. سندس ڏوهه نه هو هت سمورو ڏيهه اٽڃاٽائي ۽ سادگيءَ جو بحر هو ائين ئي جيئڻ ٺر واريءَ جو سمنڊ هو.

ٻه پائر علي ڏنو ۽ قادر بخش واڍڪي ڪم جا بيمثال ڪاريگر هئا. سندن پيءُ ڏاڏي ۽ پنهي پائرن جوڌ پور جي راجائن جي محلن ۾ به ڪم ڪيو هو ۽ سندن هاڪ سڄي جوڌ پور ۽ جئپور ۽ آسپاس هئي. راجائن ۽ اميرن جا ڪارندا ٺر اچي، ڪين منٿون ميڙون ڪري، وڏي مانَ سان وٺي ويندا هئا. پنهي پائرن جا وڏا به اصل ٺٽي شهر جا رهاڪو هئا ۽ سندن شهر جي شاهي چوڪ ۾ وڏو واپار هو ۽ شهر جي معززين منجهان هئا ۽ اُن وقت ٺٽي کي خيرباد چيائون جڏهن مرزا باقي جي حڪومت دوران عزت دار ۽ سکين ماڻهن تي رياستي آزار وڌڻ لڳو ۽ سندن جان مال جي سلامتي نه رهي. ذات جا اهي به سومرا هئا پوءِ گجرات ڏانهن لڏي ويا ۽ انهن مان هڪ فرد واپس سنڌ پهتو پر نيٺ شهر شهر رُلي، مغلن جي جاگيردار نوابن جي پوئين دؤر ۾، جهوڪ شهر ۾ زخمي ٿيو ۽ پوءِ ڪجهه همراهن سان گڏ ٺر ڏانهن ويو هليو ۽ اتي وڃي جهوپڙا اڏي ويهي رهيو ۽ ڏکيو سکيو سُک سان رهڻ لڳو.

امام بخش ۽ نيازو کي پنهنجن وڏن متعلق پوري طرح ڄاڻ نه هئي ۽ نيازو کي فقط ايتري خبر هئي ته سندس پڙ ڏاڏو يا تڙ ڏاڏو ٺٽي مان نڪري سيوهڻ پاسي ترخانن سان ويڙهه ۾ شامل ٿيڻ ويو هو ته انهيءَ کي شهيد ڪيو ويو هو ۽ جيڪي ٻيڙا سنڌي شهيدن جا وڏيل سسيون ڪٽي ٺٽي پهتا هئا تن ۾ هڪ سسي سندس ڪنهن وڏي جي به هئي. پيو مڙئي خير! هاڻ ٻئي پائر محنت مزوري ڪري پنهنجو ۽ پنهنجن ٻچن جو پيٽ قوت ڪمائيندا هئا.

گرمين جا ڏينهن هئا. ڏينهن جو راجستان ۽ جيسلمير جي وارياسن پٽن تان هلندڙ لُڪون عام سفر لاءِ ڏاڍيون اٿانگيون هيون ۽ انهيءَ ڪري سفر گهڻو ڪري چانڊوڪين راتين ۾ ٿيندا هئا. عام رستا سڄي ڏينهن جي هلندڙ تيز جهولن ۽ هوائن ۾ ڍڪجي ويندا هئا. ائين هڪ چانڊوڪي رات جڏهن ٻاهرينءَ جو چنڊ اُڀري آيو ۽ چؤطرف چانڊاڻ ڦهلجي ويئي، ٺر جي واريءَ جا ذرا به چمڪڻ لڳا ۽ رات جي اوندهه ۾ پٽون به پويان نروار ٿي چڪيون هيون ته ڇهن اُٺن جو هڪ قافلو، ٺر جون پٽون اُڪري سنڌ ڏانهن وڃي رهيو هو. قاضي هادي ۽ سندس دوستن جا ٻار ٻچا سڀ هڪ نئين مستقبل جي تلاش ۾ وارياسا پَٽ ڇڏي، حيدرآباد شهر وڃي رهيا هئا جت هاڻ روزگار سان گڏ امن امان به موجود هو. نوان پَٽَ وسيا پئي. خدا ترس حاڪمن جو دؤر هو ۽ حاڪم به ڏاڍا ڪو نه هئا. سندن پنهنجائپ انهيءَ مان ئي ظاهر هئي ته ڪابل قنڌار مان آيل حاڪمن رت جا درياهه وهايا ۽ شهر برباد ڪيا پر هي حاڪم ته نوان شهر آباد ڪن پيا.

هڪ رات وچوٿي پرسان، انهيءَ قافلي ڏاپو ڪيو ۽ چوڏهين جو چنڊ پنهنجي پرپور جوڀن سان وچ آسمان ۾ چمڪيو پئي ۽ چوڌاري چڻ روپو پڙچ وڇايل هو. سڀ ڏاڍا ماڻهو سڀ ڇانين ڇانين گوشت موٽيو کريا ڪار هئا. رات جو ٽيون پهر هليو پئي ۽ رات به ڪجهه ٺري هئي. ٻار سڀ پنهنجين مائرن جي هنج ۾ يا پرسان وڇايل رلين تي سُتل هئا. مردن جي ڪچهري هلي پئي ۽ هڪ ٻه زالون به ماٺ ڪيو ويٺيون هيون.

”ڀائو هادي، تنهنجي آسري، رب آسري، حيدرآباد هلون پيا اول خير. الله ڪندو ته ٻچن جي سرن لڪائڻ لاءِ ڪک به ملندا ۽ روزگار جو به ڀلو ٿيندو.“ محمد بخش ڪٽيءَ چيو.

هن قافلي جو مهندار قاضي هادي هو. هن اهو ٻار پنهنجن ڪلهن تي کنيو هو ته سڀ يار دوست ۽ سنڌن ٻار ٻچا نئين شهر هلن ۽ هڪ نئين دؤر جو آغاز ڪن.

”ادا سائين،“ قاضي هاديءَ پنهنجي سونهاريءَ تي هٿ ڦيريندي چيو، ”ماڻهوءَ کي پنهنجن ٻچن لاءِ روزگار ۽ اجهو کپي. پر انهن سيني ڳالهين کان اول ته پنهنجي ۽ ٻچن جي سرن جو سانگو آهي. جت عزت ۽ جان سلامت ناهي اُت ڪير رهندو. ڀائو هن نئين شهر ۾ جيڪي مون پنهنجين گنهگار اکين سان ڏٺو آهي سو ته ڏاڍو سٺائو آهي. نئون شهر پيو اڏجي. جت حاڪمن لاءِ قلعو ۽ سنڌن رهائش لاءِ خاص جايون پيون جُڙن ته اُتي ئي اوسي پاسي سرڪار جي ڪارندن جا گهر گهاٽ، پاڙا ۽ وسنديون به جڙي راس پيون ٿين. شهر جي بزار به چڻ ڳڏوگڏ پئي ٺهي.“

”پوءِ ته يار روزگار به ججهو هوندو،“ نيازو چيو، ”پنهنجي خبر اٿئي ته ڪو خاص هنر ته ڪو نه اچي پر محنت مزوري جا مڙس آهيون.“ هو ڪلڻ لڳو. سنڌس مڙسيءَ جي ڳالهه ٻڌي پريان ويٺل جوڻس به مرڪڻ لڳي.

”پر هڪ ڳالهه آهي ته،“ قادر بخش ڳالهايو، ”شهر اميرن ۽ رئيسن جو آهي پر ايتري تيزي سان جڙي راس نه ٿيو آهي.“

”اها ڳالهه واهه جي ڪئي اٿئي،“ قاضي هاديءَ چيو، ”منهنجا ڀاءُ ماڻهن کي يقين ئي نه پيو اچي ته ڪو شهرن ۾ امن امان ۽ سلامتي هوندي. ڪلهوڙا حاڪم ٿيا ته چوڌاري سنڌ ۾ عام ماڻهن کي ويساهه ئي نه پيو ٿئي . . . “

”ڇا جو ويساهه؟“ قادر بخش پڇيو:

”انهيءَ ڳالهه جو ويساهه ئي نه پيو اچي ته هاڻ حڪومت دهليءَ مغل شهنشاهن جي ناهي؛ هاڻ حڪومت تي ڪابل قنڌار جي جابر حاڪمن جو قبضو ناهي، ماڻهو ته چون پيا ته ڪلهوڙا ڪيئن حاڪم بنجي ويا. هي ته درويش صفت پيري مريدي وارن پُهتل بزرگن جو اولاد آهن ۽ . . . . نڪي سنڌن ڪنهن پُشت ۾ به حاڪميت رهي آهي.“

”ڇو ڀلا درويش حاڪم ٿي نٿا سگهن ڇا؟“

”ڀلا يار اڳ ڪڏهن ڪلهوڙا واقعي بادشاهه گهراڻي ۾ رهيا آهن؟ ڀلا ڪڏهن اهڙا ماڻهو بادشاهه ٿي سگهن ٿا جيڪي شاهي گهراڻي يا اعلىٰ نسل جا نه هجن؟“

قاضي هادي ڪجهه ساعتون چپ ٿي ويو. رات ويتر ٺڏي ٿي ويئي هئي. ڪچهري اؤج تي هئي.

”ها ائين ٿيو ناهي،“ قاضي هادي چوڻ لڳو، ”پر ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو مڙس جبر ۽ ظلم سان بادشاهي هٿ ڪري وٺندو آهي. جيئن شير خان هڪ معمولي سپاهي هو پر دهليءَ جو شهنشاهه بنجي ويو ۽ اصل شهنشاهه خانداني شهنشاهه همايون ويچارو دنيا جهان جا ڏکا ٿاٻا جهليندو رهيو. پر نيٺ قدرت حق حقدار جي حوالي ڪيو ۽ شير شاهه بارود لڳڻ ڪري پرزا پرزا ٿي ويو.“

”سائين اصل بادشاهي گهراڻي کي ئي بادشاهي ڪرڻ جو حق آهي.“ امام بخش رڙ ڪئي.

”پر پوءِ ڪلهوڙا ڪيئن حاڪم ٿيا؟“ نيازو ڳالهايو. ”هاڻ چون ٿا حيدرآباد جو تخت ٽالپرن وٽ آهي. اهي ته يار ڪلهوڙن جا به نوڪر ۽ خدمتگار هئا.“

”نوڪر نه پر فوجي سردار ۽ سرواڻ هئا —“ قاضي هادي ڪيس درست ڪيو.

”نوڪر يا فوجي هئڻ ڳالهه ته ساڳئي آهي. پڳهار جهڙو اتي ٿهڙو اتي هي ته قيامت جون نشانيون آهن ته نوڪر مالڪن کان بادشاهي ڦرن.“

”اها ڪا نئين ڳالهه ناهي،“ قاضي هادي چيو. ”تخت ۽ حڪومت بچڙو نشو آهي انهي لاءِ پُٽ پيءُ کي مارائي ڇڏي ٿو ۽ جيڪڏهن فوجي سردارن ڪلهوڙن کي حڪومت منجهان لاهي ڇڏيو ته ڪا وڏي ڳالهه ناهي.“

احمد علي چاڪي جيڪو مائيٽي طبيعت جو ماڻهو هو. تنهن به نيث ڳالهايو. ”ادا اِهي سڀ ڳالهيون سٽايون آهن. ڪلهوڙا ڪي خانداني يا بادشاهي گهراڻي جا ماڻهو ناهن پر اها ته ڳالهه برحق آهي ته درويشن جو خاندان آهي. سندن وڏا مرشد هئا. ۽ سندن مريد نه رڳو سنڌ ۾ پر پنجاب ۽ قلات پاسي به ڪوڙ ڦهليل آهن. ماڻهن ۾ سندن چڱو نالو ۽ عزت آهي. مونکي ڪجهه ڏينهن اڳ به ٽي همراهه مليا هئا تن چيو هو ته ٽالپرن پنهنجن مالڪن ۽ درويشن جي اولاد مرشدن سان چڱو ورتاءُ نه ڪيو آهي. پر يار تخت بچڙي بلا آهي. بادشاهي نشو، تو واري ڳالهه نه ڪو پيءُ ڏسي، نڪو درويش مرشد!“

اهو قافلو هلندو رهيو. ٻئي ڏينهن ٽر ڇڏي سرسبز ميدانن ۾ داخل ٿيا سندن منزل هڪ نئين شهر ڏانهن هئي.

# 21

ڏينهن گرم هو، پر جئين ئي سج اولهه ۾ گدو بندر وٽ درياهه جي پرئين پر لهي ويو ته ڏينهن جي هلندڙ گرم لُڪ، ٿڌين هوائن ۾ بدلجي ويئي. حيدرآباد شهر جي اوپرئين ڊومڻ واهه جي پرسان هڪ وڏي ڪاهي هئي جنهن کي عام طور تي ”ڪانگن ڪاڏي“ ڪري به سڏيندا هئا. جڏهن قاضي عبدالهاديءَ وارو قافلو ٽر جي گرم وارياسين هوائن مان نڪري حيدرآباد جي پر ۾ پهتو ۽ انهيءَ ڪاهيءَ وٽ اچي ڏاڍو ڪيو ته قافلي جي سيني ياتين کي ٿڌين هوائن ڄڻ بهشت ۾ پهچائي ڇڏيو هو. مردن توڙي زالن ۽ ٻارن کي محسوس ٿيو ته تمام سٺي هنڌ تي اچي پهتا آهن. اتي هو اڪيلا نه هئا ۽ سندن اوسي پاسي سوين ماڻهو پنهنجن ڪڙم قبيلن سان لٿل هئا. ڪيترائي واڍا ۽ رازا خداآباد ۽ لاڪاڻ پرڳڻي منجهان ٻارن ٻچن سوڌو ڪهي آيا هئا. هُو ٻن هفتن کان انهيءَ حال ۾ شهر کان ٻاهر ترسيل هئا. انهن ۾ تيورا قوم جا ماڻهو به هئا. جيڪي ترارن ٺاهڻ جا ماهر هئا. رتناٽي تنبو ۽ خيما ٺاهيندڙ هئا. نال بند ۽ نغارا مڙهيندڙ بزگر به انهن ماڻهن ۾ شامل هئا جيڪي پنهنجا دور دراز جا ماڳ ڇڏي نئين شهر ۾ آباد ٿيڻ آيا هئا. لوهار ۽ خاطوبند جيڪي هٿيارن جي ڳنن توڙي عاج ۽ ڪاٺ جي سامان تي جڙاوت جي ڪم جا ماهر هئا سي به پنهنجن ٻارن ٻچن سان موجود هئا. شهر کي آباد ڪرڻ لاءِ ٽالپر اميرن پنهنجا نمائندا، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موڪليا ۽ عام ماڻهن ۽ خاص ڪري ڪاريگر طبقي کي اتساهه ڏياري، نئين شهر ۾ وسائڻ لاءِ جتن ڪندا هئا. امير جا اهي نمائندا، ملتان، ديره غازي خان، اتر ۾ ۽ ڏکڻ اوڀر ۾ ڪڇ ڀُڄ ۽ ڪاٺياواڙ تائين به ويا هئا.

سومهڻيءَ نماز کان پوءِ قلعي در کان شروع ٿيندڙ بازار کان ڳچ پنڌ تي، ساڄي هٿ تي وڏو ميدان هو، جت ميان محمد يونس جي ڪٽنب جون حويليون اڏيل هيون. اُت شهر جي ماڻهن جو ميڙ ڪوٺايل هو. ميان محمد يونس ذات جو سومرو هو ۽ ٺٽي جي زوال کان پوءِ هيٺ لاڙ ڏي بديڻ جي پاسي لڏي ويو هو ۽ پوءِ ڪلهوڙن سان نيازمندي هئڻ ڪري، پاڻ پنهنجي عيال سميت، نئين شهر ۾ اچي آباد ٿيو. جنهن چؤنڪ تي سندس گهر هئا اُت ڪجهه عرصو اڳ فقيري جوٽيجي، امام صاحب جو علم ڪوڙيو هو ۽ ائين اهو چؤنڪ فقير جي پڙ جي نالي سان مشهور ٿي ويو. ميان محمد يونس جي وفات کانپوءِ سندس پويان به سندس نيڪ نامي ۽ مشهوري ڪري سومرن جي بدران يونساٽي سڏجڻ لڳا ۽ پوءِ ڪجهه اٽپڙهيل ڪين جُوٽساٽي يا جُونساٽي به سڏيو. ميان يونس جي پونئيرن فقير جي پڙ جي سار سنڀال به پنهنجي ذمي ڪنئي جو فقيرو جوٽيجو وڌيڪ عرصو جيئرو نه رهيو. پڙ ۾ شمع دان ٻريا پئي. چوڌاري چڱو خاصو ميدان هو، جنهن کي شام کان چٽڪار ڪرائي دز اڏامڻ کان روڪيو ويو هو. سومهڻي نماز کان پوءِ آهستي آهستي شهر جا رهاڪو پڙ ۾ پهچڻ لڳا ۽ ٿورڙي دير ۾ سوين ماڻهو اچي گڏ ٿيا.

شاهي بازار منجهان ڪجهه سرڪاري ڪارندا گهوڙن تي سوار فقير جي پڙ ڏانهن آيا پئي. اڳيان گهوڙن تي سيد ويڌل شاهه ۽ نواب محمد خان ٽالپر هئا. ديوان گدومل جو خاص ماڻهو تاراچند ڏرمداس ساگراٽي به ساڻن گڏ هڪ گهوڙي تي سوار هو. جڏهن اهي گهوڙيسوار فقير جي پڙ ۾ پهتا ته ميدان ۾ ويٺل سوين ماڻهن اٿي انهن

جو آڏر ياءُ ڪيو ۽ ٿورڙي ئي دير کان پوءِ اهو ميڙ هڪ جلسي ۾ بدلجي ويو. ماڻهو نهايت ڏيان سان انهن سرڪاري ماڻهن کي ٻڌڻ لڳا. سنڌ ۾ اهو پهريون موقعو هو جو حڪومت جي واڳ ڌڻين يا سندن نمائندن ائين سڌو عام ماڻهن سان رابطو قائم ڪيو هو. ان کان اڳ حاڪم ڪڏهن ڪڏهن جمعي نماز جي ميڙ تي ماڻهن سان گڏبا هئا.

ماڻهو ڪن لائي ٻڌي رهيا هئا ۽ نواب محمد خان ٽالپر ڳالهائي رهيو هو:

”اڄ هت اوهان کي ڏسي نہ رڳو آءُ خوش ٿيو آهيان پر جڏهن اها خبر سائين فاتح سنڌ مير فتح علي خان ٽالپر کي پوندي تہ هو بہ ڏاڍو سرهو ٿيندو. هيءَ حڪومت اسان جي رڳو ناهي پر سنڌ جي عام ماڻهن جي بہ آهي جيڪي صدين کان پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي حڪومت ڪرڻ جي حق کان محروم رهيا آهن. اسان ماڻهن سان گڏجي سنڌ کي پيهر سرسبز ۽ هڪ محبت ۽ امن وارو علائقو بنائڻ چاهيون ٿا. مون کي فاتح سنڌ مير فتح علي خان حڪم ڪيو آهي تہ اوهان ماڻهن کي اهو پيغام پهچايان تہ هاڻ ڌارين جي ڪاهہ يا جبر جو ڪو بہ امڪان ناهي ۽ جيڪڏهن ڪو بہ اهڙو انديشو ڪابل يا قنڌار کان ٿيو بہ ڪٿي تہ اسانجي فوج ۽ ان کان علاوه ملڪ ۾ اهڙا بهادر ۽ شجاع جوان مرد موجود آهن جي نہ رڳو پنهنجي جان مال جي حفاظت ڪندا پر پنهنجي ڌرتيءَ کي بہ ڌارين کان پاڪ صاف ڪندا. هي سنڌ ملڪ سنڌين جو آهي ۽ سنڌي اُهي آهن جيڪي دل و جان سان هت رهن ٿا ۽ جن جو مرڻو پرڻو هت آهي ۽ جن جي دلين ۾ هن ملڪ جي لاءِ عزت ۽ احترام آهي. هيءَ سنڌ ڌرتيءَ هڪ ماءُ جي هنج مثل آهي جنهن ۾ ڪوجها، ڪارا، سانورا، هندو، مسلم، پروچ سِک ۽ ٻڌ سڀ ڀائرن وانگر رهون ٿا ۽ ڪو بہ فرق ناهي. انهيءَ ڪري مير صاحبِ خاص طور هن شهر کي آباد ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي. هي شهر، هي حيدرآباد شهر، انشاء الله بهشت جي ٽُڪر مثل نسري نروار ٿيندو. اهو ئي سبب آهي جو اسان، توهان ڪمين ڪاسبين ۽ ڪاريگرن کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ منجهان ۽ ٻين کي ملتان، ڪڇ ڀُڄ ۽ ڏورانهن ڏيهن مان بہ گهرائي آباد ڪريون پيا. اسان جا هندو ڀائر بہ اسان جو ساٿ ڏين پيا ۽ جنهن اعلىٰ هستيءَ جي نالي پويان هي شهر قائم ڪيو ويو آهي اهو ئي حيدر ڪرار هن شهر جو والي وسيلو ٿيندو.“

نواب محمد خان ٽالپر ٿوري دير ترسيو ۽ وري ڳالهائڻ لڳو: ”ڀائرو آءُ هڪ ڳالهہ صاف ڪرڻ چاهيان ٿو تہ ٽالپر غدار ناهن ۽ نڪي ڪنهن سان ويساهہ گهاتي ڪئي اٿن. ڪلهوڙا اسان جي سر جا سائين هئا ۽ اسان پنهنجي تن من ۽ ڌن سان سندن خدمت ڪئي. پر سندن پونئيرن جا افعال ۽ دوست دشمن ۾ تفاوت نہ ڪرڻ ئي سندن زوال جو سبب بڻيا. تي سگهي ٿو ڪجهہ ماڻهن کي اڄاڻائيءَ ڪري ڪلهوڙن جي حڪومت جي خاتمي جو ارمان هجي ـــــ پر هاڻ اها ڳالهہ اپرندڙ سج وانگر روشن آهي تہ ڪلهوڙن جو دؤر ختم ٿي ويو آهي. باقي ٽالپر حاڪمن سندن پيري مريديءَ تي ڪا بہ پابندي نہ هنئي آهي. پر آءُ هت اڄاڻ ماڻهن جي ڄاڻ لاءِ اعلان ڪريان ٿو تہ اوهان بہ ٻڌو ۽ ٻين پنهنجن مٽن مائٽن ۽ دوستن کي بہ ٻڌايو تہ مذهب اسلام منجهہ جيڪڏهن مرشد ڪو ٿي سگهي ٿو تہ اهو سيد سڳورو ئي آهي ۽ نڪي امتي ڪلهوڙا، جن عام ماڻهن کي اهو ٻڌايو آهي تہ هُو سنڌ جا رهاڪو نہ پر اصل ۾ مٺي رسول ڪريم ۽ مديني جي مير جي چاچي جو اولاد آهن. ڀائرو مرشد ٿيڻ تہ سهڻي مديني جي مير جي پاڪ نياڻي بي بي فاطمہ ۽ حيدر ڪرار حضرت علي مرتضىٰ ڪرم الله وجہ جي اولاد کي ئي جڳائي ٿو. سيد اهو مرشد آهي جيڪو نہ رڳو هن فاني ۽ ڪوڙي دنيا ۾ رهنمائي ڪري ٿو پر آخرت ۾ بہ ڇوٽڪاري جو ضامن آهي. سو سائين مرشد تہ سيد باقي ٻيو سڀ ڪوڙ آهي.“

اتي نواب محمد خان سيد ويڙل شاهہ کي اٿاري سندس هٿن کي چمي، ماڻهن کي چيو: ”منهنجا ڀائرو اسين خوش نصيب آهيون تہ سائين ويڙل شاهہ بن سيد حام ڪبير بن حسن جهانيان رح جهڙو پُهتل بزرگ ۽ مرشد بہ اسان جي شهر ۾ اچي آباد ٿيو آهي ۽ الله تعالىٰ اهڙي رهنما جي هٿ ۾ جيڪا شفا ۽ رهنمائي بخشي آهي سا وڃائڻ ۽ وسارڻ جهڙي ناهي. سو منهنجا سائين مرشد تہ سيد سڳورو باقي سڀ ورق وسار!“

ماڻهو سڀ سائين ويڊل شاهه کي ڏسڻ لڳا جيڪو قداور سهڻو ۽ بارعب انسان هو. سندس چاپهئين ڏاڙهي ۽ دراز زلف جيڪي ڪلهن تي پريشان هئا سي عجب روحاني ڏيکاءُ ڏيئي رهيا هئا. سائين ويڊل شاهه به، اصرار تي به اکر ڳالهايا:

"اسان کي دنياوي لالچ نه آهي. اسان دين اسلام جي واڌاري ۽ ماڻهن ۾ ميٺ محبت ۽ پائيچاري جا طالب آهيون. هي شهر الله جي پياري رسول جي پياري ياءُ ۽ مولا علي مشڪل ڪشا جي نانَو تي آباد ٿيو آهي سو الله تعاليٰ ڪندو ته روز بروز وڌندو ۽ ويجهندو. هن پڙ ۾ لڳل حضرت عباس علمدار جو هي علم ئي هن شهر جي ترقي ۽ امن جو نشان آهي. هندو به اسان جا پائر آهن. پر اسان آخر ۾ اهو ئي چونداسين ته دنيا ۾ جيئڻ ته ڏاڍو ڏکيو آهي پر آخرت جو چوٽڪارو ان کان به وڌيڪ ڏکيو آهي ۽ اهي پُر پيچ ۽ اٽانگا پنڌ ڪامل مرشد کان سواءِ ممڪن ناهن. سو توهين هرويرو اٽڃاٽائيءَ ۾ مُنجهو نه. جنهن ذات پاڪ هي مذهب ڦهلايو آهي ته رهنمائي به انهيءَ گهر منجهان ملندي ـــــ باقي بيو سڀ دولاب آهي."

نواب محمد خان ٽالپر ۽ سيد ويڊل شاهه جي تقريرن کان پوءِ مُکي تاراچند ڏرمداس ساگراڻي اٿيو ۽ نهايت سؤلن اکرن ۾ ماڻهن اڳيان ڳالهائڻ لڳو: "منهنجا پائرو ۽ مترو ـــــ اسين هندو به مير فتح علي خان ٽالپر جي رعيت آهيون. اسان کي امن امان، عزت ۽ محبت ملي آهي. اسان خدا آباد، الله آباد، سيوهڻ، ملتان، ڪڇ ڀُڄ، پنجاب، جيسلمير، جوڌپور ۽ قلات ۽ ٻين هنڌان ڪهي هت آيا آهيون. اسان کي جيترو مان مرتبو مليو آهي سو وسارڻ جهڙو ناهي. آءُ شهر جي صفائي سترائي ۽ روشنيءَ جو ذميوار آهيان. اوهان ڏسو ته شهر ڪيترو صاف سٿرو آهي ۽ رات جو به جڳ مڳ ڪري ٿو. اوهان سڀ جيڪي هت آيا آهيو تن کي زمين جا وڏا وڏا ٽڪر حاڪمن طرفان ڏنا ويا آهن ۽ ٻين کي به ڏيون پيا ته جيئن هي شهر دهلي، لاهور، ملتان ڪابل ۽ بغداد سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي. ڏٺي ڪندو ائين ٿيندو. سياڻي کان مير صاحب اوهان کي پنهنجن پاڙن قائم ڪرڻ لاءِ زمين مفت ڏيندا ۽ روزگار ۽ محنت مزوريءَ جي هت کوٽ ناهي انهيءَ ڪري پائرو اچو هڪ امن ۽ پائيچاري وارو سرڳ جهڙو شهر آباد ڪريون ۽ مير صاحبن جي رعيت بنجي سندن صاحبيءَ ۾ سک جو ساهه کڻون."

جيڪي ماڻهو ڳچ ڏينهن کان شهر جي اوير طرف ڪڇي ۾ لٿل هئا، سي اِهو ٻڌي ڏاڍا سرها ٿي ته سياڻي کان ڪين پنهنجن گهرن لاءِ زمين ٽڪر، حاڪمن طرفان مفت ملندو.

ٻئي ڏينهن کان، باقي رهيل ڪمين ڪاسبين ۽ ٻين ڪٽنبن کي زمين جا ٽڪر ملڻ شروع ٿي ويا. هندن ۾ عاملن کي چوٽڪي بازار کان اتر ڏي ويندي، ڪابي هٽ ڏانهن وڏا پَٽ مليا ۽ پائيبندن کي وري ڏکڻ ڏي جمن شاهه جي پڙ تائين زمين هٿ آئي. اُت ديوان گدومل اڳ ئي پنهنجي ڪٽنب ۽ ٻين ويجهن عزيزن کي آباد ڪري گدوانين جي گهٽي قائم ڪئي هئي. شاهي بازار ڪجهه وقت اڳي کان قائم ٿي رهي هئي پر هاڻ پائيبندن هٽ کولڻ شروع ڪيا ته بازار جي رونق ئي اوُر ٿي پئي. بازار جي ٻئي طرف هندن پنهنجا ڪيترائي محلا آباد ڪيا. انهيءَ پاسي پاٽولين پنهنجا گهر آباد ڪيا ۽ فقير جي پڙ ۾ جوڻيجا ۽ سومرا به آباد هئا جن کي سچاڻپ خاطر يونساڻي يا جونساڻي به سڏبو هو. فقير جي پڙ جي پويان ٻگهين، ڪاسائين ۽ نقاشن پنهنجا اجها اڏيا. ڪاسائي اصل ۾ پٺي هئا ۽ نقاش مغل هئا. اڳتي هلي ٻين مزدور طبقن کي آباد ڪيو ويو يعني ناهيا، ڪوري، واڍا. ائين ناهين جو پڙ، ڪورين جو پڙ ۽ واڍن جو پڙ وجود ۾ آيا. اهي ڪمي ڪاسبي ذري گهٽ سڀ سني مذهب جا هئا پر حاڪمن جو شيعا مذهب هئڻ ڪري، سيني پنهنجن پاڙن ۾ علم کوڙيا ۽ محرم دوران امام صاحبن جي سوڳ ۾ برابر شريڪ ٿيندا هئا. انهيءَ ريت حيدرآباد ۾ سني توڙي شيعا محرم جا ڏهاڙا نهايت احترام سان ملهائيندا هئا ـــــ ۽ اسي نوي سيڪڙو پڙ، گهوڙا، تعزيا، مينديون، سيجون ۽ نذر نياز به رعيت جي سُني حصي طرفان ٿيندا هئا. پوءِ هندن به نياز جا اهتمام ڪيا. شروع ۾ اهي اهتمام حاڪم گهراڻي جي خوشنوديءَ خاطر ٿيندا هئا ـــــ پر پوءِ شهر جا عام سادا مومن مسلمان، دل جان سان امام حسين ۽ سندن جانثارن جي ياد ۾ اهي ڏينهن عزت ۽ احترام سان ملهائيندا رهيا ـــــ ۽ ٻئي طرف چئن خليفن جي ميٽا ۽ بادشاهه پير جي يارهين به جاري رهي.

پيا پورهيت ڪٽنب به آباد ٿي ويا. پر هڪ ڳالهه واضح پئي ٿي ته حاڪم طبقو مير ٽالپر، سيد ۽ پيا يا قلعي ۾ رهڻ لڳا يا انهن پنهنجا الڳ ٽنڊا آباد ڪيا. ٽنڊو نوڙهو، ٽنڊو آغا، ٽنڊو مير محمود، ٽنڊو جهانيان ۽

ٽنڊو ولي محمد ۽ ڪجهه ٻيا علائقا. اهي امير طبقي جا ماڻهو، عام ماڻهن کان نفرت ته نه ڪندا هئا پر سندن رهڻي ڪهڻي کان الڳ، پرڀري ۽ مٿاڇري هئي. ٻئي طرف هندن شهرن جي وچولي طبقي جي خال ڪي پريو ۽ هنن سڄي وڻج واپار کي پنهنجي هٿن ۾ ڪنيو ۽ قلعي کان يڪدم پوءِ زمين جو بهتر حصو ۽ سڄي بازار کي والاريائون. مٿيون طبقو اڳ ئي واپار وڻج طرف مائل نه هو ۽ هاڻ ته ماڳهين حڪومت جون واڳون سندن حوالي هيون. باقي سنڌ جو پورهيت مسلمان طبقو، شهر ۾ آباد ٿي ته هيٺيون طبقو ئي رهيو جو ڪين وڻج واپار نه ته ڪرڻ ايندو هو ۽ نه ئي ڪا موڙي هين. اهي عام ڪمي ڪاسبي ئي رهيا. خوش انهيءَ ڪري هئا ته شهر ۾ آباد ٿي ويا. روزگار جا موقعا اميرن حاڪمن ۽ واپارين ڪري، شهر ۾ اڻ ميا هئا. اهي ڪمي ڪاسبي اڻ پڙهيل ۽ تهذيبي ميراث کان وانجهيل هئا. گذريل ڏيڍ ٻن سؤ سالن جي عرصي ۾ سندن ڪيترين ئي پيڙهين جو دربدر ٿيڻ ۽ سر جي سانگي ڪري شهر ڇڏي ٻهراڙين ۾ پٽڪجڻ ۽ شهر جي روشنين کي ڇڏي ريگستانن ۽ ڪوهستان جي اونداهين ۾ پلجڻ ڪري، سندن ذهنن ۾ شهري ساجاهه يا پنهنجي متعلق ڄاڻ خير ڪي هئي. ايتري قدر جو ڪين پنهنجي مذهب متعلق ڄاڻ پوري ساري هئي يا بلڪل نه هئي. سواءِ الله رسول جي نالي ۽ ڪلمي پڙهڻ کان مٿي ڄاڻ سون يا هزارين ۾ ڪنهن ڪنهن کي هئي. جيڪا قوم صديون تهذيب ۽ علم جي روشني کان پري رهي هجي رڳو پنهنجي ساهه جي بچاءُ خاطر رُذل هجي، تنهن جو ڪهڙو حال هوندو. پر شهر جو آباد ٿيڻ هڪ بهترين شروعات هئي. پاڙن ۾ علم به ڪوڙيا ويا ته مسيتون به وجود ۾ آيون. ڪجهه مڪتب ۽ خطاب به ٺهيا ۽ ائين ساجاهه، سڃاڻپ ۽ روشني جا نئين سر اهتمام ٿيڻ لڳا. پاڙن جي چؤنڪن تي راتين جو عام ميڙ ڪچهريون، مذهبي ڏڻ، شاديون مراديون، رانديون ۽ خيالن جي ڏي وٺون ڏسڻ ۾ ايندڙيون هيون. چرچا گهٻا، راڳ رنگ، امام جي ياد ۾ مجلسون، يارهينءَ جون ديڳيون، ڪوڏي ڪوڏي، ونجهوٽيءَ جا ٻارا، دسهڙي، هولي، ڏياري ۽ ٻارهين وفات جا اهتمام سڀ هڪ وجايل تهذيبي ميراث کي ٻيهر اُجاگر ڪري رهيا هئا.

# 22

اوڻهويهه صدي جي شروع ٿئي پنجويهه سال کن ٿي ويا هئا.

شاهي بازار جي اترئين پاسي، اوير ڏانهن هڪ گهٽيءَ جي چيڙي تي ڪورين جو پڙ هو ۽ جت آنگاس ڪُتل هو. اُن جي اتر طرف هڪ سنهڙي گهٽي هئي جيڪا ٻه ٽي سؤ قدمن کان پوءِ هڪ وڏي چؤنڪ ۾ وڃي نڪتي ٿي. چؤنڪ جي هڪ ڪنڊ تي آنگاس لڳل هو ۽ آنگاس سان گڏ ئي ڪچين سرن جي مسيت ٺهيل هئي. اهو واڍن جو پاڙو هو. علم جي ڪري واڍن جو پڙ هو ۽ مسيت ٻه انهي ساڳئي نالي سان سڏبي هئي. حيدرآباد شهر جو هي حصو چڱو خاصو آباد ٿي چڪو هو. هي قلعي جي در کان ميل ڏيڍ جي مفاصلي تي هو. قاضي عبدالهادي ۽ سندس ساٿي علي ڏنو، قادر بخش ۽ امام بخش هن ئي پاڙي ۾ اچي آباد ٿيا هئا. پَٽَ کين ٽالپر حاڪمن ڏنا هئا ۽ پاڻ پنهنجي ٻاڙن جي پورهئي منجهان حاصل رقم سان، پنهنجا ڪچا گهرڙا اڏيا هئائون ـــــ ۽ سپ ڏڏيءَ جو شڪر ادا ڪندا هئا ته ڏڏيءَ نه رڳو سندن ايمان سلامت رکيو آهي پر روزي رزق ۾ ٻه ڪا تنگي نه هئن. قاضي عبدالهادي ورهيه ٿيا جو گذاري ويو هو ۽ سندس پٽ عبدالمنان پنهنجي ڪٽنب جو وڏو هو. عبدالمنان پنجٽيهه سالن جو جوان مڙس هو. پٽس کيس فارسي ۽ عربيءَ جا ٻه اکر پاڙهيا هئا تنهن ڪري هڪ وڏي هندو واپاري جي دڪان تي فارسيءَ ۾ حساب ڪتاب رکڻ جو ڪم ڪندو هو ۽ شام جو پاڙي جي مسيت جي صفائي ڪري تڏا چندي وڇائيندو هو ۽ پوءِ نمازين جي انتظار ۾ رهندو هو. نمازي گهٽ هوندا هئا پر جمعي جي ڏينهن اها ننڍڙي مسيت به پرجي ويندي هئي ۽ ڪجهه نمازي ٻاهر رستي تي بوڇڻ وڇائي نماز ادا ڪندا هئا. قاضي عبدالهاديءَ جي ٻين ساٿين مان هاڻ فقط علي ڏنو ۽ قادربخش وڃي بچيا هئا پر اهي ٻه جهونا ٿي ويا هئا ۽ سندن نظر ٻه پوري ساري هئي. علي ڏني کي ٻه پٽ هئا ۽ ٻئي ڪريل ۽ ڪنهن نه ڪم جا هئا. سڄو ڏينهن سائين ولايت علي شاهه بادشاهه جي اوتاري منجهه پيا هوندا هئا ۽ ڀنگ ۽ گانجي جي نشي ۾ ٻڏل هوندا هئا. سندن زالون سگهڙ هيون جيڪي گهرن ۾ اڳٽ اُٽينديون هيون ۽ پرت پري پائيبندن ۽ ٻين سرندي وارن جي گهرن ۾ موڪلي ڪجهه پيٽ گذر ڪنديون هيون. باقي قادربخش کي هڪ پٽ پير ڏنو هوندو هو جيڪو واڍڪي ڪم جو ماهر هو ۽ سدائين پنهنجي ڪم سان لڳل هوندو هو. انهيءَ ڪري سندن گهر ٻه سکيو هو ۽ پيءَ جي جوڙايل ڪچي گهر کي ڪجهه وڌيڪ وڏو ٻه ڪيائين ۽ جيڪو گاري ۽ گچ سان لنبيل ٻه هوندو هو. عبدالمنان سان ننڍي هوندي جي ياري هيس. پيءَ پڙهايس ڪو نه ۽ ننڍڙي وهيءَ منجهه ئي پاڻ سان واڍڪي ڪم تي لڳائنيس.

هڪ رات سومهڻيءَ واري نماز کان پوءِ، پير ڏنو ۽ عبدالمنان، آنگاس کان ٿورو پريرو، مسيت جي پٽ سان لڳل صندل تي، هڪ ٻن ٻين پاڙيسرين سان ويٺا هئا ۽ زماني جون ڳالهيون ٻوليون پئي ڪيائون. آنگاس جي پر ۾ مسيت جي در وٽ شمعدان ٻريو پئي جنهن جي روشني، سڄي پڙ ۾ ڦهليل هئي. گرميءَ جا ڏينهن هئا،

اجا سانوڻيءَ ۾ ڏينهن هئا پر ٿڌيءَ تيز هوا هلڻ ڪري ڏينهن واري گرميءَ جو شام ڪانپوءِ نالو نشان به نه هوندو هو.

”ياٺو هڪ صلاح ڪرڻي هئي“ پير ڏني عبدالمنان کي چيو، ”هُو ٿي ڏينهن کان ڪشنو واڻيو مون کي پيو منٿ ڪري ته سامهون مون وارو خالي دڪان کيس ڏيان ته جيئن هُو اِت سيڌي جو هٽ کولي. تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي؟“

عبدالمنان وراڻيو: ”ادا جيئن تنهنجي مرضي. ڪشنچند آهي ته ڀلو ماڻهو ۽ اسين پاڙي وارا ته سرها ٿينداسين جي هت سيڌي سامان جو ڪو هٽ کُلي ٿو. اجايو ٻين پاڙن منجهان ڪهي وڃي سيڌو وٺون ٿا. صلاح ته چڱي آهي.“

”ها مون پڻ اهوئي سوچيو آهي“ پير ڏني چيو، ”بابا جي واري جو ڪجهه سامان پيو آهي سو دڪان مان ڪڍي وٺبو. مون ته ڪشني کي چيو ته يار تون ننڍي هوندي جو سنگتي آهين توکان مسواڙ ڪهڙي وٺجي. ڏٺيءَ جا لک شڪرانا آهن.“

”ڀلا تو وارا سؤٽَ به واندا ويٺا آهن تن کي ئي اهو دڪان کولي ڏين ها. ڪاريگر ته چڱا آهن.“ عبدالمنان چيو:

”ياٺو ڪهڙي تو ڳالهه پڇين. سؤٽَ ته منهنجا آهن. ساڀيو رت آهي ــــ پر نڪو منجهن حيا ۽ نڪي ساڃاهه آهي. سڄو ڏينهن سائين ولايت علي شاهه جي اوتاري تي ويٺا آهن. ڀنگ ۽ گانجي جا دؤر پيا هلن. نڪو ڪمائن نڪو ڪو هڏ هلائين. ٻارن جي لانڍ ڪٺي ڪڍي اٿن. شاٻس آهي زائفائن کي جيڪي نور نچوئي پنهنجي ٻاڙن جي پورهئي سان گهر جو چرخو به هلائين ته هنن حلالين جا به پيٽ ڀرين.“

عبدالمنان ۾ ٿي گهڙيون سوچ ۾ پئجي ويو.

”چپ ٿي وئين يار؟“ پير ڏني پڇيو، ”مون وارن سؤٽن جو ارمان ٿيڻ لڳئي ڇا؟“

” تنهنجي سؤٽن جا ته اڃا منهن ٿيا آهن“ عبدالمنان چيو، ”پر ارمان انهيءَ ڳالهه جو ٿئي ٿو ته سيد ولايت علي شاهه ڪهڙي نه اعلىٰ ارفع گهراڻي جو ماڻهو آهي سو به سڄو ڏينهن ڀنگ پيو اکيون خماريو ويٺو آهي. مريد ۽ مريدياڻيون پيون اچن، ڏن باقاعدي پيو ملي. عباس علمبردار جي انگاس هيٺ اوتارو پيو هلي. پاڻ ته اهل بيت آهي. مرشد آهي. پر اُمتي هڙئي اچي ڪريا آهن. نڪو ڏنڊو ڪُن نڪي مزوري ــــ سڀ هِتان هُتان ڦريو اچيو حاضر ٿين اوتاري تي. ۾ ٿي ڪونڊا آهن سي پيا گهوٽجن. سلفيون پيون پرجن. نعرا پيا لڳن. دين جهان کان آزاد ــــ پر سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي ته نوجوان به انهيءَ ڪوڙڪي ۾ اچي ڦاٿا آهن ۽ ڳالهه روز بروز وڏي پئي. هي هڪ هنڌ ناهي. شهر ۾ اهڙا ڪيترائي اوتارا وجود ۾ اچي ويا آهن ۽ اُت مرشد سڳورا ۽ ڪجهه پيا ارڏا مڙس ويٺا آهن ۽ ڏينهن جي سوجهري ۾ خلق خدا جي پئي خراب ٿئي.“

”سيد سڳوري کي ڪير سمجهائي“ پير ڏنو چوڻ لڳو، ”الله جي محبوب نبيءَ جو اولاد آهي. هونئن به سيد پنهي جهانن جو آسرو آهي. اسان کي ته همت ئي ناهي جو سائين ولايت علي شاهه جي سامهون ڪجهه ڳالهائي سگهون. مون ته ٽالپر اميرن کي به سندس اڳيان هٿ ٻڌي عرض ڪندي ڏٺو ۽ ٻڌو آهي. ٻيو ته ڇڏ ڀائيبند هندو مذهب وارا سي به سندس مريدا ــــ پر ادا سائين مون وارو ننڍو سالو به وڃي انهيءَ اوتاري تائين پهتو آهي. رات جو گهر اچي ٿو ته گانجي جي نشي ۾ ٽڙندو ٽاٻڙندو آهي. چاتي ئي جوان جي ڀاندو ٿي ويئي آهي. هفتي ۾ ٻه ڏينهن ڪم تي وڃي ٿو ته چار ڏينهن گسائي ٿو. اسين سڀ پريشان آهيون.“

ٻه گهڙيون ماٺ ٿي ويئي ڪاٺ جي صندل تي هڪ ٻه پيا همراهه به ويٺا هئا پر انهن جو سڄو ڌيان سامهون پڙ ۾ ٿيندڙ ونجهوٽي راند ۾ هو. ڪجهه چنڊ جي روشني هئي ته ڪجهه آنگاس جي پر ۾ لڳل شمعدان هو ۽ پاڙي جا ننڍا نيٽا ور ڪنيو پنهنجي راند ۾ مگن هئا.

”اڄڪلهه شهر ۾ هڪ ٻي هلچل به هلي پئي“ عبدالمنان چوڻ لڳو: ”هيڏانهن هيٺ اولهندي ڪچي پاسي شهر ۾ مڙئي ڇڪتاڻ شروع آهي.“

”خير ته آهي؟“ پير ڏني راند منجهان ڌيان هٽايو.

”شهر جي اولهندي ڪچي واري پاسي ڪجهه مولوين ۽ اڪال پونگي جي سکن ۾ مڙيئي ڪو تڪرار پڏڻ ۾ پيو اچي. بازار ۾ ڳالهه هلي پئي ته معاملو ڳرو ٿيندو پيو وڃي.“

پير ڏني انهيءَ ڳالهه کي اهميت نه ڏني ۽ پنهنجي ڳالهه ڪيائين: ”يار انهيءَ تڪراري معاملن کي ڇڏ. سياڻي سائين ولايت علي شاهه بادشاهه جي پڙ ۾ راڳ جي محفل آهي. ڪي ملتاني صوفي راڳيندڙ ايندا. پاڻ به هلنداسين. ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن ڪنهن اهڙي محفل کي پڏئي. يار صوفياڻو ڪلام ائين ٿو مغز ۾ وڃي لڳي جو ڳالهه ئي نه پُڇ. هفتي ڏيڊ کان پوءِ امامن جا عاشورا به اچڻا آهن ـــــ سو سياڻي راڳ ضرور پڏبو.“

پئي ڏينهن سنجها مهل، عبدالمنان، پائي گوبندرام جي ڪوٺيءَ تي ويٺو هو ۽ سڄي ڏينهن جي ڏيتي ليتيءَ جو حساب ڪتاب لکي رهيو هو. پائي گوبند رام جي ڪوٺي قلعي جي در کان هزار ٻه قدم اندر اُتر ڏانهن بازار منجهه هئي. پائي گوبندرام جو وڏو واپار هو. هُو ٻي واپار کانسواءِ قلعي ۾ رهندڙ ٽالپر گهراڻي کي سيڌو سامان به موڪليندو هو جنهن جو حساب ڪتاب عبدالمنان کان فارسيءَ ۾ رکائيندو هو. پاڻ به فارسيءَ جي چڱي شد پد رکندو هو. ڪنهن ڪنهن مهل ٽالپر اميرن جا ڪاردار بي سمجهيءَ ڪري اجايو پروچڪي ڪندا هئا انهيءَ ڪري پائي گوبندرام اميرن جو حساب به انهيءَ زبان ۾ رکائڻ شروع ڪيو جيڪا کين ايندي هئي.

بازار جا هٽ بند ٿيڻ وارا هئا ته اترئين طرف کان گهڻن ماڻهن جا آواز آيا پئي ۽ اهي آواز عبدالمنان کي به پڏڻ ۾ آيا ۽ جلدئي ويجهو ٿيندا ويا. عبدالمنان به ٻين هٽ وارن وانگر ٻاهر نڪري آيو ۽ ماڻهن جي ايندڙ انبوهه ڏانهن ڏسڻ لڳو. شهر جي اڌجڻ کان وٺي اڃ تائين اها نئين ڳالهه پئي لڳي ته ڪنهن مذهبي يا سماجي ڏڻ کانسواءِ ايترا ماڻهو گڏ ٿي ويا هئا ۽ سيني جو رخ قلعي واري چوَنڪ ڏانهن هو. جڏهن ماڻهن جو هجوم اوڙيرو ٿيو ته عبدالمنان ڏٺو ته سيئي خالصا سک هئا. کين دستارون پڌل هيون. هٿن ۾ ترارون هيون ۽ ڪيترائي اوڙي پاڙي جا ٻيا هندو به ساڻن گڏ هئا. سيئي واهگروءَ جا نعرا هڻندا اڳتي وڌي رهيا هئا. آهستي آهستي اهو سڄو مجموعو، قلعي جي شاهي در اڳيان اچي بيٺو. قلعي جا پهريدار ۽ ٻيا عملدار پڻ حيران ٿي ويا ته اڄ هنن واهگرو جي سکن کي ڇا ٿي ويو آهي. عبدالمنان ۽ ٻيا اوَسي پاسي جا دڪاندار به انهيءَ هشام ۾ شامل ٿي ويا. انهيءَ سڄي معاملي جو بنياد اِهو هو ته شهر جي اُلهندي ڪچي واري حصي ۾ آڏواڻين جو ديوان ماڻڪ سنگهه ۽ سندس آکهه جا ٻيا پاتي گروءَ جا سک ٿيا هئا ۽ ديوان اُتي هڪ اڪال پونگو جوڙايو هو ۽ اُن ۾ آدي گرنٿ صاحب ۽ دسمان پاتشاهه سري گرو گوبند سنگهه جو گرنٿ رکايو هو جيڪو پاڻ لاهور منجهان وڏي مان شان سان هاٿيءَ تي کڻائي آيو هو. اُنهيءَ اڪال پونگي جي پر ۾ هڪ ننڍڙي مسيت به ٺهيل هئي. مولوين ۽ نمازين کي اهي ناد، نغارا ۽ گهنڊ خراب لڳا ۽ ائين فساد شروع ٿيڻ لڳو. اڄ صبح جو مُلن کان صبر نه ٿي سگهيو ۽ ڪجهه مسلمانن کي تيار ڪري لئيون کڻي اچي اڪال پونگي اڳيان بيٺا ته اهي غير شرعي آواز ۽ نماز مهل دهل دمامه بند ڪريو. پئي پاسي خالصا به دستارون پڌي ترارون کڻي اچي سر ڏيڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا. ڳالهه رتوڇاڻ تي وڃي پهچي ها پر ڪُجهه شهري عملدار موقعي تي پهچي ويا ۽ فيصلي ڪرڻ تائين معاملي کي ٺاري ڇڏيائون.

قلعي جي در آڏو هزار کن ماڻهو جمع ٿي ويا هئا. سيني جو اهو مطالبو هو ته اسين ٽالپرن جي صاحبيءَ ۾ رهون ٿا. سندن رعيت آهيون ۽ اسان کي پنهنجي مذهبي رسمن ادا ڪرڻ جي آزادي ۽ ضمانت کپي.

اُن وقت اولهه ۾ سج لهي چڪو هو. قلعي چوَنڪ ۾ شمعدان روشن ڪيا ويا پر ماڻهن جو انبوهه اُت بيٺو هو. نيٺ ڪجهه همراهه اندر قلعي ۾ گهرايا ويا جن ۾ ديوان ماڻڪ سنگهه، سندس پيءُ ديوان ڪشنچند ۽ ٻيا سرنديءَ وارا گروءَ جا خالصا اندر ويا جن کي مير اڳ ئي سجاڻندا هئا. اهي سڀ هڪ شاهي ڪمري ۾ پهتا جت ايران جو ٺهيل وڏو غاليچو وڇيل هو. ٽالپر اميرن طرفان مير اسماعيل شاهه وزير سندن آجيان ڪئي ۽ پوءِ ٻيا ننڍي وهيءَ جا ٽالپر امير به اسماعيل شاهه سان گڏ هئا. شهرين جي وفد پنهنجي مطلب جي ڳالهه پيش ڪئي، مسجد ۽ ملن جي روش جو پڌي مير اسماعيل شاهه به ويرم کن فڪر ۾ پئجي ويو. وفد جا سڀ همراهه نهٺائي ۽ نئڙت سان ڳالهائي رهيا هئا پر ديوان ڪشنچند ٿورو تيز ڳالهائڻ لڳو ۽ نيٺ ڦاٽي پيو: ”صاحب! تنهنجي صاحبي سدائين برقرار هجي. اسين توهانجي رعيت آهيون ۽ هي ٻاهر سڀ واهگروءَ جا خالصا بيٺا آهن.

سڀ اشراف ۽ پنهنجن پراون جو حيا ۽ خيال ڪرڻ وارا آهن. پر جي اڪال پونگي ڪي ڊاهڻ نہ ڏيندا. ان ڪي ٿاهڻ لاءِ پَٽُ بہ مير صاحبن پاڻ ڏنو هو. پر هاڻ جي هڪ خالصو شهيد ٿيو تہ سڄي پنجاب جي سکن جو رت ٽهڪندو ۽ وڏو غلغلو مچي ويندو. مهاراجا رنجيت سنگهہ، جنهن جي صلاح سان اهو اڪال پونگو ٺهيو آهي، سو خود اها ڳالهہ برداشت نہ ڪندو ۽ جي سنڌ تي ڪاهي آيو تہ وڏي خرابي پيدا ٿيندي. تنهن ڪري بهتر اهو آهي تہ سوچي ويچاري قدم کنيو وڃي.“

مير اسماعيل شاهہ ۽ ٻين ٽالپرن، ڪين خاطري ڏني تہ ”مولا ڪندو خير ٿي ويندو ۽ ڏينهن ٻن ۾ فيصلو ٿي ويندو. اوهان فڪر نہ ڪريو. سڀ پنهنجا پاڻ ۾ آهيون.“ شهري وفد قلعي کان ٻاهر نڪتو ۽ سيني کي خاطري ڏيارڻ لڳا. آهستي آهستي سڀ جمع ٿيل ماڻهو ٽڙي پکڙي ويا ـــــ ۽ رات پوري طرح شهر ۾ ڦهلجي ويئي هئي. عبدالمنان بہ انهيءَ ميڙ ۾ بيٺو هو ۽ پوءِ هو بہ ٻين ماڻهن وانگر پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيو.

رات جو پير ڏنو، پاڙي جا ٻہ نوجوان غلام حسين ۽ علي ڏنو تيار ٿي آيا تہ عبدالمنان کي ساڻ ڪري سائين ولايت علي شاهہ جي اوتاري جي پر ۾ راڳ جي محفل هلي ٻڌجي. عبدالمنان کين ٻڌايو تہ پهرين نماز پوءِ راڳ. انهيءَ ڇئي عبدالمنان تہ عشاء جي نماز لاءِ مسجد ۾ ويو هليو ۽ هي همراهہ ٽئي ڇٽا پڙ ۾ پيل صندل تي ويهي رهيا ۽ زماني جي ڳالهين ۾ اچي لڳا. ايتري ۾ عبدالمنان بہ آيو ۽ صندل تي ويهي رهيو.

”اڄ يار عجيب واقعو ڏسڻ آيو آهيان.“ عبدالمنان چيو.

”عجيب واقعو! ڪهڙو؟“ پير ڏني پڇيو.

”ڪالهہ مون تو کي ٻڌايو هو تہ هوڏانهن شهر جي اُلهندي ڪڇي واري پاسي مڙيئي گوڙ پيو ٿئي. سو اڄ واقعي گوڙ گهمسان ٿي پيو. ذري گهٽ خون خرابو ٿي پوي ها. پر رب مڙيئي خير ڪيو. اڪال پونگي وارا خالصا سڀ ميڙ ڪري قلعي در وٽ اچي پهتا ۽ اميرن کي مسلمان مُلن جون دانهون ڏيڻ لڳا.“

”يار اسان کي خبر ناهي،“ پير ڏني چيو. ”شهر ۾ هيڏو معاملي ٿي ويو ۽ اسان کي تہ ڪا خبر ئي ناهي. نيٺ ڇا ٿيو؟“

”خير ٿي ويو،“ عبدالمنان چوڻ لڳو، ”ٽالپر اميرن مڙيئي خير خوبيءَ سان معاملو نبيريو آهي ۽ اهي گروءَ جا سک گهرن ڏانهن موٽي ويا.“

”ها ٿوري خبر شام جو ڪشنچند ڪري ويو هو.“ غلام حسين چيو.

”ڪشنچند ڪير؟“ عبدالمنان پڇيو.

”يار اهو ڪشنو واڻيو نہ آهي جنهن لاءِ ڪالهہ مون توکان پڇيو هو تہ ڪيس ٻابي وارو دڪان ڏيان يا نہ. سو اڄ آيو هو ۽ مون دڪان سندس حوالي ڪيو ۽ سڄو ڏينهن دڪان جي صفائي ۾ لڳو پيو هو.“

”اڇا ڪشنچند!“ عبدالمنان چيو، ”ڇا چيائين؟“

”ڪشنچند چيو پئي تہ گروءَ جي پوءِ لڳن جو دماغ خراب ٿيو آهي ۽ هروڀرو جو فساد فساد پيا ڪن ۽ شايد ڏٺي خير ڪري اڄ ڪو معاملو نہ ٿي پوي. پر ادا مون کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي هئي انهيءَ ڪري مون خيال ئي نہ ڪيو.“ غلام حسين چيو.

رات جو دير سان عبدالمنان ۽ پير ڏنو هڪ ٻن ٻين پاڙي وارن سان گڏ سائين ولايت علي شاهہ جي اوتاري ڏانهن ويا. اوتارو پري ڪو نہ هو. سندن پاڙي کان اوپر ڏانهن ويندڙ سنهي گهٽيءَ جي ڇيڙي تي وڏو ميدان هو ۽ ميدان جي وچ ۾ غازي عباس علمدار جو آنگاس ڪُتل هو. آنگاس جي سامهون ٽوئن پکن جو منهہ اڏيل هو ۽ منهہ جي پر ۾ ٻہ ڪمرا ڪچين سرن سان اڏيل هئا جن مان هڪ وڏي ڪمري منجهہ خاص خاص موالي ۽ پرديسي رهيل هئا يا ٿاڏل يا سُوٽي خاطر ايندڙ همراهہ وهندا هئا. باقي اوي سوي ٻاهر منهہ ۾ پيا هوندا هئا. ٻہ ٽي ڪوندا سدائين پيا گهوٽبا هئا. ڪجهہ پڙ موالي گانجي جون سلفيون پرڻ ۾ پورا هوندا هئا. سڄو ڏينهن رونشو لڳو پيو هوندو هو. وڏي ڪمري جي پر ۾ ٺهيل هڪ ننڍو ڪمرو هوندو هو جنهن ۾ سائين ولايت علي شاهہ پاڻ ڏينهن جو ڪنهن مهل اچي ويهندو هو ۽ ڪيترن مردن ۽ عورتن کي دعائون ۽ تعويذ ڏيندو هو. ٽالپر حاڪم گهراڻيءَ جا ڪيترائي فرد سائينءَ جا مريد هئا ۽ ٻيا عام خاص تہ شمار ۾ ئي نہ هئا. سائين پاڻ صوفي مسلڪ جو پوءِ لڳ هو پر تنهن هوندي بہ اهل بيت جي ناطي ڪيترائي ٽالپر اچي سندس در

تي حاضري پريندا هئا. راڳ جون محفلون سائينءَ جي پڙ ۾ چٽي چهماهي ٿينديون رهنديون هيون. ماڻهو ڏاڍي شوق سان اچي شريڪ ٿيندا هئا. شهر جا ڪمي ڪاسبي شام کان پوءِ واندا هوندا هئا. ڪين ڪو اهڙو شغل نه هو. ڪي جوان ونجهوٽي يا ڪوڏي ڪوڏي راند کيڏندا هئا ۽ وڏي عمر جا ماڻهو شمعدان هيٺان چؤپڙ يا نوَڙڻ راند ۾ مشغول هوندا هئا. اهڙيون راڳ جون محفلون، ماڻهن لاءِ دل وٽان هونديون هيون ۽ ڏاڍي شوق سان راڳ ٻڌڻ ويندا هئا.

ننڍي ڪمري ۾ سائين ولايت علي شاهه اچي ويهندو هو ۽ سندس مريد ۽ عقيدت مند سڀ ٻاهر انتظار ۾ هوندا هئا. سائين جي عمر چاليهه کن کان مٿي هئي. وار ڊگها ۽ گهاٽا ڪلهن تائين هوندا هئا. پاڻ ايران جي شهر هرات جا هئا. سندن وڏا ارڙهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي منجهه هجرت ڪري سنڌ ڏانهن آيا هئا. هت سنڌ ۾ ڪلهوڙن گذريل سٺ ستر سالن کان پيري مريديءَ جو سلسلو شروع ڪيو هو ۽ سنڌ جا ماڻهو سندن درويشي ۽ الله جا پُهتل ٻانهن هئڻ ڪري ڏاڍا معتقد ٿي ويا ۽ جت ڪلهوڙن جي درويشيءَ جي سڳنڌ پهتي هئي اُت بيشمار حاڪمن جا ڏتڙيل ۽ مصيبت جا ماريل سندن حلقهٔ بگوش ۾ ايندا رهيا ۽ ائين ذهني سڪون ۽ منزل ڏانهن هدايتون ماڻيندا رهيا. ماڻهن ۾ ڪلهوڙن جي انهيءَ ڪردار ڏاڍو پاڻ ملهايو ۽ عام ماڻهو نهايت شوق ۽ ضرورت آهر ڪلهوڙن درويشن ڏانهن وڃڻ لڳا. اهوئي شوق ۽ مرشديءَ جو اثر هو ته جڏهن ڪلهوڙن سنڌ جي حڪومت جي واڳ پنهنجي هٿن ۾ ڪنئي ته سنڌ جو عام ماڻهو، جيڪو سدائين الائي ڪيترين پيڙهين کان رڳو رعيت جو حصو رهيو هو، تنهن ڪي ڪلهوڙن لاءِ چڱي نظر به هئي ته ذهنن ۾ هڪ سوال به هو. چڱي نظر انهيءَ ڪري جو ڪلهوڙا درويش مسلڪ جا ماڻهو ۽ عام ڌارين جنگجو حاڪمن وانگر خون خرابي وارا نه هئا. سندن رويو عام طور تي شفقت ڀريو هو. پر ذهنن ۾ سوال اهو هو ته ڪلهوڙن جو ڪنهن شاهي بادشاهي گهراڻي سان تعلق نه رهيو آهي ۽ هنن درويشي ته ڪئي آهي پر ڇا بادشاهي جا حقدار ٿي سگهن ٿا؟ ائين ئي جڏهن ٽالپرن جو دؤر شروع ٿيو ته ماڻهن جي ذهنن ۾ وڌيڪ شڪ شبها ٿيا ته ٽالپر نڪي درويش ۽ نڪي ڪنهن شاهي گهراڻي جا فرد آهن. ماڻهو ڪچهرين ۾ پنهنجي پر ۾ چوندا هئا ته اهي قيامت جون نشانيون آهن ته سنڌ جي حاڪميت اهڙن ماڻهن جي هٿ وس ٿئي پئي جيڪي نه ته شاهي خانداني فرد آهن ۽ نڪي سندن وڏن ڪڏهن بادشاهي ڪئي آهي. عام ماڻهن ۾ سنڌ جي بدنصيبين جو اهم ڪارڻ اهو به هو. ٽالپر حاڪمن ڪلهوڙن جي مرشد هئڻ واري ڪردار مان جان ڇڏائڻ لاءِ باقاعده تبليغ شروع ڪرائي ته اُمتي مرشد ڪيئن ٿو ٿي سگهي ۽ مرشد ته سيد ٿيو سڀ ڪوڙ! ٽالپر آيا سندن سيد به سنڌ پهچڻ لڳا ائين سنڌ ۾ اهل بيتن جا سدورا قدم نه رڳو پهتا پر چانئجي ويا ۽ ماڻهن کي بهتر درجي ۽ نسل جا مرشد ميسر ٿيڻ لڳا ـــــ تنهن سان گڏ ٽالپرن جي حڪومت به مضبوط ٿيڻ لڳي. ٽالپرن کان اڳ به سيدن جا ڪجهه گهراڻا سنڌو جي ٻنهي پاسي آباد هئا پر سيدن جو مرشد ٿيڻ ۽ برتري وارو ڪردار ۽ غلبو هاڻ شروع ٿيو هو ـــــ ۽ سنڌ جي اوسي پاسي يعني پنجاب، ڪابل، ايران ۽ عراق مان سيدن جا قافلا سنڌ اچڻ لڳا.

سائين ولايت علي شاهه جو پڙ ڏاڏو ڪلهوڙن جي ئي دؤر ۾ سنڌ پهتو هو ۽ موري ڏانهن آباد ڪيل نئين شهر الله آباد ۾ رهڻ لڳو. اُت شادي به ڪيائين پر انهيءَ مائي سڳوريءَ منجهان اولاد نه ٿي سگهيس پوءِ جڏهن ٽالپرن جي حڪومت آئي ته واپس هرات وڃي پنهنجا ٻه پٽ پهرين زال ۽ ڪجهه ٻيا عزيز اقارب پاڻ سان گڏ وٺي آيو. انهن ٻن پٽن مان هڪ تمام پُهتل هو ۽ وڏو درويش ثابت ٿيو. اهُو پٽ پنهنجي جواني منجهه ئي دنيا تياڳي، الله لوڪ ٻڌجي ويو هو ۽ حيدرآباد جي گهٽين ۽ رستن تي گهمندو وتندو هو. ڪڏهن بُت تي ڪپڙا هوندا هئس ته ڪڏهن الف ننگو هوندو هو. پر سندس وات مان نڪتل اکر ڏاڍا املهه هوندا هئا ۽ عام جام ماڻهو سندس اڳيان پٺيان خاطري منجهه رُڌل هوندا هئا. ماڻهو کيس سائين چٽن شاهه بادشاهه چوندا هئا. جتي به ويٺو هوندو هو ته مريدن جو انبوهه هوندو هو. کيس ڏاڍا چڱا طعام کارائيندا هئا ۽ روز ڪو نه ڪو سوالي ريشمي يا سوٽي وڳو کيس پارائي ويندو هو ۽ سائين چٽن شاهه بادشاهه ڪلاڪ ٻن کان پوءِ اهو وڳو يا ته ڦاڙي لاهي ڇڏيندو هو يا ڪنهن مسڪين سوالي کي لاهي ڏيندو هو، اُنهي مسڪين سوالي جا ته سڀ ڪم سهنجا ٿي ويندا هئا ۽ خوش خوش سائين کي سجدو ڪري ڪپڙا ڪٺي گهر ايندو هو ته سندس سڀ سوال پورا ٿيڻ

شروع ٿيندا هئا. عورتون مرد سڀ سائين جي چوگرد هوندا هئا ۽ سيني کي دلين ۾ سوال هوندا هئا ۽ سائين کنهن کنهن مهل چرڪ پري کنهن به هڪ مرد يا عورت کي مخاطب ٿي ڳالهائيندو ۽ پوءِ سوالي انهيءَ ڳالهه منجهان پنهنجو مطلب ڪيندو هو ۽ جيڪڏهن سمجهيائين ته سندس سوال جو جواب ملي ويو آهي ته خوش ٿي واپس ويندو هو نه ته ور ور ڪري دل ۾ يا زبان سان سوال ورجائيندو هو. نيٺ ڪيس ڪڏهن پهر پن ۾ يا ڪڏهن ڏينهن کان پوءِ جواب ملندو هو. شهر جي اترئين ڪنڌ ۾ هيٺالي پاسي ڪسبياڻين جو ويڙهو اچي آباد ٿيو هو. اُهي عورتون ڳائڻ ۽ نچڻ کان سواءِ پئسن تي شوقينن سان سمهنديون به هيون. انهن ڪسبياڻين جو به سائين چٽن شاهه بادشاهه ۾ وڏو اعتماد هوندو هو. جت به سائين ديرو چمايو ويٺو هوندو هو ته ٻه چار ڪسبياڻيون سائينءَ جي چوگرد ويٺيون هونديون هيون ۽ ڪوشش ڪري ڪيس زور ڏينديون هيون ته سائين خوش ٿي کين دعا ڪري ته جيئن سندن ڌنڌو زور وٺي. ڪي وڏيڪ معتقدياڻيون سائينءَ کي پنهنجي ويڙهي ڏانهن وٺي وينديون هيون ۽ رات ڏينهن خوب خدمت ڪنديون هيون. سائينءَ کي گانجي جي عادت به اُتان پئي.

پيو پٽ، سائين ولايت علي شاهه جو والد هو ۽ هو الله جو نيڪ ۽ پُهتل درويش هو. تنهن ڏاڏپرن کان پَٽَ وٺي پنهنجو مستقل ديرو چمايو ۽ امام صاحبن جو علم کوڙيو، عام ماڻهن جي اهنجن ۾ رهنمائي ڪرڻ لڳو. سندن وصال کان پوءِ ولايت علي شاهه پنهنجي پيءُ جي گاديءَ تي ويٺو ۽ سندس حشمت ئي اوُر هئي. مريدن ۾ نه رڳو مسلمان ۽ حاڪم طبقو هو پر ڪيترائي پائيبند وپاري به نذرانو ڏيئي ڪو سڳو ڦيٽو حاصل ڪري وٺندا هئا.

رات جي ٽئين پهر، عبدالمنان ۽ پير ڏنو راڳ جي محفل مان اٿيا ۽ ساٿن گڏ به ٿي چٽا پيا به پاڙيسري اُٿيا. اجا محفل پنهنجي عروج تي هئي ته رڳو سنڌجا ڪي فقير ڳائنا هئا پر هڪ اڌ گواليار جو ڳائڻو به هو جيڪي سائين ولايت علي شاهه جي والد جا مريد هئا ۽ سال ۾ هڪ ڀيرو زيارت لاءِ ايندا هئا. هاڻ سائين ولايت علي شاهه جي حاضري اچي پريندا هئا.

عبدالمنان ۽ پير ڏنو گهر نه ويا ۽ واپس اچي پڙ ۾ پيل صندل تي ويٺا. پاڙي ۾ چڻ رؤنشو لڳل هو. صبح جمعو سڳورو هو. انهيءَ ڪري ڪم جي به موڪل هئي. زالون ويچاريون، جمعرات جي آسري، پنهنجي پُٽارن جي اوسيئڙي ۾ جاڳي جاڳي نيٺ جهوٽا کائي سمهي رهيون هيون پر مردن جي ڪچهري هلي پئي.

”يار پير ڏنا ـــــ“ عبدالمنان چوڻ لڳو، ”سنڌ تي هاڻ مڙيئي رب سُٺائي پيو ڪري ۽ ماڻهو آسودا ٿين پيا. گذر سفر جو ايترو اؤنو ناهي. ماڻهو، تو ڏٺو ته اڄ ڪيترا مست هئا. نه ڪو فڪر نه ڪنهنجي پچار سڀ پنهنجيءَ ۾ پورا هئا. هن حڪومت ۾ ماڻهو، مذهبي پابندين کان به ٿورڙو آجا آهن.“

”مون ڳالهه نه سمجهي ـــــــــ“ پير ڏني چيو، ”يار جمعي جي نماز ۽ رمضان جا ٽيهه روزا پنهنجي لاءِ کوڙ آهن، باقي مُلا چاڻن ۽ سندن ايمان چاٽي.“

عبدالمنان کلڻ لڳو. صندل تي ويٺل ڀن ٽن ٻين پاڙي وارا به عبدالمنان سان گڏ مرڪيا. پر سندن سمجهه ۾ ڪجهه به نه آيو.

”منهنجو مطلب جمعي جي نماز يا رمضان جي ٽيهن روزن سان ناهي. پر تو کي خبر آهي بابا سائين عربي فارسيءَ جو ڄاڻو ۽ شريعت تي عمل ڪرڻ وارو انسان هو. تنهن به مون کي ٻڌايو هو ۽ ڪجهه ڏينهن ٿيا ته ٺٽي شهر مان به هڪ ٻه عالم فاضل بزرگ بزار ۾ آيا هئا تن سان به ڪچهري ٿي هئي. سي به ٻڌائڻ لڳا ته ميرن جي حڪومت کان اڳي ڪلهوڙن جي بادشاهي منجهه مذهب جو غلبو گهڻو هو.“

”نه ادا هينئر اسان غير مذهبي آهيون ڇا؟“ پير ڏني پڇيو.

”نه اها ڳالهه ناهي،“ عبدالمنان چيو، ”ڳالهه اها آهي ته ماڻهن تي جيڪا سختي، مذهب جي باري ۾، ڪلهوڙن جي دؤر ۾ هئي يا خاص ڪري غلام شاهه جي دؤر ۾ جيڪي احڪام نافذ ٿيا ـــــ تنهن جي ڀيٽ ۾ هاڻ عام ماڻهو ڪجهه وڌيڪ آزاد آهي. بابا ٻڌائيندو هو ته ميان غلام شاهه جي دؤر ۾ سرڪاري فرمان جاري ٿيندا هئا ته مذهب اسلام جي خلاف جيڪي به بدعتون آهن تن کي عام ماڻهو ختم ڪن نه ته سرڪاري ڪارندا انهن تي پنهنجي ڪارگذاري ڪندا. ماڻهن کي منع ڪئي ويئي هئي ته نشي دار شيون وڪڻ يا واپرائڻ مذهب جي خلاف آهي. محرم ۾ ماتم ڪرڻ يا تابوت ڪيڻ تي سخت بندش هئي ايتري

قدر جو شرط رکڻ، جوا کرڻ، فاحش زالن يا ڪدڙن جا ناچ رنگ سڀ سرڪاري طور تي بند هئا. زالن جو ٻاهر نڪرڻ تہ ائين ئي نہ هو پر مقامن تي وڃڻ تي بہ بندش هئي. هندن کي چوٽي رکائڻ يا ڏوتي پائي ٽنگون اگهاڙيون ڪرڻ بہ منع ٿيل هئي. مسلمانن کي شرعي ڏاڙهي رکڻ لازمي هئي ۽ ڏاڙهيءَ جا خط وٺائڻ يا شهپر رکائڻ تي پابندي هئي. هندن لاءِ مندرن ۾ عام طور بتن جي پوڄا منع هئي. ملطب تہ عام ماڻهو سخت پابندين جي هيٺ هئا. پر انهيءَ سڄي دؤر ۾ صوفين پنهنجن اوتارن ۽ مڪانن ۾ راڳ جي محفل جاري رکي ۽ ڀٽ جي لطيف سائينءَ کي ملن پاراتا بہ ڏنا ـــــــ ۽ هڪ دفعي اهو بہ چيائين تہ 'ملا مرئي ماءُ پتو ڦسيئي پيٽ ۾، سچاٽين الله ٽپي ڏنائين ڏوڙ ۾'."

"ها يار شل نہ ڪو ملن جي ور چڙهي،" پير ڏني چيو، "لاهہ نڪري ويندا انهي همراهہ جا. ڪايو پيئو مست ٿيو پيا گهمن. ڏٺا مُتا اهڙا آهن جو ڪو ڪو مُلو تہ مون کي جڻ گهيٽو لڳندو آهي."

رات جو پويون پهر بہ ڳپل ڪن تي چڪو هو ۽ سيئي پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيڻ لڳا. سائين ولايت شاهہ جي اوتاري منجهان اڃا تائين راڳ رنگ جي محفل جا آواز آيا پئي.

# 23

سچو ڏينهن آسمان ڪڪرن سان پريو پيو هو. پر جيئن ئي سج اولهه ڏانهن درياهه جي پٽيان لڙيو پئي ته گهٽا ڪڪر چٽجي ويا هئا ۽ سچي شهر جي ماڻهن جون اکيون اولهه ڏانهن هيون ته محرم جو چنڊ ڏسجي. عورتون ۽ ٻار گهرن جي ڪُڏن تي چڙهي چنڊ کي ڏسڻ جي ڪوشش ۾ هئا ۽ مرد جوان توڙي پوڙها کليل ميدانن ۾ اچي گڏ ٿيا. ڪيترن ئي پاڙن ۾ جت عَلَم ڪجهه ڏينهن اڳ لاٿا ويا هئا تن کي رنگ ڏيئي ۽ نيون بيرڪون بدلائي، پيهر چاڙهڻ جون تياريون زور شور سان ٿي رهيون هيون. زالن توڙي مردن پراڻن ڪپڙن کي ڪارو رنگ چاڙهي اڳواٽ رکيو هو ته جيئن امامن جي ڏک ۽ احترام منجهه ڏهي ۾ پائين. ٽيهه پنجٽيهه سالن کان حيدرآباد شهر ۾ محرم ڏاڍي اهتمام ۽ احترام سان ٿيڻ لڳو هو. ملڪ جي والين پڻ انهيءَ سچي مامري ۾ حصو ورتو هو. هو محرم منجهه اکين ۾ سرمو ۽ نوان ڪپڙا نه پائيندا هئا. عام ڪارو ويس ڪندا هئا. عاشورن دوران مٿو کير نه پيئندا هئا. پاڻ امام صاحبن جي ذڪر وارين مجلسن ۾ شريڪ ٿيندا هئا. ڪن خاص پڙن ۽ تعزين سان گڏ هلندا به هئا. محرم جي ڏهين تاريخ سچو ڏينهن پيرن اگهاڙين هوندا هئا.

قاضي عبدالمنان به جڏهن شام مهل پنهنجي نوڪري تان لٿو ۽ پاڙي ۾ پهتو ته ڏٺائين چوطرف شمعدان روشن ٿي چڪا هئا ۽ ننڍا نيٽا ۽ جوان مرد آنگاس چاڙهڻ جي تيارين ۾ هئا. ڪڏ نئين سر ڪوٽي چڪا هئا. آنگاس نئين بيرڪ سان ٽياس تي رکيل هو. آنگاس تي لڳل چوڪ مدن جي هيٺان رسا ٻڌل هئا ۽ رسن ۾ نم جون ٽاريون پنن سان لڳل هيون، سچو پڙ ماڻهن سان پريل هو. هڪ پاسي ڪنڊ ۾ نغارن جي ٻن جوڙين تي واڄو تي رهيو هو. ٿوري دير ۾ حمال به اچي پهتا. هي آنگاس مڙيئي ڳرو هو. علي ۽ حسين جي نعرن سان مڙسن آنگاس کي اُڀو ڪيو. ڪجهه همراهه رسن کي ڇڪي بيٺا ۽ نغارن تي به ٿاهُو وڄڻ لڳو. سيني ماڻهن توڙي گهرن جي درن درين ۽ ڪُڏن تي موجود عورتن جون نظرون آنگاس ۾ کُتل هيون. قاضي عبدالمنان به پير ڏني ۽ ٻين سان گڏ اهو لقاءُ ڏٺو پئي. پير ڏني کي ڪارا ڪپڙا پيل هئا پر عبدالمنان کي نه هئا.

آنگاس چڙهي ويو. ماهه محرم جا اهتمام به شروع ٿي ويا. هونئن به شهر ۾ حج واري عيد جي ڏينهن نماز ادا ڪري ئي امامن جي ياد ۾ ڏونڪو ڦيريو ويندو هو ۽ حج واري مهيني جي باقي ڏينهن ۾ ڪنهن به شادي يا خوشيءَ جو انتظام نه ٿيندو هو. شهر جا عام ماڻهو پنهنجن حاڪمن جي رسمن رواجن جي پيروي ڪرڻ لڳا هئا. هونئن به حضرت عليءَ ۽ امام حسين جون شخصيتون هر مسلمان لاءِ نهايت احترام جوڳيون هيون. هاڻ ته باقاعدي محرم جو اهتمام ٿيندو هو. عام شهرين ۽ گهٽ چاٽو ماڻهن کي امامن جي مصيبتن سهڻ جا تفصيل به معلوم ٿيڻ لڳا هئا. ملتان، ديرا غازي خان، بکر ۽ خيرپور جا ذاڪر ۽ ماتمي ٽولا به حيدرآباد اچڻ لڳا هئا. ٽنڊي ٺوڙهي جي مرزائن، ٽنڊي آغا جي آغائين، سيدن ۽ شهر جي ڪجهه پاڙن ۾ سيدن ۽ امتين جي گهرن ۽ پڙن ۾ مجلسون ٿيڻ لڳيون ۽ نياز به ٿيڻ لڳا. محرم جا ڏهه ڏينهن روز شهر جي هڪ ٻن هنڌن تان پڙ نڪرندا هئا جن ۾ هڪ ٻه گهوڙا سينگاري، ڪيترائي ماتمي يا حسين يا حسين چوندا مٿو يا سينو پٽيندا هلندا هئا. ۽ هر پڙ تي بيهندا هئا.

آنگاس چڙهڻ کان اڳ ئي، پاڙي ۾ جوانن پڙ ۾ هڪ پاسي لانڍي اڏي هئي ۽ اندر گلم وڇائي ڇڏيا هئا. هڪ پاسي ٻه ٽي مٽ پاڻيءَ جا ٽِين سان رکيل هئا ۽ سج لهڻ کان پوءِ جوان پوڙها اچي اُت گڏبا هئا ۽ ڳپل وقت ڪچهري ۾ گذرندو هو يا وري ڪو پڙ ۾ ايندو هو ته انهيءَ اهتمام ۾ جنبي ويندا هئا. مولائين کي نياز ورهائيندا هئا. اڄ به رات جو نوين ڏاري ڪجهه پاڙي وارا لانڍيءَ ۾ ويٺا هئا. پير ڏنو، غلام حسين ۽ پير ڏني جا

ٻہ سؤٽ جاني ۽ مولا بخش بہ ويٺا هئا. سندن اکيون ڳاڙهيون هيون ۽ هاڻ سائين ولايت علي شاهہ جي اوتاري منجهان سلفي پي آيا هئا. پير ڏني ڪي اهي ٻئي پاءُ نہ وڻندا هئا پر پڙ جي سچي ڪم ڪي منهن ڏيڻ وارا بہ اهي ٻہ هئا. جاني جتي پڙ ڪاريگر هو تہ اُت موالي بہ هو ۽ جنهن مهل بہ وقت مليس تہ هيٺالي ۾ قائم تيل چڪلي ۾ ڪسبياڻين وٽ ويٺو هوندو هو. اڄ چنڊ ڏسڻ کان پوءِ انهن رنن بہ ڪارا ڪپڙا پاتا ۽ امام جي ڏهي جي شروعات ڪيائون. جانيءَ کي بہ نيٺ ريهي ريبي گهر موڪليائون تہ وڃي عَلمَ جي پرگهور لهي. پاڻس مولا بخش بہ ٻن پهرن کان ٻہ دفعا جان ٻائيءَ جي در اَڏو بيهي گارين جو دس چاڙهي ويو هئس تہ حرامي چڪلائي هاڻ هلي ڪجهہ امامن لاءِ بہ ڪم ڪر ۽ ثواب ڪمائي. پر هي جاني عشق ڪمائڻ ۾ پورو هو. نيٺ جان ٻائيءَ ڳِتر کان جهلي ٻاهر ڪڍيس ۽ ٻڌايس تہ اڄ چنڊ رات آهي تون بہ وڃي پنهنجي پڙ جي ڪم ڪارين کي لڳ تہ پاڻ بہ وهنجي ڪارا ڪپڙا پائي. جان ٻائيءَ ٽن ڏينهن کان ڪاري رنگ جو هنڌ چاڙهيو هو. جاني نغارن جي وڄت جو ماهر هو. ڏونڪا هٿن ۾ جهلي، گوڏا کوڙي، جڏهن ذيل ۽ بَم جي اَڏو ويهندو هو تہ سندس آڱرين جي ڇُرپُر ڏسڻ وٽان هوندي هئي. ائين لڳندو هو ڄڻ سندس هٿ ڪنهن ڪَلَ جا پرزا آهن. ڏنڍ ۽ ٿاڦُو ائين وڄائيندو هو جو اُت بيٺلن کان واهہ واهہ نڪري ويندي هئي. گهڻن پاڙن ۽ اوسي پاسي جا ماڻهو خاص ڪري واڍن جي پڙ ۾ اچي جانيءَ جي نغارن وڄائڻ کي ٻڌندا هئا. سائين ولايت علي شاهہ بہ سعيو ڪري ماڻهو موڪليندو هوس ۽ سندس واڃو شوق سان ٻڌندو هو.

لانديءَ منجهہ پنج ڇهہ پاڙي وارا ويٺا هئا. ٻہ ڄڻا ليٽيا پيا هئا. پير ڏني جي ننڍڙي پٽ احمد چاچس عبدالمنان کان پڇيو: "چاچا اسان سيني ڪارا ڪپڙا پاتا آهن ۽ توهان ڪو نہ پاتا آهن."

عبدالمنان مُرڪي ڏنو ۽ آهستي سان جواب ڏنائين: "پٽ تو جلدي پائي ڇڏيا. آءُ سياڻي پرهينءَ پائيندس."

"تنهنجي چاچي کي ڪارن ڪپڙن پائڻ کان مرشد منع ڪئي آهي." پير ڏني کلندي چيو ۽ ٻيا لانديءَ ۾ ويٺل بہ کلڻ لڳا.

"نہ يار مرشد جو تہ ڪو واسطو ناهي،" عبدالمنان چيو، "پر احترام ۽ ڏک رکو ڪارن ڪپڙن پائڻ سان نہ ٿيندو آهي. امام صاحب جي عظمت ۽ مانَ کان ڪير ڪافر انڪار ڪري ٿو. پر سڀ ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو خيال آهي."

پير ڏني پنهنجي گهٽ ڄاڻ سبب چيو: "يار اسين تہ مسلمان هئڻ جي ناطي شيعہ آهيون تہ سني بہ آهيون. امامن جو نياز بہ ڪريون ٿا ۽ کائون ٿا. ڇئن يارن کي ۽ بادشاهہ پير کي بہ مڃون ٿا. پر يار هاڻ محرم ۾ ڪارا نٿو ڪريان تہ دل ۾ الائي ڇا جو وسوسو ٿئي ٿو."

"مون تہ ٻہ ٽي ڏينهن اڳ ٻڌو هو،" عبدالمنان چيو، "ياڄائي ۽ ٻيون زالون ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي روضي تي ويون هيون."

"ها يار زالن ڪا سُکان باسي هئي،" پير ڏني وراڻيو، "مون واري جوءِ نہ پر ڊنب زالن جو ويو هو. سيني جو چوڻ هو محرم کان اڳ اها سکان ڏيئي ڇڏجي. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو پُهتل بزرگ هو. هڪ تہ درويش خاندان جو فرد هو ۽ ٻيو پٽ جي شاهہ لطيف جي دعائن سان ڄائو آهي. زالون ڏاڍو مڃين ٿيون. باس پوري ٿيڻ تي مڃي ماني ڪٺي ويندي آهن ميان جي روضي تي."

عبدالمنان کلڻ لڳو.

پريان لانديءَ جي ڪنڊ ۾ هڪ جهونو ويٺو هو. تنهن اهي ڳالهيون ٻڌي چيو، "بابا اوهان نوجوان پيرن فقيرن کي ٿا مڃو. اوهان کي ڪهڙي خبر؟ ڪک هيٺان لک پيو آهي! الله جا اهڙا ٻانها بہ پيا گهمن جن کي ولايت مليل آهي پر لڪاءُ ئي ٿا ڏين تہ وٽن ڪا ايڏي منزل آهي. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي مقبري ۾ ڪڏهن ڪا رات گذاري اچ. عجب اسرار نظر اچن ٿا. اسان اڳ تہ ڳالهيون ٻڌيون هيون پر هڪ دفعي آءُ بہ ڪجهہ دوستن سان گڏ ويو هوس. اهڙيون ڏيکايون انسان ڏسي ٿو جو پاڻ جهلي نہ سگهي تہ صبح همراهہ هٿن مان هليو وڃي."

”ها چاچا،“ عبدالمنان چوڻ لڳو، ”منهنجو پيءُ مونکي ٻڌائيندو هو تہ اڳ ڪلهوڙا وڏا درويش ۽ عام ماڻهن جا مرشد هئا. سندن بزرگيءَ جا وڏا قصا مشهور هئا.“

”ها بابا صحيح ٿو چئين،“ پوڙهي شخص چيو، ”اڳ ڪلهوڙا عام طور درويشي ۽ بزرگيءَ ڪري سڄي سنڌ ۽ پنجاب ۽ قلات ۽ سبيءَ تائين مشهور هئا. هاڻ اسان جي پنهنجي سانيڻ ۾ هت سيدن جو راڄ ڦهلجي ويو آهي. ٽالپر سندن عزت ڪن ٿا. سيد آهن بہ عليءَ جو اؤلاد ۽ رسول جي گهراڻي جا ـــــــ سو اسان لاءِ تہ رهنما آهن.“

”چاچا ڪهڙي رهنمائي آهي،“ پير ڏني چيو، ”منهنجا تہ ٻئي سؤٽ سلفي ۽ گانجو پيئڻ بہ سائين ولايت علي شاهہ جي اوتاري مان سکيا. سڄو گهر پيو برباد ٿئي. جاني نہ رڳو نشو اُتان سکيو پر ڪجري جانٻائيءَ منجهہ بہ اُتان ئي ڦاٿو. رن سائينءَ جي عقيدت مند آهي ۽ خميس ڏينهن سائينءَ جي زيارت ڪرڻ ۽ ڪجهہ ڏن بہ ڏيڻ ايندي آهي. اُتان اسان وارو سؤٽ چڻ جنات جي ور چڙهي ويو.“

”بابا پنهنجا افعال بہ ڪو ڏسي.“ پوڙهي چيو.

”چاچا اهڙن اوتارن سان شهر سڄو پريو پيو آهي.“ پير ڏني چيو، ”پنهنجي پاڙي جي آس پاس اهڙا ٽي اوتارا آهن جن مان ٻہ سيد بادشاهن جا آهن. باقي هڪ شيدين جو آهي. ٿورو اڳيان هلو ڪورين جي پڙ کان اڳتي، مڇي هٽ بہ جڏي اڳتي سائين ابراهيم شاهہ جو اوتارو آهي. هيٺ ڪڇي ۾ بہ ڪاسائين ۽ ٻالي شاهين جي اوتارن ۽ پڙن سان گڏ سائين احسان علي شاهہ جو اوتارو آهي. ذات جوان جي اُت موجود نظر ايندي. سڀ موالي پيا ٿين. ڪم ڪار کي آڱوٺو ۽ ٻار ٻچا گهرن ۾ پريشان. رات اڌ رات جو ڪنگهندا کُڙڪندا ۽ ٽڙندا ٽاپڙندا، ڪڏهن پنهنجي گهرن ۾ پهچن ٿا تہ ڪڏهن ٻين درن آڏو وڃي پهچن ٿا. پوءِ چاچا آهي خواري ٻيو ڇا آهي.“

”پير ڏنا هر هنڌ اهو پنڌڻ ناهي،“ عبدالمنان چوڻ لڳو، ”مون خود اهڙا سيد سڳورا بہ ڏٺا آهن جي علم جا اڪابر ۽ ڏاڍا فهميدا ۽ ماڻهن کي صحيح دڳ ڏسين ٿا. خود آغا اسماعيل شاهہ ۽ سندس پويان تون ڏس. تو کي هرويرو موالي يا منجهيل نظر نہ ايندا. ٽندي جهانيان جي بہ ساداتن لاءِ تون اِها ڳالهہ نہ چئي سگهندين، ٽندي نُوڙهي جي مرزائن جي تہ ڳالهہ ئي اؤر آهي.“

”نہ يار منهنجو مطلب ٻيو آهي،“ پير ڏنو ڳالهائڻ لڳو، ”اها پيري مريدي چڱي آهي. پر ماڻهو پنهنجي ڪم ڪار کان بہ نڪمو ٿي ويهي. سڄو ڏينهن اوتاري ۾ پيو هجي يا تہ آئي وئي جي سلفيءَ منجهان ڦوڪون ويٺو پري يا پنگ جي ڪونڊي کي جنبيو پيو هجي. روزگار ختم، پنيان عيال آزار ۾. زالون ۽ ٻار دربدر.“

پريان ويٺل پوڙهي کي پير ڏني جي ڳالهہ نہ پئي وڻي ۽ چيائين، ”پٽ آءُ بہ پراڻو حيدرآبادي آهيان. شهر کي اُسرندي ڏٺو اٿم. ماڻهو ماڻهوءَ کي سڃاڻان ٿو. منهنجو ابو بہ چوندو هو تہ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ عام ماڻهن مٿان سرڪاري سختيون گهڻيون هونديون هيون. هندن کي بہ واپار ڪانسواءِ باقي مذهبي معاملن جي ايتري آزادي نہ هئي. هي پنهنجا ٽالپر امير، سرڪار ئي ٻي آهي. پاڻ بہ مدبر ۽ زماني جا ماڻهو آهن ۽ ماڻهن لاءِ بہ ڪي هرويرو پابنديون ناهن.“

پهرين محرم تي سائين سانول شاهہ جو پڙ هو. ٻيءَ تي ڪاسائين ۽ سيد ابراهيم شاهہ جا پڙ هئا. ٽين تاريخ تي شيدين جو پڙ هو. پنجين تي ٽندي آغا منجهان جهُولو ۽ گهوڙا هئا. ڇهين تي مولا جو پڙ ۽ هوروالن جو پڙ هو. ستينءَ تي سائين گل شاهہ جي حويليءَ تي مينديِ هئي. مينديِ ٻين گهٽن پڙن تي بہ هئي. اٺين تاريخ تي امام قاسم جي ياد ۾ سيج نڪرندي هئي. گهڻو ڪري هر پڙ تي سيج سينگاربي هئي. سيج گهڻو ڪري ڪو سيد سڳورو يا ٻيبين مان ڪا مائي سينگاريندي هئي. محرم جي هر رات هر پاڙي ۾، جيڪڏهن سيدن جو گهر آهي تہ اُتي يا وري اُن گهر ۾ زالون رات جي ماني ٽڪيءَ کان پوءِ گڏ ٿينديون، جن جي ذمي علم يا پڙ جي پوئيواري هوندي هئي. زالون ڌُهل تي اوسارا چونديون هيون جن ۾ امام سڳورن جي سختين ۽ مٿن ڪيل ظلمن جا ذڪر هوندا هئا. نائين رات، حشر جي رات هئي. جت ڪٿ امام جي ياد ۾ مجلسون ٿينديون هيون. ڪيترين ئي مجلسن ۾ گهڻا ئي امير گهراڻي جا فرد شامل ٿيندا هئا. ڏيهي ۽ پر ڏيهي ذاڪرن جي پڙهائي ٻڌندا هئا. ملتان ۽ ديري غازي خان جا سرائيڪي ذاڪر ڏاڍي سٺي ۽ دل تي اثر ڇڏڻ واري پڙهائي ڪندا هئا.

حشر جي ڏينهن يا ڏهين محرم جو ڏينهن شهر جي هر مسلمان گهر ۾ نسورو حشر جو ڏينهن هوندو هو. انهيءَ ڏينهن گهرن ۾ باهه نه ٻرندي هئي سواءِ ٻاهر پاڙي ۾ يا ڪن گهرن ۾ نياز ٺاهڻ خاطر چلهو ٻربو آهي. ماٺهو امام جي ڏک ۾ سڄو ڏينهن پير اگهاڙا ڪري تعزين يا ٻين پڙن سان هلندا هئا. متي ۾ تيل لڳائڻ يا وار سنوارڻ، زالين توڙي مردن ۾ رواج نه هو. گهڻا ماڻهو ته متي ۾ متيءَ جا ٻُڪ وجهي، ڏک جو اظهار ڪندا هئا. سڄي شهر جي پڙن جا ماتمي پنهنجن پڙن ۽ تعزين سان گڏ اچي شهر جي بازار ۾ گڏ ٿيندا هئا ۽ پوءِ سڄي بازار ۾ ماتم ڪندا نيٺ عصر نماز مهل قلعي جي چوڪ وٽ پهچندا هئا جت نماز ادا ڪرڻ کانپوءِ نهايت روزدار ماتم ٿيندو هو. ميرن جا شهزادا به انهيءَ ماتم ۾ شريڪ ٿيندا هئا. ساڻن گڏ ٽنڊي ٺوڙهي جا مرزا، ٽنڊي آغا جا آغائي ۽ هيٺالي جا ميراثي به ماتم ۾ شريڪ هوندا هئا. سڄي بازار ۾ مسلمانن ۽ هندن طرفان نياز ۽ پاڻيءَ جي سبيلن جا اهتمام ٿيل هوندا هئا. ڪيترائي هندو سائين مالڪن شاهه جي تعزين ۽ سائين سليم شاهه جي تعزيي جا معتقد هوندا هئا ۽ ڏاڍي عقيدت منجهان تعزين جي اڳيان هٿ ٻڌي جهڪي بيهندا هئا ۽ تعزين تي مُوڙو وجهندا هئا جن ۾ ناريل، مصري، پتاشا ۽ سُڪي ميوي کانسواءِ پئسا به هوندا هئا. هندو مسلمان عورتون باس به باسينديون هيون.

حشر جي ڏينهن سج لٿي مهل تائين سڀ پڙ نهر تي ويندا هئا ۽ تعزين کي واپس ڪربلا ۾ اچي رکبو هو ۽ شهر جيڪو سڄو ڏينهن ماتامين ۽ پڙن ۽ تعزين سان ڀريل هوندو هو سو سمورو ويران ٿي ويندو هو. هُو هوا لڳي پئي هوندي هئي. شهر چڻ ڪائڻ پيو ايندو هو ۽ هر طرف هڪ ڏک ڦهليل ڏينهن جهڙي ڪيفيت هوندي هئي. شهر جي ڪجهه پڙن ۾ ۽ ٽنڊي آغا ۽ ٽنڊي ٺوڙهي ۾ سج لٿي کانپوءِ مجسلن جا اهتمام ٿيندا هئا.

اِهي اهتمام ڏهين محرم کانپوءِ به جاري رهندا هئا. ڏهين کان پوءِ ٽيجهو ۽ پوءِ امامن جي چاليهي تائين شهر ۾ روز يا ٻئي ٽئين ڏينهن ڪا مجلس مڙي هوندي هئي يا ڪٿان ڪو پڙ نڪرندو هو.

# 24

سن 1832ع.

شهر حيدرآباد جي اُسرڻ سان گڏوگڏ چؤطرف کان هندو به لڏي آيا.

عصر جي نماز مهل، عبدالمنان جڏهن دڪان تان لٿو ٿي ته دڪان جي مالڪ ڀائي گوبندرام کيس چيو: ”ڀائي نماز پڙهي اچ ته پوءِ پاڻ ويهنداسين. ڪجهه حساب ڪتاب ڪرڻو آهي. ٿوري مڙيئي دير ٿي ويندي.“

عبدالمنان هائوڪار ڪري قلعي در ڏانهن مُڙيو. ڀائي گوبندرام جو دڪان قلعي جي دروازي کان گهڻو پرتي نه هو. قلعي جو در بند هو. محافظ در جي مٿان ٺهيل حفاظت گاهن ۾ ويٺل هئا ۽ در اڳيان ٺهيل کاهيءَ منجهه پاڻي هو ۽ انهيءَ کاهي تي وڏا ڪاٺ جا تختا وڇايل هئا جيڪي ضرورت مهل رسن ذريعي کاهيءَ مٿان ڪڇي ويندا هئا. قلعي در جي ڪاڀي پاسي بازار جي منهن سان لڳ ڪلنڌڙ گهٽيءَ ۾ طالب شاهه جي مسيت هئي. عبدالمنان ڪي اُتي نماز پڙهڻي هئي. مسيت نمازين سان ڀريل هئي.

عبدالمنان موٽيو ته ڀائي گوبندرام اڳئي بنديون کوليو ويٺو هو. ”ڀائي ويهه هتي“ گوبندرام چيو، ”ڪاغذ قلم کڻ ۽ مير صاحبن جي حساب جو چٺو تيار ڪر.“

عبدالمنان قلم کڻي تيار ٿي ويٺو ۽ گوبندرام واڻڪن اکرن وارين بندين مان کيس حساب ڪتاب لکائيندو ويو ۽ عبدالمنان فارسي زبان ۾ لکندو هو. قلعي اندر مير صاحبن جي ديرن ۾ جيڪو سيڌو سامان ۽ عام ڪپڙو گنديدي ويندو هو سو سڀ گوبندرام جي هٽ تان ويندو هو ۽ مير صاحب ٻئي مهيني يا ٽئي مهيني گوبندرام کي قلعي اندر گهرائي، پنهنجن ڪاردارن کي حڪم ڏيندا هئا ته حساب ڏسي کيس ادائيگي ڪن. ڀائي گوبند رام ڪڏهن به پئسن جي گهُر نه ڪئي هئي. کيس خبر هئي ته اِهي پئسا سونا آهن.

”ڀائي منان ٿوري ڦڙتي ڏيکار. اڄ مون وٽ ڪيترائي مهمان آيل آهن تن کي به منهن ڏيڻو آهي.“

”مهمان ته ڀائي تو وٽ ايندا رهندا آهن،“ عبدالمنان چيو، ”اِها ڪا نئين ڳالهه ته نه آهي.“

”نئين ڳالهه اها آهي ته،“ گوبند رام چيو، ”سڀني مهمانن کي اڄ ئي اچڻو هو. ڪراچي مان ڀائي رام گوپال ۽ مون وارو سنديو به اچي پهتا آهن. خيرپور مان به مون وارو سوٽ رامچند ۽ سندس عيال اچي لٿو آهي. ڪجهه همراهه شهدادپور، نصرپور ۽ رتي ديري کان آيا آهن. مطلب ته سڄي سنڌ اچي لٿي آهي. ڪاڏي پيتي جي پرواهه ناهي. ڏٿي پاڻ پوري ڪندو، جنهنجا ٻانها آهيون. پر سڀني عزت مان ۽ ڪچهري ته لهڻي. ڀائي ڳالهه نه پُڇ. مير صاحبن کي به اڄ حساب جو خيال ٿيو. حاڪمن جو حڪم به ته مٺو آهي، مهمانن کي به ته منهن ڏيڻو آهي نه ته ڀائي گوبند رام جا ٽوٽا ٿي ويندا.“

سج لٿي تائين حساب هليو پئي. جڏهن ختم ٿيو ته ڀائي گوبندرام بنديون وڏيون ڪڇ ۾ ۽ ملتاني گهيتلو پيرن ۾ ۽ وڏا قدم کڻندو قلعي جي شاهي در ڏانهن وڃڻ لڳو. عبدالمنان ٻيهر طالب شاهه واري مسيت ۾ مغرب جي نماز پڙهڻ لاءِ ويو. ٻاهر نڪتو ته چوڌاري اونده ڦهلجي چڪي هئي. بازار ۾ به ڪٿي ڪٿي ڪنهن گهٽيءَ جي منهن وٽ شمعدان ٻريل هئا نه ته سڄي بازار ۾ سڄ هئي. ڪو ماڻهو ڇيڙو به مشڪل سان نظر آيو پئي.

رات جو مانيءَ کانپوءِ ڀائي گوبندرام جي گهر جي وڏي ڪمري منجهه ڪچهري متل هئي. وڏي ڪمري منجهه پندرهن ويهه ماڻهو مهمانن سوڌو ويٺا هئا. ڪمري جي وچ ۾ به ٽي چلمون رکيل هيون. جنهن کي ٻاڙ لڳي ٿي تنهن چلم کي پاڻ ڏانهن سوريو ٿئي. ڀائي گوبندرام مهمانيءَ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي هئي. سڀني مهمانن ۽ حيدرآبادي عاملن ۽ ديوانن اڳيان شڪارپور مان آيل سُڪي ميون جون بسيون ڀريل رکيون هيون. سڀني کان اهم مهمان نصرپور کان آيل ديوان چيٺانند پرسرام هو. ونس گرما گرم خبرون هيون. رتي ديري مان مولچند چڳاڻي پنهنجي آکهه سان حيدرآباد گهمڻ آيو هو. شهدادپور مان ڀائي گوبند رام جي ساليءَ جو مڙس پنجورام آيو هو. ڪراچيءَ مان رام گوپال پوچواڻي ۽ گوبند رام جو سنديو چيلارام به آيو هو جيڪو سيٺ هوتچند جي ڪراچيءَ ۽ مسقط وارين ڪوٺين ۾ ڪم ڪندو هو. شهر جي عامل طبقي مان پوهو مل به ويٺو هو. پوهو مل پاڻ ڏاڍو قابل ماڻهو هو. سندس ٽي ڀائر آفريڪا ۽ وچ ايشيا ۾ ڪاروبار ڪندا هئا. سندس گهر چوڏڪي گهٽيءَ کان اتر طرف سڏ پنڌ تي هو.

آخر سڀني ماٺ ڪري، نصرپور مان آيل ديوان چيٺانند کي چيو ته پهرين هو احوال ڏيئي ته اڄڪلهه نصرپور ۾ حالتون چڱيون نه آهن.

”ڀائو حال احوال مڙئي خير جا آهن،“ ديوان چيٺانند چوڻ شروع ڪيو، ”اسان وٽ نصرپور شهر ۾ اڄڪلهه هرويروءَ جو ڦڏو شروع ٿي ويو آهي. ٻئي ڌريون سندرا ٻڌي بيهي رهيون آهن. هندو ڏس ته اُهي زور آهن. ڪنهنجي وٽ ۾ ناهن. مسلمان ڏسو ته اهي وهلور وڃن پيا.“

”ها يار چيٺا،“ ڀائي گوبندرام چيو، ”اسان بازار ۾ ويٺا آهيون ۽ ڪجهه ڏينهن کان اهي خبرون ٻڌون پيا ته اوهان جي شهر ۾ مڙئي خير ناهي ۽ ڳالهه ذري گهٽ خون خرابي تائين وڃي پهتي هئي.“

”ها سائين،“ چيٺي وراڻيو، ”ڏٺي خير ڪري. ڳالهه ڪا وڏي نه هئي. شهر ۾ پکوانو مزور آهي. اُن جو پٽ ڪندن، مسلمان استاد سان ڪا بي واجبي ڪري ويٺو. ڪا مڙئي گارڪند ٿي پئي. چورو ختاب مان پڇي وڃي هڪ مسيت جي در آڏو لِڪو. پٺس ۽ ٻين ڀائيبندن کي خبر پئي ته اُهي ٻِڳا مسيت ڏي. چورو ڊپ وچان مسيت ۾ گهڙي ويو ۽ مسلمانن به ڪٽي چوري کي پناهه ڏني. ڳالهه ڪا وڏي نه هئي. ٿورو ٻنهي ڌرين ۾ تڪرار ٿيو. ڀائي ڳالهه تون چا تون چا کان به مٿي چڙهن لڳي. نوبت ايستائين پهتي جو ٻئي ڏينهن اسان وارن همراهن شهر ۾ پنهنجا دڪان سڀ بند ڪري ڇڏيا. مسلمانن کي سيڌي سامان، اَن ۽ ٻين ڪاڌي پيتي ۽ روز جي استعمال جون شيون ملڻ بند ٿي ويون. ممڻ مچڻ لڳو. سرڪار جي ڪارندن کي خبر پئي ته وچ ۾ اچي ويا. پر هندن چيو ته دڪان اسانجا، سيڌو سامان اسانجو. اسانجي مرضي آهي ته دڪان کوليون يا نه کوليون. اسانجي مرضي آهي ته ڪنهن کي سيڌو وڪڻون يا نه وڪڻون. ڀائو، شهر ۾ نسوري بک پئجي ويئي. مسلمانن جا گهر سيڌي سامان کان خالي ٿي ويا. پوءِ ڪيترا مسلمان حيدرآباد ڊوڙيا ۽ هتان سيڌو سامان وٺي اتي آيا.“

”پوءِ اهو ڪندن چورو مليو يا نه،“ ڀائي گوبندرام جي رتي ديري مان آيل مهمان مولچند چڳاڻيءَ پڇيو، ”يا مسلمانن ڪيس زوري ڪري ظهرائي ڇڏيو؟“

”نه چورو ته ٻئي ڏينهن صحيح سالم ملي ويو پر جهيڙو هرويرو وڌي ويو. شهر جي هڪ موالي سيد پورل شاهه، جيڪو سچو ڏينهن ڀنگ ۽ گانجو پيئندو آهي ۽ وتندو آهي چورا تاڻيندو، تنهن وچ بازار ۾ بيهي هندن کي ڪافر چيو ۽ ڳنا لفظ ڪڍيا جنهنڪري معاملو وڌي ويو. لاڳيتو ڇهه ست ڏينهن هٽ بند رهيا ڪاروبار به رُلي ويو ۽ ٻن ٽن هندن تي مارامارِيءَ جا واقعا به ٿيا آهن. وري ٻڌو سون ته ڪراچيءَ ۾ به ڪو واقعو ٿيو آهي. نصرپور جي پنچائت جا ڪجهه همراهه هٽ حيدرآباد ۾ آيا هئا ته اميرن سان به ڳالهائجي ۽ حيدرآباد ۾ به ڪا هڪ ٻه ڏينهن هٽ تاڙ ڪجي ته مسلمانن جي مغز مان هوا نڪري.“

”حيدرآباد جي ڳالهه پوءِ ٿا ڪريون، پهرين رام گوپال ۽ چيلارام کان ڪراچيءَ جون خبرون ٻڌون.“ ڀائي گوبندرام چيو.

رام گوپال پوچواڻي پنجٽيهه ورهين جو سٺي صحت ۽ صاف رنگت جو سهڻو مڙس هو.

”ڀائو اسان وٽ ڪراچيءَ ۾ به باهه ٻري ويئي آهي. اُتي به مسلمانن، نصرپور جي واقعي ڪري ڦڏا ڪرڻ شروع ڪيا آهن ۽ هندو به پنهنجي ليکي گهٽ ناهن پر اسين سڀ چاهيون ٿا ته شهر جو امن خراب نه

ٿئي نہ تہ اجايا هڪ ٻئي جا مٿا ڦاٽبا ۽ سِر ويندا. ڪاروبار کي بہ ڌڪ رسندو. پلا دڪان بند ڪرڻ سان تہ اُلٽو اسان کي نقصان آهي.“

مولچند چڱاڻيءَ چيو: ”اسان وٽ رتي ديري يا چاندڪا پرڳڻي ۾ مون ڪا اهڙي ڳالهہ نہ ٻڌي آهي. پر مون کي رتي ديري مان بہ نڪتي ٻہ هفتا ٿيا آهن. گذريل هفتي پائي هريءَ وٽ خيرپور ۾ ٺڪيل هيس پر اُت بہ امن امان لڳو پيو هو. پر يار ڳالهہ تہ ڳري پئي ٿئي. هتي حيدرآباد يا ڪراچيءَ ۾ ڪٿي مسلمان ڪجهہ هوش وارا ۽ ڪجهہ غريب طبقي هٿڻ ڪري، اسان هندن کان ڪيٻائين ٿا. سندن روزگار بہ گهڻي ڀاڱي اسان جي ڪري آهي. پر پائو اسانجي پاسي تہ بُوش چٽ آهن. شڪليون ئي ڏاڙيلن جهڙيون اٿن. ليکي چؤکي ۾ سڌا سنوان پر جي ڦڏي تي اچن تہ پوءِ پنهنجن جا بہ سر لاهيو ڇڏين.“

رام گوپال وري ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”سائين معاملو ڳنڀير ٿي ويو آهي. ڪراچيءَ ۾ سنڌ جا سمورا سيد سڳورا اچي پلٽيا آهن. اسان وٽ هڪ نورل شاهہ آهي تنهن لياريءَ پاسي سڌن سئنون مومنن کي اهڙو تہ پڙڪايو آهي جو هاڻ لياريءَ جي کوهن مان هندو پاڻي بہ نٿا ڀري سگهن. ڪجهہ هندن مڙسي ڪئي تہ ماڳهين انهيءَ سيد انهن کوهن ۾ ڪتا ڀلا ڦٽا ڪرائي ڇڏيا. پوءِ تہ جهڳڙو اچي متو. ڪراچيءَ ۾ مسلمان اسان کان ڏاڍا ناهن. سڄو ڪاروبار اسانجي هٿ ۾ آهي. بندر هجي يا بازارون سڀ پنهنجا آهن. مسلمان طبقو يا تہ گڏهہ گاڏيون ۽ اُٺ گاڏيون هلائن ٿا يا وري مزوري بہ اسان وٽ ڪن ٿا. انهيءَ ڪري اسان جو وڏو اثر رسوخ آهي. پر فساد اُٿان وڌيڪ مچيو جڏهن سيٺ هوتچند جي پٽ، سيد نورل شاهہ کي پنهنجي پاڙي ۾ هندن خلاف گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان روڪيو. پرسرام بہ جوانيءَ جي نشي ۾ هو ۽ پيو سيٺ هوتچند جهڙي زبردست پيءُ جو پٽ سو نورل شاهہ کي منهن ڏيئي بيهي رهيو. خير اُت تہ نورل شاهہ پُڇي نہ سگهيو رڳو اهو چوندو ويو تہ اوهين سڀ ڪافر آهيو. بس پوءِ ٻئي ڏينهن هشام مسلمانن جا اچي ڪڙڪيا ۽ پرسرام جي گهُر ڪرڻ لڳا تہ انهيءَ جي ٻانهن سندن حوالي ٿئي. اسان بہ سڄي شهر جا دڪان ۽ پيو ڪاروبار ساندهہ ٽي ڏينهن بند ڪرائي ڇڏيو. مسلمانن کي ڪنهن قسم جو وکرو بند ٿي ويو. پوءِ سيني جو اهو فيصلو بيٺو تہ پرسرام کي ڪراچيءَ مان ڪڍي ڇڏجي ۽ پوءِ معاملي کي جيئن بہ صورتحال بيٺي تہ منهن ڏينداسين. پرسرام سنڌ ڇڏي جيسلمير ڏانهن ويو هليو. پر ڪراچيءَ ۾ هفتي ٻن کان روز ڪو نہ ڪو ممڻ متل آهي. اسين زور آهيون پر آخر ڪيستائين اهي ڳالهيون هلنديون ۽ ڪٿي وڃي بيهنديون. ڪجهہ ڏينهن پهرين منهنجي اچڻ کان ٿورڙو اڳ، حيدرآباد جي مير مراد علي خان ٽالپر، سيٺ هوتچند کي نياپو موڪيو تہ پرسرام کي حيدرآباد ڏياري موڪلي. پر سيٺ ورندي موڪليس تہ پرسرام اڳ ئي ڪڇ ڀُڄ ڏانهن نڪري ويو آهي. سو پائي هاڻ ڇا ٿيندو؟“

”باهہ تہ برابر ٻري پئي.“ ديوان ڇيٽانند چيو، ”پائي نصرپور بہ سمورو ٻري پيو.“

پوهو مل، جيڪو هيستائين خاموش ويٺو هو ۽ هڪ خاموش طبع انسان هو. فهم ۽ فراست ۾ بہ چڱو ماڻهو، سو چوڻ لڳو: ”ادا اهي سڀ ڳالهيون ويچار ڪرڻ جهڙيون آهن ۽ گوڙهو ويچار ڪپي! ڪنهن بہ ذر جي ٿورڙي غلطي ۽ اجايو جوش ملڪ ۾ الائي ڇا ڪري وجهندو. بهتر ٿيندو تہ پاڻ ۾ ويهي معاملي کي ٺاري ڇڏجي. سنڌ ملڪ ۾ سڀ پائر آهيون. پلا ائين ٿي سگهي ٿو ڇا تہ اسين هندو پنهنجي پئسي واپار جي زور تي مسلمانن کي ماري مات ڪري ڇڏيون يا ڪين سنڌ مان ڪڍي ڇڏيون ـــــــ نڪي اهو ئي ٿي سگهي ٿو تہ اهي مومن اسان کي ڪافر چئي ملڪ بدر ڪري سگهن. پائي منهنجي خيال ۾ مسلمان جهالت ۽ ٺلهي طاقت جي زور تي ڪافر مومن جا نعرا هڻي فساد ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اسين پئسي جي هوڏ ۽ هرويرو اجائي مڙسي ڏيکاري پاڻ کي آزار ۾ وجهون ٿا.“

ٿوري دير لاءِ خاموشي ٿي ويئي. رات ڳپل گذري چڪي هئي. نيٺ پائي گوبندرام ڳُليو: ”پائي اوهان سيني ڳالهايو هاڻ منهنجي بہ وينتي ٻڌو. حيدرآباد شهر ۾ اجا اهڙو ڪو آزار يا ممڻ ڪو نہ متو آهي. پر ڪجهہ ڏينهن کان مڙئي سيڪ اچي پيو. هت ٽالپرن جا ماڻهو آهن ۽ هرويرو فساد ڪو نہ ٿيندو. امير بہ سڀ شهر ۾ موجود آهن. مونکي جنهن ڳالهہ جو انديشو آهي سا اها تہ مير مراد علي ٽالپر، سيٺ هوتچند کي چوائي موڪليو آهي تہ جيڪڏهن پرسرام ٿتو اچي سگهي تہ هُو پاڻ هڪدم حيدرآباد پهچي. اهو بہ ڪو مسئلو ناهي تہ سيٺ حيدرآباد اچي پيو. پر ڳري ڳالهہ اها ٿي پئي آهي تہ سيٺ بہ ڪالهہ ڪراچيءَ مان نڪتو آهي.

ساٺس سرڪاري فوجي دستو به حفاظت لاءِ آهي پر پن هزارن کان مٿي هندو به گڏ اٿس. سياڻي شام ڌاري اُهي سڀ هِتي پهچي ويندا ۽ ٻئي طرف هالا، خدا آباد، نصرپور ۽ حيدرآباد جي سيدن ۽ مسيت جي ملن طرفان به ماڻهو گڏ ڪيا پيا وڃن. سي به سياڻي اچي شهر ۾ گڏبا. يار ڊپ اهو آهي متان ڪو فساد نه ٿي پوي. پوءِ چا هندو چا مسلمان سڀ رت ۾ رنگجي ويندا. اڄ آءُ قلعي ۾ ويو هئس. الاهي دير اُت حساب پئي ڪيم. خود امير شهزادا به ڳڻتيءَ ۾ هئا. ڪجهه ڪاردار ۽ ٽاپرو هرويرو ڏُکيل باهه کي ڦوڪون به هڻي رهيا هئا. ڏٺي نه ڪري جو فساد ٿي پيو ته اوهان چا ٿا سمجهو امير حاڪم، مسلمانن جو پاسو نه ڪندا؟ آخر سيد ته سندن مرشد آهن. چون ٿا، سيد مسلمانن جي نبيءَ جي اولاد آهن. پائي شهر سڄي ۾ ذري گهٽ سمورو ڪاروبار اسانجي هٿن ۾ آهي. سڄو ڪاروبار تباهه ٿي ويندو. ڪراچيءَ ۾ پائرن کي ٿورو سمجهه کان ڪم وٺڻو هو. اجائي هوڏ ٺيڪ نه هئي."

"پائي گوبند صحيح ٿو چئي." پوهو مل چيو.

"پر هاڻ چا ڪجي؟" چيٺانند ڳالهايو، "اسان وٽ نصرپور ۾ به حال ٺيڪ ناهي. پهرين اسان هٽ پاڻ بند ڪيا هئاسين پر هاڻي ڊپ وچان ٿا کوليون متان ڪا لُٽمار نه ٿي پوي. چوڌاري ڳوٺن مان مسلمان اچي پهتا آهن."

"يار نصرپور ته ننڍو شهر آهي،" گوبندرام چوڻ لڳو، "اصل جڳهه حيدرآباد آهي. هت ته مسلمانن کان به هندو گهڻا آهن. مسلمان اوسي پاسي رهن ٿا. ٽنڊو مير محمود آهي، ٽنڊو آغا اسماعيل شاه آهي. ٽنڊو جهانيان ٽيو ٽنڊو نوڙهو، ٽنڊو مائي ماهڻ ـــــ اهي سڀ مسلمانن جا علائقا آهن. حيدرآباد سان اصل لڳا پيا آهن. ڪاروبار سڄو اسان وٽ آهي. مون کي ته آڱرين تي شهر جا سڀ هٽ ۽ ڪاروبار ياد آهن. هاڻ ٻُڌ. رڳو قلعي در کان وٺي چوڌڪي گهٽيءَ کان ٿورو اڳتي تائين ۽ شهر ۾ ڪُل ست سؤ ارڙهن دڪان آهن. جن ۾ چاليهه اناج جا واپاري آهن ۽ سڀ اسان جا پنهنجا آهن. پاڇين جا دڪان بازار ۽ اوسي پاسي پنجويهه آهن جن ۾ ٻه مسلمان آهن. سوناري ۽ پٽل جي ڪمن جا سوا سؤ دڪان آهن. سڀ پنهنجا آهن. چمڙي رڱڻ ۽ جتين ٺاهڻ جا سورهن دڪان آهن جن مان ٿي چار مسلمانن جا آهن. سنجن ٺاهڻ جا ڪاريگر مسلمان آهن پر شهر جي ٻتيهن ئي دڪانن جا مالڪ هندو آهن. ترارون ۽ ڍالون ۽ ٻئي جنگي سامان جا چاليهه دڪان برابر مسلمانن جا آهن پر هلن اسان جي پئسن تي ٿا. ڪپڙي جا بجاج سؤ کن آهن ۽ سڀ دڪان اسانجا آهن. انهيءَ کان علاوه شهر ۾ ستر کن مٺائي ۽ ٻين شين جا دڪان آهن، سي به هڪ ٻن کانسواءِ هندن جا آهي. نَو گيهه ۽ تيل جا واپاري آهن ۽ سڀ هندو آهن. پاساري ٻارهن کن آهن. ٻارنهن ئي پنهنجا آهن. باقي واڍو، ڌوٻي ۽ رازا گهٽو ڪري سڀ مسلمان آهن. نيروٽي، ڪنهياٽي، ڪاسائي ۽ ماشڪي ـــ اهي سڀ مسلمانڪا ڏنڏا آهن ۽ هُو پاڻ ڪن پيا. سو سائين جي هت به هٽ تاڙ ٿي ويئي ۽ اهي ڪراچي ۽ نصرپور وارا حملا شروع ٿي ويا ته نقصان پنهنجو ئي آهي اها ڳالهه ائين ٿي جو پنهنجي جُتي پير مان لاهي منهن هڻڻي آهي."

گوبندرام جي هيڏي تقرير ڏانهن ڪنهن به ڪو خاص ڌيان نه ڏنو پر سيٺ هوتچند جي حيدرآباد آمد تي سيني ڪن ڪڙا ڪيا.

"جي سيٺ هوتچند ۽ ٻيا ٻه هزار هندو حيدرآباد ۾ داخل ٿيا ته ـــــ" پوهو مل چيو، "ـــ ته پوءِ سائين مامرو گنڀير ٿي ويندو. هيڏانهن سيد بادشاهه به جي واقعي چتا ٿين پيا ته پوءِ مونکي ته خونريزي نظر اچي ٿي. سيٺ کي به هرويرو هوڏ نه ڪرڻ کپي ها. بيماري سيماريءَ جو بهانو ڪري هي وقت ٽاري وڃي ها ۽ پوءِ اميرن اڳيان پيش پوي ها."

"پر پائي مون کي خبر آهي ته،" رام گوپال ٻڌايو، "مير مراد علي خان ٽالپر سيٺ جي ڏاڍي عزت ڪندو آهي ۽ پاڻ ۾ دوستانا تعلقات اٿن."

"ڀڳوان ڪري ته رهجي اچي،" پائي گوبندرام چيو.

رات جو پويون پهر اچي سهڙيو هو ۽ سيني سمهڻ جي تياري ڪئي.

ٻئي ڏينهن حيدرآباد شهر ۾ سڄ ايرڻ سان ئي سيڪ وڌڻ لڳو. شهر جي پاڙن ۾ اچ وڃ وڌي ويئي هئي. نصرپور، هالا، خدا آباد، سيوهڻ، ٺٽي ۽ ٻين شهرن مان سيد سڳورا، عالم دين ۽ ڪيترين ئي مسجدن جا پيش امام، حق ۽ باطل جي ويڙهه خاطر حيدرآباد ڪهي آيا هئا. ڪراچيءَ منجهان نورل شاهه ۽ سيد صادق شاهه آيا هئا. ٺٽي مان سيد عثمان آيو جيڪو پيريٺي جي درگاهه جو سنياليندڙ هو. ساڪري پرڳڻي کان سيد راز محمد ۽ حاجي خان جوکيو، ٺٽي کان قاضي عبدالرحيم، سونڊن کان مُلو صديق، ڪوٽڙيءَ کان سيد محمود شاهه ۽ ملڪ احمد خان جا موڪليل ماڻهو به اچي پهتا هئا. مانجهندن کان زميندار محمد مانجهند ۽ لڪيءَ کان سيد گل محمد شاهه جا موڪليل همراهه ۽ سيد صالح شاهه به شامل هئا. وچولي کان عبدالله پنهور، مراد علي لغاري پنهنجن سيني هارين ۽ اثر هيٺ ماڻهن سان پهتا هئا. اِهي سڀ ماڻهو پنهنجي ليکي اثر رسوخ ۽ وڏي پهچ وارا هئا. انهن سان گڏ به سوين ماڻهو اچي حيدرآباد ڪٺڪيا هئا. حيدرآباد ۾ به گهٽائي مسلمان هئا جن جي نظر ۾ هندن چڱو ڪم نه ڪيو هو. شهر ۾ فساد ڪڏهڪو شروع ٿي چڪو هجي ها. پر سرڪاري ڪارندا سڄي شهر ۾ ڦريا پئي. پروچ سپاهي، ترارن سان بازار ۾ يا ٻين علائقن ۾ پهري تي هئا. هندن جو سمورو علائقو، گدواڻي گهٽيءَ کان وٺي ويندي چوڏڪي بازار ۾ اتر ڏانهن ڪُجهه پنڌ تائين به، سپاهين جي پهري هيٺ هو. چوڏڪي بازار جي سامهون ساڄي طرف مُڪڪي گهٽي ۽ رامچنداڻين جو پاڙو ۽ اولهندي ڪچي ڏانهن نين آبادين ۽ اڪال پونگي واري پاسي به چڪتاڻ هئي. پر بظاهر شهر ۾ سڪون هو.

شهر جي مسلمان پاڙن ۾ سيد نورل شاهه ۽ سندن حمائيتن کُجهه گهوهه ۾ چگيون ملاقاتون ڪيون هيون پر جنهن رات گوبندرام جي گهر ۾ ڪچهري متل هئي انهيءَ ساڳي رات وادن جي پڙ ۾ وڏو ميڙ گڏ ٿيو هو. اوسي پاسي جا سؤ کن همراهه اچي گڏ ٿيا هئا جن ۾ ڪورين جي پڙ کان وٺي فقير جي پڙ تائين جا ماڻهو سومهڻي نماز کان پوءِ اچي پهتا هئا. سائين ولايت علي شاهه کي به اچڻ لاءِ چيو هو پر اجا ڪو نه آيو هو. مسئلو فقط اهو هو ته هندن نصرپور ۽ ڪراچيءَ ۾ مسلمانن جي مذهب ۽ نبيءَ خلاف ڳالهايو آهي.

پڙ ۾ چڱا خاصا ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. سڀ کان اول نورل شاهه ڳالهايو ۽ سيد جي حيثيت ۾ اها فتویٰ ڏنائين ته هندو سڀ ڪافر آهن. اُهي يا ته مسلمان ٿين يا ڪين سبق سيکاريو وڃي. شهر جا مسلمان دين ۽ نبيءَ جي خلاف ڪا به ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هئا. پاڙي جي نوجوان جان محمد جنهن کي سڀ جاني ڪري چوندا هئا ۽ پير ڏني جو سؤٽ به هو سو به تقرير لاءِ اٿيو.

"يائرو اسين مسلمان غيرت مند قوم آهيون. اسان جو مذهب سچو ۽ سچي دنيا ۾ ڦهليل آهي. هندن کي ڪو به حق ناهي جو اُهي اسانجي دين ۽ نبي سڳوري جي خلاف ڳالهائين. اسان غريب ضرور آهيون. مزور ماڻهو آهيون پر ايترا بي غيرت ناهيون جو پنهنجي نبيءَ لاءِ الله جي پيغمبر لاءِ ڪي خراب اکر ٻڌون. منهنجو سؤٽ پير ڏنو ته بي غيرت ماڻهو آهي جنهن هن پاڙي ۾ هڪ واڻئي کي پنهنجو دڪان ڪاروبار لاءِ ڏنو آهي. شرم جي ڳالهه آهي. مسلمان مري ويا آهن جو هندو اچي اسانجي پاڙي ۾ دڪان کولي. اڄ دڪان کوليو اٿس سياڻي سڄي پاڙي کي خريد ڪري وٺندو ۽ اسان کي لڏائيندو. يائرو صبح تائين اهو دڪان ۽ دڪان جو سامان هتي نه هوندو."

چؤطرف الله اڪبر جا نعرا بلند ٿيا پر انهن نعرن ۾ پير ڏنو اٿي بيٺو ۽ وڏي آواز ۾ چوڻ لڳو: "يائرو مون وارو سؤٽ جاني غلط ڳالهائي ٿو. مون برابر ڪشنچند کي دڪان ڏنو آهي. اهو دڪان ٻن سالن کان خالي پيو هو. ڪنهن به پاڙي جي پاءُ نه گهُريو. سو ڪشنچند کي دڪان ڏنو اٿم ته ڪو آسمان نه ڪريو آهي. رهيو جاني سو اجائي تقرير ڪري ٿو. پاڻ جيڪو ڪمائي سو ڪسبياڻين جي ٻلي پورو آهي. سندس پار بک مرن اُن وقت ڪيس غيرت نٿي اچي. سندس ماءُ ۽ زال ديوانن ۽ عاملن جي زالن لاءِ پرت جو ڪم ڪري ٻه پئسا ڪمائي ٻچن جو گذر سفر ڪن ۽ پاڻ غيرتمند بنجي هٽ تقريرون پيو ڪري. منهنجي دڪان کي هٿ لائي به ڏس رندي سان مٿي ڦاڙي وجهائين."

معاملو خراب ٿيڻ لڳو هو پر ايتري ۾ سائين ولايت علي شاهه به اچي پهتو ۽ سيني جو ڌيان اُن طرف ٿي ويو. سائين ولايت علي شاهه ٿورڙو ڳالهايو: "بابا فساد چڱي ڳالهه ناهي. اسين صوفي ماڻهو آهيون امن امان ضروري آهي. سيني جو پنهنجو مذهب ۽ پنهنجو مسلڪ آهي. انسان جو رت وهائڻ چڱي ڳالهه ناهي. رب وٽ

سڀ سندن مخلوق آهي. باقي هندو جي ماڻهپي مان نڪرندا ته پوءِ غيرت سيني کي آهي. پر اڃا ترسو. صبر ڪريو. اسان جا حاڪم مسلمان آهن. پهرين انهن کي معاملو نبيرڻ ڏيو. ڳالهه هٿن مان ويئي ناهي. اڳ اڳرائي جو ڪري سو خطا کائي ٿو.“

ولايت علي شاهه جي تقرير سان ماڻهو ٿڌا ٿيڻ لڳا. اها ڳالهه ڪراچيءَ مان آيل نورل شاهه کي نه وڻي پر وڏيڪ ڪجي نه سگهيو. پڙ ۾ ڳچ کن ماڻهو گڏ ٿي ويا هئا. گهڻن کي ڳالهه ئي سمجهه ۾ نٿي آئي ته اهو سچو مامرو ڇا آهي. گهڻن کي رڳو انهيءَ ڪري ڪاوڙ پئي آئي ته هندن جو مٿو قريو آهي ۽ مسلمانن جي نبيءَ جي لاءِ گُٺا لفظ ٿا ڪم آڻين. آخر عبدالمنان اٿيو ۽ ڳالهائڻ لڳو.

”يائرو اڄ اسين اهڙي معاملي خاطر هت اچي گڏ ٿيا آهيون جنهن لاءِ هر مسلمان ۽ رسول جو عاشق پنهنجو سر ڪپائي سگهي ٿو. اسين سڀ انهيءَ ڳالهه لاءِ تيار آهيون ته پنهنجي مذهب خاطر پنهنجو تن من ۽ ڌن ته ڇا پر پنهنجو اولاد به قربان ڪري سگهون ٿا. پر سوچڻ ۽ سمجهڻ جي ڳالهه رڳو اها آهي ته آخر اها ڪهڙي ڳالهه ٿي آهي جو اسين پاڻ سان گڏ رهندڙ هندو يائرن کي مارڻ ۽ مرڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهيون. حقيقت ته اها آهي جو گهڻن يائرن کي ته خبر ئي ناهي ته اصل ڦڏو ڇا آهي. هندن کان ڪهڙو ڏوهه سرزد ٿي ويو آهي. ۽ جي ڪنهن هڪ هندوءَ کان ڪو لفظ نڪري ويو آهي ته اُن جي سزا هر هندوءَ کي ته نه ملڻ گهرجي. خود اسان جي مذهب ۽ رسول به سزا جي ڳالهه ڪئي آهي پر انصاف طور. ائين نه ته ڪو غير ذميدار ماڻهو اُٿي ڪا سچي ڪا ڪوڙي ڳالهه ڪري ۽ پاڻ ۾ رهندڙ هڪ ٻئي جو قتلام شروع ڪري ڇڏيون. هي ڪو ارغون يا ترخان دؤر ناهي. هي ڪو مغلن جي جاگيردارن جو وقت ناهي جو انسان جو رت وهائڻ سؤلي ڳالهه آهي. اڄ مون پاڻ ٻڌو آهي ته حاڪم امير به چاهين ٿا ته شهرن ۾ ائين رتو ڇاڻ نه ٿئي. سو منهنجا يائرو دوستو تورو ترسو. پنهنجا مٿا خراب نه ڪريو. سياڻي ٽائين معاملو سچو صاف ٿي ويندو ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته خود ٽالپر حاڪم مسئلي کي سُلجهائي ڇڏيندا.“

ڪراچيءَ مان آيل نورل شاهه وٽ سٽ پئي ڪاڏا پر سائين ولايت علي شاهه جي موجودگيءَ ڪري چپ رهيو ۽ رڳو ايترو اٿي چيائين ته اسين ڪراچي وارا، ٺٽي وارا، مانجهندن وارا ۽ ٻيا سڀ مسلمان هت حيدرآباد نه رڳو انصاف لاءِ آيا آهيون پر اسان ڪنهن به قيمت تي پنهنجي مذهب جي خلاف ڪا به ڳالهه ٻڌڻ ۽ سهڻ لاءِ تيار ناهيون. سنڌ ۾ ته روايت رهي آهي ته شهرن جي چؤڪن ۾ ۽ گهٽين جي ڪسين منجهان انساني رت وهندو رهندو آهي.“

اتي عبدالمنان وري اٿي بيٺو: ”سائين بادشاهه اهو اسانجو رت ڏاريا حاڪم ۽ سندن فوجن وهايو آهي. هينئر اسان ۾ ڪو به ڏاريو ناهي. نڪو حاڪم ڏاريو آهي ۽ نڪا رعيت. سو اجايو رت ڪي نه پڪاريو.“

اهو جلسو ڳچ دير هلندو رهيو پر نورل شاهه جي ٽولي کي اها حمايت نه ملي سگهي جنهن خاطر هو ڪراچيءَ مان آيا هئا ۽ ڪالهه کان ڪيترن پاڙن مان چڱي خاصي حمايت حاصل ڪري چڪا هئا. هت سائين ولايت علي شاهه جي شخصيت جو رعب گهڻو هو ۽ ٻيو عام ماڻهن ۾ عبدالمنان لاءِ به عزت هئي.

ٻئي ڏينهن شام جو ڪراچيءَ مان آيل سيٺ هوتچند ۽ سندس ٻن هزارن کان به مٿي حمايتي درياهه ٽپي گدومل جي ٽنڊي ۾ اچي سهڙيا. درياهه جي ڪناري کان شهر ڏانهن ڪوهه کن پري سيٺ هوتچند پنهنجا خيما اچي کوڙيا. هو يڪدم سڌو ميرن وٽ وڃڻ لاءِ تيار نه هو. ٻن ڏينهن جي مسافت کيس ٿڪائي ڇڏيو هو. وڏي عمر جو مڙس هو پر بهادر ۽ ڳنڀير ماڻهو هو. ڌن ۽ پنهنجن ماڻهن جي حمايت کيس ٻي ڊپو ٻٽائي ڇڏيو هو. سندس قافلي اچڻ جي خبر حيدرآباد شهر ۾ ڦهلجي چڪي هئي ۽ هزارين هندو وڏا توڙي ننڍا پنڌ، ٻيل گاڏين ۽ گهوڙن تي چڙهي سيٺ وٽ پهتا ۽ سيٺ جو حوصلو ويتر وڌي ويو. سوين ديگيون چڙهي ويون. سؤ ڏيڍ اٺ پاڻيءَ جي مَشڪُن سان پرجي آيا. سيٺ سان گڏ آيل سرڪاري فوجي دستو سيٺ جي حفاظت لاءِ بيٺو هو ۽ فقط ٻه عملدار واپس قلعي ۾ پهتا ۽ مير مراد علي ٽالپر کي سيٺ هوتچند جو اهو نياپو پهچايو ته جي اجازت هجي ته سياڻي صبح جو حاضريءَ لاءِ سيٺ پاڻ پهچي. سيٺ سان گڏ آيل هندو به ڏاڍا جذباتي هئا ۽ هو به ڪراچيءَ منجهان سر ترپءَ تي ڪٽي نڪتا هئا. ڪيترن ڇٽن سيٺ کي صاف صاف چيو ته هرويرو ڊڄڻ جي ڳالهه ناهي.

اسين سڀ ته ڇا پر سڄي سنڌ جي هندو جاتي اوهان سان گڏ آهي. حيدرآباد مان آيل ديوان ۽ عامل ڪيس ڌيرج ۽ سمجهه کان ڪم وٺڻ جي وينتي ڪرڻ لڳا.

انهيءَ رات، سيٺ سان حيدرآبادي هندن جي ڊگهي ڪچهري ٿي. نصرپور مان آيل ديوان چيٿانند به سڀ کان اڳ ۾ هو. سيني جا رايا الڳ الڳ هئا. حيدرآبادي ديوان ۽ عامل معاملي کي اينگهائڻ جي فائدي ۾ نه هئا. نيٺ پوهو مل سيٺ کي ٻڌايو: ”ڀائو اسين هت امن امان سان رهون ٿا. عام مسلمان يا حاڪم طبقي اسان سان ڪڏهن به نه ڦتائي آهي. شهر سڄي جو ڪاروبار اسان جي هٿن ۾ آهي. عام مسلمانن جي محنت مزوري به سمجهه ڪٿي اسان جي ئي وس آهي. پر جي اهي ڳالهيون وڌيون ته اسان ماڻهن کي ڌاڍو نقصان ٿيندو. ٻي ڳالهه ته حاڪم مسلمان طبقو به اسان جي عزت ڪري ٿو. اسان جيءَ درٻار ۾ توڙي اميرن جي عملدارن وٽ وڏو مان ۽ مريادا آهي. مسلمانن جو هيٺيون طبقو ته هونئن به اسان جي هٿ وس آهي سنڌن سمورو روزگار به ڄڻ اسانجي ئي مرضي تي ٻڌل آهي. هت اسين اهڙي ڪنهن به متڀيد متعلق ٿا سوچون جيڪو اڳتي هلي ٻن ڌرين ۾ رتوڇاڻ جو سبب بڻجي. هونئن به سيٺ اهي جهڳڙا آخرڪار اسان کي ۽ اسان جي ڌنڌي کي ئي نقصان رسائيندا.“

ڀائي گوبندرام به انهيءَ ڳالهه جو حامي هو ته مسئلي کي اُلجهائي ڳالهه کي وڌائڻ چڱي ڳالهه ناهي. پر سيٺ هوتچند سان آيل هزارين ماڻهو ۽ حيدرآباد جا نوجوان ۽ سرنديءَ وارا هندو انهيءَ ڳالهه تي ٻيٺا هئا ته مسلمانن کي سيڪت ڏيڻ ڪپي يا گهٽ ۾ گهٽ ڪين اهو احساس ڏيارڻ گهرجي ته هُو به ڪنهن ڳالهه ۾ گهٽ ناهن.

ٻئي ڏينهن صبح ساڻ سيٺ هوتچند شهر وڃڻ ۽ ميرن سان ملڻ جي تياريءَ ۾ لڳي ويو ۽ پنهنجن سيني همراهن کي اتيئي گدومل جي ٽنڊي ۾ رهڻ جي هدايت ڪئي ۽ پاڻ پنڌرهن ويهن گهوڙيسوارن سان شهر ڏانهن ويو. هوڏانهن شهر ۾ به هزارين مسلمان اچي گڏ ٿيا هئا پر سرڪاري عملدارن ڪين قلعي ڏانهن ويندڙ اولهندي ڪچي وارن رستن کان هٽائي ڇڏيو هو ۽ بازار به خالي ڪرائي ڇڏي هئي. هونئن به ڏينهن ٻن کان شهر ۾ پيدا ٿيندڙ گوڙ ڪري اڄ جهڙو سڄو شهر بند هو. هندن ۾ خوف سان گڏ تاءُ به هو. قلعي جي آسپاس مسلمانن جو گوڙ نه هو پر فقير جي پڙ ۽ هيٺ ٺوڙهي جي چاڙهيءَ وٽ ماڻهن جا هشام هئا. پرتي سمورين گهٽين ۽ پڙن ۾ به مسلمان اچي گڏ ٿيا. شهر ۾ ائين پهريون ڀيرو ٿيو هو ته شهري ماڻهو پاڻ ۾ آمهون سامهون ٿيڻ لڳا هئا.

سيٺ هوتچند ۽ سندس همراهه گهوڙا ڊوڙائيندا شهر ڏانهن وڌڻ لڳا. اڳيان ميرن جو موڪليل فوجي دستو هليو پئي. گدوءَ جي ٽنڊي کان ڪوهه ڏيڍ تي گنجي ٽڪر جي هڪ شاخ هئي جنهن جي هڪ ڪنڊ تي ڪچين سرن جو قلعو ٺهيل هو ۽ ٻئي پاسي يعني اتر اولهه ڏانهن مائي ماهڻ ۽ جهانيان جا ٽنڊا آباد ٿيل هئا. قلعي ۽ انهن ٽنڊن جي وچ ۾ چاڙهي ٺهيل هئي جتان سيٺ هوتچند جو قافلو متي چڙهي شهر جي اولهندي ڪچي واري حد ۾ پهتو ۽ پوءِ پڪي قلعي جي اترئين پاسي واري چاڙهي چڙهي سيٺ هوتچند قلعي جي در اڳيان چؤڪ ۾ پهتو. قلعي جو شاهي در بند هو ۽ اڳيان ڪاهي هئي ۽ ڪاهيءَ ۾ پاڻي پريل هو. ٿوري دير کان پوءِ ڪاهيءَ مٿان زنجيرن سان ٻڌل تختا لٿا ۽ شاهي در کليو ۽ سيٺ هوتچند پنهنجن همراهن سوڌو اندر هليو ويو ۽ در وري بند ٿي ويو.

ميرن کان اهو مسئلو ترت نبيرجي نه سگهيو.

نيٺ فيصلو اهو ٿيو ته يا سيٺ پٽ جي ٻانهن سيد نورل شاهه ۽ سندس ساٿين جي حوالي ڪري يا سيٺ پاڻ نصرپور وڃي معاملي کي منهن ڏي. مير مراد علي ٽالپر به اهل بيت ۽ مسلمانن جي گوڙ اڳيان ۽ ڪجهه مصلحتن ڪري به خاموش رهيو.

هڪ ڏينهن گدوءَ جي ٽنڊي رهي سيٺ وري نصرپور جو رخ ڪيو.

مسلمانن جي پيڳهي متي. سيد لاهي پاهي بيهي رهيا. سيٺ هوتچند سان به حيدرآباد کان همراهه ڇڻ ٻيٺا ٿي ويا. معاملو سڌرڻ بجاءِ وڌيڪ خراب ٿيڻ لڳو. ڪراچي شهر ۾ اڳ ئي هندن طرفان هٽ تاڙ هئي پر هاڻ سيٺ جي نصرپور وڃڻ ڪري هڪ ٻه ڏينهن حيدرآباد ۾ به جهڙوڪ هٽ تاڙ ٿي ويئي. ڪجهه هندن خوف منجهان ته ڪجهه ڇٽن احتجاج طور دڪان نه کوليا.

اهو مسئلو اڃا ٻہ اڳتي وڌي ويو جڏهن نورل شاهہ جي حامين سيٺ هوتچند کي نصرپور وٽان اغوا ڪيو ۽ حيدرآباد وٽان ٽيندي سيٺ کي سڄاول ۾ هڪ ٻئي سيد جي گهر نظربند ڪيو.

پوءِ مير مراد علي جون اکيون کليون ۽ پنهنجي سرڪاري اختيار سان سيٺ کي بند مان ڇڏائي حيدرآباد گهرايائين.

——— پر شهر جي وچولي طبقي ۾ ڏار پئجي ويا هئا.

——— پهريون پيرو مذهب شهري طبقن جي ويچن کي وڌائڻ لاءِ استعمال ٿيو. اقتصادي طور تي شهر جي وچولي طبقي جو هڪ حصو اڳ ئي مٿيرو ۽ مضبوط ٿيو پئي هاڻ ٻئي حصي مذهب کي ڍال بنائي پاڻ ۾ آمهون سامهون ٿيڻ جا بنياد رکيا.

# 25

18 فيبروري 1883ع جي رات هئي.
سڄو حيدرآباد شهر سيءَ جي چادر ۾ ويڙهيل هو. بازار يا گهٽين ۾ ڪو به انسان ذات نظر نه پئي آيو. اڄ شهر ۾ اوندهه ڇانيل هئي ڪٿ ڪو ڪو شمعدان پريل نظر آيو ٿئي نه ته سڀ شمعدان وساميل هئا. وساميل ڇا اڄ روشن ئي نه ٿيا هئا. سڄ لهڻ کان ٿورو اڳ سنڌ جا امير ۽ سندن ڪجهه فوجي دستا هيٺالي منجهان نروار ٿي، بازار ۾ داخل ٿيا ۽ ڇپل وقت لڳو سندن گهوڙن کي اها بازار اُڪري قلعي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ. ٿڪل گهوڙا، هارايل ۽ مايوس ٽالپر امير آهستي آهستي، جنگ جو ميدان هٽان وڃائي واپس پنهنجي قلعي ڏانهن وڃي رهيا هئا. شهر جي ماڻهن کي سندن اميرن جي جنگ جي ميدان ۾ وڃڻ جي خبر به خير ڪا هئي ۽ سندن مايوس ۽ جهُڪيل منهن ڏسي، شهري به هڪ ٻئي جا منهن حيرت ۽ پريشانيءَ منجهان ڏسڻ لڳا. ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪي به اهڙا سوال نه هئا پر اميرن جي دماغن ۾ اچوڪي لهندڙ سج ته وارو وڃائي ڇڏيو هو پر ڪين ايندڙ صبح جي اڀرندڙ سج سان گڏ ڏاڍا انديشا ۽ وسوسا هئا.
هارايل حاڪم ۽ بي وس امير قلعي جي شاهي در منجهان گهوڙن سوڌو اندر ويا هليا ۽ ٻي سڄي رعيت ٻاهر شهر ۾ پنهنجن پڪن ڪچن گهرن ۾ بند ٿي ويئي. شهر سڄو اندوهه ۽ سيءَ ۾ وڪوڙيل هو.
تنهن مهل، قاضي عبدالمنان پنهنجي سورهن سالن جي پٽ جي سوالن جا جواب ڏيڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي محسوس ڪري رهيو هو.
”بابا مون ٻڌو آهي ته ٽالپر امير جنگ هارائي آيا آهن!“
”ها پٽ ٽالپر امير جنگ هارائي آيا آهن. پر سنڌ جنگ هارائي آهي.“ قاضي عبدالمنان پنهنجي پٽ آصف عليءَ کي ٻڌايو.
”بابا مونکي سمجهايو،“ آصف عليءَ پيءُ کان پڇيو، ”جنگ ٽالپرن هارائي ۽ نالو سنڌ جي هارائڻ جو ڇو ٿو اچي. ڀلا انهيءَ لڙائيءَ ۾ سنڌ وڙهي؟“
”پٽ ٽالپر سنڌ جا حاڪم هئا. ٻين حاڪمن حملو ڪيو. سنڌ جا حاڪم هارجي ويا . . . . “
”پر ٽالپر هارجي ويا . . . .“ آصف علي وچ ۾ ڇيو.
”پٽ تون منهنجي ڳالهه سمجهين ٿو،“ قاضي عبدالمنان وراڻيو، ”اهو ازل کان دستور رهيو آهي ته حاڪم هارايو سمجهو ملڪ هارايو.“
”ملڪ ڇو هارايو؟“ آصف علي اڃا به نه سمجهيو هو.
”پٽ حاڪم سان ملڪ جي فوج وڙهندي آهي. حاڪم سان گڏ ملڪ جا ماڻهو وڙهندا آهن. جنگ جي ميدان ۾ جڏهن حاڪم جي فوجن ۽ ماڻهن کي شڪست ايندي آهي ته انهيءَ جي معنىٰ ته انهيءَ حاڪم ۽ ماڻهن جي ملڪ کي شڪست آئي آهي.“
”پر بابا هن جنگ ۾ ملڪ جا ماڻهو ته وڙهيا ئي ڪو نه آهن. اسين ڪٿي وڙهيا آهيون؟ مونکي خبر آهي پنهنجي پاڙي يا ٻين پاڙن مان هڪ به ماڻهو جنگ وڙهڻ ڪو نه ويو. پوءِ ماڻهن ڪيئن هارايو. جڏهن ماڻهن نه هارايو ته پوءِ ماڻهن جي ملڪ ڪيئن شڪست کاڌي.“
عبدالمنان پٽس کي اڃا جواب ڏيڻ ۾ هو ته در تي کڙڪو ٿيو هو پٽ کي اتي ڇڏي، ڏيئو هٿ ۾ کڻي در وٽ پهتو ۽ هڪل تي جڏهن خبر پيس ته پير ڏنو ۽ پاڙي جا ٻيا ڪجهه ماڻهو گڏ آهن ته در جو ڪڙو لاهي،

همراهن کي اندر اچڻ ڏنائين. سڀ اچي انهيءَ ڪمري ۾ ويٺا جت نوجوان آصف علي بہ ويٺو هو. ڪيڪر ڪان پوءِ عبدالمنان پير ڏني کي ٻڌايو، ”يار اوهانجي اچڻ کان اڳ آصف علي ڏاڍا سٺا سوال پئي ڪيا. سندس مطلب آهي تہ اڄ جيڪا جنگ هارائي آهي سا ٽالپر اميرن هارائي آهي. سنڌ نہ هارائي آهي. سنڌ جي ماڻهن نہ هارائي آهي.“

پير ڏنو مرڪڻ لڳو، ”ابا ڏٺي خير ڪري سڀاڻي الائي ڇا ٿيندو. سنڌ تہ لڙائي هارائي چڪي آهي. انگريز بادشاهہ جي سرسي ٿي آهي.“

آصف علي ڪجهہ چوڻ لڳو پر عبدالمنان ڪيس روڪي پاڻ ڳالهايو: ”نہ يار، انگريز بادشاهہ ٿيو يا ٽالپرن صاحبي وڃائي. پر آصف عليءَ جي ٻاراڻي ڳالهہ منهنجي متي ۾ کُپي ويئي آهي. آصف عليءَ جو چوڻ آهي تہ جڏهن اسين سنڌ جا ماڻهو جنگ وڙهيا ئي ڪو نہ آهيون تہ پوءِ اسان جنگ ڪيئن هارائي.“

”يار اسانجا حاڪم وڙهيا ۽ اسانجون فوجون وڙهيون . . . . “

”برابر حاڪم وڙهيا،“ عبدالمنان چيو، ”پر فوجون سندن هيون. هاڻ ڳالهہ بلڪل سوچڻ جي آهي. ٽالپرن ڪڏهن بہ پنهنجن شهرن ۽ ڳوٺن جي ماڻهن کي جنگ ۾ شريڪ نہ ڪيو. سندن فوج ۾ سدائين ٽالپر، نظاماڻي، مري، لغاري يا ٻين ٻروچن کي پنهنجن پنهنجن سردارن جي وسيلي ڀرتي ڪندا آهن. عجيب ڳالهہ آهي تہ بلوچ حاڪم ۽ بلوچ قوم ـــــ پر ٻي سڄي مخلوق جيڪا ڪين پنهنجو حاڪم مڃي ٿي ـــــ تن کي وطن جي بچاءُ لاءِ فوج ۾ نٿا آڻين. هي سڄو شهر ڀريو پيو آهي، هزارين مسلمان ۽ هندو رهن ٿا. تن مان ڪو بہ فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ جي لائق نہ آهي.“

”يار هندو ڇا وڙهندا؟“ پير ڏني سان گڏ غلام حسين هو تنهن چيو.

”سائين ڇو نہ وڙهندا؟“ عبدالمنان چيو، ”هر اهو ماڻهو وڙهندو جنهنکي وقت جا حاڪم بہ انهي لائق سمجهي سڏ ڏين تہ بابا اچو تہ گڏجي وطن کي ڌارين کان بچايون. پر ٽالپرن سڏ ڏنا لغارين، نظاماڻين، مرين ۽ ٻين بلوچ سردارن ۽ جاگيردارن کي جيڪي پنهنجي قبيلي جا همراهہ وٺي آيا. اها ملڪ جي فوج تہ نہ ٿي پر ٻاڙي جي فوج ٿي.“

”اها ڳالهہ صحيح آهي،“ غلام حسين چيو، ”سنڌ تان هر ڪو سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي.“

”بس ڳالهہ اها آهي تہ سنڌ ملڪ، سنڌ جي عام ماڻهن جي وڙهڻ کانسواءِ هارجي ويو. يار وڏي ارمان جي ڳالهہ آهي. ڪتابن ۾ بہ ڪڏهن اهڙي شڪست نہ پڙهيسين.“ عبدالمنان افسوس ڪرڻ لڳو.

”بابا اسين اڃا بہ انگريز سان وڙهڻ لاءِ تيار آهيون.“ آصف عليءَ اپهرائي منجهان چيو.

”پٽ ٻاراٽيون ڳالهيون نہ ڪر،“ عبدالمنان چيو، ”پهرين سڀاڻي صبح جو سڄ اڀرڻ ڏيو ۽ ڏسون تہ ڇا ٿو ٿئي. ٽالپر امير ڇا ٿا ڪن. مون کي اڄ ڪنهن معتبر شخص ٻڌايو پئي تہ اڃا ٽالپرن جي ڇيلهہ ڍِڳي ناهي. وٽن قلعي ۾ چار پنج هزار جو لشڪر هڪيو تڪيو ويٺو آهي. مادر وطن کي بچائڻ لاءِ تہ هر ننڍو وڏو جنگ ڪندو آهي. اسان ماڻهن کي تہ خبر ئي ناهي تہ امير ڇا ڪري آيا آهن ۽ ڇا ڪرڻ چاهين ٿا.“

پير ڏني سان گڏ چاچو ڪريم بخش بہ هو. وڏي عمر جو هو ۽ زمانو بہ ڏٺل هئس: ”ابا قاضي عبدالمنان، ٻاڙي سڄي جا ماڻهو حيران آهن تہ هاڻ ڇا ٿيندو؟ سڀاڻي انگريز لٽمار ڪري ماڻهو تہ نہ مارائيندو. ابا اسان جا وڏڙا چوندا هئا تہ جيڪو بہ ڌاريو سنڌ ۾ آيو تنهن قتلام ڪيا. شهر لٽيا ۽ شهرن جا شهر ويران ڪيا. هاڻ هت سڀ گهر گهاٽ ڪري ويٺا آهيون. ڇا ٿيندو؟ ٻچن جا سر بہ سلامت رهندا يا نہ ـــــ؟“

”چاچا سائين ڏٺي خير ڪندو،“ عبدالمنان چوڻ لڳو، ”ڳالهہ واقعي ڳري آهي. سڀاڻي ڇاٿيندو؟ وري هي شهر بہ ناس ٿيندو جيئن اڳ ٿيا آهن. اسان تہ پنهنجن وڏن کان ائين ئي ٻڌو آهي.“

ساڳي مهل شهر جي ٻئي حصي ۾ پوهو مل جي گهر ۾ بہ اهو ساڳيو مسئلو هليو پئي.

”ڏٺي خير ڪري الائي ڇا ٿيندو؟“ پوهو مل چيو، ”اسان کي تہ وهم گمان ۾ بہ نہ هو تہ ڪي اهڙا طاقت وارا امير بہ هارائي ويندا.“

# 26

24 مئي 1843ع

24 مئي، انگلستان جي راڻيءَ سڳوريءَ جو ڄم ڏينهن هو. انهيءَ ڏينهن، سنڌ ملڪ جي نصيبن ۾ جاگيرداري نظام کي، انگريزي قانون هيٺ سندون ڏيئي، هڪ قانوني ۽ آئيني شڪل ڏني ويئي. انگريزن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اهو اعلان ڪرايو ته جيڪي جاگيردار ۽ زميندار آهن سي پنهنجين سَنَدُن سان 24 مئي تي حيدرآباد قلعي منجهه شاهي دربار ۾ پاڻ اچي پيش پون ۽ سلامي ڀرين ۽ پنهنجين سَنَدن کي نئين سر قانون مطابق حاصل ڪن ۽ انگريز بادشاهه جي رعيت ٿيڻ جو ثبوت حاصل ڪن. ٻي صورت ۾ سندن جاگيرون ۽ زمينون رد ٿي وينديون.

ڀرِي پاسي شهر ۾ انگريزن جو ڌمڪاءُ پوري طرح ڇانئجي نہ سگهيو هو. مسلمانن جي پاڙن ۾ ڏک جي لهر ڦهليل هئي. پر ڪڇيو ڪو بہ نہ ٿي. 23 مئي جي شام ڀائي گوبندرام جي گهر وڏي محفل متل هئي. ڪراچيءَ مان سيٺ نائون مل پاڻ بہ اچي پهتو هو. ساڻس گڏ رام گوپال ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ڄڻا ڪراچيءَ مان آيا هئا. عبدالمنان بہ اتي موجود هو. ڀائي گوبندرام کي عبدالمنان تي پورو ڀروسو هو. عبدالمنان کي دڪان تان گهر وڃڻ ۾ ڪا ٿورڙي ويرم اچا هئي. عامل پوهومل ۽ سندس دوست ٿانور داس بجاجي بہ اچي پهتا هئا. سيٺ نائون مل کي سياڻي دربار ۾ حاضري ڏيڻي هئي. حشمت وارو مڙس هو ۽ منهن مان رت پئي بڪيس. ڳالهائڻ جو انداز بہ ڏاڍو ٽُريل تڪيل هوس.

"سيٺ! اها ڳالهہ تہ ٻڌائي،" پوهو مل پڇيس، "اسان ٻڌون پيا تہ ٻروچ ۽ ٻيا مسلمان اچا بہ انگريزن سان وڙهن پيا ۽ ٿي سگهي ٿو سڀ مسلمان انگريزن کي تڙي ڪڍي ڇڏين."

"ڀائو پوهومل منهنجي ڳالهہ ياد رکجائين،" سيٺ نائون مل چيو، "انگريز هاڻ هت هميشہ لاءِ اچي ويو آهي. انگريز جي عقل، سياڻپ ۽ بهادريءَ اڳيان ٻي سڀ اجائي ڳالهہ آهي. باقي هي مسلمان ڇڻ هنن علم جي اڪابرن ۽ سچي دنيا تي بادشاهي ڪندڙ انگريز فيل مست سان ڪيئن پڄي سگهندا. پت ۾ متو هڻڻ سان پنهنجو متو ڦاٽندو آهي."

"پر ڀائو مون کي پاڻ خبر آهي تہ ڪيترا ٻروچ سردار ۽ جاگيردار اچا انگريزن وٽ آيا بہ ڪونهن ۽ وڻن ٻڌو اٿم لشڪر بہ ٺاهوڪو آهي. آءُ سمجهان ٿو تہ جي مڙسي ڪري پاڻ ۾ ملي پون تہ انگريز بادشاهه ڏچي ۾ پئجي وڃي." گوبندرام ساعت کن چپ رهيو ۽ وري آهستي سان چيائين، "ڀائي تو واري ڳالهہ تہ ڇڻن تي ڀروسو بہ تہ ڪونهي."

گوبندرام عبدالمنان ڏانهن ڏٺو ۽ کلي ڏنائين ۽ سيٺ نائون مل کي ٻڌايائين، "سيٺ هي مسلمان آهي پر ڇڻ نہ آهي. حسابن جون وهيون واهہ جيون ٿو رکي. سندس ابا ڏاڏا بہ قابل هئا ۽ ايران توران جا پڙهيل هئا. ٿالپر بہ هن جي هٿ لکئي حسابن کي ڏسندا ئي نہ هئا."

گوبندرام وري کليو ۽ عبدالمنان کي زور سان چيائين، "ڀائي منان تون ڇڻ ناهين."

عبدالمنان بہ مُرڪي ڏنو. پر سيٺ نائون مل ماٺ ڪيو وينو هو.

”ٻروچن ۾ مڙسي تہ آهي،“ سيٺ نائون مل چيو، ”پر عقل ناهي. جڏهن پڳوان عقل پئي ورهايو تہ مير صاحبان شڪار ڪرڻ ويا هئا. موٽي آيا تہ شيءِ ورهائجي چڪي هئي.“

سيني ٽهڪ ڏنا.

”هاڻ جي ڪنهن بہ ٻروچ ضد ڪئي تہ اجايو مارجي ويندو. ڪيس پنهنجي ۽ پنهنجن ماڻهن جي جان پياري هئڻ گهرجي. ڀائي گوبند رام مون بہ هي وار اُس ۾ اجا نہ ڪيا آهن. سياڻي درٻار ۾ سڀ اجا ڪارا پڌرا ٿي ويندا.“

پوهو مل هڪ ٻي فطرت جو ماڻهو هو. سو ماٺ ڪريو ويٺو هو. سڄي ڪچهري هلي پئي پر ڳالهايائين نہ پئي. عبدالمنان اٿيو ۽ موڪلائي ٻاهر نڪري ويو.

”ڀائي تو کي ڇا جو ارمان آهي،“ رام گوپال پوچواٽيءَ چيو، ”ڪو واپار ۾ نقصان ٿي پيو اٿئي ڇا؟“

پوهو مل چوڻ لڳو: ”نہ سائين نقصان مون کي تہ نہ ٿيو آهي پر سمجهان ٿو تہ شايد اسين سڀ گهاٽي جي سودي جي شروعات ڪري رهيا آهيون. ڀڳوان اسان جي مستقبل جي حفاظت ڪري، آءُ ٻہ رستا ڏاڍا خراب ڏسان پيو. الائي رستي جو ڇيهہ ڪٿي ٿو وڃي بيهي.“

”ڪهڙا رستا ڀائي؟“ نائون مل پڇيو، ”ڪهڙا سودا ۽ ڪهڙو گهاٽو.“

”ڳالهہ پئسي پائيءَ جي ناهي،“ پوهومل چيو، ”ڳالهہ ملڪن ۽ اُن ۾ رهندڙ ماڻهن جي آهي. مونکي جيڪي ڪجهہ محسوس ٿئي پيو ۽ اسين خاص ڪري هندو، گذريل ٻن ٽن مهينن کان، ڪنهن نئين گس ڏانهن وکون وڌايون پيا. پويان سڀ گس ڇڏي ڏناسين. پويان گس ۽ پويان پيچرا وساري هاڻ هڪ نئين دنيا آباد ڪرڻ چاهيون پيا. ادا ائين نہ ٿئي تہ اها نئين دنيا ڪٿي اسان جا بہ ٽيڙ مٽي تي ڪٽائي ڇڏي.“

”ڀائي ڳالهہ کولي ٻڌائي،“ گوبندرام چيو، ”تون آهين وڏيڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ اسين آهيون حسابن جون وهيون رکڻ وارا. اسان وٽ ان وقت سڀ خير هوندو آهي جڏهن ٻہ ۽ ٻہ چار ٿين ۽ چارئي اسان کي وصول ٿين يا جي چارئي وصول نتا ٿين تہ هڪ يا ٻن جي جيڪا اوڌر رهي سا بہ وياج سان ملندي ۽ پنهنجين بندين يا وهين ۾ برابر لکيل هوندي.“

”يار آءُ بہ اهڙين بندين يا وهين جي ڳالهہ ڪريان پيو،“ پوهومل ڏاڍي گنڀيرتا سان وراڻيو، ”هڪ وهيون تہ ٽينديون آهن پئسي ڏوڪڙ جي آمد ۽ روانگي بابت وچور جون. اُهي تہ برابر صحيح آهن. اسان ماڻهن جي واپار ۽ وجود لاءِ ڪمائڻ سڀ کان اُتم ڳالهہ آهي. پر ڀائي آءُ هڪ ٻي سوچ سوچان پيو. منهنجي خيال ۾ اسين پاڻ کي هڪ هارايل يا فتح ٿيل قوم نہ پيا سمجهون ۽ دلئون يا هڙئون ائين پيو ٿئي جڻ ڪنهن نہ ڪنهن پاڳي پاڻ کي يا ڪٽيل ڌر پيا سمجهون يا ڪٽيل ڌر جا حمايتي. منهنجي اها سوچ صحيح آهي تہ پوءِ اسان جا پير هن ڌرتي ماتا ۾ پوريءَ طرح کپيل نہ آهن ۽ وقت ثابت ڪندو تہ اسين صحيح رخ ڏانهن وڃي رهيا آهيون يا گهاٽي جو سودو ڪري رهيا آهيون.“

نائون مل ٿورو خفي ٿيڻ لڳو ۽ ڀائيءَ گوبندرام موقعي جي نزاڪت سان ڳالهہ کي ڦيرايو ۽ چوڻ لڳو: ”ڀائي اهي ڳالهيون تہ پيون سوچبيون پر سياڻي جي سڀ اڙٻنگ ماڻهو اڇي پيش پون ٿا تہ پوءِ منهنجي خيال ۾ اسان هروڀرو غلط نہ پيا ڪريون. اسان کي انگريز بهادر سان ڦٽائڻ جو سوچڻو ئي ناهي. باقي رهيا پنهنجا مسلمان ڀائر . . . . .“

”انهن سان ڦٽائجي تہ پرواهہ ناهي . . . .!“ پوهو مل چيو، ”ائين نہ؟“

”نہ نہ اهڙي ڳالهہ ناهي،“ گوبندرام چيو، ”پر ير مسلمان ننڍا آهن تہ اسان جي نوڪريءَ ۾ يا اسان جي ڪري سندن ڏنڊو ڏاڙي هلي ٿو. باقي وڏا صاحب جيڪي زميندار آهن، جاگيردار آهن سي تہ اسان کان سواءِ چُري بہ نٿا سگهن. سڀ ڄڻ ڪُٺل خان آهن. زمينون ۽ فصل، اسانجي پئسي يا قرض کانسواءِ ڪنهن بہ ڪارج جون ناهن.“

پوهومل وڌيڪ نہ ڳالهايو. پر سندس دوست ٺانور داس بجاجيءَ ڦهريون ڦيرو ڳالهايو، ”ڀائي پوهومل جي ڳالهين جو ارمان نہ ڪريو. هي هميشہ خوابن جون ڳالهيون ڪندو آهي. مان ڪيترن دوستن سان ڳالهايو آهي تہ اسان کي هاڻ شهرن کان سواءِ ٻهراڙيءَ منجهہ بہ قدم کوڙڻ کپن. زمينون بہ وٺڻ گهرجن. انهن کي آباد بہ

ڪرڻ گهرجي. جيسين زمينون اسانجون ناهن تيسين اسان مضبوط نه آهيون ۽ ڌرتيءَ سان واسطو ائين قائم ڪري سگهنداسين ۽ اسانجو دوست پوهومل به خوش ٿي ويندو.“

”منهنجي ڳالهه ڪن کولي ٻڌي ڇڏيو،“ نائون مل چيو، ”انگريز سرڪار کي پنهنجي اطمينان وارا ماڻهو کپن ۽ هندن کانسواءِ کين ٻين تي اعتبار گهٽ آهي. اسان کي موقعي جو فائدو وٺي سرڪار کي خوش ڪري، پاڻ کي وڏيڪ آسودو ڪرڻ کپي.“

نائون مل جي ڳالهه تي سيني اتفاق ڪيو پر پوهو مل وڌيڪ نه ڪچيو.

ٻئي ڏينهن 24 مئي تي قلعي اندر شاهي دربار جو اهتمام ٿيو ۽ سنڌجي ڪند ڪڙڇ کان سڀ رئيس، جاگيردار، زميندار ۽ برک واپاري اچي حاضر ٿيا. حيدرآباد شهر جي فضا ئي ڪجهه اوُر پئي لڳي. شهر جا هيٺين طبقي جا مسلمان اهو سمجهي رهيا هئا ته ڪجهه نه ڪجهه ٿيڻ وارو آهي. انگريزن جي بادشاهي وڌيڪ نه هلي سگهندي. ڪو طوفان ڪنهن پاسي کان ايندو ۽ جيڪي ڪجهه انگريز حاصل ڪري چڪا آهن سو ختم ٿي ويندو. 24 مئي جو آسرو هرويرو سيني جي ذهنن منجهه سمايل هو.

شهر جي چؤطرف خيما کوڙيل هئا ۽ سموري سنڌ مان آيل جاگيردار، زميندار ۽ ٻيا سرنديءَ وارا پنهنجن پنهنجن خيمن منجهه پنهنجن خدمتگارن ۽ حفاظتي دستي سان موجود هئا ۽ تيارين ۾ مصروف هئا. وٽن پنهنجي وڏ ماڻهپي، معتبري ۽ درجابنديءَ جا دستاويز به هئا. ڪين ٻنپهرن کان ٿورڙو اڳ شاهي دربار ۾ حاضر ٿيڻو هو.

قلعي جي شاهي در تي انگريزن جو جهنڊو لڳل هو. قلعي جي فصيل تي ۽ هيٺ در جي ٻنهي پاسي انگريز سپاهي هٿيارن سان پهري تي موجود هئا. قلعي جي ٻاهر ڪاهيءَ جي ٻئي پاسي ٿلهيل گول ميدان ۾ به انگريزي فوجي دستا بيٺل هئا. ٿورڙي دير ۾ قلعي جي در مٿان بيٺل سپاهيءَ بگل وڄائي دربار جو اعلان ڪيو. قلعي در کان ٿنهي پاسن کان جاگيردار، زميندار ۽ ٻيا سرنديءَ وارا ماڻهو، پنهنجي شان شوڪت ۽ هٿيارن پنهوارن سان قلعي جي در وٽ پنهنجي سجاٽپ ڪرائيندا اندر داخل ٿيڻ لڳا.

ڪراچيءَ منجهان سيد صادق شاهه آيو هو جيڪو ٽالپرن جي وزير خاص سيد اسماعيل شاهه جو پٽ هو. ڪراچيءَ جو برک واپاري نائون مل به آيو هو جيڪو انگريزن جو خاص دوست ۽ حمايتي هو. ٻيو واپاري کيمچند ولد وشنداس هو. وشنداس پڻ انگريزن جو خاص ماڻهو ۽ فتح کان اڳ به ڏکي سکيءَ ۾ کين ڪم ايندو هو. انهن کان علاوه ڪراچيءَ منجهان هنسراج، آسومل، تارومو ڪي ۽ محب علي خواجو به هئا جيڪي وڏا واپاري هئا.

گهوڙا ٻاريءَ منجهان ڪلمتي پروچن جو سردار جان محمد به آيو هو. سيد سماع، ابراهيم بوداري، نبو بوداري، ناٿا واڍيو ۽ مهتو ناري آيا هئا جيڪي سڀ تر جا وڏا زميندار هئا. گهوڙا ٻاريءَ سان لڳ علائقي منجهان سيد الله بخش شاهه، سيد ميان شاهه، سيد جان محمد، سيد شيخ عثمان جيڪو پير پٺي جي درگاهه جو سجاده نشين هو ۽ ٻين وانگر زميندار به. شيخ ممو ۽ چوٽاٽي واڍيو به انهن سان گڏ هو.

ساڪري پرڳڻي مان ڪلمتي جاگيردار ابراهيم خان جو پٽ حاجي خان آيو هو. جاگيردار ابراهيم خان کي انگريز خاص نظرن سان ڏسندا هئا. ابراهيم خان انگريز لشڪر تي 1843 ع جي شروعاتي ڏينهن ۾ حملو به ڪيو هو. سندس جاگير ضبط ٿي ويئي هئي پر اچ اها واپس ورٽي هئي ۽ انگريز سرڪار حاجي ۽ سندس چهن ڀائرن کي جاگير واپس ڪرڻ سان گڏ اُپت جي چوٿ ڏيڻ کان به آجو ڪري ڇڏيو. ٻيا ساڪري جا زميندار هئا، ارباب قبول پٽ جعفر، سيد راڄ محمد، ديوان سُوڄڻ سنگهه، ڇٽو بڪيرو، ولي محمد لغاري ۽ مندي رام.

ساڪري جي پر واري علائقي کان سيد لطف شاهه ۽ سندس ڀاءُ علي بخش آيا هئا جيڪي ساڪري پرڳڻي جا اڳوٽا ڪاردار پڻ هئا. زميندار شيخ گل محمد، آيل واڍيو ۽ ڄام مير علي جوکيو به هو جيڪو جوکين جو سردار هو. ڄام مير علي جوکئي کي به ٽالپر اميرن فيبروري 1843 ع ۾ حڪم ڏنو هو ته هو پنهنجا ماڻهو وٺي، ڪلمتين ۽ نومڙين سان ڪراچيءَ ۾ انگريز ڇانوڻيءَ تي حملو ڪري قبضو ڪري. ڄام سڀ تياريون ڪري ڪراچيءَ ڏانهن پيش قدمي ڪئي پر ايتري ۾ مياڻي واري جنگ ۾ اميرن جي شڪست جي خبر اچي

ويئي. سو ڄام انهيءَ ڪري ڪراچيءَ ڏانهن وڪ نه وڌائي. حيدرآباد جي فتح ڪانپوءِ ڄام انگريزن وٽ پيش پيو ۽ سندن سلامي پري. ڄام جي خاص حيثيت کي مڃي، انگريزن سندس جاگير بحال ڪئي. انهيءَ ڪانسوءِ ڄام جو علائقو، ٺٽي ۽ ڪراچي جي وچ ۾ هو جتان هر شيءَ جيڪا ڪراچي ڏانهن رواني ٿيندي هئي اُن تي ڄام ڪسٽم ۽ پيا ٽئڪس وصول ڪندو هو. انگريزن سندس اها ڳالهه به بحال ڪئي. ڄام وٽ دارون ڪشيد ڪرڻ جو ٺيڪو هو جنهن جي ماليت پن ڪان ٽن هزار حيدرآبادي روپين تائين هئي. هن ڄام صاحب جي ڪل ساليانو آمدني ساڍا ڇهه هزار رپيا هئي. اهي سهولتون، آخر انگريزن ختم ڪري ڄام کي اٺ هزار بيگهه جاگير عنايت ڪئي. ڄام جو پائيتو چاڪر خان، انگريزن جي سلامي تي نه آيو هو انهيءَ ڪري انهيءَ جو شراب ٺاهڻ جو، گهاري منجهه ٺيڪو رد ڪيو ويو. ڄام مير عليءَ کي پيندي وٽ حيدرآباد ضلعي ۾ به جاگير هئي.

ٺٽي جا با اثر ۽ رسوخ وارن صاحبن ۾ زميندار سيد نجف علي شاهه، صالح محمد، لائق ڏنو، منشي غلام حسين، منشي پريتم داس، سيد صابر علي شاهه، سيد نصح شاهه، سيد تاج محمد، سيد باقر علي شاهه، سيد روشن علي، آسومل واپاري، علي بخش واپاري، دورا پونجا پائي صراف، کيمچند صراف، آتو چوڌري پاٽيا، قاضي مصباح ۽ قاضي عبدالرحيم هئا.

سيري پرڳڻي منجهان حاجي هُلايو، فخر چنو ۽ ڄام مير علي جو پائيتو غلام الله هئا. سونڊن منجهان ملا صديق ۽ ملا غلام حسين هئا. جهرڪن منجهان عالم جهرڪ ۽ هاشم جهرڪ هئا.

ڪوٽڙيءَ واري علائقي منجهان سيد محمد شاهه ۽ سيد مولي ڏنو آيا هئا. انهن کان سواءِ ملڪ احمد خان، جو نومڙين ۽ سندن سڄي راڄ جو سردار هو سو به آيو هو. ملڪ احمد خان پيرسن هو. سندس عمر ستر سال کن هئي. سندس ٽالپر اميرن سان تمام ويجها تعلقات هئا. ٽالپر امير کيس احترام جي نظر سان ڏسندا هئا. انهيءَ ڪري ٽالپر اميرن ملڪ احمد خان جي خاندان مان پن ڇوڪرين سان شاديون به ڪيون هيون. ملڪ احمد خان، پب جبل کان وٺي ويندي سموري جابلو علائقي ۽ ڪوٽڙيءَ تائين جاگير جو مالڪ هو. ڪوٽڙي ڳوٺ به سندس هو جو پوءِ حڪومت جي چوڻ تي انگريزن جي حوالي ڪيائين ۽ انگريزن ان جي عيوض کيس وڏيڪ جاگير ۽ باغ عنايت ڪيا. ملڪ احمد خان ڪوٽڙي وٽ سنڌو درياهه وٽان لنگهندڙ هر شيءَ تي ڪسٽم اوڳاڙيندو هو. پر پوءِ انگريزن خانگي ڪسٽم ۽ محصول ختم ڪري ڇڏيا ۽ ملڪ احمد کي به انهيءَ محصول تان هٿ ڪڻو پيو. پر انگريزن کيس سندس اطاعت ۽ فراخ دليءَ ڪري مانجهندن وٽ به جاگير عطا ڪئي. سندس ئي قوم جا پيا چار سردار جنهنجا نالا مير خان، جاڙو خان، ڊيگي خان ۽ مجيد خان اڃا انگريزن جي اطاعت لاءِ سنبريا نه هئا پر هو پنهنجن علائقن ۾ قافلي جي هر اٺ تان جنهن تي مال رکيل هوندو هو ٽي آنا مٺ وٺندا هئا. انهيءَ محصول بدلي سندن ماڻهو پا رکوالا قافلي سان گڏ سيوهڻ کان ڪوٽڙي يا سيوهڻ کان ڪراچي تائين ويندا هئا ۽ وچ رستي تي ڪا به ڦرلٽ ٿي ته سندن ذميداري هوندي هئي.

انهيءَ علائقي منجهان پيا زميندار ۽ چڱا مڙس پڻ اچي حيدرآباد پهتا هئا جن ۾ بولت خان جاگيردار، احمد خان نومڙيي جو سوٽ هو. سندس پٽ جيئند خان، وڏيرو بيگ، انڙپور جو پيرزادو تاج محمد، پڊاپور جو ڄام شورو ۽ خانوٽ مان مولو زميندار شامل هئا.

لکيءَ ۾ مانجهندن مان شهمير ڪڇي زميندار، محمد مانجهند زميندار، اسير داس واڻيو واپاري، دولانو واپاري . . . . ۽ سيد گل محمد شاهه، صالح محمد شاهه، علي اڪبر شاهه، چٽن شاهه سن وارو، شهاب الدين شاهه پنيرن وارو، آمري وارو پانهو شاهه ۽ سيد اميد علي شاهه به پنهنجن خاص ماڻهن سان کهي آيا هئا.

سيوهڻ منجهان خاص ماڻهن مان آيا هئا: سيد گامڻ شاهه، سيد پريل شاهه، جيڪي قلندر جي درگاهه جا سجاده نشين ۽ زميندار به هئا. قاضي محمد، شيخ ولو ۽ شيخ نبي بخش درگاهه جا خزانچي هئا. چوئٿرام جيڪو وڏو ڪاردار هو ۽ اڳ ۾ مير نصير خان جو خاص منشي هو. شامداس واڻيو، لالو ۽ رهوا سونارا به آيا هئا.

جهانگارن منجهان سيد ڪامي شاهه جيڪو ميرن جي حڪومت ۾ سيوهڻ جو خاص ڪاردار هو. مرزا باقر جيڪو مير شهداد جو خاص ماڻهو هو، بلند شاهه، بدر شاهه ۽ حيدر شاهه زميندار هئا. بهاول خان رند،

گل محمد رند ۽ سيد ڪوثر علي شاهه جاگيردار هئا ـــــ آيل هئا. جهانگارن ڪانسواءِ بوبڪن، دادو، ڪرم پور، وچولي ڪرم پور، خدا آباد ۽ ڪچي وارن علائقن جا سيد، سمات، پروچ جاگيردار، زميندار ۽ هندو واپاري به اچي پهتا هئا.

حيدرآباد ڪليڪٽريٽ واري ايراضيءَ منجهان، ٽالپرن جي شهداداڻي نُک منجهان مير بجار خان آيو هو. جنهن وٽ پنهنجي لک ايڪيهه هزار ۽ ست سؤ نو بيگهه زمين آزاد جاگير ۾ هئي. هو اصل وڏي بجار خان جي پُٽ منجهان هو جنهن کي ڪلهوڙن مارايو هو. انگريزن موجب هو مائيٽو، عزت وارو ۽ تمام سٺن لڇڻن وارو انسان هو. شهداداڻي ٽالپرن منجهان، بجار خان جا سؤٽ مير غلام شاهه ۽ مير فضل علي گڏ هئا جن وٽ ڪل جاگير جي زمين ايڪتيهه هزار بيگهه کان مٿي هئي ۽ هو هر بيگهه تي سرڪار کي به آنا ڍل ڀريندا هئا. وڏي مير بجار خان جو ننڍو پاءُ مير محمود به آيو هو جنهن جي عمر اسي سالن کان به مٿي هئي ۽ نهايت چڱو ماڻهو هو. وٽس هڪ لک ٻائيتاليهه هزار ۽ ڇهه سؤ اٺهتر بيگهه زمين هر ٽئڪس کان آزاد هئي. مير جهان خان شهدادپور وارو ۽ مير احمد خان جو پٽ مير علي محمد به آيو هو جنهن وٽ ٽيرهن هزار اٺ سؤ ٻائيتاليهه جريب زمين هئي. مير علي بخش مير غلام محمد شاهواڻي جو پٽ هو جيڪو مياڻيءَ جي جنگ ۾ شهيد ٿيو هو. مير علي بخش اجا صغير هو ۽ هُو ٽنڊي محمد خان جو والي هو جيڪو سندس ڏاڏي جي نالي تي ٻڌل شهر هو. مير علي بخش انگريز حڪومت ۾ جوان ٿيو ۽ نهايت چڱي ڪردار جو مالڪ هو ۽ منجهس ڪنهن به قسم جو تعصب نه هو. سندس ڪجهه زمينون ڪراچيءَ ڏانهن به هيون. مير علي بخش جي نالي ڪُل جاگير چار لک، ايڪيتاليهه هزار ۽ ٽي سؤ ٻارهن جريب هئي جنهن جي پيدائش مان چؤٿ انگريز سرڪار کي ڏيندو هو. سندس سؤٽ مير احمد خان شاهواڻي وٽ هر ٽئڪس کان آزاد ٻه لک ڪن جريب جاگير هئي پر پاڻ نشئي هو ۽ زمين ڏانهن ڌيان نه ڏيندو هو. ٻين جاگيردارن ۽ زميندار ن وٽ لک يا ان جي اڌ يا چوٿين حصي جيتري زمين هئي ۽ درٻار ۾ سلام تي حاضر ٿيا هئا تن ۾ مير بوبو، مير محمد حسين، مير محمد خان خاناڻي، مير احمد خان خاناڻي، مير شير محمد، مير مبارڪ خان، مير محمد علي خان، مير خان محمد، مير فتح خان، مير غلام محمد، مير عبدالله، مير شير محمد خان ميرپور واري جو سُهرو مير راجا، نواب محمد خان ٺوڙهو، دوست علي خان ٺوڙهو، شير محمد ٺوڙهو، باغ علي خان ٽالپر، احمد خان پرڳڙي، رانجهو پرڳڙي، ولي محمد نظاماڻي شهدادپوري، غلام الله نظاماڻي قبيلي جو سردار، رحيم خان نظاماڻي، غلام محمد نظاماڻي، لال خان، الله داد، علي بخش، گنهور خان نظاماڻي هئا. لغارين ۾ نواب احمد خان، محمد خان، غلام محمد، بختيار خان، غلام محمد، غلام شاهه، جان محمد، غلام مصطفیٰ ۽ حسين خان هئا. مرين ۾ مير نصير خان جو سُهرو فاضل خان ۽ سندس جاگير ۾ حصيدار سؤٽ محبت خان، سهراب خان ۽ ڪريمداد هئا. ٻيا مري، محمد علي پٽن سميت، غلام حيدر، جمل خان، داؤد خان، علي خان، تاجو خان، چير خان، بلوچ خان هئا. جمالين ۾ ڏتو خان ۽ رستم خان هئا. کوکرن ۾ سردار غلام علي، سردار رستم ۽ سيني کوکرن جو وڏو سردار پيرو خان کوکر سندس سؤٽ خان محمد به هئا. ساڻن گڏ ڍنگاڻو ۽ رستم کوکر هئا. ڪٽياڻن ۾ سردار غلام محمد پٽن ۽ پائرن سان هو ۽ ٻيا سندس سؤٽ ماسات هئا. محمد يوسف خدمتگار به هو.

شڪارپور ۽ چانڊڪا پرڳڻن کان به جاگيردار، زميندار ۽ ٻيا وڏا ماڻهو اچي پهتا هئا. انهن ۾ ڪجهه اهڙا به هئا جيڪي ڪن سببن ڪري نه پهتا هئا پر پوءِ اچي پنهنجي وفاداري ۽ سلام پيش ڪيائون. انهن منجهان ابڙن جو سردار علي اتر ڏانهن سورهن ميلن جي مردان خان به هو جيڪو شڪارپور کان ڏکڻ مفاصلي تي ترائيءَ منجهه رهندو هو. علي مردان ابڙو وڏو ماڻهو هو ۽ وٽس 1300 ايڪڙن جي جاگير هئي ۽ سندس سڏ تي اٺ کان ڏهه هزار ماڻهو گڏ ٿي سگهيا ٿي پر هروڀرو جنگجو عادتن وارو مڙس نه هو. ابڙا شڪارپور جي آسپاس ۽ لاڙڪاڻي جي چوڌاري گهڻا هئا. عبدالله خان بازڪ زئي به حيدرآباد آيل هو. وٽس ڳڙهي ياسين پاسي جاگير هئي ۽ جنهن جي آمدني ساليانې ٽي سؤ رپيا هئي. گدو خان دورازئي، امروٽ ۽ ارونگ آباد وارو هو. وٽس 3200 ايڪڙن جي جاگير هئي. سندس عمر سؤ کان مٿي هئي. هو احمد شاهه ابداليءَ جي سنڌ تي حملي وقت ابدالي فوج ۾ آفيسر هو ۽ چوندو هو ته هن ٻارهن سالن جي عمر ۾ نادر شاهه کي 1832ع ۾ شاهه به ڏٺو هو. انهيءَ

خان، شڪارپور تي حملي وقت يعني 33 شجاع سان ساٿ ڏنو هو. چانڊڪا پرڳڻو چانڊين جي ڪري ليکبو هو. مٿي لاڙڪاڻي کان اولهه طرف چانڊين جو علائقو هو. سندن سردار ولي محمد چانڊيو هو. وٽس 6000 هزار ايڪڙن کان به مٿي جاگير هئي جيڪا 1842ع ۾ مير علي مراد حملو ڪري پنهنجي قبضي ۾ ورتي هئي. پاڻ غيبي ديري ۾ رهندو هو ۽ سندس سڏ تي ڏهه ٻارهن هزار ماڻهو جنگ لاءِ تيار ٿي ايندا هئا. مياڻيءَ جي لڙائي مهل به هو ڏهه هزار جنگجو چانڊيا گڏ ڪري حيدرآباد لاءِ نڪتو هو پر وقت تي نه پهچي سگهيو ۽ تيستائين انگريزن مير صاحبن جا ڪم لاهي ڇڏيا. ولي محمد چانڊيو جڏهن دربار ۾ پهتو ۽ سلام پيش ڪيائين ته سر چارلس نيپيئر سندس ڪسيل جاگير کيس موٽائي ڏني. انهيءَ علائقي منجهه لاڙڪاڻي ڏانهن ميرن جي وزير با تدبير مرحوم ولي محمد لغاري جا ٽي پٽ به اثرائتا ماڻهو ۽ جاگيرن جا مالڪ هئا. ٽنهي جا نالا هئا، احمد خان، محمد خان ۽ الهداد خان. انهن منجهان احمد خان، مير شير محمد ٽالپر جو ساٿ ڏنو هو ۽ پوءِ دبي واري جنگ کان پوءِ لڪي ويو هو. سندن 6000 ايڪڙن جي جاگير انگريز سرڪار ضبط ڪئي هئي پر پوءِ مياڻيءَ واري واقعي کان ڏيڍ ٻه سال پوءِ، احمد خان، انگريزن وٽ پيش پيو ۽ سندس جاگير بحال ٿي. سردار گل محمد مگسي به دربار ۾ پهتو هو جنهن وٽ 800 ايڪڙن جي جاگير هئي. سندس اثر وارو علائقو ڪڇيءَ ۾ جهل وٽ هو. نهايت بهادر ۽ ڏنگو مڙس هو. انگريزن سان مياڻي واري جنگ ۾ وڙهيو هو ۽ هڪ اک ضائع ٿي هيس. کهاوڙن جو چڱو مڙس گل محمد کهاوڙ به آيل هو جيڪو پنهنجي قوم ۽ پنهنجي تر جو تمام قابلِ احترام انسان هو. انهن کان علاوه، حبيب ڪوٽ جا چڱا مڙس پير نظام الدين ۽ پير فدا حسين، سکر جا سيد عباس علي ۽ غلام علي شاهه، روهڙيءَ جا سيد مراد علي شاهه ۽ اڪبر علي شاهه به، سلام پيش ڪرڻ خاطر پهتا هئا ته جيئن نئين حڪومت منجهه سندن اعلىٰ سماجي حيثيت برقرار سمجهي وڃي. لاڙڪاڻي جا پرڳڻي ٽالپر به دربار ۾ آيا هئا. هو لاڙڪاڻي جي آس پاس ۽ ميهڙ پاسي جا جاگيردار هئا. سندن هڪ جاگيردار حسن خان، ٽالپر اميرن جي دؤر ۾ ڪراچيءَ جو حاڪم هو ۽ 1843ع واري شڪست کانپوءِ سندس حاڪميت ختم ٿي. حسن خان انگريزن جي حضور ۾ ترت پيش ڪو نه پيو. پر ٻن سالن کانپوءِ، انگريزن وٽ آيو، آڻ مڃي، پنهنجي جاگير ۽ ٻيون زمينون واپس ورتائين. سکر ۽ روهڙيءَ جو معتبر ۽ ذري گهٽ اڌ شهر جو مالڪ ٻچل خان ترين افغان به حيدرآباد پهتو هو. لکي شهر جو معتبر ۽ وڏي اثر رسوخ وارو عبدالصمد خان مغل به صاحبن جي سلام تي پهتو هو. گوسڙجيءَ جي مالڪ مولا داد خان جو پٽ دلاور خان افغان به عبدالصمد خان مغل سان گڏ هو. اپاوڙي جو رئيس عبدالخير ڏهر، شڪارپور جي پر ۾ رهندڙ قادر بخش کوسو ۽ نواب خان ترين زرخيلي افغان به اچي سهڙيا هئا.

شام تائين اها دربار هلي. انگريز بادشاهه ڏاڍا فياض ۽ سياڻا هئا. انهن گذريل دؤر جي معتبرن ۽ سرنديءَ وارن کان نئين سر وفاداريءَ جا انجام ورتا ۽ کين پنهنجي حضور ۾ پيش پوڻ جو موقعو عنايت ڪيو. انهيءَ سان گڏ کين عزت ۽ احترام به سندن حيثيت مطابق توري ڏنو. جنرل نيپيئر هڪ فاتح جي حيثيت ۾ ڳالهايو. سندس حڪم ڏاڍا واضح هئا جيڪي جاگيردارن، زميندارن ۽ ٻين وڏيرن جي ذهنن ۾ ڄمي ويا. جنرل چيو: "منهنجو حڪم مڃو! اوهان کي جيڪي وٽي سو ڪريو. ڦريو، ماريو يا قتل ڪريو جيستائين آءُ منع نه ڪريان!"

ٽيهريءَ کان ئي، دربار جي برخواست ٿيڻ ڪري، جاگيردار، زميندار، برک واپاري، چڱا مڙس، معتبر، سيد سڳورا ۽ ٻيا وڏا ماڻهو، آهستي آهستي، هڪ ٻئي جي پٺيان، قلعي جي در مان نڪرندا ويا ۽ پنهنجن ماڳن ڏانهن هڪ نئين دؤر، نئين عزم ۽ عطا ٿيل شان شوڪت سان روانا ٿيڻ لڳا. سنڌ جي سماجي جوڙ جڪ ۾ 24 مئي 1843ع جي ڏينهن جي تمام وڏي اهميت آهي. اهوئي ڏينهن آهي جڏهن سنڌ ۾ مٿانهين طبقي کي سرڪاري طور فائز ڪيو ويو ۽ جاگيردار، زميندار، وڏيرو، چڱو مڙس، مرشد سڳورو، برک واپاري ۽ ٻيا سرندي وارا، شاهي قلعي جي در منجهان نڪرندا ويا ۽ نئين سماج جي جوڙ جڪ ۾ مٿانهين جاءِ والاريندا ويا......

......۽ اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ مٿانهين طبقي کي وجود ۾ آندو ويو ۽ سنڌ، ايندڙ سؤ سالن ۽ اُن کان به پوءِ جي عرصي تائين انهيءَ طبقي جي چڱمڙسي جي چار ۾ ڦاٿل رهي ۽...... ڦاٿل آهي.

# 27

ستر سال گذري ويا.

1913ع جو هڪ صبح. ديوان ٽيڪمداس بي.اي، اسسٽنٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس، حيدرآباد شهر جي هڪ اسڪول نو وديالہ ۾ انسپيڪشن جي لاءِ ويو. ديوان ٽيڪمداس قد جو پورو پنو هو ۽ سندس رنگ تمام صاف هو. مُنهن منجهان رت ٽمندو هوس. انگريزي لباس ۾ لڪڻ هٿ ۾ تمام شان سان قدم کڻندو اسڪول جي عاليشان وراندي منجهان پين استادن ۽ هيڊ ماستر سان گڏ هليو پئي. نَو وِديالہ نئون اسڪول ٺهيو هو. الهندي ڪچي واري علائقي ۾ ايڏو وڏو اسڪول اڳ نہ هو. اسڪول جي سامهون ڪليڪٽر جو بنگلو ٺهيل هو ۽ ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جي وڏي عمارت تعمير پئي ٿي. اسڪول جي عمارت جي وچ ۾ وڏو ٽاور ٺهيل هو، جنهن ۾ گهڙيال لڳل هو. اهو اسڪول شهر جي بهترين عمارتن ۾ ليکبو هو. جوڌپوري پٿر سان ٺهيل عمارت نهايت اعلىٰ ۽ پختي هئي. ديوان ٽيڪمداس، پنجين درجي جي ڪلاس ۾ اندر ويو. شاگرد سڀ اٿي بيٺا ۽ ڪلاس ٽيچر ڏرمداس، ديوان کي گڊ مارننگ چئي نهايت ادب منجهان پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي ٿورو پاسي تي بيهي رهيو. ڇوڪرا بہ سڀ صاف سٿرا ۽ سنوان سڌا بيٺا هئا. ديوان ڏرمداس ڪلاس ڏانهن ڏٺو ۽ اشاري سان شاگردن کي ويهڻ جو حڪم ڏنائين. هيڊ ماستر، ديوان صاحب سان گڏ اندر ڪلاس ۾ بيٺو هو.

”بابا ڇا جو پيريڊ آهي؟“ديوان صاحب پڇيو.

”سر انگي حساب!“ ٽيچر ڏرمداس ادب سان وراڻيو.

”اٽپور جا حساب سيکاريا اٿوَ ٻارن کي؟“ ديوان صاحب پڇيو.

”يس سر!“ ڏرمداس وراڻيو.

”ڀلا چاڪ مون کي ڏي.“

ديوان صاحب چاڪ کنيو ۽ هڪ اٽپور جي حساب جو درجو بلئڪ بورڊ تي لکيو. ديوان صاحب لکي، ڪنڌ ورايو تہ ڏٺائين تہ ذري گهٽ سموري ڪلاس جي ڇوڪرن جا هٿ مٿي هئا. اها صورتحال ديوان صاحب کي وڻي . . . . ۽ هڪ ڇوڪر کي اشارو ڪري بورڊ ڏانهن اچڻ جو چيائين. ڇوڪر آيو ۽ ترت حساب ڪري ڏيکاريائين. ديوان صاحب خوش ٿيو.

”پٽ نالو ڇا اٿئي؟“

”ڪرم چند.“

”پٽ ڪنهنجو آهين؟“ ديوان صاحب ٻيو سوال ڪيو.

”نهال چند جو.“

”سائين نولراءِ تارا چند واري فئملي جو ڇوڪرو آهي.“ هيڊ ماستر وچ ۾ ڳالهايو، ”آءَ سچاٽانس ڏاڍو هوشيار ۽ محنتي ڇوڪرو آهي.“

ڪرم چند پنهنجي جاءِ تي وڃي ويهي رهيو.

ديوان صاحب ڪيترن ئي ڇوڪرن کان ٻيا سوال بہ پُڇيا جن ۾ سوڪس، صحت صفائي بابت ۽ ايمانداريءَ تي ڪجهہ جملا ڳالهائڻ بہ هئا. ديوان صاحب کي نو وديالہ جي عمده پڙهائيءَ جي اڳ ئي ڄاڻ هئي.

”چڱو ڀلا هڪ آخري حساب!“ ديوان صاحب مُرڪندي چيو.

ديوان صاحب چاڪ کنيو ۽ اٽپور واري طريقي سان هڪ ڏکيرڙو سوال لکيائين ۽ ڪنڌ موڙي ڪرم چند ڏانهن اشارو ڪيائين.

”پهرين پٽ تون اچ.“

ڪرم چند کان حساب نہ ٿي سگهيو. ڪلاس ٽيچر کي ٿورڙي گهٽتي ٿي. ست اٺ ٻيا هوشيار ڇوڪرا بہ آيا سي بہ حساب ڪري نہ سگهيا. ديوان صاحب مُرڪڻ لڳو ۽ پوءِ هيڊ ماستر ڏانهن مڙيو ۽ چوڻ لڳو، ”ديوان ڪالهہ نولراءِ تارا چند هوپفل ميموريل اسڪول ۾ ويو هوس اُت بہ اهو سوال شاگرد نہ ڪري سگهيا. سؤلو آهي. رڳو ٿوري ٽِرڪ رکيل آهي.“

اهو ٻڌي ڪلاس ٽيچر ٿورڙو اڳتي وڌيو ۽ ديوان صاحب کي چوڻ لڳو: ”سر، مون وٽ ڪلاس ۾ هڪ ڇٽ ڇوڪرو آهي. ڏسڻ ۾ وائڙو آهي. پر حسابن ۾ ڏاڍو هوشيار آهي. جي اجازت هجي تہ انهيءَ ڇوڪري کي سڏ ڪريان.“

”ڀلي سڏ ڪريو.“ ديوان صاحب چيو، ”بابا عامل ۽ ديوان ڇوڪرا حساب نہ ڪري سگهيا تہ ويچارو ڇٽ ڇا ڪندو.“

ڪلاس ٽيچر پوئين بينچ تي ويٺل ڇوڪرن مان هڪ ڇوڪر کي اشارو ڪيو. ڇوڪرو اٿيو ۽ مُنجهيل قدم کڻندو اڳتي وڌيو. ڏوتل، صاف ۽ بنا استري ڪيل ڪپڙا پاتل، صاف رنگ جو تيرهين چوڏهين سال جو ڇوڪرو ڪنڌ هيٺ ڪري بورڊ وٽ اچي بيٺو ۽ استاد کان اجازت وٺي حساب کي لڳي ويو. ڪجهہ دير ۾ ئي حساب ڪري چاڪ ميز تي رکي ٻيهي رهيو. ديوان صاحب جو پويان بيٺو هو سو اڳتي وڌي آيو ۽ ڪيل حساب کي غور سان ڏٺائين ۽ ڪانئس رڙ نڪري ويئي:

”بلڪل صحيح! بلڪل صحيح!“ ديوان صاحب ڇٽ ڇوڪري جي پٺي ٺپري.

”پٽ نالو ڇا اٿئي؟“

”عبدالهادي!“ ڇوڪر وراڻيو.

”ذات ڪهڙي اٿئي؟“ ديوان ٻيهر پڇيو.

”قاضي“

”حسابن ۾ تہ تون هوشيار آهين ڀائي عبدالهادي. پر خبر اٿئي تہ عبدالهادي جي معنىٰ ڇا آهي.“

”سائين معنىٰ خبر آهي.“

”ٻڌاءِ ڀلا.“

”سائين هادي معنىٰ هدايت ڪرڻ وارو. رب جي پاڪ ذات جو نالو آهي ۽ عبدل معنىٰ ٻانهو يعني هدايت ڪري واري جو ٻانهو.“

”بلڪل صحيح.“ ديوان صاحب خوش ٿي چيو، ”ڀلا اهي تہ عربي ۽ پارسي جا اکر آهن. اجا اسڪول ۾ تون عربي پارسي تہ ڪو نہ پڙهيو آهين.“

”سائين، فارسي آءُ پنهنجي ڏاڏي کان سکندو آهيان.“ عبدالهادي چيو.

”پٽ تنهنجي ڏاڏي جو نالو ڇا آهي؟ ڪهڙي اسڪول ۾ نوڪري ڪئي اٿس.“

”سائين ڏاڏي ڪنهن بہ اسڪول ۾ نوڪري نہ ڪئي آهي.“ عبدالهادي چيو، ”منهنجي ڏاڏي جو نالو قاضي آصف علي آهي.“

”اڇا آصف عليءَ جو پوٽو آهين!“ ديوان صاحب چيو، ”بابا آصف علي تہ پارسي زبان جو وڏو ڄاڻو آهي. منهنجي پيءُ بہ ڪانئس پارسيءَ جا سبق ورتا هئا. هاڻ پٽ ڇا ٿو ڪري تنهنجو ڏاڏو؟“

”ڏاڏا ڪجهہ نٿو ڪري. هاڻ پوڙهو ٿي ويو آهي ۽ نظر بہ پوري ساري اٿس.“ عبدالهادي چيو.

”چڱو پٽ چڱو! تون ضرور پڙهي وڏو ماڻهو ٿجائين،“ ديوان صاحب چيو، ”اجايو راند روند ۾ وقت نہ وڃائجئين.“

ديوان صاحب، عبدالهاديءَ جي پٺي ٺپري ۽ پاڻ ڪلاس کان ٻاهر نڪري ويو. ڪلاس ٽيچر اڳتي وڌي آيو ۽ تنهن بہ عبدالهاديءَ کي شاباس ڏني ۽ چيو: ”ڇٽ تو اڄ ڪلاس جي عزت بچائي ورتي.“

عبدالهادي خوش ٿي ويو ۽ پوءِ چپ چاپ ڪري پنهنجي بينچ تي وڃي ويٺو.

شام جو نماز کان پوءِ، عبدالهادي پنهنجي ڏاڏي وٽ ويٺو هو. قاضي آصف علي جي نظر گهٽي ڪمزور ٿي ويئي هئي. سندس عمر پنجهتر سالن کان مٿي هئي. عبدالهاديءَ کيس اچوڪي ڳالهه سربستي ڪري ٻڌائي.

”پٽ آءُ ته انهيءَ ديوان کي ڪو نه سڃاڻان،“ ڏاڏي آصف عليءَ چيو، ”پر اڳي هندو به فارسي سکندا هئا. فارسي حاڪمن ۽ اميرن جي زبان هوندي هئي. هاڻ انگريزي، صاحبن جي زبان آهي. پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو اُهوئي آهي جنهن کي انگريزي لکڻ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ اچي.“

”ڏاڏا، اوهان انگريزي ڪو نه پڙهي!“ عبدالهادي ڳالهايو.

”يار عبدالهادي کهڙيون تو ڳالهيون پڇين!“ ڏاڏي آصف عليءَ ٿڌو ساهه کنيو، ”مون چاهي واٽين انگريزي نه سکي، مون کي انگريزن سان نفرت هئي ۽ اڄا سوڌو آهي. پر آءُ اڪيلو ڪجهه ٿئو ڪري سگهان. منهنجي پيءُ قاضي عبدالمنان ڏاڍا وس ڪيا ته آءُ نئين زماني موجب پنهنجي مستقبل کي سنواريا پر يار آءُ نندي هوندي کان ئي ارڏو هوندو هوس. ضدي ۽ پنهنجي ڳالهه مڃائڻ وارو. مون انگريزن کي ٽالپر اميرن کان بادشاهي ڦُرندي ڏٺو هو. تڏهن آءُ تنهنجي عمر يا تو کان سال ٻه چار سال وڏو هوس. منهنجو پيءُ مونکي ٻڌائيندو هو ته مون کيس چيو هو ته اسان سنڌ وارن جنگ ڪڏهن هارائي ۽ انگريز جنگ ڪيئن کٽي ويا. منهنجو ٻاراڻو ذهن ٻه ائين چوندو هو ته جڏهن اسان سنڌ وارا مياڻيءَ جي ميدان تي وڙهياسين ئي ڪو نه ۽ سنڌ جا شهري پنهنجي ئي گهرن ۾ ويٺا هئا ته پوءِ اسان ڪيئن هارايو. جيڪڏهن ٽالپر پنهنجن ڪجهه ٻروچ جاگيردارن ۽ زميندارن جي ماڻهن سان گڏجي مياڻيءَ جي لڙائيءَ ۾ شريڪ ٿيا ته اها سندن شڪست هئي. پوءِ ڪيترن سالن کان پوءِ مونکي سمجهه آئي ته ٽالپر انهيءَ ڪري هارائي ويا جو انهن سنڌ جي عوام کي جنگ ۾ شريڪ ئي نه ڪيو نه ته نيپيئر جي اڍائي ٽن هزار سپاهين سان سنڌ فتح ڪرڻ ڏکي ڳالهه ها پر اڻ ٿيڻي هئي.“

ڏاڏو آصف علي جوش ۾ اچي ويو ۽ ساهه پرجي ويس. عبدالهادي پاڻيءَ جو وٽو آڻي ڏنس. پاڻي پي ڏاڏي ٿورڙو کنگهي گلو صاف ڪيو ۽ پوءِ آهستي آهستي ڳالهائڻ لڳو.

”پٽ عبدالهادي، اسان سنڌ جا ماڻهو گذريل پنجاهه سٺ سالن کان عجيب دؤر مان گذريا آهيون. اسان جا حال ڏينهون ڏينهن هيٺا ٿيندا ويا آهن. هاڻ اسان سنڌين وٽ، اسان سنڌي مسلمانن وٽ نڪو علم آهي ۽ نڪي سمجهه آهي. علم ۽ سمجهه نه هئڻ ڪري اسين تمام پوئتي پئجي ويا آهيون. اهوئي سبب آهي جو مون توکي سعيو ڪري انگريزي اسڪول ۾ داخل ڪرايو آهي. مون سڄي ڄمار انگريزي زبان جي مخالفت ڪئي. سمجهيم پئي ته اسان جي زبان فارسي آهي چو ته اسان جا حاڪم به فارسي ڄاڻندا هئا. پر هاڻ وقت ثابت ڪيو آهي ته وقت وڏو بادشاهه آهي. وقت جو حڪم جنهن نه مڃيو ۽ وقت موجب نه هليو سو بشر ۽ سا قوم تباهه ٿي ويندي آهي ۽ جي مڪمل تباهيءَ کان بچي به وڃي ته به اُها قوم جهالت جي انڌي کوهه منجهه هيٺ لهندي ويندي آهي. جيئن اسين برابر هيٺ ڪرندا رهيا آهيون. هندو هوشيار ۽ وقت شناس هئا. اڄ هنن وٽ علم به آهي ته سرمايو به آهي. پٽ وقت جي واڳ مان ڪڏهن به هٿ نه ڪيو نه ته تمام پٺيان رهجي ويندا سين.“

”ڏاڏا، بابا کي اوهان انگريزي نه پڙهائي؟“

”پٽ تنهنجي پيءُ جو به قصور آهي ۽ منهنجو ڏوهه به آهي. تنهنجو پيءُ اهڙي خاندان ۾ ڄائو هو جت علم هو ته عزت ۽ احترام به هو. آءُ اصولي طور انگريزي زبان سکڻ جي خلاف هئس. مون چاهي واٽي کيس انگريزي اسڪول ۾ نه موڪليو ۽ پاڙي جي مڪتب ۾ موڪليو مانس. پر هو پڙهي نه سگهيو. خراب سنگت ۾ وڃي پيو ۽ سڄو ڏينهن بدمعاشن ۽ موالين سان سنگت هوندي هيس. اُن وقت مون کي سندس انگريزي نه پڙهڻ جو ڪو خاص خيال نه هوندو هو. پر پوءِ مون پڇتايو ۽ تنهنجي پيءُ جي گذارڻ کان پوءِ مون توکي پنهنجي

سنيال ۾ ورتو ۽ ھاڻ پيريءَ منجھ چاھيان ٿو تہ سنڌي ماڻھو جھالت جي اوندھہ مان نڪرن ۽ سوجھري ۾ اچن نہ تہ اوندھہ جي غار ۾ غرق ٿي ويندا.“

”ڏاڏا سنڌي ماڻھو جھالت جي اوندھہ ۾ ڇو ڦاٿل آھن؟“ عبدالھادي سوال ڪيو.

”پٽ اھا ڪھاڻي پنجاھہ سٺ سالن کان بہ وڌيڪ پراڻي آھي“ ڏاڏا آصف عليءَ چيو، ”انگريزن جڏھن سنڌ فتح ڪئي تہ مون کي اھو ڏينھن اجا ياد آھي. منھنجو پيءُ عبدالمنان قاضي انھيءَ ڏينھن بہ سنجھا کان پوءِ اھوئي چوندو رھيو تہ ھاڻ انگريز حاڪم آھي. الله خير ڪري سياڻي الائي ڇا ٿيندو. سنڌ جي ماڻھن جو عجب حال ھو. ھڪڙا مسلمان ھئا ۽ ٻيا ھندو. ھندو گھڻي ڀاڱي شھرن ۾ رھندا ھئا . . . . ۽ سنڌن واپار جي سلامتي حاڪمن جي خوشنودي ۽ راضپي تي ٻڌل ھئي. ھندو واپاري، پنھنجين خصلتن ۽ محنتن ڪري ٽالپر اميرن جي دؤر ۾ راضي ھئا ۽ پوءِ انگريزن جي دؤر ۾ بہ خوش ھئا. ھندن پنھنجا افعال حاڪمن جي حال سان ڳنڍيا پر مسلمان عجيب نفسياتي ۽ سماجي ڪيفيتن جو شڪار ٿيڻ لڳا. تون پٽ اجا ننڍو آھين. الائي منھنجيون ڳالھيون سمجھين يا نہ . . . . پر مسلمانن ۾ ٻہ طبقا ھئا. ھڪ وڏا پوتار، سردار، جاگيردار ۽ زميندار وغيره. اُھي ھڪ ئي دپ منجھ انگريز سرڪار جي سلام تي اچي پھتا . . . . ۽ پنھنجيون زمينون، جاگيرون ۽ عزتون واپس بچائي چڱمڙسيءَ کي بحال ڪرائي ويا. انگريز انھيءَ طبقي لاءِ فيل مست بنجي ويو. يعني مست ھاٿي! ٻيو طبقو ھيٺيون طبقو ھو يعني ھاري ناري، مزور، ڪاريگر، اُستا، واڍا، رازا ۽ استاد وغيره. اھي سڀ سنڌ جي عوام جو وڏو حصو ھئا ۽ آھن. وٽن ڪا بہ طاقت ناھي. وٽن رڳو جھالت آھي. پر سنڌن ذھن جي ڪنڊ پاسي ۾ اھا ڳالھہ ضرور آھي تہ انگريز ڌاريو حاڪم آھي. اھي گھٽ ڇاڻ رکندڙ پنھنجي حالت درست ڪرڻ لاءِ تيار نہ آھن. ٻئي طرف سنڌ جي فتح کان پوءِ بہ ويھارو کن سال انگريزن کي مسلمانن مان ئي خوف پيو ٿيندو ھو تہ متان ھو ٻيھر گڏ ٿي سنڌن حڪومت لاءِ ڪو ڏچو پيدا ڪن. خاص ڪري گذريل صديءَ جي پنجاھہ واري ڏھاڪي ۾، انگريز بادشاھہ گھڻو ھيسيل ھو ۽ سندس نگاھہ مسلمان عام ماڻھن ۽ ڪجھہ سردارن ۽ جاگيردارن تي ھئي ۽ انگريز اُھي سڀ جتن ڪيا تہ جيئن ڪٿان بہ ڪا بغاوت نہ اُسري. ان زماني ۾ ارڙھن سؤ ستونجاھہ وارا واقعا ٿيا جن ۾ سڄي ھندستان ۾ انگريز خلاف ھلچل شروع ٿي ھئي . . . . . تڏھن انھن واقعن جو ڪجھہ اثر سنڌ ۾ بہ ٿيو ھو. اُن وقت بہ مسلمانن ۾ اھا ئي اميد جي لھر آيل ھئي تہ متان دھليءَ جو شھنشاھہ، لولو لنگڙو شھنشاھہ، مسلمانن جي حاڪميت بچائي وٺي ۽ انگريزن کي لوڌي ڪڍي. اسان مسلمان الائي ڇو دھليءَ جي ھيٺي ۽ نالي ماتر بادشاھہ کي دل جان سان پنھنجو حاڪم مڃي رھيا ھئاسين. جيتوڻيڪ مغلن جي صوبيدارن بہ سنڌ سان انڌير ڪيا ھئا. انھيءَ جو سبب شايد اھو ھو تہ سنڌ جي مسلمانن کي، انگريز حاڪم ڌاريا حاڪم ۽ غاصب لڳا پئي. دھليءَ جا مغل بادشاھہ، ڌاريان ھوندي بہ ڪين پنھنجا لڳا پئي. شايد انھيءَ ۾ مذھب جي ڳالھہ ھجي. پر ھندن ائين نہ ڪيو. اُھي پھرئين ڏينھن کان ئي انگريزن جي رعيت بنجي ويا. ھندو مسلمانن وانگر نفسياتي ۽ سماجي الجھنن جو شڪار نہ ھئا. آءٌ سمجھان ٿو تہ انگريزن جي حاڪميت ڪري، سندن نفسياتي برتري بہ نظر اچڻ لڳي ھئي ۽ ھاڻ تہ سچ نڪري نروار ٿيو آھي. ڪجھہ ھندو واپارين انگريزن سان بحث ڪئي تہ اسان ھندن سنڌ جي حاڪمن کي قرض طور ھزارين رپيا ۽ ٻيو سامان ڏنو ھيوسين. بندين ۾ سربستو حساب لکيل آھي. ھاڻ اھي حاڪم ويا ۽ اوھان انگريز حاڪم آھيو. انھيءَ ڪري حاڪمن کي ڏنل قرض واپس ڪرڻ اوھانجي ذميواري آھي. پُٽ انگريز ڳري بلا آھي. سو نيپئر، ديوان تاراچند کي جيڪو قرض اوڳاريندڙن جي جماعت جو اڳواڻ ھو، صاف صاف ٻڌايو تہ ديوان، انگريزن کي سنڌ سوڪڙيءَ طور ڪو نہ ملي آھي. اسان ميدانِ جنگ ۾ وڙھي سنڌ فتح ڪئي. سوڪڙي ملڻ ۽ فتح ڪرڻ ۾ فرق آھي. سنڌ جو ھندو، بگھڙ فاتح کان بہ قرض اوڳاڙڻ لاءِ سندرو ٻڌي تيار ٿي ويٺو ھو. سو سمجھہ تہ ھي وڏيرا ۽ ٽلھا خان سندن آڏو ڪا بہ شيءَ نہ آھن. پٽ 1857ع ۾ سنڌ جي مسلمانن ۾ بہ ھلچل ٿي ھئي. پر انگريز ھوشيار ھئا. تن سيني تحريڪن تي ضابطو آندو. ڪراچيءَ ۾ صدر وٽ چاليھہ پنجاھہ ڄڻن کي ڦاھيون ڏنيون ويون ۽ توبن جي مُنھن ۾ ڏنو ويو. اڄ ڪلھہ مون ٻڌو آھي تہ انھيءَ ھنڌ وڏي مارڪيٽ ٺھي آھي. حيدرآباد ۾ بہ ڇھن ڄڻن کي قلعي در اڳيان سيپٽمبر 1857ع ۾ ڦاھيءَ جي تختي تي چاڙھيو ويو ۽ اُھي لاش ڪيترا ڏينھن اتي ٽنگيا پيا ھئا ۽ شھر جي

ماڻهن اهو لقاءُ ڏٺو ۽ ڪنبي ويا. منهنجو پيءُ به اهو منظر ڏسي آيو هو ۽ اُن کان پوءِ ڪو وڏيڪ جيئرو نہ رهيو ۽ سال ڏيڍ ۾ پنهنجي خالق حقيقي سان وڃي مليو پر سندس زبان تي مظلومن جي ڦاهين جا منظر آخر وقت تائين هئا.“

ڏاڏا انگريزن انهن ماڻهن کي ڦاسي تي چو چاڙهيو؟“ عبدالهادي جي ذهن ۾ اجا ڳالهہ صاف نہ پئي ٿي.

”پٽ عبدالهادي“ ڏاڏي وراڻيو. ” انگريزن لاءِ ڇهہ پارنهن پنجاهہ يا سئو ماڻهن جي بغاوت ڪرڻ ڪا وڏي ڳالهہ نہ هئي. پر عام ماڻهن جي ذهنن تي پيل اثر وڏي ڳالهہ هئي. ماڻهن کي خبر پئي تہ انگريز غاصب آهن ۽ انگريزن جي خلاف بغاوت ٿي پيئي . . . . . . سا اسان لاءِ چڱي ڳالهہ هئي. پر بغاوت جي نالي ۾ ماڻهن کي ڦاهيءَ تي لٽڪائڻ ۽ اهي لاش ڪيترا ڏينهن شهر جي چؤنڪ ۾ لٽڪيا پيا هجن. اهو ڏهڪاءُ ڦهلائڻ واري ڳالهہ هئي. شهر جي ماڻهن جا وار ڪاندارجي ويا. ماڻهن کي ٻڌايو ويو تہ انگريز فيل مست بنجي ويو ۽ انگريز جي بادشاهت ۾ سج لهي ٿو.“

رات جي مانيءَ کان پوءِ ڏاڏي ۽ پوٽي جي ڳالهہ ٻولهہ ٻيهر شروع ٿي.

”ابا عبدالهادي“ ڏاڏي چيو. ”تون ننڍڙو آهين. الائي منهنجيون ڳالهيون سمجهين بہ پيو يا نہ؟ پلا ننڊ تہ نہ ٿي اچيئي؟“

”نہ ڏاڏا اوهان مون کي سڀ ڳالهيون ٻڌايو. آءُ ٻڌان پيو.“

”ها پٽ. تون ضرور ٻڌ. هيءُ دؤر اوهانجو آهي. اسين پنهنجو وارو وڃائي چڪا آهيون. منهنجي عمر جا ماڻهو هاڻ ڪنهن بہ ڪم جا نہ آهن. پر مون وٽ پنجاهہ سٺ سالن جا واقعا آهن. ڪهاڻيون آهن. هاڻ توکي رڳو اهو ٻڌائڻو آهي تہ انگريز بادشاهہ جي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي. مضبوط ۽ بنا ڪنهن ڊپ ۽ ڊاءُ جي انگريزن جي حڪومت. داداگيري ۽ ڏاهپ. ماڻهن جي مٿان نہ رڳو چانيل هئي پر سندن ذهنن جي هر ڪنڊ پاسي ۾ بہ سمايل هئي. انگريز سنڌ ۾ پختو ٿي ويو. پر يار مون ڏٺو پئي تہ اسانجي ملڪ ۾ سماج جو ڍانچو ڪجهہ عجيب طرح جو اُسري رهيو هو. انگريز تہ حاڪم هئا. تن جي وڏ ماڻهپي لاءِ ڪو بہ سوال نہ هو ۽ نہ هئڻ کپي ها. پر ملڪ جي ماڻهن ۾ هڪ عجيب ورهاست وڌندي ويئي. مسلمان ٻن واضع درجن ۾ هئا. هڪڙا سردار. خان. زميندار ۽ جاگيردار هئا جيڪي عام طور تي کُٽل. ڏاڍا مڙس. انگريزن لاءِ نهايت وفادار. تعليم ۾ بلڪل پوئتي پيل ۽ پنهنجي علائقي ۾ تعليمي سرشتي ڦهلائڻ جا ويري هئا. ٻيو حصو عام مسلمانن جو هو جيڪي ٻهراڙيءَ ۾ هاري ۽ وڏيري جي رعيت هئا ۽ شهرن ۾ يا تہ مزور يا وري هنرمند هئا. جيڪي روز آٽين ۽ چاڙهين. سندن گذر سفر پورو سارو پر رب جي رضا تي راضي رهڻ وارا ماڻهو هئا. جيڪي نئين دؤر ۾ رهن ٿا پر نئين دؤر جي روشني يا تعليم متعلق ڪا چاڻ نہ اٿن. سماج جو ٻيو حصو اسان جا هندو آهن جن انگريزي دؤر جون سڀ چڱايون نهايت سهڻي نموني حاصل ڪيون ۽ نئين دؤر جي روشني ۾ رهن ٿا. سنڌ جي سماج جو اهو ٽِڪندو ڏاڍو عجيب آهي.“

”ڏاڏا پلا اسان مسلمان پڙهياسين چو ڪونہ؟“ عبدالهادي پڇيو. ”اسان جي ڪلاس ۽ اسڪول ۾ مسلمان ڇوڪرا تمام ٿورا آهن ۽ ڪيترين ڪلاسن ۾ هڪ بہ نہ آهي. جيڪي آهن سي بہ هوشيار ناهن.“

”پٽ هادي. مون انهيءَ ڳالهہ تي سوچيو آهي ۽ ڏاڍو سوچيو آهي. آءُ سمجهان ٿو تہ اسان جي بيماري ئي اها آهي تہ اسان انگريز دؤر جي تعليمي سرشتي مان فائدو نہ ورتو ۽ سدائين شڪست کاڌل قوم وانگر رهيا آهيون. جيتوڻيڪ هندو بہ انهيءَ قوم جو هڪ حصو هو پر انهن نئين دؤر ۾ پهرئين ڏينهن کان ئي حصو ورتو . . . ۽ مون کي تہ ائين بہ لڳندو آهي تہ هندو نئين دؤر جي روشني جي انتظار ۾ هئا يا جي انتظار ۾ نہ هئا تہ ڪين تبديلي وڏيڪ بهتر لڳي . . . . سماجي طرح بہ تہ واپاري طريقن سان بہ. هندن پنهنجي طور بہ ايترو پاڻ پتوڙيو جو حيدرآباد شهر جيڪو ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جو شهر هو. جيڪو مسلمان پاڙن وارو شهر هو جت مسلمان اميرن ۽ ڪمين ڪاسبين جي اڪثريت هئي سو رڳو پنجاهہ سال جي عرصي ۾ هاڻ هندن جو شهر لڳي ٿو. اسين ايترو پٺتي پئجي ويا آهيون جو هاڻ اسان جي ڪا حيثيت بہ ناهي. انهيءَ ۾ گهڻو ڏوهہ اسان جو آهي. اسان هڪ بي اثر ۽ خاموش اڪثريت آهيون. هندن گذريل پنجاهہ سالن ۾ نہ رڳو حيدرآباد شهر کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو آهي. پر واپار جي لحاظ کان سندن سنڌ ورڪيءَ وارا معاملا دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ڦهليل

آهن. منجهن ڏاڍا چڱا ۽ زبردست شخص پيدا ٿيا آهن جن پنهنجي سماج جي شڪل ڦيرائي ڇڏي آهي. نولراءِ ۽ هيرانند ٻه ڀائر هئا جن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي تعليم منجهه انقلاب آندو. هتي الهندي ڪڇي ۾ ائڪيڊمي اسڪول انهن ٺهرايو هو. ڇا ته اسڪول آهي. هزارين ٻار پڙهن ٿا. انهن کان علاوه ڇوڪرين جي تعليم لاءِ ميران ائڪيڊمي اسڪول به ٺهيو جت مونکي ياد آهي ته ٻه گهوش سسٽرس ماستريائيون هيون جيڪي خاص ڪري ڇوڪرين کي انگريزي پاڙهڻ جي لاءِ لکنوءَ مان گهرايون ويون هيون. اهي ٻئي ڀائر 1893ع ۾ گذاري ويا. انهيءَ کان علاوه هندن جي هڪ ٻي جماعت برهمو سماج پڻ اسڪول کوليا جن ۾ برهمو ڪندن مل اسڪول ۽ ڪندن مل گرلس هاءِ اسڪول تمام سٺا اسڪول هئا. انهيءَ زماني منجهه ميٽرڪ جو امتحان بمبئي ۾ ڏبو هو. امتحان ڏاڍو ڏکيو هوندو هو. منهنجي عمر ڇوويهه پنجويهه سال هوندي جڏهن اسان ٻڌو هيوسين ته چار هندو ڇوڪرا آگبوٽ ۾ چڙهي بمبئي ويا هئا. تڏهن انهن ڇوڪرن جي شهر ۾ ڏاڍي هاڪ هئي. ڇوڪرن جا نالا به مونکي ياد آهن. چوهڙمل ڪندن مل پنجابي، نولراءِ شوقيرام، ڏيارام جيئمل ۽ چوٿون ڪوڙومل چندن مل هو. رڳو هڪ ڄڻو چوهڙ مل پنجابي پاس ٿيو ۽ ٽي ڄڻا ناپاس ٿيا. اهوئي چوهڙمل هو جيڪو 1865ع ۾ سنڌ مان پهريون گريجوئيٽ به ٿيو. ڪائنس ٻه سال پوءِ ٽنڊي ٺوڙهي جي مرزائن مان صادق علي فريدون بيگ به گريجوئيٽ ٿيو. پوءِ ته ٻيا مسلمان به پڙهيا پر انهن جو تعداد ايترو ڪونه هو. بابا پهريون وڪيل، انجنيئر ۽ ڊاڪٽر به هندن مان ئي ٿيا. 1887ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پهريون ڪاليج، سنڌ ڪاليج جي نالي سان کليو. حيدرآباد جي عاملن ۽ ڪراچيءَ جي پوچوائين ۽ ڀاروائين جي ڪوشش ۽ هڪ وڏي ماڻهو ديا رام گدومل جي اڻ ٿڪ ڪم ڪري اهو ڪاليج کلي سگهيو هو. سيني هندن دل کولي چندا ڏنا. مسلمانن کان چندا گهريائون جن صفا نابري واري. مون کين پنجاه روپيا ڏنا هئا جيڪي منهنجي حق حلال جي ڪمائي جا هئا. هندو چوندا هئا ته اهو ڪاليج هندن ۽ مسلمانن ٻنهي لاءِ آهي پر هرويرو ائين به نه هو. مسلمانن احساس ڪمتري ۽ لاڳيتو جهالت ڪري، ڪجهه نه ڀئي ڪري سگهيا. ڪاليج ۾ پڙهڻ ته وڏي ڳالهه آهي. آخر جڏهن ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسو کليو ته پوءِ سنڌ جي مسلمانن لاءِ پريان اوندهه ۾ هڪ روشنيءَ جي ڪرڻي مثل حالت وجود ۾ آئي. اهو سنه 1885ع هو. هندن ۾ تعليم ڪري کين سرڪاري نوڪريون به مليون. هيڊ منشي مختيارڪار کان ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدن تائين اچي پهتا. انهن ۾ گهڻو ڪري پنهنجي حيدرآباد جا عامل هئا.

”منهنجو مطلب آهي ته جن وٽ تعليم جي روشني آئي سي اڳيرا ٿيا. هندو اڳتي وڌيا ۽ سنڌ جي شهرن تي سندن پورو ضابطو ۽ قبضو هو. حيدرآباد شڪارپور ۽ ڪراچي سندن پنهنجا شهر ٿي پيا. اهي سڀ ڳالهيون منهنجي سانڀر جون آهن. حيدرآباد جا پاڙا، گهٽيون رستا ۽ پڪيون ڪچيون جايون سڀ مونکي ياد آهن. جڏهن آءٌ ڇوڪرو هوندو هوس ۽ توکان عمر مڙئي ڪجهه سرس هوندي هئي ته شهر سڄو ڪچين سرن سان يا ورلي ڪا جاءِ پٿر سان جڙيل هئي. پوءِ منهنجي سامهون شهر آباد ٿيڻ لڳو. مسلمان آبادي ۽ جاين ۾ ڪو ايڏو فرق ڪونه ٿيو پر هندو پائيبند ۽ عامل سڄي شهر ۾ پکڙجي ويا. غير آباد پَٽَ وسيا ۽ نوان پَٽَ آباد ٿيا. منهنجي ڇوڪراڻ وهيءَ ۾ قلعي کان چوڏڪي بازار جي ٻنهي پاسي مسلمانڪا پاڙا گهڻا هئا ۽ بازار جي ساڄي هٿ تي هٿ پنهنجي پاڙي تائين ۽ ڪجهه هيٺالي ۾ آبادي هئي. الهندي ڪڇي ۾ به ڪجهه آبادي نالي ماتر ڏسڻ ۾ ايندي هئي. هاڻي تون ڏس ته شهر ڇڻ ڦهلجي به ويو آهي ته پرڇي به ويو آهي. عاملن ۽ پائيبندن جا مٽ مائٽ جيڪي سنڌ جي ننڍڙن شهرن يا واهڻن ۾ رهندا هئا سي به حيدرآباد ۾ آباد ٿيا آهن. رڳو پائيبندن کي ئي وٺون ته اهي لاڙ مان، لاڪاڻ ۽ ڳچيريءَ مان گهڻي تعداد ۾ هت آيا. انهيءَ ڪري کين سڏيون ئي لاڙائي پائيبند، لاڪاڻي پائيبند پاڻ کي شهري پائيبند سڏائين ٿا. مُکڪي گهٽيءَ ۾ ساگراڻي آکهه وارا رهندا هئا. اهي ساگراڻي شهر جا مُکي به رهيا. انهيءَ ڪري گهٽيءَ جو نالو ئي مُکڪي گهٽي پيو. گهٽيءَ جي وڏي ويڙهي جي در وٽ به پائيبند رهن ٿا جيڪي پاٽکي سکراڻي، ٻڌراڻي ۽ صورتاڻي سڏائين ٿا. مُکڪي گهٽي ۾ خدا آبادي پائيبند ڏاسومل، واسومل، محبوبراءِ ۽ مهتاب راءِ به اچي رهيا ۽ هاڻ سندن اولاد پاٽکي ناگراڻي چون ٿا ۽ هو سرور جي قبيءَ طرف اچي رهيا ۽ پريان مير چنداڻي گهٽي هئي. قلعي جي ويجهو گدواڻي گهٽي اوائلي آبادين مان هڪ آهي. ديوان فتح

سنگهه ٻناٽي سيوهڻ مان لڏي هت آيو ۽ ميرن جي ملازمت ۾ رهيو ۽ سندن آڪهه ۽ ٻين عزيزن جي ڪري سيوهاڻي پاڙو وجود ۾ آيو. عامل وري سرور جي قبيءَ کان وٺي بازار جي چيڙي تائين آباد ٿيا. اتيئي گوسائين واري گهٽيءَ منجهه گوسائين هرنامگرن جي مڙهي هئي ۽ آسپاس سدا رنگائين، ٽڏائين، واسوائين، شوداسائين ۽ ڇبلائين پنهنجيون پڪيون جايون جوڙايون. بازار جي سري وٽ ڪرڙ جي وڻ هيٺ ڪري اُتي ڪرڙي گهٽي مشهور ٿي ويئي جتي ديوان صاحب راءِ شهاڻي ۽ سندس آڪهه جا ٻيا ڀاتي رهندا آهن“.

”هاڻ پٽ شهر وچي گهمه ته توکي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ مسر ۽ ٽڪاڻا نظر ايندا. هيءَ چوڙيگرن جي گهٽي آهي جيڪي سڀ برهمڻ کتري آهن ۽ سندن ڪيترين ئي نُکون اچي آباد ٿيون جن مان ڪجهه نالا ته مون کي به ياد آهن يعني اروڙا، ٽندڻ، چانڊيا، ڏوڏيا، سونيجي،ڪاٽ پانيڻ، ڪوڪل، گنا، مومتوراءِ، ماڌو ۽ مجر ۽ ٻيا جي مونکي ياد نه آهن. لونگ ڀڳت جي گهٽيءَ منجهه جواهري ڀاٽيا رهن ٿا. پنجاب مان گهڻا هندو هت آيا ۽ اُهي آهن ته پڪا سنڌي پر پاڻکي اجا پنجابي سڏائن ٿا. انهن ئي پنجابين منجهان چوهڙمل پهريون چوڪرو هو جنهن بمبئي وڃي سڀ کان اڳ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو هو.“

”سو يار ائين تعليم ۾ واپار ڪري هندو حيدرآباد تي ڇائنجي ويا. هاڻي هي شهر سندن سجاڻپ ڪري آهي. ڪامورا به پاڻ آهن شهر جا چڱا مڙس به پاڻ آهن. شهر ۾ خير ۽ عام ڀلائيءَ جا ڪم به اهي ماڻهو ڪن پيا. ۽ اسين اوندهه ۾ رهون پيا. ميونسپالٽي به سندن حوالي آهي. شهر جي بهترين صفائي به سندن فرص آهي. بهرحال اهي سڀ اسانجا پنهنجا آهن. سنڌي آهن، هم وطن آهن پر اسين ائين پاتال ۾ لهي ويا آهيون ۽ اجا لهون پيا جو سمجهه ۾ نٿو اچي ته مستقبل ۾ ڇا صورتحال ٿيندي“.

”پوءِ ڏاڏا ڇا ٿيندو؟ اسين به هاڻ پڙهون پيا. اسين به اڳتي وڌون پيا.“

”ها پٽ انهيءَ تعليم جي روشنيءَ جا وڏا فائدا آهن. اسان جا ته سئو سال هاڻ اچي کُٽا آهن. اڄ جهان ڇڏيون يا سڀاڻي. ايندڙ وقت اوهانجو آهي. ماضي اسان جو شاندار هو. اسان ايران جي روشن ۽ اعليٰ ماحول منجهان هت آياسين. هت حاڪم ٿي رهياسين. اڄ انهن جي اولاد کي اکر ساڃاهه به ڪونهي. قهر ٿي ويو آهي. يا ته حاڪم هئاسين يا صفا پَٽَ تي پيا آهيون.“

ڏاڏو آصف علي جذباتي ٿي ويو ۽ ساهه پرچي ويس ۽ اهڙن موقعن تي عبدالهاديءَ جي ماءُ ۽ ڏاڏي جي چوٿين زال جنهن جي عمر سٺ کن هوندي، سي ايندين آهن ۽ کيس کٽ تي ليٽائي زوري آرام ڪرائينديون آهن. عبدالهاديءَ جي ماءُ کيس زور به ڏيڻ لڳي ۽ پٽ کي اشاري سان وڃڻ جو حڪم ڏنائين ته جئين ڏاڏي جو ”ختاب“ ختم ٿئي.

عبدالهادي اٿي ٻئي ڪمري ۾ ويو هليو.

# 28

1928ع جي ڊسمبر مهيني جا آخري ڏينهن هئا. ناتال جون موڪلون هيون. حيدرآباد شهر ۾ ڪوئيٽا ۽ قنڌار جون هوائون هليون پئي. رات جو گهرن جي ڪُڏن تي ٿالهين ۾ ۽ وڻن ۾، ٻار پاڻي ڀري رکندا هئا. ۽ صبح جو برف ڄمي پئي هوندي هئي. ٻار، اُنهيءَ برف منجهه کنڊ يا گُڙ يا مُستي ٻُرڪي، شوق سان کائيندا هئا. شهر شام کان ئي ويران ٿي ويندو هو. شهري ماڻهو سيءَ ڪري، پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويندا هئا. غريب غرباءَ ٻه محنت مزوري ختم ڪري پنهنجن ککن ڏانهن ورندا هئا. صدر بازار ۾ ڪجهه ڇهڇٽو اڃا جاري هوندو هو. بازار جي اُترئين ڇيڙي کان ٿورڙو اڳ ٻار هوندي هئي جت ناتال جي موڪلن هوندي ٻه ڇانوڻي ۾ رهيل انگريز سپاهي ايندا هئا. ۽ وسڪي ۽ برانڊيءَ جا پيگ چاڙهي، گرامو فون تي وڄندڙ ڌنن تي ٻه نچندا هئا. ۽ ٻاهر سڙڪ تي بيهي گوڙ گهمسان ٻه ڪندا هئا. اهي انگريز سپاهي، جن کي سئولي سنڌيءَ ۾ سوجهر (سولجر) ٻه چوندا هئا. تن کي سردي ۾، پنهنجين زالن ۽ پيارن کان دوري ۽ ڪرسمس ۽ ناتال جي موڪلن هوندي ٻه ڪئنٽومينٽ ۾ رهڻ، ڏاڍو ڏکيو لڳندو هو. انهيءَ ڪري صدر ٻار ۾ اڃي خوب پئيندا هئا ۽ جن کي گاريون ڏيڻيون هونديون هيون تن کي دل کولي، وچ سڙڪ تي بيهي گاريون ڏيندا هئا. ڪين انهيءَ حال ۾ يا ته ڪو ٻوهري پنهنجي زال سان گڏ، گهر جي اڌ ڪليل دريءَ منجهان ڏسندو هو يا ٽانگي يا وڪٽوريا گاڏيءَ وارا سنڌي سندن انتظار ۾ هوندا هئا ته ڪڏهن ڪو سوجهر سندس گاڏيءَ ۾ ويهي ۽ چڱو ڀاڙو ڪمائي. ڪڏهن ڪڏهن اهي، زالن کان دور ۽ عورت جي جسمن کان وانجهيل سپاهي، ٽانگي وارن کي چوندا ته مونکي شهر گهمائي پر ائين لڪ ڇپ ۾، گهٽين مان ٿيندو، هيٺالي ۾ ويٺل رنن جي ماڳ تي وٺي هل ته جئين ملٽري پوليس يا ڪنهن ٻئي جاسوس چاڙتي کي خبر نه پوي.

عبدالهادي ٻه رات جي مانيءَ تي، ڪرم چند جي گهر آيل هو. هو ٻئي اسڪول جي زماني کان گهرا دوست هئا. ڪرم چند ميٽرڪ ۽ پوءِ بمبئي يونيورسٽي مان بي اي پاس ڪري آيو هو. عبدالهادي ميٽرڪ جي امتحان ۾ هڪ پيپر ۾ فيل ٿي پيو ۽ وڌيڪ پڙهڻ جي بدران لئنڊ سروي کاتي ۾ مُنشيءَ جي نوڪري ڪرڻ لڳو. عبدالهاديءَ جو ڏاڏو جلدي گذاري ويو ۽ ان وقت هو اڃا ڇهون درجو انگريزي پڙهندو هو. عبدالهادي هڪ ديوان جي دڪان تي نوڪري ٻه ڪندو هو ۽ پڙهندو ٻه هو. پر جڏهن کيس سرڪاري نوڪري ملي ۽ سندس گهر جو گذر سفر ٺيڪ ٺاڪ لڳو ته هن وڌيڪ پڙهڻ ڇڏي ڏنو. پر اُن وقت جي سيني سياسي تحريڪن منجهه حصو ته نه ورتائين پر ڄاڻ سڀ هيس. ڪرم چند بي اي پاس ڪري هيڊ منشيءَ جي عهدي تي آيو ۽ اڄڪلهه ميهڙ ۾ مختيارڪار هو. ڪرم چند نهايت قابل ۽ هوشيار ماڻهو هو. هُن عبدالهاديءَ کي ڏاڍو ساٿ ڏنو هو ۽ کيس همٿايو ٻه ته هُو وڌيڪ پڙهي پر عبدالهاديءَ کي پنهنجي نوڪري ۽ پگهار ۽ گهر جي آسودگي وڻي ويئي هئي. ڇهه مهينا کن ٿيا ته عبدالهادي سرڪاري نوڪري ٻه ڇڏي ڏني ۽ شهر ۾ نئين کليل نورمحمد هاءِ اسڪول منجهه ماستري ڪرڻ لڳو. کيس پنهنجي نئين نوڪري وڌيڪ وڻڻ لڳي. نورمحمد وڪيل، حيدرآباد دکن کان آيو هو ۽ شهر جي مسلمانن لاءِ ڪو چڱو اسڪول نه ڏسي، هن سنڌ جي ڪجهه وڏيرن ۽ زميدارن کان رقمون وٺي، نولراءِ مارڪيٽ ٽاور جي پر ۾ هڪ شاهي اسڪول جوڙايو.

ڪرم چند جي گهر ۾ سندس زال ڪوشليا ۽ نندڙيون ڀيڻون ڪملا ۽ سنگيتا هيون. ڪرم چند جي پوڙهي ماءُ به اجا صحتمند هئي ۽ گهر جو سڄو ڪم ڪار پاڻ ڪندي هئي. ڪوشليا ميٽرڪ پاس هئي. پهرين برهمو سماج جي اسڪول ۾ ماسترياڻي هئي. پر ڪرم چند جي مختيارڪار ٿيڻ تي نوڪري ڇڏي صاحب جي بيگم بڻجي ويئي. ڪملا وڏي هئي. ۽ ميٽرڪ پاس ڪري شاديءَ جي انتظار ۾ هئي. سندس ساهرن ۾ ڪوڻ ڪو پوڙهو ديهانت ڪري پئي ويو ۽ سندس شادي منجهه دير پئي ٿي. ڪملا هندو ناري سڌار سماج جي سرگرم ورڪر هئي. ۽ سياسي ۽ سماجي طور تي به سجاڳ هئي. باقي ننڍي سنگيتا ۽ ڪوشليا کي ٻاهرئين دنيا سان ڪو واسطو نه هو ۽ پنهنجي گهر جي سرڳ ۾ ڏاڍو خوش هيون.

اڄوڪي ماني به سنگيتا ۽ ڪوشليا تيار ڪئي هئي. عبدالهادي کي ڪرم چند جي گهر جي ماني ڏاڍي وڻندي هئي. کيس هوئڻ به گوشت کان ڀاڄيون وڌيڪ پسند هيون.

"يار ڪرم چند تون ڀاڳن وارو آهين" عبدالهاديءَ چيو، "ڀاڄائي ڪوشليا جهڙي سُلڇڻي زال ڏٺي ڪنهن نصيب واري کي ڏيندو آهي. وري ڀاڄائي جي هٿ ۾ جيڪا شيريني آهي سا ڪنهن ڪنهن عورت جي هٿ ۾ قدرت طرفان ملندي آهي."

"ادا منهنجي به ساراهه ڪريو" سنگيتا رڙ ڪئي، "ڀابي ڪوشليا ته رڳو واڱڻ جي ڀاڄي ۽ ساڳ تيار ڪيو آهي. هي ڪوفتا ۽ ڇڪن ۽ پتاٽي جون ٽڪيون ته مون تيار ڪيون آهن."

"سنگيتا ڀاڪرو گوشت ۽ ڇڪن واهه جو ٿي ناهي" ڪرم چند چيو.

"انهي ڪري ته آءُ چوندو آهيان ته سنگيتا اڳي جنم ۾ مسلمان هئي ۽ ڪنهن ڇٽ جي گهر ڄائي هئي." عبدالهادي چيو.

سڀ کلڻ لڳا

"منهنجيون اڌ کان وڌيڪ ساهيڙيون ۽ سکيون سڀ مسلمان آهن. ڪيتريون ته مون سان اسڪول ۾ به ٽي درجا پڙهيون. مونکي مڙئي انهن جو واس گهڻو لڳي ويو آهي." سنگيتا کلندي چيو.

مانيءَ کان پوءِ ڪچهري شروع ٿي. ڪرم چند، هادي، ڪوشليا، ڪملا ۽ ڪرم چند جو سئوٽ ڏرمداس ويٺا هئا. ڏرمداس جو شاهي بازار ۾ جنرل اسٽور هو. انهيءَ دؤر جي سليس سنڌيءَ ۾ انگريزي لفظ Shop کي عام طور تي ڇاپ چوندا هئا. ڏرمداس ٿورو پڙهيل هو پر واپار ڪري شهر جي سکين ماڻهن مان هو. سندس ٻه پٽ ڪراچيءَ جي ڪاليج ۾ پڙهندا هئا. ۽ ڌيءَ جي شاديءَ جي بندوبست ۾ رُڌل هو. پاڻ عاملن منجهان هو پر سنڌ ورڪي نه هو. پر ڌيءَ جي شادي لاءِ ڪراڪري ۽ ريشمي ڪپڙا جاپان مان گهرايا هئائين. پنهنجي برادريءَ ۾ مڙئي ڳاٽ اوچو ڪري هلندو هو.

"يلا يار هادي" ڪرم چند ڳالهايو، "يلا سرڪار جي پڪي نوڪري ڇڏي، تو ماستري قبول ڪئي آهي سا به هڪ نئين اسڪول ۾ ........"

"ڀائو الائي ڇو مونکي سرڪاري نوڪري ۾ مزو نه ايندو هو. پاڻ کي قيد سمجهندو هوس. ڏاڏا سائين چوندو هو ته ڪم اهو ڪريو جو ٻين کي فائدو پهچي. سو يار پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين کي پڙهائڻ مون کي ڏاڍو چڱو ٿو لڳي."

"پر سائين" ڏرمداس چيو، "گذر سفر به چڱي ريت ٿئي ٿو يا........"

"سائين رب جي مهرباني آهي" هادي چيو، "پگهار ذري گهٽ سرڪاري نوڪري جيترو آهي. ٻيو منهنجو ايترو ڪو خرچ به ڪونهي."

"يار صحيح ٿو چئين" ڏرمداس چيو، "اوهان سادي زندگي گذاري. هر ڳالهه کان ڇُٽا پيا آهيو اسان ته برادري ۾ منهن مٿي ڪرڻ خاطر پاڻ لٽائي ٿا ڇڏيون. مونکي ڏسو نياڻي جي شاديءَ لاءِ ڏاج به جاوا ۽ جاپان کان گهرايو اٿم."

"دادا اهو ظلم آهي" ڪملا ڳالهايو، "مائٽ ويچارا پيڙهجي ٿا وڃن."

"اهو ڪنهن هڪ مائٽ جو مسئلو ناهي" ڪرم چند چوڻ لڳو، "پوءِ اسان هندو جاتي وارا ڏينهون ڏينهن سماجي چڪرن ۾ وڌيڪ ڦاسندا ٿا وڃون."

”اهو صحيح آهي.“ ڏرمداس چيو، ”تون ڪوشليا جي مائٽن ڪي ئي ڏس. ڏيءِ سندن برهمو سماج ۾ حصو وٺندڙ نئين زماني جي ناري پر مائٽن ايترو ڏاج ڏنس ۽ اهڙا شادمانا ڪيا جو اسان پارا وچولي طبقي وارا ته ڏچي ۾ پئجي ويا. ائين آهي نه؟

”ادا اها ڳالهه سئو ٽڪا صحيح آهي.“ ڪوشليا چيو، ”مون ته مائٽن کي چيو هو ته مونکي ايترو ڏاج نه کپي ۽ اوهانجي سئوٽ جي به اها ئي مرضي هئي. پر ......“

”پر......... انهيءَ ’پر‘ ته سيني جا ڪم خراب ڪرائي ڇڏيا“ ڏرمداس ٽهڪ ڏنو ۽ سڀ کلڻ لڳا.

”يار توهان مسلمان چڱا پيا آهيو“ ڏرمداس چوڻ لڳو، ”ڇا جو ڏاج، ڇاجا گوڙ گهمسان. سڀ ڪم سئولو آهي، اوهان وٽ. مسلمان ته ڪارڪن تي به زال وٺيو اچن گهرن ۾. هڪ به نه، ٻه ٻه، ٽي ٽي ۽ چار چار! يار اوهانجا مزا آهن.“

سڀ کلڻ لڳا.

ڪوشليا چوڻ لڳي، ”ادا هادي اوهان مسلمان مردن جا ته مزا آهن. گهر ۾ زالون ائين ٿا آڻيو ڄڻ رڍون ٻڪريون ٻڌيون پيون آهن.“

عبدالهادي ٽهڪ ڏنو.

”ڀاڄائي، اسان جي سماج ۾ عورت جي پوزيشن ڏاڍي خراب آهي. هونءَ ڀل اوهان هندو هجو يا اسان مسلمان. اوهان شهري هجڻ جي ناطي، شهر جا هڙئي فائدا حاصل ڪري رهيا آهيو. واپار ۽ نوڪرين ڪري اوهان نئين زماني جي روشنيءَ ۾ گهڻو وقت اڳ قدم رکي چڪا آهيو. نئين تهذيب ۽ سڀيتا ۽ سولائزيشن (Civilization) اوهانجي سماج ۾ پنهنجي جاءِ والاري چڪي آهي. اهي انسان ذات جي ترقيءَ جون نشانيون آهن پر انهن سيني چڱائين جا ڪي اوگڻ به ٿيندا آهن. هاڻ اوهان سماج جي انهن اوڻاين ۾ ڦاٿل آهيو. چاهيندي به پنهنجين نياڻين کي گهٽ يا پورو پنو ڏاج ڏئي سگهو. اها اوهان جي سماجي Status جي سجاڳپ آهي. ڏيئرن لاءِ ساهرن جي گهر ۾ منهن مٿي ڪري هلڻ لاءِ هڪ ٽيڪ آهي. اوهان انهيءَ ڏيڻ ۾ ڦاسي پيا آهيو. اسان جو سماج ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ جاگيردار، زميندار ۽ وڏا ماڻهو آهن. جن وٽ سماجي رتبو ۽ ناهه نوهه آهي. پر سندن مالي حالت مستحڪم ناهي. سي ڏاڍو ڏکيو پنهنجين نياڻين جا سڱ ڪندا آهن ته متان ابي ڏاڏي جي زمين يا ملڪيت جي حصي تان هٿ کڻو پوي. نياڻيون ائين ئي برف جي نادين وانگر ڳري وينديون آهن يا لوهه وانگر ڪٽجي بي رنگ بي روپ ٿي وينديون آهن.“

”ادا اهو ظلم آهي.“ ڪوشليا رڙ ڪئي.

”ڀاڄائي، اسان جي سماج ۾ الائي ڪهڙا ڪيترا ظلم ٿين پيا....... ۽ اسين الائي ڪيترن ظلمن ۽ ڏچن کي پاڻ ڏانهن سڏيون ٿا. آءٌ ڏسان پيو ته اڄ ڪلهه اسين هڪ وڏي طوفان اچڻ کان اڳ ڪنهن واچوڙي ۾ ڦاسجي چڪا آهيون ۽ طوفان کي دعوت ڏيئي پاڻ ڏانهن آڻيون پيا.“

خاموش طبع ڪرم چند، عبدالهاديءَ ڏانهن ڏٺو ۽ مُرڪي چوڻ لڳو: ”يار هادي ڪهڙي طوفان جي ڳالهه ٿو ڪرين؟“

”ڪرم چند، “عبدالهادي چوڻ لڳو، ”آءٌ ڏسان پيو ته جئين جئين تعليم جي روشني ڦهلجي پيئي ۽ جت جت به خوشحاليءَ جو دور اچي پيو. اُت اسين تباهين سان کيڏيون پيا. ياتر الائي چو پاڻ ۾ وڙهن ٿا. سڄو سماج ٽانڊا ٿي پوندو.“

”ادا ڳجهارتون پيو پچائين!“ ڪوشليا چيو.

”نه ڀاڄائي آءٌ ڪنهن به ڳجهارت جي ڳالهه نه پيو ڪريان. اسين ياتر پاڻ ۾ وڙهڻ جي ڪوشش ڪريون پيا. ڪجهه ڏينهن ٿيا هڪ ڪميشن انگريز بادشاهه موڪلي ته وڃي هندن مسلمانن کان پڇو ته ڪين سنڌ نويڪلي کپي يا بمبئي سان گڏ کپي. بس مونکي ارمان رڳو انهيءَ ڳالهه جو آهي ته ڪجهه سال اسين سڀ، هندو توڙي مسلمان سڀ سنڌ جي ڌار صوبي لاءِ هڪ هئاسين پر هاڻ معاملو ئي اوُر ٿي ويو آهي. بس

ڪجھ سالن ۾. اسان جا پڙھيل ڳڙھيل، شھري ھندو سي سڀ ٻڌي ڪري ويھي رھيا آھن تہ سنڌ ڌار صوبو بنائڻ غلط آھي.“

”يار ھادي،“ ڪرم چند چيو، ”سنڌ سدائين نہ رڳو الڳ صوبو يا پرڳڻو رھيو آھي پر ھڪ الڳ ملڪ ٿي رھيو آھي. پاڻ تہ سنڌ جو بمبئي کان جدا ٿيڻ وارين ڪوشش سان ٻڌل آھيون.“

”مونکي خبر ناھي،“ ڪوشليا چيو، ”پر بابا وارا تہ سندرو ٻڌي ويٺا آھن تہ سنڌ بمبئي کان ڌار ٿي تہ مسلمان ھندن کي ماري ڇڏيندا.“

سيني ٽھڪ ڏنا

”مسلمان، ڀاڄائي جو ماريندا؟“ عبدالھاديءَ چيو، ”مسلمان ڇتا ٿيا آھن مسلمانن کي ڪنھن چرئي ڪُتي چڪ ھنيو آھي. پر ڳالھہ سچي چريائپ جي آھي.“

”ڀائو ھادي،“ ڏرمداس ڳالھايو، ”ڳالھہ مسلمانن کي چتي ڪُتي جي چڪ جي ناھي پر سماج ۾ وڏو انقلاب اچي ويندو. اشرافن جي عزت، مان ۽ رتبي کي ڇيھو رسندو. سڀ مسلمان تو جھڙا ھجن تہ اسين ڪين پنھنجين دلين ۽ نياڻين جي وچ ۾ ويھاريون پر يار وڏا غلط چئي نہ ويا آھن.“

”يار ڏرمداس،“ عبدالھادي آھستي وراڻيو، ”ھي دور ھي زمانو تنھنجو منھنجو آھي. وڏا پنھنجو وارو وڄائي ھليا ويا ۽ ھاڻ اسان پنھنجي حال ۾ ائين ھلون جو اسان جي اولاد لاءِ ھڪ چڱو بنياد رکون تہ جئين انھيءَ بنياد تي ڀائپي ۽ دوستيءَ جون عمارتون، اڳتي ھلي پنھنجا پٽ، ڀائيٽيا ۽ ڀاٽيجا ۽ نياٽيون، جوڙي راس ڪن. سنڌ جي عظمت انھيءَ ۾ آھي.“

”اسان جي پڙھيل ڳڙھيل پروفيسرن ۽ اڳواڻن گھڻو ڪجھہ ڳالھايو آھي“

ڪرم چند چيو، ”مون اخبارن ۾ پڙھيو آھي. پروفيسر ڇبلاڻي تہ ماڳھين ليڪو لنگھي ويو آھي.“

”پر ڀائو ڪرم چند،“ ڏرمداس وچ ۾ ڳالھايو، ”اسان جو صوبو ڪٿي پنھنجن پيرن تي بيھي سگھندو. اجايو اڳتي ھلي ديواليو نڪري، ان کان بھتر آھي تہ ھڪ وڏي صوبي بمبئيءَ سان گڏ ھجون. ڪوٺ واڌ ۾ سھارو تہ ٿيندو.“

ڪجھري ھلي پئي تہ ڪرم چند جو ماروٽ رام ۽ اُن جو دوست بہ اچي سھڙيا. رام کي ھادي سڃاڻيندو ھو. ٻئي ياڪر پائي مليا. رام پنھنجي دوست جي واقفيت ڪرائي:

”منھنجو دوست پرم آنند ڇبلاڻي آھي. ڪراچي ڪاليج ۾ ايڪنامڪس پڙھائي رھيو آھي ۽ مزي جھڙي ڳالھہ تہ اڄڪلھہ جي گرما گرم شخصيت پروفيسر ڇبلاڻيءَ جو ننڍو ڀاءُ بہ آھي. اوھان وٽ ڪھڙي ڪچھري پئي ھلي؟“

سڪرم چند چيو، ”اسان سنڌ صوبي کي بمبئي کان الڳ پيا ڪريون.“

ڪرم چند ۽ ٻين ٽھڪ ڏنا.

رام واپاري ذھنيت جو ماڻھو ھو ۽ سندن ٽھڪن ۾ شامل ٿي ويو.

”ادا سنڌ جدا ٿئي ياڻہ. اسان تہ ھر حال ۾ راضي آھيون. رڳو ڀڳوان جي ڪريا سان ڏنڌو ۽ گذر سفر چڱو ٿئي. باقي ھي ڇبلاڻي. ھُن وڏي دھلي واري يونيورسٽيءَ جي ڇبلاڻيءَ کان بہ زور آھي. چئي ٿو تہ سنڌ لولي لنگڙي آھي پنھنجي پيرن تي بيھي نہ سگھندي.“

ڪرم چند چيو، ”ڀاءُ ڇبلاڻي، سنڌ سدائين سائي سرسبز ۽ پالڻھار جي حيثيت ۾ رھي آھي. لولي لنگڙي چئي سنڌ جو اپمان نہ ڪريو.“

”رام چرچا پيو ڪري.“ ڇبلاڻيءَ چيو.

”پوءِ سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪريون؟“ رام چرچي طور چيو.

”ادا ڀلي ڌار ڪريو.“ ڇبلاڻي چوڻ لڳو، ”پر اھو ٻن ڀائرن جو گڏيل گھر ناھي جو زالون پاڻ ۾ ٺٺيون ٺھن انھيءَ ڪري ڀائر پنھنجا گھر الڳ آباد ڪن. سائين ھڪ صوبي جو سوال آھي. انھيءَ جو انتظام ڪپي. انھيءَ کي ھلائڻو آھي.“

”پر يار ڇبلاڻي،“ ڏرمداس چيو، ”هي ڀائو ڪرم چند جو نندي هوندي جو سنگتي هادي چوي ٿو ته سنڌ بمبئي کان جدا ٿيڻ کپي. اسان سوير به انهيءَ ڳالهه تي جُنبيا پيا هئاسين.“

ڇبلاڻي چوڻ لڳو، ”الائي چو اسان جا مسلمان ڀائر انهيءَ مسئلي تي اِٽ هٽيو بيٺا آهن. مان سمجهان ٿو هو Inferiority Complex ۾ ڦاٿل آهن. سمجهن ٿا سنڌ صوبو الڳ ٿيو ڄڻ ڪين وڃايل بادشاهي واپس ملندي. ڀائو صوبو ڏار يا نه ڏار رهندو انگريز بهادر جي هٿ هيٺ. بادشاهه اهوئي انگريز آهي.“

هادي ڇبلاڻي کي ٻڏي رهيو هو.

”برابر اسان هندو به پهرين انهيءَ ڳالهه تي ڳنڍ ٻڌي بيٺا هئاسين ته سنڌ بمبئي کان ڌار ٿئي. پر هادي دل ۾ نه ڪجائين، اسان جي پڙهيل ڳڙهيل علم جي اڪابرن، جڏهن پاڻ ۾ ويهي سوچيو ته پوءِ سمجهياسون ته اهو گهاٽي جو سودو آهي. اسان جا مسلمان ڀائر گهٽي ڀاڱي علم جي روشنيءَ منجهه اجا نه آيا آهن. ڪين صوبو ڏار کپي. پر ڏار صوبو ڪئين هلندو ۽ ڏوڪڙ ڪٿان ايندا سا ڪين ڳڻتي ناهي. سنڌ جي سڄي آمدني ملائي به صوبي تي ايندڙ خرچ کي منهن ڏيئي نه سگهنداسين. هيءُ دور علم جو دور آهي. ماڊرن علم جو. اوهان سياسي طور ي ڇا به چئو پر سائين ڀڳوان واسطي ڪڏهن ايڪنامڪس جو ڌيان به ڪريو. Economically Sindh cann not servive as a separate Province. سڀ ليکا چوکا ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ تي پهتا آهيون ته اهو سودو نقصان وارو آهي.“

هادي مرڪڻ لڳو ۽ چيائين. ”ڇبلاڻي سائين سنڌ صوبي کي اوهان شاهي بازار جي هڪ جنرل اسٽور وانگر هلائڻ چاهيو ٿا ڇا؟ سنڌ، انگريز جي فتح کان اڳ به هڪ آزاد ملڪ هو. ملڪن يا صوبن جي چڱي يا مَٺي حالت ٿيندي رهندي آهي.“

ڏرمداس وچ ۾ ڳالهايو، ”ڀائو سئو ٽڪا مسلمانڪي ڪئي اٿئي.“

”مسلمانڪي يا ڇٽڪي.........!“ هاديءَ چيو ۽ زور سان ٽهڪ ڏنو. ڏرمداس به هاوڪار ڪئي. سڀ کلڻ لڳا.

”مسلمانڪي يا ڇٽڪي ڳالهه مڙيئي ساڳئي ڇئبي.“ ڏرمداس چيو، ”ائين ٿو چئين جئين اوهان مسلمان، لوفر ۽ بي روزگار ڇوڪر کي زوري شادي ڪرائيندا آهيو ۽ چوندا آهيو ته ڇورو شادي ڪندو ته سڌري پوندو. بار ڳچيءَ ۾ پوندس ته پاڻيهي وچي ڏنڊي ڏاڙي ڪندو. پرائي نياڻيءَ جو ڪهڙو حشر ٿيندو ان بابت ڪو سوچيندو به نه“

”سو يار اوهان مسلمان سنڌ کي به زوري ڳٽ ڳچيءَ ۾ وجهو ٿا ۽ سمجهو ٿا ته سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“ ڏرمداس چيو.

”اڄ کان ڏهه سال اڳ. ”هاديءَ چوڻ شروع ڪيو، ”سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن، علم جي اڪابرن، هڪ رپورٽ ڏني هئي. اها رپورٽ پنجين سنڌ پراونشل، انڊين نيشنل ڪانگريس، ڪانفرنس پاران ٺاهيل ڪاميٽيءَ پاران ڏني ويئي هئي. اهي علم جا اڪابر هئا، درگاداس آڏواڻي، نهالچند يو واسواڻي، آر ڪي سڌوا، نارئڻداس آنندجي، ۽ ساڻن گڏ جيرامداس دولترام به هو. سيني صاحبن سنڌ کي ڌار پرڳڻي جي حيثيت اختيار ڪرڻ جي سفارش ڪئي هئي. اڄ کان ڏهه سال اڳ سنڌ جي روينيو انڪم ۾ ڪروڙ ايڪاسي لک هئي. جيڪا آسام پرڳڻي جي ڪل آمدني يعني هڪ ايڪهتر لکن کان گهڻو مٿي هئي. آسام انهن ڏينهن کان جدا پرڳڻو آهي. جنهن کي مسٽر مانٽيگو ۽ لارڊ چيلمسفورڊ اسڪيم هيٺ خودمختياري ملي آهي.

”سائين اتي ٿورڙو ترسو،“ ڇبلاڻيءَ چيو، ”اِهي انگ اکر 19-1918ع جا آهن. هاڻ 22-1925 ع جا انگ اکر آهن هڪ ڪروڙ اسي لک. هاڻ ٻڌايو ته جت هر سال اِنڪم گهٽ ٿئي سو صوبو ڪئين اڳتي هلندو. مٿان سکر بئراج لاءِ ڳاٽي ڀڳو قرض حاصل ڪيو پيو وڃي. الائي ڪڏهن بئراج ٺهي ۽ الائي بئراج منجهان گهربل نتيجا ملن به ٿا يا اسين سنڌ جا ماڻهو انهيءَ قرضن جو وياج ڀري ڀري ساٿا ٿي ويندا سين.

”اهي انگ اکر ڪيتري حد تائين درست آهن سا خبر هڪ ڏٽيءَ کي ۽ ٻي بمبئي سرڪار کي.“ ڪرم چند چوڻ لڳو،“ باقي آءُ به روينيو آفيسر آهيان. مونکي انهن انگن تي شڪ آهي.“

”پائي سرڪار جا انگ اکر آهن.“ ڇبلاڻيءَ رڙ ڪئي، ”انهيءَ تي شڪ ڇا جو؟ سرڪاري ريڪارڊ آهي.“

”خير سرڪاري ريڪارڊ تي شڪ ڪجي يا نہ ڪجي.“ ڪرم چند چيو، ”باقي منهنجي نظر ۾ اهو دليل، يعني سنڌ ۾ انڪم يا ڏوڪڙ گهڻ آهن، اهڙو وزني ناهي. سنڌ کي جدا خودمختيار حيثيت ملڻ کپي.“

”هاڻي ڳالهہ نڪتي آهي.“ هادي چوڻ لڳو، ”مونکي اجازت ڏيو آءُ ڪجهہ چوان. سڀ پائر ويٺا آهيون. آءُ ڪنهن جو بہ پاسو نٿو نہ ڪٺان. پر اِهو ضرور چوندس تہ اسان جا هندو پائر ڪجهہ وِسوسن ۽ انديشن جا شڪار ٿي ويا آهن.“

”ادا، مون اها ڳالهہ نہ سمجهي!“ ڪوشليا چيو.

”پاچائي، ڳالهہ هرويرو مُنجهيل ناهي پر پنهي طرفن کان منجهائي پئي وڃي. هندو سمجهن ٿا تہ صوبو ڌار ٿيندو تہ مسلمانن جي گهڻائي سبب، سندن سياسي ۽ سماجي رتبن ۽ حيثين کي ڌڪ پهچندو.“

”ادا هادي.“ ڇبلاڻيءَ چيو، ”تنهنجي اها ڳالهہ سئو ٽڪا برابر تہ ناهي پر انهيءَ ڳالهہ تي شڪ بہ نہ ڪرڻ گهرجي. اسان گڏريل اسي پنجاسي سالن کان پاڻ پتوڙيو، جنهن علمي توڙي مالي خوشحاليءَ کي پهتا آهيون سا هڪ ڌڪ ۾ ختم ٿي ويندي. توکي خبر آهي تہ سنڌ جي آدمشماريءَ جا ڪهڙا انگ آهن؟“

”ها، مونکي خبر آهي.“ هاديءَ چيو، ”سنڌ ۾ ٽوٽل آدم سوا چوٽيهہ لک آهي. جنهن ۾ پنجويهہ لک مسلمان ۽ نوَ لک هندو آهن. اهڙيءَ ريت مسلمان مئجارٽي ۾ آهن. پر جيڪڏهن بمبئيءَ سان لاڳاپيل رهون ٿا تہ پوءِ هندو مئجارٽي ۾ آهن.“

ڇبلاڻيءَ ٽهڪ ڏنو: ”يار توکي ڳالهہ مڙيئي سمجهہ ۾ اچي پئي.“

ڪرم چند چيو، ”ادا ڳالهہ ڪنهن کان بہ ڳُجهي ناهي. تو هاديءَ کي ڇا سمجهيو آهي؟ ڇٽ! نہ بابا هاديءَ جهڙا پڙهيا لکيا همراهہ هجن تہ باقي اسان کي ڇا کپي.“

هادي وچ ۾ ڳالهايو، ”سنڌ ۾ پنجويهہ لک مسلمان ۽ نو لک هندو آهن. پر ووٽرن جو تعداد هن ريت آهي: مسلمان اٺهٺ هزار ۽ هندو ستهٺ هزار!“

”انهيءَ ۾ هندن جو ڏوهہ ناهي.“ ڇبلاڻيءَ چيو، ”جنهن سرشتي هيٺ ووٽر رجسٽر ٿين ٿا انهيءَ حساب موجب هندو وڏيڪ تعليم يافتہ، وڏيڪ ڍل ڏيڻ وارا ۽ سرڪار کي شهري علائقن ۾ وڏيڪ ٽئڪس ڏيڻ وارا آهن. اوهانجا وڏيرا ۽ زميندار پنهنجي جاتيءَ جي ماڻهن کي جاهل رکڻ ۾ پنهنجو مانُ سمجهندا آهن. پر منهنجي خيال ۾ مسلمان ۽ هندو ووٽرن جي تعداد ۾ ايڏو وڏو فرق ناهي. ٿي سگهي ٿو هزار ٻن جو فرق هجي.“

هادي چيو، ”ادا اهي انگ اکر اسان جي هندو پائرن کي ديڇارين ٿا. اوهان گڏريل اسي سالن ۾ جيڪو پنهنجي محنت ۽ انگريز سرڪار سان سهڪار ڪري، سماجي مالي ۽ سياسي رتبو ۽ حيثيت اختيار ڪئي آهي ۽ سنڌ جي فورم تي جيڪا برتري حاصل ڪئي آهي، سا وڃائڻ نٿا چاهيو. Status quo برقرار رکڻ چاهيو ٿا.“

”ڇا اهو Status quo اسان جو حق ناهي؟“ ڇبلاڻيءَ چيو، ”اسان سنڌ جا شهر آباد ڪيا. وسندين کي رونقون بخشيون. اسڪول، ڪاليج اسپتالون ۽ ٻيا عام ڀلائيءَ وارا ڪم ڪياسين. نہ تہ سنڌ جو ڪهڙو نالو هو. اسان سنڌي هئڻ جي ناتي سڀ ڪجهہ ڪيو آهي. نہ رڳو هند ۾ پر پوري دنيا ۾ سنڌ جو نالو ڦهلايو آهي. جاوا، سماترا، جاپان، سنگاپور، آفريڪا ۽ يورپ ۾ سنڌ ۽ سنڌين جو ڌاڪو ڄمايو آهي. اسين نٿا چاهيون تہ پنهنجي صوبي ۾ هڪ ديهيل ۽ ٻئي نمبر جا ٿي رهون.“

”ڳالهہ هڪ نمبر يا ٻہ نمبر جي ناهي.“ هاديءَ چيو، ”ڳالهہ سچي جاتيءَ جي آهي.“ رڳو مذهب ڪري اسين چو پاڻ ۾ ونڊجي وڃون. آءُ سمجهان ٿو پاڻ سڀ سنڌي آهيون. سنڌ لاءِ گڏجي ڪوشش ڪجن.“

”پائي تون سارو سون آهين.“ ڌرمداس ڳالهايو، ”اسين بازار ۾ ويٺا آهيون تہ اسان کي وڏيڪ خبر آهي. ڪنهن ڇٽ سان واسطو نہ پيو اٿئي.“

سيني ٽهڪ ڏنا ۽ هادي بہ کلڻ لڳو.

”وڏا ڇئي ويا آهن تہ ڇٽ کي ڏجي مان تہ جُتين سوڌو گلم تي. سو پائو وڏا غلط نہ ڇئي ويا آهن.“

ڪرم چند ڪلنديءَ چيو، ”وڏا ته اهو به چئي ويا آهن ته جٽ ۽ ڦٽ ٻڌا چڱا آهن سو يار هاديءَ جهڙن مسلمانن کي ٻڌي ڇڏجي. اجايو هندو مسلم جاتيءَ جي مسئلي کي هڪ جاتي بنائڻ چاهي ٿو. يار هادي جي ائين ٿي پوي ته پنهنجا ليڊر ۽ وڏا سڀ بيڪار ٿي پوندا. سندن چڱ مڙسي پوءِ ڪٿين هلندي.“

هاديءَ چيو ته ”يار جي توهانجا وڏا ڪجهه سون جهڙا اکر چئي ويا آهن، ته اسانجا وڏا به چئي ويا آهن. هڪ چوٽي آهي ته واٽيو ۽ سيارو پنهنجو ڪسر نه ڇڏيندو آهي. ٻي چوٽي آهي ته واٽيو ڏڪ به هڻندو ويندو ۽ رڙيون به ڪندو ويندو. سو يار جيڪڏهن اوهان انگ اکر ڏسو ته سنڌ سڄي اوهان جي قبضي ۾ آهي. اسان جو مسئلو پائرن وانگر رهي حل ٿيندو. آباديءَ ۾ اوهان گهٽ پر ووٽ اوهان جا گهڻا. نالي ۾ جاگيردار ۽ زميندار مسلمان پر سرڪاري انگ اکر آهن ته هن وقت سنڌ جي چاليهه سيڪڙو زرعي زمين هندن جي ملڪيت آهي ۽ وڌيڪ ٽيهه کن سيڪڙو وٽن گروي رکيل آهي. گروي به Sale deed جي حيثيت ۾. شهرن جي آبادي ۾ اوهان جو زور آهي. ايتري قدر جو ووٽرن جي سرشتي موجب، مسلمان ڪراچي جهڙي شهر ۾ هڪ به سيٽ ميونسپالٽيءَ تي نه کٽي سگهندا هئا. شهر ۾ مسلمانن جي چڱي خاصي آبادي آهي. انهيءَ ڪري مسلمانن جدا اليڪشن سسٽم جي گهُرج تي زور ڏنو. مسلمان ووٽر هندن سيٺين ۽ قرض ڏيندڙن وٽ اهڙو آزارپل آهن جو هُو ڪين ووٽ ڏيڻ لاءِ مجبور آهن. گذريل اسي سالن ۾، سرڪاري ڪاتن موجب 22 لک ايڪڙ زمين هندن جي نالي ٿي چڪي آهي جيڪا مسلمانن جي هئي.“

”سائين اِتي ترسو،“ چيلاڻيءَ چيو، ”اسان وٽ رڳو 28 سيڪڙو زمين آهي سنڌ ۾ هندن جي آدمشماريءَ کان به ڪجهه گهٽ آهي.“

هاديءَ رڙ ڪئي: ”پر سائين اوهانجي مطابق اسي سالن ۾ 28 سيڪڙو زمين ٽرانسفر ٿي آهي ته باقي گهڻا سال لڳندا باقي زمين کي ٽرانسفر ڪرڻ ۾...... پوءِ مسلمانن کي ٻي دخل ڪري سگهو ٿا.“

چيلاڻي ٿورو ڇنڀير ٿي ويو، ”اهي الزام آهن. اوهان ٿورو جذباتي پيا ٿيو.“

”نه آءُ جذباتي ناهيان. آءُ نهايت ٿڌو ۽ حقيقت کي پروڙڻ وارو ماڻهو آهيان. منهنجي نزديڪ هندو مسلم ڪا ڳالهه نه آهي. ڪرم چند منهنجو يار آهي مونکي سڃاڻي ٿو. پر مون اوهان کي پنهنجا خدشا ٻڌايا پئي ...... ۽ اهي انديشا ۽ بدگمانيون اسان کي الائي ڪهڙي اوڙاهه ۾ ڏڪين پيون. اسان پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن کي Positively سوچڻ کپي. ٻه پائر آهيون هٽ رهڻو آهي. سنڌ مان ڪير نڪرندو؟ ڪير ڪنهن کي لوڏي ڪيندو! انهي ڪري give and take وارو عمل ڪرڻ کپي.“

ٿوري ساهيءَ کان پوءِ، پيهر هادي چوڻ لڳو: ”سائين انگرن اکرن تي پوندا ته ڏاڍا ڏکيا ڏينهن اڳتي ايندا. اسان جو سنڌي سماج تباهه ٿي ويندو. اوهان سويل ووٽرن جي تعداد جو ذڪر ڪيو هو. ڪجهه ڏينهن اڳ مون هڪ سرڪاري رپورٽ ڏٺي. بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جي رپورٽ سال 1928ع لاءِ. انهي رپورٽ ۾ جيڪي انگ اکر آهن تن مطابق سنڌ شهري ۽ ٻهراڙي علائقن ۾ بلڪل ورهائجي چڪي آهي. ائين لڳي ٿو چڻ سنڌ جي شهرن تي سياسي طور هندو مڪمل قابض آهن ۽ رُورَل سنڌ ۾ مسلمان. اها رپورٽ، مهينو ڏيڍ اڳ رايل اسٽيچوٽري ڪميشن جي اڳيان به پيش ٿي آهي. رپورٽ مطابق سنڌ جون شهري ميونسپالٽيون ڪُل چويهه آهن يعني حيدرآباد، هالا، مٽياري، ٽنڊوالهيار، نصرپور، ٽنڊو محمد خان، ڪراچي شهر، ٺٽو، ڪوٽڙي، مانجهند، ڪيٽي بندر، لاڙڪاڻو، قمبر، رتوديرو، سيوهڻ، بوبڪ، سکر، شڪارپور، ڳڙهي ياسين، روهڙي، گهوٽڪي، ميرپورخاص، عمرڪوٽ، ٽنڊو آدم، شهدادپور ۽ جيڪب آباد. ٽوٽل ووٽ انهن ميونسپالٽي جا آهن: مسلمان 21899 ۽ غير مسلم 53324. انهن چويهه ميونسپالٽين ۾ رڳو ٻه ميونسپالٽيون نصرپور ۽ مٽياريءَ جون اهڙيون آهن. جت ملسمان ووٽ جي گهڻائي آهن. باقي سيني شهرن ۾ هندو وڏي مئجارٽي ۾ آهن. ڪراچي شهر ۾ هندو ووٽ آهن 18057 ۽ مسلمان 8330. حيدرآباد ۾ هندو ووٽ آهن 12454 ۽ مسلمان ووٽ 5566 ٽنڊو الهيار ۾ هندو ووٽ آهن 301 ۽ مسلمان ووٽ 114. ڪوٽڙي ۾ هندو ووٽ 327 ۽ مسلم ووٽ آهن 118. ڪيٽي بندر ۾ هندو 60 ۽ مسلم 10. لاڙڪاڻي ۾ هندو ووٽ 1565 ۽ مسلم 754. رتوديرو

۾ هندو ووٽ 541 ۽ مسلم 288. سکر ۾ هندو ووٽ 1565 ۽ مسلم 754. شڪارپور ۾ هندو ووٽ 8462 مسلم 2515. ڳڙهي ياسين ۾ هندو ووٽ 337 ۽ مسلم 68. روهڙي ۾ هندو ووٽ 908 ۽ مسلم 302. گهوٽڪي ۾ هندو ووٽ 230، مسلم 87. ميرپورخاص ۾ هندو ووٽ 844 ۽ مسلم 265. ٽنبو آدم ۾ هندو ووٽ 1384 ۽ مسلم 116. شهدادپور ۾ هندو ووٽ 658 ۽ مسلم 209. جيڪب آباد ۾ هندو ووٽ 1058 7 مسلم 471. اهڙيءَ ريت ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ، جيڪي ڪل ستن ضلعن يعني حيدرآباد، ڪراچي، لاڙڪاڻي، سکر، ٿرپارڪر، نواب شاهه ۽ اپر سنڌ فرنٽيئر ۾ آهن تن ۾ مسلم ووٽر ڪل 38939 ۽ هندو ووٽر 13763 آهن. انهيءَ انگن اکرن موجب، سنڌ ۾ ڪل مسلم ووٽ ٿيا 60838 ۽ هندو ووٽ67087 آهن. انهيءَ جي پيٽ ۾ سنڌ جي پاپوليشن آهن پنجويهه لک مسلمان ۽ سوا نو لک هندو يعني سوا چوٿيهه لک. انهيءَ حساب سان مسلمانن کي سنڌن پنجويهه لک پاپوليشن ۾% 2.43 في سيڪڙو ووٽر آهن ۽ ٻئي پاسي هندن جا سوا نو لک جي آدمشماري ۾ %25.7 في سيڪڙو ووٽر آهن.

چيلاڻيءَ ڏيرج سان چيو. ”ڀائي انهيءَ ۾ ڀلا اسان هندن جو ڏوهه آهي يا مسلمانن جو پنهنجو ڏوهه آهي.

هاديءَ چيو، ”ادا سائين آءٌ اوهان کي ڏوهه ڏيان ئي نٿو. اهو سراسر اسان جي غفلت ۽ جهالت ۾ رهڻ ڪري ٿي رهيو آهي. ٻيو اسان وٽ فيوڊل طبقو به انهيءَ معاملي جو وڏو ذميدار آهي. آخر ۾ آءٌ اهو چوندس ته جت مسلم فيوڊل طبقو وڏي رنڊڪ آهي اُت اسانجا شهري هندو طبقا به نه ٿا چاهين ته سنڌ جي آباديءَ جي اهو ڏتڙيل حصو ڪجهه علم ۽ ڄاڻ جي روشنيءَ ۾ اچي ........ نه ته ڀاءُ ڏرمداس جي چوڻ مطابق ’اهي چٽ جتين سوڏو ڪلم تي چڙهي ايندا.‘“

هادي ۽ ٻيا کلڻ لڳا.

”ادا سائين،“ هاديءَ چيلاڻي کي چيو، ”اوهان پڙهيل ڳڙهيل آهيو. مادرن علم جا اڪابر به اوهان وٽ گهڻا آهن. اوهان کي خبر به آهي ته سنڌ جي آدمشماريءَ منجهه چويهه سيڪڙو هندو آهن۽ چوهتر سيڪڙو مسلمان. پوءِ به اوهان مئجارٽيءَ کي پنهنجو حق نٿا ڏيو. اها ڪهڙي ڊيموڪريسي آهي؟“

”ادا، مسلمان اجا انهيءَ قابل ئي ناهن ته هُو ڊيموڪريسي مطابق پنهنجا حق وٺن IT is simply a brute majarity. پر بمبئي پرزيڊنسي ۾ رهندڙ 25 لک مسلمان، Minority آهن ۽ اسان هندو مئجارٽي ۾ آهيون. اسين ڇو اهڙو ڪم ڪريون؟

We won`t allow a portion of a majority to be converted into a minority without their free consent. سائين ڳالهه هندو مسلمان جي ناهي. اسان ته غلام محمد پرڳڙي جي هٿن ۾ به صحيح سلامت هئاسين. پر ڳالهه اصل ۾ ٻي آهي ۽ ڪيس ئي ٻيو آهي اوهان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو.

It will be a case of the advanced community falling under the control of people who are backward and who are still living in mediaeval times. We do not want to be in the control of Muslim Zamidar over the destinies of an enterprising progressive and advanced community like the Hindu minority in sindh.”

چيلاڻيءَ جاجذباتي ۽ ڏاڍيان ڳالهايل اکر سيني تي اثر ڇڏڻ لڳا.

”اوهان ته ائين پيا تقرير ڪريو،“ ڪرم چند چوڻ لڳو، ”ڄڻ پروفيسر چيلاڻيءَ رايل اسٽئچوٽري ڪميشڻ اڳيان ڪئي هوندي. يار تون سياست ۾ اچ. ڇڏ ليڪچرشپ کي.

هادي چيو، ”اهڙيون ڳالهيون هت بحث ۾ نه اچڻ کپن ها. گهر جو ماحول ئي ڳنڀير ٿي ويو آهي. ڀاڄائي کو شربت پيار ته مغز کي طراوت اچي ۽ هن نندي پروفيسر چيلاڻيءَ کي منهن ڏيئي سگهجي.

ڪوشليا ٽپ ڏيئي اُٿي ۽ چيلاڻيءَ کلڻ لڳو پر سندس چهري تي مڙئي آيل رت صاف نظر آيو پئي. ٿوري دير ۾ ڪوشليا شربت جا گلاس کڻي آئي. سڀني شربت پيتو. موسم جي تذڪار به ڪين شربت پيئڻ کان نه روڪيو. ڪمري منجهه به گرمائش هئي.

”ڀلا هاڻ اچو ته نوڪرين بابت ڳالهايون..........“ هاديءَ چيو.

”پلا اڄ سڀ ڳالهائي ڇڏيندا ڇا. ڪجهه سڀاڻي لاءِ به رکجي.“ ڪرم چند ڪلندي چيو.
”پائو ڪرم چند سچ ٿو چوي،“ ڏرمداس چيو، ”بچت ڪرڻ چڱي عادت آهي.“
”پائو اسين وڙهون ڪونه پيا.“ ڇبلاڻي چيو، ”مون کي ته خوشي آهي ته مسلمانن منجهان ڪو پڙهيل ۽ سمجهو ماڻهو سامهون ويٺو آهي ۽ ڪيس سيني ڳالهين جي سمجهه به آهي. انهيءَ ڪري ڪيس هندن جو Point of view ضرور سمجهائڻ گهرجي.
”مسئلن تي ڳالهائبو ته چندچاڻ ٿيندي ۽ هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۾ به مدد ملندي.“ هادي چيو.
”پائو هادي،“ ڇبلاڻيءَ چيو، ”اسان هندن جو Stand اهوئي آهي ته انصاف خاطر ۽ overall انڊيا جي ڀلائيءَ خاطر نوڪرين ۾ Progressive & patriotic Element اچي. اهڙا ماڻهو صرف کُليل مقابلي وارن امتحانن ذريعي ئي اچي سگهن ٿا. ۽ ڪابه reservation نه هجي ڪنهن به Cast, Colour or Creed لاءِ. اسان اڳ ڪميشن اڳيان، منهنجو مطلب آهي ته رايل ڪميشن اڳيان اهوئي لکي ڏنو آهي ته ڪو هرويرو هندن کي نوڪريون نه ڏيو ۽ نڪي مسلمانن جو حق ماريو پر

The principle of recruiting in service on the basis of merit and merit alone implies that the ministers must have not patrorange in their hands and that a public services commission, properly consitituted, should be the only recruiting authority in the case of all important posts. We don`t want vicicous communal basis for recruitment of services.”

”پائو ائين ته سڀ نوڪريون، حيدرآباد، ڪراچي ۽ شڪارپور جي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي ڇوڪرن يا بمبئي يونيورسٽي جي تعليم يافته همراهن کي ملي وينديون ۽ تنهنجي چوڻ مطابق Brute majority جو ڇا ٿيندو. انهيءَ جي معنىٰ ته اهي وڏيڪ ڇتا ٿين. بي روزگار رهن. مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته اسين سنڌ جا واسي ڪهڙي رخ ۽ رستي ڏانهن وڃي رهيا آهيون.“ هاديءَ چيو.
”ڳالهه ڏکي ناهي،“ ڇبلاڻيءَ چيو، ”اسان هندن کي هن حالت ۾ پهچڻ تائين اسي سال لڳا آهن. اوهان ڪوشش ڪريو، پنهنجي ماڻهن کي اوندهه مان ڪڍو. زميندارن جي yoke مان آزاد ڪرايو. تعليم جي روشنيءَ منجهه آڻيو. اسانجا اسي سال هڪ ٻيو دور هو. هن وقت اهي حالتون نه آهن. جي مڙسي ڪريو ته پندرهن ويهن سالن ۾، مسلمان به علم جو زيور حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ نه رڳو سنڌ ۾ پر هند ۽ دنيا جي ٻين پاسن ۾ به پنهنجو روزگار حاصل ڪري سگهن ٿا. پر جهالت جي اوندهه مان نڪرو. باقي اڄ ڪلهه مسلم ليگ جو دور پيو هلي، سا تباهيءَ ڏانهن ويندڙ واٽ آهي. سياسي هوش هميشهه تڏهن ايندو آهي جڏهن اوهان پنهنجا حق سڃاڻو. حق تڏهن سڃاڻبا آهن جڏهن اوهان وٽ علم جي سمجهه ايندي. باقي هادي ياءَ جي ڳالهه ڳري آهي. چار زميندار مليا ۽ سنڌ سندن ڪڇ ۾ اچي ڪري. سا ايمٽا واري ڳالهه آهي ته ايمٽا مَٽيو ته ٿيل ٿي پيو. اسان 40 سيڪڙو لينڊ روينيو ڏيون ٿا. زمينن جي مالڪ ۽ ليسيز جي حيثيت ۾. ان کان علاوه شهري علائقن جا ٽئڪس ۽ ڪسٽم ڊيوٽي سڀ هندو ڏين ٿا. ته به 104 ميمبرن جي اسيمبليءَ ۾ رڳو 22 ميمبر شهري علائقن مان آهن. گذريل آدمشماري جي انگن اکرن مطابق مسلمانن ۾ Literacy جو ڪل عدد ساڍا ٻتيهه هزار آهي ۽ هندن جا پڙهيل لکيل ماڻهو ستاسي هزار آهن. پر نا انصافي اِها آهي ته ووٽر مسلم اوڻهٺ سٺ هزار آهن جن ۾ اڌ کان وڏيڪ ڇٽ جاهل آهن ۽ هندن جي پڙهيل ماڻهن کي به ووٽ جو حق ناهي. يعني ستاسي هزار پڙهيل ماڻهن منجهان رڳو ستهٺ هزار ووٽر آهن.“
رات ڪافي گذري چڪي هئي، هادي به اُٿيو ۽ ڏرمداس سان گڏ ڪرم چند جي گهران نڪتا ۽ پنهنجن گهرن ڏانهن وڃڻ لڳا.
”پائي هادي تنهنجا ويچار مونکي ڏاڍا وڻيا“ ڏرمداس رستي هلندي چيو، ”پر يار اسين پائر هڪ ٻئي کان پري ٿيندا ٿا وڃون.“

”ڏرمداس تون صحيح ٿو چئين،“ هاديءَ چيو، ”پر اهي ڳالهيون سنڌ جي گڏيل سماج کي نقصان پهچائينديون. اسان سڀني جو نقصان آهي.“

”پهرين ڪڏهن ڪڏهن پڌندا هئاسين،“ ڏرمداس چيو، ”ته ڪو هندو، مسلمان غندن جي هٿان ڪچي ويو ۽ زبردستي طهر ڪرائي مسلمان ٿيو. پر هاڻ ته هفتي پندرهين ڏينهن ڪو نه ڪو واقعو ٿئي پيو. ٽوڪي خبر آهي ته اسين خود محرم ۾ تابوتن ۽ پڙن جو خيال رکندا آهيون، مُوڙو به ڏيندا آهيون. گهڻا ته ويچارا باسون به باسيندا آهن. پر گذريل محرم ۾ ساماري پاسي غلام نبي شاه ڳوٺ ۾ ڏهين محرم تي هندن سان جيڪي جُٽ ٿي سا سڀني کي خبر آهي. جهيڙو رڳو انهيءَ ڳالهه تان ٿيو ته هڪ مومن هڪ هندو ڀائي کي زوري مٽي ۾ ڏوڙ وڌي.“

”اهي واقعا ڏکوئيندڙ آهن.“ هاديءَ چيو، ”الائي ڇو اسين مذهب کي دل آزاريندڙ هٿيار طور هڪ ٻئي جي خلاف استعمال ڪندا آهيون. هندو مسلم جهيڙو ته پري جي ڳالهه آهي پر مسلمان پاڻ ۾ سني شيعه سوال تي هڪ ٻئي جو رت وهائڻ ۾ دير نٿا ڪن. مذهب ته انسان کي سڌو رستو ڏيکارين ٿا. پر اسان مذهب کي هر غلط قدم کڻڻ لاءِ ڍال ڪري استعمال ڪريون ٿا.“

چوڏڪي بازار وٽ ٻنهي هڪ ٻئي کان موڪلايو ۽ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيا.

# 29

شهر جي اپرندي ڇيڙي تي، ڦليليءَ جي ڪپ تي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪاليج هو جت شهر جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پڙهنديون هيون. نه رڳو حيدرآباد شهر پر سڄي سنڌ جا ڇوڪرا هت پڙهڻ ايندا هئا. ڪراچيءَ جي ڪاليجن وانگر هي ڪاليج به سنڌ جي جديد رجحانن ۽ جاڳرتا جي نئين زماني جو مرڪز هو. شهر جي عامل گهراڻن ۽ ٻين رهاڪن جا ڇوڪرا ڇوڪريون ماڊرن فيشن سان ڪاليج ۾ ايندا هئا. ڦليليءَ جي اورين ڪپ تي ديولڻ داس باغ هو. نهايت سهڻو ۽ سرسبز هو. انهيءَ باغ ۾ به شام جو شوقين وڪٽوريا گاڏين ۽ سائيڪلن تي يار پسار ڪندي نظر ايندا هئا ۽ باغ جي سونهن ۽ ڦليليءَ جو من موهيندڙ وهڪرو ڏسي خوش ٿيندا هئا. سچ لهڻ سان حيدرآباد ۾ ٿڌي هوا هلڻ شروع ٿي ويندي هئي.

ڪاليج جي ڪامن روم ۾ پندرهن ويهه ڇوڪرا ۽ ٻه ٽي ڇوڪريون ويٺيون هيون. منجهن زوردار بحث پئي هليو ته سياڻي 19 جون 1932ع تي آزاد سنڌ جماعت ۽ سنڌ آزاد جماعت ۽ سنڌ آزاد ڪانفرنس طرفان هڙتال ۾ حصو ورتو وڃي يانه. آزاد سنڌ جماعت، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ پاران ٺاهيل هئي. سنڌ آزاد ڪانفرنس ۾ گهڻو ڪري سنڌ جي زميندارن جو لَڏو هو. ڇوڪرن ۾ ٽي چار انهيءَ بحث ۾ اڳڀرو هئا.

”سياڻي جي هڙتال، يا مسلم هڙتال ناهي،“ ڪرشن لال چيو، جيڪو بي اي جي آخري سال ۾ هو. ”اسان جي سنڌ سدائين آزاد حيثيت ۾ رهي آهي. اسان جي پنٽي پوڻ جو هڪ وڏو سبب اهو آهي ته اسان بمبئي جي غلاميءَ ۾ ٻڌل آهيون.“

جڳت راءِ موٽواڻي خيرپور منجهان آيل هو. سندس قد ننڍو هو پر مڙس سڀ کان اڳرو لڳندو هو، تنهن چيو: ”ياٿرو اسان پاڻ ۾ ياٿر آهيون. هندو مسلمان سڀ سنڌي آهيون. سنڌ جي ڌرتي اسان جي ماتا آهي. اسان سياڻي پنهنجي ٻڌيءَ ۽ ايڪي جو اهڙو مثال ڪري ڏيکاريون جهڙو اڄ کان پهرين، اسان جي وڏن 4 اپريل 1919ع ۾ نه رڳو سنڌ ۾ پر پوري هندستان ۾ هندو مسلم ايڪتا خاطر ۽ برٽش حڪومت جي پاليسين خلاف هڙتال ڪئي هئي. پاڻ ۾ ياٿرن وانگر ڪير ڪنڌ تي اڳيان وڌيا هئا. هاڻ به اسان کي سياڻي جي هڙتال ۾ شريڪ ٿي، حڪومت تي دٻاءُ وجهجي ته سنڌ کي بمبئيءَ جي طوق مان آزاد ڪري. باقي ڪجهه دوست تنگ نظريءَ ۽ ڪجهه اڳواڻن جي چرچ تي اِها پروپئگنڊا ڪن پيا ته سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ جو مسئلو اسان هندن جو ناهي ۽ ان ۾ رڳو مسلمانن جو فائدو آهي. اها غلط ڳالهه آهي. گهر ۾ جي ٻن ياٿرن ۾ ضد ۽ اختلاف ٿي پوندا آهن ته انهن کي ويهي نبيرو ويندو آهي نه ته هڪ گهر مان الائي ڪيترا گهر ٺهي پوندا آهن ۽ اصل گهر جو بنياد ئي ختم ٿي ويندو آهي. سو اسين هندو يا مسلمان سنڌ جي بنياد خلاف ناهيون. اسين ضرور هڙتال ۾ شريڪ ٿينداسين.“

”جڳت راءِ کي ته هُل هنگامي ۾ مزو ٿو اچي،“ پريان ڪُنڊ ۾ ويٺل سهڻي ۽ ڊگهي قد جي موهن چيو، ”هر ڳالهه تي سوچو، هرويرو ٻوڇڻ کلهي تي رکڻ ۽ نعرن هڻڻ سان مطلب ناهي. سوچو ته اها سنڌ آزاد ڪانفرنس ڪنهنجي آهي. ان ۾ ڪير ڪير آهن. گذريل ستن سالن کان مسلمانن جو رويو ڇا رهيو آهي. هُو هندن تي اعتبار ڪن ٿا؟ باقي اسين ساڻن گڏ هنبوشيون هلي هٽون اُن ۾ اسان جي جاتيءَ جو فائدو آهي؟“

”موهن تون اجايو هت ڪاليج ۾ ڦيٽارو نه وجهه،“ جڳت راءِ چيو.

”پائي اهو ڦيٽارو ناهي. توهين پهرين سوچيو،“ موهن چيو، ”پوءِ ڪاليج جي جنرل باڊيءَ اڳيان اِها رٿ پيش ڪريو ۽ ان کان پوءِ ڇوڪرن کي سياٽي شهر جي رستن تي آڻيو.“

”اسان کي منظور آهي.“ جڳت راءِ، ڪرشن لال ڀاٽيا ۽ ساڻن گڏ ويٺل لتا واسواڻيءَ هڪ ئي وقت بلند آواز ۾ چيو.

”پائرو منهنجي صلاح بہ اها آهي“ محمد بخش چيو، جيڪو نوابشاه ضلعي جو هو ۽ ڪاليج ۾ گذريل سال داخل ٿيو هو. ”اسان جو، سنڌ ڌرتي ماءُ سان ڪو اختلاف ناهي. پلي سڀ دوست گڏجي فيصلو ڪن.“

ٻين سيني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين بہ گڏجي انهيءَ رٿ جي حمايت ڪئي.

ڏينهن جو ساڍي ٻارهين بجي ڪاليج جو ڊراما هال ڪچا ڪچ ڀريل هو. جڳت راءِ، ڪرشن لال ۽ محمد بخش جي تقريرن، ڪاليج جي سيني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ۾ هڪ نئون جوش ۽ جذبو اڀاريو پر موهن جي هڪ ٻئي هم راءِ دوست ڪنهيا لال، معاملي کي ذري گهٽ خراب ڪري ڇڏيو پر وري بہ جڳت راءِ اُٿي بيٺو ۽ صورتحال کي سنڀالي ورتو. تنهن هوندي بہ ٿوري تعداد ۾ ڇوڪرا انهيءَ خيالن جا ٿي بيٺا تہ اسان جو نہ مسلمانن جو مسئلو آهي. هندن کي انهيءَ ڳالهہ ۾ پُٺڀرائي نہ ڪرڻ کپي.

پوءِ ڇوڪرن ڪاليج جي ٻن ٽن استادن کان اِنهيءَ ڳالهہ متعلق ڳالهايو. پروفيسر گوبند نهلاڻيءَ ڪين تمام ڊيرج سان سمجهايو: ”اڄڪلهہ سنڌ جي سياسي ماحول ۾ جيڪا نيگيٽو ڇُر پُر آهي سا اسانکي الائي ڪيڏانهن گيلهي رهي آهي. مان پوليٽيڪل سائنس جو اُستاد آهيان. مون تاريخ بہ پڙهي آهي. ٽالپرن جي زماني ۾ مذهب جڏهن جڳهڙي جي جڙ بڻيو تہ ڏسو ڌاريا سنڌ فتح ڪري ويٺا. هاڻ بہ اسين پيهر پاڻ ۾ اُلجهڻ لڳا آهيون. هن پيري مذهب تہ سامهون نہ آهي پر سياست ۽ ايڪنامڪ جي ويڙهہ پُٺيان مسلمانن ۽ پنهنجن همراهن ۾ جيڪا اڻ وٽندڙ ديوار اُڀي ٿيندي نظر اچي پئي. سا ڏاڍي Fatal نہ ٿي پوي. انهيءَ موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ ڊگهي ڪچهري ٿيڻ کپي. باقي منهنجي پرسنل راءِ ۾ اسان هندن کي بہ سنڌ جي سياست ۾ ايڪتا ۽ پوليٽيڪل ايڪتا مطابق هلڻ کپي ۽ اوهان سياٽي لاءِ اهوئي ڪريو جيڪو سنڌ جي بهتري لاءِ آهي.

ڇوڪرن کي پنهنجي پروفيسر جي راءِ نهايت وڻي ۽ ڇوڪرن جي واضع اڪثريت سياٽي نوين بجي ڪاليج گرائونڊ ۾ ملڻ جو پروگرام بنايو.

موڪل ٿي چڪي هئي. جڳت راءِ ۽ لتا گڏ ڪاليج جي در منجهان نڪتا ساڻن گڏ محمد بخش بہ هو. هو ڦليليءَ جي ڪناري، نم جي وڏن وڻن جي ڇانو ۾ اچي موريءَ جي پُل ڏانهن هلڻ لڳا. جڳت راءِ نهايت ئي قابل نوجوان هو. ڪيس سنڌي ۽ انگريزيءَ جي وڏي ڄاڻ هئي. اسڪول جي زماني کان وٺي ڊبيٽ ۾ هميشهہ پهريون نمبر ايندو هو. خيرپور جي ناز هاءِ اسڪول جو نڪ هو. هت حيدرآباد ڪاليج ۾ بہ پنهنجن استادن توڙي ڪاليجي ڇوڪرن ۾ ڏاڍو مقبول هوندو هو. لتا هيرآباد جي عاملن منجهان هئي ۽ هوشيار ڇوڪري هئي. گذريل سال پنهي جو مڱڻو ٿيو هو ۽ سندن مائٽن اهوئي سوچيو هو تہ بي اي پاس ڪري پنهي جي شادي ڪندا. پئي ڇٽا بي اي جي پهرئين سال ۾ هئا.

محمد بخش لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول منجهان مئترڪ پاس ڪري گذريل سال هن ڪاليج ۾ آيو هو. ڏاڍو مائيٽو ۽ سُلڇڻو ڇوڪرو هو. پڙهڻ ۾ بہ هوشيار هو. عبدالهادي سندس مامو هو ۽ هي بہ حيدرآباد اچي مامس وٽ واڊن جي پڙ ۾ ساٽس گڏ رهندو هو.

”اڄ شام جو ڪجهہ ڇوڪرا منهنجي گهر تي گڏبا،“ جڳت راءِ چيو، ”۽ پروگرام مطابق پوءِ شهر جي دڪاندارن کي وينتي ڪري ايندا سين تہ سياٽي دڪان بند رکن. تون بہ شام جو پنجين بجي پهچي وڃجانءِ.“

”بلڪل اچبو،“ محمد بخش چيو، ”پر يار ڪو ڦڏي جهڙو ڪم نہ ڪنداسين آءَ هتي پرديسي آهيان. سياٽي ڪو غلط ڪم ٿي پيو ۽ تہ مون وارو پروچ پيءَ اُهي سونٽا هڻندو جو اصل لاهہ ڪدي ڇڏيندو.“

”يار تون نوابشاه جي ڪنهن پر پاسي جي ڳوٺ منجهان آيو آهين تہ پرديسي ٿي پيو آهين. پوءِ آءُ تہ خيرپوري آهيان ۽ توکان ڊبل پرديسي آهيان. پر سچ پڇين تہ آءُ پرديس ۾ خوش آهيان.“

ائين چئي جڳت راءِ لتا ڏانهن ڏٺو ۽ لتا مُرڪي ڏنو.

”پر جڳت“ لتا پُڇيو. ”جي دڪاندار اسانجي چوڻ تي هٽتاڙ نہ ڪن تہ پوءِ . . . . . . . . . ؟ “

”ڪين پنهنجا دڪان ۽ مال پيارو آهي.“ جڳت چيو. ”جي پائينبدن دڪان بند نه ڪيا ته محمد بخش ڪي ڪهاڙي هٿ ۾ ڏينداسين ۽ ڪاهي پوندو شاهي بازار ۾ يعني “Bull in China Shop!”.

ٽنهي چٽن ٺهڪ ڏنا.

”اوهان سيني جي مرضي مڙيئي چٽ ڪي بڌائڻ جي آهي.“ محمد بخش چيو. ”منهنجي پيءُ مونکي پڙهڻ لاءِ موڪليو آهي. جي دڪاندارن کي ڪهاڙيون هڻيون آهن ته پوءِ مونکي حيدرآباد ڪاليج بدران ڪنهن ڌاڙيلن جي ٽولي ڏانهن موڪلي ها. خير سنگت جي اها مرضي آهي ته پائيبندن جي دڪانن تي ڪهاڙيون هلايون ته پوءِ مڙيئي خير آهي. هڪ ٻه پائيبند، آءُ به اوهان کي ڊڙي ڏيندس. پائيبندن به گهڻن چٽن کي دسيو آهي.“

ٽورو اڳتي هليو. اچي موريءَ واري پُل اُڪري. محمد بخش ڪپي پاسي مساڻن واري رستي ڏانهن مُڙي ويو ۽ لتا ۽ جڳت ٽانگي تي چڙهي وينا ۽ عامل ڪالونيءَ ڏانهن وڃڻ لڳا.

شام جو اجا سج ڳپل ڪن بيٺو هو ته محمد بخش، جڳت ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. سندس مامو عبدالهادي به گهر هو.

”ماما ٽورو جڳت وٽان ٿي اچان ٿو.“

”چو خير ته آهي. اجا سج به ڪونه لٿو آهي ۽ ٻاهر رستا گرم آهن. ترسي، نماز کان پوءِ وڃ.“

”نه ماما، سُياڻي جي اسٽرائيڪ لاءِ، ڪاليجي چوڪرا گڏجي ڪجهه ڳالهائيندا. توهان کي خبر ته سُياڻي هڙتال جو سڏ آهي.“

عبدالهاديءَ مُرڪي ڏنو.

”بابا اها چڱي ڳالهه آهي ته نوجوانن کي پنهنجي ملڪ بابت ڪجهه ڄاڻ هجي ۽ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿين. ڀلا سڄي ڪاليج جا چوڪرا سياڻي هڙتال ڪندا؟“

”ها ماما سڀ هڙتال تي راضي آهيون پر ڪجهه هندو چوڪرا ڳڙٻڙ ڪن پيا. هو انهيءَ معاملي جا حامي ناهن ته ڪو سنڌ بمبئيءَ کان آزاد ٿئي.“

”تون صحيح چئين ٿو ته هندن جو هڪ چڱو اثرائتو طبقو، دليلن ۽ انگن اکرن سان سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي واري تحريڪ جي مخالفت ڪري ٿو. اها ڳالهه سنڌ لاءِ آپگهات مثل آهي. ڪوشش ڪجو ته انهن رُٺل يارن کي به پاڻ سان ملائڻ جي.“

”اسان واري ڪاليج جا ته سٺ ستر سيڪڙو چوڪرا چوڪريون اسان سان شامل آهن.“

محمد بخش، عبدالهاديءَ کان موڪلائي گهران نڪتو ۽ عامل ڪالوني ڏانهن وڃن لڳو.

رات جو دير سان لتا واسواڻيءَ جي گهر وڏي ڪچهري متل هئي. لتا جو پيءُ هيرانند، وڏن سنڌ ورڪين منجهان هو. سندس واپار سماترا، جاوا، بمبئي ۽ ممباسا ۽ ٻين ڏکڻ آفريڪن شهرن سان هو. سندس عامل ڪالونيءَ ۾ گهر به محل جهڙو هو. جوڌپور جي پٿر سان سمورو گهر ٺهيل هو ۽ اندر سنگمرمر ۽ ٽائيلس لڳل هئا. بجليءَ جا جهاز لندن ۽ جپان مان گهرايا هئائين. هيرانند دل کولي جاءِ تي پئسو خرچ ڪيو هو. لتا جي وڏي ڀيڻ سيتا جي شادي تي جيڪو هيرانند خرچ ڪيو هو سو حيدرآباد ۽ ڪراچي جي تاريخ ۾ اڻ لڀ هو. هو چند ماڻهن منجهان هو جنهن وٽ موٽر ڪار هئي. سندس ڌيءَ لتا پيءُ جي اُبتڙ خيالن جي هئي. هوءَ سادي، سُلڇڻي ۽ نهايت سهڻي چوڪري هئي. صاف رنگ ۽ قد جي ڊگهي هئي. جڏهن هُن جڳت کي پسند ڪيو ۽ سندس مائٽن کي خبر پئي ته جڳت خيرپور جي وچولي گهراڻي جو چوڪرو آهي ۽ سندن سماجي بيهڪ برابر ناهي ته هن پنهنجي ڌيءَ کي سختيءَ سان سمجهايو ته ڌيءَ جو ور اسان کان متي نه ته گهٽ ۾ گهٽ رُتبي ۾ برابر ته هجي. پر لتا جي ضد آڏو، سندس پيءُ تڏهن هٿيار ڦٽا ڪيا جڏهن هن جڳت سان ويهي ڳالهايو. هيرانند هرويرو پراڻن خيالن جو ماڻهو نه هو. جڳت نهايت ذهين چوڪرو ۽ هن ڳالهائڻ وقت هيرانند تي ايڏو اثر ڇڏيو جو هيرانند اوڏي مهل ڪيس چيو پُٽ پنهنجي ابي امڙ کي چئو ته اسان وٽان ٿي وڃن.

هيرانند جي ذهن ۾ سنڌ جي سياسي ڇڪتاڻ بابت ڪي خاص ويچار نہ هئا. سندس سمورو وقت واپار سانگي سنڌ کان ٻاهرگذرندو هو. هاڻ ٽي چار سال ٿيا هئا تہ سنڌ کان ٻاهر وڃڻ ڇڏي ڏنو هو. ڪيس مِٺن پيشابن هيٺو ڪري ڇڏيو هو. ٻاهر بہ پُٽ موڪليندو هو ۽ پنهنجي وڏي سالي کي ڏکڻ آفريڪا ۽ ايراني نار جي بندرن جو واپار حوالي ڪيو هئائين. پاڻ گهڻو وقت حيدرآباد ۾ گذارڻ لڳو ۽ مهيني ۾ هڪڙو چڪر ڪراچيءَ مان بہ ڪندو هو جت سندس ڪوٺيءَ جو انچارج ڀائي ڇيٺانند هو جيڪو سندس ساهرن منجهان هو.

ٻاهر اڱڻ ۾ ڪتون پيپل هيون ۽ مٿن وچايل هنڌ ڏکڻ جي ٿڌين هوائن ڪري ٺري ويل هئا. هڪ کٽ تي هيرانند وهاڻن تي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو ۽ سندس ڏرمہ پتني ساڻس گڏ ويٺي هئي ۽ ڪيس زور پئي ڏنائين. ٻي کٽ جيڪا اڱڻ جي ڏاکڻي ڇيڙي تي پئي هئي. هيرانند جي پوڙهي ماءُ پاسو ورايو ليٽي پئي هئي ۽ سندس اڳيان چلمہ رکيل هئي. ۽ ڪنهن ڪنهن مهل ڦوڪ پئي پريائين. هيرانند جي کٽ پرسان بہ آرام ڪرسيون پيل هيون جن مان هڪ تي جڳت ويٺل هو ۽ سامهون لتا جو ماروٽ پيمہ ويٺل هو، جيڪو بہ ٽي ڏينهن ٿيا هئا. ڪراچيءَ منجهان حيدرآباد گهمڻ آيو هو. پيمہ بہ پڙهيل نوجوان هو ۽ هاڻ گذريل پنجن سالن کان ڪراچيءَ جي اناج بزار ۾ سندس پٽ جي واپار جو وڏو دڪان هو.

سڄي ڳالهہ ٻولهہ سياڻي ٿيندڙ هڙتال بابت هئي.

"پُٽ جڳت اوهان اڄوڪي دور جا نوجوان آهيو. هي زمانو ۽ ايندڙ زمانو اوهانجو آهي. ڀلا هي هڙتالون ۽ جلسا جلوس، اسان جي ترقي ۾ رڪاوٽ ۽ اجايو گورنمنٽ سان ويڙهہ تہ ناهي."

"نہ سائين،" جڳت ادب سان وراڻيو، "اسان سنڌ جي ترقيءَ لاءِ ئي اهي سڀ ڪوششون ڪريون پيا. بمبئي حڪومت اسان کي ڏنو چاهي. سنڌ جي ايڪنامڪ کي ڪابہ هٿي نہ ملي آهي. جيڪڏهن اسان جا شهري واپاري ٽئڪسون نہ ڏين يا زميندار ڍلون نہ ڏين تہ سنڌ جي آمدني ۾ بمبئي حڪومت ۽ مرڪزي دهلي حڪومت جو ڪو حصو ناهي."

"مرڪزي حڪومت جي ڏنل قرض سان تہ سکر بئراج ٺهي تيار ٿيو آهي." پيمہ چيو.

"پائو گذريل ويهن سالن جي ڇڪتاڻ کان پوءِ مس مس وڃي اها هڪ مهرباني دهلي حڪومت ڪئي آهي. اوهان ڏسو تہ هيڏي ساري سنڌ ۾ سئو ميل پڪا رستا بہ ناهن. بمبئي جو گورنر ۽ ڪامورا، سال ۾ هڪ ڀيرو، سياري جي وٺندڙ موسم ۾، ڏهن پندرهين ڏينهن جو سنڌ ٽوئر ڪندا آهن. ڪنهن غريب غربي جو ڪو ڪم نہ ٿيندو آهي. چڙو وڏن جاگيردارن، زميندارن ۽ ڪراچيءَ جي سيٺين جون دعوتون کائيندا آهن، شڪار ڪندا، عيش ڪندا آهن ۽ واپس بمبئي ويندا آهن. سنڌ جو حال نہ آهي. هي پوئتي پيل علائقو جيسين ترقي نہ ڪندو تيسين اسين هندستان جي ٻين صوبن سان ڪلهو ملائي نہ سگهنداسين."

"پُٽ جڳت تون چئين صحيح ٿو،" هيرانند آهستي سان چيو، "پر پنهنجي جاتيءَ جي گهٽن چڱن ۽ وڏن جا خيال ڪجهہ ٻيا آهن."

"بابا اسين چاهيون ٿا تہ سنڌ ۾ ايڪو هجي،" لتا چيو، "سڀ سنڌي آهيون مذهب جو ڀيد ڀاؤ اسان کي تمام نقصان رسائيندو."

لتا جي ماءُ پنهنجي ڌيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳي. ڪيس ڌيءَ جو پيءُ سامهون ڳالهائڻ نہ پئي وڻيو.

"لتا تون اڃا ننڍي ٻار آهين،" ماڻس چيو، "اجايو گهر کان ٻاهر پراين ڇوڪرن ۽ مڙسالن سان ايڏي ڳالهہ ٺيڪ نہ آهي. پوءِ بہ ڌيءَ ڌڻ آهين."

هيرانند کلڻ لڳو.

"اهو ڌيءَ ڌڻ وارو معاملو تون پاڻ تائين رک،" هيرانند چيو، "هاڻ عورت ۽ مرد ٻنهي جي سماجي برابري وارو زمانو آهي. عورت ڪو ڍور يا بازار ۾ وڪائو چيز ناهي جو گهر ۾ ڪٽي بند ڪريونس. ها سو پٽ جڳت تنهنجو چوڻ صحيح آهي. اوهان ضرور سياڻي جي هٽ تاڙ ۾ ڀهرو وٺو."

"بابا مونکي اڳئي سُڌ هئي تہ اوهان پراڻن خيالن جا ناهيو" لتا چيو.

”پر جڳت ڪنهن مهل گڏجي ويهنداسين ۽ پاڻ ڪي ڳالهائڻ ڪپي ته هيءَ اڄڪلهه جي ڇُر ڀُر اڳتي هلي ڪنهن نقصان جو باعث نه بڻجي،“ هيرانند چيو.

”سائين نقصان تڏهن ٿيندو جڏهن اسان ڇاڙي واڙي سنڌي ايڪي جي بدران هندو مسلم سوال سامهون آڻينداسين.“

”ڇا هيستائين اهو سوال سامهون نه آيو آهي؟“ هيرانند پڇيو.

”سائين گذريل ڏهن سالن کان اهو سوال ڪر کڻي رهيو آهي.“ جڳت وراڻيو. ”ڀائي جڳت پلا انهيءَ سوال اُٿڻ ۾ مسلمانن جو گهڻو حصو ناهي ڇا؟“ پيم وچ ۾ ڳالهايو. ”1920ع کان مسلمانن جي خلافت تحريڪ ۾ هندن به ساڻن گڏ حصو ورتو هو. اها تحريڪ هڪ بي مقصد تحريڪ هئي ۽ اجايو چار پنج سالن جي گوڙ گهمسان کانپوءِ پنهنجي بي مقصد پڄاڻيءَ کي پهتي. پر هندن مسلمانن جو پورو ساٿ ڏنو. هاڻ جيڪا هيءَ بمبئيءَ کان جدائيءَ واري تحريڪ آهي تنهن ۾ اسان کي سوچي سمجهي ساٿ ڏيڻ کپي.“

”انهيءَ ۾ سوچڻ سمجهڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ جڳت پُڇيو.

”تون يا ته تمام سادو آهين يا تمام وڏو ريوليوشنري آهين،“ پيم ڪلندي چيو، ”ڀائي مغز جاءِ تي ڪري، اکيون کولي ۽ سمجهه جا حواس حاضر ڪري اهو سمجهيو ته هينئر بمبئيءَ صوبي ۾ اسان هندو گهڻائيءَ ۾ آهيون. هر ڪو فيصلو گهڻائيءَ جي ووٽن سان ٿيندو آهي ۽ دلي آٿت به هوندي آهي. پر سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪري اسين هندو پاڻ کي مئجارٽيءَ منجهه بدلائي ڇڏينداسين. اهو هڪ جاتيءَ جو آپگهات آهي. گذريل ڏهن سالن ۾ اسان جي سياسي سپورٽ ڪري، مسلمان راڄنيتيءَ جي ميدان ۾ اڳتي آيا. پهرين مسلم ۽ هندو اسيمبلي ميمبرن لاءِ Separate Electorate جي سسٽم کي مڃرائي، اسيمبلين ۾ پنهنجا ڪوڙ ساڙا ميمبر موڪلايائون. اڳ ڪراچي جهڙي شهر منجهان هڪ به مسلم ميمبر چونڊجي نه سگهبو هو ۽ هاڻ مسلمانن جي جدا ووٽن سان ڏسو پيا ڪيترا ميمبر سندن چونڊجي اچن ٿا.“

جڳت کي پيم جي فلاسافي نه وڻي ۽ سنئون سڌو جواب ڏنائين: ”ادا سائين، اسانکي سياست ۾ مسلم يا هندو نه ٿيڻ کپي. رڳو سنڌي ٿيڻ کپي. ڌرم کي سياست نه پر پنهنجي من جي سُک لاءِ ڪُتب آڻڻ گهرجي. اڄا به جي پنهي ڀائرن ۾ ڪي اختلاف يا ناچاڪيون آهن ته پوءِ گڏجي ويهي ۽ ڀائر ٿيون ليکو جي حساب سان پنهنجو ديو شيئر حاصل ڪجي.“

”ڀائي هاڻ منهنجي به ٻُڌو،“ هيرانند وچ ۾ ڳالهايو، ”پُٽ جڳت ڳالهه تمام سئولي آهي. سنڌ ۾ ٻه ڌريون آهن. هڪ مسلمان ۽ ٻيا هندو. ٺيڪ آهي نه. جڏهن کان سنڌ انگريزن فتح ڪئي ته مسلمان پوئتي پئجي ويا. اِنهيءَ جا گهڻائي ڪارڻ آهن. مسلمانن جي زميندارن ۽ جاگيردارن ۽ عالمن، دلئون انگريزن جي حڪومت کي ڪڏهن به نه مڃيو. مٿان چاپلوسي ۽ جي حضوري ڪري پنهنجا مطلب ۽ مقصد حاصل ڪيا. انگريزن جي دپ ۽ خوف کان ڪڏهن به ڳاٽ مٿي ڪري نه سگهيا. پر هندن جي پوزيشن الڳ هئي. ڪين ٽالپرن جي دؤر ۾ به Secondary حيثيت هئي ۽ مسلمان، حاڪم هئڻ جي ناطي مٿيرو هئا. انگريزن جي قبضي کان پوءِ به هندن جي حيثيت ۾ ڪو فرق نه آيو ۽ ساڳي ئي Secondary پوزيشن ۾ هئا. پر مسلمان پهرين پوزيشن تان ڏڏجي ٽئين پوزيشن تي وڃي پهتو. هندن انگريزن کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ ڳجهه ڳوهه ۾ يا ڪراچيءَ جي سيٺ نائون مل وانگر دليريءَ سان مدد ڪئي. هندن ڇو مدد ڪئي؟ تنهنجا ڪيترائي ڪارڻ هئا. انهن ۾ حاڪم طبقي ۽ ڪيترن مسلمانن جي سيدن ۽ پِين ڏنگن ماڻهن جي هندن سان نامناسب هلت به شامل هئي. سيٺ نائون مل جي پيءُ کي پيرسنيءَ ۾ طهر ڪرائي مسلمان ڪرڻ يا ديوان گدو مل جهڙي مدبر جي نياڻيءَ جي ٽالپرن پاران زوري گُهر ۽ پوءِ نياڻيءَ جو آپگهات ڪرڻ.......... اهي وڏا مثال آهن. پر انگريزن جي فتح کان پوءِ 1845ع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين انهن اسي پنجاسي سالن ۾ هندن انگريزن سان مڪمل سهڪار ڪري، نئين سنڌ جو بنياد رکيو. سنڌ کي تعليمي، ڪاروباري، سياسي توڙي سماجي طور تي نهايت وڏي درجي تي رسايو. انهيءَ ۾ مسلمانن جو حصو نالي ماتر آهي. 1885ع تائين ته مسلمانن جو پنهنجو ڪو ڍنگ جو اسڪول به نه هو. هيڏي جاگرتا ۽ Civilisation واري دؤر ۾ به مسلمان غافل رهيا. هندو برابر اڳتي وڌندا ويا. اهو برابر صحيح

آهي ته هندو آباديءَ ۾ مسلمانن کان گهٽ آهن پر شهري آبادي، تعليم، ڪاروبار نئين زماني جي سيني وسيلن ۾ رهڻي ڪهڻي، لباس ۽ سنڌ کان ٻاهرين دنيا سان تعلقاتن ۾، مسلمانن کان تمام اڳتي آهن. زمينداري ۾ به هروڀرو مسلمانن کان پوئتي ناهن. ملسمان عيش عشرت يا ٻين ڪڌن ڪمن ۾ پنهنجيون زمينون وڪڻندا ويا ۽ هندو اها زمين خريد ڪندا ويا. هاڻ چون ٿا ته جهڙوڪ اڌ زمين جو حصو هندو زميندارن جو آهي. سو يار جڳت، انهن سيني ڳالهين ڪري هندن ۾ هڪ وڏائيءَ ۽ برتريءَ جو احساس پيدا ٿيو. هندو هروڀرو ڪنهن مسلمان کي پنهنجو مَٽَ نه سمجهڻ لڳو. ڳالهه به ظاهر هئي ته مسلمان هر ڳالهه ۾ هر ڪيتر ۾ هندن جا محتاج ٿي پيا. مٿان بمبئي جي حڪومت جي مارل سپورٽ به آهي. انهيءَ ڪري هاڻ جيڪڏهن راڄنيتيءَ جي اصولن مطابق هلبو ته اسان هندن کي پنهنجي حاصل ڪيل حصي منجهان ڳپل کين ڏيڻو پوندو. سنڌ ۾ حڪومت سدائين مسلمانن جي ٿيندي. سڀ مسلمان پرڳڙي جهڙا به ڪونهن. بس اهو سبب آهي جو ڪيترا هندو مسلمانن جي انهيءَ Demand جي خلاف آهن يا سوچين ٿا.“

هيرانند پاڻي پيئڻ لڳو.

”پر سياڻي مُڙس ٿي دڪان بند ڪرائجو. انگريز خلاف اها هڙتال ڪامياب ٿئي. باقي سنڌ ۾ سيني کي رهڻو آهي. جيڪڏهن ياڻر پاڻ ۾ وندي ورهائي ڪائيندا ته پڳوان سڀ جو ڀلو ڪندو.“

سو سمهڻيءَ واري نماز ٿي چڪي هئي. واڍن جي پڙ پرسان ڪورين جو پڙ هو جت وڏو ميدان هو. ميدان جي اُترئين طرف ڪاٺ جا ٻه ٽي صندل پيا هئا جيڪي گرمي توڙي مينهوڳيءَ جي مند ۾ به اتيئي پيا هوندا هئا. رات جو ڪڏهن اوڙي پاڙي جا چڱا مڙس يا ڪڏهن نوجوان اچي ويهندا هئا ۽ واهه جي ڪچهري ٿيندي هئي. هفتي پندرهين ڏينهن اُت ميدان ۾ ونجهوٽي راند ٿيندي هئي ۽ شهر جي جدا جدا پاڙن منجهان رانديگر اچي جمع ٿيندا هئا. ڏسڻ وارا به جام اچي گڏبا هئا. اڄ به فقير جي پڙ جي رانديگرن ۽ ڪورين ۽ واڍن جي پڙ جي رانديگرن ۾ راند هئي. ماڻهن جا هشام هئا. راند ختم ٿيڻ کان پوءِ سڀ ماڻهو پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويا پر ته به صندلين ۽ ڪجهه مُوڙن تي ويهارو کن وڏي عمر جا ۽ نوجوان ويٺل هئا. ويٺلن ۾ گهڻو ڪري سڀ ڪاريگر هئا. واڍا، رازا ۽ ڪجهه اسڪولي شاگرد هئا ۽ انهن سان گڏ عبدالهادي به ويٺو هو. دير سان محمد بخش به اچي پهتو. محمد بخش جي اچڻ ڪري، ڪچهريءَ جو رخ مٽجي ويو.

”بابا دير ڪئي اٿوَ اچڻ ۾؟“ عبدالهاديءَ محمد بخش کان پُڇيو.

”ماما جڳت وارن ڏي ويو هوس،“ محمد بخش ورايو، ”پوءِ ڪجهه چوڪرا گڏجي، شاهي بازار جي دڪاندارن وٽ به ويا هئاسين ته سياڻي هڙتاڙ ڪامياب ڪرائين. بس انهيءَ ۾ دير ٿي ويئي.“

”ها، سياڻي اهو گوڙ ٿئي پيو؟“ عبدالهاديءَ پُڇيو.

”ها سياڻي سڀ ڪاليج ۽ اسڪولي چوڪرا اسان سان گڏ آهن. جيڪڏهن ڪي اسڪول کليا به ته اُهي بند ڪرائبا ۽ دڪاندارن کي ته ياڻپي ۾ چتاءُ ڏئي آيا آهيون.“

”پر پُٽ،“ اُستي بگن ڳالهايو، جنهن جي عمر سٺ کان مٿي هئي، ”اوهان چوڪرن کي ته رونشو هٽ لڳي ويو آهي. دڪان بند رهن يا اسڪول بند رهن. اوهان کي ڪهڙو سور؟ پر جيڪي اسان پارا ڏهاڙي ڪمائڻ وارا آهن تن کان پُڇو اٿوَ ته سياڻي گهر ۾ رڌ پچاءُ جي به هڙتال ڪريون ڇا؟“

”نه چاچا گهر ۾ جيڪي ڀوڙ پلاءُ چاهيو رڌو، کائو ۽ سڄو ڏينهن آرام ڪريو.“

”چورا ڀوڙ پلاءُ به تڏهن رڌبا جڏهن شام جو ڏهاڙيءَ جا ڏوڪڙ کيسي ۾ هوندا. اوهان جون اهي هٽتاڙون اسان غريبن جا لاهه ڪڍي ڇڏينديون.“

”نه چاچا، الله سڀ نيڪ ڪندو.“ محمد بخش چيو، ”روزي رب تي آهي.“

”پُٽ برابر روزي رب تي آهي،“ پرسان ٻيو هڪڙو ڪاريگر رب رکيو ويٺو هو، تنهن ڳالهايو، ”پر ديوان ٽوپڻ داس، هڪ ڏينهن ڪم تي نه اچڻ تي ٽڙائي پٽائي ڇڏي ٿو. پوءِ ڪم لاءِ روز رلڻو پوي ٿو.“

”محمد بخش ڀلا ٻڌائي ته احتجاج لاءِ هٽتاڙ ڪرائڻ ضروري آهي؟“
عبدالهاديءَ پُڇيو.

”ماما اسين چاهيون ٿا ته انگريز سرڪار خلاف ڀرپور احتجاج ٿئي. باقي سڪٿا نعرا ۽ تقريرون اجايون آهن.“

”بابا اهي سڀ اجايون ڳالهيون آهن،“ اُستي بگن چيو، ”اسان بازن جي پورهئي جا ماڻهو. نڪو ڪنهن جي ٻن ۾ نڪو ٽن ۾. سو اسان جو مٿو خراب ٿيو آهي جو اسين انگريز بهادر جي خلاف ڪا ڳالهہ ڪريون. پُٽ انگريز سان وڙهڻ سؤلو ناهي. اسان ٻڌو آهي تہ سج ڪي بہ حڪم ناهي تہ انگريزن جي بادشاهيءَ ۾ لهي وڃي. سڄي دنيا ۾ انگريزن جي بادشاهي آئي آهي. اسان وٽ سج رڳو انهيءَ ڪري لهي ٿو تہ جئين انگريزن جي ٻي بادشاهت ۾ روشني ڪري. اوهان وات ڦاڙها ڇورا، رڳو هٽ بند ڪرائي ڇا ڪندا؟“

”اُستو چوي ٿو،“ عبدالهادي چوڻ لڳو، ”انگريز فيل مست سان ڪير پُڄي؟ پر اُستا بگن ڇوڪرن جو مطلب آهي تہ انگريزن سان مڙيئي ٿوري مسخري ڪريون. ٿوري ڇُرچ ڪريون.“

”ابا اِها مسخري ڪين ٿاٽي ۽ جيل جو منهن ڏيکاريندي. جي اٿن خارش ڪنيو تہ ڀل وڃن جيل ۾. پر اسين پنهنجو روزگار بند ڇو ڪريون. جيڪڏهن رب رکئي ڪي ديوان ٽوپڻ داس کان خوف آهي تہ مون واري سيٺ شيوارام تہ ڪلهہ ئي ڌمڪي ڏني اٿم تہ جي ڪم تي سياڻي نہ آئين تہ پوءِ پنهنجا رندا ۽ واهلا کنيو وڃ.“

”پر عبدالهادي تون سياڻو ۽ پڙهيل ماڻهو آهين،“ رمضان هوٽل واري چيو، ”تون ئي ٻُڌائي، ڀلا منهنجي ننڍي ڇانهہ جي مانڊڻي بند ٿي ويئي تہ انگريز بهادر لوڏي ۾ اچي ويندو؟ اجايو منهنجو روز ڪوٽي ٿيندو.“

عبدالهادي مُرڪندي چيو، ”ها انگريز بهادر لوڏي ۾ اچي ويندو. جي سڀ رمضان هوٽل وارا پنهنجون مانڊڻيون بند ڪن. سڀ اُستا بگن، سيٺ شيوارام ۽ ٽيڪم داس جي پرواهہ نہ ڪن ۽ سياڻي ڪم تي نہ وڃن. سڀ شاگرد ۽ شاگرديائيون سياڻي اسڪول نہ وڃن ۽ اسڪولن جي ٻاهر ويهي، سرڪار کي ٻڌائن تہ اسين اوهان مان خوش ناهيون. اسان کي پنهنجا حق کپن.“

اُستي بگن وچ ۾ ڳالهايو، ”ماستر ڀانيان ٿو پنهنجي ڀاڻيجي محمد بخش کان بيزار آهين. کيس ڪارائي ڪارائي ٿڪجي پيو آهين. جيل وڃي تہ تنهنجي مٿي تان بار لهي.“

عبدالهادي ٽهڪ ڏنو ۽ ٻيا بہ کلڻ لڳا.

”جيل تہ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي،“ عبدالهاديءَ چيو، ”گانڌي جيل ويو، مولانا محمد علي شوڪت جيل ويا، پنهنجو شيخ عبدالمجيد سنڌي جيل ويو . . . . . .“

”ابا محمد بخش! مامو تو وارو، تنهنجي جيل لاءِ بندوبست ڪريو ويٺو آهي. پُٽ مڙس ٿجانءِ.“ اُستي بگن چيو.

عبدالهادي ٿورو ڳنڀير ٿي ڳالهائڻ لڳو: اُستاد اصل ۾ ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسان سنڌ وارن تي هينئر بمبئيءَ جا صاحب حڪومت ڪن پيا. اسان سنڌ وارا سندن ڄڻ غلام ٿي پيا آهيون. انهيءَ ڪري اسان جي ڪا ترقي ئي نہ پئي ٿئي. اسان جا ميمبر بہ ڄڻ اٽي ۾ لوڻ برابر آهن. پر جي سنڌ بمبئي کان ڌار ٿي پئي تہ سنڌ جدا صوبو ٿي پوندو ۽ حڪومت اسان جي پنهنجي هوندي.“

”ڀائو عبدالهادي،“ اُستي بگن چيو، ”مون هي وار اُس ۾ اڇا ڪونہ ڪيا آهن. اهي جيڪي ڳالهيون تون ڪرين ٿو سي سڀ وڏن ماڻهن جون ڳالهيون آهن. هينئر بہ ڪين فائدا آهن تہ پوءِ بہ ڪين فائدا ٿيندا. اُستي بگن جو پُٽ بہ واڍو تہ پوٽو بہ واڍو هوندو. ۽ جيڪڏهن ڪو روز ڪمائڻ نہ ويو تہ اڄ بہ بُک مرندو ۽ سياڻي بہ بک مرندو. سو ڪو اهڙو ڪم ٻُڌائي تہ اسان کي بہ ڪو فائدو پهچي.“

اتي جيڪي ٻيا ويٺا هئا تن کي اُستي جي ڳالهہ ۾ وزن محسوس ٿيو ۽ سيني اُستي کي چيو تہ ”اُستا تنهنجون ڳالهيون برابر سون، اجايو هي ڇوڪرا ۽ ختابي اسان کي ٻُجڙو ڪندا.“

عبدالهادي مُرڪيو پئي پر محمد بخش کي خار پئي لڳا. کيس سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڪين ڪئين سمجهائي تہ سياڻي تمام وڏو ڏينهن آهي ۽ سنڌي مسلمان ضرور پنهنجو ڀاڻ ملهائين.

آخر محمد بخش ڳالهايو، ”اوهان ايڏا بي سمجهہ ڇو آهيو؟ جڏهن هندو دڪاندار جنن جو وڏو ڪاروبار آهي، سي بہ هٽتاڙ تي راضي ٿي ويا آهن تہ توهان ڳالهہ جو تتا سمجهو. پوري سنڌ ۾ زميندار بہ انهيءَ ڳالهہ ۾ حصو وٺندا. جلسا جلوس نڪرندا. تقريرون ٿينديون.“

”پُٽ زميندارن جي گهران ڇا ويندو. اهي تہ پرڻو بہ کائن تہ مرڻو بہ کائن.“ اُستي بگن چيو.

”سياڻي شروعات آهي،“ محمد بخش چيو، ”پوءِ اسين پاڙي جي ڇوڪرن کي وٺي اسڪول ۾ داخل ڪنداسين. هيڏو حيدرآباد جو شهر آهي جوان ڇوڪرا پيا رلن يا . . . . . .“

”اها ڳالهه محمد بخش صحيح ٿو چوي،“ عبدالهادي چيو، ”سال شروع ٿئي ته آءٌ زوري ٻارن کي وٺي ويندس. پاڙا ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين سان پُريا پيا آهن ۽ اسڪول ڏسو ته خالي پيا آهن.“

”ادا آءٌ ته پنهنجا ڇوڪرا پڙهڻ ڪونه ويهاريندس.“ رب رکئي چيو، ”مس وڃي ڇورا رندو هلائڻ سکيا آهن.“

”سائين مون وارا ڇوڪرا ڏينهن جو هوٽل ۾ ٻاهر واري جو ڪم ڪن،“ رمضان مانڊڻي واري چيو، ”شام جو مُلي امام بخش ڪان سيپارو پڙهن باقي انگريزي نه پڙهيا ته مڙيوئي خير آهي.“

عبدالهاديءَ چيو، ”نه بابا ٻارن جي جيڪا پڙهڻ جي عمر آهي سا هُو ضرور پڙهن ۽ اسڪول وڃن ۽ پوءِ پڙهي پلي پنهنجي اباڻي ڪرت ڪن.“

”واهه ماستر واهه!“ اُستي ٻگن چيو، ”ڇورو ٻه اکر انگريزيءَ جا پڙهي ٿو ته رندي ۽ مترڪي کي هٿ لائڻ عيب سمجهي ٿو. اجايو ڇوڪرن جو مٿو رلائڻو آهي.“

”استاد چا ٿا چئو،“ عبدالهادي ڪلڻ لڳو، ”پر هي سال شروع ٿئي ته ڇوڪرا سڀ زوري اسڪول وٺي ويندس.“

”تو کي ٻه شايد واڍن جي پڙ ۾ رهڻو ناهي.“ اُستي ڪاوڙ مان چيو.

”سياڻي اسين هٿ ايندا سين،“ محمد بخش چيو، ”ديوان ڪندن مل بوائز هاءِ اسڪول کي بند ڪرائڻ ۽ پوءِ هٿ ٻيهي تقريرون ڪنداسين. اوهان سڀ ٻه دڪان بند ڪري اسان جون تقريرون ٻڌجو. پوءِ جيڪو جلوس ۾ هلي ته اسان سان هلجو.“

”اسين جلوس ۾ هلنداسين“ نوجوانن رڙ ڪئي.

”پر آءٌ اسڪول ۾ داخل ٿيندس. مونکي اسڪول ۾ داخل ڪرايو.“ پريان هڪ ننڍڙي اٺن نون سالن جي ڇوڪر رڙ ڪئي.

عبدالهادي ڪيس پاڻ ڏانهن سڏيو ۽ پڇيائين: ”پُٽ تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”علي محمد“ ڇوڪر وراڻيو.

”ڪنهنجو پُٽ آهين؟“

اُستي عَلوءَ جو ـــ اُستو علي بخش.“ ڇوڪر وضاحت ڪئي.

”تنهنجو پيءُ توکي موڪل ڏيندو؟“ عبدالهاديءَ پُڇيو.

”اوهان پُڇجوس.“ ڇوڪر وراڻيو.

”يار منهنجو اچوڪو ڏينهن صحيح ٿي ويو،“ عبدالهاديءَ چيو، ”پُٽ تون فڪر نه ڪر. تنهنجي پيءُ کي زوري ميرائيندس. سياڻي جلسا جلوس آهن. پرهين صبح جو ستين بجي صاف ڌوتل ڪپڙا پائي مون وٽ اچجانءِ ته پاڻ اسڪول ۾ هلنداسين.“

ٻئي ڏينهن صبح ساڻ، ڪاليج جا ڇوڪرا، هڪ وڏي جلوس ۾ ڪاري موريءَ جي پُل اُڪري شهر ۾ داخل ٿيا. خلافت تحريڪ کان پوءِ هي پهريون پيرو هو جو شهر ۾ ائين جلوس نڪتو هو. ماڻهن پنهنجا دڪان بند ڪيا ۽ ڪن طاق ٻيڪڙي چڙهيا. زالون ۽ ٻار گهرن جي درن ۽ درين تي ٻيهي رهيا. ڪين عجب رونشو لڳو ته چڱن خاصن گهرن جا ڇوڪرا، نچندا، ٽپندا، وڏي واڪي رڙيون ڪندا ويا پئي ته سنڌ صوبو ڌار ڪپي. هندو مسلم ڀائر آهن. سنڌ صوبو ڌارڪپي. سنڌ صوبو ڌار ڪپي. هندو مسلم ڀائر آهن. سنڌ جي سيني شهرن ۽ واهڻن ۾ جلسا ٿيا ۽ جلوس نڪتا. پوليس ڪيترن ماڻهن کي پڪڙي ورتو. حيدرآباد ۾ ٻه جڳت ۽ محمد بخش سان گڏ پندرهين ٻيا ڇوڪرا پوليس پڪڙي ورتا. ڪين پوليس چاوڙي جي لاڪ اپ ۾ رکيو. شهر ۾ گوڙ ٿي ويو ته سيٺ هيرانند جي ڌيءَ جو مڱيندو لاڪ اپ ۾ آهي. هندن جي متئين طبقي ۾ ڇوٻول ڦهلجي ويو. ائين ڪاليجي ڇوڪرن جو ٻڌجڻ شهر جي تاريخ ۾ پهريون پيرو هو. ٻئي ڏينهن سيٺ هيرانند، عبدالهادي ۽ ڪاليج جو پرنسپال، ڪليڪٽر سان مليا ۽ ڪيس اها خاطري ڏنائون ته آئنده اها ڳالهه نه ٿيندي. ٽئين ڏينهن

ڇوڪرا لاڪپ ياترا ڪري نڪتا پر سندن حوصلا بلند هئا. شهر ۾ عجب ڳالهيون ڦهليل هيون. سيٺ هيرانند، پرنسپال ۽ عبدالهادي، ڪليڪٽر کي لکي ڏنو ته آئينده هي ڇوڪرا قانون جي خلاف ورزي نه ڪندا.

نومبر جو مهينو شروع ٿي چڪو هو. گرميءَ جو زور صفا ٽٽي ويو هو. ڄڳت، محمد بخش ۽ ٻيا ڏهه ڇوڪرا، جن ۾ چار مسلمان ۽ ڇهه هندو هئا سي راجا واري ريل گاڏيءَ جي انٽر ڪلاس ۾ ويٺا هئا ۽ گاڏي ٿرپارڪر ضلعي جي لوپ ريلوي لائين جي اُڪري پٿورو اسٽيشن تي اچي بيٺي. جت ڏهه ڪاليجي ڇوڪرا اچي گڏ ٿين اُت اصل ٻيڪهي متل هوندي هئي. پتلون ۽ ڪالر شرٽ پاتل شهري ڇوڪرا، سچي ريل گاڏي ۽ اسٽيشن تي موجود خلق ۾ ڏارين مخلوق لڳا پئي. اسٽيشن تي سنڌ جي ٻهراڙي جا ماڻهو، ٻُجڪا ڪڇن ۾ ۽ وڏن پانڇن سان ۽ پاسي واري ڳچيءَ سان چولن ۾، کهيتلن جي گس گسان ۾ سڄي اسٽيشن منجهه موجود هئا. ڪي اسٽيشن کان نڪري ڳچ پنڌ تي پٿوري جي شهر ڏانهن پئي ويا ته ڪي وري ريل گاڏيءَ منجهه چڙهيا پئي. ٻيل ۽ مينگهواڙن جو تعداد مڙئي سرس هو. ڇوڪرا به پنهنجي دٻي منجهان نڪتا. صبح جو سوير حيدرآباد منجهان چڙهيا هئا. پٿوري تي ئي کين ٻارهن لڳي ويا هئا. سندن منزل ڏورو نارو هئي. هڪ ٻه هفتا اڳ ڏوري ناري جي ڀر ۾ غلام نبي شاه جي ڳوٺ ۾ هڪ ٿورڙي ڳالهه تان هندو مسلم فساد ٿي پيو هو. هي ڇوڪرا اتي جي ماڻهن سان ملڻ ويا پئي ۽ کين اهو سمجهائڻ جي نيت هين ته هندو ۽ مسلمان ته پاڻ ۾ ڀائر آهن. هن ڌرتيءَ جا ڇاول پُٽ آهن. کين پاڻ ۾ فساد نه ڪرڻ کپي.

ڄڳت ۽ محمد بخش ٻين ٽن ڇوڪرن سان گڏ پليٽ فارم جي هڪ ڪنڊ تي پهتا جت ٻن ڄڳهن تي پاٽيءَ جا مٽ ۽ جست جا گلاس رکيا هئا. هڪ هنڌ مٽن مٿان لکيل هو: ”هندو پاٽي“ ۽ ٻئي هنڌ لکيل هو: ”مسلم پاٽي“ ڇوڪرن جڏهن اهو پڙهيو ته حيران ٿي ويا ۽ مُرڪي هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺائون.

”يار اڄ پاٽي ورهائجي ويو آهي،“ ”ڄڳت چيو، ”ڀڳوان نه ڪري سياڻي ڌرتي نه روهائجي وڃي! يار اسين سڀ ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون.“

”اسان کي پنهنجو مشن هتان ئي پٿوري جي اسٽيشن کان شروع ڪرڻ کپي.“ محمد بخش چيو ۽ جت هندو پاٽي رکيو هو اُتي وڃي گلاس ڀري پيئڻ لڳو. پوءِ سڀ ڇوڪرا هندو مسلم پاٽيءَ جي مٽن ۽ گلاسن کي جنبي ويا. پليٽ فارم تي ويٺل مخلوق کين ڏسڻ لڳي. نوجوان ڇوڪرن اڳيان ڪنهنجي همت نه ٿي جو کين روڪين. پر گهٽن منهن کي موڙا ڏنا ـــ ۽ کين وات ڦاڙهن ڇورن جي اها حرڪت نه پئي وڻي.

ڇوڪرن اڳتي وڌي هڪ پڪوڙي واري کي جهليو ۽ پڪوڙا کائڻ لڳا.

”ڀائو هي هندو پڪوڙا يا مسلم پڪوڙا آهن؟“ ڄڳت پڪوڙو وات ۾ وجهندي رڙ ڪئي.

پڪوڙي واري چيو، ”شائين آءٌ ته هندو آهيان پر منهنجا پڪوڙا شيني کي وڻندا آهن. پل هندو هجن يا مسلمان.“

ايتري ۾ ڪوئلي تي هلندڙ انجڻ چنگهي رڙ ڪئي ۽ ڇوڪرن سميت هڙئي مسافر پنهنجن پنهنجن دٻن ڏانهن ڊوڙيا.

ميرپورخاص کان ضلعي جي ٻئراج ايريا ۾ هڪ گول جي شڪل ۾ ننڍي ريلوي لائن وڇايل هئي. ميرپورخاص شهر کان ضلعي جي اندروني ماڳن لاءِ ريل جي سواريءَ کان بهتر ٻي سواري نه هئي. شهر کان اوپر ڏي ويندڙ لوپ لائن تي ڪاڇيلو، جئمس آباد، ڊگهڙي، جهڏو ۽ نئين ڪوٽ جون اسٽيشنون هيون. نئون ڪوٽ کان پوءِ ٿر شروع ٿيو ٿئي. ٻئي طرف وري شادي پلي، اڪري پٿورو، ڏوري ناري ۽ ڇوڙ جون اسٽيشنون هيون ۽ اها لائن اڳتي مونا باٿو اسٽيشن کان پوءِ سنڌ اُڪري جوڌپور ۽ جئپور اڳيان بمبئي به وئي ٿئي. انهيءَ ڪري انهيءَ ريل گاڏيءَ کي راجا واري گاڏي به چئبو هو. وچ ۾ سامارو، ڪنري، نبيسر روڊ ۽ ٻيون اسٽيشنون هيون.

ريل گاڏي پنهنجي رفتار سان هلي رهي هئي. ريل جي پٽي جي ٻنهي پاسي ساوڪ هئي. ۽ آڳاٽي ڪٽڪ پوکيل هئي. دٻي ۾ پنڌرهين ويهه کن مسافر هئا. انٽر ڪلاس وچولي طبقي جي ماڻهن لاءِ هو. دٻي ۾ ڏهه ته شاگرد هئا. ۽ پنج ڇهه هندو هئا. جن ۾ ٻه برهمڻ لڳا پئي ۽ ٽي ٻيا مسلمان هئا جن ۾ شهپري سبز مڙس

به ويٺل هو. سندس اکيون ڦورڙيون ڳاڙهيون ۽ وارن ۾ جهجهي ميندي هڻڻ ڪري، ڪاراڻ ۽ ڳاڙهاڻ پاڻ ۾ مليو ٿي ويون هيون. پر تنهن هوندي به عمر جي لحاظ کان شهپري مڙس پنجيتاليهه ورهين کان مٿيرو پئي لڳو.

جڳت جي سامهون هڪ برهمڻ ويٺل هو. صاف رنگ جو ۽ صحتمند لڳو پئي.

”مهاراج هڪڙي ڳالهه ته ٻڌايو،“ جڳت برهمڻ کان پڇيو، ”جڏهن ڀڳوان سڀني انسانن کي خلقيو آهي ته پوءِ هي اسٽيشن تي هندو ـــ پاڻي ۽ مسلم ـــ پاڻي ڪنهن رکايو آهي؟“

برهمڻ، جڳت ڏانهن غور سان ڏٺو ۽ پڇيائينس: ”تون پٽ ڪير آهين، ڇا نالو اٿئي“

”حيدرآباد ۾ ڪاليج ۾ پڙهندو آهيان. جڳت نالو اٿم، پائيبندن مان آهيان.“

”هت ڇو آيو آهين؟“ برهمڻ ٻيو سوال ڪيو.

”هت گهمڻ نڪتا آهيون.“ جڳت وراڻيو.

”ڪيڏانهن وڃو پيا؟“ ٻيو سوال.

”ڊوري ناري جي اسٽيشن تي لهي، اُتان غلام نبي شاهه ڳوٺ ويندا سين.“

برهمڻ ٻه گهڙيون چپ ٿي ويو.

”مهاراج منهنجي سوال جو جواب نه مليو“ جڳت چيو.

برهمڻ ڪيس ڏٺو ۽ پوءِ سڀني ڇوڪرن ڏانهن ڏٺو ۽ پريان ڪنڊ ۾ دريءَ وٽ شهپري مڙس ڏانهن ڏٺائين ۽ آهستي سان چيائين: ”پٽ وڏڙا چئي ويا آهن ته جيترو قائدو اوترو فائدو.“

شهپري مسلمان، برهمڻ ٻائي جي ڳالهه ٻُڌي ورتي ۽ پاسو ورائيندي، جڳت کي چيائين: ”جوانڙا تون لڳين ته ناهوڪو ٿو پر مهاراج کي ڪاوڙائي وڌو اٿئي. هاڻ مهاراج پٿوري جي ٽيشڻ تي رکيل پاڻي ڪڏهن به نه پئيندو.“

ڇوڪرن کان ٽهڪ نڪري ويا ۽ ٻائو منجهي پيو.

”ٻائي اهڙي ڳالهه ناهي“ ٻائي وراڻيو، ”ايشور سڀنيءَ کي خلقيو آهي ڪو ڀيد متڀيد ناهي. پر زمانو ڏاڍو خراب ٿي پيو آهي. هي ته ڪلهوڪا ڇوڪرا آهن ۽ پنهنجن مائٽن کان به زور آهن پر جڏهن اسڪول ڇڏي دنيائي ڪمن ڪارين ۾ پير رکندا ته سڀني کي سماج جي ٻڌل اصولن ۽ ڌرم مطابق هلڻو پوندو.“

ٻائي جو ڳالهائڻ ڏاڍو نرم ۽ وڻندڙ هو.

”پر مهاراج، سماج ته به ماڻهن جو ٺهيل آهي،“ محمد بخش چيو، ”پوءِ ڇو اسين هڪ ٻئي کي گهٽ ذات جو سمجهون ٿا. اوهان هندن ۾ پاڻ گهٽ جاتين ۽ اوچي جاتين جا فرق آهن. اسان مسلمانن وٽ سيد سڳورو، ائين لڳي ٿو ڄڻ الله طرفان اسپيشل ڊيوٽيءَ تي مقرر ٿي آيو آهي ۽ ٻيا سڀ اُمتي هٿ ٻڌيو بيٺا آهن.“

شهپري مسلمان ٿورو مرڪيو ۽ وچ ۾ ڳالهيائين: ”جوان، سيدن جو مڙئي لحاظ ڪجائين. وڃين به پيو سيدن جي نگريءَ ۾ ـــ متان آزار ۾ پئجي وڃين.“

برهمڻ ٽهڪ ڏنو.

”ٻائي هي ڇوڪرا آهن،“ برهمڻ چيو، ”اجا سماج ۽ ڌرم جي ڪا ڄاڻ ئي ناهي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ هنن سکيو ئي اهو آهي.“

مسلمان شهپر وٽڻ لڳو، ”ٻائو آءٌ سيد آهيان. پنهنجي نبيءَ جو اولاد آهيان. ماءُ توڙي پيءَ طرفان نج سيد آهيان ـــ ۽ نجيب الطرفين آهيان. نجيب الطرفين جي معنىٰ خبر اٿئي.“

سڀني ڇوڪرن محمد بخش ڏانهن ڏٺو ۽ ڪين پڪ هئي ته محمد بخش انهيءَ شهپري سيد جي حملي کان بچي ويندو. پر محمد بخش کي به خبر نه هئي ۽ چُپ رهيو.

”پُٽ،“ سيد چيو، ”نجيب الطرفين جي معنىٰ آهي ته منهنجو ناناڻو توڙي ڏاڏاڻو خاندان سيد ئي آهن. ڪنهن ٻئي غير سيد خاندان جي ڪٿي به ملاوٽ ناهي. اصل گذريل هزارن سالن کان منهنجي خاندان ۾ ڪابه ڏاري ملاوٽ ناهي. منهنجو رت ئي ٻڌائيندو ته ڪيترو نج ۽ پاڪ آهي. اهوئي سبب آهي جو سيد مٿانهين ذات آهي. شاهه لطيف به حق تي چئي ويو آهي ته جنهن ڇيچ سيد جي هٿ ۾ تنهنکي لهر نه لوڏو.“

شھپري سيد مرڪڻ لڳو ۽ وري چيائين ، ”اجايو ٻائي کي ڦري آيا آھيو. ويچاري جي جان ڇڏيو.“

برھمڻ مڙيئي چوٽڪارو محسوس ڪيو ۽ پوءِ دل ٻڌي چيائين: ”بابا اوھين اڃوڪا ڇوڪرا اٿاڻ ۽ ڪُدسر آھيو. ايشور پاڻ ھر ڌرم ۾ اوچ نيچ رکي آھي نہ تہ پرٿوي ۽ سنسار جا ڪم ڪيئن ھلندا.“

”مھاراج تون سچو آھين،“ جڳت چيو، ”پنھنجي پنھنجي ڌرم ۾ اوچ نيچ تہ اڳ ۾ ئي ھئي. پر ھاڻ تہ ٻاٺر ٻاٺر سان پيو وڙھي ۽ بدنام مذھب پيو ٿئي. نفرت کي ايترو وڌايو ويو آھي جو ھڪٻئي جي ڇاڇي پوڻ سان ماڻھو تہ ڇا ڌرم ئي ڀرشٽ ٿيو وڃي.“

”بابا اھي وڏيون ڳالھيون آھن،“ برھمڻ چيو ”پھرئين سمجھو پوءِ ڳالھايو.“

سيد سڳورو مُرڪڻ لڳو.

”سڀ ڪجھ ڏٺي تعاليٰ ڪري ٿو.“ سيد چيو، ”اھي سڀ سندس جا ڪم آھن ۽ سندس حڪم مصلحت کان خالي ناھن. ھن جي حڪم کان سواءِ پن بہ ڇُري نٿو سگھي. اوھانجي مغز ۾ اھي ڳالھيون بہ رب سائين وڌيون آھن تہ جئين نيٺ اڳتي ھلي سندس قدرت ۽ حڪمت اوھان تي ظاھر ٿئي. ھو الرحمان آھي. الرحيم آھي. المالڪ آھي. الجبار آھي. الخالق آھي. الباري آھي. القھار آھي. الرزاق آھي. العليم آھي. السميع آھي. البصير آھي. ڇا ناھي. سڀ ڪجھ ھن جي وس ۾ آھي. ھو رحم ڪرڻ وارو آھي. سڀ ڪجھ سمجھي ٿو. نيڪي توڙي بدي سندس حڪم جي پابند آھي. سندس ھر ڳالھ ۾ مصلحت آھي. ھو سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو. ڪوبہ ھن کان مٿانھون ناھي. اوھين ڇوڪرا نئين زماني جا آھيو. ماضيءَ کي نہ وساريو.“

”سيد سائين ائين ناھي جئين اوھين سمجھو پيا.“ محمد بخش چيو، ”اسان تہ چئون ٿا تہ ھند سنڌ ۾ سڀ ٻاٺر آھيون. ڇا ھندو ڇا مسلمان ۽ ڇا سک. سڀ ڌرتيءَ ۽ وطن جا رھواسي آھيون. انگريز اسانجي ڌرتيءَ تي قابض آھي ۽ اسان کي ويڙھائي حڪومت پيو ڪري. اسان کي گھرجي تہ اسين پاڻ وڙھون نہ. ڌار نہ ٿيون. ڌرمي ۽ سماجي ويڇا نہ وڌايون، نہ تہ سنڌي قوم ختم ٿي ويندي.“

”جوان تنھنجيون ڳالھيون سڀ سچ،“ سيد چيو، ”انھن جا ٻاوا ۽ پنھنجا مُلا ـــ تن مڙيئي ڪم خراب ڪري ڇڏيو آھي.“

سيد بہ ٿي ساعتون چُپ رھيو پوءِ وري چيائين ”يار انگريز سرڪار سان ڪوُنس مڙيئي گھٽ ڪريو.“

ريل گاڏي پنھنجي مقرر رفتار سان ھلي رھي ھئي. سيد بہ ڪنھن اسٽيشن تي لھي ويو. ٻائي کي ڏوري ناري وڃڻو ھو. شھري ڇوڪرا بہ سڀ ڏوري ناري جي اسٽيشن تي لھڻا ھئا. ڏوري ناري اچڻ ۾ اڃا اڌ ڪلاڪ ڪن ھو. ٻائو ڏوري ناري تي لھي پريان صوفي فقير جي ڳوٺ وڃڻو ھو. شھري ڇوڪرن کي اُتان غلام نبي شاھ جي ڳوٺ وڃڻو ھو.

اسٽيشن تي لھي، ڇوڪرا ٻن ڏڳي گاڏين ۾ ويٺا ۽ ڏوري جو ڪپ ڏيئي اڳتي وڌڻ لڳا. شھري ڇوڪرن لاءِ ٻھراڙيءَ جي فضا نئين ڳالھ ھئي. ڪين مزو پئي آيو. ڏڳي گاڏيءَ جي لوڏن ڪين ڦُٽ رکيو ۽ سچي ڏينھن جي ٿڪ جي بہ پرواھ نہ ھين. سندن بندوبست ڳوٺ جي مُکي وشن داس ڪيو ھو. ڏوري ناري جي اسٽيشن تي ڏڳي گاڏيون بہ مُکي موڪليون ھيون. غلام نبي شاھ جي ڳوٺ پھچندي پھچندي، نومبر جو سج لھي ويو ۽ ڇوڪرا مُکيءَ جي اوطاق ۾ وڇايل بسترن ۾ ائين وڃي ڪريا جو گھڻن تہ رات جي ماني بہ نہ کاڌي.

# 30

ٿرپارڪر ضلعو، انگريزن، سنڌ کي فتح ڪرڻ کان پوءِ ٺُرت ئي ٺاهيو. ٿر ۽ پارڪر جو سڄو علائقو، موجوده ميرپورخاص ضلعو ۽ سانگهڙ ضلعو بہ ٿرپارڪر ضلعي جا حصا هئا. زمين ڏاڍي زرخيز هئي. پر پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب گهٽ آبادي ٿيندي هئي. جت بہ جر ۾ مٺو پاڻي موجود هو اُتي کوهہ کوٽائي، زمين کي سيراب ڪري، پوک ٿيندي هئي. غلام نبي شاهہ جو ڳوٺ ميرن جي صاحبيءَ واري زماني ۾ آباد ٿيو هو. ٽالپرن کي سيدن لاءِ وڏو احترام هو. انهيءَ ڪري ٽالپرن جي دور ۾ ڪيترائي سيد گهراڻا، پنجاب، پشاور ۽ ڪابل قنڌار کانسواءِ ايران منجهان بہ لڏي سنڌ ۾ آيا. ٽالپرن ئي پٺوري، ڪنريءَ ۽ ڍوري ناري جي پاسي ڪجهہ زمينون سيدن جي نذر ڪيون هيون ۽ غلام نبي شاه واري ڳوٺ جي اوسي پاسي چار پنج سيدن جا گهر آباد ٿيا ۽ سڄي تر جي ماڻهن ۾ خوشيءَ جي لهر ڦهلجي ويئي تہ سيد سڳورا اچي آباد ٿيا آهن. اهو سڄو علائقو ئي برڪتن سان مالا مال ٿي ويو. ٽالپرن جي دؤر جي خاتمي کان پوءِ ٽيهن چاليهن سالن جي عرصي ۾ اِهو ڳوٺ چگيرڙو ٿي ويو ۽ سيدن جي گهرن کان سواءِ بہ ستر اسي گهر ٻيا بہ آباد ٿي ويا.

1858ع ڌاري، ميرپور جو هڪ هندو دڪاندار رامو لڏي اچي غلام نبي شاه جي ڳوٺ ۾ ويٺو. ميرپور ۾ سندس ڌنڌو بلڪل ختم ٿي ويو هو. نياڳ ايترو لڳس جو ماءُ پيءُ بہ مري ويس پر نندي نيٺي زال بہ گهر کي باهہ لڳڻ ڪري الهہ تلهہ لڳڻ سان سڙي رک ٿي ويس. راميءَ کي زال جي سڙڻ جو ايترو ڏک نہ ٿيو. پر سندس گهر سڄو برباد ٿي ويو ۽ پاڻ بہ ٽن ڪپڙن ۾ ميرپور ڇڏي نڪتو. شهر جي هڪ سيٺ ٽيڪم داس وٽ سندس ڀہ سئو روپيا کن هئا. سي واپس وٺي، هو ڍوري ناري ڏانهن سنبريو. سڄي جهان ۾ سندس ڪير ڪونہ هو. رگهو ڍوري ناري ۾ سندس هڪ ننڍپڻ جي يار جو ننڍڙو دڪاندار هو. جنهن اڄ کان ڪيترا سال اڳ کيس اچڻ جي دعوت ڏني هئي. راموءَ جي عمر 27 يا 28 سال کن هوندي پر زماني جي سردين ۽ گرمين کيس نپوڙي ڇڏيو هو. سال کن اڳ هڪ بيواهہ ڪولهياڻي مٺس اکن چڪن ٿي پئي ۽ کيس ڏاڍا زور وجهندي هئي تہ ساڻس سنگت رکي. هوءَ بہ ٻي اولاد هئي. سندس ساهراڻي گهر کان سواءِ ٻيو ڪو ويجهو مائٽ نہ هو. وٽس روڪ ۽ زيور چڱا خاصا هئا. رامي ۽ لڇميءَ سوچيو تہ سماجي اصولن مطابق سندس شادي ٿي نٿي سگهي. انهيءَ ڪري ٻئي ڄڻا هڪ رات جي پڇاڙيءَ جو خچر تي چڙهي ميرپور ڇڏي نڪتا ۽ رات توڙي ٻنپهرن تائين، شادي پلي ٽپي، پٺوري جي پٽن وٽ اچي پهتا. رامو لڇميءَ کي پنهنجي زال وانگر وٺي ويو پئي. سندن منزل پٺوري کان ڪچي رستي ذريعي ڍوري ناري ڏانهن هئي.

کين سج رستي تي ئي لهي ويو ۽ رستي کان ٿورو پاسيرو هڪ وڻ جي ٿڙ وٽ هنن ڏاپو ڪيو. پٺوري شهر مان ڪجهہ کاڌي پيتي جون شيون ورتيون هئائون. سي ڪڍي کائڻ لڳا. کائي ڍؤ ڪري کين دنيا جو هوش آيو. رامي پنهنجا ۽ لڇمي جا پئسا ۽ زيور سڀ هڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي، ٿڙ جي پر ۾ کڏ کوٽي پوري ڇڏيا. رات ٿري تہ لڇمي، رامي جي ياڪر ۾ هئي. کيس سڄي دنيا وسري ويئي هئي.

هونئن بہ عورت ڪي مرد جي ٻانهن ۾ جڏهن محبت ۽ حفاظت ملندي آهي تہ هوءَ ٻي هرڪا ڳالهہ ڀُلجي ويندي آهي. لڇمي، رامي ڪان ٻہ ٽي سال وڏي هئي پر لڳي ٽي. پاڻ رامو ڏسڻ ۾ ڪائنس وڏو پئي لڳو. چؤطرف اونداهہ هئي ۽ زمين تي تارن جي روشني ڦهليل هئي.

صبح جو سوير سج جي ڪرڻن تي ٻنهي ڇڻن جي اک کلي. هنن پنهنجا ٽپڙ ساريا ۽ اڃا رامو زمين کوٽڻ وارو هو تہ ڪيس پريان هڪ همراه گهوڙيءَ تي ايندو نظر آيو. جڏهن هُو ويجهو آيو تہ رامي ڏٺو تہ هُو رنگ جو صاف هو. چهري تي ڇاپهيئن ڏاڙهي ۽ مڇون هيس. عمر ۾ چاليهاري کن يا سال ٻہ مٿي لڳو پئي. اهو همراه هن ٻنهي جي پرسان اچي بيٺو.

”ابا ڪهڙا آهيو؟“ همراهہ گهوڙي تان رڙ ڪئي.

”ميرپور ڪان آيا آهيون،“ رامي وراڻيو، ”ڍوري ناري وڃون پيا. اسين هندو آهيون.“

همراهہ گهوڙي تان لٿو. سندس اکيون وڏيون ۽ شيريون هيون. لڇميءَ جو هانءُ ڌڪي ويو.

”مونکي اوڏانهن وڃڻو آهي. پر آءُ غلام نبي شاهہ جي ڳوٺ هلندس. ڀلا ڪو کائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهہ اٿوَ؟“

رامي لڇميءَ ڏانهن ڏٺو. لڇميءَ وٽ اڃا ٻہ مٺيون مانيون بچيل هيون، سي ڪڍي هن ڏارئي ماڻهوءَ جي اڳيان رکيون.

”تون مسلمان آهين؟“ رامي هٻڪندي پُڇيو.

”ها، پر سڀ انسان برابر آهن. اهي هندو مسلمانن جا ويچا اوهانجي پنڊتن، برهمڻن ۽ اسانجي سيدن ۽ ملن وڌا آهن.“

”ها سان جا ٻاوا رڳو نفرت سيکارين ٿا.“ رامي چيو.

”صحيح آهي،“ همراهہ مٺي ماني چٻاڙيندي چيو، ”يار آءُ سيد آهيان پر اوهانجي ٻاون ۽ اسانجي مُلن جهڙو ناهيان.“

رامي ۽ لڇميءَ جي اندر ۾ ڇڻ پکي ڦٿڪڻ لڳو. ڪيس سيد بادشاه کان خوف ٿيڻ لڳو. سيد بادشاه بہ وڻ جي هيٺان هنن سان ويهي رهيو ۽ ڪائنن احوال پُڇڻ لڳو.

”اسين زال مُڙس آهيون،“ رامي چيو، ”پنهنجي دوست جي دعوت تي ڍوري ناري وڃون پيا.“

”يار رستو صحيح ڪونہ ورتو اٿوَ. اصل وسنديءَ وارو رستو وٺو جيڪر ميرپور کان سڌو بچاءُ بند اُڪري صوفي فقير کان ڦرو ها. اسان جو تہ تر آهي. اسين تہ رات ڏينهن هلون پيا.“

سيد بادشاه وري ڪُڇيو. ”يار تو مانيءَ ڳيو ڪارايو. تنهنجي مهرباني. پر ڪو پاڻيءَ ڍڪو اٿوَ.

لڇمي، خچر ڏانهن ڏٺو جنهن تي هڪ پاسي تي دِلي ٻڌل هئي.

”سائين اسانجو پاڻي پئيندا؟“ رامو ڪُڇيو

”بابا سائين اوهانجو يا اسانجو پاڻي توروئي آهي. سڀ ڪجهہ ڏٺيءَ جو آهي ۽ ڏٺيءَ وٽان اچي ٿو. بندي جي مجال آهي پاڻيءَ ڪي ٽيو هٽي هندو بنائي يا ڪلمون پڙهي ملسمان ڪري.“

رامي دليءَ مان وٺو پري ڏنو ۽ سيد بادشاه پاڻي پي شهپر اگهيا ۽ ڪيس هاڻي لڇمي موچاري لڳي پئي.

”ڀائو تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ سيد پُڇيو.

”سائين منهنجو نالو رامچند آهي. سڀ رامو ڪري سڏيندا آهن.“

”ميان رامچند آءُ سيد گهراڻي جو فرد آهيان. نالو تہ زين العابدين شاه اٿم، پر سڀ گلڻ سائين چوندا اٿم. هيءَ ڇوڪري تنهنجي ڇا ٿئي؟“

گلڻ سائين لڇمي بابت ڪائنس ڀيهر پُڇيو هو ۽ هن انهيءَ دوران لڇميءَ کي صحيح طرح سان ڏٺو. سيد جي اکين جي تاب نه سهي، لڇميءَ ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو ۽ سندس دل تيز تيز ڌڙڪڻ لڳي. راميءَ کي به گلڻ سائينءَ جا پرڪار چڱا نه پئي لڳا. سيد جي اکين ۾ تير ڪمان هئا. لڇميءَ به ائين پئي محسوس ڪيو.

رامو سوچڻ لڳو ته هن سيد مان ڪئين جان ڇڏائجي. سيدن کي اهڙا نڏٽڪا واٽيا ۽ سو به ههڙن برپٽن ۾ ملن. ٻيو رب ڪان هو چا گهرن؟ واٽئي کي زوريءَ طهر ڪرائڻ ڪا وڏي ڳالهه ئي نه هئي. لڇميءَ جهڙين کي باهه جي سيڪ تي اهڙا پگهر ڪيرائي پاڪ ڪرڻ عام رواجي ڳالهه هئي. رامو سڄي چمار ڪپيل ٽيڙ ڪنيو گهمي ها ۽ چوي ها ڀائي مونسان جوري ٿي آهي. لڇميءَ جي به وجودن جي تهن ۾ سيد بادشاه جا سڳورا هٿ گهميل هجن ها.

سج ڳپل ڪن اُيري چڪو هو. صبح واري ٽڏڪار اجا قائم هئي. رامو مُنجهيل لڳو پئي. لڇميءَ جي هانءَ منجهه سيد جو ڏهڪاءُ ڪُچي چڪو هو. سيد جي مرضي هئي ته هي ٻئي ڄڻا ساڻس گڏجي هلن ۽ پاڻ سندن سونهون ٿئي متان رستو ڀُلجي وڃن. رامي ۽ لڇميءَ جي مرضي هئي هن هچا مان جان ڇُٽي. ايتري ۾ پريان ديوين جي ڦهليل چار منجهان چار همراهه نڪتا ۽ اُتان ئي رڙ ڪيائون: ”متان ڀڳو آهين گلڻ بادشاهه اڄ نويڪلو مليو آهين.“

هو چارئي ڄڻا اڳتي وڌيا. ٻن وٽ ڪهاڙيون هيون ۽ ٻه ڄڻا هٿين خالي هئا. رامي ۽ لڇميءَ، گلڻ سائين ڏانهن ڏٺو ۽ وري اينڌڙ همراهن کي به ڏٺو. خوف وچان سندن هٿ پير ٺڌا ٿي ويا.

”سائين اسان غريب آهيون. اسان کي بچائي.“ لڇميءَ سيد بادشاه کي هٿ ٻڌي وينتي ڪئي.

”هي منهنجا دشمن آهن،“ گلڻ سائين اُٿي بيٺو، ”اهڙا ڪمينا نه هوندا جو اوهان کي ڇيهو رسائين. اوهان ٻئي پري ٿي وڃو.“

رامو ۽ لڇمي ڪيترا قدم پوئتي هٽي ويا. هو چارئي ڄڻا اڳتي وڌڻ لڳا.

”گلڻ بادشاه تو اسان جو همراه ڌڪيو آهي. خون ۽ ڪستوري لڪندي ناهي. اڄ توسان پلاند ڪبو.“

گلڻ بادشاه ڊنو نه پر سمجهي ويو ته اڄ مڙيئي ڦڏو ٿيندو.

”اها مڙسي ناهي جو هڪ ڄڻي کي چار ڄڻا ڦري آيا آهيو.“ گلڻ شاه چيو. انهن چئن ڄڻن مان هڪ اڳتي وڌيو. ڪهاڙي هٿ ۾ هيس. جئين ئي ڪهاڙي الاري، ويجهو آيو ته گلڻ شاه ترت ٽپ ڏيئي ڪٽي ٻُڪ وڌائينس ۽ سندس هڪ هٿ، هُن همراه جي انهيءَ ٻانهن ۾ ڪُچي ويو جنهن ۾ ڪهاڙي جهليل هئي. مڙس ٻئي ٻکين پيل هئا. پريان بيٺل ٽن همراهن پنهنجي همراه کي همٿايو پئي ته متان ڇڏيو اٿئيس. گهمائي دسينس.

گلڻ شاه بدن ۾ سبر هو ۽ ڪيس ٽل به هئي سو انگڙو هٽي، دشمن کي دسي، ٽپ ڏيئي اُٿي بيٺو ۽ ڪائنس ڪهاڙو ڦري، هڪ ٻه ڌڪ وهائي ڪيڍيائينس. هو ڦٽڪڻ لڳو ۽ ڪيس هڪ ڌڪ ڪنڌ وارو لڳو ۽ ٻيو هن ڪاٻي هٿ سان ڪهاڙيءَ جو وار روڪيو هو. گُلڻ شاه ٽيون وار ڪيو ٿئي ته ٽن همراهن مان هڪ اڳيان وڌي آيو ۽ هنڌائتو ڌڪ هٽي گلڻ شاه کي ڪيرائي وڌو. گلڻ شاه کي ڪيپرائتيءَ وارو ڌڪ لڳو هو ۽ سندس اکين اڳيان اونده اچي ويئي. هو ٻي ست زمين تي ڪري پيو. ڪهاڙيءَ واري همراه جي گار جي رئي پي پئي.

”متان ڇڏيو اٿئيس . . . . . . . . . . . . .“ هڪ ڄڻي رڙ ڪئي.

راميءَ لڇمي اهو سڄو لقاءُ ڏسي رهيا هئا. سندسن لڱن ۾ ساهہ نہ هو ۽ ڏڪيا پئي. پوءِ الائي ڪئين همت ڪري رامو اڳتي وڌيو ۽ گلڻ شاھ جي مٿان اچي بيٺو ۽ همٿ ٻڌي ڪين منٿيون ڪرڻ لڳو. ”ڏٿيءَ جي واسطي هن کي نہ ماريو.“

”اڙي تنهنجو ڀاءُ آهي؟“ هڪ همراه رڙ ڪئي.

”سائين سڀ انسان ڀائر آهيون.“

اوڏي مهل لڇمي بہ اچي راميءَ جي پر ۾ بيٺي ۽ رئي جو پلاند ڪٽي ٻاڏائڻ لڳي، ”ڀڳوان جي واسطي هن جي جان بخش ڪريو. آءُ اوهان کي زيور ۽ پئسا بہ ڏيان ٿي.“

”ڪٿي آهن زيور ۽ پئسا؟“

لڇمي سٽ ڏيئي وڻ هيٺ پوريل پئسا ۽ زيور ڪٽي آئي. ٻہ اڍائي سئو روپيا ۽ ٻہ ٽي زيور بہ هئا جن ۾ هڪ نٿ بہ هئي.

ٽن ڄڻن پنهنجي ڏڪيل همراه کي اُٿاريو. هن کي ڏڪ لڳا هئا پر اهڙا هنڌائتا نہ هئا جهڙو هڪ ئي ڏڪ گلڻ شاھ کي لڳو هو. سندن همراهہ دوستن جي سهاري تي اُٿي بيٺو. پوءِ پاڻ ۾ ڪجهہ ڳالهائي فيصلو ڪيائون تہ سيدن سان وڌيڪ معاملو ٺيڪ ناهي. هنن گلڻ شاھ کي ڪجهہ چيو پر گلڻ شاھ کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو ۽ پئسا زيور کنيائون پر نٿ لڇميءَ کي موٽائي ڏنائون. رامو برابر هٿ ٻڌيو بيٺو هو. هن انساني رت ائين وهندي پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڏٺو هو سو ڪيس ڀنواٽيون پئي آيون.

پوءِ هو ٽئي ڄڻا، گلڻ شاھ جي گهوڙي تي پنهنجي ڏڪيل همراه کي ڪٽي جتان آيا هئا موٽي ويا پر ويندي ويندي راميءَ کي چئي ويا: ”هي سيد جو ٻار ڏاڍو ڏکيو مرندو. هن سان هڪ ٻہ آمها سامها اڳ بہ ٿيا آهن. پر هاڻي جي پنهنجي پيرين سيرين بيهي ويو تہ پوءِ کيس ٻڌائجو تہ اسان کي اطلاع ڪري تہ اسين وري اچي سندس خدمت لاءِ حاضر ٿينداسين.“

هو ويا هليا. گلڻ شاھ سئولي طرح هوش ۾ نہ هو. رامي سندس ڦاٽل مٿي کي پٽو ٻڌو ۽ وهندڙ رت کي بند ڪيو. پوءِ کيس کچر تي ليٽائي، ٻنهي ڄڻن غلام نبي شاھ جو پنڌ ورتو. منجهند ڌاري هو غلام نبي شاھ جي ڳوٺ پهچي ويا. گلڻ شاھ اُتي جي چڱن سُڪين ماڻهن منجهان هو. ڳوٺ ۾ ڪهرام مچي ويو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ گُلڻ شاھ هوش ۾ آيو ۽ سيني سيدن کي خبر پئي تہ راميءَ ۽ لڇميءَ ڪيڏو وڏو ڪم ڪيو آهي. ٻنهي ڄڻن جي ڏاڍي آجيان ٿي ۽ سيني ڪين جيءَ ۾ جايون ڏنيون.

گلڻ شاھ ٻن هفتن کان پوءِ ڪجهہ سامت ۾ آيو ۽ رامو ۽ لڇميءَ بہ وٽن رهيل هئا. نيٺ گلڻ شاھ کائنن حال احوال ورتو ۽ راميءَ کيس سربستي ڪهاڻي ٻڌائي. ”رامچند هاڻ تون منهنجو ڀاءُ آهين،“ گلڻ شاھ چيو، ”لڇمي منهنجي ڀيڻ آهي. اوهان ٻنهي مونکي بگهڙن کان بچايو آهي. يار انهيءَ ڏينهن مونکي اوهان وٽ ترسڻو نہ هو. مونکي خبر هئي تہ دشمن منهنجي پويان آهن. پر الائي چو قدرت کي اهو منظور هو. خير هاڻ ٻڌايو تہ اسين اوهانجي ڪهڙي مدد ڪريون؟

”سائين پهرين اسين ٻئي شادي ڪنداسين.“ رامو چوڻ لڳو.

”ٺيڪ آهي. پوءِ؟“

”پوءِ اسان کي هتي رهڻ لاءِ ڪو اجهو کپندو،“ رامو چوڻ لڳو، ”اوهان جي پاڇي ۾ هونداسين تہ لڇمي يا منهنجا مائٽ اسان کي آزاري نہ سگهندا.“

”هلو اهو بہ منظور!“ گلڻ سائين چيو، ”پر منهنجي هڪ ٻي صلاح آهي.“

”ڪهڙي سائين؟“

”زور زبردستي ناهي،“ گلڻ شاهه چيو، ”پر اوهان ٻئي مسلمان ٿي پئو ته پوءِ هٿ اوهان جو نه ڪو وار ونگو ٿيندو ۽ نه ڪنهن کي مجال آهي جو اک کڻي به اوهان ڪي ڏسي.“

رامي جو هانوءُ ٻُڏي ويو.

”سائين مشلمان نه!“ رامي جي وات مان اکر نه پئي نڪتا، ”پنهنجي ڌرم کي نه ڇڏيندا سين.“

گلڻ شاهه ڪلڻ لڳو، ”اڙي راما، مسلمان ٿي وئين ته پاڪ به ٿي ويندين ۽ ثواب به پڻ ملندو. تنهنجا ٻئي جهان اُجرا ٿي پوندا.“

رامو هٿ ٻڌي بيٺو رهيو.

”چڱو تنهنجي مرضي!“ گلڻ شاهه چيو، ”اڄ ڪان تون هن ڳوٺ ۾ رهه. توکي گهر لاءِ پَٽَ به ڏيون ٿا ۽ اسان جا دڪان، بازار وچ ۾ آهن. هڪڙو توکي خالي ڪرائي به ڏيون ٿا. پئسي ڏوڪڙ جي به تون پرواهه نه ڪر.“

ائين 1875ع ۾ رمچند لڇميءَ سان گڏ، غلام نبي شاهه جي ڳوٺ ۾ آيو ۽ مُکي وشنداس سندس پوٽو آهي. پاڻ ويهه سال اڳ مري ويو ۽ سندس پُٽ ۽ مُکي وشنداس تر جا وڏا زميندار ٿي پيا. وشنداس جي پنهنجي آجي زمين اڍائي ٿي هزار ڪن ايڪڙ هئي ۽ وٽس اوسي پاسي جي مسلمان زميندارن جي گروي رکيل زمين به ٻه هزار ايڪڙ کان مٿي هئي. جو مُکي وشنداس هيرآباد، حيدرآباد ۾ به پٽن سمينٽ ۽ چن جو گهر ٺهرايو هو ۽ گرمين ۾ ڪٽڪ جي فصل لهڻ کان پوءِ آجو پاڄو ٿي، حيدرآباد ۾ اچي رهندو هو ۽ ائين سندس ڏيٺ ويٺ، جڳت جي سهري هيرانند سان ٿي.

ٻئي ڏينهن، صبح جو، شهر مان آيل نوجوان، تازا توانا هئا. ڪالهوڪو سڄي ڏينهن جو ٿڪ، راجا واري گاڏيءَ جا لوڏا ۽ ڏيڳي گاڏيءَ جي جهاڪن ڪري، همراهه ساڻا ٿي پيا هئا. پر صبح ساڻ وهنجي سهنجي، نيرن ڪري، هنن سيني کان پهرين مُکي وشنداس سان ڪچهري ڪئي. مُکي هڪ ٻه ٻيا ماڻهو به گهرائي ورتا جن ۾ هڪ ٻائو به شامل هو جنهنجي ڪري، ڳوٺ ۾ فساد ٿيو هو.

ڪچهري شروع ٿي.

مُکيءَ چيو، ”ياون داس، هي ڇوڪرا پنهنجي ’حيدرآباد‘ مان آيا آهن. هي هيڏانهن ڪنڌ ۾ جڳت راءِ اٿئي. هي منهنجي هيرانند جو نائي ٿيڻ وارو آهي. ٻيا جوان به هن جي ڪاليج جا دوست آهن. انهن مان ٻه ٿي مسلمان به آهن ۽ هڪ جي سڃاڻپ ته منهنجي رات ئي ٿئي هئي. هي جڳت جي ير ۾ ويٺو آهي. نالو اٿس محمد بخش.“

ٻائي ياون داس سيني جي هٿ جوڙي آجيان ڪئي.

”هي ڇوڪرا انهيءَ ڪري آيا آهن ته ٻه اڍائي هفتا اڳ جيڪو ڦڏو ٿيو هو تنهن متعلق توکان ٻُڌن.“

”آءُ ڇا ٻڌايان؟“ ٻائي ياون داس ٿورو کهرو ڳالهايو.

”سائين اسان چاهيون ٿا ته اهو ياٿرن ۾ جهيڙو ختم ٿئي.“ محمد بخش چيو، ”هتان نڪري اسان حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن کي، منهنجو مطلب آهي ته ٻنهي پاسن جي پڙهيل ڳڙهيل سمجهدار ماڻهن کي سمجهايون ته اهي سڀ اڳتي وڌن ۽ اهي پاڻ ۾ اجايا پيدا ڪيل متڀيد ۽ ويڇا ختم ڪن.“

”ڇوڪرا اهي ويڇا تڏهن ختم ٿيندا،“ ياون داس چيو، ”جڏهن اسان سڀ طهر ڪرايون — پوءِ سڀ معاملا ختم ٿي ويندا.“

ڇوڪرن کي ڪل به آئي پر ضبط ڪري ويا.

”جهيڙو سچو انهيءَ ڳالهه تان آهي ته اسين هندو چو آهيون.“ پاونداس چيو، ”ٻه ٽي هفتا اڳ، محرم جي 10 تاريخ تي آءٌ پنهنجي مندر جي در وٽ ويٺو هوس. سيدن جي تابوت ۽ گهوڙي جو جلوس ويو پئي. اسان ڌرمي ماڻهو آهيون. اسان کي سيني لاءِ عزت آهي. سڀ ڪنهن کي پنهنجو پنهنجو ڌرم پيارو آهي. آءُ پاڻ تابوت کي پرنام ڪرڻ لڳس. ايتري ۾ هڪ لوفر پيرين اگهاڙي مواليءَ، مٽيءَ پريل ٽيلهڙي ڪٽي منهنجي پيشانيءَ تي هنئي. منهنجو سچو مٿو ۽ منهن مٽيءَ سان لتجي ويو. مونکي به لڳي مِٺيان ۽ مون به ڪٽي ڪيس ڌڪو ڏنو. هو موالي ته هوئي سو ٿاپڙجي وڃي گند جي ڍير ۾ ڪريو ۽ امام جو جهنڊو به جيڪو سندس هٿ ۾ وڃي انهيءَ گند ۾ پيو. بس پوءِ سائين ڪربلا تي ويئي. جلوس وارا ٽي پيا مومن ۽ اسين سڀ ڪافر. پوءِ سچو ڏينهن شهر ۾ فساد هليو. چڱا چڱا ڏسٽا وائسٽا ماڻهو به ڏنڊا ڪتڪا کٽي آيا. شهر جي ڪيترن هندن جا گهر لٽيائون ۽ الائي ڪيترا زخمي به ٿي پيا.“

پاون داس ماٺ ڪئي.

جڳت راءِ پُڇيو، ”مهاراج، اوهانکي ڪو ڌڪ لڳو؟“

”نه آءٌ بچي ويس. مون ڊوڙي پر ۾ ڌرمشالا ۾ ويٺل ماڻهن کي وڃي ٻڌايو ته ٻاهر ههڙو ظلم پيو ٿئي.“

مُکي وشنداس چيو، ”بس پوءِ مڙيئي ڳالهه کي ٿاهي ورتو اٿئون. نه ته ڳالهه هٿن مان نڪري ويئي هئي. اسان جا ٻه چوڪرا موالي زوري کٽي ويا. اهو ته ڀڳوان ڀلو ڪيو جو اسان ڏنڊا ڪُتڪا کٽي، شهر کان ٿورو پريرو اوتاري ۾ وڃي پهتاسين نه ته اهي ٻئي چوڪرا طهريا پيا هجن ها.“

”پوءِ مُکي، آخر جهيڙو ڪئين ٽريو؟“ محمد بخش پُڇيو.

”پُٽ اسان هندو ڪميونٽي جهيڙن جهٽن ۾ پئون ئي ڪونه.“ مکيءَ وراڻيو، ”اسين واپاري ماڻهو آهيون. اسان کي امن امان کپي ته جئين ٻه ڏوڪڙ ڪمائي سگهون. سو پوءِ آءُ پاڻ ميڙ وٺي سيدن جي حويليءَ تي ويس. سيد وڏا توڙي ننڍا، اسان سان سدائين چڱا پير پريندا آهن. اها اسان جي وڏن جي ڪمائي آهي. پر اڄڪلهه ڪجهه سالن کان ڪي مسلمان زميندار مڙئي هوش وڃائي ويٺا آهن. سندن مرضي آهي ته هندو ڪميونٽي به ائين سندن اشارن تي هلي جئين سندن هاري هلن ٿا.“

”پلا انهن زميندارن وٽ ڪا زمين به آهي يا رڳي نالي جا زميندار آهن؟“ محمد بخش پُڇيو.

”نوجوان سچ پُڇين ته مُکيءَ چيو، ”ملڪ سچو سندن آهي پر سندن افعال بُڇڙا آهن. زمنيون ڪيڙين ڪونه، سُريتيون جام اٿن. پيا خرچ اڍنگا ـــ سو اسان وارن شاهوڪارن جون ته بنديون ئي پرجي ويون آهن. قرض ته چا رڳو وياج ملي ته به ٺيڪ آهي. پوءِ نيٺ سندن زمينون قرض جي بلي تي وجن ٿيون.“

”اوهان ساماري تعلقي ۾ آهيو.“ جڳت راءِ پُڇيو، ”هت گهٽي زميناري ڪنهنجي آهي؟“

اڳ ته سڀ مسلمان وڏيرن، پيرن ۽ سيدن جي هئي. پر گذريل ويهن ٽيهن سالن کان وٺي، آءٌ پانيان ٿو اڌ کان به سرس زمين هندو شاهوڪارن قرض توڙي روڪڙ رستي هٿ ڪئي آهي.“

”اوهان کي جڏهن مسلمان زميندار قرض نٿو موٽائي ته پوءِ اوهين ڪين قرض چوٽا ڏيو؟“ هڪ ٻئي نوجوان سوال ڪيو.

”انهيءَ جا ٻه سبب آهن.“ مُکيءَ وراڻيو، ”هڪ ته اسان کي هن تر ۾ رهڻو آهي. درياهه ڪپ تي واڳونءَ سان وير نه وجهبو آهي. ٻيو اسان جو ڪاروبار آهي. اسان کي هرويرو نقصان ڪهڙو آهي. واپاري ماڻهو نقصان جو ڌنڌو نه ڪندو آهي. گهٽي ۾ گهٽو نقصان ايترو ٿيندو آهي ته جيترو زمين ٽڪر گروي هوندو آهي، تنهنجي قيمت، قرض ۽ وياج کي ملائي، گهٽ ٿي پوندي آهي. باقي خاص سبب آهي ته اسان واپاري ماڻهو آهيون. اسان کي واپار ڪرڻو آهي ڦٽائڻو ناهي.“

”مُکيءَ اوهان وٽ ڪيتري زمين پنهنجي آهي؟“ محمد بخش پُڇيو.

”سرڪاري ريڪارڊ تي جيڪا چڙهيل آهي سا اڍائي هزار ايڪڙن کان مٿي آهي باقي ڪجهه زمين آهي ته منهنجي پر اسان جا وڏا چئي ويا آهن ته انهن جو قبضو سيدن کان نه وٺجو. اسان جي وڏن ۽ سيدن ۾ ڀائپي هُئي. هڪ ٻئي کي وڏي عزت ۽ مان ڏيندا هئا ۽ اسين به سندن نياز مند آهيون.“

”شهر ۾ واپار ته سڄو هندن جي حوالي هوندو؟“ محمد بخش پُڇيو.

”نوجوان اهو ڪو نئون سوال ناهي.“ مُکي وراڻيو، ”هي ته ننڍڙو ڳوٺڙو آهي، ڪٽڪ يا ڦٽيون لهن ته واپار ۾ تيزي اچي ـــ پر وڏا شهر ڏسو. ميرپور ڏسو، حيدرآباد، ڪراچي، شڪارپور ۽ سکر وارا شهر ڏسو، سيني هنڌ واپار هندو ڪميونٽيءَ جي ئي حوالي آهي. اها ڪا نئين ڳالهه ناهي. اچوڪي ڳالهه ناهي. ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبيءَ کان وٺي واپار سدائين هندن جي هٿ ۾ رهيو آهي. پهرين ته رڳو واپار هندن وٽ هو پر هاڻ ته زمينداريءَ جو به ڳپل حصو هندن وٽ آهي. سرڪار کي ڍل به ٿيهه سيڪڙو کان مٿي هندو ڏين ٿا. شهرن جا هڙيئي ٽئڪس ۽ ڪسٽم ڊيوٽي هندو ڏين ٿا. ته به جڏهن مار پوي ته هندن کي ئي پوي. هي فساد جهڳڙا رڳو انهيءَ ڪري آهن جو هت هڪ ڪميونٽي ديواليه ٿيندي پئي وڃي ۽ ٻي ڪميونٽي يعني هندو، واپار سمجهه ۽ ساک ڪري اڳ کان اڳري پئي ٿئي. سو سائين اصل سبب جهڳڙي جو اهوئي آهي. باقي ڌرم جي بي عزتي يا ظهر ڪرائڻ سڀ جهيڙي جا بهانا آهن.“

ٿوري دير چُپ رهي.

محمد بخش ڳالهائڻ لڳو: ”مُکي، تو بلڪل سچ چيو آهي ته هڪ جاتي اڳتي وڌي ويئي آهي ـــ سماجي توڙي اقتصادي کيتر ۾، ٻي جاتيءَ وٽ ٺلهو نالو، ا ڊمبر، شان ۽ پراڻيون روايتون رهيون آهن. هاڻ اسان جو سماج پنهنجو بئلنس يعني توازن وڃائي ويٺو آهي. جنهن به ملڪ ۾ اهڙي حالت پيدا ٿيندي آهي اُت فساد به وڌندو آهي.“

”آخر اهو بئلينس ڪئين مقرر ٿئي؟“ جڳت پُڇيو.

”الله سائين اسان سيني کي ساڃاهه ڏيئي.“ محمد بخش چيو.

”منهنجي خيال ۾ گڏريل سٺ سالن ۾،“ جڳت چيو، ”يا ته ٻنهي جاتين کي هڪ جيترا موقعا نه مليا آهن ته هو ترقي ڪري اڳتي وڌن يا هڪ جاتيءَ کي سرڪاري توڙي سماجي طور تي وڌيڪ موقعا مليا آهن. يا ڪا جاتي اڳتي وڌڻ لاءِ پنهنجي چوغي مان ٻاهر نڪرڻ نٿي چاهي يا سماجي طور تي جاگيرداري طوق مان نڪرڻ جي سگهه منجهن ناهي. مطلب ته ڪو ته سبب آهي جو سنڌ جو سماجي سرشتو ايڏو هيٺ مٿي ٿي ويو آهي.“

مُکيءَ چيو ”ابا اوهين ڪاليجي پڙهيل آهيو. اوهان کي خبر آهي. پر مونکي رڳو ايتري خبر آهي ته منهنجو ڏاڏو غريب هو. خالي هٿين هن ڳوٺ ۾ آيو. سيد ۽ زميندار وڏا ماڻهو هئا. هڪ سيداڻي گهر جو اسان تي هٿ ضرور هو. پر منهنجي وڏن ايمانداري ۽ لگن سان واپار ڪيو. اڄ اسين ڳوٺ ۾ سڀ کان سُکيا آهيون ـــ يعني پئسي ڏوڪڙن ۽ زمينداري ۾ ـــ باقي عزت، ناموس ۽ نالو سيدن جو آهي. اُهي اسان جا سائين آهن. ڀڳوان کين خوش رکي.“

”مُکي ڀڳوان سيني کي خوش رکي.“ محمد بخش چيو، ”پر اسان کي ٻڌايو ته هي جهيڙا ۽ هي ڀائرن جي اٽبت آخر ڪئين ختم ٿيندي. آءُ سمجهان ٿو ته مثال طور پٿوري جي اسٽيشن تي هندو پاڻي الڳ رکيو آهي ۽ مسلم پاڻي الڳ رکيو آهي. جهيڙي ۽ هڪ ٻئي ۾ ڏڦير جو اهو ته بنيادي سبب آهي“

مُکيءَ پهريون پيرو کليو ۽ ٻائي ياون داس ڏانهن ڏٺائين جيڪو ڏاڍو ڳنڀير ٿيو ويٺو هو.

”نوجوان، اوهان اجا پڙهو پيا. انهيءَ ڪري سوچ به ڪريو پيا. سوچ انهيءَ ڪري ڪريو ٿا ته پيو ڪو ڏنڊو ڪونه شروع ڪيو اٿوَ. بابا شاديون ڪريو، نوڪريون ڪريو، يا ڪو واپار ڪريو ـــ ڏٺي ڪندو سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو. رڳو امن آشتيءَ جي پرچار ڪريو. باقي اسٽيشن تي هندو پاڙي انهيءَ ڪري رکيو اٿئون ته اسان جو ڀائو پاون داس خوش ٿئي. مسلم پاڙيءَ انهي ڪري رکيل آهي ته جئين اوهان جو مولوي جان محمد خوش ٿئي. مڙيئي فساد گهٽائڻ جا بهانا آهن.“

شام جو سيني چوڪرن گڏجي ڳوٺ جو چڪر هنيو. چڱو خاصو ڳوٺ هو ۽ بازار به چڻ ڪنهن ننڍي شهر وانگر سامان سان سٿيل هئي. ماڻهن جو چؤپول به گهڻو هو. اوسي پاسي جا ڳوٺاڻا گڏهن، خچرن ۽ گهوڙن سوڊو بازار ۾ هئا. هي علائقو ڪٽڪ ۽ ڪپهه جي فصل ڪري سائو ستابو هو. عام ماڻهوءَ به محنت مزدوري ڪري، پنهنجا ننگ پاليا پئي. هرويروءَ جي بُک، ملڪ ۾ نه هئي. چوڪرا گهمندا ڦرندا اچي هڪ سيداڻي حويليءَ وٽ بيٺا. ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ پتلون قميص پاتل، ڏاڙهيون مُڇيون ڪوڙيل يا رڳو ٽوڙيون مُڇون رکايل چوڪرا، عجيب رونشي وانگر هئا.

ڳوٺ غلام نبي شاه منجهه ۾ ٽي سيدن جا گهر هئا ۽ سيئي سيد پنهنجي ليکي اثر رسوخ وارا هئا. شهري چوڪرن کي سيد ستابي شاه ۽ سندس پُٽن سان ملڻو هو جيڪي گذريل ڏهين محرم تي، ڀائي جي منهن ۾ ڏوڙ وجهڻ ۽ ڦڏي کي اينگهائڻ واري معاملي ۾ شامل هئا. شام ڏاري سيد ستابي شاه جي اوطاق منجهه، ڪليل اڱڻ ۾ ڪرسيون ۽ مُوڙا پيل هئا. وڏي شاه صاحب جي عمر سٺ کان مٿي هئي. ڏاڙهيءَ ۽ وارن ۾ ميندي رنگيل هئي. صاف رنگت ۽ چڱي صحبت ڪري، اجا به رت سندس منهن مان ٻهڪيو پئي. ڪيس اٺ پُٽ ۽ چار نياڻيون هيون. اسلام جي پيروي ڪندي چئن زالن کان مٿي ڪونه وڌيو. اوسي پاسي سندس ساک هئي ته اهو سيد پراين نياڻين کي به پنهنجين نياڻين وانگر سمجهندو هو. سندس اکين ۾ ڏاڍي ڪشش هئي يا ڪٽي چئجي سيداڻي ــ ڪشش هئي. پر هن سيد جي اک ميري ڪنهن به نه ٻڌي. هاڻ ته سال ڪن ٿيا هئا ته ڏاڍي پوڙي زال مرڻ ڪري هو پنجين زال پرڻيو هو. ننڍي نيٽي سهڻي چوڪري هئي. سندس ئي در جي هڪ خاصخيليءَ جي نياڻي هئي. چوڪريءَ جي پيءُ کي سؤ ايڪڙ زمين جا لکي ڏنائين ۽ چوڪريءَ کي زيورن ۾ توري ڪٽي آيو. چوڪريءَ به ڪيس پهرئين سال پُٽ ڄڻي ڏنو. وڏي شاه کي پندهن سالن کان پوءِ پُٽ ڄائو هو. هونئن به پيريءَ جو اولاد ڏاڍو مِٺو هوندو آهي. وڏي شاه دل کولي خيرات ڪئي ۽ غريب غربي کي ڍؤ ڪرائي ڇڏيائين. ۽ ميرپور واري حڪيم قائم کي به ڊائي ڇڏيائين. وڏي شاه پنجين شادي کان اڳ حڪيم کان مشورو ورتو هو. حڪيم نالي وارو هو. الائي ڪيترا امير وزير ۽ پير فقير سندس در جي حاضريءَ جا پابند هئا. انگريزن کي به ڪاري ڇڏيو هئائين. حڪيم، وڏي شاه کي چيو ته سائين شادي ڪرڻ تنهنجو ڪم ، اڳيان ضامن آءُ پوان ٿو.

سيد ستابو شاه، ڪٽ تي ويٺو هو. سندس اولاد مان ٽي وڏا پُٽ به هئا ۽ شاه جو سؤٽ جو پُٽ عبدالحڪيم شاه به ويٺو هو جيڪو ڪالهه ڪراچيءَ مان آيو هو. ڪيڪر ڪان پوءِ ستابي شاه چوڪرن کان سندن اچڻ جو مقصد پُڇيو.

”سائين اسين حيدرآباد جي ڪاليج ۾ پڙهندا آهيون.“ محمد بخش چيو، ڪجهه ڏينهن اڳ اسان اخبارن ۾ پڙهيو هيوسين ته هت غلام نبي شاه ۾ ڏهين محرم تي هندو مسلم فساد ٿي پيو هو.“

”ها پُٽ فساد ٿي پوي ها.“ شاه وراڻيو، ”پر پوءِ ٻنهي ڌرين جا هوشمند پاڻ ۾ گڏجي ويٺا ۽ ڳالهه کي مڙيئي ٺاهي ڇڏيائون.“

”اڄڪلهه جت ڪٿ اهڙا معاملا ٿين ٿا.“ ڄڳت پُڇيو، ”۽ اهڙا معاملا سنڌ جي ماڻهن ۾ ايڪي ۽ سانت سان رهڻ لاءِ ڏکيائي ۽ پائرن ۾ اجائي دوري پيدا ڪن ٿا. اوهين وڏا آهيو ۽ اوهان جهڙين جي

هوندي بہ اهڙا اجايا معاملا ڪر ڪٿن ٿا ـــ سا چڱي ڳالهہ تہ نہ آهي. اسين نوجوان انهيءَ ڪري حيدرآباد مان ڪهي آيا آهيون تہ هت توهان اوهان وڏن سان ملي معاملي کي سمجهون ۽ واپس حيدرآباد وڃي دوستن کي حقيقت ٻڌايون ۽ اخبارن ۾ ليک لکي، ماڻهن کي گمراه ٿيڻ کان بچايون.“

”بابا اهڙي ڳالهہ ناهي،“ سيد ستابي شاه چيو، ”اسان جي همراهن منجهان ڪنهن مواليءَ ڀائي ڀاون داس سان ڪا چرچ ڪئي ۽ ڀائي ۽ هندن ڪٺي فساد برپا ڪيو. هونئن واٽيا ڏنڊي ڪُتڪي ۽ جهيڙي ۾ اسان کان زور ناهن پر وٽن پئسو گهڻو اچي ويو آهي، انهيءَ ڪري مڙيئي ڪنهن ڪنهن مهل متو ڦري ويندو اٿن. نہ تہ هت ٻئي ڌريون سک سانت سان رهن ٿيون.“

”سيد سائين، هڪ ڳالهہ پُڇان،“ ”بہ ڌريون ڪئين؟ سڀ سنڌي تہ آهيون،“ وچ ۾ ستابي شاه جي پُٽ ڳالهايو. ”سنڌي آهيون ۽ سنڌ ملڪ جا رهاڪو آهيون.“

”پُٽ سنڌي تہ ضرور آهيون پر.“ شاه صاحب چيو.

”پر اها تہ حقيقت آهي تہ اسين مسلمان آهيون. سيد آهيون. رسول جو اولاد آهيون ۽ هندن کان هر حال ۾ مٿانهان آهيون. هونئن بہ مسلمان، هندوءَ کان اعليٰ آهي.“

”سائين معاف ڪجو.“ محمد بخش چيو، ”خود اسان جي نبي سڳوري چيو آهي تہ ڪنهن کي بہ ڪنهن تي برتري حاصل نہ آهي. صرف اُهو چڱو آهي جنهنجا افعال چڱا ۽ تقويٰ ۾ اڳتي آهي.“

”چوڪرا، اسان جا افعال، توکي چڱا نٿا لڳن؟“ ستابي شاه پُڇيو.

”نہ سائين آءٌ اهڙي گُستاخي نہ ٿو ڪري سگهان.“ محمد بخش وراڻيو ٿوري دير خاموشي رهي ۽ ايتري ۾ مٺائيءَ اچي ويئي ۽ شاه صاحب جي چوڻ تي سيني مٺائي کاڌي.

”ٿورڙي مونکي اجازت ڏيو تہ آءٌ بہ ٻہ اکر ڳالهايان.“ عبدالحڪيم شاه چيو جيڪو ڪراچيءَ ۾ رهندو هو. وڏي شاه جي سؤٽ جو پُٽ هو. پڙهيو ڪراچيءَ ۾ هو ۽ هاڻ اُت هڪ هندو وڪيل سان گڏ ڪم ڪري رهيو هو. ”اصل ڳالهہ ڀائي ڀاون داس يا اسان جي ڪنهن مواليءَ يا مولوي صاحب جي ناهي. اهي تہ سڀ جهڳڙي کي مچائڻ جا ڪارڻ بڻجندا آهن. مسئلو سڄو هن دؤر جو آهي جنهن ۾ تعليم سان سجاڳي اچڻ جو آهي. اقتصادي ڪيتر ۾ بہ مسلمانن هاڻ ڪجهہ مڙيئي هٿ پير هڻڻ شروع ڪيو آهي. سکر بئراج، جت سنڌ جي سُک ۽ آبادي جو سبب بڻيو آهي. اُت انهيءَ بئراج ڪري ڦڏو فساد بہ وڌڻ لڳو آهي. بئراج پوڻ ڪري، غير آباد زمينون آباد ٿيڻ لڳيون آهن. زمينون آباد ٿيڻ ڪري اسان وٽ هارين جي حالت تہ خير ڪا سُڌري آهي پر زميندارن ساهہ کڻڻ شروع ڪيو آهي. ڪين مالي اُپت ٿيڻ لڳي آهي. اڳ کان اڳرا ٿين پيا ۽ انهيءَ ڪري سياسي معاملن ۾ بہ وڌيڪ سرگرم ٿين پيا ۽ سندن اثر رسوخ بہ وڌي پيو. اها حقيقت بہ پنهنجي جاءِ تي آهي تہ سنڌ جي آباديءَ جو ٻاهتر سيڪڙو مسلم آهي. انهيءَ ڪري مسلمانن جو حصو وٺڻ لاءِ، سنڌ جي زميندارن سياسي هلچل شروع ڪئي آهي. سنڌ جو بمبئي کان ڌار ٿيڻ بہ انهيءَ تحريڪ جو حصو آهي ۽ ٻئي پاسي هندو اسان کان ٻہ يا ٽي پيڙهيون اڳ اقتصادي، سياسي توڙي سماجي طور اڳتي آهن. هاڻ هندن کي اهو محسوس ٿي رهيو آهي تہ سندن هڪ هٿيءَ کي ڇيهو رسندو. سنڌ بمبيءَ کان ڌار ٿي تہ حڪومت جي واڳ بہ سندن هٿن ۾ نہ هوندي. وڏو وزير توڙي ٻيا وزير بہ مسلمان هوندا. پر واپار ، تعليم ۽ سرڪاري نوڪرين تي سندن قبضي هئڻ ڪري ۽ سڀ کان وڌ سندن شهرن تي بہ هڪ هٿي هئڻ ڪري، ڪين انهيءَ ڳالهہ تي ڏکيائي پئي محسوس ٿئي تہ اڻ پڙهيل ۽ اقتصادي طور تي سندن زيردست رهڻ وارن ماڻهن جي اڪثريتي ڌر سندن مٿان حڪومت ڪري. رڳو انهيءَ ڪري تہ هو يعني هندو ٿورائيءَ ۾ آهن ـــ ۽ مسلمان اڻ پڙهيل آهن. وڻج واپار تہ ڇا پر زرعي پيداوار ۾ بہ تمام پوئتي آهن. هندن ۾ مٿئين طبقي سان گڏ مضبوط شهري توڙي ٻهراڙيءَ وارو وچولو طبقو بہ آهي: جيڪو اڄڪلهہ جي دؤر ۾ نهايت اهم آهي.

مسلمانن ۾ يا هيٺيون اڻ پڙهيل طبقو آهي يا مٿيون جاگيرداري ۽ زميِنداري طبقو آهي سو بہ ذري گهٽ اڻ پڙهيل ۽ فيوڊل آهي. انهيءَ طبقاتي ويڙهہ جو انت ڪٿي ٿو پهچي سان ڳالهہ سيني لاءِ ڏکي ٿي پوندي.“

ٻئي ڏينهن سج اُڀرڻ سان ئي، شهري چوڪرا ريل گاڏيءَ ۾ سوار ٿي حيدرآباد ڏانهن روانا ٿي ويا.

”يار، غلام نبي شاه ننڍڙي ۾ ننڍڙو ڪوٽ آهي،“ جڳت چوڻ لڳو. ”هت بہ هندو مسلم جو ويڇو ڪيترو وڌي ويو آهي. شهرن جي تہ ڳالهہ ئي اور آهي.“

”اِهي حالتون جاڳرتا سان گڏ،“ محمد بخش چوڻ لڳو. ”هڪ طبقي ۾ اقتصادي برتري ڪري ٻئي طبقي سان زيادتي ڪرڻ جو نيتجو آهن ۽ ٻئي پاسي ٻيو طبقو پنهنجي مئجارٽي ۽ زور زبر ڪري جيڪي ڏاڍايون ڪري پيو تنهن جي بہ وڏي ڪانتري بيوشن آهي ـــ ۽ آخر ۾ ٻئي طبقا مذهب جي طاقت کي بہ استعمال ڪن پيا.“

# 31

فيبروري جا ڏينهن هئا. سال 1947ع جي شروعات هئي. شام مهل ستين بجي، سج ڪڏهوڪو لهي چڪو هو. جڳت ۽ سندس زال لتا ۽ سندن ڏهن سالن جو پُٽ برجو، آهستي صدر بازار منجهان لنگهي تلڪ چاڙهيءَ ڏانهن وڃي رهيا هئا. جڳت هاڻ ڪاليج ۾ پروفيسر هو. شاگردن کي ايڪنامڪس پڙهائيندو هو. اڄ هو پنهنجي پتني ۽ پُٽ سان گڏ، شهر جي صدر واري علائقي منجهه جنرل پوسٽ آفيس جي پُٺيان بسنت هال ۾ هڪ ميڙ ۾ شرڪت ڪرڻ ويو هو. ميڙ منجهه ڪميونسٽ پارٽي، ٽريڊ يونينسٽ، سنڌي ادبي سنگت جا ڪجهه عهديدار ۽ ٻيا شهر جا روشن خيال ماڻهو هئا.

شهر جا دڪان بند ٿي ويا هئا ۽ حيدرآباد جا صاف ۽ ويڪرا رستا خاموش هئا. ڪنهن ڪنهن مهل ڪو ٽانگو يا ڪا وڪٽوريا گاڏي لنگهي ٿي. ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ ايراني هوٽل کليل هئي. جڳت پنهنجي ونيءَ سان گڏ تلڪ چاڙهي اُڪري مٿي يونٽي ريسٽورنٽ وٽ آيو ته اُت اندر ڪجهه شوقين ويٺا هئا. هفتو کن اڳ شهر ۾ مسلم ليگ وارن جو جلسو ٿيو. جنهن ۾ ڪجهه اڳنگيون ڳالهيون ۽ تقريرون ٿيون ۽ پوءِ ٻه ڏينهن رکي شهر جي ڪانگريسين ٻه پاڻ ملهايو هو ۽ انهيءَ ڪري شهر جي فضا ۾ ڇڪتاڻ هئي. پاڪستان جو مطالبو مسلمانن لاءِ جيئڻ مرڻ جو مسئلو بڻجي پيو ۽ سنڌي هندو پنهنجي طور، چاڻندي به ته هندستان جي ورهاست ڪين ڪو سياسي توڙي اقتصادي فائدو نه ڏيندي ته به ڪانگريس ۽ ٻين ڪٽر هندو جماعتن سان گڏ هئا. ڪجهه روشن خيال هندو توڙي مسلمان انهن سيني جهڳڙن ۽ فسادن جي خلاف هئا. پر سندن خيالن جي عوامي پليٽ فارم تي ڪا گهڻي اهميت نه هئي. جڳت به انهن ماڻهن منجهان هو جيڪي سياست جي رُخ کي سمجهي رهيا هئا ۽ کيس خبر هُئي ته 1925ع کان ئي سنڌ جا هندو پنهنجي اقتصادي ۽ تعليمي برتريءَ ڪري ۽ شهرن ۾ سندن ڪنٽرول ڪري، سنڌ جي باقي عوام کان ڪٽجي ڌار ٿي ويا آهن ۽ هڪ اهري رستي ڏانهن وڃي رهيا آهن جنهن پاسي کان واپس ورڻ تمام ڏکيو آهي.

”جڳت، بابا جي خيال ۾ اسين سڀ ڪنهن وڏي طوفان، اڄڻ کان اڳ حيدرآباد ڇڏي، بمبئي هليا هليون.“ جڳت جي ونيءَ چيو.

”طوفان کي دعوت به اسين پاڻ ڏيئي رهيا آهيون.“ جڳت چيو.

”خير اهي ته ڳالهيون هاڻ ڪرڻ اجايون آهن. تون ٻڌائي بابا کي ڇا جواب ڏجي؟“

”منهنجي خيال ۾ ته ڪوبه هندو هتان لڏي نه،“ جڳت چيو، ”پر اسان کي پنهنجي جان کان وڌ پنهنجي مال جي پرواهه آهي. اسين سمجهون ٿا ته اسان جو مال ائين ئي حفاظت ۾ رهي سگهجي ٿو جيڪڏهن بمبئي لڏي هلون. اسان الائي ڇو بمبئي کي پنهنجي منزل سمجهي رهيا آهيون. اڳ به بمبئي کان سنڌ ڌار ڪرڻ واري مووومينٽ ۾، اسان بمبئي کي ڇنبڙي پياسين ۽ هڪ ملڪ ۾ رهندڙ ٻائر پاڻ ۾ ايترو الجهي پيا جو اڄ هي ڏينهن ڏسڻا پون پيا. بمبئي اسان جي منزل ناهي ۽ نه هئڻ ڪپي.“

”پر اڄڪلهه حالتون ڏس ته ڪيڏانهن پيون وڃن.“

”صحيح آهي. تنهن جي پيءُ پنهنجو ذري گهٽ سمورو ڌن ٻه بمبئي ڏانهن موڪلي ڇڏيو آهي. ۽ مون ته ٻُڌو آهي جاءِ جو سؤدو ڪرڻ چاهي پيو پر ڪو صحيح پئسا ڏيڻ لاءِ تيار ناهي.“

ٻه ٽي ساعتون خاموشي رهي. هي ٽئي ڄڻا، جيڪب روڊ جي گرجا کان اڳتي، ٽريننگ ڪاليج فار مين وٽان لنگهي رهيا هئا ۽ اڳتي مينارام هال ۽ پرسان نورمحمد هاءِ اسڪول هو. ڪين هيرا آباد وڃڻو هو.

”مون هڪ ڳالهه تي غور ڪيو آهي،“ ڄڳت چوڻ لڳو، ”اسين هندو ٻه هت سنڌ ملڪ جا اصل رهواسي نه آهيون. اسان هتان ٻُڌ مذهب جي مڃيندڙن کي يا ته لوڏي ڪڍيو يا اهريون حالتون پيدا ڪيوسين جو ٻُڌ مت وارا ميسارجي ويا. پر مسلمان ڪاهيندڙن اسان جا قدم اکيڙي ڇڏيا ۽ اسان سنڌ کي ڇڏي، چئني طرفن ڦهلجي وياسين. پنهنجي حفاظت خاطر. ارغون، ترخان، ۽ مغلن جي دؤر ۾ ته اسان جو وجود ڪو نالي ماتر سنڌ ۾ رهيو. اسين ڇڻ اتي ۾ لوڻ جهڙا ٻه نه هئاسين. انهيءَ جو سبب اُتر اولهه جي جابر مسلمان حاڪمن جي ترار هئي ۽ جبر واري پاليسي هئي. پر جڏهن انهن کان سنڌ جي رهاڪن ڪلهوڙن واڳ واپس ورتي ته ڪين اسان جي ضرورت محسوس ٿي ۽ اسان جي واپاري طبقي کي ٻه سنڌ جي خلا ۾ سمائجي وڃڻ جي ضرورت محسوس ٿي. اسان پنجاب، ڪشمير، بلوچستان، مُلتان، جيلسمير ۽ ٻين راجستاني رياستن مان ڪهي آياسين ۽ سنڌ ۾ ڇڻ ڪيترين صدين ۽ ٿهَين کان پوءِ واپس ورياسين. انهيءَ وچ ۾ سنڌ جي آباديءَ جي اڪثريت يا ته ٻاهران آيل مسلمانن تي ٻڌل هئي. يا اصل سنڌي رهاڪن تي هئي جيڪي صدين جي سياسي توڙي تهذيبي عمل ڪري مسلمان ٿي چڪا هئا. جڏهن اسين ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ واپس ورياسين يا داخل ٿياسين ته اسان سنڌ ملڪ کي اپنائي، سنڌي ته ٿي وياسين پر اُتي جي ماڻهن سان ذهني طور ٽوڙڙو ويچو رکيوسين. جيڪو پوءِ وڌندو رهيو ۽ هاڻ ايترو وڏي ويو آهي. جو هڪ سؤ سالن کان پوءِ ٻه اسان جا قدم هن ڌرتيءَ تان وري اکڙجن پيا. انهيءَ ويڇي جا ڪارڻ ڪهڙا آهن. هڪ ته ظاهر ظهور اقتصادي آهي. اسين وڻج واپار ۽ پئسي ڏوڪڙ ۾، اصل رهاڪن کان مٿيرو ٿي پياسين ۽ انهيءَ جو قدرتي نتيجو اهو نڪرندو آهي ته اهڙا ماڻهو ڪمزورن جا حق غضب ڪندا آهن ۽ ڪين مُڏي ڪاتيءَ سان ڪهڻ شروع ڪندا آهن. انهيءَ ويڇي جو ٻيو سبب ۽ تمام اهم سبب آهي ته 1843ع ۾ مسلمان، انگريزن هٿان شڪست کائي سنڌ جي حاڪميت هارائي ويٺا. سنڌ جا ذري گهٽ واپاري هندو ۽ اعليٰ ذات جا ڪامورا هندو، وقت جي نزاڪت ۽ موقعي کي ڏسي، سنڌي ـــ ڇٽ خلاف انگريزن جو ساٿ ڏيئي ٻيهي رهيا. سنڌن نظر ۾ سنڌي مسلمان جاهل، ڇٽ ۽ نسورو ٻُوز هو ۽ ٽالپرن جي وقت ۾ حڪومتي برتريءَ ڪري، اسان جا ماڻهو ڪائنڻ خوش نه هئا. پر انگريز جا حامي بنجي، انهن جي تعليم ۽ سيپتا حاصل ڪري، هندو جت سنڌ جي ماحول ۾ تعليم يافته ۽ مالدار بنجي ويا اُت اڻ پڙهيل مسلم جي گهٽائيءَ جو ڪوبه خيال نه هو. ملڪي ۽ سياسي نظام ۾ تعليم ۽ پئسو تمام ضروري شيون آهن پر عوام جي مئجارتي سڀ کان وڏي حقيقت آهي. اڄ اسين انهيءَ بيماريءَ جي اؤج منجهه ڦاٿل آهيون، جيڪا انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ سان اسان کي وچڙي ويئي هئي.“

”اهي سڀ ڳالهيون صحيح آهن،“ ڄڳت جي ونيءَ چيو، ”پر اڄ ڪهڙي حقيقت سامهون آهي. اُن جي متعلق ڇا سوچجي؟“

”مون سوچيو آهي.“ ڄڳت چيو، ”تنهنجو پيءُ هيرانند بلڪل صحيح آهي. بهتر آهي جان ۽ مال جي حفاظت ڪجي. . . . . ۽ حفاظت واري جاءِ تي هلجي.“

”جي اوهان به ائين ٿا سوچيو ته پوءِ بابا جي مرضي آهي ته ملڪ نيٺ ورهاست ٿيندو. انهيءَ ڪري بهتر اهوئي آهي ته اڳواٽ بمبئي هلجي ۽ اتي سيٽل ٿجي. پوءِ جيڪڏهن حالتون سڌرن ٿيون ته موٽي اچڻ ۾ دير ناهي.“

”بلڪل صحيح آهي،“ جڳت چيو، ”پر هڪ ڳالهه ٻُڌي وٺ. آءٌ سنڌ نه ڇڏيندس. ڪڏهن ماڻهو پنهنجي وطن مان به لڏپلاڻ ڪندو آهي.“

”پوءِ......؟“

”پوءِ........ ٻه ڳالهيون آهن. هڪ ته تون به پل پنهنجن مائٽن سان بمبئي هلي وڃ ۽ حالتن سڌرڻ ڪان پوءِ موٽي اچ. يا مون سان گڏ هت رهجي پئو. جئين تنهنجي مرضي.“

جڳت جي اها ڳالهه هيرانند فئملي کي ڏاڍي ڏُکي لڳي. گهڻئي بحث ٿيا. اوڙي پاڙي جا وڏا وچ ۾ ويٺا. پر جڳت پنهنجي ڳالهه تي اٽل رهيو نيٺ اهو فيصلو ٿيو ته جڳت سندس زال ۽ پُٽ پل ڪجهه عرصي لاءِ سنڌ ۾ رهن. جي سنڌ ۾ حالتون سُڌري ويون ته سڄي فئملي موٽي ايندي......۽ جي سنڌ ۾ حالتون خراب ٿي ويون ته پوءِ جڳت پنهنجي ٻارن سميت بمبئي ويندو هليو. جڳت انهيءَ ڳالهه تي راضي ٿيو.

مهيني سوا کن ۾، سيٺ هيرانند، پنهنجي سموري موڙي، حفاظت سان بمبئي موڪلي ڏني. رڳو ڪجهه زمين ۽ هيرآباد وارو محل جهڙو گهر ۽ ڪجهه ڏنل قرض سنڌ ۾ رهجي ويا. مارچ 47ع جي پڇاڙيءَ ڌاري هو سڄي ڪٽنب سان ڪراچي پهتو ۽ اُت سندس جگري يار رميش لال جي گاڏي کاتي واري فليٽ ۾ ترسيو. رميش لال سيني لاءِ بحري جهاز ۾ ڪئبن بُڪ ڪرايو هو. کين ڏيڍ ڏينهن اُتي ترسڻو هو. رميش لال جو صدر ۾ وڏو ڪاروبار هو. ڪراچي شهر جي ڪپڙي جو ٻڌو واپار سمورو رميش لال وٽ هو. انهيءَ کان سواءِ رميش لال شهري ماڻهو هئڻ جي ناطي ڪري، زرعي زمين نه ورتي هئائين. کيس ٻهراڙيءَ جي ماڻهن سان ڏيتي ليتي يا لين دين رکڻ نه وڻندي هئي. هيرانند کي هميشهه ساراهيندو هو ته ڪئين نه انهن ڇتن سان مٿو کپائي ڪم ڪڍي ٿو. انهيءَ ڪري رميش لال زرعي زمين جي بدران ڪراچي شهر جي صدر، گاڏي کاتي ۽ سولجر بازار وارن علائقن ۾ چار پنج عمارتون خريد ڪري مسواڙ تي چاڙهي ڇڏيون هيون. هر بلڊنگ ۾ ائن کان سورهن کن فليٽ هئا.

صبح جو سيٺ هيرانند جي ڪٽنب کي ڪياماڙي وڃڻو هو جت کين ميڪنن ميڪنزي شپنگ ڪمپنيءَ وارن جي بحري جهاز ۾ سوار ٿيڻو هو. رات جو واهه جي ڪچهري ڄمي. جڳت به سهري کي الوداع ڪرڻ آيو هو. رميش لال پنهنجا ٻه يار هريچند ۽ موهن به گهرايا هئا. اُهي به ٻئي صدر ۾ وڏا واپاري هئا.

”يائو هيرانند،“ هريچند چوڻ لڳو، ”تون چڱو پيو ڪرين. مصيبت ٻڌائي ڪونه ايندي آهي. سياڻي الائي چا ٿي پوي. سڀ کان چڱي ڳالهه رميش اها ٻڌائي ته پئسو پائي سڀ اڳ ئي بمبئي پهچي چڪو آهي. پرديس ۾ پنهنجو پئسو سچو آهي.“

”ادا اوهان اڳ ۾ هلو،“ موهن به چيو، ”اسان به تياري ڪريو ويٺا آهيون. رڳو انهيءَ جانچ ۾ آهيان ته ڪو چڱو پارسي يا کوجو گراهڪ ملي وڃي ته صدر واري شاپ وڪرو ڪري بمبئي ۾ گڏجان. اسانجا سيڻ ۽ ڪي سؤٽ ماسات ته ڪڏهوڪا بمبئي ۽ احمد آباد پهچي به ويا.“

انهيءَ ڪچهريءَ ۾ جڳت ماٺ ڪريو ويٺو هو. کيس خبر هئي ته اها ڪچهري سنڌ جي ماڻهن جي نه پر سنڌ جي سيٺين جي هئي جن کي پنهنجي جان کان به اڳ پنهنجو مال وڌيڪ پيارو هو. هيرانند محسوس ڪيو پئي ته اها ڪچهري جڳت کي بنهه نه پئي وڻي پر هو ماٺ هو.

”ادا ھي منهنجو ناٺي جڳت آھي.“ هيرانند چيو، ”هي دنياداريءَ جي انھن سيني ڳالھين جي خلاف آھي جيڪي اسين پنهنجي جان ۽ مال کي بچائڻ لاءِ ڪريون ٿا. هن وانگر سنڌ اسان کي پياري آھي پر ھي آدرشي ماڻھو آھي. اسان جان ۽ مال بچايون پيا ۽ ھي آدرشن جي رُج ۾ رهڻ چاھي ٿو.“

”ڀائو جڳت،“ موھن چيو، ”اسين ڪراچي شهر ۾ رهون ٿا. هت مسلم ليگ وارن جي ڪهڙا سانپاھا آھن تن جي اسان کي خبر آھي. تنهنجو سهرو هيرانند صحيح ڪري ٿو. جان آھي جهان آھي. سنڌ اسان کان پري ناھي. حال احوال صحيح ٿيو تہ واپس اچڻ ۾ ڪا دير لڳندي؟ ٻيو تہ هيڏيون لکن جون پراپرٽيون ڇڏي وڃون ٿا سو آخر انھن جي پوئيواري بہ تہ ڪرڻي آھي.“

”اھا تہ صحيح ڳالھہ آھي،“ جڳت چوڻ لڳو، ”پر ڪانگريس وارا بہ انهيءَ لڏپلاڻ جي فائدي ۾ نہ آھن. مون تہ پڙھيو آھي تہ مهاتماگانڌيءَ جي بيان جي پنهنجي سياسي حيثيت آھي. پر هت حالتون خراب ٿين پيون. اسان هت رهون ٿا. اسان کي وڌيڪ خبر آھي.

جڳت ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

ٻئي ڏينهن سڀ ڪياماڙي بندرگاھہ تي پهتا. وڃڻ وارن ۽ موڪلائڻ وارن، ياڪر پائي، روئي هڪ ٻئي کان موڪلايو. سڄو جهاز ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور جي سيٺين ۽ کاڌي پيتي گهراڻن جي ڀاتين سان ڀريل ھو. سج لهڻ ۾ اڃا دير هئي ۽ جهاز ڏَڪي کان پرتي ٿيڻ لڳو. سيٺ هيرانند جي ڏيءَ مائٽن جو وڃڻ برداشت نہ ڪري سگهي ۽ اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. جڳت جي عجيب حالت هئي. ھو سمجهي نہ پئي سگهيو تہ هيءَ ڇا جي شروعات آھي. ديس جا ماڻھو ائين بہ ديس کي ڇڏيندا آھن ڇا؟

# 32

ٻئي ڏينهن جڳت پنهنجي فئمليءَ سان حيدرآباد موٽي آيو. هيڏو اجگر جيڏو گهر ٽن ڀاتين کي چڻ کائڻ پيئي آيو. جڳت پڻ مُنڊل هو. سندس ذهن تي ڪو بار محسوس ٿي رهيو هو. سندس زال لتا مائٽن جي وڃڻ کان پوءِ اُباٽڪي ٿي پئي. کيس ڪنهن به ڳالهه ۾ مزو نه پئي آيو. گهر جا سينگاريل ڪمرا، ورانڊا ۽ اڱڻ سڀ کيس کائڻ پئي آيا.

شام جو محمد بخش، ٽنڊي ولي محمد جو هڪ چڱو مڙس غلام شاهه ۽ جڳت جا ڪجهه شاگرد ساڻس ملڻ آيا هئا. جڳت جي چهري تي هميشهه وانگر مُرڪ هئي. هن سيني کي پليڪار ڪيو. سياري جي پڇاڙي هئي. پر سيءَ خير ڪا هئا. انهيءَ ڪري سڀ اڱڻ ۾ ڪُرسيون ۽ موڙا وڇائي انهن تي ويٺا هئا. لتا نوڪر هٿان پاپڙ ۽ گرم چانهه جا ڪوپ موڪليا. کيس خبر هئي ته ٻيا ڪٽي چانهه جا شوقين نه هجن پر محمد بخش ضرور چانهه پئيندو.

”پائو ڪراچيءَ مان موٽي آيا؟“ محمد بخش پُڇيو.

”ها يار . . . . . . .“ جڳت ٿڌو ساهه ڀريو.

”ابا مون ٻڌو آهي ته سيٺ وارا بمبئي هليا ويا آهن؟“ اچي سونهاريءَ سان غلام نبي شاهه پُڇيو.

”ها چاچا . . . . . . مڙيئي بمبئي جو چڪر هٽي واءُ سوا لهڻ ويا آهن چيائون پئي جلدي موٽي ايندا.“

”الائي پٽ ڪنهن پئي چيو ته سيٺ وارا لڏي هندستان هليا ويا آهن. چيائون پئي ته ملڪ ۾ اڌ ٿئي پيو. اسان وٽان ٽنڊي ولي محمد مان به سيٺ ڀڳوانو، مستري مهاراج، ڪپڙي وارو دولت رام ۽ ڪجهه ٻيا گهر به هندستان هليا ويا آهن. ڀلا ايڏي تڪڙ چو آهي؟“

”چاچا انسان جت لالچي ۽ بهادر آهي اُت خوف به جلدي وڪوڙي وجي ٿو. منهنجي سُهري شايد گهڻا پئسا جوڙي ورتا هئا. انهيءَ ڪري کيس خوف به گهڻو هو.“

”بابا ٻڌون پيا ته اوهين هندو سنڌ مان لڏي ويندا ۽ اوهان جي بدران هت اُتان جا مسلمان ايندا. اهو صحيح آهي؟“ غلام شاهه پُڇيو.

”چاچا اجا ته ڪا خبر پوي ئي نٿي.“ جڳت مُرڪندي چيو.

”بابا چون ٿا ته هت سنڌ ۾ ڪلمي گو پائر ايندا“ غلام شاهه چيو، ”اهو به ٺيڪ آهي. پر پُٽ ديوانن ۽ پائيبندن سان گڏ ته اسان جُڳ گذاريا آهن. پائرن کان به وڌ. پر هيءَ ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي اچي ته جناح صاحب ۽ گانڌي يا نهرو جي چوڻ تي ماڻهو پنهنجا گهر گهاٽ ۽ وطن ڇڏي وڃن. ائين ته ڪٿي به نه ٻڌوسين.“

سڀ کلڻ لڳا.

”سر اسان به ٻڌوسين ته اوهين بمبئي پيا وڃو . . . . .“ هڪ شاگرد پُڇيو، ”اسان کي اعتبار نه آيو.“

”نه بابا . . . . اهو صحيح ناهي.“

انهن شاگردن مان هڪ هندو ڇوڪر به هو تنهن چيو، ”سر منهنجا مائٽ به سنڌ ڇڏڻ جا سانباها ڪن پيا. اها چڱي ڳالهه آهي.“

جڳت جواب نه ڏنو پر مُرڪڻ لڳو.

غلام شاه وري چيو، ”پُٽ جڳت پلا ڇو هندو لڏڻ جي پيا ڪن. هت پاڻ وٽ ته امن آشتي آهي. اوهان جون نياٽيون اسان جون نياٽيون آهن. پاڻ ۾ پاپي اهڙي آهي جو مونکي ته ڪا اهڙي ڳالهه نظر نٿي اچي جو ائين پنهنجو وطن ۽ پنهنجو گهر گهاٽ ڇڏي وڃجي.“

ڪجهه وقت اهي ڳالهيون هلنديون رهيون. پوءِ سيني موڪلايو ۽ موڪلائڻ مهل، جڳت سيني کي پاڪر پاتو ۽ چيو: ”آءُ هت آهيان، آءُ سنڌ ڇڏي نٿو وڃان.“

سڀ هليا ويا. پر محمد بخش ويٺو هو.

”يار هنن سادن ماڻهن کي ڪير سمجهائي ته منهنجو سهرو مال دولت کي بچائڻ لاءِ وطن ڇڏي ويو ۽ پيا گهٽ پئسي وارا يا عام ماڻهو جڏهن اهو ڏسن ٿا ته هيرا آباد جو ڪروڙ پتي ۽ بيٺل ۽ هلندي پُڄندي وارو سيٺ هيرانند به پار پچا ساڻ ڪري لڏي ويو ته هوبه پنهنجي پچن جي سر جو سانگو ڪري لڏڻ جي تياريءَ ۾ آهن.“

”مسئلو ڳنڀير ٿيندو وڃي.“ محمد بخش چيو، ”ڳوٺن جا ڳوٺ ۽ ننڍا شهر به خالي ٿيندا وڃن. مسلمان زميندار خوش آهن ته گروي پيل زمينون، هندن جي وڃڻ ڪري، کين واپس ملنديون ۽ قرض به سڀ لڙهي ويا. اهڙن ماڻهن لاءِ ته پاڪستان رحمت جو سبب بنجي پيو آهي.“

”سڀ کان وڏي ڳالهه ته ائين وطن کان بي وطن ٿوري ٿبو آهي.“ جڳت ٿڌو ساه پريو.

# 33

آگسٽ 1947ع کان پوءِ سنڌ ۾ عجيب واقعا رونما ٿيڻ لڳا. سنڌ جا مسلمان، ڪيترن سؤ سالن کان گڏ رهندڙ هندو پاڙن، دوستن ۽ سڄڻن کي پنهنجي حفاظت ۾، دلاسن سان ۽ پنهنجائپ وارا احساس ڏياري، ياڪر پائي، روئي، حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي يا ڪراچي بندرگاهه تي، واپس ورڻ جي آسرن ۾ الوداع چئي رهيا هئا ته ٻي پاسي هندستان مان ايندڙ ڪلمي گو پاڙن کي، ريلوي اسٽيشن ۽ بندرگاهه تي، دل و جان سان آڌرڀاءُ چئي رهيا هئا. شايد دنيا جي تختي تي اهڙي لڏپلاڻ يا ٻئي ملڪ منجهان آمد نه ٿي هوندي جت ملڪ جا ماڻهو ويندڙن سان روئي موڪلائن ۽ ايندڙن مان به ارها نه هجن. اهو جذبو سنڌ ملڪ جي عام رهاڪو جو هو جيڪو سادگيءَ جي معراج جو مثال هو ۽ جنهن ڪنهن سان نفرت ڪرڻ سکي ئي ڪانه هئي. جيڪو ”آٽيون ۽ چاڙهيون ڏٺ ڏهاڙي سومرا“ واري عمل تي يقين ڪندو هو. جيڪو رضا تي راضي رهڻ وارو هو ۽ جنهن پنهنجن وڏن کان به ڪنهن جي لاءِ نفرت جو سبق نه سکيو هو.

هندن جي وڃڻ ڪري ي شهر ۽ وستيون سيئي خالي ٿي ويون. سنڌ جي عام مسلمانن جي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ به اهو گمان نه هو ته ائين خالي پيل محلاتن جهڙا گهر ۽ سڄي بازار جا لاوارث پيل دڪان والارجن يا قبضو ڪري ويهن. پاڻ هزارن لکن ۾ ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جهڙن مثالن ۾ به اوسي پاسي جي ماڻهن، اهڙن قبضي ڪندڙن کي نِنديو ۽ اهو به چيو ته بابا پرائي شئي آخر پرائي آهي. اسين ڪئين ڏاڍ مُرتسي ڪري اهي گهر يا دڪان ڦٻائي وهنداسين. ڪي اهڙا به ماڻهو هئا جن کي هندن جي واپاري ذهنيت جا هٿ لڳل هئا تن چيو پئي: غلط ڪم هميشهه غلط هوندو آهي. اڄ ديوانن جا دڪان ۽ گهر کولي، تالو ڀڃي ويهي رهون ٿا. پر ڀڏو نه اٿو ته واڻيو ۽ سيارو ڪسر نه ڇڏيندو آهي. سو بابا اهي ديوان موٽي ايندا ۽ پوءِ پوليس چڙهائي سڀ ڪجهه مال واپس وٺندا ۽ وياج به ڪونه ڇڏيندا. واڻين جا هانوَ ڦاٽي پوندا، هيڏا پريل پُڪيل گهر ۽ واپار ڇڏڻ تي. اسان کي يقين ڪونه ٿو اچي.

پوءِ........

سنڌ هڪ ڀيرو وري پنهنجي تاريخ جو هڪ بي مثال حال ڏٺو. 1947ع کان 1960ع تائين هڪ عجيب دؤر هليو. 47ع کان پوءِ سنڌ جي شهرن ۾ ، اپرنديءَ ۽ اُتر کان ريل گاڏيون ڀرجي پهتيون هيون ۽ ڏکڻ کان سامونڊي جهاز ۽ هوائي جهاز ڀرجي بندرگاهه تي پهتا هئا. حيدرآباد، ميرپورخاص، سکر ۽ ڪراچيءَ جا سمورا اسڪول ڪئمپ بنجي ويا. هندستاني مسلمان پناهه گيرن جي صورت ۾ لکن جي تعداد ۾ اچي پهتا ۽ شهرن ۾ پوءِ آبادڪاري شروع ٿي. مسلم پاڙن کي خالي گهر جون چاٻيون مليون ۽ جت چاٻيون نه هيون اُت تالا ٽوڙيا ويا. شهر ۾ الله اڪبر، مسلم ليگ زنده آباد ۽ اسلام اخوت

۽ پائيچاري جا نعرا ڦهليل هئا. هڪ نئون سماج پنهنجي جوڙجڪ جي مرحلن ۾ هو. سنڌ جو مسلمان، تاريخ جي هن موڙ تي بہ خاموش تماشائي وانگر هو. پر عام طور تي ماڻهو سَرها هئا تہ هاڻ سنڌ سچي اسلام جي پوءِ لڳ ٿيندي ۽ اسلامي قائدا قانون نافذ ٿيندا. ڌارين انگريزن ۽ هندن جي طوق مان نڪتا ۽ سنڌ جڻ آزاد ٿي. اُها سنڌ جيڪاچئجي ٿو قيامت کان چاليهہ سال اڳ غرق ٿيندي، تنهن لاءِ قدرت بندوبست شروع ڪري ڏنا هئا تہ جئين گناهگار مسلمان، ڌرتيءَ جي غرق ٿيڻ يا قيامت جي مقرر تاريخ کان چاليهہ سال اڳ پنهنجي انجام کي پهچن. قدرت جي مرضي هئي چاليهہ سال وڌيڪ پيڙا يو ڳين. هونئن وطن ڇڏڻ کان وڌيڪ پيڙا ٻي ڪهڙي آهي؟ ان کان وڌيڪ قيامت ڪهڙي آهي؟

حيدرآباد شهر جي ريلوي اسٽيشن تي ڏاڍي گهما گهمي هئي. هندستاني مسلمان پناهہ گير نہ رڳو پليٽ فارمن تي سٽيل هئا پر اسٽيشن جي چؤڌاري کليل ۽ ڍڪيل جڳهين تي ٻارين ٻچين لٿل هئا. اسٽيشن جي سامهون پراڻي راڻي باغ منجهہ سموري ايراضيءَ تي پناهہ گيرن جا ڪٽڪ اچي مُڙيا هئا. مڪاني سياسي ۽ سماجي ورڪر سيني ڪٽنبن کي هندن جي خالي ڪرايل عمارتن منجهہ آباد ڪرڻ ۾ رُڌل هئا. سندن ذهنن ۾ اسلامي پائيچاري ۽ هڪ نئين مذهبي سماج ۽ ايندڙ دؤر جا خواب سمايل هئا. پراون سان گڏ ڪيترن هندو دوستن، پاڙيسرين ۽ ٻين واقعن جون يادگيريون پڻ سمايل هيون. سندن چڱاين، يارين دوستين ۽ گڏ گهاريل ڏينهن ۽ واقعن کي ياد ڪري چوندا هئا تہ يار ديوان ڪيڏانهن ويندا. هيڙيون عمارتون، دڪان ۽ ٿڌيون هوائون ڇڏي ڪٿين سک سان ويهندا. نيٺ اباڻي پار موٽندا.

اسٽيشن ۽ ٻين ڪئمپن تي چوويهہ ڪلاڪ ميل وانگر گپاگيهہ لڳل هئي ۽ شهر جا سرنديءَ وارا روز ديڳن تي ديڳون لاهيندا هئا تہ جئين لُٽجي پٽجي آيل پائرن کي پنهنجائپ جو احساس ڏياري سگهن. ٻيا عام ماڻهو، پاڙن منجهان چندا ڪري، ڪاڌي پيتي جو سامان، لٽو ڪپڙو ۽ ٻين روز مره جي ضرورتن وارن شين کي ڪئمپن تائين پهچائيندا هئا.

اُن زماني جي حالتن جو ذڪر ڪندي، مشهور اردو ليکڪ ۽ سرڪاري آفيسر قدرت الله شهاب، پنهنجي زندگي نامي منجهہ لکيو آهي تہ 47ع ۾، هڪ ڏينهن بندر روڊ تان ڪجهہ اُٺ گاڏين کي ويندي ڏٺو جن تي سنڌ منجهان لڏيندڙ هندن جو سامان، بندرگاهہ ڏانهن ويو پئي تہ جئين هو سامان سوڊو بحري جهاز ۾ چڙهي بمبئي وڃي سگهن. سندس هڪ دوست اهو ڏسي چيو تہ هندو ڪيترو نہ آرام سان ۽ بي خوف وڃن پيا ۽ مسلمان ڪيترو نہ خونريزي ۽ افراتفري وارين حالتن ۾ ڪيتريون جانيون وڃائي هِت پهچن ٿا!

ٻئي هڪ سي ايس پي آفيسر الطاف گوهر پنهنجي يادگيرين ۾ لکيو آهي تہ 1954ع ۾ جڏهن هو ڪراچي ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر هو تہ کيس ائين محسوس ٿيندو هو تہ جهڙي ريت ڪراچي شهر کي، هندستان مان ايندڙ پناهہ گير والارين ٻيا ۽ جهڙي ريت مڪاني سنڌي پوئتي پئجي رهيا آهن تہ شڪ ناهي ڪجهہ سالن ۾ ڪراچي شهر ۾ سنڌي ماڻهن جو نالو نشان ئي نہ رهي!

# 34

پوءِ ائين ئي ٿيو.

اوڻهويهه سئو سٺ ڌاري معاملو گهڻي حد تائين ظاهر ٿي چڪو هو. حيدرآباد شهر نه رڳو سنڌ جو مرڪزي شهر هو پر هندستان مان ايندڙ پناهه گيرن جي اڪثريت وارو شهر بنجي ويو. ائين ئي جئين 14 آگسٽ 47ع کان اڳ هندن جي اڪثريت وارو شهر هو. شهر جا گهر ۽ چڏيل ڪاروبار، امانت يا سلامت طور هندستاني مسلمانن کي ڏنا ويا يا سرڪاري قائدن قانونن هيٺ، اهي ملڪيتون اڳ ئي پنهنجن نون مالڪن جي اوسيئڙي منجهه بند هيون. شهر جا سمورا پاڙا جت هندن جي اڪثريت هئي اتي هندن کان به ٻيڻ ٽيڻ تي مسلمان اچي پهتا هئا. جي هڪ وڏي گهر ۾ هڪ هندو سيٺ ۽ سندس ٽي پرٽيل پُٽ رهندا هئا ته هاڻ اهو شاهي گهر چئن پناهه گير ڪٽنبن کي الاٽ ڪيو ويو هو. هيرآباد، عامل ڪالوني، تلڪ چاڙهي ۽ ان جي اوسي پاسي وارو علائقو، سرگهاٽ ۽ ان کان وٺي قلعي تائين ڏيڍ ميل ڊگهي بازار جي ٻنهي پاسن جي گهٽين ۾ اُن ۾ آباد پاڙن تي، پارٽ منجهان آيل مسلمانن جو قبضو ٿي چڪو هو. ويسٽ ڪچي واري ايراضيءَ ۾ به اڪال پونگي واري ايراضي، پوهه ڪياٽي بلڊنگ، لجپت راءِ روڊ، چوٽڪي گهٽيءَ جي هيٺ ٻنهي پاسن ۽ چاوڙيءَ جي سامهون وارن گهرن، ٽوڙي فوجداري روڊ تي اسٽيشن تائين جا علائقا سڀ والارجي چڪا هئا. شهر جي اُيرندي حصي منجهه پڇرا پور ۽ ٺوڙهيءَ چاڙهيءَ جي هيٺ ٻنهي پاسن کان، تاراچند اسپتال، ڪيانتو چوڪ، نشاط سئينما ۽ ڪئپٽل سئنيما ۽ ٽئين نمبر تلاءُ وارن علائقن ۾ به ڳتيل آبادي وجود ۾ اچي ويئي. ڦليلي واهه جي اوپر پاسي سڄي آبادي خالي ٿي چڪي هئي. سواءِ مرزائن جي ٽندي ٺوڙهي، پٺين جي ڳوٺ ۽ ڪجهه ايڪڙ ٻيڪڙ گهرن جي. اُت به سمورا پاڙا پرجي ويا. سڄي شهر جي آبادي، 47ع جي مقابلي ۾ ٽيڻ چؤڻ تي ٿي پئي. تنهن هوندي به مسلمان پائر برابر ريلن ۾ پرجي ايندا رهيا. 54ع يا 55ع ڌاري سنڌ حڪومت حيدرآباد جي اولهه ڏکڻ ۾، اميدن پرئي جي درگاهه کان ٽورو پرپرو ريلوي لائين جي ٻئي پر هڪ ٻئي شهر اڏڻ جو پروگرام رٿيو. شهر جو نالو شاه لطيف آباد رکيو ويو. ٽالپر حاڪم گهراڻي جي هڪ سائين پنهنجي هزارين ايڪڙ زمين انهيءَ نيڪ مقصد لاءِ حڪومت کي سوڪڙيءَ طور ڏني ۽ نئون شهر اڏجڻ لڳو. اهڙيءَ طرح ميمڻ پاڙي کان هيٺالي واري علائقي منجهه پڻ لياقت ڪالوني آباد ٿيڻ لڳي جيڪا ڦليلي جي ساڄي ڪپ سان وڃي لڳي.

شهر جي اصلوڪن سنڌين جا اهي ئي پاڙا ۽ گهٽيون ۽ ڪٿي ڪٿي ايڪڙ ٻيڪڙ گهر وڃي رهيا . . . . . ۽ پوءِ ائين ٿي ويو جئين اڳ هو. يعني 47ع کان اڳ ۾ جيڪو سنڌ جو وچولو طبقو يا هيٺيون وچولو طبقو هندن جو هو سو پارٽ هليو ويو ۽ انهن جي جڳهه تي هندستان مان آيل گهڻي قدر هيٺين طبقي پري ۽ هٿ پاڪستان ۾، سنڌ ۾ هڪ نئين وچولي طبقي جو بنياد پيو.

1960ع کان پوءِ ائين ٿيو جو شھر جي ميونسپالٽين ۾ سنڌي ڳالھائيندڙ مسلمانن جا اھي ٿي ڪجھ ميمبر رھيا جيڪي اڳ ھندن جي زماني ۾ ھوندا ھئا. شھر جي دڪانن، عام جڳھين، سئنيمائن، چونڪن، آفيسن، اسڪولن ۽ ڪاليجن جا بورڊ سڀ اردو ۾ لکجڻ لڳا ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل پراڻا بورڊ يا تہ پيتين تي ڪنھن حڪيم جا مرداني طاقت واپس ڏيارڻ وارا سونھري قول يا تہ ھٽايا ويا يا وري وقت سان گڏ ميسارجي ويا يا وري نئين رائج ٿيل ٻوليءَ ۾ لکيا ويا.

ريڊيو تان اردو پروگرام، ڊراما ۽ فلمي گانن جا فرمائشي پروگرام عام ماڻھن جي وندر ۽ ڄاڻ لاءِ وڏا ذريعا ھئا. ريڊيو ۽ فلم، سنڌ جي ڪلچر تي وڏو اثر ڇڏيو. ان کان علاوہ اردو پڙھيل لکيل ڇوڪرين جي سوشل زندگي ۾ سماج ۾ ھڪ عجيب وٽندڙ ڪشش ھئي. گھڻا پڙھيل لکيل يا زميندار ۽ پير مير نئين دؤر جون پڙھيل ڇوڪريون پنھنجي گھرن ۾ آڻڻ لڳا. ائين گھرن ۾ اردو، باقاعدي داخل ٿي نہ تہ سنڌي گھرن ۾ اردو، ريڊيو يا اخبارن ذريعي داخل ٿيندي رھندي ھئي. اردو ڳالھائڻ، پڙھيل ڳڙھيل ۽ مھذب گھرن ۽ فردن لاءِ وڏماڻپي جي نشاني بنجي پئي. اسڪولن ۾ جت سنڌي لازمي مضمون ھو اُت اردو، قومي زبان ھئي. سڄي آفيسر شاھي ھندستان مان آيل ھئي، تن سڀني کي ياتہ انگريزي زبان آئي ٿي يا اردو. انھيءَ ڪري اردوءَ کي سڄي ملڪ جي قومي زبان بنايو ويو.

# 35

1962ع جي جولاءِ مھيني جي ھڪ شام ھجي. پوڙھو عبدالھادي گھران نڪتو ھو ۽ پير پير ۾ ڏئي پڙ ڏانھن آيو ھو. سج لھي چڪو ھو ۽ شام جون ٿڌيون ھوائون لڳيون پئي. پڙ ۾ آنگاس جي ڪابي پاسي پيروءَ جي سيڊي واري دڪان سان لڳ ڪاٺ جو صندل پيل ھو جت سومھڻيءَ واري نماز تائين جھونن يا نوجوان ڇوڪرن سان زماني جو واءُ سواءُ وٺندو ھو. نماز پڙھي وري واپس گھر روانو ٿيندو ھو. پريان ڪورين جي پڙ ۾ رونق گھڻي ھوندي ھئي جت آمھون سامھون ٻه ھوٽلون ھيون ۽ سج لٿي کان پوءِ سڄو چؤڪ ماڻھن سان پريل ھوندو ھو. حيدرآباد شھر جون ٿڌيون ھوائون لڳنديون ھيون ته شھر جي ماڻھن جي دلين ۽ دماغن ۾ ٿڌڪار ۽ ھڪ ٻئي لاءِ سِڪ ۽ نئڙت گھڻي پيدا ٿيندي ھئي. ڪورين جي پڙ ۾ رمونءَ جي جھوپڙا ھوٽل ڏاڍي مشھور ھوندي ھئي. شھر جي ڪنڊ ڪڙڇ مان شوقين ڪِھي اچي ھت ماني کائيندا ھئا. ڪورين جي پڙ جا پڪوڙا به ڏاڍا مشھور ھئا.

واڍن جي پڙ ۾ صندل تي پوڙھو عبدالھادي پنھنجن ھم عمر سنگتين سان ويٺو ھو. ھو ڏھاڪو سال کن ٿيا ھئا ته نورمحمد ھاءِ اسڪول مان ريٽائر ٿيو ھو. اُن کان پوءِ به گھر تي ڇوڪرن کي امتحانن جون تياريون ڪرائيندو ھو. پر ھاڻ ڪجھه سالن کان نور ساٿ ڇڏي ويو ھوس ۽ اخبار به ڪانه پڙھي سگھندو ھو. ڪيڏانھن اڪيلو وڃڻ کان به ھاڻ ڪيٻائيندو ھو. محمد بخش به ھاڻ شھر جي ٻئي حصي لطيف آباد ۾ رھندو ھو. اھو به ريٽائرمينٽ کي ويجھو اچي پھتو ھو. اڄڪلھه ٽنڊي محمد خان جي انٽرميڊيئيٽ ڪاليج جو پرنسپال ھو ۽ روز ٽنڊي وڃي، شام جو ورندو ھو.

صندل تي اُستو قادر بخش سندس ننڍو ڀاءُ پيرو ۽ ٻه نوجوان ويٺا ھئا. اُستو قادر بخش ٻه ٽي واجبي درجا پڙھيل ھو پر واڍڪي ڪم جي بي مثال ڪاريگر ھو. سندس ٽي پُٽ ھئا. ٻه پڙھندا ھئا ۽ ھڪ کي پاڻ سان گڏ ڪم تي وٺي ويندو ھو. شريف انسان ھو. پاڻس به واڍڪو ڪم ڪندو ھو پر شام جو روز سڄي پاڙي کي گاريون ڏيندو ھو. گارين ڏيڻ لاءِ سج لٿي کان پوءِ گھران وھنجي سھنجي، جوءِ کي ڳنڍڻ ۽ سيڊي سڙي جا پئسا ڏيئي، آجو ٿي پوءِ مارڪيٽ ٽاور جي پرسان سجاناڻين جي گٽي تي وڃي ڪنٽري ڳاڙھي شراب جي بوتل اڌ يا سڄي، پي اُتائين پاڙي وارن يا ھر انھيءَ سجاٽپ واري تي گار جي رئي لائي ڏيندو ھو جن لاءِ سندس دل ۾ ڪا اوڌر رھيل ھوندي ھئي. اڳ ۾ پوليس وارن کي به گاريون ڏيندو ھو پر ھڪ ڀيري پوليس وارن سڄي رات مارڪيٽ ٿاڻي جي لاڪپ ۾ ڪيس ٺاھوڪي مار ڪڍي ھئي ۽ اُن مار کان پوءِ پوليس وارن کي، رات جو پيئڻ کان پوءِ ڏُر نه ٻٽائيندو ھو. اُستي قادر بخش جي ڀاءُ جو نالو پير بخش ھو پر سڏبو پيرو جي نالي سان ھو. پاڪستان ٺھڻ کان پوءِ ٻن ٽن سالن تائين نماز ۽ روزي جو پابند ھو پر پوءِ نماز پڙھڻ بند ڪري ڇڏيائين، چوندو ھو: "ڀائو اسين سنڌي اڳ ئي ٻري سور سان نماز پڙھندا ھئاسين. ڪو واندو ھوندو جو پنج ئي وقت پڙھندو ھجي نه ته ھڪ ٻه وقت مڙئي قضا ٿي ويندا ھئا. الله سائين به اسان مولائين مسڪينن کي معاف ڪندو رھندو ھو. پر ھاڻ مسلمان

پائرن جي اچڻ کان پوءِ ته ائين ٿو لڳي چڻ اسين سڀ هسٽري شيٽر آهيون ۽ عرش تي به مارڪيٽ ٽاٽي وانگر سيني جو ڪاتو ڪلي ويو آهي. . . . . . ۽ مُلي کي چڻ ايس ايچ او جا اختيار ملي ويا آهن."

"ابا پيرو . . . . . !" عبدالهادي چيو، "اڄ تون هٽ پيو ڏسجين، خير ته آهي."

"چاچا سائين، هڪ ته لڱ مڙيئي گرم آهن پيو پيٽ به صحيح ناهي. ٻه ٽي ٽڪا ٽڪيون شام تائين ٽي چڪيون آهن." پيروءَ چيو، "پر سڀ کان وڏي ڳالهه ته کيسو به خالي آهي."

"جي کيسو پريل هجيس ها ته ضرور گٽي تي وجي ها." اُستي قادر بخش چيو.

"پر پُٽ شراب پيئڻ مان مزو ڪهڙو ٿو ملي؟" عبدالهادي چيو.

"چاچا سائين گستاخي معاف." پيروءَ چيو، "ٻه گلاس پي ڏس ته خبر پوندئي، باقي ٻڌائڻ مان ڪهڙو مزو."

عبدالهادي کلڻ لڳو، "يار سچي پُڇين ته مونکي سڄي عمر خيال ئي نه آيو ته شراب به ڪا واپرائڻ جي شئي آهي نه ته جوانيءَ ۾ ڪٽي ماڻهو ٻه ڏُک چکي وٺي ها."

"چاچا سائين گستاخي معاف." پيروءَ وري هٿ ٻڌا، "چڱو ڪم ته ماڻهو ڪڏهن به ڪري سگهي ٿو."

"حرامي." اُستي قادر بخش رڙ ڪئي، "تنهنجي مرضي آهي ته هن بزرگ کي به پيريءَ ۾ خوار ڪجي. هاڻ وڏيڪ بڪ نه ڪر."

عبدالهادي کِلڻ لڳو

"يار هن عمر ۾ منهنجو به پيٽ خراب رهي ٿو نه ته تجربو ڪٽي ڪريون ها."

"ها چاچا سائين اوهين ته ويندا جنت ۾. اُت ملنديون حوريون ۽ طهورا شراب. جي اڳ پيتل نه هوندا ۽ ڪو آزمودو نه هوندو ته الله جو سُنهن ڏاڍي ڏُکيائي ٿيندئي. اسان موالين جي به ڳالهه مڃو."

عبدالهاديءَ وري ٽهڪ ڏنو.

"ابا جنت اسان جي نصيب ۾ لکيل ناهي." عبدالهاديءَ چيو، "اسان رڳو عذابن کان بچي وياسين ته به سمجهه ته ڪٽيوسين. مزي جهڙي ڳالهه اها آهي ته مون واري گهر واريءَ جو نالو به جنت هو. سو سمجهان ٿو ته رب سائين اڳ ئي مونکي جنت الاٽ ڪري ڇڏي هئي. سو هاڻ جنت جي ڪا خواهش ناهي. رڳو رب ڪري ته پنهنجن جي هٿن ۾ سرهو ٿيان."

عبدالهادي سندس پر ۾ هڪ نوجوان ڇوڪر ڏانهن مُڙيو.

"ها پُٽ تو سويل چا پئي چيو؟"

"ها چاچا سائين." نوجوان ڇوڪر چيو، "مون اهو چيو پئي ته سياڻي مون سان گڏجي پنهنجي ٽڪ جي بي ڊي ميمبر ڏانهن ته هلي منهنجي سفارش ڪريو ته جئين مونکي هن پاڙي جو رهائشي سرٽيفڪيٽ ڏيئي."

"چو پُٽ توکي بي ڊي ميمبر ٽتو سڃاڻي، نڪو تنهنجي پيءَ کي؟"

"چاچا مونکي ته ڇڏيو پر بابا کي به ٽتو سڃاڻي جنهن کي سڄو ڪورين جو پڙ سڃاڻي ٿو."

"يلا بي ڊي ميمبر ڇئي چا ٿو؟" عبدالهاديءَ چيو.

"ڇئي ٿو ته آءُ گهٽ ماڻهن کي سڃاڻان ٿو ۽ عبدالهادي صاحب کان تصديق ڪرائي اچ."

عبدالهادي مُرڪڻ لڳو.

"يار سليم خان، جيڪڏهن غلام علي ميمڻ جي پُٽ کي رهائشي سرٽيفڪيٽ ملڻ لاءِ بي ڊي ميمبر ڪبيرالدين احمد صاحب جي ٺپي وارو پنو ضروري آهي ۽ ڪبير الدين، الائي ڪيترين پيڙهين

ڪان هٿ رهندڙ غلام عليءَ ڪي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ لاءِ منهنجي شاهدي پيو گهري ته پوءِ پُٽ سمجهه سنڌ ۾ قيامت جا تڏا چاڻ ويڙهبا.“

پيروءَ وچ ۾ ڳالهايو: ”چاچا سائين انهيءَ بي ڊي ميمبر جو پُٽ اڄ اسان جو پيالي يائي آهي. پٽس اڇي سونهاري ۽ لُنڊي پاجامي سان سڄو ڏينهن پيو درود پڙهندو آهي ۽ پنهنجي سيڏي واري دڪان تي تور ۾ پيو گهوبيون هٽندو آهي.“

”بابا ڪنهنجي عيبن بابت زبان ڪونه ڪولبي آهي. اجايو پاڻ کي گناهه گار نه ڪريو.“ عبدالهاديءَ چيو. ”ابا سليم صبح جو اڄجاڻ ته هلنداسين انهيءَ بي ڊي ميمبر ڏانهن.“

ٻئي ڏينهن خميس هئي ۽ سنجها مهل محمد بخش به عبدالهادي سان ملڻ آيو هو. محمد بخش عمر جي پنجين ڏهاڪي جي وچ وارن سالن ۾ هو پر سندس صحت تنهن هوندي به ڏاڍي چڱي هئي. هو پنهنجن ٻارن سان گڏ لطيف آباد جي ڇهين نمبر ۾ وڃي آباد ٿيو هو. شهر جي گپا گيهه ۽ گهٽين جي ڳتيل آباديءَ کان پري، صاف ستري آبهوا ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن سان گڏ رهندي کيس چار پنج سال ٿي چڪا هئا. سندس ٻه پُٽ عامر ۽ سُهيل 1961ع ۽ 1962ع ۾ نورمحمد هاءِ اسڪول منجهان ميٽرڪ پاس ڪري، سچل سرمست آرٽس ۽ سائنس ڪاليج ۾ پڙهي رهيا هئا. محمد بخش جو خيال هو ته انهن ٻنهي مان هڪ پُٽ مرڪزي سرڪار جي اعلىٰ ملازمتن جي مقابلي ۾ شريڪ ٿي سي ايس پي آفيسر بنجي ۽ ٻئي پُٽ سُهيل کي چيو هئائين ته انٽر پاس ڪري پنهنجي مرضيءَ مطابق ميڊيڪل يا انجنيئرنگ ۾ وڃي. سندس پُٽ عامر ڏاڍو هوشيار ۽ پنهنجي ڪاليج جي يونين ۾ سوشل سيڪريٽري به چونڊيل هو.

عامر به پنهنجي پيءُ سان گڏ عبدالهاديءَ سان ملڻ آيو هو. اڄ عبدالهاديءَ جي طبيعت مڙئي ڪجهه سُست هئي. عبدالهاديءَ کي محمد بخش جو پُٽ عامر ڏاڍو وڻندو هو ۽ چوندو هو ته ابا محمد بخش عامر ۾ مونکي وڏيون اُميديون آهن. هن جي ڳالهين ۾ مونکي انقلاب جي خوشبو اچي ٿي. هن همراهه کي ناراض نه ڪجائين.

عبدالهادي پنهنجي گهر جي ويڪري اڱڻ ۾ هڪ پاسي پيل کٽ تي ويهاڻن جي ٽيڪ تي ويٺو هو. سندس کٽ جي اڳيان ٻه ٽي موڙا پيا هئا. جن مان هڪ تي محمد بخش ويٺو هو ۽ عامر، عبدالهادي واري کٽ تي ويٺو هو.

”ڏاڏا اوهان جي طبيعت ٺيڪ ناهي،“ عامر چيو، ”هلي ڪجهه ڏهاڙا اسان وٽ رهو.“

”يار عامر جيترا ڏينهن چوندين اوترا ڏينهن تو وٽ هلي رهندس تون ته منهنجو جاني پُٽ آهين.“ عبدالهادي چيو. ”ڪالهه يار غلام علي ميمڻ وارو پُٽ سليم مليو هو. چئي پيو ته بي ڊي ميمبر سندس رهائشي سرٽيفڪيٽ جي تصديق نه پيو ڪري. سو اڄ صبح جو آءٌ هن سان گڏجي پاڙي جي بي ڊي ميمبر وٽ ويو هوس.“

”ماما بي ڊي ميمبر ڪير آهي؟“ محمد بخش پُڇيو.

”پُٽ هندستان مان آيل مسلمان آهي. ڪبير الدين احمد. چڱو ماڻهو آهي. مونکي لڳي ايماندار ٿو. ڪورين جي پڙ کان ٿورو پرتي سيڏي جو دڪان به اٿس ۽ ديوان پرتاب مل وارو محل جهڙو گهر کيس الاٽ ٿيو آهي.“

”ڏاڏا هٿ سنڌين جي پاڙي ۾ به بي ڊي ميمبر هندستاني آهي؟“ عامر پُڇيو.

”پُٽ اڳ به هٿ چؤطرف هندو يائيبند رهندا هئا ۽ هاڻ به انهن جي جڳهن ۾ سڀ هندستان مان پناهه گير اچي لٿا آهن. يائيبند جنهن گهر ۾ چار هئا اُت هاڻ چوڏهن ياتي رهن ٿا. سو اليڪشن ۾ پاڻ وارو الهه وڏايو ميمڻ بيٺو ته هو پر ووٽ پنهنجن به خير ڪا ڏنس. ٻيو وري اهو هندستاني ڪبير الدين

مولوي ماڻهو آهي. چڱو به آهي. سيني سان خوش خير عافيت به ڪندو آهي. ميمڻ جو ته دماغ ئي آسمان تي آهي. ٻه پئسا ڇا اچي ويا اٿس جو ڪنهن کي پاڻ جهڙو سمجهي ئي ڪونه ٿو. خير غلام عليءَ جي پُٽ سان گڏ ويو هوس. ڪبير الدين ڏاڍي عزت سان مليو ۽ ٻي ڪنهن وڌيڪ چُنبڙ ڇاڻ ڪان سواءِ ئي سليم کي نه رڳو رهائشي سرٽيفڪيٽ پر سندس چڱي چال چلت جي تصديق پڻ ڪري ڏنائين. مون کي به چانهه سان گڏ پان کارايائين. پر يار پان هٽي وات چلي ڇڏيو. ٻيو اڄ ڪجهه بخار به اٿم.“

محمد بخش پان واري ڳالهه تان کلڻ لڳو.

”پر ڏاڍا سائين اسان هت صدين کان رهون ٿا،“ عامر چيو. ”۽ هاڻ هي ٻاهران آيل ماڻهو ايڏا معتبر ٿي ويا آهن جو اسان کي انهن جو سرٽيفڪيٽ کپي.“ ”پُٽ قانون مطابق ڳالهه آهي.“ عبدالهاديءَ چيو، ”باقي پاڻ سنڌين جو حال به پورو سارو آهي. هت واڌن جي پڙ ۾ سيني گهرن ۾ اڃا به لالٽين ٻرن ٿا. بجلي لاءِ تمام گهٽ ماڻهن درخواستون ڏنيون آهن. مون، اُستي علي محمد، نبن ڪاسائي ۽ ڪجهه ميمڻن گهرن جي سار سنڀال لڏي آهي يا نوان گهر ٺاهرايا آهن. باقي سيني جا گهر ميرن جي صاحبيءَ واري زماني کان ساڳيا ٽيڪي ۽ گاري جا ٺهيل آهن. پنهنجي حالت سڌارڻ لاءِ تيار نه آهن. صبح جو ڏس ته ڪيترا ٻار گهٽين ۾ پيا گولين راند ڪُڏن. اسڪول اڳ هندن جي ٻارن سان ڀريا پيا هئا. هاڻ هندستان مان آيل مسلمانن جي ٻارن سان ڀريا پيا آهن. مون ڏٺو ته هندستان مان آيل به گهڻا پوڙها توڙي جوان گهڻو ڪري اسڪول جا پڙهيل ناهن. پر هاڻ سندن ٻار اسڪول وڃن ٿا. جي گهٽيءَ ۾ ڏهه ٻار اسڪول جي وقت راند ڪندي ڏسين ته انهن ۾ ٻه پناهه گيرن جا هوندا ته اٺ اسانجا هوندا. سو پٽ قائدي منجهه فائدو آهي.“

”ماما اوهانجي هاڻ اهڙي عمر ناهي جو هرويرو ڳڻتيون ڪندا وتو. اسين وڏا آهيون اهي اسان جي مٿي جا سور آهن. پر اڄوڪي سنڌ ۾ حالتون بدلجن پيون، ايندڙ ڏهه سال فيصلو ڪندڙ هوندا.“

”بابا اڄ ته سنڌ جو نالو ختم ڪري ڇڏيو اٿن.“ عامر ڳالهايو.

”پُٽ اهو سنڌ سان وڏو ظلم آهي.“ محمد بخش چيو. آءُ سمجهان ٿو اسان کي جلدي ڪي فيصلا ڪرڻ کپن.“

”اڃا به ڪي فيصلا ٿيڻا آهن ڇا؟“ عبدالهاديءَ چيو. ”هندستان ورهائجي ويو. سنڌ مان هندو لڏي ويا. يار ائين به ڪو پنهنجي ديس منجهان لڏيندو آهي ڇا؟ يڪدم سماج جي شڪل بدلجي ويئي. سنڌ جي سماجي صورتحال ائين تُرت بدلي آهي ڄڻ الله ڪو معجزو ڏيکاريو آهي. ڪو زلزلو آيو ۽ هُتي جا ماڻهو هِتي اچي ويا ۽ هتي جا ماڻهو هوڏانهن ويا هليا. ڪالهه هڪ همراهه کي مون دڙڪا ڏنا هئا. گهڙي چئي پيو سابق سنڌ سابق سنڌ! يار سابق سنڌ ڪئين ٿي؟ اها ته مسخري آهي. آءُ سنڌي آهيان. اوچتو پاڪستاني ٿي پيس. ٺيڪ آهي سنڌي پاڪستاني ٿيڻ لاءِ خوش هئا ۽ پاڪستاني به ٿي پيا ته مڙيئي خير آهي پر سنڌ ٿي سابق ۽ آءُ ٿيس سابق سنڌي. رب خير ڪري، رب کان خير گهريو ۽ اڳتي جي ڳڻتي ڪريو.“

ٿوري دير کان پوءِ محمد بخش اُٿيو ۽ مامس کي چيائين ته هو پاڙي منجهه ڪجهه دوستن ۽ بزرگن سان دعا سلام ڪري اچي ٿو. عامر کي عبدالهادي نه ڇڏيو ۽ محمد بخش کي چيائين، ”تون ڀل سيني سان ملي اچ. عامر مونسان ڪچهري ڪري پيو. آءُ به پنهنجي ڏاڏي سان ائين ڪچهريون ڪندو هوس.“

محمد بخش اٿي ٻاهر ويو.

عبدالهاديءَ ۽ عامر چانهه پيتي.

”يار جاني، هاڻ خبرون ڪر، اڄ ڪلهه اوهانجي ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ ڇا پيو وهي واپري؟“ عبدالهادي پُڇيو.

”ڏاڏا اڄ جا ڪاليج، اسڪول ۽ يونيورسٽي، اوهانجي زماني کان بلڪل اوُر نموني جا آهن. اڄڪلهه ڇوڪرن جا ذهن پنهنجن ابن ڏاڏن کان بلڪل مختلف آهن. اسان جي ماڻهن کي خبر ناهي ته دنيا ۾، مُلڪ ۾ ۽ سنڌ ۾ ڇا پيو واهي واپري.“

”اسان کي يار ڪيئن خبر پوندي.“ عبدالهادي چيو، ”يلا اوهان ڇوڪرن کي ڪيئن خبر پوي ٿي؟“

”ڏاڏا اسين ڪاليج ۾ اهڙن ڇوڪرن ۽ ورڪرن سان ملون ٿا جيڪي ڪراچي، لاهور پشاور ۽ بلوچستان کان ايندا آهن ۽ پوءِ خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي آهي. ٽريڊ يونين جي ورڪرن سان به ملاقاتون ٿينديون آهن. اڄڪلهه سوشلزم ۽ ڪميونزم به نوجوانن جي ذهنن ۾ پنهنجي جاءِ ڪري پيو.“

”پر بابا ڪميونزم ۾ مذهب ۽ خدا لاءِ ڪا جاءِ ناهي. اها ڳالهه مونکي ٺيڪ ٿي وٽي ته غريبن کي حق وٺرائڻ لاءِ خُدا کي به ٽپڙ ٻڌرائجن.“

عامر کِلڻ لڳو.

”مُلڪ جي ورهاڱي کان اڳ هِت حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪجهه هندو ۽ مسلم ڇوڪرن، آل انڊيا ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اثر هيٺ ورڪ ڪيو پر انگريز سرڪار جا چنبا سخت هئا ۽ گهڻا ڇوڪرا يا ورڪر جيلن ۾ هوندا هئا يا انڊر گرائونڊ.“

”ڏاڏا سائين اڄڪلهه ته سختي وڌيڪ آهي،“عامر چيو، ”ايوب خان جي فوجي راڄ جو ڏنڊو انگريزن کان به سخت آهي. هِت ڊفينس آف پاڪستان رولس هيٺ هر ڏوهي يا بي ڏوهي کي گرفتار ڪري اهڙي اوڙاهہ جي اڌ ۾ وجهي هٽنس ٿا جو پوءِ لاش به مائٽن کي ٿتو ملي.“

”نه يار اسلامي راڄ ۾ ائين ڪئين هوندو؟“ عبدالهادي چيو، ”اسان سنڌين سان ڪجهه ناانصافي ٿئي ٿي پر ........“

”ڏاڏا ائين ناهي جئين اوهان ماضيءَ جا مُسلمان سمجهو ٿا. هاڻ اسين هڪ فوجي ڊڪٽيٽر جي راڄ ۾ رهون ٿا. ڊڪٽيٽر جي ٺاهيل قانون جي ڇيڪڙي ته پري رڳو ڪو سوچي به ٿو ته ٻڌجي وڃي ٿو. سنڌ سان ناانصافي ٿوري ٿي آهي. سنڌ سان ظلم ٿيا آهن ۽ ٿين پيا. مغربي پاڪستان جي سياستدانن مُلڪ تي پنهنجي حڪومت برقرار رکڻ ۽ بنگالين جي اڪثريت کي آئيني طور ڌڪ هڻڻ لاءِ ون يونٽ ٺاهيو ۽ پيريٽي (Parity) جا اصول ڪُتب آندا. اِيسٽ بنگال تي حڪومت ڪرڻ لاءِ ويسٽ پاڪستان ٺاهيو ويو. ۽ سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لاءِ سياسي نقشي تان سنڌ جي حدن کي ميساريو ويو آهي.“

”پر يار پنهنجا به سياستدان ٻين سان جُٽ ٿيا ويٺا آهن. انهن لاءِ به ڪي سوچيو اٿوَ. ڇا پيا نوجوان ڪن انهن ياڙين لاءِ.“

”ڏاڏا سائين اِهي سنڌ جا غدار آهن ۽ جئين بنگال جو مير جعفر ۽ دکن جو مير صادق تاريخ جي ورقن ۾ سدائين غدار جي حيثيت ۾ موجود آهن تئين اهي سياستدان به سمجهو تاريخ جي بي رحم ورقن ۾ چڙهي ويا آهن.“

عبدالهادي ٿورو کنگهيو ۽ پوءِ کِلڻ لڳو.

”انهيءَ جي معنىٰ ته جوان ڇوڪرن جي سوچ اِها آهي؟“

”ها ڏاڏا سائين سنڌ جو نوجوان جيڪو هاڻ ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ پڙهي ٿو سو ڏاڍو بي چين آهي.“

”پُٽ پڙهي سڀ سور لهي ويندا آهن.“ پوڙهي چيو، ”ڏکيا ڏينهن ٽيندا اُهي جيڪي علم تنا پرائين.“

”نه ڏاڏا سائين اسين جئين علم پرايون پيا تئين سمجهون ٿا ته اسان لاءِ ڪهڙا آزار هئا ۽ ڪهڙا تيار ٿين پيا. اوهانکي خبر آهي ته ايوب خان جي فوجي برگيڊيئر ٽڪا خان گذريل سال اسڪولن ۾ پنجين درجي کان سنڌي پڙهائڻ تي پابندي وجهي ڇڏي آهي. اڳ جيڪي به پناهه گير يا پنجابي هت پڙهندا هئا انهن لاءِ نان مدرٽنگ سنڌي لازمي سبجيڪٽ هو، هاڻ ناهي. پر اسان لاءِ اُردو لازمي آهي جو قومي زبان آهي.“

”اردو ته يار پڙهڻ کپي. چڱي زبان آهي ۽ هونئن به هر زبان پڙهڻ کپي ۽ ٻيو اردو ۾ ڪيترين ئي ٻولين جا ڪتاب ترجمو ٿيل آهن.“

”ڏاڏا سائين اردو ٻوليءَ سان دُشمني ناهي. پر اسان ته اردو پڙهون پر سنڌ جا باقي ماڻهو سنڌ ۾ رهندي به سنڌي ٻولي نه سکن نه پڙهن ته پوءِ هت سڀ ڪئين سُک سان رهي سگهندا؟“

”ڳالهه يار لک روپين جي ڪئي اٿئي.“ عبدالهاديءَ چيو، ”ضروري آهي ته ملڪ جا ماڻهو هڪ وهڪري ۾ هلن. هندو به سنڌي هئا پر سندن مذهبي دوريءَ ۽ واپاري مغز يائرن ۾ ويڇي وڌائڻ جو ڪارڻ بنيا ....... ۽ نيٺ هڪ ڏُر کي لڏڻو پيو. يار اوهان نوجوان ته ڏاڏا سمجهه وارا ٿيندا وڃو پيا. پر يار ڇُٽنگ منجهان پنيٺ نه ٿي پئجو.“

”ڏاڏا سائين نوجوان هاڻ ڇٽنگ نه اُلا ٻنجي چڪا آهن. ايوب گورنمنٽ ڪراچيءَ منجهان ڪيترائي شاگرد رهنما شهر بدر ڪيا آهن. سي اچ حيدرآباد پهتا آهن. سياڻي حيدرآباد جي شاگردن جي ساڻن ميٽنگ آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته شهر ۾ اسٽرائيڪ يا جلوس وغيره جو پروگرام ٺاهيون.“

”يار ڳالهه يعني چڙهي وئي آهي،“ عبدالهاديءَ چيو، ”تنهنجي پيءُ به پنهنجي زماني ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪندو هو. ڪيس اهي سڀ خبرون آهن؟“

”ڏاڏا سڀ خبرون اٿس پر بابا هاڻ مڊل ڪلاس طبقي منجهان آهي ۽ انهن جي سوچ مطابق سوچي ٿو ۽ چئي ٿو بابا پنهنجي پڙهائي سان دل لايو ۽ ڪنهن منصب کي پهچو.“

”معنيٰ ته ڊڃي ٿو،“ عبدالهاديءَ چيو، ”پر بابا مڙس به ٿيو، ڏاڏي جي اڳيان جهڪڻو به ناهي، علم به حاصل ڪرڻو آهي. وڏن جي عزت به ڪرڻي آهي. پنهنجي وطن ۾ نا انصافي به ختم ڪرڻي آهي. پاڻ سکو ۽ ٻين کي سيکاريو. جهالت کي ڌڪاريو....... نه ته سنڌ کي اڃا به ڏُکيا ڏينهن ڏسڻا پوندا. يار عامر آءُ هن صديءَ جو شاهد آهيان ۽ گذريل اڌ صديءَ جي آزار متعلق سچي خبر اٿم.“

# 36

صبح ساڻ محمد بخش جي لطيف آباد نمبر ڇهين واري گهر ۾ ڏهه ٻارهن ڇوڪرا اچي جمع ٿيا هئا. ڇوڪرين کي شهر جي يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس جي لائبريري هال ۾ پهچڻو هو جت ڪراچي شهر بدر ٿي شاگرد رهنما ۽ حيدرآباد جي شاگرد اڳواڻن کي موجوده حالتن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻي هئي. پنهنجي گهر آيل ڇوڪرن منجهان ٽن چئن کي ته محمد بخش سڃاڻيندو به هو. جن مان اُستي علي محمد جو پُٽ اظهر، ميهڙ مان آيل احمد بخش، کوکر پاڙي جي پنج آنگاسي پڙ وارن سيدن جو ڇوڪرو اشرف شاه به شامل هو. اهي سڀ ڇوڪرا ڊرائنگ روم ۾ ويٺا هئا. چانهه ۽ بسڪيٽ سندن اڳيان رکيل هئا ته محمد بخش به اندر آيو. اڄڪلهه محمد بخش شهري مدل ڪلاس جو ماڻهو هو. پر ڪيس مائٽن مان ورثي منجهه نوابشاه ضلعي ۾ سڪرنڊ ۽ قاضي احمد جي وچ ۾، نيشنل هاءِ وي تي سؤ ايڪڙن جو باغ به مليل هو. انهيءَ ڪري هو سنڌ جي انهيءَ طبقي جي ماڻهن منجهان هو جيڪو ٻهراڙيءَ منجهه پاڻ کي وڏيري مثل پيش ڪندو آهي پر هڪ پڙهيل ڳڙهيل روشن خيال وڏيرو .... ۽ شهر ۾ مٿين وچولي ڪلاس ۾ اُٿندو ويهندو آهي. آفيسر طبقي سان دوستي به رکندو آهي ۽ بحث مباحثي ۾ ڪنهن حد تائين ترقي پسند هوندو آهي ۽ سوشلسٽ خيالن جي به گهڻن هنڌن تي حمايت ڪندو آهي. رهائش ۽ لباس به وقت جي تقاضائن مطابق هيس.

ڊرائينگ روم ۾ اچي محمد بخش سيني سان مليو. ڪيس نوجوانن سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ جڏهن اڄوڪي پروگرام بابت خبر پيس ته گرمجوشيءَ سان چيائين: "يار اوهان کي ڏسي مونکي پنهنجا جوانيءَ جا ڏينهن ياد پيا اچن. اسان به پنهنجي وقت مطابق گهڻو ڪم ڪيو پر اڄڪلهه حالتون ڪجهه ٻئي نموني جون آهن. ٿورو خيال ڪجو ۽ جذبات کان ڪم گهٽ سمجهه کان وڌ ڪم وٺجو."

پوءِ محمد بخش وري اشرف شاه کان پُڇيو، "پُٽ اڄڪلهه ڇا پيو ڪرين؟ لکين پيو يا تون به شاگرد پاليٽڪس ۾ اچي ويو آهين؟"

"نه چاچا منهنجي طبيعت سياست ڏانهن مائل ناهي. آءُ پنهنجين ڪهاڻين لکڻ ۽ پريس لڳائڻ وارين ڪوشش ۾ مصروف آهيان. اڄ دوستن سڏيو ته آيو آهيان ۽ اوهان سان به ملاقات ٿي ويئي."

"يار تنهنجي ڪهاڻي ڇهڪ پڙهي هيم. واهه جي ڪهاڻي آهي. اردوءَ جي افساني نگار منٽو، ڪرشن چندر ۽ بيديءَ جو سڪون پئي لاٿائين."

اشرف شاه سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون لکندو هو. نهايت شريف، سُلڇڻو ۽ ماٺيڻو نوجوان هو. سندس اندر ۾ ٻرندڙ جبل سمايل هو پر مٿان هڪ خاموش ۽ سرسبز ماٿري وانگر لڳندو هو.

"يار هي نوجوان ڪير آهي؟" محمد بخش جون نظرون هڪ نوجوان تي وڃي پيون جيڪو پريان ڪنڊ ۾ ويٺو هو ۽ چانهه منجهه بسڪيٽ ٻوڙي کائي رهيو هو. بدن ۾ سهڙ ۽ صاف رنگت جو غريب گهر جو لڳو ٿئي. ڪپڙا پُراڻا پر ڌوتل هيس. پيرن ۾ اسفنج جو چپل پيل هيس. پر منهن مشعل جهڙو هيس.

”بابا هي اسان سڀني جو ڪامريڊ دوست آهي،“ عامر چيو، ”هي ٽر جي مٺي واري تعلقي مان آيل آهي. نالو اٿس سارنگ خان پر سڀ ڪامريڊ چوندا اٿس. نهايت سادو ۽ سچو ماڻهو آهي. سچو ورڪر آهي. اسان سڀني کان مٿي آهي ساڻس ڪجهه اختلاف به آهن.“

محمد بخش اڳتي وڌي اچي ڪامريڊ سان مليو.

”يار تون ڪامريڊ هوندين،“ محمد بخش کِلندي چيو، ”پر مون اهڙو ٺُلهو متارو ڪامريڊ پهريون پيرو ڏٺو آهي. ڪامريڊ جڳت کي سڃاڻين. منهنجو دوست آهي .......“

”ڪامريڊ جڳت منهنجو سائين آهي.“ سارنگ چيو.

”اسان پنهنجي زماني ۾ به گهڻو ڪم ڪيوسين. آءُ ته هاڻ ريٽائر ٿي ويو آهيان پر جڳت اڃا نوجوان لڳو پيو آهي.“

”اسان جا وڏا اوهان جهڙا سُجاڳ هجن سا وڏي ڳالهه آهي.“ سارنگ چانهه جو ڍُڪ ڀريندي چيو، ”پر اسان کي سنڌ ۾ اڳ ئي فيوڊل ڪلاس ۾ هندستان مان ايندڙ بورزوائي طبقي کي منهن ڏيڻو آهي ته جئين سوشلزم ۽ پرولتاري نظام کي هٿ به آڻي سگهون.“

”نوجوانو محنت ڪريو محنت،“ محمد بخش چيو، ”الله سڀ آسان ڪري ڇڏيندو. پر منهنجي هڪ صلاح اٿو.“

سڀني چوڪرن محمد بخش ڏانهن ڏٺو.

”جيڪو ڪم هوش ۽ سمجهه سان ٿئي ٿو تنهن کي بحث ۽ اجائي لباڙ ۽ جذبات ۾ اچي وڃائي نه ڇڏجو. اڄوڪو زمانو مونکي جبر وارو نظر اچي ٿو جيڪو ترقي ڪرڻ چاهي انهيءَ لاءِ به رستا کُليا پيا آهن. اسان سنڌين کي پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ سان گڏ ترقي به ڪرڻ کپي ۽ ڪلهوڪو طور طريقو ڇڏي، اڄ جي دؤر سان وک وڌائجي نه ته پوئتي رهجي ويندا سين.“

چوڪرن محمد بخش جي نصيحت ٻڌي ۽ پوءِ محمد بخش کانئن موڪلائي ويو هليو.

”يار تنهنجو پيءُ ته هن زماني جو لڳي ٿو،“ احمد بخش چيو، ”مون وارو پوڙهو چوي ٿو ته پڙهه پلي تنهنجي مرضي! پر شادي ڪر ۽ هڪ پوٽو ڄڻي ڏي پوءِ پل وڃي ڪاليج پڙهه.“

سڀني ٽهڪ ڏنا.

عامر کين جواب ڏنو: ”بابا جي مرضي آهي ته سنڌي ترقي ڪن. پر سندس نظريو پيو آهي. هو چوي ٿو ته سڀ چوڪرا پڙهن ۽ سي ايس پي آفيسر ٿين، ڊاڪٽر ٿين ۽ انجنيئر ٿين ۽ پوءِ پنهنجن ماڻهن ۽ سنڌ لاءِ ڪم ڪن. باقي اها ڳالهه نتي وڻين ته اسين پڙهون به ۽ تحريڪن ۾ به حصو وٺون.“

”اهو ترقيءَ ڪرڻ جو رجعتي ۽ بورزوائي نظريو آهي،“ سارنگ چيو، ”ڊڪٽيٽر ۽ استحصالي قوتون به اهو چاهينديون آهن ته سندن رعيت اقتصادي طور تي پاڻ پرو ٿي سرمائيداري نظام جون لذتون ۽ سهولتون حاصل ڪري ته جئين رياستي جبر ۽ هڪ هٽي ڏانهن سندن ڌيان نه هجي.“

”يار ڪامريڊ تو وارا اهي ڳاٽا ڀڳا لفظ ته آءُ اُچاري به نتو سگهان.“ اطهر کِلندي چيو، ”منهنجو ته وات ڇٻو ٿيو وڃي اهي لفظ ڳالهائيندي.“

”خيال ڪر تون نه ڇٻو ٿي وڃين،“ عامر چيو، ”خير هاڻ هلون اولڊ ڪئمپس. ساڍي يارهين وڳي بس هتان لنگهندي ۽ پاڻ کي گاڏي ڪاٽي ۾ ڇڏيندي.“

سڀ اُٿيا ۽ ٻاهر سڙڪ تي اچي بيٺا.

سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ جي بس گاڏي ڪاٽي ۾ هاري حقدار پريس وٽ اچي بيٺي. سڀ همراهه هيٺ لٿا. اُتان يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس پن ٽن منٽن جي پنڌ تي هو. ڪهاڻيڪار اشرف شاه کانئن موڪلايو. کيس اردو ڳالهائيندڙ ۽ ڪراچيءَ منجهان آيل شاگرد اڳواڻن ۾ ڪا به دلچسپي نه هئي.

اولڊ ڪئمپس جي لائبريري هال ۾ سؤ کن ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هيون. گرما گرم تقريرون هليون پئي. هي دوست ٻه هڪ پاسي ويهي رهيا. ڪراچي بدر ٿيل محفوظ علي خان تقرير ڪئي پئي. محفوظ علي ٻُت جو پريل ۽ سهڻو جوان هو. سندس چهري منجهان ئي ذهانت نظر آئي پئي. سندس قميص جون ٻانهون گنجيل هيون ۽ سندس آواز لائبريري هال ۾ پڙاڏو پيدا ڪري رهيو هو.

”دوستو اسان ڪراچيءَ منجهان شهر بدر نه ٿيا آهيون پر اها شهر بدري سموري شاگرد برادريءَ جي آهي. اڄ ڪراچي منجهان ٿيا آهيون سڀاڻي حيدرآباد، لاهور مان ٿينداسين. پوءِ هن پاڪ ڌرتيءَ تان ٿينداسين. اسان جي ۽ توهان جي بزرگن قربانيون ڏيئي پاڪستان انهيءَ ڪري نه ٺاهيو هو ته هِت لانگ بوٽ فوجي حڪومت ڪن. ۽ هن ملڪ جي فرزندن کي درسگاهن ۽ پنهنجن شهرن منجهان دربدر ڪن. اسان جو ڏوهه فقط اهو آهي ته اسان هن ڊڪٽيٽر ۽ هن فوجي آمر جي ٺاهيل غير جمهوري قانونن جي خلاف آواز اُٿاريو. اسانکي يونيورسٽي آرڊيننس جهڙو ڪارو قانون نه کپي. ان قانون ۾ اها به گنجائش آهي ته جيڪڏهن ڪو شاگرد پندرهن سورهن سال پڙهي، محنت سان گريجوئيشن جي ڊگري حاصل ڪري ٿو ته فوجي ڊڪٽيٽر سندس اِها ڊگري به ضبط ڪري سگهي ٿو. اسان هن فوجي ڊڪٽيٽر جي ٺاهيل 1962ع واري دستور کي به رد ڪري ڇڏيو آهي.“

سڄي هال ۾ شاگرد اتحاد ۽ يونيورسٽي آرڊيننس واپس وٺو جا نعرا ڦهلجي ويا.

”دوستو اسان جڏهن پنهنجو شهر ڇڏيو آهي. پنهنجا مائٽ ۽ پنهنجا گهر ڇڏيا اٿئون ته اسان پنهنجن سرن جي قرباني ڏيڻ لاءِ به تيار آهيون. پر شاگرد اتحاد سڀ کان مضبوط شئي آهي. جي اسين متحده آهيون ته اسان ڊڪٽيٽر کي ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏينداسين جنهنجي لاءِ هڪ مُڇ لا آهي ۽ ٻي مُڇ آڌر آهي. اسين کين اهو ڏيکارينداسين ته لا ائنڊ آڌر عوام جي راضپي سان عمل ۾ ايندو.“

ان کان پوءِ سٽي ڪاليج جي يونين جي صدر به تقرير ڪئي. ۽ اهو فيصلو ٿيو ته سڀاڻي سٽي ڪاليج مان شاگرد جلوس ڪڍندا ۽ شهر مان ٿيندا، اولڊ ڪئمپس وٽ ختم ڪندا ۽ نعرا اهي لڳندا ته لاٺي گولي ڪي سرڪار نهين چليگي. يونيورسٽي آرڊيننس واپس ڪريو. اسٽيوڊنٽس يونٽي زنده آباد.

اتي سچل آرٽس ڪاليج جو جنرل سيڪريٽري پرڪڙي اُٿي بيٺو ۽ وڏي آواز چوڻ لڳو: ”اسان سڀ شاگرد اوهان سان گڏ آهيون. اوهانجا مسئلا اسانجا مسئلا آهن. پر اسانجا مسئلا به اوهانجا مسئلا ٿيڻ کپن. اسين ون يونٽ جي خلاف آهيون. اهو ون يونٽ سنڌ جي هزارين سالن جي تاريخ جي سيني ۾ شب خون آهي. ون يونٽ ٽوڙ دو. هڪ نعرو اهو به ٿيڻ گهرجي. سنڌي زبان کي اسڪولن ۽ ڪاليجن مان ختم ڪيو پيو وڃي ۽ سنڌ جي اصليت ختم ڪئي پيئي وڃي. هي باب اسلام ضرور آهي. پر پهرين سنڌ آهي. اوهان اردو ڳالهائيندڙ پاڻ آهيو. اسان اوهان لاءِ واجهايو هو. اسان پاڪستان ٺاهڻ وارن ۾ سڀ کان اڳ ۾ هئاسين. هاڻ اسان توهان سان گڏ آهيون. مرنداسين گڏ، جيل ويندا سين گڏ . . . . پر رڳو يونيورسٽي آرڊيننس واپس وٺڻ شاگردن جو مسئلو ناهي سڀ مسئلا ڪٺو.

اڌ هال ۾ تاڙيون وڳيون. ڪراچيءَ مان ايندڙ شاگردن انهيءَ ڳالهه کي همٿايو. پر سٽي ڪاليج جو طاهر خان اُٿي بيٺو: ”دوستو اسان سيني شاگردن جي ڳالهه ڪريون ٿا. زبان يا صوبي کي وچ ۾ مسئلو نٿا بڻايون. ون يونٽ سياسي مسئلو آهي. اسين شاگرد حقن جي ڳالهه ڪريون ٿا. اسان جي شروعات آهي. اڳيان فوجي ڊڪٽيٽر ۽ اُن جا چاڙتا آهن. مسئلا قدم به قدم کڻڻ گهرجن.“

اِتي ڪامريڊ سارنگ هڪ ڪُنڊ منجهان اُٿي بيٺو ۽ سندس ڳرو آواز هال ۾ ڦهلجي ويو: ”دوستو ساٿيو. اسين سامراج جي ٺاهيل اصولن واري دنيا ۾ رهون پيا. اسين نوجوان آهيون. سڄاڳ

آهيون. باشعور آهيون. اسان پنهنجي طاقت چڙو يونيورسٽي آرڊيننس کي ختم ڪرڻ يا پنهنجن دوستن ۽ ڪامريڊن جي شهر بدري جي حڪمن کي واپس وٺڻ تي استعمال نہ ڪنداسين پر جڏهن حالتن اسان کي هن موڙ تي آندو آهي تہ اسين هڪ فوجي آمر جي آڏو ڪنڌ ڪٽي ڳالهايون تہ پوءِ اسانکي دوستو پنهنجي ڏتڙيل عوام کي سرمائيدارن جي طوق کان بچائڻ جي ڳالهہ بہ ڪرڻ کپي. مزور کي سندس پيٽ پرڻ ۽ اجهي ٺاهڻ جيتري مزوري بہ نہ ٿي ملي ۽ ٻئي طرف ڏسو تہ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ نوان سرمائيدار پيدا ٿي چڪا آهن جن جو سرمايو نہ رڳو حق ڳهرندڙ پورهيت جي خلاف ڪم ڪري پيو پر اسان شاگردن کي بہ چيپاڻ لاءِ استعمال ٿئي پيو. انهيءَ ڪري سياڻي سِٽي ڪاليج مان جيڪو جلوس نڪري انهن ۾ هي نعرا هئڻ کپن: لاٺي گولي ڪي سرڪار نهين چلي گي . . . . شاگرد اتحاد زنده آباد . . . . . ون يونٽ توڙ دو . . . . . يونيورسٽي آرڊيننس واپس لو . . . . . سرمايہ داري مرده آباد.“

هال ۾ تاڙيون لڳيون. سارنگ سهڪيو پئي ۽ پوءِ ويهندي ويهندي ، هڪ پيرو ٻيهر ٻہ ٿي اکر ڳالهيائين: ”سياڻي جلوس نڪرڻ کپي ۽ اسان سچل ڪاليج ۾ شاگرد يائرن جو انتظار ڪنداسين ۽ پوءِ گڏجي اولڊ ڪئمپس ڏانهن ايندا‌سين. رستي ۾ ايندڙ اسڪول سڀ اڳ ۾ بند ڪرائي وٺنداسين. . . . . ۽ سياڻي ڀرپور مظاهرو ٿئي ۽ ٿيندو.“

وري تاڙيون وڄڻ لڳيون ۽ ڪراچي بدر ٿيل محفوظ علي خان وري اُٿي بيٺو: ”اسين ڪامريڊ سارنگ سان متفق آهيون. سياڻي اهڙو ڀرپور جلوس نڪرڻ گهرجي ۽ شاگرد اتحاد ۽ طاقت جو اهڙو مظاهرو ٿيڻ گهرجي جو ڊڪٽيٽر جو جلوس نڪري وڃي.“

هال ۾ شاگرد اتحاد جا نعرا گونجڻ لڳا ۽ پريان ڏاکڻي ڪُنڊ ۾ ويٺل هڪ جهوني شاگرد پنهنجي پر ۾ ويٺل ٻئي شاگرد کي آهستي سان چيو ”يہ سالا ڪامريڊ مروائيگا!“

# 37

يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس واري ميٽنگ ختم ٿي. سڀ ڇوڪرا ٻاهر نڪتا. سامهون سُپرنٽنڊنٽ پوليس جي آفيس هئي. هونئن به انهيءَ ميٽنگ ڪري ڪيترا سپاهي سادن ڪپڙن ۾ بيٺل هئا ۽ پرسان مسجد وٽ هڪ ڪُليل ٽرڪ بيٺي هئي جنهن ۾ ٽيهارو کن سپاهي ويٺل هئا. ڇوڪرا آهستي آهستي ٽڙي پکڙي ويا.

سارنگ، اطهر، عامر ۽ احمد بخش به ريڊيو پاڪستان وارو رستو وٺي سوسائٽيءَ وٽ لجپت روڊ ۾ داخل ٿيا. اڄ پنجين بجي بيسنٽ لاج ۾ سنڌي ادبي سنگت جي هفتيوار ڪچهري به هئي. اطهر ۽ احمد بخش کي انهيءَ ڪچهريءَ ۾ وڃڻو هو. مسئلو هو ٻنپهرن جي مانيءَ جو ۽ اهو مسئلو ڪامريڊ سارنگ نبيريو. چيائين: ”ڪامريڊو، مون وٽ سير کن پيٽ جو بندوبست ٿي سگهي ٿو. منهنجي ڪمري تي چانور پيا آهن. هلون ٿا ڏهن منٽن ۾ ديڳ دمي وٺون ٿا. مون وٽ ڪجهه ڏوڪڙ آهن ۽ اتان ئي لجپت روڊ تي، سائين احسان علي شاه بادشاه جي اوتاري جي سامهون پڪوڙن جو دڪان آهي. پڪوڙا اتان وٺندا ٿا هلون.“

سيني هائوڪار ڪئي. ڪامريڊ تلڪ چاڙهيءَ جي اڌ تي هڪ سوڙهي ته ماڙ جاءِ جي سڀ کان مٿي اڏيل ڪمري ۾ رهندو هو ۽ سڀ دوست انهيءَ ڪمري کي ڪامريڊ منزل سڏيندا هئا. انهيءَ ڪامريڊ منزل جي ڏاکڻ معصوم شاه مناري کان به وڏيڪ اُڀي ۽ سوڙهي هئي. مٿي ڪمري منجهه پهچي، ڪامريڊ چانورن، ديگڙي ۽ چُلهه کي ائين لڳي ويو ڄڻ ڪو وڏو پروفيشنل هجي. ڏهين پندرهين منٽن ۾ چانور تيار هئا ۽ ڪامريڊ هڙيئي چانور هڪ ٿال ۾ لاهي، دوستن آڏو ڪٽي آيو. اطهر، عامر ۽ ڪي قدر احمد بخش لاءِ به اِهو نئون تجربو هو ته پاڻ پيٽ چاڙهي، تيار ڪري، مرچائي ۽ سَنهَن پڪوڙن سان هڪ ئي ٿال ۾ ويهي گڏجي کائجي

”آءٌ ڀانيان ٿو ته اهوئي ڪميونزم آهي ته پيٽ هڪ ئي ٿال ۾ هجي ۽ سڀ گڏجي ايترو کائن جيتري بُک هجي.“ احمد بخش چيو.

”ڳالهه مڙيئي سمجهين پيو.“ ڪامريڊ پيٽ سان ڀريل وات منجهان اکر ڪڍيا.

”۽ سوشلزم جي معنيٰ آهي ته ”اطهر رڙ ڪئي،“ پيٽ ٿال ۾ نه هجي پر هر ڪو پنهنجي محنت آهر ۽ ضرورت آهر پيٽ پاڻ وٽ پنهنجي ٿالهڙيءَ ۾ رکي ۽ ٻين جي ٿالين ۾ نظر نه وجهي. ڪئين ڪامريڊ؟“

ڪامريڊ پنهنجي پيٽ جو ڪميونزم پرڻ ۾ رُڌل هو پر ڪنڌ سان هائوڪار پئي ڪيائين.

”ڪامريڊ هڪ ٻي ڳالهه، ”اطهر مسخريءَ جي موڊ ۾ هو. ”پلا ذاتي ملڪيت ڪميونزم ۾ رکڻي ناهي. پوءِ منهنجي زال، منهنجي محبوبا ته اسان وٽ ذاتي ملڪيتون آهن جن تان سر به گهوري ڇڏيندا آهيون. پلا اهڙين ملڪيتن تان به هٿ کڻبو ڇا؟“

”عورت تنهنجي زال تيستائين آهي جيستائين هُن جي مرضي آهي.“ ڪامريڊ چيو، ”اسلام ۾ به ائين آهي.“

”پر جيڪڏهن عورت جي مرضي صبح جو ته هجي پر شام جو سندس مرضي ڪنهن ٻئي سان هجي ته پوءِ.....؟“ اطهر پُڇيو. ”اسلام ۾ ته عورت نڪاح جي پنجوڙ سان ٻڌل آهي.“

”ڪميونزم انسان جي ذاتي آزادي، محنت ۽ محنت جي ڦل جي حاصل ڪرڻ تي يقين رکي ٿو. سو مرد ۽ عورت بنيادي طرح آزاد آهن.“ ڪامريڊ چيو، ”خير انهن ڳالهين کي پوءِ ڪنداسين. پهرين اڄوڪي ڳالهه! سياڻي جلوس نڪرندو ۽ اڳواٽ طئي ٿيل نعرا هڻبا. مون کي ڪراچي وارن شاگردن تي اعتبار آهي پر حيدرآباد وارا جماعت اسلاميءَ جي لائن تي هلن ٿا. تنهن ڪري اسان کي ڪپي ته اهڙو ڪم ڪريون جو هو سڀ مجبور ٿي وڃن ۽ سياڻي اسان جي طرف وارا نعرا به هڻن.“

سڀ سنجيده ٿي، سارنگ کي ڏسڻ لڳا.

”اسان اڄ رات شهر جي ڀتين تي اهي نعرا لکي ڇڏيون .... “

”ڪهڙا نعرا؟“ احمد بخش پُڇيو.

”يعني شاگرد اتحاد زنده آباد، ون يونٽ ٽوڙيو ورنه ...... سنڌي زبان بحال ڪريو، يونيورسٽي آرڊيننس واپس وٺو ـــ لاٺي گولي ڪي سرڪار نهين چلي گي. ٺيڪ آهي. سياڻي هو مجبور ٿي ويندا.“

سينهي کي اها ڳالهه وڻي.

پوءِ اهو فيصلو ٿيو ته رات جي مانيءَ کان پوءِ سارنگ، احمد بخش، عنايت ڪاشميري ۽ سارنگ جو جل ڦٽاڪو ورڪر بروهيءَ ۽ هڪ به ٻيا دوست اڄو چُن ۽ بُرش کڻي شهر جي ديوارن تي اهي نعرا لکندا. عامر ۽ اطهر، رات جو دير تائين گهر کان ٻاهر رهڻ مناسب نه سمجهيو.

شام جو پنجين بجي مهل، سارنگ، احمد بخش، اطهر ۽ عامر بيسنت لاج پهتا. اُت سنڌي ادبي سنگت جي ڪچهري هلي پئي. هي همراه به هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيا. ڪنهن ڪهاڻيءَ تي بحث هليو پئي. سنڌيءَ جي ڪجهه ناميارن اديبن، ڏاهن ۽ شاعرن سان گڏ نوجوان اديب به هئا. ابراهيم جويو، عثمان ڏيپلائي، جمال رند، شمشير الحيدري، حميد سنڌي، ۽ ناصر مورائي پارا جهونا ۽ نوان همراه سڀ اُتي موجود هئا. ڪهاڻي تر جي ڀٽن جهري سادي قادر جوڻيجو پڙهي هئي. تر جي ماحول ۾ هڪ سُٺي ڪهاڻي هُئي ڏيپلائي صاحب دل کولي تعريف ڪئي. ٻين کي به ڪهاڻي وڻي پر شمشير ڪهاڻيءَ جي گڻن کي ساراهيندي چيو: ”اهڙيون ڪهاڻيون اسانجي معاشري ۾ ضرور لکڻ کپن. جو اسان اجا هاريءَ تي ٿيندڙ ظلم ۽ وڏيري جي آزار منجهه ڦاٿا پيا آهيون.

انهيءَ ساري استحصال ۾ هاريءَ جي جوان زال يا ڌيءَ جو ذڪر به ضرور ملي ٿو پر هاري جو نوجوان پُٽ ڪٿي آهي. جنهن کي زميندار سان مهاڏو اٽڪائڻ کپي. اسان جي ليکڪن کي موضوعن جي هڪ جهڙائپ مان نڪري حياتيءَ جي ٻين مسئلن تي به لکڻ گهرجي.حقيقت هي آهي ته ڪراچي شهر ۾، حيدرآباد شهر ۾، سکر شهر ۾، عام ماڻهن جا مسئلا بلڪل ٻيا آهن پر شهرن کان ٻه ميل پري وڃجي ته اسانجا مسئلا ئي اوُر آهن. ائين پيو لڳي ته ورهاڱي کان پوءِ ٻهراڙي وارا علائقا ساڳئي هنڌ ۽ ساڳين مسئلن ۾ ڦاٿل آهن ۽ شهرن ۾ هڪ ٻي تهذيب اُسري پيئي جيڪا سراسر سنڌ جي تهذيب نه پئي لڳي. ائين ناهي ته اسين سنڌي شهرن ۾ ناهيون. اسان شهرن مان هٽ ڪڏي ٿا سگهون. پر اسان وٽ شايد رواج ٿيندو وڃي پيو ته جيڪڏهن ادب منجهه، ڪهاڻي ۽ شعر ۾ ٻهراڙي ۽ اُن جا روايتي ڪردار نه آهن ته اهو سنڌي ادب ناهي. اهو صحيح آهي ته ٻهراڙي اسانجي، سڃاڻپ آهي پر هاڻ ويهين صديءَ ۾ اسان پنهنجيون ترجيحات مقرر ڪرڻ کپن ۽ جيستائين ٻهراڙيءَ کان شهر ڏانهن لڏپلاڻ نه ٿيندي ۽ سنڌي ماڻهو، هيئنين مڊل ڪلاس جو فرد نه بڻبو، ڪارخانن ۾ ڪم نه ڪندو، شهرن ۾

رڪشا نہ هلائيندو، محنت مزدوري نہ ڪندو ۽ سندس ٻار اسڪول نہ ويندا، تيستائين اسين ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ Survive نہ ڪري سگهنداسين. اهو فرض اديبن ۽ شاعرن جو آهي. اسان جي سڃاڻ ۽ سمجهدار طبقي جو آهي. سماجي ۽ نظرياتي ورڪرن جو آهي.“

اِتي سارنگ بہ ڳالهايو، ”آءٌ ٿر جو آهيان. هت حيدرآباد اچڻ کان اڳ اسين ٿر جي ريگستانن جي گرمائش ۽ ٿريل رات جا هيراڪ هئاسين پر هاڻ هت گذريل ٽن چئن سالن کان اچي منهنجا هوش حواس کُلي ويا آهن. هت شهرن ۾ اسانکي انهيءَ ۽ انهيءَ سامراجي نظام سان ٽڪر کائڻو پوي ٿو جنهن جو، وڏيرو تہ مخصوص پرزو آهي. اسان کي انسان ذات جي آزادي ۽ استحصال کان پاڪ نظام قائم ڪرڻ جي جدوجهد ۾ شامل ٿي ڪهاڻيون ۽ شعر تخليق ڪرڻ ڪپن.“

هڪ ٻئي بزرگ چيو: ”ڀهراڙيءَ کي اسان ادب جي موضوعاتي دنيا مان يڪمشت ٽٽا ڪيدي سگهون. اهو هڪ ڊگهو پراسيس آهي تہ ڀهراڙيءَ منجهان لڏپلاڻ هميشهہ شهرن ڏانهن ٿيندي آهي ۽ اسان وٽ بہ ٿئي پئي. پر اسان وٽ سنڌ ۾ اها Process گهربل مقدار کان تمام گهٽ ۽ سُست آهي. پر دوستن جو وڏيري، هاري يا اهڙن ٻين لاڳاپيل ڪردارن کي، ادب مان ڪيدي ڇڏڻ جو اصرار يا گهٽ ڪرڻ نہ رڳو نامناسب آهي پر غير فطري آهي ۽ حقيقت جي خلاف آهي.“

ناصر ڳالهايو: ”پر سائين اسانجن اهڙن ڪهاڻي نويسن لاءِ اوهان ڇا چوندا جنن ڪڏهن بہ غريبي نہ ڏٺي ۽ سَٺي آهي. جن نہ وڏيري جي دُنيا جو وهنوار پاڻ ڏٺو اهي نہ ڪي سندن ايڏو مُشاهدو آهي. پنهنجن هارين کي بہ شهر ۾ بنگلن تي پري ڪري ويهاريندا آهن پر ڪهاڻيءَ منجهہ انهيءَ وڏيري تي چوهہ چنڊبيندا آهن ۽ هاريءَ کي مسڪين ۽ بي پهچ ڏيکاريندا آهن ۽ هاريءَ جي ڌيءَ کي مسرت نذير ۽ مڌو بالا ڪري پيش ڪندا آهن. منهنجي راءِ ۾ تہ اها ادبي بي ايمانيءَ سان گڏ اخلاق جي دائري کان بہ ٻاهر آهي.“

سنڌي ادبي سنگت جي ڪچهري پنهنجي مدام تي هئي. آخر ڪچهريءَ جي صدر ڳالهايو: ”مونکي ڪهاڻي لاءِ ڳالهائڻو ناهي. دوستن ۽ ڇاڻن گهڻو ڳالهايو آهي. پر اسان جي هيءَ ڪچهري رڳو هڪ سنگت ناهي. رڳو هڪ عام ڪچهري ناهي. هيءَ ادبي سنگت هڪ تحريڪ آهي. هڪ ادبي، سماجي ۽ ڪنهن حد تائين سياسي رخ ڏسيندڙ تحريڪ آهي. اسان وٽ هڪ نئون ذهن اچي ٿو. نوجوان اچن ٿا. اهي نوجوان ڪنهن مقصد ۽ طرف جي ڄاڻ لاءِ اچن ٿا. اسان جو هيءَ ادبي سنگت، ڪنهن ٿرڊ ورلڊ جي ملڪ جي انڊر گرائونڊ تحريڪ ناهي ۽ نڪي اسين ڪنهن غير قانوني معاملن ۾ الجهڻ چاهيون ٿا. ڇو جو اسان جي منزل ڪا غيرقانوني گهُر ناهي، هتي اسان جو مطلب اهو بہ نہ هئڻ کپي تہ اسين نوجوانن کي ڪي خاص موضوع يا ٽاپڪ ڏيئي کين گائيڊيڊ لٽريچر جي تخليق ڏانهن گهيلي هلون. اسان کي کپي تہ اسين نوجوانن جي لکڻين کي ٻُڌون، پڙهون ۽ ان تي ايمانداريءَ سان راءِ ڏيون. ان کان علاوہ نوجوانن کي پنهنجي مُلڪ جي تاريخي، جاگرافيائي، سياسي ۽ سماجي مسئلن کان واقف ڪريون ۽ کين اها سمجهہ حاصل ڪرڻ مدد ڪريون تہ جئين هو پنهنجي تخليقن کي قلمبند ڪرڻ وقت نہ رڳو ذهني طور تي آزاد هجن پر لکڻ کان اڳ پنهنجي معاشري جي تاريخ، سياست ۽ سماجيات کان بہ واقف هجن. اديبن، شاعرن ۽ ڏاهن ڪيترن ملڪن جون تاريخون تبديل ڪيون آهن. اوهان هوچي منهہ ڏسو، مائوزي تنگ کي وٺو. جيڪي پنهنجي ملڪ جا انٽلڪچوئل ۽ ڏاها بہ هئا تہ عام ماڻهن جا رهنما بہ هئا. چليءَ جي پئبلو نرودا کي ڏسو جنهن پنهنجي ملڪ ۾ ڪميونسٽ تحريڪ کي نہ رڳو نظرياتي هٿي ڏني پر هڙئون وڙئون بہ هن ماڻهوءَ سڀ ڪجهہ ڪيو. برازيل جي مارشيا گئبريل جو مثال سامهون آهي. اسپين جي شاعر ۽ ڊرامي نگار لورڪا تہ نہ رڳو انقلابي ڊراما ۽ گيت لکيا پر انهن ڊرامن کي ملڪ جي هر وڏي ننڍي شهر ۽ ڳوٺ جي اسٽيج تي پرفارم ڪيو ۽ شهرن جي

چؤڪ چؤڪ تي بيهي انقلابي گيت ڳايا ۽ پنهنجن ماڻهن ۾ چاڻ پيدا ڪئي ۽ جذبو اُڀاريو. سو اسان جيڪڏهن ڪجهه حالتن يا ڳالهين ڪري ٻاهر نٿا نڪري سگهون ته اسان کي ڪپي ته نوجوان عنصر کي ماضي، حال ۽ مستقبل جي چاڻ ڏيون. مونکي ته خوشي محسوس پئي ٿئي ته سنگت جي هر ڪچهريءَ ۾ ڪي نوجوان اچن ٿا. لازمي طور اهي نوجوان مستقبل ۾ وڏو ڪم ڪندا.“

سنگت جي ڪچهري ختم ٿي. سڀ آهستي آهستي بيسنت لاج منجهان نڪري ويا پر ناصر جيڪو ڊگهو قدآور ۽ دليپ ڪمار جي اسٽائل تي وار رکائيندو هو، سو ٻاهر سڙڪ تي، سارنگ، احمد بخش، اطهر ۽ عامر سان بيٺو هو. سارنگ، ناصر کي ايندڙ ڏينهن ٿيڻ واري شاگردن جي مظاهري بابت ٻڌائي رهيو هو.

”ادا، اهي حيدرآبادي شاگرد ليڊر سڀ جماعت جا پڳهاردار آهن اهي ڪڏهن به ترقي پسند خيالن جي حمايت نه ڪندا. ٿورو سنڀالي ڪم ڪجو. هت به سي آءِ ڊي وارا گهُمن پيا.“

ناصر کان موڪلائي چارئي دوست سوسائٽيءَ وٽ هڪ نئيڙي هوٽل ۾ آيا جنهن کي هڪ هندو هلائيندو هو ۽ انهيءَ ڪري اُتي ٻاڪرو گوشت ڏاڍو سٺو ملندو هو. انهيءَ کان علاوه رپئي اڌ ۾ هڪ ماڻهو پيٽ ڀري، گهر جهڙي ماني کائي وٺندو هو. هو چارئي دوست هڪ ٽيبل تي چوگرد اچي ويٺا ۽ مانيءَ جو آرڊر ڏيئي اچا ڳالهائڻ شروع مس ڪيئون ته هڪ چاليهاري سال کن جو اپرو همراه اندر آيو ۽ سارنگ سان اچي هٿ ملايائين ۽ بنا دعوت جي ئي ساڻن گڏ ويهي رهيو.

”ڪامريڊ ڪهڙا حال آهن؟“ اپري همراه سوال ڪيو.

”بس چڱا آهن ڏسين ڪونه ٿو بُک جا چڪ آهن.“ ڪامريڊ کِلي چيو.

”يلا سياٽي چوڪرن جا ڪهڙا پروگرام آهن؟“ اپري همراه پُڇيو.

”يار چوڪرن جا پروگرام چوڪرن کان پُڇ“ سارنگ چيو، ”باقي اسان کي بُک اهڙي لڳي آهي جو مانيءَ ۾ دير ٿي ته دوست دشمن به کائي ويندا سين.“

”يار آءُ اوهانجو دوست آهيان.“ اپري همراه چيو.

”ها هي به منهنجا دوست آهن.“ سارنگ چيو، ”هي قادربخش آهي هي احمد شاه ابدالي آهي ۽ هي آهي پيرل پياسي پر پاڻ کي تيمور جي اؤلاد ٿو سڏائي. سو تيمور به هاڻ هجي ها ته سويت يونين جو رهاڪو هجي ها. انهيءَ ڪري اسين هن پيرل پياسيءَ کي به قبول ڪريون ٿا.“

اپري همراه سيني سان هٿ ملايو.

”هي به ٽئي سِٽي ڪاليج جا آهن ۽ هي ويچارو ماتليءَ مان آيو آهي ۽ سرمست ڪاليج جو آهي.“

پوءِ ڪامريڊ دوستن سان اپري همراه جي سڃاڻپ ڪرائي.

”هي منهنجو دوست زاهد آهي. پاڻ ٽنڊي يوسف جي شيدين مان آهي. سندس وڏڙن مان ئي هوشو شيدي نعرو هڻي ويو ته مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون. پر هي همراه مرڻ لاءِ تيار ناهي ۽ سرڪار جي سي آءِ ڊيءِ جو ڪارندو آهي. دوست کي خبرچار کپي. سو دوستي پيو نڀاهيندو آهيان. پر اڄ يار خبرون جام آهن پر اسانجي اڄوڪي ماني تنهنجي خرچ تي يعني سرڪار نامدار جي خرچ تي. باقي خبر بابت جيڪو حال آهي سو حبيبن اڳيان آهي پهرين ويهه ته ماني کائي وٺون.“

زاهد شيدي مانيءَ جو بل ڀرڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

ماني کائي ڪامريڊ ڏند کوٽيندي زاهد کي خبر ٻڌائي ته سياٽي شاگرد جلوس ڪڍندا.

”اها ته مونکي به خبر آهي.“ زاهد وراڻيو.

”بس يار پاڻ کي به اها خبر آهي.“ ڪامريڊ چيو. ”هاڻ اٿون ٿا. موڪلاڻي ناهي. سياڻي گڏ آهيون. ماني واٽئي جي واهه جي هئي ۽ تو بل پريو تنهنجي به مهرباني. ڪڏهن مون وٽ ڪيسو پريل ڏسين ته ويهجئين ته توکي ڏهُ ڪري ماني کارائيندس. هاڻ خدا حافظ.“

زاهد کِلڻ لڳو . . . . . . . ۽ پيا سڀ هوٽل کان ٻاهر نڪري آيا، احمد بخش جي پُڇڻ تي ڪامريڊ کيس ٻُڌايو ته حڪومتي ڪارندا آهن ۽ اهي هر انهيءَ ماڻهوءَ جي پُٺيان آهن جيڪي ڪجهه سوچين ٿا ۽ جيڪي هن فوجي آمر جي حڪومت خلاف راءِ رکن ٿا ـــ يا جن جا ڪجهه اهڙن ماڻهن سان واسطا آهن جيڪي حڪومتي پاليسيءَ جي خلاف آهن. ادبي سنگت ۾ چا وهي واپري ٿو. تنهن جو رڪارڊ به رکن ٿا. شهر ۾ جت به اردو يا سنڌي انٽلڪچوئل طبقو ويهي ٿو اُت هي سائينءَ جا سنواريل موجود هوندا آهن. هت حيدرآباد ۾ ڪراچي هوٽل، سطان هوٽل، افضل هوٽل، بيسنت لاج ۽ ڪجهه ڪتابن ۽ مخزنن جي دڪانن تي به سدائين موجود رهندا آهن.“

”پوءِ ته هي خطرناڪ ماڻهو آهن.“ عامر چوڻ لڳو.

”ها بلڪل!“ سارنگ مُرڪندي چيو، ”سڀ کان خطري واري ڳالهه اِها آهي ته گهڻو ڪري اهڙا حڪومتي ڪارندا سڀ اُردو ڳالهائيندڙ آهن ۽ سندن ذهني جهڪاءُ به مذهبي جماعتن ڏانهن آهي. انهيءَ ڪري سنڌي نوجوانن کي گهڻو ڪري، هندستان جي پاڪستان دُشمني سان ڳنڍي ڇڏيندا آهن. ۽ اسين سڀ سندن نظرن ۾ راجا ڏاهر جا پوءِ لڳ ۽ ان جي اؤلاد منجهان آهيون. انهيءَ ڪري آءُ وري به انهيءَ زاهد شيديءَ سان ڪجهه ڪچهري ڪري وٺندو آهيان ۽ هي اُبتي سُبتي رپورٽنگ نه ڪندو آهي.“

عامر چيو: ”پر يار بابا کي جيڪڏهن اِها خبر پئجي وڃي ته اسين اهڙا ڪم ڪريون ٿا ۽ اهڙن هنڌن تي وڃون ٿا جت سي آءِ ڊي وارا به هوند آهن ته منهنجو گهران نڪرڻ به بند ڪري ڇڏي.“

”منهنجو پيءُ ته سرڪاري ملازم آهي.“ اطهر چيو، ”اهو انهن ڳالهين جي سخت خلاف آهي. چوندو آهي ته بابا پنهنجو رڪارڊ صاف سُٿرو رکو جو اڳتي هلي اوهان کي سينٽرل سپيريئر سروس جا امتحان ڏيڻا آهن.“

”انهيءَ جي معنىٰ اها ته اسين آفيسر ٿي هن جبر جي دؤر کي مضبوط ڪرڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي وڃون.“ سارنگ چيو.

اڳتي هلي پروگرام موجب اطهر ۽ عامر هنن کان جدا ٿي ويا ۽ سارنگ ۽ احمد بخش چاؤڙي ٽاٽي وٽان مُڙي تلڪ چاڙهي ڏانهن وڃڻ لڳا.

سارنگ جي هوائي محل جهڙي گهر ۾ عنايت ڪاشميري ۽ بروهي موجود هئا. سارنگ جي دوستن کي خبر هُئي ته بند در کي ڪئين کولجي، سو هو اڳ ئي در کولي، اندر پيل هڪ کٽ ۽ هڪ ڪرسيءَ تي ويٺا هئا. عنايت به دٻا اچي چُن جا اڳ ئي کٽي آيو هو، جنهن ۾ فقط پاڻي ملائڻو هو. بروهيءَ وٽ جيڪو دٻو هو تنهن ۾ ڪارو رنگ پيل هو.

”هيلو ڪامريڊ“ سارنگ اندر داخل ٿيندي ئي رڙ ڪئي، ”تياري ٿي ويئي؟ شهر جون ديوارون اسان جو انتظار ڪن پيون.“

”ڪامريڊ، اوهين ديوارن جو اچو منهن ڪجو،“ بروهيءَ چيو، ”آءُ ديوارن سان گڏ آمرن جو ڪارو مُنهن ڪندس.“

سيني ٺهڪ ڏنا.

”يار توهان پيٽ بادشاه جي پوڄا ڪئي آهي؟“ سارنگ پُڇيو.

”ها اسان ڊبل روٽي پڪوڙا کاڌا آهن.“ عنايت وراڻيو.

”اسان تہ يار سرڪار نامدار جي خرچ تي ڏهہ ڪري آيا آهيون. في الحال چٽيهہ ڪان ٻائيتاليهہ ڪلاڪن جو پيٽرول پيٽ ۾ آهي.“ سارنگ چيو. ”پوءِ هلو ڊير چاچي آهي؟“

رات جا ڏهہ لڳي چڪا هُئا. حيدرآباد شهر جون سڙڪون بلڪل ويران ڪونہ ٿيون هيون. ڪنهن مهل ڪو ٽانگو يا وڪٽوريا گاڏي يا موٽر رڪشا لنگهڻ جا آواز آيا پئي. سئنيمائن جو پهريون شو ختم ٿيو هو ۽ ڪيترائي ماڻهو پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن ويا پئي ـــ ۽ سارنگ جي هٿ ۾ ڪاري رنگ جو ڊبو هو ۽ سڀ ڪان پهرئين تِلڪ چاڙهيءَ جي هڪ سچل ڪامرس ڪاليج جي پٽ تي لکيائين: لاٺي گولي ڪي سرڪار نهين چلي گي. پوءِ رڙ ڪيائين: ”يارو رائٽنگ آن وال آهي تہ ون يونٽ ڪي ٽوڙيو! اهو ون يونٽ تہ آءُ پنهنجي جواني منجهہ ئي ٽٽندو ڏسندس.“

پوءِ سڀ جوان مصروف ٿي ويا. يونيورسٽي آرڊيننس ڪي ٽوڙيو ۽ شاگرد اتحاد زنده آباد ـــ تان جو همراه چاؤڙي ٿاڻي جي پِٽ ڪي بہ اچي لڳا. ڪين هڪ نشئيءَ پوليس واري ڏسي ورتو ۽ هن اڳيان وڌي عنايت ڪاشميري جي ڪڪڙ جهڙي ڳچيءَ ۾ هٿ وِڌو ۽ اڌ سنڌي اڌ اردوءَ ۾ رڙ ڪيائين: ”پيٽان ڪيا لکهتا پڙتا هي. گورنمنٽ جي خلاف بند ڪر دونگا.“

”سنتري هوگا تمهارا باپ،“ نشئي پوليس واري رڙ ڪئي، ”سنتري بادشاه هئہ!“

”سائين لکتا هون ڪشمير هندستان ڪا نهين هئہ. ڪشمير ڪشميريون ڪا هئہ!“

يہ صحيح هئہ. لکو لکو! هندستان ڪي باپ ڪا هئہ ڪشمير!“

پوليس واري مان جان ڇڏائي همراه لڄپت روڊ ڏانهن مُڙي ويا. پر چاؤڙي ٿاڻي جي پٽ تي لکي ويا: ”ڪشمير ڪشميريون ڪا هئہ!

پر ٻئي ڏينهن صبح ساڻ شاگرد رهنما، ڪراچيءَ وارا ۽ سارنگ سميت سڀ پوليس لاڪ اپ ۾ هئا. ڪجهہ شاگردن اولڊ يونيورسٽي ڪئمپ وٽ ڳڏجي نعريبازي ڪئي پر ڳوڙها آٽيندڙ گئس ۽ ڏنڊن جي وسڪاري ڪين چڙوچڙ ڪري ڇڏيو. . . . . ۽ ڪلاڪ اڌ ڪان پوءِ شهر ائين عام رواجي طور هليو پئي ڄڻ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ.

ٻئي ڏينهن ئي شهرين ديوارن تي لکيل نعرا ڏٺا جيڪي ايندڙ ڪجهہ سالن جي واقعن جي شروعات هئي.

# 38

نومبر 66ع جي شروعاتي ڏينهن جي شام هُئي. سج لهي چڪو هو پر اڃا آسمان تي سوجهرو هو. محمد بخش جي گهر ۾ هڪ ننڍڙي پارٽيءَ جو اهتمام ٿيل هو. اڄ محمد بخش جي شاديءَ جي سالگره هُئي. چار سئو والن تي ٺهيل بنگلي جي ٻاهر محمد بخش جي نالي جي تختي لڳل هُئي. جنهن تي لکيل هو. M.B Baloch عام طور تي يار دوست کيس محمد بخش بدران بلوچ صاحب ڪري سڏيندا هئا. هو هڪ پڙهيل ۽ زماني سان هلندڙ ترقي پسند زميندار هو. ڪيترن ئي آفيسرن ۽ تعليم يافته ماڻهن سان دوستي هيس.

گذريل ستن سالن کان پنهنجي شاديءَ جي سالگره ملهائيندو هو پر تمام ٿورڙا ويجها دوست سڏيندو هو.

اڄ به سالگره واري تقريب ٿي چڪي هئي. مهمان سڀ سالگره جو بمبئي بيڪري وارو ڪيڪ ۽ نمڪ پارا، گانٺيا، مُڱن جي دال، دهي ٻڙا ۽ شامي ڪباب کائي چڪا هئا. رگهو ڪامريڊ جگت، استو علي محمد، محمد علي شاهه يونيورسٽي آف سنڌ جو اسسٽنٽ پروفيسر محمد امين جلالاڻي ۽ انڪم ٽئڪس آفيسر احمد علي خشڪ ويٺا هئا. مرد سڀ ٻاهر ننڍڙي لان ۾ ويٺا هئا ۽ عورتن جي ڪچهري اندر ڊرائنگ روم ۾ هلي پئي. اطهر ۽ احمد بخش، عامر جي ڪمري ۾ ويٺا هئا. سنڌ جي وچئين طبقي ۾ سالگره جو رواج نه هو ۽ نه ڪي دهي ٻڙا شامي ڪباب ۽ ٻين نمڪين شين کي مهمانن جي تواضع لاءِ عام گهرن ۾ پيش ڪبو هو. ڪجهه خاندان اهڙا هئا جيڪي ورهاڱي کان به اڳ دهلي، بمبئي يا ڪراچيءَ جي تهذيبي سرشتي سان ڳانڍاپيل هئا. انگريزي يا ديني تعليم به دهليءَ جي جامعه مان ملي، ڪراچي جي ڪاليجن يا مبئي يونيورسٽي مان حاصل ڪيل هئي. انهن گهرن ۾ ڪجهه عورتون ساڙهيون به پائيندڙيون هيون جيڪي بمبئي، حيدرآباد دکن يا پنجاب جي شهري علائقن مان پرڻجي سنڌ ۾ آيون هيون. ٻيو ڪجهه پڙهيل طبقو زميندارن ۽ عام سرنديءَ وارن جو هو جيڪي پنهنجا پُٽ علي ڳڙهه پڙهڻ جي لاءِ موڪليندا هئا. علي ڳڙهه موڪلڻ جا ٻه سبب هئا هڪ ته هندستان ۾ عام طور تي مسلمان علي ڳڙهه کي ئي پنهنجو تعليمي ڪعبو قبلو سمجهندا هئا ۽ ٻيو ته سنڌي زميندارن جا عيش ۾ پاليل ڇوڪرا بمبئي يونيورسٽيءَ جي سخت تعليمي نظام کي پُڇي نه سگهندا هئا. اهڙا به مثال هئا ته بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌ جي مسلمان ڇوڪرن سان ڪنهن ڪنهن وقت ناانصافي به ٿيندي هُئي.

ڪچهري هلي پئي.

محمد بخش کي سڀني مبارڪون ڏنيون. اُستي علي محمد کي سالگره واري ڳالهه وڻي.

”سائين عمر جو هڪ سال کُٽي ضرور ٿو،“ محمد بخش کِلندي چيو. ”پر پنهنجي زندگيءَ جي شريڪ سان تعلقات ۽ محبت جي عرصي منجهه هڪ سال جو اضافو ٿئي ٿو. هونئن به اسان وٽ سنڌ

۾ عورت ڪي پنهنجي مرد جي ئي تابع رهڻو آهي ۽ ويچاري رهي ٿي پر جيڪڏهن سال ۾ هڪ دفعو مرد سيني جي اڳيان اها ڳالهه مڃي ته اسان زال مڙس هڪ ٻيو سال محبت ۽ پنهنجائپ وارو گذاريو آهي ته آءُ سمجهان ٿو ته فئملي جي وجود ۽ ورڪنگ ۾ مضبوطي ۽ خوشگوار ماحول موجود رهي ٿو.“

”اها ڳالهه صحيح آهي ته،“ پروفيسر جلالاڻيءَ چيو، ”عورت جي نفسيات آهي ته مرد سندس محبت ۽ خدمت کي Acknoweledge ڪندو رهي ته هوءَ سچي زندگي پنهنجي گهر ۾ محبتون ورهائيندي رهندي. سندس مڙس ٻار ۽ ساهرا سڀ انهن محبتن ۾ ڀاڱي ڀائيوار هوندا آهن. پر ڀائو محمد بخش ڀاءُ اٿئي اسڪارپئين ۽ انهي بُرج جون عورتون انتهاپسند ٿينديون آهن يا ته جگري دوست يا جاني دُشمن واري پاليسي تي هلندا آهن. اسڪارپيئن! ڏٺيءَ ڀانيان ٿو اوهان تي پنهنجي ٻاجهه، اسپيشل ڪوٽا منجهان وڌيڪ عطا ڪئي آهي. اوهان ڀاڀيءَ کي پيار ڏنو آهي ۽ موٽ ۾ اوهانجي گهر کي جنت ٺاهيو ويٺي آهي. ٿورو پيار گهٽ ڪريو يا شڪ شبي جي گنجائش ٿي پوي ته خبر پوندي اوهانکي.“

”نه يار مون جهڙو فرمانبدار مڙس اخبار ۾ اشتهار ڏيڻ سان به نه ملندو.“

”يار اسين ٿورو پيار ڪريون يا،“ پروفيسر جلالاڻيءَ کلندي چيو، ”گهڻو پيار ڪريون يا پيار سسپينڊ ڪريون يا ڪنهن ٻي زال کي، شهري زال کي پنهنجي پيار مان شيئر ڪريون. پر اسان جو ڳوٺاڻيون زالون ويچاريون پنهنجي نصيب جي لکئي مطابق سڀ پوڳين پيون. منهنجي زال ڳوٺ ويٺي آهي خوش آهي. مانيون مکڻ کايو ويٺي آهي. ڳوٺ ويندو آهيان ته انتظار ۾ هوندي آهي وڙهندي ڪانهي. نه ڪيس خبر آهي ته ڊيٽ آف برٿ ڇا آهي ۽ برٿ ڊي ڇا آهي.“

”اسانجي سوسائٽي فيوڊل سسٽم مطابق آهي.“ ڪامريڊ جڳت چيو، ”اسانجيون عورتون مئل ڍور مثل آهن. اسانجو مرد ڪين پنهنجي پراپرٽي جو حصو سمجهندو آهي.“

”اڄ ڪلهه حڪومت نهايت زور شور سان عورتن جي تعليم ڏانهن ڌيان ڏيئي رهي آهي.“ اُستي علي محمد چيو.

”سائين تعليم جو اسٽنڊرڊ ختم ٿئي پيو“ محمد بخش چيو، ”ورهاڱي کان پوءِ ڏينهون ڏينهن گهٽ ٿيندو پيو وڃي. اوٺهويهه سئو سٺ ايڪهٺ تائين وري به ڪجهه صحيح هو ۽ مئٽرڪ جو امتحان يونيورسٽي وٺندي هئي ۽ بمبئي جاميٽري، ڊريگن بڪ آف ورس، ٽئلس فرام شيڪسپيئر ۽ ٻيا اهي ڪتاب هئا جيڪي بمبئي ۽ ڪلڪته يونيورسٽين ۾ رائج هئا. پر هاڻي يونيورسٽيءَ بدران امتحان بورڊ آف سيڪينڊري ايجوڪيشن وٺي ٿو ۽ سمورو ڪورس بدلجي ويو آهي. لاهور ۽ ڪراچيءَ ۾ ڀيا ديسي استاد نصابي ڪتاب لکن ۽ لوڪل پريسن ۾ ڀيا ڇپجن. سو هڪ ته اسٽنڊرڊ ۾ گهٽ ۽ ٻيو پرنٽنگ ۾ چُڪون. سو سائين اڄ جي شاگرد کي لو ــ اسٽنڊرڊ جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏبا ۽ انهن ڪتابن ۾ ٻولي ۽ ڇپائي جو غلطيون هونديون ته پوءِ سٺا ۽ هاءِ ڪيلبير جا شاگرد ڪٿين پيدا ٿيندا. انهيءَ کان سواءِ اڄڪلهه جيڪا ٻي وبا شاگرن ۾ ڦهلجي ويئي آهي سا آهي ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ ۾ اسٽوڊنٽس يونين جا وجود. شاگرد اڳ ئي پنهنجو قيمتي وقت فضول ڳالهين ۾ وڃائين ٿا ۽ مٿان وري پروفيشنل ليڊرس جي چنبي ۾ اچي پنهنجي تعليم به خراب ڪن ٿا ۽ سوسائٽيءَ جي لا اباڻدنگ ۽ عزت دار مائٽن لاءِ ڏچا پيدا ڪن ٿا.“

”انهيءَ ڳالهه سان آءُ به متفق آهيان.“ اُستي علي محمد چيو.

”اسٽوڊنٽس جي وقت خراب ڪرڻ جي خلاف آهيان.“ جلالاڻي چيو، پر مون وٽ ڪجهه رزرويشن آهن.“

”پر دوستو آءُ اوهان جي ڳالهه سان متفق ناهيان.“ ڪامريڊ جڳت چيو، ”سچي دنيا ۾ ٽريڊ يونين ۽ نوجوانن جون تحريڪون هلن پيون ۽ ظاهر آهي ته اسين به هن دنيا سان لاڳاپيل آهيون. هاڻ پاڻ

واضح طور تي ٽين دنيا جي پيڙهيل قومن منجهان آهيون. جيڪڏهن اچ اسانجو نوجوان سجاڳ نہ ٿيو تہ آمريت ۽ سرمائيداري جي خلاف تحريڪن ۾ حصو نہ ورتو تہ اسانجو ملڪ هن صديءَ ۾ تہ ڇا پر ايندڙ صديءَ ۾ بہ ڊڪٽيٽرن جي حوالي هوندو.“

”پر يار جڳت اسين ڪميونزم کي انوائٽ ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون.“ محمد بخش چيو. ”ڪي ڪي ڊڪٽيٽر بہ ماڊل هوندا آهن پروگريس ۽ ڊيولپمينٽ جا. مڃان ٿو تہ صدر ايوب فوجي ڊڪٽيٽر آهي پر اها حقيقت نہ آهي ڇا تہ هن جو دور ۾ ڪرپشن گهٽ ٿي آهي. انڊسٽريلائزيشن ڪيتري وڌي ويئي آهي. شهرن ۾ روزگار جا موقعا ڪيترا گهڻا پيدا ٿيا آهن. ڪراچيءَ ۾ هزارين انڊسٽريون لڳيون آهن. خود پنهنجي حيدرآباد ۾ سائيٽ ايريا کي هلي ڏسو تہ اڄ ڪيترا نوان ڪارخانا لڳي چڪا آهن. صبح شام جو ورڪرس جو رش تہ ڏسو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اسانجي سنڌين انهيءَ ڊيولپمينٽ منجهان فائدو نہ ورتو آهي. اسانجا سنڌي ڇوڪرا ۽ مرد ڳوٺن ۾ واهڻن منجهان نڪرن ئي نٿا. هو پنهنجو ماحول نٿا ڇڏڻ چاهين تہ پوءِ هو ڪيئن ترقي ڪندا. آءُ توهانکي ٻڌايان تہ سڪسٽيز ۽ سيونٽيز جا ڏهہ ڏهہ سال نہ رڳو پاڪستان جي ترقي لاءِ اهم آهن پر سنڌين جيڪڏهن انهن ٻن ڏهاڪن ۾ پاڻ نہ سنڀاليو ۽ تعليم ۽ روزگار لاءِ پاڻ نہ پتوڙيو تہ هٽ وري اهي حالتون پيدا ٿينديون جهڙيون ٽرٽيز جي ڏهاڪي ۾ پيدا ٿيون هيون ۽ ياد اٿئي جڳت پاڻ شاگردن سان گڏ هندو مسلمان اختلاف گهٽ ڪرائڻ لاءِ ڳوٺن ۽ شهرن جا دؤرا ڪندا هياسين. انهن حالتن جو انجام ڇا ٿيو؟ ملڪ جا ٻہ ڀاڱا ٿي ويا ۽ هندو سنڌ ڇڏڻ لاءِ مجبور ٿي ويا.“

ايتري ۾ ڇوڪرا جيڪي اندر ڪمري منجهہ ويٺا هئا سي بہ ٻاهر نڪري آيا ۽ پنهنجن بزرگن جي ڪچهريءَ ۾ اچي ويٺا.

پروفيسر جلالاڻي ڳالهائي رهيو هو. ”ادا اوهانجي ڳالهہ درست آهي تہ اڄوڪي دؤر ۾ ترقي ڪرڻ نهايت ضروري آهي. جيڪو سڪسٽيز جي هنن ڏهن سالن ۾ پنهنجي ڪاهليءَ يا نااهليت ڪري رهجي ويو اهو ايندڙ پنجاهہ سال پوئتي پوندو. اسان کي نہ رڳو تعليم، ڪاروبار ، سروسز ۽ سماجي شعبن ۾ اڳتي وڌڻ گهرجي پر ٻهراڙين ۾ بہ زرعي ڇاڻ جي سائنسي بنياد رکڻ گهرجي. . . . “

ڪامريڊ جڳت وچ ۾ ڳالهايو: ”جلالاڻي معاف ڪجائين وچ ۾ ڳالهايان ٿو. اهي جيڪي ڳالهيون تو ڪيون آهن تن شعبن ۾ اڳيان تڏهن وڌبو جڏهن اسان وٽ اڳواٽ اهڙو انفرا اسٽرڪچر موجود هجي. اسان وٽ نہ تہ مڊل ڪلاس آهي ۽ نڪي لوئر مڊل ڪلاس، فيوڊل سسٽم جي عمارت موجود آهي. تعليم، ڪاروبار، سروسز ۽ سماجي شعبن ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ وڏيرو ڪلاس سڀ کان وڏي رنڊڪ آهي. جيڪي ڇوڪرا ڳوٺن مان نڪري شهرن ۾ پڙهڻ آيا آهن تن جو بنياد نهايت ڪچو آهي ۽ اهي ڇوڪرا ڪراچي، لاهور، ڍاڪا ۽ حيدرآباد جي وڏن انگريزي اسڪولن جي شاگردن سان مقابلو نٿا ڪري سگهن. نتيجو اهو نڪري ٿو تہ هو سپيئريئر سروس ۾ نٿا اچي سگهن.“

”محنت ڪن،“ محمد بخش وراڻيو، ”محنت هميشهہ ڪاميابي جي ڪنجي آهي. هي احمد علي ويٺو آهي. غريبن مائٽن جو ٻار آهي پر ميرٽ تي امتحان پاس ڪري ڊائريڪٽ انڪم ٽيڪس آفيسر ٿيو ۽ جونيئر ڪلاس ون مليس.“

”اهي exceptions آهن.“ ڪامريڊ جڳت چيو، ”پر گذريل پندرهن سورهن سالن ۾ حساب ڪريو ڪيترا سنڌي مقابلي جي امتحان ۾ چڙهيا آهن ۽ ڪيترا پنجابي اردو ڳالهائيندڙ سنڌ جي سيٽن تي چونڊجي آيا آهن.“

” مون ڀيرين بہ چيو هو نہ تہ محنت ۽ لاڳيتي محنت ڪرڻ گهرجي، نيٺ ڪامياب ٿي ويندا سين.“ محمد بخش چيو.

”چاچا معاف ڪجو آءُ وچ ۾ ڳالهايان ٿو،“ احمد بخش چيو، ”اوهين ته ڪلاس ون ۽ ڪلاس ٿو نوڪرين جون ڳالهيون ٿا ڪريو پر اسانکي خبر آهي ته پٽيوالا، ڪلرڪ ۽ ٻيو هيٺيون اسٽاف به لاهور مان پرتي ٿي اچي ٿو. اوهان ون يونٽ بلڊنگ جي آفيسن ۾ وڃي ڏسو. سنڌي ڇوڪرا مئٽرڪ پاس انٽر پاس رُلن پيا پر نوڪريون رڳو پنجاب مان ايندڙ ڇوڪرن کي پيون ملن. ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٻيا آفيسر سڀ پنجاب مان بدلي ٿي آيا آهن ۽ اهي پنهنجن ڇوڪرن کي ڊوميسائل سرٽيفيڪٽ منٽ ۾ ٿا ڪڍي ڏين. لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ ته وارڊ بواءِ ۽ پنگي به پنجاب مان اچن پيا جنهن ڪري اسٽوڊنٽ يونين ۽ پرنسيپال ڪرنل نجيب پاڻ ۾ نه پيا ٺهن.“

”بابا ايترو پري نه وڃو ته متان ڳالهه منجهان ڳالهاڙو ٿي پوي،“ اُستي علي محمد چيو، ”اسان کي صبر ۽ اسلامي ڀائيچاري سان ڪم وٺڻ کپي. نه ته اوهين ڇوڪرا وري هندو مسلم واري سوال کي ٻيهر سنڌي پنجابي ڪري اٿاريندا ته مسلمان قوم ۽ پاڪستان جي بقا لاءِ خراب ٿيندو.“

”چاچا سائين معاف ڪجو.“ احمد بخش چيو، ”هينئر جيڪو استحصال ٿئي پيو سو ورهاڱي کان اڳ واري دؤر کان به بدتر آهي. هندو هم زبان هئا ۽ پاڻ کي سنڌي به چوائڻ ۾ فخر ڪندا هئا. هاڻ ته سنڌي ڳالهائڻ به آهستي آهستي ڏوهه بنجندو پيو وڃي. اوهان ٻڌايو ته تعليم کاتي ۾ سنڌي زبان سان ڪهڙو حشر ٿيو آهي. فائينل جو امتحان ختم ڪري ڇڏيائون. اردو ڇوڪرن لاءِ سنڌي پڙهڻ به ختم ٿي ويو. سنڌي ٻارن لاءِ اردو پڙهڻ لازمي بنجي ويو. اوهان کي خبر آهي ته مقابلي جي امتحان ۾ سنڌين کي اردو ڪيتري ڏکي لڳي ٿي. اوهان هر اخبار ۾ ڏسو، هر پيٽ تي ڏسو ۽ سنيما جي سلائيڊن تي ڏسو اهائي پروپيگنڊا ٿيل آهي ته اردو پڙهو، اردو لکو. اسانکي خبر نه هئي ته انگريز جي غلاميءَ کان پوءِ پنجاب جي ۽ يوپيءَ جي آفيسر شاهي ۾ ڦاسي پونداسين. اسانجي زبان، علائقائي زبان ٿئي پئي ۽ اسانجو ڪلچر علائقائي ڪلچر ٿي پيو آهي. مهيني ٻن جي ڳالهه آهي ته نيو مئجسٽڪ سئنيما وٽ هڪ پوڙهو ٽيهن چاليهن سالن کان رهندو آهي. تنهن جي ڏهٽي سنڌ جي سيٽ تي پي سي ايس جو امتحان ڏنو ۽ پاس ٿي ويو. اسانجي هڪ دوست آغا انهيءَ کي چئلينج ڪيو ۽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ حيدرآباد کي درخواست ڏني ته اميدوار جو نانو برابر حيدرآباد صدر ايريا جو پراڻو رهاڪو آهي پر اُميدوار ۽ انجا ماءُ پيءُ ٻئي لاهور جا آهن. اميدوار پرائمري کان وٺي گريجوئيشن لاهور منجهان حاصل ڪئي آهي ۽ هاڻ هن کي حيدرآباد جو ڊوميسائل ڏيئي پي سي ايس جي امتحان ۾ چونڊايو ويو آهي. خبر اٿو ته ڇا ٿيو؟ اسان جي دوست کي گهرايو ويو ۽ ڪيس ٻڌي اي ڊي ايم صاحب چيس بابا تون ڪو معتبر آهين ڇا؟ اسان انڪوائري ڪئي آهي ۽ تنهنجي درخواست غلط آهي. اهو لاهوري سنڌ جي سيٽ پي سي ايس جي امتحان ۾ کڄي ويو.“

محمد بخش کلڻ لڳو.

”ڇوڪرا ڇتا پيا ٿين.“ محمد بخش چوڻ لڳو، ”پٽ اهي exceptions آهن. هر سوسائٽيءَ ۾ اهڙا مثال هوندا آهن. پر توهان مهرباني ڪري محنت ڪريو.“

ٿوري ويرم کان پوءِ محمد بخش وري چوڻ لڳو: ”اسان جي نوجوانن کي پڙهي مقابلو ڪرڻ گهرجي. پر هڪ ڳالهه ٻي به منهنجي مشاهدي منجهه آئي آهي جيڪا ٿورڙي خراب به آهي ۽ شايد ٿي سگهي ٿو ته اسان جي فائدي منجهه به وڃي. ورهاڱي کان اڳ مسلم تهذيب يا ته وڏيرڪي هلت چلت هئي يا وري ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جهڙن شهري گهرن منجهه هئي نه ته مسلمان سڀ ڇٽ هئا. ائين نه جڳت؟“

جڳت مُرڪڻ لڳو.

”پر هاڻ هندو هليا ويا ۽ هي يوپي، سي پي ۽ دهليءَ وارا پنهنجيون پنهنجيون تهذيبون کڻي آيا آهن. سندن تهذيب، ريتن رسمن ۽ رواجن ۾ پڻ ٿوري وڏيڪ رنگيني ۽ چِڪ بہ آهي ۽ اسانجي سادي نموني جي زندگي ۽ رسمن رواجن تي هڪ واضح اثر پئجي رهيو رهيو آهي. اسانجي اٿڻي ويهڻي، لباس، ڳالهه ٻولهه جي طريقن کيڪر ۽ آجيان جي اندازن ۾ وڏو فرق پئجي ويو آهي ۽ اهو ڪلچرل حملو جاري آهي.“

جڳت گلو صاف ڪيو ۽ نهايت ڌيمي انداز منجهه ڳالهائڻ لڳو: ”محمد بخش نيچرل فينامينا (Phenomena) آهن. جڏهن بہ ڪلچر بہ تهذيبون پاڻ گڏجي هلنديون آهن تہ هر اُهو ڪلچر جنهن ۾ سگهه هوندي آهي يا ٻاهرين چمڪ دمڪ هوندي يا ڪشش هوندي آهي سو آهستي آهستي يا ڪڏهن ڪڏهن ترت ڇائنجڻ لڳندو آهي. اسانجي سنڌي ڪلچر ۾ بہ واضح ٽرينڊ هئا. ورهاڱي سان گڏ ڪلچر ۽ تهذيب پڻ ورهائجي ويئي. اسانجي تهذيب جو اهو حصو جيڪو چمڪيلو هو جنهن ۾ رنگيني هئي يا کڻي چئجي جنهن ۾ Urban touch هو، سو ماڻهن جي هڪ حصي سان گڏ جڻ انهن جي سامان جو حصو بنجي سنڌ مان لڏي ويو. جئين شهرن ۾ ايڪنامڪ ۽ ٽريڊ گيپ وجود ۾ اچي ويو تئين 47ع کان پوءِ اسانجي شهري ڪلچر جو بہ خال موجود هو. جئين يوپي، دهلي بمبئي ۽ دکن جي پڙهيل ماڻهن اسانجي شهرن ۾ سرڪاري نوڪرين ۽ واپار جي کيتر ۾ پيل Vacancies کي پُر ڪيو تئين سندن ڪي قدر ماڊرن تهذيب اسان جي شهرن ۾ ڪلچر جي خالي پيل جڳهه کي والاريو. اهو صحيح آهي تہ ٻهراڙيءَ جي تهذيب هڪ بنياد جهڙي حيثيت رکي ٿي پر عام طور تي شهري تهذيب ئي آهي جيڪا هر هنڌ پنهنجو اثر ڇڏي ٿي ۽ رائج ٿي وڃي ٿي. چانهه پيئڻ جو رواج ڏس ڪٿي. ڪئين طوفان وانگر شهرن منجهان ٻهراڙين ۾ ڦهلجي ويو آهي. گهر گهر ۾ چانهه جي ڪتلي چڙهيل آهي. پان بہ زالين مرد شوق سان کائين ٿا. ڪيڏانهن ويا مُسي مساڳ ۽ هٿراڏو ٺهيل سرخيون. هاڻ لپ اسٽڪ پائوڊر، ڪريمون ٻهراڙين جي زالن جي پيتين، ٻُجڪن ۽ پرسن ۾ پيا آهن. اڳ عورت مرد عطر جا ڦُڙا ڪنن ۾ وجهڻ ۽ ڪپڙن کي عطر هڻڻ فيشن سمجهندا هئا. عطر بہ اهڙو هڻندا هئا جو ڏوئي ڌوئي ڪپڙو ڇيهون ٿي وڃي پر عطر جي خوشبو نہ ويندي هئي. پر هاڻ ڏسو ڪولون، پرفيومز جو رواج ڪئين نہ پيو وڌي. ڪپڙن جي مئچنگ ڏسو. اڄڪلهه سوڙهن ڪپڙن جو يعني ٽيڊي فيشن هليو آهي. عورتن ۽ ڇوڪرين کي ڏسو منجهن ڪيتري ڪشش آهي، ڪيتري سيڪس اپيل آهي. پوءِ يار اسانجا ڳوٺاٺا ڪئين نہ اردو لکندا، اردو پڙهندا ۽ اردو ڳالهائيندا. اهي ڳالهيون دؤر ۽ وقت جي حساب سان صحيح آهن پر پنهنجي سڃاڻپ نہ وڃائجي.“

”اردوءَ جو غلط استعمال آهي ڇا؟“ اُستي علي محمد چيو.

”نہ غلط ناهي“ جڳت وارٽيو، ”اردو ضرور پڙهجي، علم ۾ واڌارو آهي پر پنهنجي لئنگويج کي ختم ڪري پوءِ اردوءَ کي حاصل ڪجي، اها پراسيس غلط آهي. هتان جيڪي سنڌي هندستان ويا آهن تن پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکڻ لاءِ سڀ کان پهرين ٻوليءَ جي بچاءُ جا جتن ڪيا آهن. ڌاري زمين تي بہ سنڌي پريسون ۽ مخزن ۽ اخبارون جاري ڪيون اٿن. اسان وٽ آءُ ڏسان پيو تہ اهو معاملو ڪجهه سست ٿيندو وڃي پيو.“

”ڪنهن حد تائين صحيح آهي.“ پروفيسر جلالاڻيءَ چيو، ”اسان جون چڱيون اخبارون جهڙوڪ الوحيد، ڪاروان ۽ هلال پاڪستان بند ٿي ويون يا ساهہ کڻڻ بہ ڏکيو اٿن. باقي عبرت آهي سا مالڪن کي سياسي توڙي سماجي scene تي جيئرو رکڻ واري مقصد هيٺ هلي رهي آهي. سنڌ جو مرڪز ڪراچي آهي پر سنڌي اخبارون جڻ ڪراچي بدر ٿي حيدرآباد مان ڇپجن پيون. ڪراچيءَ جي سنڌين

ڪي صبح ناشتي سان گڏ اڳ الوحيد يا ڪاروان ملندي ھئي ھاڻ انھيءَ بدران جنگ، انجام ملي ٿي ۽ انگريزي پڙھيل فئملين ۾ ته سنڌي اخبار گھرائڻ سماجي گھٽتائي محسوس ٿئي پئي. اتي انگريزي اخبار ڊان اچي ٿي. ھاڻ جنگ، انجام ۽ ڊان، سيني جي، سنڌ ۽ سنڌين لاءِ آئن آف ايڪشن يا پاليسي ساڳي آھي. انھيءَ ڪري اسان پئسا خرچ ڪري پنھنجي وجود ۽ سماجي مفاد خلاف مواد پڙھون ٿا ۽ پڙھندا رھنداسين. اھا ڳالھ نہ رڳو ڪلچرل پر پوليٽيڪل اٽئڪ بہ آھي. ھاڻ ڪجھ عرصو ٿيو آھي تہ ھڪ مخزن روح رھاڻ نظر اچي پئي. سا مونکي ڪجھ مقصد سان پريل محسوس ٿي. پر اھا مخزن بہ ڪجھ مٿي ڦريل نوجوانن ڪدي ھوندي. جڏھن سندن ڪيسا خالي ٿي ويندا يا ڪين چڱيون سرڪاري نوڪريون ملي ويندون يا جماعت اسلامي جي پروپئگنڊا جا شڪار ٿي جيل ۾ ويا تہ پوءِ پيھر اھڙو ڪم نہ ڪندا. پائو اھڙين ڳالھين لاءِ ماحول ڏاڍو Tense آھي.“

”منھنجي پائيٽي بہ سھڻي مخزن ڪدي آھي.“ محمد علي شاہ چيو جيڪو خاموش ويٺو ھو. ”سائين ٻارن جي لاءِ بہ ڪجھ ادب ھئڻ ضروري آھي. ٻارن جي پڙھڻ جي لاءِ ڪتاب ناھن. اسان ۾ پائر جڏھن ننڍي ھوندي جامعہ ملي دھليءَ ۾ پڙھندا ھئاسين تہ اُتي اردوءَ ۾ ڪلونا دھلي پڙھندا ھئاسين. ڪتابن ۽ رسالن جي پڙھڻ جي عادت اسانکي اُتان پيئي. غالب، مير تقي مير، خواجہ درد ۽ ٻيا ڪلاسيڪل شاعر بہ پڙھياسين ۽ سمجھہ ۾ بہ آيا. پر اسانجو پنھنجو سادات شاعر سائين شاہ لطيف اھڙي ٻولي لکي ويو آھي جو اسان تہ سمجھي بہ نٿا سگھون. بھتر آھي تہ اسين اردو سنڌي جي چڪر مان نڪرون ۽ ملڪ بہ اسلام جي نالي تي مليو آھي. انھيءَ ڪري عربيءَ کي نيشنل لئنگويج بنائجي. الله ۽ الله جو رسول بہ خوش تہ عام ماڻھو بہ خوش ٿيندا.“

پروفيسر جلالاڻيءَ ٺھڪ ڏنو ۽ چيو: شاہ صاحب عربي جھڙي ڏکي ٻولي آھي ئي ڪونہ. شاگرد ھڙ انھيءَ ۾ فيل ٿيندا آھن. پيو تہ اسان جو چا وڃي عربيءَ سان.“

سائين ڪفر ٿا ڳالھايو.“ محمد علي شاہ يڪدم چيو، ”الله جي زبان آھي، الله جي ڪلام جي ۽ الله جي محبوب جي زبان آھي. چوٽڪارو بہ انھيءَ زبان ڪري ملندو.“

احمد علي خشڪ جيڪو ھيستائين ماٺ ڪري ويٺو ھو تنھن ڳالھايو: ”سائين ڪابہ زبان پڙھڻ، سکڻ ۽ ڳالھائڻ چڱي ڳالھ آھي پر آءٌ بہ انھيءَ خيالن جو آھيان تہ پھرين پنھنجي امڙ واري ٻولي پوءِ ٻيون سڀ ٻوليون. اھي تہ چڱيون ڳالھيون آھن پر اسين تہ ملڪ جي واپار سان تعلق رکون ٿا ۽ نوڪري ئي اھڙي آھي. پر افسوس ٿئي ٿو تہ سنڌي ڪوبہ واپار ۾ اچڻ لاءِ تيار ناھي. گذريل سورھن سترھن سالن ۾ ھيڏو وڏو خال ھو پر سڀ واپار اردو ڳالھائيندڙن ۽ پنجابين اچي سنڀاليو آھي. انڊسٽري، واپار ۽ اسٽاڪ ايڪسچينج سڀ انھن جي قبضي ۾ آھن ۽ ٿورڙي وقت ۾ لک پتي ٿي ويا آھن. سنڌن حالتون ئي بدلجي ويون آھن. ۽ ملڪ ۾ واضح طور تي سرمائيدار طبقو اڀري پيو ۽ انھيءَ طبقي ۾ سنڌين جو ڪو شيئر ناھي. اسانکي سرڪاري نوڪرين ۽ واپار ڏانھن ڌيان ڏيڻ گھرجي. ٻان جي مانڊڻيءَ وارو بہ شام جو سؤ ۾ گھر ڪٺي وڃي ٿو. اسان جا ڇوڪرا جي مئٽرڪ پاس ڪن ٿا تہ ڪين ٻئي ڪنھن بہ ڪم ڪرڻ ۾ عيب محسوس ٿئي ٿو. ڪلرڪي بہ ڪندا پر ڪنھن ڌنڌي يا ٽيڪنيڪل ڪم ڪار جو نہ سوچيندا.“

”سائين اھي تہ سڀ ڳالھيون درست آھن“ استي علي محمد چيو، ”پر آءٌ اھو ڏسان پيو تہ جنھن رفتار سان اسانجا ڇوڪرا ميٽرڪ، انٽر ۽ بي اي پاس ڪن پيا تہ سال ٻن ۾ اھو مسئلو ڪر ڪڍندو تہ ڪين نوڪريون ڪٿان ملنديون ۽ بي روزگاري وڌندي. بي روزگار نوجوان جو انگ وڌڻ خطرناڪ آھي.“

”چاچا سائين اوهان بلڪل صحيح چيو آهي.“ احمد بخش چيو، ”اسانکي نوڪريون هاڻ ئي ٽيون ملن پوءِ ڇا ٿيندو. سال پن ۾ شاگردن ۾ بي چيني وڌي ويندي. اسانجي وڏن کي سوچڻ کپي. اسيمبليءَ جي ميمبرن کي ڪا چاڻ ئي ڪانهي. هو پنهنجي عياشيءَ ۾ پورا آهن.“

”بلڪل صحيح ٿو چئي نوجوان.“ پروفيسر جلالاڻيءَ چيو، ”اسانجا ميمبر پنهنجين عياشين ۽ وڏ ماڻهپائيءَ ۾ پورا آهن. اسيمبليءَ جو اجلاس شروع ٿئي ٿو ته لاهور جي رنن ۽ پڙون جي عيد شروع ٿئي ٿي. سنڌ مان ڪمايل پئسا سمورا اتي خرچ ڪن ٿا. هيرا منڊي پنهنجي اوج تي هوندي آهي. پنجابي عياش به چون ٿا ته سنڌي وڏيرن رنن جا ريٽ وڌائي ڇڏيا آهن. پنجاهه سؤ لهڻ واريءَ کي وڏيرو سائين هزارين روپيا ٿو ڏيئي. پيو ون يونٽ ڪري اسانجا سنڌي ملازم جيڪي ٽرانسفر ٿي ويسٽ پاڪستان سيڪريٽريٽ ۾ ويا آهن سي به مهيني جي شروعاتي ڏينهن ۾ اڌ ڪان وڌيڪ پگهار هيرا منڊيءَ ۾ کپائين ٿا. ڳوٺ ۾ سندن زالون ۽ ٻار مني آڊر لاءِ پيا واجهائين. سائين ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي سوسائٽيءَ ۾ عجيب ڦير گهير پيدا ٿي آهي. ٻهراڙين ۾ غربت وڌندي وڃي. اتي پيدائش جو پيو ڪو ذريعو نه وڌيو آهي. سواءِ ڦٽين، سارين يا ڪٽڪ جي ساڳين فصلن جي. شهر ۾ ڪاروبار تي هندستان مان آيل همراهه قابض ٿي ويا. نوڪريون چوڪرن کي ملن ڪونه ٿيون. حڪومت جو ڏاڍ ۽ جبر ڏينهون ڏينهن وڌندو وڃي ٿو. انهن سيني مسئلن جو تدارڪ ٿئي نه ته اسين ڪنهن Disaster ڏانهن وڌون پيا.

”جلالاڻي مونکي خوشي ٿي آهي ته،“ جڳت چيو، ”سنڌ جي مڊل ڪلاس جي پڙهيل فرد اهو ته سوچيو آهي ته اسين نهايت خراب حالتن ڏانهن وڌي رهيا آهيون. اسانجو سڀ کان وڏو مسئلو Survival جو آهي. پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکڻ جو آهي ۽ هن نئين اُسرندڙ سماج ۾، شهري لوئر مڊل ڪلاس ۾ اقتصادي طور تي پير پڪا ڪرڻا آهن ۽ جيڪڏهن اسان شهرن ۾ ڪمزور ٿي پياسين ته مستقبل ۾ سنڌ ڪنهن نئين Form منجهه هوندي.“

”جڳت جي ڳالهه برابر آهي.“ محمد بخش چيو، ”هينئر مسئلو هندو مسلم جو ناهي پر اڳتي وڌي تعليمي، اقتصادي ۽ سماجي ذريعن کي حاصل ڪجي ۽ پنهنجي حالت درست ڪجي. پر يار اسان اڃا به روهڙيءَ منجهان سکر يا حيدرآباد منجهان ڪوٽڙي پهچون ٿا ته سمجهون ٿا ته پرديس ۾ اچي وڃون ٿا. تون واقعي صحيح ٿو چوين ته اسان جي هٿان ڪراچي ته نڪري ويئي آهي. اُت يا ته اردو ڳالهائيندڙ آهن يا پنجابين جا هشام آهن. هاڻ ته پناڻ به جام نظر اچن ٿا. ٻي ڳالهه ته اُت عام محاورو اهو آهي ته ڪراچي جڻ الڳ آهي ۽ سنڌ الڳ آهي. سڀ ماڻهو ائين چوندا آهن يار سنڌ پيو وڃان. يا جيڪڏهن آءٌ ڪراچي ويس ته چوندا ته سنڌ مان آيو آهي.“

”چاچا سائين اها شروعات لڳي ٿي.“ احمد بخش چيو.

”مون پڙهيو آهي ته اڄ کان پنجاهه چاليهه سال اڳ هڪ انگريز چيو هو ته اڳتي هلي ڪراچي پنجاب جو نيچرل سي پورٽ ٿيندو. اهو وقت هاڻ اچي ويو آهي.“ پروفيسر جلالاڻيءَ چيو.

”يار اهو به اسانجو کهڙو صاحب هو جنهن ون يونٽ ٺاهڻ ۾ مدد ڪئي نه ته ائين جلدي حالتون نه بدلجن ها.“ اُستي علي محمد وچ ۾ ڳالهايو.

”اوهانکي خبر آهي ته کهڙو صاحب ته شروع کان ئي سنڌ کي اڪيلي سر خودمختيار صوبو ڏسڻ لاءِ تيار نه هو.“ جلالاڻيءَ چيو. ”اوڻهيهه سو پنجٽيهه ڇٽيهه ڌاري جڏهن سنڌ صوبو بمبئي کان ڌار ٿيڻ جي مرحلي ۾ هو ته اُن وقت به کهڙي، علامه اقبال ۽ ٻين پنجابي ليڊرن کي خط لکيا هئا ته اسين سنڌ جا رهواسي بمبئيءَ جي هندن جي اڪثريت مان جان ڇڏائڻ چاهيون ٿا ۽ اسانکي خوشي ٿيندي ته

اسين پنجاب جي مسلمان پائرن سان هڪ صوبي طور گڏجي گذاريون. اوهان حيران ٿيندا ته علامه اقبال ڪيس لکت ۾ جواب ڏنو هو ته بمبئي مان جند ڇڏائڻ کان پوءِ پنجاب سان گڏجڻ اوهان لاءِ وڏيڪ ڏچي وارو ٿيندو. پر آءُ سمجهان ٿو ته کهڙو صاحب پنجاب سان گڏجڻ جا جيڪي خواب ڏيهن جي ڏهاڪي ۾ ڏٺا هئا سي هاڻ تعبير ڪري ڏيکاريا. . . . . . . ۽ انهيءَ انگريز جي اڳڪٿي به سچي ٿيڻ واري آهي ته ڪراچي ول بي دي نيچرل سي پورٽ آف پنجاب.“

اندر ڊرائنگ روم منجهه عورتن جي ڪچهري هلي پئي. اُتي به سمورا فيشن ۽ ريشم گلي، تلڪ چاڙهي، ڪپڙن جي مئچنگ ۽ ٽيڊي فيشن کان ڪراچيءَ جي ايلفي، ثناالله جو دڪان، بندو خان جا چڪن تڪا، بندر روڊ تي نئين کليل جامع ڪلاٿ مارڪيٽ، شام کان پوءِ پي آءِ ڊي سي بلڊنگ وٽ چاٽ جا مزا ۽ پان، صدر ۽ بوري بازار جي دڪانن جا قصا هلندا رهيا. فلمن ۾ صبيحه، مسرت نذير، نيلو، وحيد مراد جي ائڪٽنگ ۽ ادائن جا ذڪر به هئا. ڪستم منجهان تازو ريليز ٿيل پارتي فلمون جواني ڪي هوا، جال، شيرين فرهاد، زندگي اور طوفان ۽ نغمه به سيني جي دلين ۾ سمايل هيون. ريڊيو تي فلمي گانن جون فرمائشون، شهري گهرن جي ڇوڪرين ۽ عورتن لاءِ خاص وندر هئي. ريڊيو سيلون جا پروگرام، اربع ڏينهن، رات جو نوين بجي واري اردو فرمائش، اربع ڏينهن شام جو ساڍي ستين بجي بناڪا گيت مالا زبردست پروگرام هئا. روز ٽيهري ڏاري ريڊيو پاڪستان تان جنوبي ايشيا لاءِ فلمي گانن جو پروگرام شوق سان ٻڌبو هو جنهن ۾ طلعت صديقي جا مٺڙ ٽهڪ ۽ وٽندڙ گفتگو هوندي هئي. ريڊيو آزاد ڪشمير به شام کان ٻڌڻ ۾ ايندو هو. اُتان به فرمائشي گيت ايندا هئا. آڪاش واڻي به انهن پروگرامن ۾ اڳتي هوندي هئي. انهيءَ کان علاوه ڪيترا شهري ڇوڪرا يا ڇوڪريون اردو فلمي رسالا، شمع دهلي، چترا دهلي، جا روماني ناول، ايم اسلم جا ٿلها معاشرتي روماني ناول يا اردو زبان جي عورتن اي آر خاتون، زبيده خاتون ۽ ٻين جا يوپي، دکن يا پنجاب جي مڊل ڪلاس يا مٿئين طبقي جي رهڻي ڪهڻي بابت ناول وڏيڪ پڙهڻ لڳا.

رات جا نو ٿيڻ وارا هئا ۽ سيني مسٽر ۽ مسز محمد بخش بلوچ کان موڪلايو ۽ پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيا.

# 39

25 مارچ جو ڏهين بجي صبح ڪمشنر هائوس ۾ فوڊ ڪنٽرولر جي وئڪنسي لاءِ انٽرويو هو. ٻه سئو اميدوارن لکت ۾ ٽيسٽ ڏيڍ مهينو ڪن اڳ ڏنو هو ۽ انهن منجهان ويهن چوڪرن امتحان پاس ڪيو هو. زباني امتحان 4 مارچ جي گوڙ گمهسان ڪري ملتوي ٿي ويو هو. شهر ۾ حڪومت ۽ خاص ڪري ڪمشنر جي خلاف پتين تي گهٽو ڪجهه لکيل هو. انهيءَ ڪري انٽرويو ڪمشنر جي آفيس ون يونٽ بلڊنگ بدران ڪمشنر هائوس تي رکيو ويو هو. ڪمشنر هائوس جي چوديواري مڙس جي قد کان ٻه فٽ پهه مٿي ڪچيل هئي ۽ ان کان پوءِ مٿائنس ڪنڊن واريون تاريون ٻه لڳل هيون. هڪ محفوظ حڪومت جو محفوظ ڪمشنر هو. عامر ٻه پيءُ جي چوڻ تي انهيءَ امتحان ۾ ويٺو هو. سندس هڙئي دوست 4 مارچ واري معاملي ۾ سينٽرل جيل ۾ هئا. سارنگ، اطهر، احمد بخش ۽ ٻيا سڀ يونيورسٽي وارا دوست ڪمشنر جي خاص مهربانين ڪري ٻڌل هئا. عامر جي خلاف ٻه وارنٽ هئا پر مٽياري جي ڪن سيد چوڪرن کي ٻڌجڻ کان بچائڻ لاءِ عامر ٻه بچي ويو. محمد بخش پُٽ تي سخت ڪاوڙيل هو. عامر جو موڊ نه هو ته ڪو هو انٽرويو ڏيئي سو ٻه اهڙي ڪمشنر وٽ جنهن سندس سيني دوستن کي جيل موڪليو هو. عامر کي اهو ٻه خوف هو ته متان ڪمشنر کي اها خبر پئجي وڃي ته هو انهن چوڪرن منجهان آهي جنهنجي خلاف وارنٽ نڪتا هئا ۽ انٽرويو سان گڏ ڪيس لاڪپ ۾ موڪلي ڇڏي. پر محمد بخش کي اميد هئي ته سندس پُٽ ميرٽ تي چونڊجي ايندو. عامر ٻن سون چوڪرن منجهان لکت جي امتحان ۾ ٻيو نمبر آيو هو.

سوا يارهين بجي عامر کي سڏ ٿيو. هو اندر ويو. ڪيس ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو ويو. عامر جسماني طور هڪ ڪمزور چوڪر هو. پر ذهين ڏاڍو هو. عامر ڪمشنر کي ڏٺو جيڪو نهايت سنجيده لڳو پئي. بورڊ جا ٻه ميمبر ٻيا ٻه هئا. هڪ ڊويزن جو ڊي آءِ جي ۽ ٻيو چيف انجنيئر بلڊنگس، ڊائريڪٽر فوڊ، ڊپارٽمينٽ طرفان آيل هو.

”اوهان لکت امتحان ۾ ٻيو نمبر آيا آهيو؟“ ڪمشنر جو آواز ڳرو هو.

”يس سر!“

گريجوئيشن ۾ سبجيڪٽ ڪهڙا هئا؟“ ٻيو سوال.

”پوليٽيڪل سائنس ۽ اڪنامڪس.“ عامر آهستي سان وراڻيو.

”اسانجي ملڪ ۾ ڊئموڪريسي آهي؟“

”نو سر.“ عامر نه چاهيندي ٻه اهو جواب ڏنو.

انهيءَ جواب تي ڪمشنر ڪنڌ هيٺ ڪيو. ٻه ٽي ساعتون خاموشي رهي. ”اسانجي ملڪ ۾ ڊئموڪريسي ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟“ ڊي آءِ جي جي مڇن سان ڍڪيل چپن منجهان سوال نڪتو.

”بيشڪ ڊيموڪريسي آهي.“

”تڏهن ٻه ته ڊئموڪريسي موجود ته آهي.“ ڊي آءِ جي وري چيو.

”اها ڪنٽرولڊ ڊئموڪريسي آهي.“ عامر وراڻيو.

انهيءَ مهل ڪمشنر ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ مُرڪي چوڻ لڳو: ”ڊئموڪريسي ۽ ويمو ڪريسي ڪي ڇڏيو. اوهان فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ داخل ٿيڻ چاهيو ٿا. اوهان کي ملڪي فوڊ لاز جي خبر آهي؟“

”جي سائين.“

”چڱو ..... ..“ ڪمشنر چيو ۽ مٿي ڇت ڪي ڏسڻ لڳو، ”جيڪڏهن آءُ شادي ڪرڻ چاهيان ته مونکي ٻڌاءِ آءُ ڪيترا مهمان گهرائي سگهان ٿو؟“

”جيترا اوهان چاهيو.“ عامر وراڻيو

”جئنٽل مئن ائين ناهي“ ڪمشنر چيو، ”توکي فوڊ لاز جي خبر هئڻ کپي.“

”سر مونکي خبر آهي.“ عامر چيو.

”توکي ڇا خبر آهي؟“ ڪمشنر پُڇيو.

”مونکي اها خبر آهي ته اوهان ڪمشنر آهيو ۽ ڪمشنر جي حيثيت ۾ اوهان تي ڪا پابندي لاڳو ٿي نه سگهندي.“

انهيءَ جواب تي ڪمشنر پاسو ورايو ۽ سندس منهن تي اڻ لکي مُرڪ تري آئي. ٻيا ميمبر به ٿورو خفا نظر آيا.

”نه نوجوان، ڪمشنر جي حيثيت ۾ نه پر هڪ عام شهريءَ جي حيثيت ۾ جيڪڏهن آءُ شادي ڪريان ته پوءِ .... “

”پوءِ سائين جيڪڏهن اوهان پنجاهه کان هڪ به مهمان وڌيڪ گهرايو ته هڪ عام سپاهي به اوهانکي ٻڌي سگهي ٿو ـــ ۽ لاڪ اپ منجهه موڪلي سگهي ٿو.“ جملي جو پويون حصو عامر چئي ته ويو پر کيس وڌيڪ خوف ٿيڻ لڳو. انهيءَ ڪري سندس منهن ۾ ڄڻ رت ئي نه پئي محسوس ٿيو.

ڪمشنر عامر کي ڪي ساعتون غور سان ڏٺو پوءِ يڪدم خوشگوار موڊ منجهه چيائين: ”چڱو نوجوان تنهنجي سبجيڪٽ تي سوال ٿي وڃي.“

عامر چُپ ڪري ويٺو.

” تو سويل چيو ته اسان جي ملڪ ۾ ڪنٽرولڊ ڊئموڪريسي آهي. ائين نه“

”ها سائين“ عامر وراڻيو.

”ڪنٽرولڊ ڊئموڪريسيءَ کي define ڪر.“

”سر عوام جي چونڊيل نمائندن کان........ اهي سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح چونڊيل هجن يا چونڊايل هجن. حاڪم پنهنجي مرضيءَ سان ڪم وٺن يا کين هلائن .... ۽ ڪنٽرول جا ڌاڳا سڀ ڪنهن مضبوط هٿ ۾ هجن ..... ۽.“

”بس اها Defination ئي ٺيڪ آهي.“ ڪمشنر جو لهجو وڌيڪ نرم ۽ دوستانه لڳو پئي. ”پر ڪو مثال ڪنٽرول جي ڌاڳن ۽ مضبوط هٿن جي استعمال جو ڏيئي سگهندين.“

عامر ٿورو منجهي پيو پر پوءِ بنا سوچڻ جي چوڻ لڳو: ”ڪجهه ڏينهن پهرين مون اخبار ۾ پڙهيو هو ته ويسٽ پاڪستان گورنمنٽ ۾ سنڌ منجهان هڪ منسٽر، ڪمشنر جي recommandations تي کنيو ويو آهي ......۽..... “

ڪمشنر اهڙي جواب لاءِ تيار نه هو ۽ تنهن يڪدم عامر کي اهو چئي چُپ ڪرايو: ”ٺيڪ آهي نوجوان. تون گهر نه وڃ ۽ ٻاهر ويهي پنهنجي نتيجي جو انتظار ڪر.“

عامر اُٿيو ۽ ڪمري ۾ هڪ اڻ وڻندڙ فضا پنهنجي پٺيان ڇڏي ٻاهر نڪري ويو. ٻاهر ٻيا ڇوڪرا به ويٺا هئا ۽ عامر جي ذهن تي هڪ خوف ڇانيل هو ۽ هو انتظار ڪرڻ بدران يڪدم ڪمشنر هائوس مان نڪري ويو.

سيني ڇوڪرن جي انٽرويو کان پوءِ ڪمشنر پينل ميمبرن کان سندن راءِ پُڇي ۽ سيني ڪيس اهوئي چيو ته جئين اوهانجي مرضي.

”هن سنهڙي ۽ ڪمزور ڇوڪري، جنهنجي نالو عامر بلوچ هو ۽ ڪيس ملڪ ۾ ڪنٽرولڊ ڊئموڪريسي جو ڏاڍو خيال هو، ان متعلق ڪهڙو خيال آهي.“

”اهو ڇوڪرو arrogant لڳو ٿئي.“ هڪ ميمبر چيو.

”mannerless پڻ“ ڊي آءِ جي جي مچن سان ڍڪيل چپن منجهان آواز نڪتو.

”اوهانجو ڪهڙو خيال آهي؟“ ڪمشنر ڊائريڪٽر فوڊ کان پُڇيو.

”هي ذهين ڇوڪرو هو.“ ڊائريڪٽر فوڊ جواب ڏنو. جيڪو پاڻ سي ايس پي ڪلاس منجهان هو ۽ اردو ڳالهائيندڙ هو.

”اوهان ٺئي صحيح آهيو.“ ڪمشنر چيو. ”اهڙو نوجوان ذهين هئڻ سان گڏ arrogant پڻ آهي. انهيءَ ۾ سندس ڏوهه گهٽ آهي ۽ ماحول جو ڏوهه وڌيڪ آهي. اهڙن ويهن ڇوڪرن ۾ ست ڇٽا سنڌي ڳالهائيندڙ هئا ۽ مون اهو سوچيو هو ته سنڌي شاگردن ۾ بي چيني گهٽي آهي. سندن جدوجهد جو رخ پلي غلط هجي پر اڳتي هلي گهڻو Vulnerable ٿي پوندا. اڄ سنڌي ڳالهائيندڙ ڇوڪر کي ترجيح ڏيڻ کپي. جيتوڻيڪ اهو trend خطرناڪ به ٿي سگهي ٿو. منهنجي ذهن ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي هڪ دوست پروفيسر جي ڀاءُ لاءِ اڳ ئي گنجائش هئي پر انهيءَ جي ڪارڪردگي اوهان سيني ڏٺي. انهيءَ ڪري منهنجي سليڪشن وري به اهو ساڳيو arrogant ۽ mannerless ۽ intelligent ڇوڪرو عامر آهي.“

سڀ خاموش هئا.

ڪمشنر وري پُڇيو: ”ڪئين ٺيڪ آهي؟“

” ٺيڪ آهي.“ سيني وراڻيو.

ڪمشنر گهنٽي وڄائي ۽ نائيڪ کي چيائين ته عامر کي سڏ ڪر. نائيڪ ڪجهه ساعتن کان پوءِ واپس آيو ۽ ٻڌايائين ته عامر ويو هليو.

”ٺيڪ آهي.“ ڪمشنر چيو.

”لياقت ميڊيڪل ڪاليج جو پروفيسر منهنجو به دوست آهي.“ ڊي آءِ جيءَ جي مچن سان ڍڪيل چپن منجهان وري آواز آيو.

”اوهانجو دوست ته ناهي؟“ ڪمشنر چيف انجنئر کان پُڇيو.

”نه سائين!“ چيف انجنيئر چرڪ پريو.

”اسين عامر کي سليڪٽ ڪريون ٿا ۽ اوهانجي به مرضي اها ئي آهي. ڪمشنر چيو ۽ فائيل تي آڊر لکڻ لڳو. آرڊر تي صحيح ڪري ڪمشنر فائيل پين ميمبرن کي صحيح ڪرڻ لاءِ ڏني. ايتري ۾ پي. اي ڪمشنر کي ڪراچيءَ منجهان هڪ ٽرنڪ ڪال ملائي ڏنو. ڪمشنر نهايت آرام سان ٽيليفون تي ٻڌي رهيو هو ۽ پوءِ جواب ڏنائين:

”هني! يو آر ليٽ! سليڪشن الريڊي ميڊ! ايترو چئي ڪنواري ڪمشنر ريسيور واپس رکي ڇڏيو.

”اوهان نہ رڳو فراخ دليءَ سان ڪم ڪيو آهي“ چيف انجنيئر چيو، ”پر ميرٽ جو بہ خيال رکيو اٿوَ.“

ڪمشنر ڪلڻ لڳو ۽ پوءِ آخر ۾ چيائين: ”اسان پنهنجو ڪم ڪيو. تي سگهي ٿو اهو ڇوڪرو بہ انهن نوجوانن ۾ شامل هجي جن حيدرآباد شهر جي ديوارن تي لکيو آهي ڪمشنر ڪُتو هاءِ هاءِ!“
ٻيا مُرڪي بہ نہ سگهيا.

# 40

سال اوڏهويهه سئو انهٺ ختم ٿيو هو. نئين سال جي شروعات هئي. ملڪ ۾ جنرل ايوب خان جي حڪومت خلاف ايجيٽيشن وڌي ويو هو. حيدرآباد ۾ ۽ سنڌ جي ٻين حصن ۾ ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ زور ورتو پئي. پر انهيءَ سان گڏ، گذريل پنجن ڇهن سالن کان اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽي منجهان پڙهي نڪتل نوجوانن ۾ پڻ بي چيني وڌي پئي. سندن مسئلو روزگار جو هو. نوڪرين جو هو. آفيسن، اسپتالن، ڪارخانن ۽ ٻين سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن ۾ ٻاهريان ماڻهو ڀرتي ٿي آيا پئي. نئين آئين مطابق نوڪرين جي معاملي ۾ Parity وارو اصول هو ۽ ويسٽ پاڪستان کي پنجاهه سيڪڙو نوڪريون مليل هيون ۽ انهيءَ پنجاهه سيڪڙي منجهان اسي نوي سيڪڙو پنجاب کنيو پئي. پڙهيل نوجوانن جو احتجاج آهستي آهستي وڌيو پئي.

تلڪ چاڙهيءَ تي ڪجهه بوٽ پالش جا کوکا لڳايا ۽ ماڻهن جا بوٽ پالش ڪرڻ لڳا. ٽي چار يونيورسٽيءَ جا ڇوڪرا ۽ ڪجهه شهر جي ڪاليجن جا ڇوڪرا هئا. احمد بخش به انهن سان شامل هو. ماڻهن ۾ رونشو لڳو پيو هو. هونئن پالش جو اجورو آنو يا ٻه آنا هو پر ماڻهو پڙهيل لکيل ڇوڪرن کي اٺ آنا، روپيو يا پنج روپيا به ڏيئي پئي ويا. شهر ۾ جت ڪٿ اهائي ڳالهه هلي پئي ته ڇورن جو مٿو خراب ٿيو آهي جو بوٽ پالش ڪن پيا.

انهي ڏينهن شام جو پنجين بجي چار ڇوڪرا حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا هئا. احمد بخش، اطهر، ڪامريڊ سارنگ ۽ يونيورسٽيءَ جو گذريل سال واري يونين جو صدر لکمير بلوچ صحافين سان ڳالهائي رهيا هئا. صحافي هئا قومي سطح جي اخبارن جا، انهيءَ ڪري هو سنڌي ڇوڪرن کي اهميت نه ڏيئي رهيا هئا. ڪراچيءَ مان نڪرندڙ اردو اخبارون ۽ انگريزي اخبارون قومي اخبارون هيون. پر حيدرآباد مان نڪرندڙ سنڌي اخبارون علائقائي اخبارون هيون يعني ٻئي درجي جون هيون.

لکمير بلوچ ڳالهائي رهيو هو: ”اسان جو مطالبو آهي ته سنڌ جي پڙهيل نوجوانن کي روزگار ڏيو. نوڪريون ڏيو. اسان کي نظرانداز نه ڪريو. اسان وٽ انگ اکر موجود آهن ته سنڌ جي ڪاتن ۾ غير سنڌين کي لاهور، سيالڪوٽ ۽ ٻين شهرن مان آڻي ڀرتي ڪيو ويو آهي. آفيسر ته ٻاهران اچن ٿا پر اسان لاءِ نان گزيٽيڊ ڪلارڪي يا پٽيوالي به نه آهي. هينئر هزارين ڇوڪرا گريجوئيٽ، پوسٽ گريجوئيٽ ۽ ميٽرڪ پاس ائين رُلن پيا ڇڻ ڪين هن ڌرتيءَ تي جيئڻ جو حق ئي نه آهي.“

پريس ڪلب جي ننڍڙي هال ۾ ويهه پنجويهه ڇوڪرا ويٺل ۽ بيٺل هئا. اڳيان صوفن تي پنج ڇهه صحافي به ويٺا هئا.

”اوهان ڪئين ٿا چئو ته نوڪرين جي معاملي ۾ سابق سنڌ واري ايراضيءَ ۾ رهندڙن سان ناانصافي آهي؟“ هڪ صحافيءَ لکمير بلوچ کان سوال ڪيو.

”جواب ڪان اڳ هڪ اعتراض ريڪارڊ ڪريو.“ لکمير وراڻيو. ”اسين سنڌ ڪي سابق سنڌ چوڻ تي اعتراض ڪريون ٿا. چند اسيمبلي ميمبرن جي قراداد پاس ڪرڻ سان هزارين سال قديم سنڌ ڪي ناس ڪري ٿو سگهجي. . . .“

صحافيءَ وري ڳالهايو: ”اوهان پل اعتراض ڪريو. درست آهي. پر ملڪ جو قانون چئي ٿو ته سنڌ نالي ڪوبه صوبو ناهي ــ ۽ ڏسڻ ۾ به ائين ٿو اچي.“

”ڪاغذن تي اُڪاريل قانون ۽ انسانن جي ذهنن منجهه اُڪريل خواهشون ۽ اُڌما، سڀ ڏسي سگهن ٿا ۽ محسوس ڪري سگهن ٿا. اسين انهيءَ سنڌ جا نوجوان آهيون. اسانکي روزگار نٿو ملي. اسانجو ڊپٽي ڪمشنر، ڪمشنر، ايس پي ۽ ڊي آءِ جي سميت سڀ غير سنڌي آهن. ڪين سنڌي ڳالهائڻ ئي نٿي اچي سنڌ جي پڙهيل نوجوانن لاءِ ڪين ڪا همدردي ناهي.“

”اهي آفيسر پاڪستاني آهن، مسلمان آهن، ملڪ جي آئين مطابق چونڊيل آهن، اوهان ايترو تعصب جو ٿا ڪريو؟“ هڪ وڏيءَ عمر جي صحافيءَ نرمي سان ڳالهايو.

”اسان تعصب جو شڪار ناهيون.“ احمد بخش ڳالهايو، ”اسان ٻوليءَ ۾ تعصب جهڙي لفظ لاءِ ڪو متبادل لفظ ئي ناهي. اسان لفظ توڙي تعصب جي سمجهه ورهاڱي کان پوءِ ڏٺي، ٻڌي ۽ سمجهي آهي. انگريز ڌاريو حاڪم هو تنهن 1851ع کان قانون نافذ ڪيو ته جيڪو به انتظامي آفيسر سنڌ ۾ ايندو انکي سنڌي زبان جو امتحان پاس ڪرڻو پوندو. پوءِ پل اهو آفيسر يورپي هجي يا ديسي صاحب. هاڻ جيڪڏهن مسلمان ڀائرن جي حڪومت آهي ته سنڌي جي سڃاڻپ به ختم ته سنڌ جي ٻولي به ختم ۽ آفيسر اهڙا ويٺا آهن جنکي سنڌيءَ جي ’س‘ جي به خبر نه آهي. . . . “

”نوجوان اوهان ٻڌو ناهي ته . . . . .“ جهوني صحافيءَ وري طنز واري انداز ۾ چيو، ”هڪ خدا، هڪ قوم ۽ هڪ زبان. اهوئي مسلمان ملڪ جو آئين ۽ بنياد آهي.“

”اسان مڃون ٿا، قرآن کي مڃون ٿا.“ لکمير بلوچ وڏي واڪي چيو، ”پر پاڪستان هڪ گهڻ قومي ملڪ آهي جت هڪ کان وڌيڪ قومون ۽ هڪ کان وڌيڪ ڪلچر موجود آهن. فيڊريٽنگ يونٽس جون زبانون قومي زبانون آهن. اردو رابطي جي زبان آهي.

”اوهان جو راجا ڏاهر بابت ڪهڙو خيال آهي؟“ هڪ صحافيءَ پُڇيو.

”راجا ڏاهر به سنڌ ڌرتيءَ جو هڪ سپوت هو جيڪو عرب حملي آورن جي اڳرائيءَ کي روڪي نه سگهيو ۽. . . .“

”۽ شهيد ٿي ويو.“ هڪ صحافي جملو پورو ڪيو ۽ کلڻ لڳو.

”جي ايم سيد جي سنڌو ديش متعلق اوهان جو رايو ڇا آهي؟“

”جي ايم سيد اسان لاءِ محترم آهي.“ احمد بخش چيو. ”هو سنڌ جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي. اسان پاڪستان جي خلاف ناهيون. پر پاڪستان ۾ رهي سنڌ ۽ سنڌين جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ جي به سخت خلاف آهيون. اسان کي حق کپن. پڙهيل نوجوانن کي روزگار کپي. سنڌ ۾ خالي جڳهين تي سنڌ کان ٻاهران جا اميدوار ڀرتي ڪري نه آڻيو. سنڌ جي جسم ۾ سنڌ جو ئي خون سمويو. ٻاهريون خون فساد برپا ڪرڻ جو باعث بڻبو.“

اتي وچ ۾ لکمير بلوچ ڳالهايو: ”اوهان صحافي ملڪ جي سجاڳ ۽ باشعور طبقي منجهان آهيو. اوهين اردو ڳالهائيندڙ جي ناطي بي انصافي نه ڪريو. اسان سنڌي نوجوان ته هاڻ سجاڳ ٿي رهيا آهيون. اوهان ايسٽ پاڪستان ۾ جيڪو سيلاب اچي رهيو آهي ۽ جيڪو جواءِ بانگلا ديش جو نعرو ڦهلجي رهيو آهي، ان بابت ڇا ٿا سوچيو؟“

”اهو انڊين انٽيليجنس جو ڪمال آهي.“ هڪ صحافيءَ وراڻيو.

”اهو بہ انڊين انٽيليجنس جو ڪمال آهي ڇا جو ڪوبہ ويسٽ پاڪستاني ليبر ڍاڪا جي پلٽن ميدان ۾ جلسو ٿو ڪري سگهي. ايسٽ پاڪستانين کان پُڇيو اٿوَ تہ هو مغربي پاڪستانين لاءِ ڪهڙا ويچار رکن ٿا ۽ ٻيو اها عجيب ڳالهہ آهي تہ بنگالين جي نظرن ۾ مغربي پاڪستاني سڀ پنجابي آهن.“

ڪجهہ ساعتن کان پوءِ لکمير وري چيو: ”اسانجو مطالبو آهي تہ اسانجي صدين کان قائم ٿيل سجاٽپ ختم نہ ڪئي وڃي ۽ اسانکي پاڪستان جي فريم ورڪ ۾ پنهنجا حق ڏيو ۽ انصاف ڪيو. . . نہ تہ ايسٽ پاڪستان ۾ اهو فريم ائين ڳهر ڳهلو ٿي چڪو آهي.“

پريس ڪانفرنس ختم ٿي. نوجوان ڪلب مان ٻاهر نڪتا. اهو پوڙهو صحافي بہ ٻاهر نڪتو ۽ نوجوانن سان ٻہ ٽي قدم گڏ هليو ۽ پوءِ چوڻ لڳو: ”بابا هي ملڪ آفيسر شاهي ۽ فوجي جنتا جي ور چڙهي ويو آهي اهي ٻئي ڪلاس مذهب جي شاميانې ۽ ملڪ جي اتحاد جي ٺلهن نعرن تي، ملڪ کي تباه ڪن پيا. انهن ٻن ڪلاسن سان ملڪ جي وڏيرن، چوڌرين ۽ سردارن جو ساٿ آهي ۽ ڪراچيءَ جي بورزوائي سرمائيدار جي حفاظت بہ انهيءَ ڳالهہ ۾ آهي . اوهان نوجوانن ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين، زبان ۽ ڪلچر جي سهارن تي ورهائجي ويا آهيو. سڀ کان پهرين اقتصادي استحصال ختم ڪريو نہ تہ ختم ٿي ويندا.“

”اوهان جي ڳالهہ صحيح آهي،“ لکمير وراڻيو، ”پر اسان سنڌي شاگردن هيڏو فساد برپا ڪيو ۽ ايوب خان جي فوجي ۽ سول آفيسرن خلاف ايڏو وڏو ايجيٽيشن ڪيو ۽ سوين سنڌي شاگرد جيل ويا پر اردو ڳالهائيندڙ شاگردن توڙي اردو پريس اسان جي حمايت نہ ڪئي. ان جي ابتڙ اردو پريس اسانکي راجا ڏاهر جا پوئلڳ ۽ ڀارت جي پاليسين تي هلڻ وارا غدار سمجهيو.“

پوڙهو صحافي کليو. هو شاگردن سان گڏ هلي رهيو هو ۽ کيس ڏيئلداس ڪلب ۾ تاش کيڏڻ لاءِ وڃڻو هو. نوجوانن کي بيسنت هال ڏانهن مڙڻو هو. ”نوجوان مايوس نہ ٿيو.“ پوڙهي صحافيءَ چيو. ”آءٌ پاڻ اردو ڳالهائيندڙ آهيان. مونکي خبر آهي تہ هن وقت سنڌ جو اردو ڳالهائيندڙ طبقو ئي سنڌ جو شهري مڊل ڪلاس آهي جيڪو سياسي ۽ سماجي طور تي ٻين طبقن کان وڌيڪ سجاڳ آهي. باشعور آهي. پر اها حقيقت آهي تہ ورهاڱي کان پوءِ ملڪ جي پيداواري ذريعن کي بنا ڪنهن ٻئي طبقي جي شرڪت جي، حاصل ڪرڻ کان پوءِ، اردو ڳالهائيندڙ پاڻکي هن ملڪ جا والي وارث ۽ خالق سمجهڻ لڳا. اڻ ڏهن سالن کان پوءِ پنجابي زميندار ۽ سرمائيدار سان ملڪ جي دولت ۽ نوڪرين کي حاصل ڪرڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي ويٺا آهن ۽ اها ڳالهہ وساري چڪا آهن تہ جنهن صوبي ۾ رهن ٿا اُت اردو ڳالهائيندڙ اقليت ۾ آهن ۽ سنڌين جي اڪثريت آهي ۽ جنهن ملڪ ۾ رهن ٿا اُت هو پنهنجي ڀائيوار پنجابين سوڌو اقليت ۾ آهن ۽ بنگالي اڪثريت ۾ آهن. . . . . . ۽ نوجوان مان ڏسان پيو تہ هن ملڪ ۾ اڪثريت جي مٿان اقليت ڇانئجي رهي آهي ۽ اتي ڇا ٿيندو اها اسان جهونن کي خبر آهي يا وري اوهانجي خدا کي . . . . . . . جيڪڏهن آهي!“

پوڙهو صحافي ايترو چئي اڳتي وڌي ويو.

”ڪو ملحد نظر ٿو اچي.“ اطهر پوڙهي صحافي لاءِ چيو.

”ڪميونسٽ پارٽيءَ جو پراڻو ڪارڪن آهي.“ لکمير بلوچ چيو، ”۽ اسان جهڙي ملڪ ۾ هي ائين آهي جئين ڪار جي مشين ۾ ٽرڪ جو پرزو. سيني کي گاريون ڏيندو آهي. وٽي ڪنهنکي ٿو پر جهوني ۽ سينئر صحافيءَ هئڻ ڪري سيئي کيس برداشت ڪندا آهن. سواءِ جماعت جي صحافين جي. اُهي ساڻس بحث ڪندا آهن ۽ آخر ۾ کيس ملحد، ڪافر ۽ ٻيا لقب ڏيئي، جان ڇڏائي پاسو ڪندا آهن.“

بيسنت هال ۾ روح رهاڻ مخزن جو ساليانو جشن ملهائجي رهيو هو. هو چارئي ڄڻا اندر هال ۾ داخل ٿيا. سڄو هال ڀريل هو. ان وقت فقير عبدالغفور پنهنجي يڪتاري ۽ چپڙين سان، شيخ اياز جي وائي ’سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو‘ ڳائي رهيو هو. سندس آواز نه رڳو سڄي هال ۾، پنهنجي جذبي ۽ جوبن سان ڦهليل هو پر ويٺلن جي دلين ۽ دماغن ۾ پڻ سمويل هو. جيئي سنڌ جا نعرا به لڳا پئي. اڳين ڪرسين تي سنڌ جا اديب، شاعر ۽ ڏاها ويٺل هئا. باقي سڄو هال نوجوان شاگردن ۽ روح رهاڻ پڙهندڙن سان ڀريل هو. ٿوري دير کان پوءِ اطهر ۽ لڪمير بلوچ اُٿيا ۽ احمد بخش ۽ ڪامريڊ سارنگ کي اتي ڇڏي پاڻ هليا ويا. اطهر کي گهر پهچڻو هو ۽ لڪمير کي صبح جو اسر مهل تيز گام ٽرين تي پهچڻو هو. هو لاهور وڃي رهيو ۽ سندس ٻن ڏينهن کان پوءِ نئين قائم ٿيل محڪمي فئملي پلاننگ آرگنائزيشن ۾ ايگزيڪٽو آفيسر لاءِ انٽرويو ڏيڻو هو.

اِهي اُهي ڏينهن هئا. جڏهن سنڌ ۾ سجاڳيءَ جي هڪ نئين لهر آئي پئي. گذريل ڇهن سٽن سالن ۾ ميٽرڪ، گريجوئيٽ ۽ ايم اي پاس هزارين ڇوڪرا شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ موجود هئا. هڪ نئون هيٺيون وچولو ڪلاس تيارين جي شروعاتي مرحلن ۾ هو. ٻهراڙين جا پڙهيل ڇوڪرا به شهرن ۾ پنهنجي مستقبل خاطر هاسٽلن، مائٽن ۽ دوستن جي گهرن ۾ روزگار جي اوسيئڙي ۾ رهيل هئا. انهن نوجوانن وٽ پٺيان ابي ڏاڏي جي زمينن ۾ هر هلائڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو نه هو ۽ هاڻ هو پڙهي، ٻهراڙيءَ جي دز واري ماحول کان نڪري آيا هئا. سندن ذهنن ۾ سوال اُڀريا پئي ته ڪين نوڪريون ڇو نٿيون ملن. وڏين نوڪرين جا انٽرويو لاهور ۾ ٿيندا هئا. ۽ اُتي ڪوبه چاڙهو نظر نه ايندو هو. انهيءَ ڪري اوڏانهن وڃڻ کان ڪيٻائيندا هئا ۽ ننڍين نوڪرين تي لاهور مان ئي ڀرتي ٿي همراهه پهچي ويندا هئا.

# 41

تيز گام ڪلاڪ کن ليٽ ھئي. لکمير سان گڏ چار ڄڻا ٻيا بہ ساٿي ھئا. ٻہ ڄڻا جميل فاروق ۽ اڪبر علي چلگري بہ ساڳي پوسٽ لاءِ انٽرويو ڏيڻ واسطي لکمير سان گڏ ھئا ۽ باقي ٻہ ائين لاھور گھمڻ سنيريا ھئا. انھن ۾ ڄڻن منجھان اسحاق ڏاھري، ساماري تعلقي جي وچولي زميندارن مان ھو. ٽن سالن کان بي اي فائينل ۾ ڦاٿل ھو ۽ انھيءَ وچ ۾ پٽس مري ويو ۽ پاڻ پڳ ٻڌي ڳوٺ جو رئيس بنجي ويٺو. پيو پاءُ اڃا گھٽو نديو ھوس. انھيءَ ڪري اڃي ڪاري جو مالڪ پاڻ ھو. دوستن جون لاھور لاءِ ٽڪيٽون بہ پاڻ خريد ڪيون ھئائين.

گاڏي ليٽ ھئي. صبح جو سج اڃا مس ڪني ڪڍي ھئي. ريل جا پٽا پريان اوير پاسي چمڪيا پئي. ھو پنجئي دوست فرسٽ ڪلاس جي ويٽنگ روم ۾ وڃي ويٺا. ويٽنگ روم بہ ٽڌو ھو پر ٻاھر پليٽ فارم تي جيڪا ھوا ھلي پئي تنھن کان بچي ويا.

”پاڻ وٽ ٽڪيٽ انٽر ڪلاس جي آھي.“ اڪبر علي چلگريءَ چيو، ”پاڻ ويٺا فرسٽ ڪلاس ويٽنگ روم ۾ آھيون.“

”يائو ھن ملڪ ۾ ڪوبہ فرسٽ ڪلاس ٽڪيٽ وارو ناھي.“ اسحاق ڏاھريءَ رڙ ڪئي، ”پر ھرڪو پاڻ کي فرسٽ ڪلاس سمجھي ٿو. ماٺ ڪري ويھہ. صفا درويش آھين. انٽر ڪلاس واري ويٽنگ روم ۾ ڪتا بہ ماڻھن سان گڏ ريل گاڏيءَ جو انتظار ڪن پيا.“

لکمير بلوچ کلڻ لڳو. ”يار ڏاھري توسان لاھور ھلون پيا ائين نہ ٿئي تہ پنجابي پھلوانن کان مار کارائين.“

”پاڻ پھلوانن جي پاسي وڃون ڪونہ . . . . “ اسحاق ڏاھريءَ چيو، ”پاڻ گھٽو ڪري ھلنداسين ھيرا منديءَ واري پاسي. اُتي ڪو ڦڏو ٿي پيو تہ پوءِ لاھور جي ڀڙون جا موڇڙا ڪاٽا پوندا. لاھور جا ڀڙوا پاڻ واري حيدرآباد جي چڪلي جھڙا سڙيل سُڪيل ناھن. اصل سوئر لڳا پيا آھن. ڍگھا قدآور ڳاڙھا ڳِٽا . . . . . اصل معتبر پيا لڳن پريان کان. ويجھو وڃ تہ خبر پوي ٿي تہ جيڪي معتبر لڳن ٿا سي معتبر نہ پر رنن جا دلال ۽ رکوالا آھن. حيدرآباد وارو ڀڙوو تہ پريان ئي ڪنگلو ۽ واھيات ٿو لڳي.“

”يار ھاڻ ماٺ ڪر،“ جميل فاروق بيزار ٿي چيو، ”اسان کي خبر آھي تہ توکي ڀڙون، چڪلن ۽ رنن جي سڄي پوليٽيڪل سائنس جي خبر آھي. اسان کي معاف ڪر اسين ھيرا منديءَ لاءِ ڪونہ پيا وڃون. اسان کي روزگار کپي. تون تہ آھين رئيس.“

”ادا رئيس آءُ تڏھن ٿيو آھيان جڏھن بابا دنيا مان موڪلايو. جيڪڏھن الله سائين اوھان کي رئيس بنائڻ ۾ دير ڪرڻ چاھي ٿو تہ اُن ۾ منھنجو ڪھڙو ڏوھہ؟ مون تي چوڻا بگڙيو.“

”ادا اسين اڳي پوءِ ساڳي حالت ۾ ھونداسين.“ اڪبر چلگريءَ چيو، ”اسان جي پيءَ وٽ ملڪيت ناھي.“

”ادا اوهانجي پيءُ وٽ ملڪيت ناهي ته انهيءَ ۾ به منهنجو ڏوهه ناهي.“ اسحاق ڏاهريءَ چيو. ”مون ته رڳو چاهيو ٿي ته اوهان دوستن جي جنرل ناليج ۾ اضافو ڪريان هونئن اوهانکي خبر هوندي ته پراسٽيٽوشن از دي اولڊيسٽ پروفيشن آف مين ڪائنڊ!“

لکمير بلوچ اسحاق ڏاهريءَ جي انگريزي جملي تي ٺهڪ ڏنو. ”ڏاهري سچ ٻڌاءِ ته ڪيترا ڏينهن لڳا انهيءَ جملي کي رٽڻ ۾.“

”آءُ ٻارهن سالن کان انگريزي پڙهان پيو،“ اسحاق ڏاهريءَ وراڻيو. ”آخر ڪجهه ته پرايو به هوندم.“

اعلان ٿيو گاڏي پليٽ فارم نمبر هڪ تي اچي رهي آهي. هي همراهه سڀ ٻاهر نڪتا. پليٽ فارم، جيڪو ٿوري دير اڳ سُتل لڳو پئي ۽ سيءَ جي ٿڏاڻ ڦهليل هئي، سو هاڻ جيئرو جاڳندو محسوس پئي ٿيو. ماڻهن ۽ قلين جي چرپر وڌي ويئي هئي.

هي پنج ئي دوست هڪ انٽر ڪلاس جي دٻي ۾ چڙهيا. کين آرام سان جڳهه ملي ويئي. ننڍڙو دٻو هو. ڪل ايڪٽيهه سيٽون هيون. ٻه ڄڻا مٿي هڪ برٿ تي چڙهي ويٺا ۽ باقي اسحاق ڏاهري، لکمير بلوچ ۽ جميل فاروق هيٺ سيٽ تي ويهي رهيا. سندن سامهون سيٽ تي هڪ پنجابي پنهنجي زال ۽ ٻن ٻارن سان ويٺو هو. زال ڪمبل وهيڙيل، چاليهارو سالن کان ٽپيل هئي ۽ دريءَ ڏانهن منهن ڪري ويٺي هئي. سندس مڙس سيٽ جي ٻئي چيڙي تي لکمير جي سامهون هو. لکمير جي پر ۾ اسحاق ڏاهري ۽ جميل فاروق ويٺا هئا ۽ سندن پر ۾ ٻه ٻيا نيڪ ٺاڪ چڱي عمر جا همراهه ويٺل هئا.

ٻن ٽن منٽن کان پوءِ گاڏي چُرڻ لڳي. اسحاق ڏاهريءَ دٻي جو پورو واءُ سواءُ لڌو ۽ پاڻ سان آندل ڪمبل کولي پاڻکي ڍڪيائين. پوءِ لکمير کي چيائين: ”يار ننڍي هوندي کان الائي چو مونکي دل ٿيندي آهي ريل گاڏي جي دٻي ۾ لڳل هيءَ زنجير ڇڪيان.“

”زنجير ڇڪندين ته گاڏي بيهي رهندي.“ لکمير وراڻيو.

”ڇڪي ڏسون؟“ اسحاق ڏاهري سوال ڪيو.

”دماغ خراب ٿيو اٿئي ڇا؟“ لکمير چيو، ”آهين ڏاهريءَ جو ڏاهري. ”هي ڏاهري مڙيئي مار کارائيندو.“ جميل فاروق چيو، ”مونکي ته سيءُ پيو پئي.“

گاڏي هلي پئي ۽ اڳيان اسٽيشن آئي پئي. شايد لائين ڪليئر نه هئي ان ڪري گاڏيءَ جي رفتار ڪجهه دير تي پر پوءِ وري پنهنجي اسپيڊ پڪڙڻ لڳي. انهيءَ وچ ۾ اسٽيشن لنگهي ويئي.

”جناب هي سنڌ ۾ اسٽيشنن جا نالا ”اُٽ پٽانگ“ رکيل آهن.“ هڪ مسافر جيڪو اسحاق ڏاهريءَ جي پرسان دريءَ سان لڳو ويٺو هو. تنهن چيو.

اسحاق ڪنڌ ڦيري آهستي سان چيو، ”سنڌ هئہ ڪِدهر؟“

”ڇا مطلب؟“ همراه کي سنڌي ايندي هئي.

”مطلب اهو ته سنڌ ۾ ”اُٽ پٽانگ“ نالا ڪونهن پر ويسٽ پاڪستان ۾ آهن. سنڌ بادشاهه اوهان سابق بنائي ختم ڪري ڇڏي.“ اسحاق چيو.

”پر عجيب نالو آهي،“ مسافر ٻيهر چيو، الله ڊينو ساند. ساند به ڪو نالو آهي.“

لکمير کِليو ۽ جميل فاروق سمجهيو ته هاڻ اسحاق جي پر واري همراهه جو خير ناهي.

”سائين انگريز سات سمندر کي پار سي آيا،“ اسحاق چوڻ لڳو. ”وهُه يي صاحب بهادر سنڌي سمجهه گيا. پر آپ هماري مسلمان ڀائي، ايمان ڀائي نهين سمجهتي هين تو مين ڪيا ڪرون.“

”سنڌي سمجهي ٿو!“ جميل فاروق وچ ۾ ڳالهايو.

”اڃا ديٺ از ويري گڊ!“ اسحاق رڙ ڪئي. ”بادشاهه هي ساندُ ڳئون وارو هسبنڊ ناهي. هي ته ويچارو ساند آهي ساند. ويسٽرن ريلوي ويچاري الله ڏني کي ساند مان ڦيرائي ساندُ بنائي ڇڏيو آهي هاڻ الله ڏنو ويٺو ڳئون ڦري. پيو مڙيئي خير!“

لڪمير کي اسحاق جون ڳالهيون وڻنديون هيون. سو اڃا کليو پئي. پر اوچتو اسحاق کي الائي ڪهڙي جهُجهڪي اچي ويئي ۽ سيٽ تان اُٿي بيهي رهيو ۽ بسم الله الرحمان الرحيم پڙهي ريل گاڏي روڪڻ واري زنجير ڪٽي ڇڪيائين.

”اڙي ڏاهري هي ڇاتو ڪرين.“ لڪمير ۽ جميل فاروق ٻنهي رڙ ڪئي ۽ مٿان اڪبر چلڳريءَ به جهُڪي ڏٺو. اوسي پاسي جي مسافرن به اسحاق ڏانهن ڏٺو. اسحاق زنجير ڇڪي اڃا بيٺو رهيو ۽ پوءِ لڪمير کان پڇيائين:

”صاحب هاڻ ڇا ٿيندو؟“ اسحاق پُڇيو.

”هاڻ گاڏي بيهندي.“ لڪمير چيو.

”پوءِ؟“

”پوءِ گارڊ صاحب ۽ پوليس وارا ايندا!“

”پوليس وارا ڇو؟“

”انهيءَ ڪري جو اها زنجير ڇڪڻ جي مشڪري بند ٿئي.

”يار مون مسخري نه ڪئي آهي. مون تمام سيريس ٿي زنجير ڇڪي آهي. گاڏي آهستي آهستي بيهي رهي. ٻن ٽن منٽن ۾ گارڊ صاحب پهتو.

”ڪنهن زنجير ڇڪي آهي.“

”هن“ جميل فاروق رڙ ڪئي.

”صاحب آپ ڪو ڪيا تڪليف هئہ.“ گارڊ اسحاق کان پُڇيو.

” تڪليف تو ڪچھ ڀي نهين“ اسحاق آهستي سان چيو. ”مگر مين ني احتجاج طور گاڙي روڪي هي. مسافرون ڪو بتاني ڪي ليئي ڪہ الله ڏنو سان ريلوي والي ظلم ڪر رهي هين اس ڪو ساند مين سي ساندُ بنا ديا هي. وہ ڊڳيون والا.“

يہ ڪوئي صحيح وجہ نهين.“ گارڊ چيو پچاس روپي نڪالو.“

” نهين تو پوليس!“

اسحاق پنهنجي ساٿين ڏانهن ڏٺو، هڙيئي کليا پئي. اسحاق وري زنجير جي پرسان نوٽيس پڙهيو جت پنجاه روپين سان گڏ اهو به لکيل ته شڪايت رجسٽر گارڊ وٽ آهي.

“خير پچاس روپئي ڪي پرواهہ نهين هي.“ اسحاق کيسي ۾ هٿ وڌو. ”مگر شڪايت رجسٽر ڀي دو.“

گارڊ کيس پنجاهہ روپين جي ڏنڊ جي رسيد به ڏني ۽ شڪايت رجسٽر به حوالي ڪيو. اسحاق اهو رجسٽر لڪمير جي حوالي ڪيو:

”بادشاهه هاڻ صفحا ڀري ريلوي وارن کي ڏي ته اسانجي سنڌ جي ريلوي اسٽيشن تي سنڌيءَ ۾ نالا لکن. ٻيو ته جيترو وقت به گاڏي سنڌ يعني سابق سنڌ مان لنگهي ته گاڏين جي سيٽن تي ويهڻ جو حق سابق سنڌين کي به آهي ۽ سڀي سڀي سيٽ تي سٽل سابق سابق پنجابي ۽ سابق سرحدي به اُٿي ويهن ۽ ماروئڙن کي ويهڻ لاءِ جڳهه ملي. مڙيئي پنجاهه روپيا حلال ڪر ۽ اوترا صفحا ڀري ڇڏ يا خراب ڪري ڇڏ. باقي پنهنجا پنجاهہ روپيہ سجايا ٿي ويا.“

اهو چئي اسحاق سامهون دريءَ ڏانهن ڏٺو ۽ سامهون ويٺل عورت ڪنڌ ڦيري، نظرون ڪٽي اسحاق ڏاهريءَ ڪي ڏٺو. چڱي عمر جي عورت هئي پر اجا منهن ۾ نمڪ هوس ۽ اک جيڪا هڻ ڪڻ بلا جهڙي رهي هونديس پر تنهن هوندي به ٺيڪ ٺاڪ هئي. اسحاق ڏاهريءَ لاءِ پنجاهه جي عيوض اهو جلوو مهانگو نه هو.

لکمير کي شڪايت رجسٽر هٿ لڳو سو شروع ٿي ويو. لکيائين: ”اسين سنڌ وارا ريلوي وارن کي هٿ ادب جا ٻڌي عرض ٿا ڪريون ته هن پنهنجي پياري ملڪ ۾ ڪڏهن اسان سانگيئڙن جهانگيئڙن جي به ٻڌو ۽ اسين مطالبو ٿا ڪريون ته اوهان سنڌ ۾ ريلوي اسٽيشنن جا نالا سنڌي ۾ لکو نه ته اسان پاڻ رنگ ڪٽي لکي ويندا‌سين ۽ اهڙيون اسٽيشنون هلڻ ڪونه ڏينداسون جت سنڌيءَ ۾ نالا لکيل نه هوندا.“

لکمير اهو نوٽ اسحاق کي پڙهايو. اسحاق جميل فاروق کي ڏنو ۽ پوءِ رجسٽر واپس گارڊ جي حوالي ڪيو ويو.

”يار مونکي تنهنجي پروچ هئڻ ۾ اڳ ئي شڪ هو،“ اسحاق ڏاهريءَ لکمير کي چيو، ”سو اڄ پڪو يقين ٿي ويم. هي تو مطالبو لکيو آهي يا عرض ڪيو آهي. پنجاهه روپيا به ڏيون ۽ مطالبي جي بدران عرض به ڪريون. يار انهيءَ ڪري تاريخ نويسن پروچن کي پالش ڪيل ڏاهري سڏيو آهي. يعني اسان ڏاهرين مٿان چڙهيل گُر جو هڪ تهه لاهي، چنڊي ڦوڪي همراهه کي بيهارجي ته ٿي پيو پروچ.“

”چڱو بڪ بڪ بند ڪر،“ لکمير چيو، ”اجايو ڪٽي موچڙا نه کارائين“

”آءُ موچڙا کارائيندس؟“ اسحاق چيو، ”بادشاهه، اوهان پروچن جيڪي مياڻيءَ جي ميدان ۾ مڙسيءَ سان موچڙا کاڌا هئا ۽ موچڙا کائي به پڳا نه هئا، پر مڙسن وانگي آهستي آهستي پويان پير ڪيا هئا. سي موچڙا اسين سنڌي اجا پيا کائون. سنڌين تي موچڙي جي زيپٽ جو بنياد اوهان پروچن پنهنجن مبارڪ هٿن سان رکيو هو.“

”انهيءَ ڳالهه ۾ ٿورو وزن محسوس ٿئي پيو.“ جميل فاروق چيو.

”ڏٺئي . . . . “ اسحاق رڙ ڪئي، ”جميل جهڙو پاڙيو دوست به انهيءَ ڳالهه ۾ وزن محسوس ڪري ٿو.“

ايتري ۾ سامهون ويٺل هڪ پنجابيءَ نهايت فهميدي اندازي ۾ پُڇيو: ”اوهان سنڌي شاگردن جا ڪهڙا مسئلا آهن؟ پلا ريلوي اسٽيشنن تي اردو زبان لکيل آهي ته انهيءَ ۾ ناانصافيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. اسان وٽ پنجاب ۾ هر هنڌ اردو زبان رائج آهي. پر تنهن هوندي به اسين پنجابي آهيون ۽ پاڪستاني آهيون.“

”سائين هت سنڌ ۾ ٻي ڳالهه آهي،“ لکمير چيو، ”صرف پاڪستان جي ناطي ۽ نالي ۾، سنڌ جي صدين کان قائم ٿيل سڃاڻپ، تاريخي روايتون ۽ انفراديت کي شعوري طور ختم ڪرڻ جي مهم کي، ڪن مفاد پرست ٽولن کي اجازت نه ڏيڻ کپي ته هو پاڪستان ۾ رهندڙ جدا جدا قومن کي هڪ ٻئي جي خلاف ڪن ۽ يائيچاري کي ختم ڪن.“

”پر اسين سڀ مسلمان آهيون. هڪ قوم آهيون. اسانجو هڪڙو ملڪ آهي.“

”ملڪ برابر هڪ آهي،“ لکمير چيو، ”پر سنڌ صدين کان هڪ جدا تهذيبي طور تي يونٽ رهيو آهي. اوهان پنجابين وٽ پنهنجي ٻوليءَ جي نه ايتري اهميت آهي ۽ نڪي اها ايترو Develop ڪئي ويئي آهي. پر اسان وٽ سنڌي زبان هڪ ترقي يافته زبان آهي. ۽ اڄ کان سئو سال اڳ به سموري تعليم پرائمري کان وٺي يونيورسٽي ليول تائين سنڌي زبان ۾ ڏني ويندي هئي. هاڻ هڪ قوم ۽ هڪ ملڪ جي بهاني، سنڌي قوم کي ختم ڪيو پيو وڃي. اها ناانصافي آهي. اسان سنڌي شاگردن جو وڏو مسئلو

بي روزگاري بہ آهي. اسان کي نوڪريون ٿيون ملن. ون يونٽ جي بهاني سنڌ جون نوڪريون بہ پنجابين ۽ پٺاڻن کي پيون ملن.“

پنجابي همراهہ مُرڪڻ لڳو: ”يار پنجابي بہ تہ مسلمان آهن ۽ پاڪستاني آهن.“

”بلڪل سڀ پاڪستاني آهيون. مسلمان آهيون. پر مذهب ۾ بہ ورهاست هڪ حساب سان سيني کي ملي ٿي رڳو وڏي ڀاڱي کي سڀ ڪجهه ڪونہ ٿو ملي.“

هيٺ سيٽ تي لڪمير پنهنجي تقرير ۾ پورو هو ۽ اسحاق ڏاهري پنهنجي سيٽ تان اُٿي مٿي برٿ تي اڪبر چلڳريءَ سان گڏ وڃي ويٺو. اڪبر نهايت شريف ماڻهو هو. سندس ٻانهن تي امام ضامن ٻڌل هو. ڪيسي ۾ نادِ علي هيس. نماز جو پابند هو. غريب مائٽن جو پُٽ هو.

” تو حيدرآباد جو چڪلو ڏٺو آهي؟“ اسحاق ڏاهريءَ اڪبر کان پُڇيو.

”اجائي بڪ نہ ڪر ....“ اڪبر وراڻيو.

”بڪ جي ڳالهہ نہ آهي،“ اسحاق چيو. ”هي جنرل ناليج جو سوال آهي. تون انٽرويو ڏيڻ وڃي رهيو آهين. ڪجهہ مونکان معلومات حاصل ڪر.“

” تنهنجي مهرباني. مونکي اهڙي معلومات نہ کپي.“

”يار ڪمال ٿو ڪرين. رچرڊ برٽن بہ انهيءَ جي ذڪر کي پنهنجي ڪتاب ۾ جاءِ ڏني آهي. جنرل جيڪب بہ هتي جي ماريچاڻين وٽ رات بہ گذاري ويو آهي. برطانيہ جي جارج ڇهين بہ حيدرآباد جي چڪلي کي ڏسڻ جي خواهش ڪئي هئي پر وقت جي ڪمي ۽ راڻيءَ جي دٻ ڪري، خواهش پوري نہ ڪري سگهيو هو. شورش ڪاشميري کي سُڃاڻين. اردو جو وڏو اديب ۽ اخبار نويس آهي. تنهن پنهنجي ڪتاب ”اُس بازار مين“ اهڙين بازارن جو ذڪر ڪيو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ ڪلڪتي جو سونا گاڇي، بمبئي جو هئرس روڊ ۽ لاهور جي هيرا منڊي، سڄي هندستان ۾ ٽاپ جا چڪلا آهن. پر يار حيدرآباد جو جواب نہ اٿئي. جي انٽرويو ۾ سوال اچي تہ حيدرآباد جي چڪلي جي تاريخ جاگرافي ڇا آهي تہ پوءِ جواب ڏجائين تہ اولهہ ڏانهن شاهي بازار، سري گهاٽ ۽ موچين جو پاڙو. اوڀر ڏانهن ڪورين جو پڙ، واڍن جو پڙ ۽ ڄُٽيءَ جو پڙ اُتر ڏانهن ميمڻن جو پاڙو ۽ هيٺالو. ڏکڻ ڏانهن ڪائي روڊ. تاريخ بابت مختصر طور اهو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ ميرن جي زماني جو آباد ڪيل پاڙو آهي. پنهنجي پياري پاڪستان وانگر هن جا بہ ٻہ حصا آهن. اُتر پاسي وارو ماڪُو چڪلو سڏبو آهي. اُتي ماريچاڻيون ڪچياڻيون ۽ پيون شيڊيول ڪاسٽ واريون رنون ويٺل آهن. باقي ٻيو پاسو شيش محل هوٽل جي پٺيان اصل بازارِ حسن آهي. اتي پنجاب، پشاور، يوپي، سي پي مطلب تہ سڄي هندستان جو حسن آهي. اڄڪلهہ ٻہ چٽيون مسرت ۽ ڪوثر ٽاپ جون طوائفون آهن، مسرت تہ هاڻ فلمن ۾ بہ اچي پئي. شهرو فيروز فلم ۾ ماهہ پارا جي نالي سان هيروئن آهي. مختيار ڳائڻ واري .....“

يار قسم اٿئي مولا علي جو،“ اڪبر بيزار ٿي چيس، ”اها بڪ نہ ڪر.“

”يار آءُ تہ تنهنجي جنرل ناليج کي وڌائڻ جي ڪري ٻڌائي رهيو هوس.“

اسحاق حيرت منجهان چيس.

”مون کي جنرل ناليج نہ کپي.“

” تنهنجي مرضي.“ اسحاق ڏاهريءَ چيو، ”اڄڪلهہ چڱائيءَ جو زمانو ناهي.“

اسحاق ڏاهريءَ ٽنگيون ڊگهيون ڪيون ۽ پاسو ورائي ليٽي پيو. اڪبر چلڳري سندس پرسان ئي ويٺو هو.

لاهور پهچي، سيئي دوست، اسٽيشن پرسان ئي هڪ سستي هوٽل ۾ ترسيا. اهو سڄو ڏينهن ننڊ ڪيائون. شام جو دير سان، اسحاق سيني کي هيرا منڊي وٺي ويو ۽ رات جو يارهين کن واپس هوٽل تي

آيا. اڪبر چلڳري ڪونہ ويو هو. ڊوڳو برادرس جا ڇپايل جنرل ناليج جا ڪتاب پڙهي رهيو هو. هن کي پڙهندو ڏسي، اسحاق ڏاهريءَ رڙ ڪئي: ”پائو روزا نمازون پڻ چڱو ڪم، اهو ڪي پيو فهم جنهن سان پسجي پرين ڪي.“

” تون تہ پرين ڏسي آئين نہ!“ اڪبر پُڇيو.

”هڪ پہ پرين ٿورو ئي . . . . . اسان تہ ريل گاڏي محبوبن جي ڏسي آيا آهيون.“

اسحاق ڏاهريءَ چيو. ”هت لاهور ۾ آءُ هيرا منديءَ ۾ بي حجاب گهمندو آهيان.“

”چو حيدرآباد جي ڇڪلي ۾ گهمڻ ۾ حجاب ڪندو آهين ڇا؟ لڪمير پاڻ کي پلنگ تي ڪيرائيندي پُڇيو.

”يار حيدرآباد ۾ واقعي گهٽي ڇان بين يا سئوليءَ سنڌيءَ ۾ چندڇاڻ ڪرڻي پوي ٿي. جيڪي بہ اُت سينئر رنون آهن سي سڀ بابي سائين جون سنگيتاٽيون رهي چڪيون آهن. اچا تائين بہ ڪا ڪا پوڙهي بابا سائينءَ بابت پُڇندي آهي ۽ جڏهن ڪين خبر پوندي آهي تہ آءُ بابا سائينءَ جو ولي عهد هوس ۽ هاڻ گادي نشين آهيان تہ منهنجي ڏاڍي عزت ڪنديون آهن ۽ ڏاڍي لئہ اٿم اُتي.“

”يار تنهنجو پيءُ ڏاڍي هلندي پُڇنديءَ وارو مڙس هو.“ اڪبر چلڳريءَ کان نہ رهيو ۽ ڦاٽي پيو.

اسحاق ڏاهريءَ کي انهيءَ جملي جي ڪابہ پرواهہ نہ ٿي ۽ آرام سان وضاحت ڪرڻ لڳو: ”بادشاه منهنجي جاءِ تي تون هجين تہ خبر پوئيئي. سال ڏيڍ اڳ، هڪ بابي واري جي هڪ رن نوريءَ مونکي ٻڌايو تہ پروين ريديو سنگر وٽ خيال سان ويندو ڪر. پروين جي ماءُ انوريءَ جي نٿ بہ بابي سائينءَ لاٿي هئي ۽ وڏو عرصو ياري بہ رکي هئائين. پوءِ يار ڪيترين مدي خارج رنن سان واقفيت ٿيندي ويئي ۽ ذري گهٽ سڀ بابي سائين جون ڪاڏل پيتل هيون.“

”ڇڪلي جي پرسان سيٺ حافظ بوائز اسڪول ۽ ڇوڪرين جو مدرسة البنات اسڪول آهن. اوڙي پاڙي جي گهڻن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي اتي ذات ڏاهري لکيل آهي.“ اڪبر چلڳري چيو.

”بادشاه ڳالهائين پيو!“ اسحاق ڪاوڙ منجهان چيو.

” تنهنجو مطلب اهو آهي نہ . . . “ لڪمير وچ ۾ ڳالهايو، ” تہ جنهن ڇوريءَ سان تون وڃين اڇو منهن ڪرين، تنهنجي ٽنگ، ٻانهن يا ڪو ٻيو عضوو، چاچي سائينءَ جي ڪاريگريءَ جو شاهڪار هجي.“

”رڳو ٽنگ ٻانهن. . . ““ جميل فاروق پُڇيو.

”اهڙا شاهڪار هڪ فنڪار تخليق نہ ڪري سگهندو آهي.“ لڪمير سمجهاٽي ڏني. ”ڪيترا فنڪار گڏبا آهن. ڪيترا برش ۽ رنگ پنهنجو ڪمال ڏيکاريندا آهن، انهيءَ هڪ ڪئنواس تي . . . تڏهن مسرت ۽ ڪوثر جهڙا پري زاد جنم وٺندا آهن.“

اڪبر چلڳري ۽ جميل فاروق کان ٽهڪ نڪري ويا.

”يار ڏاهرين جي تخليق ماهہ پارا!“ جميل فاروق چيو. ”اها ڳالهہ مڃڻ جهڙي ناهي.“

اسحاق کي ڪاوڙ لڳي پئي پر خاموش ٿي ويو.

”اوهان ٻئي مادي مونهان بہ چرچا ٽا ڪريو.“ اسحاق چيو.

”چڱو يا هاڻ سمهجي،“ لڪمير چيو، ”صبح جو انٽرويو ڏيڻو آهي.“

ٻئي ڏينهن صبح جو ڏهين بجي ويسٽ پاڪستان سيڪريٽريٽ ۾ سئو ڏيڍ کن ڇوڪرا موجود هئا. سنڌ مان بہ پنڌرهن کن هئا ۽ ٻيا گهڻو ڪري پنجاب ۽ سرحد منجهان هئا. بلوچستان مان بہ ڪو هڪ اڌ شايد هو. سڄو ڏينهن انٽرويو هليو. ايگزيڪيوٽو آفيسر جون شايد اٺ يا نَوَ جڳهيون هيون. شام جو ڇوڪرن کي ٻڌايو ويو تہ سياڻي سادي يارهين بجي ڪامياب شاگردن جي لسٽ

نوٽيس بورڊ تي لڳندي. هي سڀ همراهه واندا ٿيا. مٿي تي انٽرويو وارو بار به لهي ويو. انهيءَ کان علاوه سيڪريٽريٽ ۾ به اهي ڳالهيون گشت ڪري رهيون هيون ته پڻ يا ٽي پوسٽون سنڌ جي اميدوارن مان پربيون ۽ باقي ڇهه پنجاب مان ۽ هڪ هڪ بلوچستان ۽ سرحد منجهان اميدوار کڄبا. دوستن لکمير کي اڳ ئي مبارڪباد ڏئي ڇڏي هئي ته هو سيني اميدوارن ۾ واحد نوجوان هو جيڪو ايم اي فرسٽ ڪلاس فرسٽ هو. بي اي فرسٽ ڪلاس ۽ ميٽرڪ فرسٽ ڪلاس هو. ان کان علاوه انٽرويو به ڏاڍي فضيلت ۽ قابليت سان ڏيئي آيو هو. انهيءَ فضيلت واري انٽرويو تي اسحاق ڏاهريءَ به اعتراض ڪيو ته پروچ ۽ ڏاهري ڪڏهن به عاليشان انٽرويو نٿا ڏيئي سگهن. هو گند زبردست ڪري سگهن ٿا. آفيسر بادشاهن اڳيان منجهڻ ۾ به ڪمال ڏيکاري سگهن ٿا. پنهنجي مت نه رڳو پاڻ ترڪندا آهن پر اوڙي پاڙي واري کي به گهيلي ويندا آهن.

”يار لکمير، جي اسان مان ڪنهن هڪ کي به پوسٽ ملي ته سمجهه اسان اڄ لاهور فتح ڪيوسين.“ اسحاق چيو.

”اڄ چو؟“ جميل فاروق رڙ ڪئي.

”اڙي اڄ اسين اڄ رات هيرا منڊي هلي فتح ڪنداسين.“ اسحاق چيو.

”يار اڄ هلنداسين.“ لکمير به ڳالهايو.

”اڄ جشن ملهائينداسون.“ اسحاق چيو.

”هلنداسين پر فقط ڳانو ٻڌنداسين.“ لکمير چيو، ”ٻيو ڪجهه به نه!“

”ائين وري ڪئين ٿيندو. اِها گِدي آهي.“ اسحاق چيو، ”توکي خبر آهي ته ماڻهو رڳو خدا ۽ عورت کي سجدو ڪري سگهي ٿو.“

”مونکي رڳو اها خبر آهي ته عورت مرد جي better half آهي.“ جميل فاروق سنجيدگيءَ سان چيو.

”مسٽر جميل اينڊ ڪمپني،“ اسحاق ڏاهريءَ وري چيو، ”عورت مرد جو بيٽر هاف ٿي سگهي ٿي. انهيءَ ۾ سندس ڀلائي آهي. نه ته مڙس پاڻ عورتن کي بيٽر به بنائي ڇڏيندا ته هاف به ڪري ڇڏيندا.“

”اها فيوڊل سوچ آهي.“ جميل فاروق چيو.

”هاڻ ماٺ ڪر ۽ شام جي لاءِ تياري شروع ڪر.“ اسحاق ڏاهريءَ رڙ ڪئي.

# 42

ٻئي ڏينهن صبح جو سڀ دير سان اُٿيا. رات جو دير سان سُتا هئا. اڪبر چلگري ۽ جميل فاروق جهڙا ڳوٺ، سادا سودا نوجوان به رات جو ٻارهين تائين گانو ٻڌندا رهيا ۽ جنهن مهل پوليس وارن جون سيٽيون وڳيون ته شوقينن جا هٽ ۽ نظرون آجيون ٿيون ۽ هي همراه به خلق خدا سان گڏ اسحاق ڏاهريءَ جي قيادت ۾ هيرا منديءَ کان ٻاهر نڪتا هئا ۽ لاهوري ٽانگي ۾ ويهي پنهنجي هوٽل تي پهتا. صبح جو جنهن مهل لڪمير بلوچ تيار پئي ٿيو ته سندس ذهن ۾ هڪ خوشيءَ جي لهر پئي لڳي ۽ اهو سوچي ته اڄ ڪلاس ون نوڪريءَ جو آرڊر ملندو ته ڪيس سڄي دنيا خوش پئي لڳي. ڪالهه کان اسحاق ڏاهريءَ جا اُبتا سُبتا مطالبا پئي مچيائين.

ٻارهين بجي سڀ ويسٽ پاڪستان سيڪريٽريٽ پهتا. اڃا ميرٽ لسٽ لڳڻ ۾ ڪلاڪ ڏيڍ هو. پر ڪين معلوم ٿيو ته لسٽ لنچ آور ختم ٿيڻ کانپوءِ ٻنپهرن جو ٻين بجي لڳندي.

لنچ هڪ بجي شروع ٿيو. اسحاق ڏاهريءَ جو هڪ دوست قاضي سراج ملي ويو. جيڪو پلاننگ ۽ ڊيويلپمينٽ کاتي ۾ اسسٽنٽ هو. اسحاق کان عمر ۾ اٺ ڏهه سال وڏو هو. پر شايد ٻئي ساڳي ڪوالٽي واري مٽيءَ جا ٺهيل هئا. انهيءَ ڪري ٻنهي گهٽو ڳالهايو پئي. قاضي سراج حيدرآباد جو رهندڙ هو. ۽ سندس گهر ڪائي روڊ کان ٿورو هيٺ تي ولايت علي شاه جي پڙ واري انهيءَ گهٽيءَ ۾ هو جيڪا ڊومڻ واهه روڊ ڏانهن ويئي ٿي جت مشهور گلشن هوٽل هئي جيڪا بهترين چانهه ۽ فلمي ريڪارڊنگ ڪري مشهور هئي. قاضي سراج چئني دوستن کي سيڪريٽريٽ ڪئنٽين وٺي ويو. سڄي ڪئنٽين ڀري پئي هئي. چئني سابق صوبن جا ملازم پنهنجي لنچ ڪرڻ ۾ پورا هئا. قاضي سراج جنهن وڏي ٽيبل وٽ وڃي ويٺو اُت چار ڇڻا ٻيا به ويٺا هئا. قاضي سراج پهرين اسحاق ڏاهري ۽ لڪمير جو تعارف ڪرايو ۽ پوءِ ڪين ٻڌايو ته هو چارئي سيڪريٽريٽ جا ملازم آهن.

قاضي سراج چيو: ”هي خواجه محسن آهي. ڪراچي جي مٺي در جو رهاڪو آهي. هي ماما محمد بخش سنائي آهي. هي دادو ضلعي جو آهي. پر ميٽرڪ بامبي يونيورسٽيءَ جي ڪيل اٿس ۽ سڄي عمر ڪراچيءَ ۾ گذاري اٿس. 56ع ۾ سنڌ سيڪريٽريٽ ختم ٿيڻ ڪري لاهور هليو آيو ۽ هاڻ فنانس ڊپارٽمينٽ ۾ اسسٽنٽ آهي. محسن خواجو به سروس جنرل ايڊمسنٽريشن ۾ اسسٽنٽ آهي. هي ٻئي جيڪڏهن سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ هيستائين هجن ها ته ڊپٽي سيڪريٽري نه ته اسسٽنٽ سيڪريٽري ضرور هجن ها. هت لاهور اچڻ ڪري، هي پنجاب سيڪريٽريٽ جي اسٽاف کان جونيئر ٿي پيا آهن. ۽ جي واپس ڪنهن ريجنل يا ڊويزنل آفيس ۾ پنهنجي درخواست تي ڪراچي يا حيدرآباد وڃن ٿا ته اوٽي جي جونيئر موسٽ اسٽاف کان به جونيئر ٿي پون ٿا. هنن ٻنهي جي ٽوٽل سروس ويهه سالن کان مٿي آهي پر اڃا اسسٽنٽ ئي آهن. هي چاچا غلام رسول آهي. گذريل سال حيدرآباد جي ريجنل فوڊ ڊائريڪٽوريٽ مان جونيئرسپرينٽنڊنٽ جي پوسٽ تان ريٽائر ٿيو آهي. سندس سبارڊينيٽ هت لاهور ۾ ڊپٽي سيڪريٽري ٿيو ويٺا آهن. پاڻ ڇهه سال کن اڳ پنهنجي درخواست تي سيڪريٽريٽ ڇڏي

حيدرآباد ويو. اُت سيني کان جونيئر ٿي پيو. چاچو 40ع جو ميٽريڪيوليٽ هو. سندس بُت تي سوئٽر ۽ ڪوٽ ۽ اُن سان گڏ سُٿڻ خميص هيس پيا سڀ سوئٽر ۽ پينٽ شرٽ ۾ هئا.

”نوجوان اوهان هت ڪئين آيا آهيو؟“ چاچي غلام رسول پُڇيو. ”هيرا منڊي تہ ضرور گهمي آيا هوندا؟“

”چاچا ڏۂ ڪيا اٿئون.“ اسحاق ڏاهريءَ رڙ ڪئي.

”بابا اسين سنڌي هيرا منڊي نہ وڃون تہ پوءِ پيو ڪير ويندو!“ چاچا غلام رسول چيو.

”چاچا هي نوجوان تہ جوانيءَ ۾ وڃن ٿا“ ماما سنائيءَ چيو. ”توهين تہ پيريءَ ۾ بہ هر مهيني جي پهرين تاريخ کان چوٿين پنجينءَ تائين مختيار وٽ تہ ڪڏهن ستاره وٽ پڙ ڪدي بيٺا هوندا هئا.“

”اڙي يار پيري چو آهي؟“ چاچا غلام رسول رڙ ڪئي. ”گذريل سال چار جولاءِ تي 55 سالن جي عمر ۾ ريٽائر ڪيو اٿم. هاڻ ڪٿي 56 يا 57 سال عمر هوندي. اڃا اکين ۾ ديد اٿم. دل بہ سئولي طرح ڌڙڪي ٿي. رات مختيار وٽ جگر مرادآبادي جا بہ غزل ٻڌي آيو آهيان ۽ جيڪي بہ ڏوڪڙ ڳوٿان ڪٺي آيو هوس سي ڏئي آيس. ويچاري لحاظ واري آهي ٻڌايومانس تہ هاڻ پرديسي بہ آهيان تہ ريٽائر بہ آهيان چئي پئي تہ ڪوئي گل نهين تسين آيا ڪرو. يار دل گردي واري ۽ شناس واري عورت آهي.“

”چاچا گستاخي معاف!“ اسحاق ڏاهري وچ ۾ ڳالهايو. ”رڳو غزل ٻُڌوَ يا . . . . . . . . . “

چاچو غلام رسول کلڻ لڳو. ”اڙي نہ نہ ائين ناهي جئين تون سمجهين ٿو. آءُ جواني ۾ بہ رڳو گانو ٻڌڻ ويندو هوس. آءُ پاڻ کي Relax ڪندو آهيان. ہ پيگ وسڪي ۽ ڪلاڪ ڏيڍ کن راڳ ٻڌي، سُرور ماٺي موٽي ايندو هوس. رات بہ ورهين کان پوءِ ڪڇهري ڪيم باقي ” so far sex is concerned, I don`t like this place“ عورت ۾ ناز انداز محبوبيت ۽ زندگيءَ جو ساٿي بنجي وفادار دوست هئڻ جا ingredients شامل آهن. پاڻ وٽ گهر ۾ جيڪي زالون ويٺيون آهن سي شاديءَ کان پوءِ عورت پٽو وڃائي ٿيون ويهن. وٽن پوءِ ناز انداز محبوبيت نالي جي ڪا شيءِ بہ ناهي. هو رڳو غلام رسول خان جي نڪاح ٻڌي زال، ساٿي ۽ غلام رسول سان جي ٻارن جي ماءُ بنجي، زندگي چئڻ دروازن ۾ گهارڻ چاهي ٿي — غلام رسول جي اندر ۾ جو ازل کان مرد لڪو ويٺو آهي سو تہ وسڪي بہ Demand ڪري ٿو ۽ نڪاح ٻڌي زال کان علاوه محبوب ۽ معشوق ۽ ناز و ادا بہ گهري ٿو. پوءِ پل for time being چونہ هجي ۽ جيترو بہ afford ڪري سگهي، سو يار “you should enjoy but not spoil yourself”

”چاچا چوڪرن کي ٿو خراب ڪرين.“ محسن خواجي وچ ۾ ڳالهايو. ”هي تہ ويچارا ڪلاس ون جي پوسٽ ايگزيڪيوٽو آفيسر جي انٽرويو لاءِ آيا آهن ۽ تون پيو وسڪي ۽ سُرور جو ڳالهيون ڪرين.“

اهو ٻڌي چاچو غلام حسين سنجيده ٿي ويو.

”اڃا انٽرويو لاءِ آيا آهيو؟“

”ها چاچا انٽرويو ڏنو اٿئون.“ لکمير بلوچ چيو، لنچ کان پوءِ رزلٽ ٻڌائيندا.“

”يار اها تہ مڙسي ڪئي اٿوَ.“ چاچا غلام رسول چيو. ”هت لاهور ۾ اميد گهٽ آهي. اهي پوسٽون پايان ٿو ويسٽ پاڪستان سروس ڪميشن کان سواءِ ئي ڀرين پيا. ڪميشن ذريعي مڙيئي آنو ٽڪو آسرو هوندو آهي. پر هڪڙي ڳالهہ ٻڌايو تہ اخبار پڙهندا آهيو؟“

”هائو چاچا!“

”ڪهڙي عبرت اخبار پرهندا آهيو حيدرآباد واري، جنهن ۾ ٽي ڏينهن پراڻيون خبرون هونديون آهن ۽ پندرهن منٽن ۾ اخبار ختم ٿيو وڃي.“

”چاچا آءُ عبرت پڙهندو آهيان جو مونکي سنڌي صحيح پڙهڻ ۾ ايندي آهي.“ اسحاق ڏاهري چيو، ”هي ٻه ڄڻا لکمير بلوچ ۽ اڪبر چلڳري ڊان پڙهندا آهن. باقي هي جميل مون وانگر آهي.“

”بابا ڊان اخبار روز پڙهو، ضرور پڙهو ۽ ڇپاڙي پڙهو - -“ چاچي غلام رسول چيو، ”پوءِ سپيريئر سروسز لاءِ تياري ڪريو. ٻيو ڪو چاڙهو نظر نٿو اچي. نوجوان يا ته گوڙ ڪن يا قابل ٿي مقابلي جي ميدان ۾ اچن.“

چاچو ٻه ٽي سيڪنڊ خاموش رهيو ۽ پوءِ وري چيائين:

”نوجوان هي جميل فاروق نالو تنهنجي پيءُ رکيو آهي؟“

جميل فاروق ٿورو مُنجهڻ لڳو.

”ها چاچا سائين!“ اسحاق رڙ ڪئي.

”پٽس سنڌي آهي؟“ چاچي پُڇيو

”ها چاچا! اسانجي دوست جو پيءُ سو في سيڪڙو سنڌي آهي.“ اسحاق وري ڳالهايو. ”جميل جي پيءُ جو نالو الله اوڀايو. اسان کي انگريزيءَ ۾ ٽرانسليٽ به ڪرڻ نٿو اچي.“

”پوءِ اهو الله اوڀايو يا ته مولوي جان محمد جو پوئلڳ آهي يا نسيم حجازي يا ايم اسلم جا اردو ناول پڙهندو هوندو.“

نه چاچا ائين ناهي.“ اسحاق چيو. ٻيا سڀ لنچ ڪرڻ ۾ مشغول به هئا ۽ هنن جي گفتگو به ٻڌي رهيا هئا. ”جميل جو پيءُ صفا سنڌي مسلمان آهي. پُٽ چاهيس ته نالو رکيائينس محمد چُٽل. جو ڪيس يقين هو ته سائين چٽن شاهه بخاريءَ جي ڪرامتن هٽي هنڌ ڪيو هو. انهيءَ ڪري جميل جي پيءَ، سائين چٽن شاه بخاريءَ جي مهرباني acknowledge ڪرڻ لاءِ هن اسان واري دوست جو نالو محمد چٽل رکيو. پر ان وقت گهر ۾ هن اسان واري دوست جي ماسي به ٽڪيل هئي تنهن پنجسورو ڪوليو ۽ هن جو نالو جميل رکيو ۽ هي همراهه محمد چٽل ٿيڻ کان بچي ويو.“

ٻيا سڀ کِلڻ لڳا پر جميل فاروق کي خار پئي لڳا.

”پوءِ هي باقي اڌ نالو فاروق تخلص آهيس يا ڪنهن ٻي ماسيءَ جي ور چڙهي ويو.“

”نه چاچا ائين ناهي.“ اسحاق وري سمجهايو. ”هي اسان وارو يار شروع شروع ۾ پڙهڻ کان لهرائيندو هو. سو نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ هڪ سائين بالادي آهي تنهن هڪ ڏينهن ڪاوڙ ۾ هن کي چيو ته تون هميشهه پنهنجي نالي جميل سان گڏ fool به لکندو ڪر ته توکي پنهنجي بي وقوفيءَ جي خبر پوي ۽ پورو مهنيو لک. هن دوست هفتو کن ته جميل فول لکيو پر پوءِ جميل ايف لکڻ لڳو ۽ پوءِ آهستي آهستي جميل ايف منجهان جميل فاروق بنجي پيو. اسان کي به وٽي پيو.“

چاچي غلام رسول اهو ٻڌي چيو: ”ائين هن نوجوان جو اولاد پاڪي فاروقي به سڏائي سگهي ٿو. اها ڪا نئين ڳالهه ناهي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ نالن ۽ ذاتين ۾ تمام گهڻي decoration & development ٿي آهي.“

”سائين هت لاهور ۾ سنڌي ملازمن جي زندگي ڪئين گذري ٿي؟“ لکمير بلوچ، محمد بخش سنائي کان پُڇيو.

”ادا نوڪري ۽ روزگار ڪري هت اٽڪيا پيا آهيون.“ محمد بخش سنائيءَ چيو. ”هت هزارين سنڌي آهن جيڪي سيڪريٽريٽ ۽ ٻين آفيسن ۾ ڪم ڪن ٿا. هي گهٽو ڪري اُهي سنڌي هئا جيڪي ون يونٽ مهل ڪراچيءَ ۾ رهندا هئا ۽ ڪراچيءَ جي سنڌي آباديءَ جو وڏو حصو هوندا هئا. ۽ سڀ پڙهيل ڳڙهيل ۽ لوئر مدل ڪلاس جا افراد هئا. اهي سڀ ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ فئملين سميت

يا ڪي چڙا ڪراچي ڇڏي آيا ۽ ڪراچي اصل بلڪل خالي ڪري ٻاهران ايندڙ همراهن کي ڏيئي آيا. هاڻ اسين ديسي به اُتي پرديسي محسوس ٿيون ٿا.“

”هت وحدت ڪالوني ٺهيل آهي“ محسن خواجي ڳالهايو. ”اُتي اي، بي، سي ۽ ڊي ٽائيپ ڪوارٽر آهن جن ۾ اسين رهون ٿا.“

”چڙا به گهٽا هوندا؟“ اسحاق ڏاهريءَ پڇيو.

”ها تمام گهٽا آهن. هو ويچارا سنڌ وڃڻ چاهين ٿا پر ڪين ڏاڍي مشڪلاتن سان واپس موڪلين ٿا ۽ اُتي صفا جونيئر تي پون ٿا. باقي چڙن کي family separation allowance ملي ٿو.“

۽ اهو سچو الائونس اسان جا نوجوان چڪلي ۾ خرچ ڪن ٿا.“ چاچي غلام رسول رڙ ڪئي.

”انهيءَ الائونس ڏيڻ ۾ گورنمنٽ جا ٻه فائدا آهن. سنڌي چڙا به ٽڏا رهن ٿا ۽ شهر لاهور جي اقتصادي مسئلن جو به ٿورو گهڻو حل پيدا ٿئي ٿو. اوهان نوجوان ڪجهه ڪريو پيا پر اجا گهڻو ڪم ڪرڻو آهي. انهيءَ لاءِ سڀ کان اول تعليم پرايو. ڳوٺن جا مڪتب ۽ اسڪول پڙهي شهرن ۾ اچو. نوجوانن کي اخبارون ضرور پڙهڻ گهرجن. گذريل ويهن سالن ۾ سنڌين کان ڪراچي شهر خالي ڪرايو ويو آهي. پهرين سنڌ گورنمنٽ کي ڌڪو ڏيئي حيدرآباد موڪليائون. پوءِ ڪراچيءَ کي مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪيائون ۽ اهڙي ريت سنڌين کي به نيٺ ڪراچي ڇڏڻي پئي. سنڌ يونيورسٽي ٺاهي اُتي سڀ کان پهرين سنڌي زبان کي ميڊيم آف آنسرنگ جي لسٽ تان 1957ع ۾ ختم ڪيائون. هاڻ اوهان ٻڌايو ته سنڌي ڪراچي خالي ڪن يا نه؟ سنڌي ڳالهائيندڙ هندو 1947ع ۾ لڏي ويا. باقي سنڌي سنڌ گورنمنٽ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان لڏي حيدرآباد پهتا ۽ مٿان ون يونٽ ٿيو ته جيڪي سنڌي، ڪراچيءَ ۾ سرڪاري ڪاتن ۾ ننڍين وڏين نوڪرين ۾ هئا سي سڀ يا ته ٻارن سان گڏ لاهور پهتا يا ٻار ڳوٺ ڇڏي پاڻ اڪيلا لاهور ۾ آهن. پاڪستان گورنمنٽ جا دفتر قائم ٿيا ته اُت به نالي ماتر ئي سنڌي پرتي ٿيا. سرڪار جي پاليسي اهڙي ٿي جو هر Benefit انڊيا جي لُٽيل ۽ ڌُتڙيل مسلمان ويچارن کي ملڻ لڳو. هو سالن ۾ پلاٽن، بنگلن، ڪارخانن ۽ وڏين نوڪرين کي والاري ويا. هاڻ ته ڪراچي يونيورسٽيءَ جو وائس چانسلر حليم چئي ٿو ته The number of sindhi students is too small for its recognition as a regional language for examination purpose. Sindhi is not fit to be recongnised as a language. Punjabi and puthan use urdu whay should not sindhis.

اهي اُٿوَ اي. بي حليم جا اکر، جنهن کي علي ڳڙهه ڪاليج جي استاد واري پوسٽ تان سنڌ جي اُن وقت جي وزيراعلىٰ پير الاهي بخش رڳو انهيءَ ڪري سنڌ ۾ وائس چانسلر ڪري آندو ته جئين هڪ مسلمان ڀاءُ پنهنجي ڀين مسلمان ڀائرن کي علم جي روشني ڏيکاري. سو بابا هي ملڪ پنهنجو آهي. قانون مطابق به اسانجو حق آهي. رڳو پاڻ ۾ علم کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش پيدا ڪريو.“

”چاچا واهه جون ڳالهيون ٻڌايون اٿئي.“ لکمير چيو، ”اوهان جهڙا بزرگ هوندا ته نوجوان به ضرور اڳتي وڌندا.“

لنچ ختم ٿيو ۽ سيڪريٽريٽ جا ملازم پنهنجي آفيس ۾ وڃڻ لڳا ۽ لکمير بلوچ ۽ ٻيا ساٿي به اُٿيا ۽ پنهنجي رزلٽ ڏسڻ لاءِ پهتا. اتي پهتا ته پنجاهي کن چوڪرن جي موجود هئي. ۽ رزلٽ نوٽس بورڊ تي لڳل هئي. رزلٽ شيٽ ۾ لکمير بلوچ ۽ اڪبر چلڳريءَ جا نالا ڪامياب ڏهن اميدوارن ۾ شامل نه هئا. پر ٻنهي جا نالا ويٽنگ لسٽ تي رکيل ڏهن نالن ۾ ڇهين ۽ اٺين نمبر تي هئا. هي چارئي دوست هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا. ڪامياب شاگردن ۾ نوَ پنجابي ۽ هڪ پٺاڻ هو. سنڌ جي ائڊريسن تي ڪيچل

پڻ ڇوڪرا ٻه پنجابي هئا. لڪمير ڏاڍو مايوس ٿي ويو. ڪيس پڪ هئي ته هو پنهنجي قابليت ڪري ضرور سليڪٽ ٿيندو.

ڇوڪرا سڀ اٿيئي بيٺا هئا ته لڪمير بلوچ اندر هال ڏانهن وڌيو. اڪبر چلڳري، اسحاق ٻه سندس پٺيان پٺيان ويا. هي سڀ هڪ ڊپٽي سيڪريٽري جي ڪيبن جو در کولي اندر ويا.

”سر هي سراسر نا انصافي آهي.“ لڪمير بلوچ رڙ ڪئي.

ريٽائرمينٽ کي ويجهو پهتل ڊپٽي سيڪريٽري، عينڪ لاهي لڪمير کي ڏٺو: ”ڪهڙي ناانصافي ٿي آهي بابا؟“

”سائين سنڌ مان هڪ ٻه اُميدوار نه کنيو ويو آهي.“

ڊپٽي سيڪريٽري ڀر ٿي ساعتون لڪمير کي ڏٺو ۽ آهستي چيائين ”بابا سنڌ ڪٿي آهي؟ هاڻ ته ويسٽ پاڪستان آهي. اوهان جذباتي نه ٿيو.“

”پر سائين ميرٽ ۾ به منهنجي تعليمي قابليت سڀ کان مٿانهين آهي. انٽرويو ۾ به . . . .“

”بابا منهنجو وقت چو ٿا خراب ڪريو،“ ڊپٽي سيڪريٽري نرمي منجهان چيو. ”لسٽ مون ڪونه ٺاهي آهي؟“

”پيو ڪنهن ٺاهي آهي؟“

”سيڪريٽري ٿو گورنمنٽ ويسٽ پاڪستان.“

لڪمير تڪڙ ۾ ٻاهر نڪتو ۽ ٻاهر ورانڊي ۾ بيٺل ڇوڪرن جي رش مان لنگهندو ڀي ڪنڊ تي سيڪريٽري جي آفيس ۾ پهتو. اڪبر ۽ اسحاق وارا ٻه گڏ هئس.

”اوهان انتظار ڪريو،“ سيڪريٽريءَ جي پرسنل اسسٽنٽ کين چيو، ”مان سيڪريٽري کان اجازت حاصل ڪريان.“

پرسنل اسسٽنٽ انٽرڪام تي سيڪريٽريءَ سان ڳالهايو. سيڪريٽري کيس چيو ته سياڻي وزٽنگ آورس ۾ اچن.

”آءُ اڄ ملڻ چاهيان ٿو ۽ هن مهل.“ لڪمير چيو.

پرسنل اسسٽنٽ پيهر ڳالهايو پر کيس ساڳيو جواب مليو.

لڪمير کي انهي مهل الائي ڇا ٿيو ۽ سيڪريٽريءَ جي در تي بيٺل پٽيوالي کي پاسي ڪري، در کولي اندر گهڙي ويو. سيڪريٽريءَ جيڪو هڪ فائيل ڏسي رهيو هو تنهن منهن مٿي کڻي لڪمير کي ڏٺو ۽ آهستي سان پُڇيائين، ”مسئلو ڇا آهي؟“

”سر اهو ظلم آهي، اها نا انصافي آهي.“ لڪمير وڏي واڪي چيو.

”آهستي ڳالهائي ۽ Behave properly “ سيڪريٽري وري ڌيرج سان چيو.

”اسان سنڌ جي اميدوارن سان ظلم ٿيو آهي. هڪ به پوسٽ نه ملي آهي.“

”انهيءَ ۾ منهنجو ڏوهه ڪهڙو آهي؟“ سيڪريٽري نرمي منجهان وراڻيو.

”هي نا انصافي. . . .“

”هيءَ نا انصافي ناهي.“ سيڪريٽري وچ ۾ ڳالهايو. ”اهو بورڊ جو فيصلو آهي. باقي هت ويسٽ پاڪستان سيڪريٽريٽ ۾، سنڌ يا سنڌ جي اميدوارن جو ڪو وجود ناهي، هاڻي هل ٻاهر، منهنجو وقت خراب نه ڪر.“

لڪمير نه چاهيندي به ڪجهه ڳالهائي نه سگهيو ۽ ڪمري منجهان ٻاهر نڪتو ۽ تيز تيز قدم کڻندو ورانڊي ۾ اُن هنڌ پهتو جتي ميرٽ لسٽ لڳل هئي. اُت اڃا به پنجاهه کن ڇوڪرا بيٺا هئا. اُت بيٺل ڇوڪرن مان هڪ ٻن ڇوڪرن پڇيو ڇا ٿيو. لڪمير بس ڦاٽي پيو. ”هي بيوروڪريٽ، هي آفيسر

پاڻکي ڇا ٿا سمجهن!“ لکمير وڏي واڪي ڳالهايو. سيئي ڇوڪرا ڏانهنس ڏيان ڏيڻ لڳا ۽ وراندي سان گڏ هال ۾ ويٺل اسٽاف به وراندي ڏانهن ڏسڻ لڳو.

”هي آفيسر خدا جا پُٽ آهن. مطلق العنان آهن. اسان عوام جي ٽيڪس منجهان پگهار کڻن ٿا ۽ عوام جي هڪ فرد کي چون ٿا گيٽ آئوٽ! او سيڪريٽري ٻاهر نڪر. ڏس عوام، هي عوام بيٺو آهي. تون عوام جو پگهار کٽين ٿو. ۽ ڊڪٽيٽرن جي چاپلوسي ڪرين ٿو. تون چوين ٿو ته سنڌ ۽ سنڌي اميدوارن جو ڪو وجود ڪونهي. تون اچ حيدرآباد، توکي به مسرور ڪُتو نه بنايون ته اسين سنڌ جا پُٽ ناهيون. گهرائي پوليس ڀڙائي اسانکي. اسان غريب مائٽن جو اولاد آهيون. اسان کي نوڪريون نه ڏيئٽيون هيون ته اسانکي لاهور جا پنڌ ڇو ڪرايا. اسانکي هيترا خرچ ڇو ڪرايا؟ تون پنهنجي ڪمري مان نڪري جواب ڏي. تون ڊڪٽيٽرن جو ڇاڙتو آهين. ڪمري منجهان نڪر. مونکي ڀل پوليس جي حوالي ڪر.“

لکمير جي انهيءَ گوڙ ٻين اُميدوارن تي به اثر ڪيو ۽ اُهي به لکمير جو ساٿ ڏيڻ لڳا. اسحاق ڏاهري ۽ اڪبر ڇلڳري، لکمير جي آواز ۾ آواز ملائڻ لڳا پر کين گرفتار ٿيڻ جو ڊپ هو. اوسي پاسي جي ڪمرن مان ۽ هال منجهان چڱو خاصو ملازمن جو تعداد ٻاهر وراندي ۾ نڪري آيو ۽ لکمير جي تقرير جاري هئي. سيڪريٽري پوليس کي ٽيليفون ڪيو. ڪجهه پوليس وارا به اچي ويا ۽ لکمير انهن سان به اٽڪي پيو. ٽورڙي ڇڪتاڻ ٿي ۽ ڳالهه هلڪي لاٺي چارج تائين پهتي. لکمير جو مٿو ڦاٽي پيو. ڪجهه ٻين اميدوارن کي به ڌڪ لڳا. ڇوڪرن جا نعرا تيز ٿيندا ويا. سيڪريٽري پوئين در کان ٻاهر نڪري ويو. جڏهن پوليس مجمعي کي منتشر ڪري ڇڏيو ته اُن وقت ويسٽ پاڪستان جي تعليم کاتي جو وزير محمد علي خان اُتي پهتو. هُن ڏٺو لکمير کي پوليس وارا جهليو بيٺا آهن ۽ ڪجهه ٻيا ڇوڪرا به پوليس جي قبضي منجهه آهن ۽ ڪيترائي ڇوڪرا پري پري ٽولين ۾ بيٺا هئا. وزير محمد علي خان لکمير کي چڱي طرح سڃاڻيندو هو. هُو ڪيترائي ڀيرا حيدرآباد آيو هو جتي هُن حڪومت پاران شاگردن سان ڳالهيون ڪيون هيون. اُن وقت لکمير يونيورسٽي اسٽوڊنٽس يونين جو صدر هو. محمد علي خان کي لکمير جي بي خوفي ۽ دليري وڻندي هئي. محمد علي خان اڳتي وڌي پوليس وارن کان لکمير جو ڳٽر ڇڏايو ۽ پُڇيائين ”ڇا ڳالهه آهي؟“

”سر هي شخص هتي سيڪريٽريٽ ۾ امن عامه جي صورتحال خراب ڪري رهيو آهي ۽ سيڪريٽري صاحب کي گهٽ وڌ ڳالهايو اٿس ۽ حڪومت جي خلاف به نعرا هنيا آهن.“ هڪ سب انسپيڪٽر ٻڌايو.

”خير هن کي منهنجي آفيس وٺي اچو.“ محمد علي خان چيو.

لکمير پوليس وارن سان گڏ وزير صاحب جي آفيس ۾ ويو ۽ پُٺيان اسحاق ڏاهري پنهنجي دوستن کي چيو: ”ابا هي سنڌ جو سپوت ته ويو لال قلعي ۾، پر اسان کي الائي ڪهڙي جيل ۾ موڪليندا، يار جيل جي پرواهه ناهي پر پوليس جي مار جو آءُ صفا ياڙيو آهيان. مونکي ته روئڻ ٿو اچي.“ پوءِ ٿڌو ساهه ڀري آهستي سان چيائين ”يار رُلي وياسين.“

ٻئي ڏينهن صبح جو ڏهين بجي کن هوٽل ۾ ٻيا دوست هڙئي پنهنجو پنهنجو سامان ٻڌي رهيا هئا ۽ اسحاق ڏاهري هو جمالو ڳائي نچي رهيو هو. جميل فاروق ٽيبل وڄائي سنگت ڪري رهيو هو. لکمير ويسٽ پاڪستان سيڪريٽريٽ ويل هو. وزير صاحب کيس خاطري ڏني هئي ته ٻئي صبح جو نوڪريءَ جو آڊر ڪائنس وٺي وڃي. آڊر ڪالهه ئي ملي وڃي ها پر سيڪشن آفيسر وڃي چڪو هو.

”يار مونکي لڳي ٿو اسان لاهور سيڪريٽريٽ فتح ڪيو آهي.“ اڪبر چلڳريءَ چيو. ”لڪمير اڻ ٽيٽي ڳالهه کي حاصل ڪيو آهي نه ته مونکي ته ڊپ هو متان ٻڌجي نه پئون. پوءِ هٿ ضامن پوڻ وارو به ڪو ڪونه هو.“

”مون سوچيو هو.“ جميل فاروق چيو ”ته جيئن پوليس اوهانکي گرفتار ڪندي تئين ئي آءُ پٺيءَ ويندس ۽ حيدرآباد ٽيليگرام ڪري ٻڌائيندس ته هڙتيئي نوجوان لاڪ اپ ۾ آهن.“

”استاد ائين توکي پڇڻ آءُ به نه ڏيان ها.“ اسحاق ڏاهريءَ چيو.

”پوليس کي وٺي، پيچو ڪري به توکي سوگهو ڪرايان ها ـ ـ ۽ پوءِ لاڪ اپ ۾ ڪچهريون ٿين ها. پر هاڻ ته پنهنجا ٻئي ڪم ٿي ويا.“

”ٻئي ڪم؟ مون سمجهيو نه.“ اڪبر چلڳريءَ پُڇيو.

”مونکي خبر هئي ته اهو نه سمجهڻ وارو سوال تو جهڙو ٿوهر ـ ـ شخص ئي ڪري سگهي ٿو. يار اسان جي يار کي لاهور جو لال قلعو فتح ڪرڻ کان پوءِ ڪلاس ون جي نوڪري ملي آهي. شايد تاريخ جو پهريون سنڌي آهي جنهنکي ائين رڳو زباني انٽرويو ڪانپوءِ ڦڏي ڪرڻ، آفيسرن کي گاريون ڏيڻ کان پوءِ، ميرٽ تي ڪلاس ون جاب ويسٽ پاڪستان سيڪريٽريٽ مان ملي آهي. ٻيو انهيءَ کان به وڏيڪ اهم ڳالهه ته رات انجمن آرا سان ڪچهري ٿي. نيٺ عرض مڃيائين ۽ وڃي ٿيا خير!“

”اجائي بڪ نه ڪر.“ چلڳريءَ چيو. ”ڏاڍي ڪا فتح حاصل ڪري آيو آهين. چڪلي جي رن آهي. ڪيس ڏوڪڙ ڪپن تو ڏوڪڙ ڏنا ۽ سڀ ڪم ٿي ويو.“

”يار تو جهڙي چوٽ پٽل، مون نه ڪا سابق سنڌ ۾ ڏٺي ۽ نڪا سابق پنجاب ۾.“ اسحاق ڏاهريءَ چيو. ” توکي ڪهڙي خبر انجمن آرا جي. تو ته پنهنجي عمر ۾ گڏهه به ڪانه ڏٺي آهي. اڙي هوءَ ڳائٽي آهي. روز ڏنڌي ڪرڻ واري ناهي. ڏسندين ته بي هوش ٿي ويندين ۽ جي هوش اچي وئين ته دماغ خراب ٿي ويندئي. گگهه اوندهه ۾ به سندس لڱ ريڊيئم وانگر جرڪن ٿا. هٿ لائينس ته ميري ٿيو پوي. شفاف رن آهي. پاڻي پئي ته ڳچيءَ مان هيٺ لهندو نظر اچي. جي سچي ٿئي ته ڏڙڪندڙ دل به ڏيکاري ڇڏي. يار اسان ته ٿرپارڪر ۾ غيبات جي حوالي آهيون. زالون ته هي آهن.“

”چڱو غيبات جي اولاد، هاڻ بڪ بند ڪر.“ جميل فاروق چيو ۽ سيني ٿهڪ ڏنا ۽ اسحاق ڏاهريءَ کي ڪاوڙ ته لڳي پر سور پي ويو.

”ڳالهايو ڀلي ڳالهايو. اوهين سڀ سڪٿا ٻيا هلو لڪمير آرڊر وٺيو پيو هلي ۽ آءُ محبوب ماٽي پيو هلان. هاڻ ڪيسي ۾ رڳو حيدرآباد جي ٽڪيٽ جيترا پئسا آهن.“

ٿوري دير کان پوءِ لڪمير به آڊر وٺي آيو ۽ سيئي دوستن هڪ دفعو وري جهمر هنئي ۽ ٽيڙ ڪٽي لاهور ريلوي اسٽيشن تي پهتا.

# 43

ٻئي ڏينهن ٽپهري ڌاري، هي چارئي دوست حيدرآباد اسٽيشن تي لٿا. ٽرين اڳ ئي لاهور مان ليٽ هلي هئي ۽ رستي ۾ وڌيڪ ليٽ ٿي ويئي. اسٽيشن کان ٻاهر نڪري، هنن ٽانگو ڪيو ۽ هير آباد ڏانهن وڃڻ لڳا. جتي مسلم هاسٽل ۾ اڪبر چلڳريءَ جو ڪمرو هو. پر جڏهن سندن ٽانگو مولا جي قدمن کان ٿورڙو اڳتي شمس سئنيما وٽ پهتو ته اڳتي پوليس رستو روڪيو بيٺي هئي ۽ ٽانگي واري کي ٻه رستي جي هڪ پاسي ڪري بيهاري ڇڏيائون. هنن پرسان بيٺل هڪ پوليس کان پُڇيو ته ڇاجي ڪري اڳيان رستو بند آهي ته پوليس واري کين ٻڌايو ته تلڪ چاڙهي وٽان هڪ وڏو جلوس اچي پيو جيڪو سلطان هوٽل وٽان ساڄي پاسي مُڙي، حيدر چوڪ ڏانهن هليو ويندو. ٽيستائين ٽريفڪ روڪي ڇڏي اٿن. هي چارئي همراهه ٽانگي منجهان لٿا. جميل ٽانگي ۾ ئي ويٺو رهيو ۽ باقي ٽي ڄڻا اڳتي هلي اچي سلطان هوٽل وري چوڪ جي هڪ ڪُنڊ وٽ بيهي رهيا. سامهون زناني اسپتال ۽ ڪوهه نور سئنيما وٽان جلوس اچي رهيو هو. جئين جلوس ويجهو ٿيندو ويو نعرن جو شور به وڌندو ويو. جڏهن جلوس ويجهو اچي پهتو ته لکمير ۽ سندس دوستن ڏٺو ته سڀ کان اڳ ڪجهه ماٺهو سائي رنگ جو وڏو ڪپڙي جو بئنر کنيو اچي رهيا هئا. جنهن تي اڇن اکرن ۾ لکيل هو: ”سنڌ مهاجر پنجابي پٺاڻ متحده محاذ.“ . . . . ۽ بئنر جي پُٺيان هڪ وڏي قطار ۾ پندرهن ويهه اڳواڻ هٿ هٿن ۾ ڏيئي اچي رهيا هئا ۽ ٻيا ڪارڪن انهيءَ نئين ٺاهيل محاذ جي حمايت ۾ نعرا هڻي رهيا هئا. سيني جي اڳواٽي نواب مظفر حسين خان ڪري رهيو هو. سندس ننڍڙو قد، ڪاري شيرواني، اڇو پائجامو ۽ وڏيون مُڇون سيني ۾ نمايان هئا. هي دوست هڪ ڪنڊ ۾ بيٺا رهيا ۽ جلوس نعرا هڻندو اڳتي وڌي ويو ۽ سندن اکيون ڦاٽل هيون ۽ مغز منجهه ڄڻ ريل گاڏي پئي هلي.

شام جو دير سان لکمير، اسحاق ۽ احمد بخش ڪامريڊ جڳت وٽ ويٺا هئا. جڳت عمر جو چڱو ٿي ويو هو پر هلڪي ڦلڪي هائيءَ جي ڪري اڃا به چُست هو ۽ هرويرو پوڙهو نه پئي لڳو. سنڌ يونيورسٽيءَ حيدرآباد جي ڪاليجن جا ڇوڪرا ڪامريڊ جي وڏي عزت ڪندا هئا. سنڌي ڇوڪرن ڪانسواءِ اردو ڳالهائيندڙ پنجابي ۽ پٺاڻ شاگرد به ڪامريڊ جي خيالن ۽ اصولن جي ساراهه ڪندا هئا. ۽ خاص ڪري اُهي ڇوڪرا جيڪي سوشلزم ۽ رشين لائن آف ايڪشن جي حمايت ڪندا هئا. سي ته وٽس ايندا رهندا هئا.

ڪامريڊ جڳت اڃا پنهنجي سهري هيرانند واري جڳهه ۾ رهيل هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اها جڳهه هندن جي ملڪيت هئڻ ڪري هڪ مهاجر کي الاٽ ٿي هئي ۽ ڪامريڊ جڳت، سندس زال لتا ۽ پُٽ برج لال کي جڳهه خالي ڪرڻ جو نوٽيس مليو. پر سيٺ هيرانند، بمبئي مان پئسا موڪليا ته جڳهه خالي نه ڪريو پر نئين الاٽيءَ کان خريد ڪري وٺو. محل جهڙو گهر هو ۽ ڪامريڊ جڳت پنجانوي هزار ۾ خريد ڪري ورتو. ڪامريڊ جي زال لتا تندرست نه پئي رهي سا 1959ع ڌاري پنهنجي پيءُ ڏانهن بمبئي هلي ويئي. ۽ سندن پُٽ به شملي جي هڪ مشنري اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ ويو هليو.

ڪامريڊ هيڏي ساري جڳهه ۾ اڪيلو رهندو هو. 1965ع جي جنگ کان اڳ ٻه دفعا لتا سنڌ آئي هئي ۽ ڪامريڊ کي ڏاڍا ايلاز ڪيا هئائين ته هو به هندستان هلي. پر ڪامريڊ نابري واري بيٺو هو. جنگ کان پوءِ ستت ئي لتا جو ديهانت ٿيو ـــ ۽ ڪامريڊ صفا اڪيلو ٿي پيو.

نوجوان ڪامريڊ سان گڏ چانهه به پي رهيا هئا ۽ سندن ڳالهه ٻولهه به هلي پئي.

"انهيءَ جي معنيٰ ته اوهان چوڪرا لاهور فتح ڪري آيا." ڪامريڊ کلندي چيو.

"ڪامريڊ سائين، اسحاق رڙ ڪئي واهه جو وارو وڃائي آيا آهيون. سيڪريٽريٽ ۾ بيهي آفيسرن کي گاريون ڏيڻ زوري ڪلاس ون واري نوڪري وٺي اچڻ اچوڪي دور ۾ وڏي ڳالهه آهي."

"يار مڙسي ڪئي اٿوَ." ڪامريڊ چيو. "قومون پنهنجا حق علم، چاڻ ۽ مڙسيءَ جي زور تي وٺنديون آهن."

"پر ڪامريڊ، اسحاق ڏاهريءَ چيو، "پل علم، چاڻ ۽ مڙسي ڪم ڪري پر لڪمير جي پروچڪي رڳ جو به وڏو هٿ آهي."

ڪامريڊ ٽهڪ ڏنو.

"ڪامريڊ، لاهور وارا، سنڌي وڏيرن ياچڱن نوجوانن کي ڪلاس ون جون موچاريون چوڪريون، نڪاح پڙهائي ڏيڻ لاءِ تيار آهن پر ڪنهن سنڌي نوجوان کي ڪلاس ون جي نوڪري ڏيڻ لاءِ بلڪل تيار نه آهن. " اسحاق چيو.

"ڪامريڊ حيدرآباد موٽي آياسين،" لڪمير چيو. "پر هت اڄ شام جو جيڪو جلوس ڏٺوسين سو ڏاڍو عجيب لڳو. هي مهاجر پنجابي پٺاڻ متحده محاذ؟ ڪنهنجي خلاف؟"

"اها ڳالهه ضرور ٿيڻي هئي." ڪامريڊ چيو، گذريل ڏهن سالن جي سجاڳي، تحريڪن ۽ اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ مان نڪتل چوڪرن جا چوڙيل ڦڻاڪا ۽ نوڪرين لاءِ ڊماند ۽ سياسي حقن جي بحاليءَ جا مطالبا ـ اهي سڀ ڳالهيون جڏهن سامهون آيون ته ٻئي ڪئمپ ۾ ري ائڪشن ٿيڻ ضروري آهي."

"پر ڪامريڊ اها ته عجيب ڳالهه آهي ته سڀ ڌريون سنڌين جي خلاق يڪراءِ ٿي ويون آهن." احمد بخش چيو.

"انهن ٽن ڌرين جا مفاد ساڳيا آهن." ڪامريڊ چيو. "مهاجر سنڌ جو هاڻ حصو ٿي چڪا آهن. پنجابي ون يونٽ ٿهڻ کان پوءِ، سنڌ جي ذريعن کي استعمال ڪرڻ پنهنجو حق سمجهي ٿو. پٺاڻ کي به اقتصادي طور سنڌ ڏانهن ئي واجهائڻو پوي ٿو ـــ ۽ هاڻ سنڌ وارا به سياسي توڙي اقتصادي سجاڳي ڏانهن خيال ڪرڻ لڳا آهن. سندن شهرن ۾ غير سنڌين جو قائم ڪيل مڊل ڪلاس 47ع کان پوءِ بلڪل وجود ۾ اچي ويو آهي. پر ان سان گڏ سنڌين به ڳالهه کي سمجهڻ شروع ڪيو آهي ۽ سنڌ جي شهرن ۾ سنڌين جو انگ وڌڻ لڳو آهي -- پر ڪراچيءَ ۾ انگ ڪُٽي پيو وڏي نه پيو. اها ڳالهه تشويش ڪرڻ جهڙي آهي ـــ ۽ احمد بخش منهنجي ڳالهه ياد رکجانءِ ته اچوڪو ته ـــ ڌُريو جلوس بنياد اٿئي هڪ وڏي اقتصادي ۽ سياسي جنگ جو."

"ڪامريڊ تنهنجي دعا ڪپي." اسحاق ڏاهريءَ ڳالهايو، "هي پاڻ کي ڇا ڪندا؟ جي اسان مڙسي ڪئي ۽ اسانجا پير، فقير ، مخدوم ۽ وڏيرا ۽ سڀ کان وڏا اسين شاگرد جي پنهنجي تي آياسين ته لک جوان ڪهاڙين سان ڌُوڪي ايندا سين. ڪراچي، حيدرآباد ۾ ته هي پڪوڙا کائو ۽ نسوار خور ـــ ڪيڏانهن ويندا."

"ڳالهه ائين ناهي." ڪامريڊ چيو. "هيءَ اقتصادي جنگ آهي. اسان جا ليڊر انهيءَ کي خوامخواهه رڳو سياسي ليبل پيا هڻن. اسانکي پاڪستان جي پيداواري ذريعن منجهان پنهنجو صحيح حصو ملڻ

گهرجي. ۽ اهوئي رستو آهي سياسي خودمختياري ماڻ جو. باقي اسان جا ليبر آهن وڏيرا، پير ۽ جاگيردار ـ اهي سڀ سياسي طاقت حاصل ڪرڻ جي پٺيان آهن. ـ ـ ـ ۽ هاڻ اوهان نوجوانن جي اپيل ۽ سمجهدار سگهہ ڪي هُو يا تہ پنهجي نفعي خاطر استعمال ڪرڻ چاهين ٿا يا ڪين سنڌ ۾ مڊل ڪلاس ۽ شاگرد طبقي جو وجود ۾ اچڻ پانئين ڪونہ ٿو پوي. انهيءَ ڪري يار ڏاهري، اهي وڏيرا ۽ مير پير ڪهاڙيون ڪٽي ڪونہ نڪرندا پر ٻين طاقتور گروپن لاءِ اوهان اسانکي چيپاٽيندا ـ ـ جئين ون يونٽ ٽهڻ بہ اهڙين ڳالهين جو مثال آهي."

"پر ڪامريڊ،" لکمير چيو، "هاڻ سنڌ ۾ شاگرد طاقت ۽ قومپرست سياست جو وجود پئجي چڪو آهي. ون يونٽ بہ شايد ٽٽي پوي. پيو تہ ٿهيو پر قومي ليول تي سياست ڪرڻ وارو ذوالفقار علي ڀٽو بہ سنڌي شاگردن کي پاڻ سان کڻڻ ضروري سمجهي ٿو."

"آءُ سمجهان ٿو،" احمد بخش چيو، "اسان تمام ٿورڙي عرصي ۾ گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو آهي. شاگردن جي تحريڪ، قومي سڃاڻپ جي جدوجهد، ايوب خان جي طاقت ٽوڙي زوال وارن ڏينهن ۾ سنڌ جي شاگردن ٿوڙي عوام گهڻو پاڻ پتوڙيو آهي. اسان ڪمشنر مسرور جا لاهہ ڪڍيا. اسان حڪومت کي مجبائوسين تہ ووٽرن جي لسٽن ۾ سنڌيءَ ۾ بہ نالا لکيا وڃن. شاگرد اجا بہ ڀٽي سان سات ٽنا ڏين جو ڀٽو سنڌ جي حقن جي سياست تٿو ڪري پر هُو پاڻ کي پاڪستان ليول جو سمجهي ٿو ۽ سنڌ جا سياسي مطالبا ٽتو پيش ڪري. خاص ڪري ون يونٽ ٽوڙڻ واري مسئلي تي صاف ناهي. اوهان ڏسو تہ سيد، سنڌ جي قومي سين تي بلڪل اپري آيو آهي. هوڏانهن بنگال ۾ مجيب الرحمان بہ بنگالين جا مسئلا کڻي آيو آهي ۽ ان مان اسان ننڍن صوبن وارن کي فائدو ملندو."

"پر يار، سيد جي هن وقت سياسي غلطيون ڪري وڌيون تہ پوءِ اسان سنڌي وڏي ڏچي ۾ پئجي ويندا سين." ڪامريڊ چيو.

"اوهان ڇا ٿا سمجهو؟" لکمير پُڇيو، "سائين جي ايم سيد صحيح نہ پيو ڪري؟"

"سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي." ڪامريڊ جڳت چيو. "پر سيد سنڌي نوجوانن کي ڪجهہ هيروز ڏنا هئا ۽ ڪجهہ ماڊل غدار بہ. سچي تحريڪ جو بنياد انهن چڱن ۽ برن ماڻهن جي چڱاين ۽ مَٺاين تي ٻڌل آهي. هاڻ پاڻ ڪجهہ اهڙا ماڻهو ساڻ ڪري رهيو آهي جن لاءِ هُن پاڻ شاگردن ۾ عام ماڻهن کي ٻڌايو هو تہ اهي سنڌ جا غدار آهن ـ ـ ۽ پيو سيد هڪ ئي وقت گهڻا محاذ کوليا آهن. نئون زمانو آهي. وڏيرڪي سياست بہ اوطاقن ۽ ڊرائنگ رومس منجهان نڪري جلسن، جلوسن عام ماڻهوءَ سان ڊائريڪٽ لهہ وچڙ ۾ اچي رهي آهي."

"نيٺ ڇا ڪجي؟" احمد بخش پُڇيو.

"پُٽ،" ڪامريڊ ٿڌو ساهہ کنيو، "هڪ تمام ڊگهي اقتصادي حقن ۽ پنهنجي تاريخي سڃاڻپ واري جدوجهد لاءِ تيار ٿي وڃو ۽ اها جاکوڙ الائي ڪيترا نسل هلي ۽ ڇا بہ ٿي سگهي ٿو. اسين يا تہ هڪ پرندڙ باهہ منجهان لنگهي رهيا آهيون يا هڪ وڏي ساموندي وير جي ور چڙهي ويا آهيون ـ ـ ـ يا اهڙي اوريڪ منجهہ ڦاسجي ويا آهيون جتان پنهنجي وجود کي ڇڏائڻ ڏاڍو ٺيندو پيو وڃي. سو يار انهي اوڙاهہ ۽ اوريڪ منجهان اُڪري پاڻ پَوڻو آهي."

"ڪامريڊ هڪ ٻيو مسئلو آهي." احمد بخش چيو. "هت سنڌ ۾ تہ نوڪري ملي ڪانہ ٿي. ڪالهہ ڪراچيءَ ۾ آءُ بہ انٽرويو ڏيئي آيو آهيان. ـــ منسٽري آف انڊسٽريز ۾. جوائنٽ سيڪريٽري چيو پئي تہ جيڪڏهن ايسٽ پاڪستان ۾ پوسٽنگ لاءِ تيار هجو تہ ڪلاس ٿو جي ائڊمنسٽريٽو آفيسر ۽ چئن انڪريمنٽن سان گڏ، نوڪري ملي سگهي ٿي."

”اها ڳالهه صحيح آهي“ لکمير چيو، ”پاڪستان سرڪار هر صورت ۾ ايسٽ پاڪستان منجهه مغربي پاڪستاني آفيسر موڪلڻ چاهي ٿي. پوليس ۾ هتان هر سپاهي اي. ايس. آءِ سب انسپيڪٽر ۽ انسپيڪٽر کي پروموشن ڏيئي موڪلين پيا.“

”نوڪري ۽ پروموشن ته پلي ڳالهه آهي.“ اسحاق ڏاهريءَ چيو، ”پر انهن ڪارن ۽ بندرن بنگالين جي ور چڙهي وئين ته پوءِ اهو ائڊمنسٽريٽو الڳ هوندو ۽ آفيسر الڳ ــ باقي رهندا چار انڪريمنٽ، سي تنهنجي مائٽن کي باءِ پوسٽ موڪلي ڏيندا.“

”بنگالين جي دلين ۾ پنجابين لاءِ گهڻي نفرت ڦهلائي ويئي آهي.“ ڪامريڊ چيو، ”۽ عجب جهڙي ڳالهه اها آهي ته بنگالي هر ويسٽ پاڪستاني کي پنجابي سمجهي ٿو. سندن نظرن ۾ سنڌي، پروچ ۽ پٺاڻ به پنجابي آهن.“

”پوءِ استاد بي روزگار چڱو آهين.“اسحاق رڙ ڪئي.

”ڀلا هميشهه لاءِ پوسٽنگ ايسٽ پاڪستان ۾ هوندي؟“ ڪامريڊ پڇيو.

”نه پهريون سال ڪمپلسري آهي ۽ پوءِ واپس اسلام آباد يا ڪراچيءَ ۾ رکندا.“ احمد بخش چيو.

”چڱي نوڪري آهي.“ ڪامريڊ چيو، ”سال ڏکيو سکيو گذري ويندو.“ ”بس يار اوهان نوجوان پڙهو، نوڪرين ۾ اچو ۽ ڪجهه اڻ پڙهيل يا اڌ پڙهيل شهرن ۾ اچي ڪارخانن ۾ پرتي ٿين ۽ شهرن ۾ هڪ هيٺئين وچولي ۽ وچولي طبقي جو وجود اچي ته پوءِ survival جي چڪتاڻ شروع ٿئي. نه ته جيڪا مَلهه اڄڪلهه ٿئي پئي سا بي جوڙ آهي ۽ سنڌي، ڪلچرل، پوليٽيڪل ۽ اڪنامڪ سيلاب آڏو بيهي نه سگهندا ــ ۽ سنڌ جو مضبوط ڪلاس پير، مير، وڏيرو ۽ خان، پورس جي هاٿين وارو ڪردار ادا ڪندا.“

# 44

ويهارو کن سال گذري ويا.

1988ع سال جي سيپٽمبر جو آخري ڏينهن هو. اهي ڏينهن گرم هوندا آهن جو سيپٽمبر ۾ اتر سنڌ ۾ ساريون پچنديون آهن ۽ هيٺئين علائقن ۾ ٻاجهريءَ جو فصل پچندو آهي. اُتر ۾ ته شام ۽ رات به هوا بند ۽ ٻوساٽ ۾ وڪوڙيل هوندا آهن ۽ ماڻهو به سارين سان گڏ رجهندا پيا آهن. پر هيٺ حيدرآباد ۽ لاڙ واري پاسي، شام کان اڳ ئي ٿڌيون سامونڊي هوائون هلڻ شروع ٿي ويندي آهن. ۽ ڏينهن جي تپش يڪدم ٿڌڪار ۾ بدلجي ويندي آهي. احمد بخش به ڪالهه حيدرآباد پهتو هو. ساڻس گڏ سندس زال نفيسه به هئي. ڪين اُنهيءَ ڏينهن ٿيهين سيپٽمبر جو هڪ دوست جي پُٽ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻو هو. شادي شهر کان ٻاهر راڻي باغ ۾ ٿهيل عباس ٻائي پارڪ ۾ هئي. احمد بخش، فيڊرل گورنمنٽ جي انڊسٽريز انڊ سپلائيز ۾ ڊپٽي سيڪريٽري هو. گذريل ٽن سالن کان ڪراچيءَ ۾ پوسٽنگ هيس. سندس زال نفيسه پاپوليشن ويلفيئر ۾ سيڪشن آفيسر هئي. ۽ گذريل سال اُها به ڊپٽي سيڪريٽري پروموٽ ٿي هئي ۽ سندس پوسٽنگ به ڪراچي ۾ هئي. شام جا ست ٿيا هئا. احمد بخش ڪپڙا بدلائي تيار ٿي چڪو هو ۽ نفيسه اڃا تيارين ۾ هئي.

”هيءَ شادي عام شادين وانگر نه هوندي،“ احمد بخش جوڻس کي چيو، ”گهوٽ جو پيءُ سيشن جج هو. لاسٽ يئير ريٽائر ٿيو آهي. هُو وقت جو تمام پابند آهي. انهيءَ ڪري پاڻ کي اٺين بجي تائين اتي پهچڻ کپي.“

”اوهان مرد پلي ڪيترا به وقت جا پابند هجو پر شادي اُهو فنڪشن آهي جيڪو هميشهه کان عورتن جي ڪنٽرول ۾ رهيو آهي. پلي مرد اچي وڃن، گهوٽ صاحب اچي وڃي ۽ مولوي صاحب به موجود هجي ـ ـ پر نڪاح تڏهن ٿيندو جڏهن ڪنوار تيار ٿي ويهي ۽ ٿي دفعا هائوڪار ڪري. ڪنوار ۽ ٻيون عورتون گڏوگڏ تيار ٿينديون آهن.“

”صحيح آهي.“ احمد بخش چيو، ”پر اڄ به ڪي دماغ جا صحيح انسان موجود آهن ۽ زالن جي ڊڪٽيٽرشپ ۾ ٿا اچن.“

”اسانجي ملڪ جون زالون ڊڪٽيٽر ٿين سو ممڪن ناهي.“ نفيسه چيو. ”شادين غمين جي موقعن تي مڙيئي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي هلائينديون آهن ۽ مرد به مجبور هوندا آهن.“

”ائين ئي جئين هن وقت آءٌ مجبور ٿي رهيو آهيان.“ احمد بخش مُرڪيو. نفيسه به ٿهڪ ڏنو، نفيسه جا ٿهڪ ڏاڍو وڻندڙ هئا.

نفيسه عمر ۾ احمد بخش کان چار پنج سال ننڍي هئي. هوءَ احمد بخش کي 1970ع ۾ ڍاڪا ۾ ملي هئي. جنهن منسٽري ۾ هو ڪم ڪري رهيو هو، اُتي نفيسه به هڪ ائڊيشنل سيڪريٽريءَ وٽ اسٽينو ٽائپسٽ هئي. هوءَ نهايت ذهين هئي. سندس ماءُ بنگالڻ هئي ۽ پيءُ بهاري هو. نفيسه کي ڪاريون وڏيون اکيون، ڊگها، چيلهه کان به گهٽو هيٺ وار ۽ جادوءَ سان پريل مُرڪ پنهنجي ماءُ جي سونهن مان مليا هئا ۽ قد ۽ ذهانت پٽس وٽان ورثي منجهه مليا هئا، سندس پيءُ ڍاڪا ۾ پوسٽ ماسٽر هو پر 67ع ۾ دل جي بيماريءَ جي ڪري گذاري ويو هو. ٻه ننڍا ڀائر هئا جيڪي اڃا ميٽرڪ ۾ هئا.

انهيءَ ڪري، نفيسه ٽائيپنگ ۽ شارٽ هينڊ جو ڪورس ڪري، سرڪاري نوڪري ڪرڻ لڳي. انهن ڏينهن ۾ احمد بخش کي نفيسه هڪ عام ٽائپسٽ ڇوڪري لڳي هئي. پر ڊاڪا فال کان پوءِ جڏهن هڪ دفعي اسلام آباد سيڪريٽريٽ ۾ نفيسه ۽ احمد بخش مليا ته معاملو ڪجهه اوڙ ٿي پيو. ڪجهه مهينا پاڻ ۾ عليڪ سليڪ هلي پوءِ ڪجهه ڏکيون رهاڻيون ٿيون. نيٺ 1976ع جي شروعات ۾، نفيسه، احمد بخش جي ٻي زال بنجي ويئي ۽ احمد بخش به نفيسه جو ٻيو مڙس هو. ان کان اڳ نفيسه 71ع جي آگسٽ سيپٽمبر ۾، ماءُ جي چوڻ تي شادي ڪئي هئي. سندس مڙس بهاري هو جنهن کي بنگلاديش جي جنگ ۾ بنگالين گوليون هنيون هيون. جنهن ڪري هو پنهنجيون ٻئي ٽنگون وڃائي ويٺو هو ۽ پوءِ ٻن سالن کان پوءِ سندس ٻُڪين به آهستي آهستي ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو ـــ ۽ پوءِ جڏهن 75ع ۾ نفيسه، پاڪستان لاءِ سنيري ته سندس مڙس اهو مناسب نه سمجهيو ته هُو سڄي عمر اپاهجن وانگر گذاري ۽ نفيسه لاءِ سدائين آزار ٿي رهي. سو جڏهن نفيسه، پنهنجا ۽ مڙس جا سب ڪاغذ پٽ تيار ڪرائي، پاڪستان آئي پئي ته هڪ هفتو اڳ سندس مڙس آپگهات ڪيو ۽ نفيسه کي بلڪل آزاد حيثيت ۾ پاڪستان وڃڻ جو موقعو فراهم ڪيو.

نفيسه اڃا ڊريسنگ ٽيبل آڏو ويٺي هئي ۽ هار سينگار اڃي مڪمل ٿيو هو ته اوچتو بجلي ويئي هلي. نفيسه رڙ ڪئي: ”اڃا ته مونکي لپ اسٽڪ هڻڻي هئي.“

”واپڊا وارن جي خيال ۾ سينگار ڪرڻ ۾ ايتري بجلي consume ڪرڻ نيشنل ويسٽيج آهي.“ احمد بخش ڪمري جي ٻي ڪُنڊ مان چيو.

”هاڻ ڇا ڪريان؟“ نفيسه اونده ۾ چيو. ”ڪا ميڻ بتي آهي؟“ نفيسه اونده ۾ ويٺي هئي. کيس ڪابه شيءَ نظر نه پئي آئي. اوچتو کيس محسوس ٿيو ته احمد بخش کيس پُٺيان اچي ياڪر پاتو آهي.

”ڇا ٿا ڪريو؟“ نفيسه آهستي سان احتجاج ڪيو، ”منهنجي ڪپڙن جي استري خراب ٿي ويندي.“

”بجلي انهيءَ ڪري ويئي آهي ته آءُ تنهنجي سينگار کي فنشنگ ٽچ ڏيان.“ احمد بخش چيو.

نفيسه به وڌيڪ احتجاج نه ڪيو ۽ احمد بخش کيس ٻانهن ۾ جهلي آهستي سان چميو. نفيسه کي اها چمي سڄي جسم تي محسوس ٿي ۽ ائين لڳي ڄڻ اها چمي، چپن جي ماس منجهان لهي، لڱن جي لونءَ لونءَ ۾ ڦهلجي ويئي ۽ سندس سڄي وجود کي سجاڳ ڪري ويئي.

ـــــ پر ان مهل اوچتو گولين جو وسڪارو ٻڌڻ ۾ آيو. احمد بخش ڏڪي ويو ۽ نفيسه کيس خوف وچان چنبڙي ويئي.

”ڇا پيو ٿئي؟“ نفيسه رڙ ڪئي.

گولين جو، ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڄڻ مينهن وسيو پئي. احمد بخش پاڻ کي زوري ڇڏائي، بالڪونيءَ ۾ آيو. ٻاهر اونده هئي پر گولين جا آواز پاسي واري ويڪري گهٽيءَ طرف هئا جتي گلاب پان هائوس ۽ هڪ ٻه ڪولڊ اسپاٽ هئا. احمد بخش تڪڙ ڪري فليٽ مان نڪرڻ چاهيو ته ٻاهر وڃي ڏسي ته ڇا آهي. پر نفيسه کيس چنبڙي پئي ۽ روڪيندي چيائينس:

”بي وقوف نه ٿي. ٻاهر ڪو وڏو فساد ٿئي پيو. هينئر ٻاهر وڃڻ چريائپ آهي.“

”پر ڏسجي ته آخر ڇا آهي؟“ احمد بخش چيو.

”نہ هينئر نہ!“ نفيسہ ڏڪندي چيو. ” توکي خبر ناهي. مون اهڙين گولين ۽ انهن جو وسڪارو ڊاڪا ۾ ايترو تہ ڏٺو آهي ۽ ٻُڌو آهي جو هاڻ اِهي آواز منهنجي نروس بريڪ ڊائون لاءِ ڪافي آهن. تون پري نہ وڃ، مونکان پري نہ ٿي.“

احمد بخش اوندهہ ۾ محسوس ڪيو تہ نفيسہ جا لڱ ڏڪن پيا ۽ هُوءَ هٿن مان پئي ويئي.

”همت ڪر، ڊپ ڇا جو آهي؟“ احمد بخش چيو. ”ڪِچن مان ميڻ بتي ڪٽي ٻار تہ ڪجهہ نظر اچي.

”مون ۾ طاقت ناهي.“ نفيسہ چيو ” تون ڪٿي اچ. پر پهرين هي دريون بند ڪر. متان ڪا گولي اندر اچي.“

گولين جو وسڪارو اچا هليو پئي ۽ اُن سان گڏ ماڻهن جون دانهون ۽ ڪُوڪُون بہ شروع ٿي ويون.

احمد بخش، ٽي چار سال اڳ، حيدرآباد ۾ ٻئي فلور تي فليٽ ورتو هو ۽ جڏهن بہ حيدرآباد ايندو هو تہ اُتي ئي رهندو هو. اهو فليٽ شهر جي بهترين آباديءَ ۾ هو ۽ هيرا آباد سچو هندو عاملن جو ٺهرايل هو. تمام سٺا محلن جهڙا گهر ٺهيل هئا ۽ نهايت بهترين شهري رٿابندي سان اها آبادي اڏيل هئي. ڪامريڊ جگت جي جاءِ بہ پوئين گهٽيءَ ۾ هئي. ڪامريڊ محل جهڙي جاءِ ۾ اڪيلو رهندو هو. مٿي ٽي ڪمرا ۽ چڱو خاصو اڱڻ مسواڙ تي هڪ اردو ڳالهائيندڙ فئمليءَ کي ڏنل هو جيڪي ڪيس ڏيڍ هزار روپيا ڏيندا هئا ۽ سندس مسواڙي ڪامريڊ جو خيال بہ ڪندا هئا.

آهستي آهستي گولين جا آواز جهڪا ٿيندا ويا ۽ ڪجهہ منٽن کان پوءِ گولين جي آوازن بدران ماڻهن جا آواز ۽ رڙيون اچڻ لڳيون. علائقي ۾ بجلي بند هئڻ ڪري پوري طرح اوندهہ ڇانيل هئي. سڄي هيرا آباد ۾ ماڻهو پنهنجن گهرن جا دروازا بند ڪريو لڪيو ويٺا هئا ۽ ڪين ڪابہ خبر نہ هئي تہ ٻاهر ڪهڙو حشر برپا ٿيل آهي. نيٺ احمد بخش فليٽ مان نڪتو ۽ ڏاڪا لهي هيٺ مين گيٽ وٽ پهتو تہ ٽي چار پاڙيسري نظر آيس.

”خير تہ آهي؟ ڇا ٿيو؟“ احمد بخس يڪدم سوال ڪيا.

”خبر ناهي ڇا ٿيو آهي.“ هڪ پوڙهي وراڻيو. ”گلاب پان هائوس وٽ ماڻهن فائرنگ ڪئي آهي ۽ تمام گهڻن ماڻهن کي گوليون لڳيون آهن.“

”ڪنهن فائرنگ ڪئي! ڪو جهيڳڙو ٿيو آهي.“ احمد بخش ٻيهر سوال ڪيو.

”ڪا خبر ناهي. چؤطرف اوندهہ آهي.“ پوڙهي سان گڏ نوجوان ڳالهايو.

”سڄي گهٽيءَ ۾ لاشون پيون آهن. قتلِ عام ٿيو آهي.“

”ڪيترا ماڻهو مئا آهن؟“ احمد بخش پُڇيو.

”سڄي گهٽي پري پئي آهي لاشن سان.“

احمد بخش، گلاب پان هائوس واري گهٽيءَ ڏانهن وڃڻ لڳو تہ ساڳئي پوڙهي منع ڪيس: ”اوهان نہ وڃو. اوڏانهن خطرو آهي.“

”پليز ڪم بيڪ!“ احمد بخش مٿي نهاريو تہ ڪيس نفيسہ، فليٽ جي بالڪونيءَ ۾ نظر آئي ۽ ڪيس واپس سڏي رهي هئي.

احمد بخش ڪجهہ ساعتون اتي بيٺو رهيو ۽ پوءِ خاموشيءَ سان پنهنجي فليٽ ڏانهن واپس مڙيو.

”ڇا ٿيو؟ ڇا ٿا چون ماڻهو؟“ نفيسہ پريشان لڳي پئي.

”خبر ناهي.“ احمد بخش آهستي سان چيو. ”چون ٿا ته جهڳڙو ٿيو آهي ۽ ڪجهه ماڻهو مارجي ويا آهن.“

”اهو جهڳڙو ناهي.“ نفيسه چيو، ”هي فساد لڳي پيو ۽ مون اهڙا فساد ۽ گولين جا آواز ڍاڪا ۾ ايترا ڏٺا ۽ ٻُڌا آهن جو آءُ سمجهان ٿي ته هتي به هاڻ الائي ڇا ٿيڻ وارو آهي. احمد منهنجي خيال ۾ پاڻ سياڻي اسلام آباد هلون.“

احمد بخش اٿي وڃي نفيسه کي ياڪر پاتو ۽ کيس دلداري ڏيئي چيو:

”ڇري هي ايسٽ پاڪستان يا بنگلاديش ناهي. تون اجايو خوف ٿي ڪرين. ڪجهه لوفر لفنگا پاڻ ۾ وڙهندا رهندا آهن. پيو ته گذريل ڪجهه سالن کان افغان مهاجرن سنڌ ۾ گهڻا هٿيار وڪيا آهن. نه ته هت ماڻهن وٽ شاٽ گن يا گهٽي ۾ گهڻو ٿو ٿو جي رائفل يا روالور هوندو هو. سو به هزارين ۾ ڪن چند ماڻهن وٽ هئا. هاڻ ته تمام بهترين رائيفلون، ٿي ٿي پستولون ۽ ٻيا آٽوميٽڪ ۽ سيمي آٽوميٽڪ هٿيار ته هر گهر ۾ آهن. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ماڻهن کي ته سندن اڳواڻ اهو به چيو هو ته وي سي آر ۽ ٽي وي وڪڻي هٿيار خريد ڪريو.“

”ڪا وڏي ڳڙٻڙ لڳي ٿي.“ نفيسه سهميل آواز ۾ چيو.

” ترس پُڇا ڪريون ٿا.“ ائين چئي احمد بخش ٽيليفون ۾ هٿ وڌو ۽ سندس هڪ ڊي ايس پي دوست کي فون ڪيو. هُتان جواب مليو.

”الائي ڇا ٿيو آهي؟“ شهر ۾ قتل عام ٿيو آهي. خبر ناهي ڪنهن ڪيو آهي.“ ٽيليفون بند ٿي ويو. احمد بخش جو دوست ڊي ايس پي ايترو مصروف ۽ مُنجهيل هو جو هن وڌيڪ ڳالهايو ئي نه!“

”مون چيو نه ڪو وڏو واقعو ٿيو آهي.“ نفيسه پريشان ٿي ويئي. ”هينئر ڪراچي هلي سگهون ٿا؟ ڪراچيءَ مان نائٽ ڪوچ ملي ويندي اسلام آباد لاءِ.“

”بيهه وڌيڪ پُڇا ڳاڇا ڪريون.“ احمد بخش ڌيرج سان چيو ۽ پنهنجي بريف ڪيس مان ٽيليفون ڊائري ڪڍي، هڪ نمبر ڊائل ڪيائين.

”شاهه صاحب ڪهڙا حال آهن! آءُ احمد بخش پيو ڳالهايان. اوهان پنهنجي پاڙي جي خبر ڏيو. اوهان وٽ خير آهي.“

”نه ادا هت مُني ڪلاڪ کان بتي بند آهي. لجپت روڊ ۽ گاڏي کاتي ۽ مٿي قلعي در ڏانهن زبردست فائرنگ ٿي آهي. هتي خوف ۽ هراس ڇانيل آهي. خبر ناهي ڪنهن فائرنگ ڪئي آهي ۽ ڇو ڪئي آهي. تون ڪٿي آهين؟“

”يار آءُ هتي هيرا آباد ۾ پنهنجي فليٽ تي آهيان. اسلام آباد کان پهتل آهيان ۽ اڄ هن وقت عباس ڀائي پارڪ ۾ هڪ شادي اٽينڊ ڪرڻي آهي.“ شاهه صاحب وراڻيو: ”دماغ خراب ٿيو اٿئي ڇا؟“ گهران ٻاهر نڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ڪلاڪ ٻه ترسي پوءِ به پُڇا ڳاڇا ڪري پوءِ گهر کان قدم ٻاهر رکجائين. آءُ سمجهان ٿو اها شادي لڙهي ويئي.“

”سائين اشرف شاهه تون ايترو نروس ڇو آهين؟“ احمد بخش پُڇيو.

”يار اسان سنڌين لاءِ آهستي آهستي ڳالهه ڳري ٿيندي پئي وڃي. اڄ جيڪا فائرنگ ٿي آهي سا خطرناڪ لڳي پئي.“

احمد بخش فون رکيو.

”صحيح خبر پئي ته ڇاٿيو؟“ نفيسه پُڇيو

”صحيح خبر ته ڪونه پئي پر ڳالهه وڏي لڳي ٿي. ڪلاڪ کن اڳي ٿيو آهي اڃا بجلي بند آهي. سڄو شهر اوندهه ۾ ٻُڏل آهي.“

ايتري ۾ ٽيليفون جي گھنٽي وڳي. نفيسہ جڻ ڏڪي ويئي.

احمد بخش رسيور کنيو. ٻئي پاسي ڪامريڊ جڳت هو.

”ابا احمد بخش اوهان ڏانهن خير تہ آهي.“

”ها ڪامريڊ خير آهي. پر اوهانکي منهنجي اچڻ جي خبر ڪٿان پئي؟“

”يار مون واري نوڪر توکي شام جو ڏٺو هو. هينئر اطهر ٽيليفون ڪئي هئي. تنهن کان ٽيليفون نمبر وٺي توسان ڳالهايو اٿم.“

”ڪامريڊ هي فائرنگ جا آواز. . . .“

”هاها مون آواز ٻڌا آهن. منهنجي در اڳيان بہ ٻہ لاش پيا هئا. هاڻ ٻہ ٽي منٽ ٿيا آهن ايمبولينس ۾ کڻائي ويا آهن.“

”پر ڪامريڊ ڇا ٿيو آهي؟“ احمد بخش تڪڙ منجهان پُڇيو.

”مون هينئر ايس. پيءَ کان پُڇيو آهي. وڏيڪ تہ ڪونہ ٿو ٻڌائي پر رڳو ايترو چيائين تہ ڪجھہ ماڻهن شهر جي ڪيترن ئي هنڌن تي فائرنگ ڪري تمام گھڻا ماڻھو ماري وڌا آهن. بابا ڪو اڳ ئي رٿيل معاملو لڳي ٿو.“

”ڪامريڊ سنڌ جي تاريخ ۾ ٻاهران ايندڙ زور آورن هميشهہ شهرن ۾ قتلام ڪيا آهن. هي بہ واقعو ڪجھہ اهڙوئي لڳي پيو. پر ڪير ٻاهران ايندو؟ ـــ ۽ ڇو ايندو؟“

ڪامريڊ جو ٽيليفون بند ٿيو تہ وري گھنٽي وڳي احمد بخش رسيور کنيو تہ ٻي طرف اطهر هو.

”ادا ڇا پيو ٿئي؟“

”يار ڪا خبر ناهي.“ احمد بخش وراڻيو. ”هت گلاب پان واري گهٽيءَ ۾ بہ ڪجھہ لاش پيا آهن. اوهان ڏانهن خير آهي؟“

”سمجھہ ۾ ٿو اچي.“ احمد بخش چيو. ”هيرا آباد ۾ بہ فائرنگ ٿي آهي. لجپت روڊ، گاڏي کاتو، قلعي جي در اڳيان، سري گھاٽ ـــ مطلب تہ سڄي شهر ۾ فائرنگ ٿي آهي ۽ سيني جڳهن تي بجلي بہ بند آهي. ڇا شهر ۾ ڪا پوليس يا انتظامي آفيسر آهن بہ يا سيئي موڪل تي آهن!“

”الائي ڇا ٿيو آهي. لڳي ائين ٿيو جڻ شهر تي حملو ٿيو آهي. اسان ڪهڙي پاسي وڃون پيا ۽ رب کي ۽ تاريخ کي ڇا منظور آهي؟ ڪا ڳالھہ سمجھہ ۾ نٿي اچي. تون ٻڌائي ڪڏهن آيو آهين؟“

”يار آءُ تہ هڪ شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ آيو هوس. اڄ هن مهل عباس ڀائي پارڪ ۾ شادي هوندي.“

”هاڻ شادي ڪهڙي هوندي؟“ اطهر چيو، ”سڄو شهر آزار ۾ ورتل آهي ۽ گھر کان ٻاهر بہ نہ نڪرجان.“

ڪجھہ ساعتن کان پوءِ اطهر ڳالهايو. ”هاڻ ايمبولينس جا آواز اچن پيا. شايد پوليس بہ اچي پهتي آهي.“

”يار آءُ ٿورو ڪراچي پنهنجي گھر ڳالهائي وٺان، پوءِ توسان ڳالهايان ٿو.“ احمد بخش چيو.

احمد بخش، ڪراچيءَ ۾ ملير واري علائقي منجھہ ماڊل ڪالونيءَ ۾ هڪ سئو ويهن والن جي ننڍڙي بنگلي ۾ رهندو هو. ڪيس ملير جي آبهوا پسند هئي ۽ ٻيو ڪراچي شهر جي گوڙ گهمسان کان پري، هڪ خاموش علائقو بہ هو. ڪنهن ڪنسٽرڪشن ڪمپنيءَ کان قسطن تي اهو بنگلو ورتو هئائين ۽ نفيسہ انهيءَ ننڍڙي گھر کي ڏاڍو سهڻي طور سجايو هو. گھر ۾ سندس نوڪر الله بچايو رهندو هو. جيڪو سندس ڳوٺ جو هو ۽ سڀ ڪم ڪندو هو. هُو نوڪر بہ هو، چوڪيدار بہ ۽ ذري گھٽ بورچي بہ هو. هاڻ ڊرائيونگ بہ سکي رهيو هو. احمد بخش سندس مڱٽو، ملير جي سعود آباد

واري علائقي ۾ رهندڙ هڪ اردو ڳالهائيندڙ غريب ڇوڪريءَ سان ڪرايو هو ۽ پنهي جي شادي به پنجن ڇهن مهينن کان پوءِ ٿيڻي هئي. الله بچايو سنو ۽ شڪل شبيهه جو ملوڪ نوجوان هو ۽ ڇوڪريءَ سان عشق هئس. هوءَ به ڪيس دل ۽ جان سان چاهيندي هئي. انهيءَ سڱ ڪرڻ ۾ نفيسه جو وڏو هٿ هو. نفيسه کي به ڇوڪري وڻي هئي. غريب مائٽن جي ڌي گريڊ ۾ ميٽرڪ پاس ڪيل هئي. احمد بخش ڪراچيءَ جو نمبر ڊائل ڪيو. ٻئي پاسي الله بچايو هو.

"بچايا ڪر خبرچار. خير ته آهي؟"

"سائين سڀ خير آهي"

"ڪا ڳڙٻڙ يا ڪو فساد. . . ."

" نه سائين سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي. هتي امن امان آهي."

"پوءِ به ٿورو سنڀال ڪري ويهجو. گهر کان ٻاهر وڃڻ جي ضرورت ناهي. اسين به سياڻي پهچي ويندا سين."

احمد بخش نفيسه کي ٻڌايو: "ڪراچيءَ ۾ سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي."

"الله ڪري سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي وڃي." نفيسه چيو.

" تون ايتري نروس ڇو آهين؟" احمد بخش پُڇيو.

" نه يار توکي خبر ناهي. اوهين سنڌ جا ماڻهو گذريل ڏيڍ سؤ سالن کان امن ۽ آشتيءَ منجهه گذاري رهيا آهيو. پوءِ رکو سکيو ڪايو جئين به آهيو امن منجهه آهيو. اوهان سول ڪميونل فساد ڪونه ڏٺا آهن. اوهان رت ۽ خنجر ۽ بارود نه ڏٺا آهن. اهي سڀ مون ڏٺا آهن. مونکان اُهي منظر ٿا وسرن جڏهن بنگالي بهارين کي ماريندا هئا ۽ بهاري، بنگالين جا قتل عام پاڻ ڪندا هئا. ۽ فوجين کان ڪرائيندا هئا. مون ماڻهو رستن تي ۽ گهٽين ۾ ائين قتل ٿيل، پيٽ ڦاٽل ۽ سسيون ڪپيل ڏٺا آهن جئين ڪنهن ڪار يا ٽرڪ هيٺان چيپاٽيل ڪُتو. رستي جي ڪنهن ڪنڊ پاسي پيو هوندو آهي. مئل انسان ته ٺيڪ آهي ڪا ڳالهه ناهي پر انسان جو پيٽ ڦاٽل هجي. آنڊا گجيون ٻاهر رستي تي پيل هجن ۽ اکين جا دوڏا نڪتل هجن ۽ نڪ ۽ وات منجهان رت نڪري ڄمي ويو هجي ــ اُهو نهايت خطرناڪ، عبرت وارو ۽ لڱَ ڪانڊاريندڙ هوندو آهي. هِتي به مونکي هوا ۾ نهايت خراب ڏينهن اچڻا محسوس ٿين پيا."

"سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. بنگالي ۽ بهاري ۾ جيڪا پولارائزيشن (polarisation) هئي سا هت سنڌي مهاجرن ۾ ناهي. ٻي ڳالهه ته هندستان مان ايندڙ پائر ته اهي سڀ ڳالهيون، ڦڏا ۽ فساد ڏسي، ٻُڌي ۽ ڪري آيا آهن پر سندن سامهون اُها قوم آهي جيڪا صوفياڻي ڪردار جي آهي. جنهن سڄي عمر ڌارين جا موچڙا کاڌا آهن. قتلام سٺا آهن. پر اڄ به جڏهن هو پنهنجي قاتلن جي قبرن تي ويندا آهن ته کين ولي الله سمجهي، سندن قبرن جي سيرانديءَ بيهي دعا پڙهندا آهن. سڄي مڪلي اهڙن ڌارين ۽ حملي آورن جي قبرن سان پري پئي آهي. جن سنڌ جي هزارن ۽ لکن ماڻهن کي قتل ڪيو ۽ پنهنجي بادشاهي قائم ڪئي ۽ پوءِ اُنهي بادشاهيءَ کي قائم رکڻ لاءِ هزارين ماڻهن کي قتل ڪندا رهيا. اسين اڄ به، ويهين صديءَ جي آخري سالن ۾ به اهو يقين رکون ٿا ته مڪليءَ تي سوا لک اولياءُ سُتا پيا آهن. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته جو انهن نالي ۾ نهال اوليائن جي ڪاتي ۾ هزارن لکن ديسي ماڻهن جو رت نظر اچي ٿو. جيڪي به ارغون، ترخان يا مغل حاڪمن جا امير ۽ گورنر مڪليءَ تي پوريل آهن سي سڀ سڌيءَ طرح سنڌ جي اقتصادي ڦرلُٽ ۽ خوني ڊرامي ۾ شريڪ هئا. سو منهنجي جان، سنڌ ۾ اهڙو ٽڪراءُ يڪدم ممڪن ناهي. ٿي سگهي ٿو ته ايندڙ ڏهن سالن کان پوءِ اهڙو بنياد پوي ۽ سنڌي پنهنجي

سجاڳيءَ وجود جي بچاءُ لاءِ اُٿي پون. انهيءَ سان به اهو شرط لاڳو آهي ته سنڌ ۾ مڊل ڪلاس وجود ۾ اچي. وڏيري جي هٿ هيٺ ختم ٿئي ۽ ڪنهن حد تائين Urbanisation جو عمل وڌي.“

” تون هاڻ ليڪچر بازي بند ڪر. آءٌ چانهه ٺاهي اچان ٿي.“ نفيسه ڪِچن ڏانهن ويئي ته بجلي به اچي ويئي. احمد بخش يڪدم بالڪونيءَ ڏانهن ويو. هيٺ گهٽيءَ ۾ ماڻهو هئي پر ڪيس پي گهٽيءَ منجهان آواز پڌڻ ۾ آيا پئي. هيٺ گهٽيءَ ۾ به ماڻهو لنگهيا جن مان هڪ ڪي احمد بخش سڃاتو.

”مولوي صاحب ڇا ٿيو؟“ احمد بخش رڙ ڪئي.

مولوي صاحب بيهي مٿي ڏنو ۽ جواب ڏنائين: ”بابا قيامت اچي ويئي آهي. گهٽيءَ ۾ لاشن جو ڪو شمار ئي ناهي. پوليس ۽ ايمبولينس وارا هتي پهتا آهن. شهر ۾ ڌاڙيل گهڙي آيا آهن. سڄي شهر ۾ ڦرلٽ به ٿي آهي ۽ هزارين ماڻهو ماري ويا آهن. قيامت آهي قيامت!“

مولوي صاحب اڳتي ويو هليو.

نفيسه چانهه ٺاهي کڻي آئي.

”ڇا ٿا چون؟“

”پاڙي جو مولوي صاحب آهي. چئي ٿو ته ڌاڙيل شهر ۾ گهڙي آيا آهن ۽ ماڻهو به ماريا اٿن ۽ ڦرلٽ به ڪئي اٿن.“

” ته پوءِ پڪ واپڊا وارا به هنن ڌاڙيلن جا ساٿي آهن جن سڄي شهر جي بتي بند ڪري کين ڦرلٽ جو موقعو ڏنو.“

احمد بخش چانهه پيئڻ لڳو.

نفيسه وري ڳالهايو: ”منهنجي مڃ ته سياڻي تنهنجي ڳوٺ هلون. هفتو کن اتي رهون ۽ امن ۽ سک سانت جا ڪجهه ڏينهن گذاري پوءِ ڪراچي واپس هلون. مونکي حاڪم زاديءَ سان ملئي به ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن. هڪ ته ڳوٺ هلون ۽ صاف سٿري آب هوا سان گڏ ملڻ لسي ۽ ٻاجهريءَ جي ماني ڪائون ۽ ديسي گيهه سان گڏ ديسي ڪُڪڙ به ڪائون.“

”آءٌ حاڪم زاديءَ کي ڏسندو آهيان ته منهنجو بلڊ پريشر يا ته لو ٿي ويندو آهي يا ڏينهون ڏينهن هاءِ ٿيندو آهي. انهيءَ سان گڏ جي آءٌ به ٿي مهينا ڳوٺ ۾ رهان ته منهنجو ڪولسٽرول به وڌي وڃي.“

” تون ڪيترو به پڙهي لکي Urban رهواسي بنجي وڃ پر تنهنجي ماس جي ذري ذري ۾ لڱن جي پور پور ۾ ٻهراڙيءَ جي سُرهاڻ رچيل آهي. تون ٿري پيس سوٽ ۾ به مونکي محمد بخش آف ميهڙ ڊسٽرڪٽ دادو سنڌ پراونس جو لڳندو آهين.“

نفيسه ٺهڪ ڏنو.

”عيد تي ڳوٺ هلنداسين.“ احمد بخش چيو.

”هڪڙي ڳالهه ٻُڌ ـــ نفيسه چيو ”تون اڳ به مونکي ڳوٺ وٺي هليو آهين. ڳوٺ هلي جڏهن تون حاڪم زادي سان ڳالهائيندو آهين ۽ رات جو سندس ڪمري ۾ وڃي سمهندو آهين ته مونکي ڏاڍو عجيب احساس ٿيندو آهي ۽ مزي جي ڳالهه ته انهيءَ احساس ۾ مزو هوندو آهي. ۽ آءٌ ڪيتري دير تائين سوچيندي رهندي آهيان ته آءٌ ڪيتري نه فراخ دل آهيان جو پنهنجي مرد کي هڪ ٻي عورت کي ڏيان پئي ۽ پوءِ ڪيتري دير انهيءَ ۾ گُم رهي لطف وٺندي رهندي آهيان. سڀ کان وڏي ڳالهه ته I am not jealous.“

احمد بخش مُرڪي ڏنو.

”چو ڪلين ٿو؟ آءُ فراخ دل نہ آهيان؟“

”يار تون ڍاڪا جي عورت، بنگالي ماءُ ۽ بهاري پيءُ، تعليم يافتہ، توکي انساني حقن ۽ عورت جي تاريخي استحصال جي سموري ڄاڻ آهي. تو وٽ مڙس سال جا ٿي سؤ پنجاهہ ڏينهن رهي ٿو ـــ ۽ ڏهہ پندرهن ڏينهن ڪوٽ وڃي ٿو تہ تون ميهڙ جي هڪ عورت، جيڪا معمولي پڙهيل بہ مس آهي. جيڪا روز مٿي ۾ سرنهن جو تيل وجهي ٿي. جيڪا مٿي مان سٽ‍پ ڪڍڻ لاءِ اڄا بہ ميٽ لائي ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪو سُرهو صابڻ استعمال ڪري ٿي. جنهنجي حياتيءَ ۾ اڃا شيمپو داخل نہ ٿيو آهي. جنهن جي لڱن ۾ چيڪي مٽيءَ جو واس، سرنهن جي تيل جي سرهاڻ ۽ پگهر جي بُو شامل آهي. جيڪا بيوٽي پارلر ۾ هيئر ڪلر بدران ميندي مکي ٿي ـ انهيءَ سان تون ڪئين jealousy ٿينديئءَ؟“

” نہ اوهين سڀ روايتي عورتون هونديون آهيو. حاڪم زاديءَ جهڙيون عورتون ڪنهن ڪنهن مهل قدرت کان جُڙي پونديون آهن. هوءَ بہ جي پڙهيل هجي. شهر ۾ رهي. طارق روڊ، ڪلفٽن، فليٽ لائيٽ، بيوٽي پارلر، ٽي وي، وي سي آر، هيومن رائٽس ۽ woman exploitation جهڙن مامرن کي ڄاڻندي هجي ۽ اهڙين ٻين عورتن سان اُٺي ويهي ۽ MAG يا اخبار جهان ۽ هيرالڊ وغيره پڙهي تہ پوءِ هوءَ بہ Jealousy محسوس ڪندي. پر آءُ سمجهان ٿو تہ هوءَ هاڻ اهو بہ جذبو محسوس ڪندي هوندي پر شايد مضبوط نروس سسٽم جي مالڪ آهي. باقي تون مونکي هڪ رات مس تهمينہ سان گذارڻ ڏي. مسز دلشاد سان ڪنهن فنڪشن ۾ ڪچهري ڪرڻ جو موقعو ڏي يا مسز مهرين. . . . “

نفيسہ وچ ۾ ڳالهہ ڪٽي. ”مس مس ڦاٽي پيو آهين. مس تهمينہ يا دلشاد يا مهرين اهي سڀ پراين مردن کي ڪجهہ وقت لاءِ چوري ڪنديون آهن ۽ پوءِ استعمال ڪري ڪين ڇڏي ڏينديون آهن. آءُ تنهنجي انهيءَ ڪري حفاظت ڪندي آهيان تہ جئين اهڙيون عورتون توکي خراب نہ ڪري وجهن. توکي خبر ناهي تون ڪيترو سٺو آهين. باقي حاڪم زادي! آءُ سمجهان ٿي تہ هن جو بہ شيئر آهي. ان ڪري مونکي حسد نٿو ٿئي.“

”اهي پڙهيل عورتن جون fabricated ڳالهيون آهن. عورت بنيادي طور تي Jealous آهي.“

ايتري ۾ فون جي گهنٽي وڳي.

”يار سڄي شهر ۾ لاش پيا آهن.“ اطهر ڳالهايو. ”بدنصيبي آهي يا اتفاق آهي يا الائي ڪهڙو الاهي ڏمر آهي تہ لاشن جي مئجارٽي اردو ڳالهائيندڙن جي آهي. گهڻا ماڻهو حيران پريشان آهن. پر ڪجهہ ٻين تيارين ۾ آهن. اسانجي پاڙي ۾ بہ اهڙي ڇُرپُر آهي. تو ڏانهن هيرا آباد ۾ تہ ذري گهٽ آبادي اردو ڳالهائيندڙن جي آهي. خيال ڪري رهجان.“

” نہ يار اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي. الله خير ڪندو. جيڪي ماڻهو پنجاهہ ڪن سالن کان هڪ ٻئي سان گڏ رهن پيا سي ڪئين هڪ ٻئي جي خون جا پياسا ٿيندا.“

فون بند ٿي ويو، پر نفيسہ جي چهري تي خوف ڇانئجي ويو.

”ماڻهو ئي ماڻهو جي رت جو پياسو ٿيندو آهي. پوءِ پنجاهہ سال گڏ رهن يا پنج سؤ سال. آءُ سمجهان پئي ڳالهہ تمام وڌي ٿيندي پئي وڃي.“

ايترو چئي نفيسہ بالڪونيءَ وارو در بند ڪيو ۽ سڀ بتيون بند ڪري صرف بيڊ روم ۾ هڪ ننڍو سٺ والٽ جو بلب ٻاريائين.

”اوهان سنڌ وارا سول riots منجهان ڪونہ ڄاڻو. اوهان کي خبر ئي ناهي تہ شهرن ۾ فساد ڪئين ٿيندا آهن ۽ ڪئين ماڻهو هم مذهب هوندي ۽ هم زبان هوندي بہ هڪ ٻئي جي پيٽ ۾ ڇريون هڻندا آهن.“

”پر يار هتي اجا اهڙي صورتحال پيدا نہ ٿي آهي.“ احمد بخش چيو.

”اجا صورتحال پيدا نہ ٿي آهي؟ شهر سڄو بند آهي. گهٽين ۾ ماڻهن جا لاش پيا آهن. اجا مهينو اڳ بہ شهر جي ميونسپل ڪارپوريشن جي ميئر تي خوني حملو ٿيو هو. ڪائونسلر مري ويو. ميئر اجا زندگي ۽ موت جي ٻہ ـــ واٽي تي بيٺو آهي.“

”اهي ڳالهيون اهم ضرور آهن پر هروڀرو اهڙيون ناهن جو . . . . . . . “

”اوهان يا تہ ڳالهيون ٻڌڻ جي موڊ ۾ نہ آهيو،“ نفيسہ وچ ۾ ڳالهايو، ”يا شايد معاملي جي سنگينيءَ بابت سوچڻ لاءِ تيار ناهيو. اڄ جڏهن شهر مان لنگهي رهيا هئاسين تہ اوهان نوٽ ڪيو تہ شهر جي ديوارن تي ڇا زهر ڀريل نعرا لکيل هئا. شهر جي چونڪن تي ڏڱها پرچم لڳا هئا. مونکي تہ ائين لڳو ڄڻ اسين ميدان جنگ ۾ داخل ٿي رهيا هئاسين. اهي ساڳيون ڳالهيون مشرقي پاڪستان جي شهرن ۾ 67ع کان 70ع تائين پيدا ٿيون هيون. اُتي بہ بنگالين شهرن جي ديوارن تي پنهنجا لساني ۽ سياسي ارادا ظاهر ڪيا هئا. ٻئي پاسي بهاري جيڪي پاڻ کي پاڪستاني چورائيندا هئا سي بہ جواب ۾ ديوارن ۽ خنجرن ۽ بندوقن ۽ فوجن کي استعمال ڪندا هئا. مونکي تہ هي شهر آتش فشان لڳو پئي ۽ اڄ ئي اُن منجهان باهہ بہ نڪتي آهي.“

احمد بخش وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو ۽ نفيسہ ڏٺو تہ احمد بخش فڪر مند نظر آيو پئي ۽ چُپ چاپ ڪپڙا بدلائڻ لڳو. هوڏانهن شهر ۾ ڪرفيو لاڳو ٿي چڪو هو پر پوليس جي گاڏين ۽ ايمبولينس جا آواز برابر آڌي رات تائين اچي رهيا هئا.

ٻئي ڏينهن صبح جو شهر بند هو. ڪرفيو حيدرآباد لاءِ ڪا نئين ڳالهہ نہ هئي. شهري ڄڻ عادي ٿي چڪا هئا ۽ گهڻو ڪري ڪرفيو جي ضرورت واريون شيون يعني اناج ۽ سيڌو وغيره اڳ ۾ موجود رهندو هو. انهيءَ جو وڏو سبب اهو هو تہ شهرين کي خبر نہ هئي تہ ڪنهن مهل اوچتو ڪرفيو جو اعلان ٿيندو. صبح جو اخبارون اچي ويون. احمد بخش وٽ جنگ ۽ ڊان هئي. اخبارن جو سرخيون هيون: نامعلوم ماڻهن جي شهرين تي فائرنگ. ڏيڍ کان بہ سئو کن ماڻهو مارجي ويا. ڪيترائي زخمي. فائرنگ گهڻو ڪري انهن هنڌن تي ٿي جتي مهاجرن جي گهڻائي هئي. لطيف آباد، قلعي چوڪ، ڪائي روڊ، هيرا آباد، لجپت روڊ ۽ گاڏي کاتي وارن علائقن ۾ فائرنگ ٿي. سيني هنڌن تي وقت ساڳيو هو: يعني شام جا ست لڳي ويهن کان ست لڳي چاليهہ منٽن تائين. شام جو سوا ستين بجي شهر جي بجلي بند ٿي ويئي. اهو ڪم ڪنهن ڪيو هو ڪابہ خبر نہ هئي. شهر جي انتظاميہ ۽ صوبي جا وزير گورنر بہ اڻ ڄاڻ هئا. رڳو هڪ اردو اخبار هڪ ننڍڙي خبر سوال واري نشان سان لڳائي تہ انديشو آهي تہ اهو قتلام ڏاڙيل جانو آرائين . . . . . ۽ سندس ساٿين ڪيو آهي.

اخبار پڙهي احمد بخش وري ڪراچي ٽيليفون ڪيو ۽ نوڪر الله بچائي کي تاڪيد ڪئي تہ گهر کان ٻاهر نہ نڪري.

اهو سڄو ڏينهن هي ٻئي زال مڙس پنهنجي فليٽ ۾ قيد رهيا ۽ ٻاهر رستن ۽ گهٽين ۾ خاموشي ڇانيل هئي ۽ عجيب ماٺ هئي شهر ۾ شهرن وارن جي چهرن تي. ڄڻ ڪو وڏو ازدها نانگ سڄي شهر کي ڦوڪي ويو هجي ۽ ماڻهن جي ذهنن ۽ دلين ۾ زهر جو اثر ائين محسوس پئي ٿيو ڄڻ ڪا نشي آور شيءَ هوا ۾ ڦهلجي آهستي آهستي ساهہ کڻڻ سان گڏ ماڻهن جي اندر پيهي ويئي آهي.

شام ڌاري، نفيسہ احمد بخش کي ٻڌايو تہ رات جي مانيءَ لاءِ گهر ۾ ڪجهہ بہ ناهي. چانهہ جي پتي ۽ کنڊ آهي پر کير ناهي.

ايتري ۾ ٽيليفون جي گهنٽي وڳي.

”ڇا پيو ڪرين؟“ ٻئي پاسي اطهر هو.

” تون ڪٿي آهين؟“ احمد بخش رڙ ڪئي.

” تنهنجي پاڙي ۾ ـــ ڪامريڊ جي گهر!“

” تون ڪرفيو ۾ ڪئين نڪتين؟“

”يار ڪامريڊ فون ڪيو ته سندس طبيعت ڏاڍي خراب هئي سو آءُ هڪ ڊاڪٽر دوست وٺي پوليس وئن ۾ ويهي هتي پهتو آهيان.“

”يار اها ڳالهه ته چڱي آهي. ڪامريڊ ڪئين آهي؟“

”صحيح آهي. ٿوري ڊپريشن ٿي پئي هيس ۽ بلڊپريشر به لو آهيس.“

”هاڻ ٺيڪ آهي؟“

”يار ٺيڪ آهي. تون خبر ڪر.“

”يار اسان پرديسي پڪي هٿ قابو آهيون. اهو زبردستيءَ جو قيد نفيسه سان گڏ رومانٽڪ ٿي سگهيو پئي پر هُن رومانٽڪ ٿيڻ ڪان اڳ ۾ اعلان ڪيو آهي ته رات جي مانيءَ لاءِ ڪجهه ناهي.“

احمد بخش ٺهڪ ڏنو.

”سچا عاشق بُک ۾ به هنڊريڊ پرسينٽ عشق ڪندا آهن.“

”يار اسين رورل ايريا جا سنڌي بُک ۾ ئي عشق ڪندا آهيون ۽ بک جا ڏاڍا ۽ عشق جي اڳيان عاجز آهيون. پر هيءَ بهارڻ ۽ بنگالي ماءُ جي ڌيءَ چاڻي ٿي ته عشق خالي پيٽ ڪونه ڪبو آهي.“

نفيسه اهو سڀ ڪجهه ٻڌو پئي.

”پوءِ هئين ڪر، تون هتي ڪامريڊ جي گهر هليو آ. پاپيءَ کي به وٺي آ. . . .“

”يار ڪرفيو آهي. ڪامريڊ جي گهر بدران لاڪ اپ ۾ نه هجون ۽ پوءِ اتي ’بکايل عشق ان لاڪ اپ‘ نه شروع ٿي وڃي.“

اطهر کلڻ لڳو: ” نه ائين نه ٿيندو. تنهنجي فليٽ جي بلڪل پٺيان پهرين گهٽيءَ ۾ ڪامريڊ جو گهر آهي. چپ چاپ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي نڪري آ.“

”يار مارائين ٿو!“ احمد بخش چيو.

”يار ماٺهوءَ کي مڊل ڪلاس جو نه ٿيڻ کپي. ڏاڍو پاڙي ٿيو پوي. سمجهه تون ڊپٽي سيڪريٽري نه پر سڪسٽيز وارو احمد بخش آهين جيڪو پوليس جون لٺيون جهلي به ڪانئن پڇي ويو هو.“

”ڏس پس نه. تون پاپيءَ سان گڏ اچ. آءُ به رات هتي رهي پوان ٿو. فرسٽ ڪلاس جي ڪچهري ٿي ويندي.“

# 45

شهر جا رستا ويران هئا. چؤڪ چؤڪ تي پوليس ۽ فوج جا سپاهي گشت ڪري رهيا هئا. ڪجهه دير اڳ سج لهي چڪو هو ۽ شهر جي مٿان هڪ اونداهو شاميانو ڦهليل هو. ڪٿي ڪٿي ڪنهن ٿنڀي تي روشني نظر آئي پئي. پر نهايت اڪيلي ۽ جهيڻي لڳي پئي. ماڻهن پنهنجن پنهنجن پاڙن ۾ گهرن اڳيان بجليءَ جي ٿنڀن ۾ لڳل لائٽ جا الڳ بٽڻ لڳرائي ڇڏيا هئا ۽ ماحول ۾ حالتن پٽاندڙ روشني ڪندا هئا نه ته هرڪو چاهيندو هو ته روشني يا ته نه هجي يا جي هجي ته گهٽ هجي. سو احمد ۽ نفيسه پنهنجي فليٽ کي تالو ڏيئي آهستي آهستي چورن وانگر پوئين گهٽيءَ ۾ ويا. جتي چند قدم هو هليا، ڪامريڊ جي گهر پهتا ته کين ائين محسوس پئي ٿيو ڄڻ ويران گهٽي نه هئي پر گهٽيءَ ۾ ڪو راڪاس سُتو پيو آهي ۽ انهيءَ سُتل راڪاس کي اورانگهيندي، ڪامريڊ جي گهر جي دروازيءَ ۾ داخل ٿيا. پهريون ڀيرو احمد بخش کي پنهنجي قدمن هيٺ زمين محسوس نه ٿي. احمد بخش ۽ نفيسه کي ڏسي ڪامريڊ ڏاڍو خوش ٿيو. نفيسه به احمد بخش کان ڪامريڊ لاءِ گهڻو ڪجهه ٻڌو هو ڪيس به خواهش هئي ته ڪامريڊ سان ڪچهري ڪري. ڪامريڊ تمام ڪمزور ٿي ويو هو ۽ ائين پئي لڳو ڄڻ بدن ۾ رڳو هڏا رهجي ويا هجن.

ماني تيار هئي سيني گڏجي کاڌي. ڪامريڊ پنهنجي مسواڙي اعجاز ڪريميءَ کي به گهرائي ورتو. اعجاز ڪريمي پنجاه سالن جو هڪ صحتمند ۽ پرڪشش مرد هو. سندس رنگ صاف ۽ نقش نگار وڻندڙ هئا. وارن ۾ ڪيترائي اڇا هئس پر تنهن هوندي به پنهنجي عمر کان گهٽ ٿي نظر ايندو هو. سائٽ ايريا ۾ هڪ وڏي ٽيڪسٽائل مل ۾ انجنيئر هو. جوانيءَ ۾ ترقي پسند خيالن جو ماڻهو هو ۽ جڏهن اين اي ڊي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پڙهندو هو ته شاگردن جي انهيءَ يونين ۾ سرگرم هوندو هو جيڪا روسي لابيءَ وارن جي پوئلڳ هوندي هئي. پاڻ اديب يا شاعر نه هو پر اردو ادب ۽ ڪجهه انگريزي ادب جو مطالعو ڪيل هئس. کيس ڪامريڊ جڳت جي شخصيت سان پيار هو ۽ ڪامريڊ به کيس ڏاڍو پائيندو هو.

”ڪريمي هي احمد بخش، شاگرد دؤر ۾ تمام Active ۽ Progressive هو. پر اسان جو هر نوجوان پڙهي لکي چڱي جاب يا ڪاروبار حاصل ڪري Timid ٿي پوندو آهي ته مٿان اهي حاصل ڪيل سهولتون وڃائجي نه وڃن.“

احمد بخش مرڪڻ لڳو

”ڪامريڊ اوهان جو مون لاءِ به اهو ساڳيو رايو آهي.“ اعجاز ڪريميءَ کلندي چيو. ”سڀ ڪامريڊ جڳت جهڙا عظيم ماڻهو ٿورا ٿي سگهن. اسان وٽ مدل ڪلاس اڃا به form ٿئي پيو. انهيءَ ۾ اهي غريب مائٽن جا ڇوڪرا جڏهن ڪجهه پڙهي ڪا چڱي نوڪري حاصل ڪري وٺندا آهن ته انهيءَ کي زندگيءَ جي ميراث سمجهي هر اها ڪوشش ڪندا آهن ته حاصل ڪيل سهولتون برقرار

رهن ۽ انهن جي واڌاري لاءِ وڏيڪ پاڻ پتوڙيندا آهن. پوءِ هو ملڪي قانون جي دائري ۾ رهڻ چاهيندا آهن ۽ هر انهيءَ عنصر کان بچڻ چاهيندا آهن جيڪو کين نقصان رسائي.“

”اهائي ڳالهه آهي ته اسان وٽ جيڪو پيٽي بورائي ڪلاس پيدا ٿيو آهي ـ“ ڪامريڊ چيو، ”سو Progressive trends کي وڌڻ کان شعوري يا اڻ شعوري طور روڪي ٿو ۽ عام طور تي هُو به ڪجهه فائدي خاطر استحصال ڪرڻ واري ڪلاس کي مدد ڪري ٿو.“

ايتري ۾ ڪامريڊ جو نوڪر چانهه کڻي آيو ۽ نفيسه اڳتي وڌي چانهه ٺاهڻ لڳي.

”نفيسه توسان ته ڪا ڪچهري ئي ڪونهي.“ ڪامريڊ چيو، ” تون مونکي ذهين لڳين ٿي، تنهنجا features ۽ looks ٻڌائن ٿا ته تون عام ڇوڪرين جي ذهني سطح کان مٿي آهين.“

”اوهانجي مهرباني آهي.“ نفيسه ڪامريڊ جي اڳيان چانهه جو ڪوپ رکندي چيو. ”اوهان عظيم شخصيت آهيو. هُتي ڍاڪا ۾ به ڪجهه ڪامريڊ اوهانکي سڃاڻين ٿا ۽ اوهانجو ذڪر مون ٻڌو آهي.“

”ڍاڪا ۾ آخري دفعو آءُ شايد 67 يا 68 ع ڌاري ويو هئس. نفيسه اُتي منهنجا گهڻا دوست هئا. ڪيترا ته ملٽري ائڪشن ۾ مارجي ويا ٻين جي خبر به ناهي. منهنجي صحت به ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي رهي ۽ مون ۾ به ايتري طاقت نه رهي ته دوستن جي ڳولا ڪريان. ڪئين احمد بخش چڱو آهي نه؟ منهنجو مطلب ته lovig husband آهي نه! نفيسه تنهنجو گهر وارو نهايت فهم وارو ۽ ذهين آهي.“

احمد بخش مُرڪيو پئي.

”ڪامريڊ، اوهان صحيح آهيو.“ نفيسه مرڪندي چيو. ”احمد بخش کي هڪ زال اڳ به آهي پر هُو انصاف ٿو ڪري.“

”ڇا توسان صحيح ٿو هلي؟“ ڪامريڊ رڙ ڪئي.

” نه مونسان ته صحيح آهي پر منهنجي هُن ڀيڻ وٽ تمام گهٽ ويندو آهي.“

نفيسه اڃا مرڪي پئي.

”سڀ کان پهرين توکي اهو ٻڌايان نفيسه ته تنهنجي مُرڪ فرسٽ ڪلاس آهي.“

”ٿينڪ يو ڪامريڊ!“ نفيسه ٿورو سنجيده ٿيندي چيو.

”باقي احمد بخش جڏهن نئين نئين شادي ڪئي هئي ته تڏهن به ڳوٺ گهٽ ويندو هو، توکي سچي بئڪ گرائونڊ جي ته خبر آهي نه؟“

”ها مونکي خبر آهي. ڪامريڊ هوءَ منهنجي ڳوٺاڻي ڀيڻ ڏاڍي سُٺي عورت آهي. مونکي ته هوءَ نه رڳو سادي اسٽريٽ فارورڊ ۽ انٽريسٽنگ لڳندي آهي پر آءُ سمجهان ٿي ته هوءَ مڪمل عورت پڻ آهي. رڳو مٿس شهري قَلعِي ٿيل ناهي. احمد بخش تي ته ساهه ٿي ڇڏي.“

”بابا نفيسه انهيءَ شهري گلئمر ۽ چمڪ دمڪ اسان جي پڙهيل نوجوانن جا مٿا خراب ڪري ڇڏيا هئا.“ ڪامريڊ چيو، .اسانجي گهرن ۾، ڳوٺن توڙي شهرن ۾ تمام ملوڪ ۽ سُلڇڻيون ڇوڪريون ويٺيون هيون. مون ڏٺو آهي ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ يا کڻي 1960 ع کان وٺي، اسانجا نوجوان پنهنجي خانداني ڇوڪرين بدران هندستان مان ايندڙ فئملين يا پنجابي فئملين منجهان پرڻجڻ لڳا. نه رڳو نوجوان پر فيوڊل لارڊس، وڏيرا، پير مير، مخدوم ۽ خادم سيني ٻين يا ٽين شادي اردو ڳالهائيندڙ يا پنجابي ڇوڪرين سان ڪئي. سبب ڇا هو؟ انهيءَ جا گهڻائي ڪارڻ هئا. نوجوان پڙهي اسڪولن يا ڪاليجن مان نڪتا هئا ته کين پڙهيل ڇوڪريون کپيون ٿي ۽ اڃا چمڙيءَ جو رواج به وڌي ويو، جيتوڻيڪ ڳوٺن ۾ به سهڻيون سُلڇڻيون ڇوڪريون هيون. جيڪي ڳوٺاڻي اُس ۾ ڪم ڪري ڪري، هڪ ته ٿورو سانوريون ٿي پيون ۽ ٻيو ڪم ڪري ڪري سندن هٿ به کهرا ٿي پيا ۽ ٻيو مائٽن کين پڙهايو به

ڪونه. جي پڙهيون به ته قرآن شريف ۽ چار درجا سنڌيءَ جا پڙهي، گهر ويهي رهيون ۽ پوءِ انهيءَ اوسيئڙي ۾ هيون ته ڪڏهن سندن شادي ٿيندي، سندن مڱيندا شهر پڙهڻ آيا ته هت چِلڪو چمڪو ڏسي يڪدم ڦاسي پيا.“

”ڪامريڊ آءُ چلڪي چمڪي تي ڪونه ڦاٿس.“ احمد بخش چيو.

” تو وٽ ته پُٽ هيرو آهي، توکي به ضرور سڄاڻ آهي.“

”ڪامريڊ اوهانجي ڳالهه درست آهي.“ اعجاز ڪريميءَ چيو. ”منهنجا ڪيترائي دوست آهن جن پنهنجين فئملين مان شادي نه ڪئي آهي. جي پنهنجي فئملي يا ڳوٺ مان شادي ڪيل به اٿن ته وري هڪ شادي ڪراچيءَ جي اردو ڳالهائيندڙ ڇوڪري يا پنجابي ڇوڪريءَ سان ضرور ڪئي اٿن.“

”يار ڪريمي انهيءَ جا ڪجهه ڪارڻ آهن.“ ڪامريڊ چيو. ”پهريون ڪارڻ اهو هو ته ڇوڪرا پڙهي پيا ۽ سندن مڱڻون ۽ اڳ پرٽيل زالون يا ته اڻ پڙهيل هيون يا وري واجبي اکر سڃاڻ هئڻ. پوءِ ڪجهه نوجوان سرڪاري نوڪرين ۾ آيا. سپيريئر سروسز ۾ ڪڇي ويا. سندن سوسائٽي بدلجي ويئي ۽ هو پنهنجين زالن سان گڏ وڏن آفيسرن جي گهرن ۾ يا ٻين فنڪشنن ۾ حصو وٺڻ، مناسب نه سمجهڻ لڳا. ائين هو Complex جا شڪار ٿيڻ لڳا. ٻيو اهم سبب مرد جي animal instinet جو به آهي. ڪن شهر جي ڇوڪرين ۽ عورتن ۾، ڪاليج توڙي هوٽلن ۾ يا سوسائٽيءَ جي ٻين Forums تي وڌيڪ گلئمر، سونهن، سليقو ۽ سئڪس اپيل محسوس ٿيڻ لڳي. پنهنجين عورتن کي جيڪي ڳوٺن يا ننڍڙن شهرن ۾ سندن اوسيئڙي ۾ ويٺل هيون، هُو غيبات سمجهڻ لڳا يا ڍورن ڍڳين وانگر لڳنديون هيون جي مالڪ سان سڄيون هيون. ڪين ولر ٻارن جا ڇٽي ڏينديون هيون ۽ پاڪ صاف نج ڪير مثل هيون. پر شهري ڪلچر جي دٻاءُ هيٺ اسانجي نوجوانن ۾ ڪير پيئڻ جي عادت ئي نڪري ويئي. ڪريمي، اِها نيچرل پراسس آهي ته جڏهن به ڪلچر پاڻ ۾ ملندا آهن ته پوءِ جيڪو dominating هوندو آهي سو غالب اچي ويندو آهي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ شهرن ۾ اردو ڪلچر رواج ۾ آيو جيڪي اسانجا پائر دهلي، لکنو، بمبئي ۽ حيدرآباد دکن وغيره مان کڻي آيا. اهي شهري ڪلچرل ۽ ايڊيوڪيشنل طور تي ائڊوانس هئا ۽ هتي اچي ڪري ڪين ڪابه resistance نه ملي. هتي جو ائڊوانسڊ شهري ڪلچرل ۽ ايڊيوڪيٽيڊ طبقو لڏي ويو هو ۽ پوءِ جڏهن ففتيز ۽ سڪسٽيز ۾ آباديءَ جي لڏپلاڻ ڳوٺن منجهان شهرن ڏانهن ٿي ته اهو مسئلو سامهون آيو ته سنڌي عورتون پڙهيل بس نالي ماتر آهن ۽ سندن مڙسن کي نئين سوسائٽي لاءِ ۽ سندن مرداني جبلت لاءِ به نئين دؤر جي عورت کپي ٿي. وڏو gap هو. پوءِ اهو گيپ اردو ڳالهائيندڙ ڇوڪرين ۽ پنجابي ڇوڪرين پريو. انهيءَ ۾ ڪابه خرابي ناهي. اها سماجي تقاضا هئي. اِهي پلس پوائنٽس آهن ته نوجوان پنهنجين پسند جون ونيون پرڻجن ۽ ٻئي پاسي پڙهيل ڇوڪرين کي به سٺا مڙس ۽ سٺا گهر ملي ويا ـــ ۽ ٻن تهذيبي طبقن کي به هڪ ٻئي ۾ رلجي ملجي وڃڻ جا چانس مليا. پر پوءِ انهيءَ ڊگهي process ڪري سماجي مسئلا پيدا ٿيا. نوجوان جن جون roots ۽ بنيادون ڳوٺن جي مٽيءَ ۾ هيون سي پنهنجي roots مان ڇڄي ڌار ٿيڻ لڳا. سندن شهري اؤلاد هڪ نئين قسم جي ماحول ۾ پلجڻ لڳو. اُهي ٻار پنهنجي ابائي ورثي کان دور ٿي ويا ۽ گهٽ هنڌن تي ته شعوري طور تي به ڪين پنهنجين بنيادن منجهان اکيڙڻ جون ڪوششون ٿيڻ لڳيون پر پوءِ، 1970ع کان پوءِ وڏي social change اچڻ شروع ٿي. ڀٽي جي حڪومت کان پوءِ، ڳوٺاڻي علائقن منجهان نوجوانن جي يلغار شهرن ڏانهن آئي، ڪين نوڪريون مليون. سرڪاري توڙي انڊسٽريل سيڪٽر ۾ ـ ـ خوشحالي ۽ اقتصادي سهولتون پهريون ڀيرو، سنڌ جي سڄي تاريخ منجهه، شهرن منجهان نڪري ڳوٺن ڏانهن به ميسر

ٿيڻ لڳيون. ايگريڪلچرل ۽ انڊسٽريل قرض بہ سنڌين کي ملڻ لڳا. پوءِ ڪجهہ عياشين تي خرچ ٿيا پر ڪجهہ سماجي change تي بہ خرچ ٿيو ۽ زمينن لاءِ بہ ڪئنال، واهہ ۽ واٽر ڪورس نڪتا ۽ ٻيو سڀ کان وڏو ڪم ٿيو تہ ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن کان رستا وڏن شهرن ڏانهن ٺهڻ لڳا. ائين communication وڌڻ لڳي. ماڻهو بہ ڳوٺن مان نڪتا ۽ شهرن ۾ آباد ٿيڻ لڳا. انهيءَ پراسيس ۾ نہ رڳو نوجوانن تعليم حاصل ڪئي پر تمام گهڻيون سنڌي نياڻيون بہ پڙهي پاس ٿي ۽ شهري ڪلچر جي گڻن ۽ اوگڻن سان سماج ۾ پنهنجو وجود محسوس ڪرائڻ لڳيون. پوءِ مون ڏٺو تہ سنڌي نوجوانن ۾ جيڪو اردو ڳالهائيندڙ يا پنجابي ڇوڪرين سان شادي ڪرڻ جو ٽرينڊ trend هو سو تمام گهٽجي ويو. ڇوڪرن کي پنهنجي ڊمانڊ مطابق ڇوڪريون پنهنجين فئملين يا اوڙي پاڙي ۾ ملڻ لڳيون. سنڌي ڇوڪرين نہ رڳو سنڌي نوجوانن سان شاديون ڪيون پر پنهنجي ور ۽ گهر جي بچاءُ لاءِ بہ پاڻ پتوڙڻ شروع ڪيو. ڇوڪريون، اڳ جي ابتڙ ۾، هاڻ پنهنجن مڙسن سان گڏ شهرن ۾ رهڻ لڳيون ۽ ڪوشش ڪرڻ لڳيون تہ پنهنجن مڙسن، گهرن ۽ ٻارن جون ضرورتون، نئين دور جي تقاضائن مطابق پوريون ڪن. اها سنڌي سماج ۾ وڏي change هئي. آءُ سمجهان ٿو تہ ورهاڱي کان اڳ سنڌي مسلم نوجوانن کي اهي سهولتون هجن ها يا اهڙو اڳتي وڌڻ جو شعور هجي ها جيڪو 1960 ع کان پوءِ نظر اچي پيو ـ ـــ تہ اڄ سنڌ جي سماج جي شڪل ئي ٻي هجي ها ۽ اڄ جيڪو فرق نظر اچي پيو سو نہ هجي ها. منهنجو مطلب آهي تہ سنڌين جي موجوده سماجي اوسر ۽ ترقي، اردو ڳالهائيندڙن ۽ پنجابين کان هڪ ٻہ جنريشن generation پوئتي آهي. پر اڃا فيوڊل سسٽم جو فولادي چار بہ ڪين، منهنجو مطلب آهي نوجوانن کي ٽوڙٽو آهي. ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ جتي عام ماڻهوءَ کي ڳالهائڻ لاءِ زبان ملي، ساڃاهہ ملي ۽ اقتصادي سهولتون مليون، اُت ڀٽي وڏيري ڪلاس کي بہ سياسي توڙي اقتصادي طور تي مضبوط ڪيو."

"ڪامريڊ اوهان سڄي Analysis ڪئي آهي." نفيسہ چيو.

"ڪامريڊ منهنجي خيال ۾." اعجاز ڪريميءَ چيو. "ورهاڱي کان پوءِ سڀني گروهن پنهنجي سماجي اقتصادي ۽ سياسي سگهہ حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. ڪا پلاننگ نہ هئي. ڪا آفيشل امبريلا يا guidence يا harmony نہ هئي. نتيجو اهو نڪتو تہ تهذيبي ۽ سياسي ٽڪراءُ شروع ٿيڻ لڳا."

"بلڪل 1947 ع کان پوءِ هڪ عظيم لُٽ مار ۽ Moral Corruption جو دور شروع ٿيو آهي ۽ اڄ اسين ڪلائمڪس تي آهيون. ڏٺي خير ڪري. اسان اهڙن دونهاٽيل رستن جا راهگير آهيون جيڪي نيٺ اونداهين جي کاهين ۾ وڃي لهن ٿا. يا اسين برابر دونهاٽيل رستن تي هلون پيا جتي دونهون، بارود نفرت ۽ تباهيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي. سنڌ جي سچي تاريخ ۾ اهڙو ڏکيو ۽ پوائنتو دور نہ آيو آهي."

ڪامريڊ جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو ۽ نفيسہ اُٿي ڪامريڊ کي ڀاڪر پاتو، اعجاز ڪريمي ۽ اطهر ٻئي پريشان ٿي ويا.

"ڪامريڊ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو." اعجاز ڪريميءَ چيو. "مس مس اوهانجو لو پريشر ڪجهہ صحيح ٿيو آهي."

" نہ يار آءُ ٺيڪ آهيان."

ايتري ۾ ڪامريڊ جو نوڪر پيهر چانهه کڻي آيو. ڪامريڊ هن عمر ۾ به چانهه جو شوقين هو ۽ رات جي مانيءَ کان پوءِ به يا ٽي ڪوپ ضرور پيئندو هو. ايتري ۾ هيرا آباد جي اوسي پاسي کان هوائي فائرنگ جا آواز آيا. ڪامريڊ جو ڌيان فائرنگ ڏانهن ڇڪجي ويو.

”اڄ سڄو ڏينهن ماٺ لڳي پئي هئي.“ ڪامريڊ چيو، ”هيترا سارا ڏٽيءَ جا بندا مارجي ويا آهن. اجا به شايد ڏڍ نه ٿيو آهي.“

”ڪامريڊ اڄ سڄي شهر جي گهٽين مان جنازا نڪتا آهن.“ اعجاز ڪريميءَ چيو. ”اڄ شهر ۾ قيامت جو ڏينهن هو.“

”پلا ڪا خبر پئي اهو ڪهرام ڪنهن ڪيو آهي؟“ احمد بخش پُڇيو.

”خبر ناهي. ڪا گرفتاري به نه ٿي آهي. پنهنجي ايريا مان به اڄ پندرهن کن لاش ويا آهن. سڄي شهر ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ ڇانيل آهي.“

”رڳو اردو ڳالهائيندڙ ماريا ويا آهن يا ڪو ٻيو به .....“ احمد بخش وري پُڇيو.

”اڪثريت اردو ڳالهائيندڙن جي آهي.“ اعجاز ڪريميءَ چيو. ”چار پنج سنڌي آهن ۽ ٻه پٺاڻ. باقي پوٽا ٻه سئو کن مهاجر آهن. لڳي ائين ٿو ته قتل عام جو ٽارگيٽ رڳو مهاجر هئا. جمعي ڏينهن شام جو اوسي پاسي جا ڳوٺاڻا سنڌي به واپس پنهنجي گهرن ڏانهن هليا ويندا آهن. جن هنڌن تي فائرنگ ڪئي ويئي آهي سي مهاجر آبادي وارا هنڌ آهن.“

”سائين اعجاز ڪريمي اوهانجي خيال ۾ اهو ڪم سنڌي ڇوڪرن جو ته نه آهي؟“ احمد بخش پُڇيو.

”سائين الله کي خبر آهي.“ اعجاز ڪريميءَ چيو. ”الله ڪري ائين نه هجي. ٻيو ته آءُ سمجهان ٿو ڇوڪرا اهڙي منظم طريقي ۽ اهڙي بندوبست سان اهو ڪم ڪٿا ڪري سگهن. ائين لڳي ٿو ڄڻ ڪنهن organised force جو ڪم هجي يا ڪي پروفيشنل هجن. اوهان ڪئين سمجهيو ته سنڌي ڇوڪرن جو ڪم آهي؟“

”نه عام طرح ماڻهو ته ائين ئي شڪ ڪندا.“ احمد بخش چيو. ”اجا گذريل ڀن مهينن ۾ سنڌي ڇوڪرن جو حيدرآباد ميونسپالٽيءَ تي مظاهري وارو واقعو ۽ ميئر تي گوليون هلائڻ وارو واقعو به تازو آهي. مونکي ڊپ آهي ته هن واقعي پيري به اسانجي پريس وري غير ذميدار ۽ باهه ڀڙڪائڻ وارو انداز نه اختيار ڪري.“

”ادا اڄ جنگ اخبار اشارو ته ڪيو آهي.“ اطهر چيو. ”انهي اخبار جي نمائندي کي خبر پئجي ويئي آهي ته ڪالهوڪي فائرنگ هڪ ڌاڙيل ٽولي ۽ هڪ سنڌي شاگرد اڳواڻ جي ٽولي ڪئي آهي.“

”انهن اخبارن جو رول تمام خراب رهيو آهي.“ اعجاز ڪريميءَ چيو. ”اخبار وارن کي پئسا ڪمائڻا آهن. پر عجيب ڳالهه آهي مهاجرن جي اڪثريت کي روز صبح ناشتي سان گڏ اهي ئي اخبارون سياسي guide line ڏين ٿيون. اڳ ڪين مذهبي جماعتن کي follow ڪرڻ جي تلقين ڪنديون هيون ۽ پروگريسو عنصر سندن نظر ۾ ڪميونسٽ ۽ لا دين هوندا هئا. هاڻ وري ethnic بنيادن کي مضبوط ڪرڻ کي لڳيون پيون آهن،“

”پريس ضرور آزاد هئڻ کپي.“ ڪامريڊ چيو، پر چڙواڳ ۽ زهر جي dip نه هئڻ گهرجي.“

”ڪامريڊ آءُ 1961ع کان برابر اخبار پڙهندو اچان. شروع ۾ ته سنڌي پريس نالي ماتر هئي. انهيءَ ڪري قومي اخبارون پڙهندو رهيو آهيان. اعجاز صاحب آءُ اوهان کي پنهنجي finding ٻڌايان ٿو

تہ اسان جي ملڪ ۾ مذهبي توڙي سياسي طور تي ماڻهن ۾ ويڇا ۽ تعصب ڦهلائڻ جا اهم ذريعا اهي قومي اخبارون بہ آهن. مونکي ياد آهي تہ سنڌ ۾ جڏهن ون يونٽ خلاف تحريڪ هلي تہ انهن اخبارن انهيءَ تحريڪ کي اسلام جي خلاف، ملڪ جي يڪجهتيءَ جي خلاف قرار ڏنو ۽ سنڌي ڇوڪرن کي راجا ڏاهر جا پوئلڳ ظاهر ڪيو. مزي جي ڳالهہ آهي تہ سنڌي ڇوڪرن يا عوام جو راجا ڏاهر ڏانهن ڪو خيال نہ هو پر انهن اخبارن جي لاڳيتي تڪرار، هروڀرو راجا ڏاهر کي هزار ٻارهن سئو سالن کان پوءِ جيئرو ڪري ڇڏيو. ون يونٽ جي سوال کي بہ ڪراچيءَ جي اخبارن ايترو اُڀاريو جو سنڌين ۽ پنجابين ۾ هروڀرو نهايت وڏا ويڇا ۽ اختلاف پيدا ٿي پيا. مشرقي پاڪستان جي عوامي ليگ کي ايترو تہ خوار ڪيائون جو نيٺ هنن نهايت موتمار خونريزيءَ کان پوءِ ملڪ کي ٻہ ٽڪرا ڪري ڇڏيو. مهاجرن ۽ سنڌين ۾ ويڇا وڌائڻ جو وڏو سبب اهي قومي اخبارون آهن ۽ هاڻ سال ڇهين مهيني کان سنڌي پريس بہ پنهنجي وس آهر مڙسي ڪري پئي. ٻيو انهيءَ قومي پريس هميشهہ آمرن کي، ملٽري ڊڪٽيٽرن کي ۽ انتها پسند مذهبي رهنمائن کي ساراهيو ۽ همٿايو آهي. اصل ۾ هڪ اعلىٰ درجي جي ٽربيونل قائم ڪجي ۽ پريس جي رول جي ڇنڊڇاڻ ورهاڱي جي پهرئين ڏينهن کان ڪجي ۽ ذميدار ماڻهن کي اگهاڙو ڪجي ۽ کين سزا ڏجي. صحافي بہ اوترائي اخلاقي ڏوهاري آهن جيترا هن ملڪ کي ڦرڻ ۾ سياسي رهنما آهن، واپاري طبقو آهي، ملٽري جنتا آهي، بيرو ڪريسي آهي ۽ تنگ نظر مذهبي ٺيڪيدار آهن. پر صحافيءَ جو قلم ۽ باشعور ذهن، جڏهن منفي انداز اختيار ڪري ٿو تہ سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ آهي ۽ تباهيءَ کي دعوت ڏيندڙ آهي.“

”جناب هن ملڪ سيني کي خوشحال بنجڻ جا موقعا ڏنا آهن.“ اعجاز ڪريميءَ چيو. ”پر سيني موٽ ۾ آزار ڪڙا ڪيا آهن. رڳو اسان وٽ جيڪو مهاجر سنڌيءَ جو مسئلو آهي. سو الله ڪري صحيح ٿي وڃي نہ تہ تباهيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.“

پهريون ڀيرو نفيسہ ڳالهايو: ”ادا آءٌ اهڙن سياسي مسئلن تي ڪونہ ڳالهائيندي آهيان. پر ٻن ڏينهن کان جيڪا صورتحال مون حيدرآباد شهر جي ديوارن، رستن ۽ ماڻهن منجهہ ڏٺي آهي سا مونکي نهايت خطرناڪ منزل ڏانهن ويندي نظر اچي ٿي. آءٌ ايسٽ بنگال جي حالتن جي اکين ڏٺي شاهد آهيان. اُن وقت باشعور هيس ۽ جيڪي ڪجهہ اخبارن ۾ ڇپجي آيو ٿي ۽ جيڪي ڪجهہ اسان جي ناليِ ۾ نهال رهنمائن زهر ڳالهايو ٿي، سو سڀ سمجهڻ جي قوت هيم. بنگالي پڪا مسلمان آهن. پر جڏهن ويسٽ پاڪستان طرفان پهرئين ڏينهن کان ئي سندن استحصال شروع ٿيو. کين هر سياسي محاذ تي ذليل ڪيو ويو. کين اقتصادي طور سخت اذيتون ڏنيون ويون ۽ فوج جي قدآور، گوري رنگ جي سخت مزاج آفيسرن، ننڍي قد جي ڪارن ۽ سانورن بنگالين کي اهڙو ذليل ڪيو جو کين انگريزن بہ ايترو نہ ڪيو هوندو. اهي سڀ ڪارڻ هئا بنگالين جا پاڪستان سان بغاوت ڪرڻ جا. ٻيو ويسٽ پاڪستاني پريس ۽ ڍاڪا پريس جيڪا جماعت اسلامي يا حڪومت جي اثر هيٺ هئي. انهن جو رول نهايت خراب هو. 70ع يا 71ع ۾ جيڪو حال عام بنگالين سان فوجين يا ويسٽ پاڪستاني آفيسرن ڪيو هو اُن جو نهايت ٿورو ذڪر برگيڊيئر صديق سالڪ پنهنجي ڪتاب Witness to Surrender ۾ ڏنو آهي. اوهان اهو ڪتاب ضرور پڙهيو هوندو. سالڪ اُن وقت جنرل نيازي جو پبلڪ رليشن آفيسر هو ۽ جڏهن اهو ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو تہ سالڪ جنرل ضياءُالحق جو پي آر او هو. هينئر سنڌ ۾ اُهي ساڳيا واقعا دهرائجي رهيا آهن. مون پنهنجي اکين سان عورتن جا پيٽ ڦاڙيندي ڏٺو آهي. مردن ۽ نوجوان ڇوڪرن کي گولين سان پروڻ ٿيندي ڏٺو آهي. حيدرآباد ۾ ڪالهوڪي

واقعي منهنجي ذهن ۾ ورهين جون ڳالهيون ياد ڏياريون آهن. انسان نهايت ظالم ۽ وحشي آهي. ظلم ۽ نفرت ختم ٿيڻ کپي نه ته انسان پاڻ ختم ٿي ويندو.“

نفيسه ڳالهائي رهي هئي پر سندس لڱ ڪنبي رهيا هئا. سندس آواز به ڳرو محسوس ٿيو پئي. احمد بخش کي خبر هئي ته نفيسه جڏهن به ايسٽ پاڪستان جو حال اوريندي هئي ته سندس بلڊ پريشر وڌي ويندو هو.

”ڪامريڊ مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته اسان هڪ ئي مذهب جا پوئلڳ آهيون. اسانجيون تواريخي روايتون به ذري گهٽ ساڳي نوعيت جون آهن. هن سنڌ جي ڌرتيءَ تي سيني کي جيئڻو ۽ مرڻو آهي، پوءِ چو ياءُ ياءُ جي رت جو پياسو ٿيو آهي.“ اعجاز ڪريميءَ چيو.

”اعجاز صاحب،“ احمد بخش ڪجهه سوچيندي چيو، ”اسان کي ٿورو حقيقتن ۽ گذريل پنجٽيهن سالن جي واقعن کي سياسي ۽ اقتصادي ترازو ۾ توري ڏسڻو پوندو. جڏهن مهاجر پاڪستان ۾ آيا ته ڪين سرڪاري نوڪرين، واپار ۽ صنعتي ڪاروبار ۾ وڏو خال نظر آيو. هو سڀ آرام سان انهن خالن ۾ gaps ۾ سمائجي ويا. پاڪستان يا سنڌ منجهان ڪنهن به قسم جي روڪ يا دٻاءُ ڪين نه مليو، پر پوءِ يڪدم ايندڙ ڏهن سالن ۾ مهاجر کي نوڪريون ۽ ڪاروبار جي ميدان ۾ پنجابين ۽ بنگالين جي Confrontation نظر آئي. اجا اها ڇڪتاڻ هلي پئي ته پنجن ڇهن سالن کان پوءِ سٺ جي ڏهاڪي ۾ سنڌي نوجوان به اڳتي وڌيا ۽ نوڪرين ۾ پنهنجو حصو گهرڻ لڳا. هر دفعي مهاجرن کي ئي ڪجهه نه ڪجهه حصي تان دستبردار ٿيڻو پيو پئي. سياسي طور تي به مهاجر ڪمزور ٿيو پئي. چاڪاڻ ته سندن ليڊر آهستي آهستي يا گذاري ويا يا وري پئسا ڏوڪڙ ڪمائي بنگلا ۽ ڪارخانا حاصل ڪري، بي اثر ٿيندا پئي ويا. مجموعي طور تي مهاجر اجا به نظريه پاڪستان واري خواب جي سحر کان ٻاهر نه نڪتو هو ۽ comparatively سيني صوبن جي ماڻهن کان وڌيڪ پڙهيل ۽ سياسي طور باشعور هوندي به مهاجر يا مذهبي جماعتن کي ووٽ ڪندا رهيا يا وري پنجاب يا سرحد جي انهن ليڊرن کي پنهنجو ليڊر بڻائيندا رهيا جيڪي سندن خيال ۾ پاڪستاني سياست ڪندا هئا ۽ مهاجرن کي پاڪستان ٺاهڻ وارا سمجهندا هئا. اهي ليڊر به ويچارا يا ته گذاري ويا يا بي اثر ٿي ويا. مهاجر هڪ عجيب ۽ واٽي تي اچي بيهي رهيو. سندن سڀ کان وڏي غلطي اها هئي ته هو سنڌ جي ڌرتيءَ کي recognise ڪرڻ لاءِ تيار نه پئي ٿيا ۽ هميشهه پاڪستان جي فريم ورڪ ۾ ڳالهائڻ لاءِ تيار هوندا هئا. انهيءَ ۾ سندن اقتصادي، سياسي ۽ نفسياتي برتري هئي. ايتري قدر جو سٺ جي ڏهاڪي ۾ ئي اها تحريڪ به هلائي ويئي ته سنڌ جو نالو بدلائي باب اسلام رکيو وڃي ۽ ون يونٽ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جو نالو به بدلايو وڃي. مهاجرن جي سياست خلا جي سياست هئي. ۽ پوءِ جيڪا به development سياست ۾ ٿي پئي سا مجموعي طور تي مهاجرن جي قائم ڪيل مفاد جي خلاف ويئي پئي. اُن کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽي جو دور آيو. اهو دور سنڌ جي ماڻهن جي اقتصادي ترقيءَ جي لحاظ کان تمام اهم هو. پهريون ڀيرو سنڌي ماڻهو ٻهراڙيون ڇڏي شهرن ۾ آيا ۽ ڪين سياسي حمايت هٿڻ ڪري تمام چڱيون نوڪريون، ننڍي توڙي وڏي سطح تي ملڻ لڳيون. مهاجرن چاڪاڻ ته پيپلز پارٽيءَ کي گهٽ سپورٽ ڪئي هئي ۽ ڪي چند مهاجر پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي چونڊجي آيا هئا انهيءَ ڪري ڪين نوڪريون به انهيءَ ratio سان مليون هيون. مهاجر سياسي طور تي ويڳاڻا ٿي پيا ۽ نفسياتي طور تي مُنجهي پيا ته هي ڪهڙو رخ آهي پاڪستان جو؟ جت ڪٿ سنڌي، پنجابي، پٺاڻ ۽ بلوچي ڳالهه هلي پيئي ۽ واحد مهاجر آهن جيڪي ٻي ڳالهه ڪري نه پئي سگهيا. سواءِ پاڪستان جي. هو انهي پاڪستاني فريم کان سواءِ ٻي ڪنهن

پوزيشن تي اچڻ لاءِ تيار ئي نہ پئي ٿيا. اهوئي ويڳاڻپ ۽ frustration جو نتيجو هو تہ 82ع ، 83ع ۾ سنڌي لينگويج بل تي مهاجرن ردعمل ڏيکاريو ۽ سمجهيائون تہ سنڌن سڃاڻپ اردو زبان آهي ۽ اُها بہ هٿن منجهان وڃي پئي. مهاجر ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سنڌين پنجابين ۽ پٺاڻن سان بہ وڙهيا. انهيءَ سڄي تفصيل ۾ وڃڻ جو اصل مطلب اهو آهي تہ پٺتي دور ۾ ستر جي ڏهاڪي ۾ جڏهن ڳوٺن منجهان پڙهيل چوڪرا نوڪرين سانگي شهرن ۾ آيا ۽ اڻ پڙهيل سنڌي محنت مزدوري ڪرڻ لاءِ شهرن ۾ پهتا تہ سڀ کان اهم تبديلي اها آئي تہ سنڌ جي شهرن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو مڊل ڪلاس ۽ لوئر ڪلاس وجود ۾ اچڻ لڳو. آءٌ سمجهان ٿو تہ اهو process سنڌ جي مستقبل خاطر هن هلندڙ صديءَ جو، سنڌ جي حوالي سان وڏو واقعو آهي. انهيءَ process جو نيٺ نقصان مهاجرن کي ئي ٿيڻو هو. چاڪاڻ تہ ڪين ئي پنهنجي حاصل ڪيل سهولتن مان ڪجهہ slice سنڌين کي ڏيڻو پيو. پيو وري سينئر مهاجر آفيسر ستر جي ڏهاڪي ۾ رٽائر بہ ٿيندا ويا. ڪجهہ وڏن مهاجرن بيوروڪريٽس کي جنرل يحيٰ ۽ ڀُٽي سڪرنگ ۾ برطرف ڪري ڇڏيو. پر اصل change اها عمل ۾ اچڻ لڳي تہ شهرن ۾ سنڌي وچولو طبقو وجود ۾ اچڻ لڳو جيڪو ملڪي سطح تي ڊيموڪريٽڪ قوتن کي سپورٽ ڪرڻ لڳو ۽ ان سان گڏ ٿورو يا گهڻو قوم پرست بہ هو. شهرن ۾ نوجوانن کي تمام چڱيون نوڪريون ملڻ لڳيون جيڪي سنڌي چوڪرن ڪڏهن خواب منجهہ بہ نہ سوچيون هونديون. اسسٽنٽ ڪمشنر، ڊي ايس پي، ڪسٽم آفيسر، پوليس انسپيڪٽر، ايڪسائيز آفيسر، پي سي ايس ۽ سي ايس ايس گروپن ۾ وڏيون نوڪريون، ڪلارڪ، سپرنٽنڊنٽ، پٽيوالا ـ ـ مطلب تہ شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ عام غريب گهرن جي قسمت بدلجي ويئي. اهي آفيسر شهرن ۾ بہ رهڻ لڳا ۽ انهن آفيسرن جي ڪري ٻيا بہ هزارين لکين بي روزگار شهرن ۾ اچڻ لڳا. مطلب تہ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جيڪو اقتصادي ۽ سياسي توازن وجود ۾ آيو هو سو ڪمزور ٿي پيو ۽ انهيءَ سڄي چڪر ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر مهاجر ٿيو. پر انهن ڏينهن ۾ يعني ستر جي ڏهاڪي ۾ مهاجرن کي مڊل ايسٽ گلف اسٽيٽس ۽ سعودي عرب ۾ روزگار جا ڏاڍا سٺا موقعا مليا. انهيءَ ڪري مهاجر في الحال تبديل ٿيندڙ صورتحال کي برداشت ڪندا ويا. پر اسي واري ڏهاڪي ۾ وچ اوير ۾ ملازمتن جا موقعا گهٽ ٿيا پيو جنرل ضياءُالحق جي پاليسين ڪري سنڌ جو ماٺهو وڌيڪ پيڙهجڻ لڳو. لازمي طور تي سنڌين سان گڏ مهاجر بہ متاثر ٿيڻ لڳو ۽ پهريون ڀيرو سنڌ جي شهرن ۾ مهاجرن، اقتصادي توڙي سياسي ميدان ۾، پنهنجي سامهون نہ رڳو پنجابين کي ڏٺو پر سنڌي ۽ پٺاڻ بہ شامل هئا. اسان جيڪو محسوس ڪيو آهي تہ مهاجر، پنجابي ۽ پٺاڻ کي برداشت ڪريو ٿو وڃي پر جڏهن سنڌيءَ جو سوال ٿو اچي تہ صورتحال يڪسر ٻي ٿي وڃي ٿي."

"انهيءَ جو سبب هي آهي تہ." ڪامريڊ چيو، "مهاجر سمجهي ٿو تہ پنجابي ۽ پٺاڻ سن آف سوائل ناهن پر سنڌي تہ اهو ڪليم ڪري ٿو. انهيءَ ڪري مهاجر پاڻ کي غير محفوظ سمجهڻ لڳا ۽ پوءِ سياست يڪدم پلٽو کاڌو ۽ سمجهان ٿو تہ ننڍي کنڊ جي سڀ کان مضبوط ۽ باشعور وچولي ڪلاس، انهيءَ insecurity ڪري، گذريل ميونسپالٽيءَ جي اليڪشن ۾ سئو سيڪڙو ووٽ اهڙن Millitant نوجوانن کي ڏنو آهي جيڪي مهاجرن جي روايتي سياست ختم ڪري نظريا وساري، ethnic بنيادن تي بيهي رهيا آهن."

"ڪامريڊ اڳتي الائي ڇا ٿو ٿئي؟" احمد بخش چيو، "پر آءٌ سمجهان ٿو تہ سنڌ ۾ اردو ڳالهائيندڙن کي رهڻو آهي ۽ ڪين ڪيڏانهن بہ نہ وڃڻو آهي. بقول ايوب خان جي تہ آڳي سمندر هي.

انهيءَ ڪري ڪين آهستي آهستي سنڌ ڌرتيءَ جي موجوده ڪلچر ۽ سياست ۾ جذب ٿيڻ گهرجي. پر تهذيبون پاڻ ۾ جڏهن ملنديون ته هڪ نئين ۽ بهتر انداز جي تهذيب وجود ۾ ايندي ۽ اها نئين تهذيب ئي سنڌ جو مقدر آهي. ٻيو آءُ سمجهان ٿو اسان فيوڊل سسٽم جا پيڙهيل ماڻهو، مهاجرن سان گڏجي نيٺ انهيءَ سسٽم جي ڪارڻهن کي ختم ڪري هڪ نئين انداز جي سنڌ جي شروعات ڪنداسين.

جتي وڏيرو، پير مير ۽ سردار جهڙا ادارا ختم ٿي ويندا يا neuterlise ٿي ويندا. في الحال ته ائين نظر پيو اچي ته تاريخ وري پاڻ ورجائي پئي. اڳ ٻاهريان انٽرنيشنل دهشتگرد وچ ايشائي ملڪن کان ايندا هئا ۽ سنڌ تي قبضو ڪري، سنڌ جي شهرن ۾ قتلام ڪري، سنڌي مڊل ڪلاس ۽ ورڪنگ ڪلاس کي ترڙي شهرن کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا هئا. ۽ سنڌي ٽرن برن ۽ ڪوهستاني علائقن ۾ ننڍڙا وڏڙا ڳوٺ ۽ واهڻ اڏي، ظالمن کان پري رهڻ ۾ پنهنجي عافيت سمجهندا هئا. هاڻ به جي سنڌين شهر خالي ڪيا ته پوءِ . . . . . . "

"اسانکي ڏٽي در دعا ڪرڻ کپي ته اسانکي عقل ڏي ۽ هوش ڏي. ياءُ ياءُ جو دشمن نه ٿئي." اعجاز ڪريميءَ چيو.

# 46

رات جو دير سان احمد بخش ۽ نفيسہ ڪامريڊ جڳت وٽان نڪتا ۽ پنهنجي فليٽ تي پهتا. احمد بخش ايندي شرط ڪراچيءَ گهر تي فون ڪيو. پر ڪوبہ جواب نہ پئي مليو. ڪافي دير ڪان پوءِ بہ ڪنهن جواب نہ ڏنو. احمد بخش کي فڪر ٿيڻ لڳو. رات جو يارهين وارن خبرن ۾ ٻڌايو ويو تہ صبح جو ستين وڳي کان اٺين تائين ڪرفيو ۾ ساهي ٿيندي. اُن وقت ئي احمد بخش ۽ نفيسہ ڪراچي وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو. سڄي رات ٻنهي بي چينيءَ سان گذاري. ڪين الله بچائي جو فون تي جواب نہ ڏيڻ جو اونو ٿيڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن صبح ساڍ ٻئي ڇٽا ناشتي جي ٽائيم تي حيدرآباد منجهان نڪتا. ڪرفيو ۾ ساهي هوندي بہ شهر ۾ عجيب راڪاس گهميل محسوس ٿيو پئي. ڇانهه بہ اچي ڄامشوري ڦاٽڪ وٽ پيتائون. ڄامشوري ڦاٽڪ تي اها گهماگهمي نظر نہ آئي. الائي ڇو احمد بخش جي دل سست ٿيڻ لڳي. اُنهيءَ مهل اخبار وارو بہ اچي پهتو رڳو هڪ اردو اخبار هئي. احمد بخش جلدي جلدي اها اخبار ورتي ۽ پنهنجي ڪار ۾ ويٺو ئي مس تہ هڪ ٻيو اخبار وارو بہ پهتو جنهن وٽ سنڌي اخبار بہ هئي. هن اها اخبار بہ ورتي ۽ سپر هاءِ وي ڏانهن مڙي ويو.

نفيسہ اردو اخبار پڙهڻ لڳي ۽ اُن سان گڏ سندس بُت مان ڄڻ ساهہ نڪتو پئي. رات ڪراچيءَ جي جدا جدا علائقن ۾ 300 کن ماڻهن کي قتل ڪيو ويو. ڪيترن کي ماري ساڙي ڇڏيائون. قتل جا واقعا گلشن اقبال، ملير، لانڍي ۽ ٻين سنڌي آبادين وارن علائقن ۾ ٿيا هئا. قتل عام جو سبب اهو ٻڌايو ويو هو تہ ڪالهوڪي حيدرآباد واري واقعي جي ردعمل طور هتي قتل عام ڪيو ويو آهي. قتل عام جي بدران سنڌين کي چونڊي ماريو ويو هو. سنڌي اخبارن ۾ عورتن جي بي حرمتي جو ذڪر پڻ هو ۽ يارنهن سنڌي عورتن جي اگهاڙن لاشن جو پڻ ذڪر هو جيڪي جناح اسپتال ۾ آنديون ويون هيون. اهڙي خبر ٻين اخبارن ۾ نہ هئي.

احمد بخش نهايت گهٽ رفتار سان گاڏي هلائي رهيو هو. سُپر هاءِ وي تي نالي ماتر ٽرئفڪ هئي. ڪنهن ڪنهن مهل ڪا ٽرڪ نظر آئي پئي.

"آءُ سمجهان ٿي ملير ۾ پنهنجي علائقي ۾ بہ گڙٻڙ ٿي آهي." نفيسہ چيو. "ٿي سگهي ٿو. ملير جو اخبارن ۾ لکيل آهي. ٻي ڳالهہ تہ الله بچائي بہ ٽيليفون تي جواب نہ ڏنو هو. الله خير ڪري."

"هاڻ ڇا ٿيندو؟" منهنجو نروس بريڪ ڊائون ٿي ويندو هل تہ ڪجهہ ڏينهن تنهنجي ڳوٺ رهون."

"ڳوٺ هلنداسين." احمد بخش چيو "پهرئين ڪراچي هلون. الله بچائي جو حال ڏسون. گهر جو حال ڏسون. ڪجهہ ڏينهن ترسي حالتن بابت اندازو ڪريون. پوءِ جيڪڏهن ضروري ٿيو تہ ڳوٺ هلنداسين."

توکي خبر ناهي تہ حالتون يڪدم خراب ٿينديون آهن. بيوقوفي نہ ڪر. توکي پنهنجو سر مٿو نہ آهي تہ منهنجو خيال ڪر.“

احمد بخش مُرڪي نفيسہ ڏانهن ڏٺو جنهنجي چهري تي خوف ڇانيل هو. احمد بخش پنهنجو هٿ نفيسہ جي هٿ تي رکيو تہ احمد بخش ڊڄي ويو ڪيس ائين محسوس ٿيو ڄڻ هن نفيسہ جي هٿ تي نہ پر برف تي هٿ رکيو هو.

سپر هاءِ وي جي ٽول پلازا وٽان ملير ڪينٽ ڏانهن ويندڙ رستي تي پوليس ۽ رينجرس جا سپاهي بيٺا هئا جن احمد بخش کي ٻڌايو تہ اڳتي ڪرفيو وارو علائقو آهي ۽ سڄي ملير ۾ ڪرفيو لڳل آهي. ماڊل ڪالونيءَ ۾ تہ وڏيڪ رتوڇاڻ ٿي هئي. احمد بخش ڪجهہ دير اُتي بيٺو رهيو. نيٺ هڪ پوليس آفيسر آيو جنهن سان احمد بخش ڳالهايو ۽ پوءِ پوليس جي وئن سان گڏ احمد بخش پنهنجي گهر ڏانهن وڃڻ لڳو. سڄا رستا سنسان هئا. ماحول ۾ ڊپ ۽ رتوڇاڻ جا اهڃاڻ ۽ بُو ڦهليل محسوس ٿي پئي. نفيسہ بلڪل خاموش ويٺي هئي. ماڊل ڪالونيءَ جي ڪمرشل ايريا کان ڪاٻي پاسي ويندڙ ويڪري گهٽيءَ جي ڇيڙي تي احمد بخش جو گهر هو ۽ پوءِ پنجاهہ سٺ قدمن تي لوڪل سرڪيولر ريلوي لائن هئي. جڏهن پوليس وئن ۽ احمد بخش جي ڪار گهٽيءَ ۾ داخل ٿيون تہ سيني گهرن جي درين منجهان مردن توڙي عورتن ٻاهر ڏٺو ۽ سندن نظرن انهن ٻنهي گاڏين کي اڳتي وڌندي ڏٺو. پوءِ ڪيترين دريون بند ٿي ويون. احمد بخش پنهنجي گهر جي گيٽ وٽ پهچي، ڪار مان لٿو نفيسہ اڃا ڪار ۾ ويٺي هئي. گهر جو لوهي گيٽ اندران بند ٿيل نہ هو ۽ احمد بخش در کولي اندر داخل ٿيو. گهر جو اندريون در بہ ائين ٻيڪڙيل هو جيڪو احمد بخش جي هٿ لائڻ سان کُلي پيو. احمد بخش سان گڏ هڪ پوليس جو سپاهي بہ هو. گهر اندر ٻہ ٽي قدمن هلڻ کان پوءِ ساڄي پاسي ڊرائنگ روم هو ۽ هيٺ قالين تي الله بچائي جو لاش پيو هو. احمد بخش اڳتي نہ وڌيو. اُتي ئي بيهي رهيو. سپاهي ٿورو اڳتي وڌيو ۽ لاش کي ڏسڻ لڳو. لاش اگهاڙو هو. الله بچائي جو پيٽ ڦاٽل هو ۽ آنڊا گجيون سندن پيٽ منجهان ٻاهر غاليچي تي لڙڪي رهيا هئا. سڄو غاليچو ۽ هڪ وڏو صوفو رت جي داغن سان ڀريو پيو هو. منهن بہ ڪنهن ڳري لوهي شيءَ جي ڌڪن ڪري ڇچريل هئس. اکيون نظر نہ پئي آيون. سڄو منهن ۽ ڳچي ڄميل رت سان ڀريل هئا. احمد بخش وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيو ۽ سپاهيءَ ڏانهن ڏٺائين.

”سائين موبائل تي اطلاع ڏيئي اچان ٿو.“ سپاهي وئن ڏانهن وڃڻ لڳو. احمد بخش گهر جي ٻين ڪمرن کي بہ ڏٺو جت هرڪا شيءَ خاموش ۽ اڻ ڇُهيل لڳي پئي ۽ کيس گهر منجهان خوف جو احساس ٿيو پئي. هو وڌيڪ اُتي بيهي نہ سگهيو ۽ ٻاهر نڪتو. ٻاهر عجيب لقاءُ هو. الله بچائي جي مڱ بتول الائي ڪٿان اچي ويئي هئي ۽ نفيسہ کي ڀاڪر پائي اوڇنگارون پئي ڏنائين.

”ظالمن هن کي ماري ڇڏيو. ڪهي ڇڏيو.“

هوءَ رُني پئي، نفيسہ کان بہ ڳوڙها رُڪجي نہ سگهيا. احمد بخش بہ روئي ڏنو. گهٽيءَ جي درن جي چانئٺن تي ڪافي مرد ۽ زالون بيٺيون هيون. سيني انهيءَ واقعي بابت لاعلميءَ جو اظهار ڪيو ۽ افسوس بہ ڪيو.

اڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ پوليس ۽ ايمبولينس اچي ويئي ۽ لاش کڻي ويا. احمد بخش بہ وڌيڪ اُتي ترسڻ نٿي چاهيو ۽ خود نفيسہ جي بہ مرضي هئي تہ هتان يڪدم نڪري هلجي.

”ڏيءَ انسان جڏهن ظلم ٿو ڪري تہ پوءِ رت جا درياهہ وهن ٿا. تو پنهنجو مڱيندو ۽ مستقبل وڃايو. پر هِتان ٻہ اڍائي سو ميل پري ڪنهن پيءُ پنهنجو پُٽ وڃايو، ڪنهن ماءُ پنهنجو پُٽ وڃايو ۽ ڪنهن ڀيڻ پنهنجو ڀاءُ وڃايو. ڏاڍو سٺو هو الله بچايو. شايد الله بہ کيس ظالمن کان نہ بچائي سگهيو. تون صبر ڪر ۽ هاڻ صبر ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي. آءُ حيدرآباد ۾ بہ قتل عام ڏسي آئي

آهيان. اُت بہ ڪنهنجا پٽ ۽ مڙس قتل ٿي ويا آهن. تون صبر ڪر. هاڻ آءُ وڃان ٿي. حالتون ٺيڪ ٿين تہ وري تو وٽ ايندي‌س.“

بتول ڪوبہ جواب نہ ڏنو ۽ لاڳيتو رُني پئي. احمد بخش بہ ڪيس ڀاڪر پاتو ۽ چيائينس: ”پُٽ صبر ڪر، پاڻ ڀنهي جو اِهو نقصان ٿيو آهي.“

پوءِ احمد بخش، پاڙي جي هڪ معتبر ماڻهو فاروقي صاحب وٽ ويو ۽ کيس سندس غير حاضري ۾ گهر جي پارت ڪرڻ لڳو.

”احمد بخش صاحب، اوهان فڪر نہ ڪريو،“ فاروقي صاحب چيو. ”آءُ سمجهان ٿو تہ سڄو ملير، سعود آباد ۽ ماڊل ڪالوني وارا علائقا خالي ٿي ويا آهن. هت اسان وٽ تہ خير هو. پر هُتان ريلوي لائن جي پوين ڪي بدمعاش آيا هئا. اوهانجي ماڻهوءَ وٽ ڪو هٿيار بہ نہ هو جو ڪٿي پنهنجو بچاءُ ڪري.“

احمد بخش وري ڪار ۾ اچي ويٺو ۽ پوليس وئن جي سنڀال هيٺ ملير منجهان نڪتو. سندس منزل ڪلفٽن ڏانهن هئي.

”فاروقي صاحب چوي پيو تہ الله بچائي وٽ پنهنجي حفاظت لاءِ ڪو هٿيار بہ نہ هو. هُن کي ڪهڙي خبر تہ الله بچائي جي صاحب وٽ بہ پنهنجي بچاءُ لاءِ ڪو هٿيار نہ آهي.“

نفيسہ ڪو جواب نہ ڏنو.

# 47

ٽيهين سيپٽمبر 88ع کان مئي 90ع تائين، سنڌ جا شهر، پنهنجي سموري تاريخ جي عجب صورتحال منجهان گذريا اهو ڏيڍ ٻه سال جو عرصو، حيدرآباد شهر ڄڻ اپاهج رهيو. هر مهيني سوا کان پوءِ بارود ڦاٽي پوندو هو. گولين جا آواز هوائن ۾ ڦهليل هئا. ماڻهن جا ساهه مُٺ ۾ هئا. آهستي آهستي شهر جا رهواسي هڪ ٻئي جي رت جا پياسا ٿيڻ لڳا. ماڻهن جي ذهنن ۾ بارود جي بوءِ سمائجي ويئي. نفرت جي ٻج پنهنجا سلا ڪڍيا. هفتن جا هفتا ۽ ڪڏهن ته مهينو کن لاڳيتو ڪرفيو لڳو پيو هوندو هو. ماڻهو گهرن ۾ لڪل هئا ۽ گهرن ۾ لڪل ماڻهو به ڏڪندا هئا. تاريخ جا ورق شاهد آهن ته سنڌ جي شهرن ۾ اهڙا واقعا ۽ خونريزي ۽ دهشت گردي ڪا نئين ڳالهه نه هئي. ارغونن به ائين ڪيو هو. ٻاهريان آيا هئا. گهوڙن ۽ ترارن جي زور تي، ڪابل قنڌار اُڪري پنجاب جا ساوا ميدان اورانگهي، سنڌو درياهه جو ڪنارو ڏيئي ۽ ٺٽي شهر کي قتل گاهه بنايو هو. سنڌ جي شهرن جي وچولي درجي جي رهواسين کي، واپارين کي، ڪاريگرن کي، ڪمين ۽ ڪاسبين کي ماري، شهر جي رستن ۽ چونڪن ۽ گهٽين ۾ رتوڇاڻ ڪيو هئائون. باقي ٺٽي جا شهري، ٻاهران ايندڙ ترارن جي خوف وچان جانيون بچائي، شهر ڇڏي ٻهراڙين جي ويرانين ۾ لڪي ويا هئا. ترخانن به ائين ئي ڪيو هو. انهن به سنڌ جي شهرن منجهه اصلوڪن شهرين کي ماري شهر ڇڏايا هئا. سندن گهرايل دوستن پورچوگيزن به ٺٽي شهر کي ڦري، ماڻهن کي ماري باهه ڏني هئي. ترخانن ۽ مغلن باقي بچيل ٺٽي شهر کي، سيوهڻ ۽ نصرپور کي ائين ئي کنڊر بنايو ۽ ماڻهن شهرن جي پچر ڇڏي جهنگ منهن ڪيو هو. ريگستان آباد ڪيا، جبلن ۾ وڃي رهيا، صاحبلوڪن کي شهر اربي پاڻ جان بچائي نڪري آيا. اهوئي طريقو هو سيني ڌارين حملي ڪندڙن جو ۽ ائين ئي هُو سنڌ تي پنجاهه سئو يا وڌيڪ عرصو حڪومت ڪري سگهيا. جڏهن به سنڌ جا شهر آباد ٿيا اهي واقعا ورجائڻ لڳا. اهوئي سبب آهي ته سنڌ جي انهن جهونن شهرن جي ٻاهران وڏا شاهي قبرستان موجود آهن جتي يا ته وطن جي ماڻهن ڌارين حملي آورن سان وڙهي جان ڏني يا بي خبري يا ياچ ۾ يا خوف منجهه يا ڪانئرتا وچان مارجي ويا.

تاريخ پاڻ کي ورجائي ٿي. تاريخ جابرن جي آڏو بيوس آهي. ۽ انهن جي جبر مطابق پاسا ورائي ٿي، نئين صورتحال کي وجود ۾ آڻي ٿي. هيٺا ۽ غير منظم ماڻهو ميسارجي وڃن ٿا. تاريخ جي ورقن ۾ انهن جو ذڪر رهجي وڃي ٿو ۽ ڌرتيءَ جي سيني تي سندن قبرون! سنڌ جي به عجيب ڌرتي آهي. اِهي ڪچيون قبرون، جن جو ڪو والي وارث ئي سامهون ناهي، تن کي به ورهين کان، ايامن کان ۽ صدين کان ائين سانديو ويٺي آهي، نشان نروار ڪيو ويٺي آهي ڄڻ ڪا ماءُ پنهنجي اولاد کي سنڀالي رهي آهي. ماءُ ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهي؟

ـــ ۽ اها حقيقت آهي ته جڏهن به اصلوڪن شهرين پنهنجا شهر خالي ڪيا يا مارجي ويا يا لڏي ويا ۽ جهنگ منهن ڪري ويا ته ـــ ٻاهران ايندڙن جو قبضو مضبوط ٿيو آهي ۽ سندن حڪومت ۾ اختيار وڌيو ۽ ڦهليو آهي.
ــ هاڻ وري اصلوڪن شهرين کان شهر خالي ڪرائڻ جو عمل شروع ٿي ويو!
شهر جي اولهندي ڪڇي واري هڪ پاڙي ۾ ڪجهه نوجوان ۽ بزرگ گڏ ويٺا هئا. شهر ۾ ڪرفيو هو. رات جي مانيءَ کان پوءِ آهستي آهستي بخاري شاه جي پڙ ڪي ڏنل چوديواريءَ اندر اچي گڏ ٿيا هئا. ٻاهر رستا ويران هئا. ڪنهن ڪنهن مهل ڪا پوليس جي گاڏي يا فوجي سپاهي لنگهي ويا پئي. هن پاڙي تي اڃا دهشتگردن ڪو حملو نه ڪيو هو، پر هتي گڏيل آبادي منجهه خوف ڇانيل هو.
ٻيا سڀ ماٺ هئا ۽ محمد امين بلوچ ڳالهائي رهيو هو. امين بلوچ ريٽائرڊ انڪم ٽئڪس آفيسر هو. سندن ڪٽنب ٻين مائٽن سان گڏ حيدرآباد ۾ ميرن جي صاحبيءَ کان وٺي آباد هو.
”ٻائرو، آءُ اڄ ٻين دوستن ۽ نوجوانن سان گڏ ڊپٽي ڪمشنر سان مليو هوس. هن اسانکي همدريءَ سان ٻڌو هو ۽ يقين ڏياريو ته پاڙي جي حفاظت ڪرڻ انتظاميه جو فرض اهي. پر يار آءُ سمجهان ٿو ته اسانکي پنهنجي مڙسي ڪرڻي پوندي. ٻيو نه ته پنهنجي بچاءُ ۾ ٻين کي ماريون نه ته به هوائي فائر ڪري جان ته بچايون. جن وٽ به هٿيار ناهن سي سياڻي ڪرفيو جي وقفي ۾ درخواستون جمع ڪرائن ته جئين انهن جا لائسنس ٺهرائي وٺون. ٻيو جن وٽ پنهنجا هٿيار آهن سي به ڪڍي صاف ڪري، ڪارتوس وٺي تيار ٿي ويهن.“
”چاچا اسان کي پئسا ڏيو اسين اوهانکي هٿيار ۽ گوليون وٺي ڏينداسين. سستا هٿيار ۽ جديد هٿيار.“ احمد شاهه چيو جيڪو پاڙي جو ڏنگو ۽ لوفر ڇوڪرو هو. سندس ڪم ئي ڦڏا جهيڙا هوندا هئا.
”احمد شاهه بنا لائسنس هٿيار ڏوهه جو ڪم آهي.“ امين بلوچ چيو. ”گهٽ ۾ گهٽ آءُ پنهنجي گهر ۾ اهڙا هٿيار ڪونه رکندس.“
”چاچا هيءَ جنگ ئي بنا لائسنس وارن هٿيارن جي آهي.“ احمد شاهه چيو. ”ڪالهه اخبار ۾ ڪونه ڇپيل هو ته پشاور منجهان هڪ هٿيارن سان ڀريل ٽرڪ حيدرآباد ايندي پڪڙجي پئي آهي ۽ فقير جي پڙ ۾ ڪالي روڊ جا به چورا به انهيءَ ٽرڪ سان گڏ هئا.“
امداد بيڪريءَ واري چيو: ”چاچو بلوچ صحيح ٿو چوي. هٿيار جائز هجن اوهين نئين دور جا ڇوڪرا آهيو. اوهان کي ٿاڻي يا جيل جي ته پرواهه ئي ناهي.“
واصف سومري چيو: ”اسان کي گوليءَ جو جواب گوليءَ سان ڏيڻو پوندو ۽ جي پاڙو بچائڻو اٿوَ ته پوءِ جائز ناجائز جي چڪر ۾ نه اچو. اهي اوهانجون پراڻيون شاٽ گن يا بندوقون رکو ٺڪاءُ ڪن ٿيون. رائيفلون وٺو، مائوذر وٺو ۽ آٽوميٽڪ هٿيار وٺو. هُن پاسي ته هزارين ڪلاشنڪوفون موجود آهن. رات جو ڪلاشنڪوفن جا برسٽ ٻڌندا آهيو؟ سڄي شهر ۾ ڦهليل هوندا آهن.“
”اهوئي سبب آهي جو لطيف آباد سنڌي خالي ڪري ويا آهن.“ انشورنس جي ايريا مئنيجر رزاق چني چيو، نمبر 8،7، 9، 10، 11، 12 منجهان سڀ سنڌي گهرن کي تالا ڏيئي ڀڄي ويا آهن. پٺيان سندن گهرن کي لُٽي صاف ڪري ڇڏيو اٿن.“
”گهر ڇڏڻ جو عمل غلط آهي.“ امين بلوچ چيو.
”سائين اهي لطيف آباد ۾ رهندڙ ته وڏا زميندار يا آفيسر آهن.“ رزاق چني وري چيو. ”انهن سيني جا گهر سنڌ جي اندروني شهرن ۽ ڳوٺن ۾ به آهن. سي ته پنهنجا ٻار ٻچا وٺي، جيپون ۽ ڪارون ڀري ويا هليا ــ پر اسين ڪيڏانهن ويندا سين. اسان جا ابا ڏاڏا پڙ ڏاڏا سڀ هن شهر جا هئا. اسانجو ته ٻهراڙيءَ سان واسطو ئي ناهي. ٽيون ڏينهن لطيف آباد نمبر 8 ۾ ٻانيٹن جي بنگلي اڳيان وڏو گوڙ ٿيو. بنگلي منجهان

فائرنگ ٿي. هجوم مچرجي پيو. ماڻهو ته بنگلي مان نڪري ويا پر بنگلي کي باهه ڏيئي ڇڏيائون. اهو حال ڏسي سچو لطيف آباد نمبر اٺون ۽ نائون خالي ٿيو. هڙئي سنڌي نڪري ويا. ڊاڪٽر نثار ميراڻي ۽ الله بخش پٽي تپيدار جن جون زالون به مهاجراڻيون آهن سي به پارن سان سر بچائي پريل گهر ڇڏي نڪري آيا ۽ پنهي پٽائي ٽائون ۾ اسي والن جا بنگلا ڪرائي تي ورتا آهن. اصل سنڌن سالا اڪيون ڦيري بيهي رهيا."

"ها ڪلهه ڊپٽي ڪمشنر به ٻڌائي رهيو هو ته ڪيترائي ماڻهو شهر منجهان لڏي ويا آهن." امين بلوچ چيو.

اها ڳالهه هلي پئي ته امين بلوچ جو جوان پُٽ نثار پهلوان آيو. نثار ٿلهو هو. انهيءَ ڪري سڄو پاڙو ڪيس نثار پهلوان چوندو هئو. يونيورسٽي ۾ پڙهندو هو. نثار کي ڏسي امين بلوچ پُڇيو:

"پُٽ ماڻهين کي بخار گهٽ ٿيو؟"

"بابا امان ته ٺيڪ آهي پري ادي فاطمه جو ٽيليفون آيو آهي ۽ هينئر به سندن پاڙي منجهه قلعي مان فائرنگ ٿئي پئي. امان ڏاڍي پريشان آهي."

اُتي سيني ويٺلن نثار جي ڳالهه ٻڌي.

"منهنجي نانيءَ جو گهر ٽئين نمبر تلاءُ واري علائقي ۾ شيزان هوٽل جي پٺيان آهي. سامهون قلعي منجهه گهر اڏيل آهن ۽ انهن گهرن منجهان گوليون ائين ٿيون اچن چڻ بارش هجي. ڀ ڏينهن اڳ به ڇهن ماڻهن کي گوليون لڳيون جن مان ٻه مري ويا. منهنجي نانيءَ جي ڪراچيءَ ۾ سروس آهي ۽ هر جمعرات تي گهر ايندو آهي."

"اديءَ چيو پئي ته،" نثار پهلوان چيو، "بابا پوليس سان ڳالهائي ۽ اسان کي هتان وٺي وڃو. ننڍڙي عندليب کي به بخار آهي."

امين بلوچ فڪرمند ٿي پيو. ٻيا سڀ پاڙي وارا به ڪيس ڏسڻ لڳا.

احمد هاليپوٽو پريان ڪنڌ ۾ ويٺو هو تنهن آهستي سان چيو:

"اسان سيني کي اهو سوچڻ کپي ته ڇا اسين شهر خالي ڪري ويندا سين. هي دهشتگرد ته رت جا پياسا ٿي ويا آهن. ڪالهه ٻڪرا پڙي منجهه، مسو پرڳڙيءَ جي هڪ لنجواڻيءَ کي ڌڪ ئي هڪ سان ماري وڌائون. ڪالهه ڪان پڙيءَ ۾ ٻاهران مال اچڻ بند ٿي ويو آهي. اڄ خبر پئي اٿم ته هڪ مهاجر دلال، اُڏيري لال ڏانهن ٻڪرين جي خريداري لاءِ ويو ته اُت سنڌين ڪيس ڪهاڙين جا ڌڪ هٽي، اُڦٽ ماري، انهن سوزڪي وٺ منجهه وجهي پٺاڻ ڊرائيور کي چيائون ته اس ڪي مائٽون ڪو جا ڪر دو. سو ٻهراڙين منجهان ماڻهو شهر اچڻ بند ٿي ويا آهن. جي ائين شهر ۾ ٻهراڙي وارا نه آيا ته شهر جي دڪانداري ته خراب ٿيندي پر ڳوٺن ۾ سامان سڙو ڪٿين پهچندو. چون پيا ته لاڙڪاڻي، دادو، خيرپور ناٿن شاهه، عمر ڪوٽ منجهان به لاش شهر ۾ اچن پيا ۽ هتان به برابر کين ماريل ماڻهو واپس ڳوٺ منجهه پهچن پيا. اِهي ته معاملا هئا شهر ۾ آباد ماڻهن ۽ ڳوٺ وارن جا. پر اسين جيڪي ميرن جي صاحبيءَ کان هت آباد آهيون. اسان جا نڪي ڳوٺ نڪي واهڻ! اسان ته پاڪستان جي آئين مطابق سنڌ جي شهري ڪوٽا جا سنڌي آهيون. اهڙا سنڌي شهر ڇڏي حيدرآباد يا ڪراچي ڇڏي ڪيڏانهن وڃون يا ته پنهنجا سڀ پاتي مارايون."

سڀ چُپ هئا. احمد شاهه چيو: "آءُ اوهان سيني ۾ ننڍو آهيان ۽ اوهان جي نظرن ۾ بدمعاش به. پر آءُ اهو چوندس ته هينئر جيڪڏهن اسان هنن دهشتگردن کي جواب نه ڏنو ۽ مڙس ٿي، متحد ٿي پنهنجا گهر، پنهنجا ننگ ۽ پنهنجو شهر نه بچايو ته پوءِ اسان هن شهر ۾ داخل ٿي نه سگهنداسين. مونکي

قوم پرست جماعتن جا نوجوان ۽ اڳواڻ به چون ٿا اوهين فڪر نه ڪريو. گهر خالي نه ڪريو. اهي پاڙا خالي ٿيا ته پوءِ اسين ختم ٿي وينداسين. اهي قوم پرست به اسان جي مدد ڪندا.“

”پُٽ انهن قوم پرستن يا شاگرد اڳواڻن جي ڳالهه نه ڪر. آءُ سمجهان ٿو ته سنڌ جو مسئلو انهن ٿاهڻ کان وڌيڪ ڦٽايو آهي. پنهنجي انا ۽ نالي ۾ نهال ليڊريءَ جي خول مان نڪرن ئي نه ٿا. پاڻ مون ڏٺو آهي ته اِهي شاگرد اڳواڻ، جيڪي گهڻو ڪري سڀ ڀهراڙين سان تعلق رکن ٿا، سي هفتي پندرهين ڏينهن شهر ۾ اچي، پنج ڏهه برسٽ هلائي هڪ اڌ ماڻهو ماري، پاڻ ته پنهنجي پر ۾ مڙسي ڏيکاري، شهر منجهان ڀڄي، ڄامشوري، دادو، لاڙڪاڻي يا ٻين هنڌن تي وڃي لڪي رهن ٿا ۽ اسان شهر جا رهاڪو پندرهن ويهه ڏينهن هنن دهشتگردن جي فائرنگ، ڪرفيو ۽ ٻين آزارن ۾ ڦاٿا پيا هوندا آهيون. پوءِ اسانجا ڪيترا نوجوان مارجي ويا آهن. ڪيترين فئملين پنهنجا گهر خالي ڪيا آهن. ڪيترا نقصان ٿيا آهن. اهڙي قوم پرستي پاڻ وٽ رکن. يا مڙس ٿي شهرن ۾ رهن ۽ سڀ ڳالهه ڪي مُنهن ڏين. اسان حيدرآباد جا شهري، هن شهر ۾ آباد ئي امن خاطر ٿيا هئاسين. اسان نه ڪڏهن هٿيار ڏٺو ۽ نڪو هٿيار ڳڏ ڪيا.“

احمد هاليپوٽي وري ڳالهايو: ”قاسم آباد سڄي خالي پئي آهي. بنگلا ۽ فليٽ يا ته تيار آهن يا تياريءَ جي آخري مرحلن ۾ آهن. مهاجر به جيڪي اُتي رهڻ لڳا هئا سي به گهر خالي ڪري لطيف آباد ڏانهن اچن پيا. جيڪڏهن اسان کي هت رهڻ نه ڏنئون ته پوءِ مجبور ٿي اسان کي اوڏانهن ئي هلڻو پوندو. اسانجو گهر ته ڪنهن ڀهراڙيءَ جي حصي ۾ يا ڪن ننڍين شهرن ۾ ناهي.“

” نه چاچا اسين گهر ڪنهن به صورت ۾ خالي نه ڪنداسين.“ احمد شاهه چيو. ”هت اسان جا گهر آهن، پڙ آهن. امام صاحب جا آنگاس آهن. مولا علي مشڪل ڪشا جي قدم گاهه آهي. هنن پاڙن ۾ گهٽين ۾ اسانجو ماضي ڦهليل آهي. اسان جا ابا ڏاڏا ۽ انهن جا ابا ڏاڏا هت رهيا آهن. اوهانکي ته خبر صبح جو اخبارن پڙهڻ کان پوءِ پوندي. هن وقت به ٽنڊي ولي محمد، ڪائي روڊ، ٽيون نمبر تلاءُ، هيرا آباد منجهه سنڌين جي گهرن تي فائرنگ هلي پئي. اڄ شام جو هيرا آباد ۾ هڪ هندو پوڙهي شخص کي پنجاهه سٺ دهشتگردن ماري ساڙي ڇڏيو. سو منهنجا بزرگو اوهين ڊپٽي ڪمشنر ۽ لائسنس وارن هٿيارن جي سهاري، هاڻ شهر ۾ رهي نه سگهندا. شام جو ته اها به خبر هئي ته اڄ پنهنجي پاڙي تي حملو ٿيندو. سو ڪجهه ماڻهن کي جاڳڻ ڪيي. اڄ چندو ڪريو. ڪجهه هٿيار ۽ گوليون وٺون نه ته گهرن ۾ مارجي وينداسين.“

سڀ ماٺ هئا ۽ اجا ڪنهن ڳالهايو ئي مس ته ريشمي گهٽي ۽ پڪي پير واري پاسي کان فائرنگ جا آواز شروع ٿيا.

”اوهانکي خبر آهي ته اڄ ڪرفيو جي وقفي ۾ حبيب بينڪ جي سامهون فردوس هوٽل وٽ هٿ سان لکيل پوسٽر لڳو آهي. انهيءَ پوسٽر ۾ ڪل يارهن سنڌي ڇوڪرن جي موت بابت وارننگ ڏنل آهي. چار ڇوڪرا پنهنجي پاڙي جا آهن. هڪڙو واصف گهمرو آهي. ٻه ڪوکر ڇوڪرا آهن ۽ منهنجو نالو به انهن ۾ شامل آهي. هڪ مهر شاهه پاڙي جو نديم شاهه به آهي. پنهنجي پاڙي جو هڪ عباسي ڇوڪرو به آهي. منور عباسي.“

ڪنهن به نه ڳالهايو. فائرنگ جا آواز تيز ٿيندا ويا ــ پوءِ پاڙي جي سفيد پوش بزرگن به هٿيار وٺڻ لاءِ چندي ڪرڻ بابت سوچيو. پر اها ڳالهه ڪين عجيب لڳي پئي.

اُنهيءَ شام جو ڪرفيو ۾ ساهيءَ وقت چاليهه پنجاهه دهشتگردن، ڪامريڊ جڳت جي گهر جا در ڀڳا ۽ اندر گهڙي آيا. ڪامريڊ ورانڊي ۾ ويٺو هو. گوڙ تي پاڻ ڪنڌ کڻي ڏٺائين ته نوجوان سندس گهر جي اڱڻ ۾ بيٺا هئا. ڇوڪرا سڀ پاڙي جا هئا ۽ گهڻي ڀاڱي ڪامريڊ سيني کي سڃاڻيندو هو.

ڪامريڊ اجا ڳالهايو ئي مس تہ ڪجهہ ڇوڪرا سندس ڪمري منجهہ گهڙي ويا ۽ سمورو فرنيچر ڪڍي ٻاهر وڏي اڱڻ ۾ رکڻ لڳا. ڪامريڊ هڪ ٻن کي نالي سان بہ سڏيو پر ماڳهين هڪ ڇوڪر ڪيس ڪرسيءَ تان ڪيرائي ڇڏيو. اهو گوڙ ٻڌي، اعجاز ڪريمي مٿان لهي آيو ۽ اچي ڇوڪرن ۽ ڪامريڊ جي وچ ۾ بيهي رهيو.

”خبردار ڪنهن بہ ڪامريڊ کي هٿ لاتو آهي سو پهرين منهنجي لاش مٿان لنگهندو“ اعجاز ڪريمي رڙ ڪئي. ”اوهان کي شرم نٿو اچي تہ ڪامريڊ جهڙي عظيم ماڻهوءَ کي اوهان لُٽڻ آيا آهيو. هلو منهنجو گهر هلي لٽيو.“

اوچتو هڪ پستول جي گولي اعجاز ڪريميءَ جي ڪلهي تي لڳي. هو جهڪيو ۽ ٻي گولي کيس پيٽ ۾ لڳي ۽ ڪري پيو. اُن کان پوءِ دهشتگردن هڏن جي مٺ جهڙي ڪامريڊ کي بہ مائوزر جون ٽي چار گوليون هنيون ۽ ڪامريڊ بنا آواز جي ڍهي پيو پر سندس نظرون هڪ نوجوان ڇوڪري منجهہ کُتل هيون جنهنکي ميٽرڪ تائين نہ رڳو ڪامريڊ فين ۽ ڪتابن جا پئسا ڏيندو هو پر کيس انگلش گرامر ۽ ڪمپوزيشن بہ سيکاريندو هو. ڪامريڊ جي گهر جو فرنيچر ٻاهر اڱڻ ۾ سڙڻ لڳو ۽ ڪامريڊ جو لاش بہ انهيءَ باهہ تي ڦٽو ڪري ڇڏي ويا، انهيءَ وقت پوليس ۽ رينجرس جا ڪجهہ سپاهي اچي پهتا ۽ گهر ۾ گهڙي ڪامريڊ جو اڌ سڙيل لاش ڇڪي پري ڪيو. بيهوش اعجاز ڪريميءَ کي بہ اسپتال موڪليائون. پر فرنيچر گهڻو ڪري سڙي ويو هو. هي اهو فرنيچر هو جيڪو ڪامريڊ جي لکپتي سُهري پنهنجي ڌيءَ لتا لاءِ، پڪي ساڳ جي ڪاٺ منجهان، سنڌ جي ماهر ڪاريگرن کان ٺهرايو هو.

ڪامريڊ جي حياتي جو سفر پورو ٿيو.

اُنهي ڏينهن رات جو نوين ڌاري ڪجهہ دهشتگردن، فقير جي پڙ پرسان گنج بخش شاهہ جي پڙ ۾ ٻگهين جي گهر ۾ داخل ٿي، هڪ نوجوان زلفيءَ کي ڪلاشنڪوف جو برسٽ هڻي اڪٽ ماري وڌو. اُنهيءَ نوجوان جي ماءُ جيڪا اجا پنهنجي مڙس جي عدت ۾ ويٺل هئي، تنهن پريان ڪنڌ ۾ نماز پئي پڙهي جڏهن سندس نوجوان پٽ کي برسٽ لڳو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڪرفيو ۾ ساهي پہ ڪلاڪ هئي. انهيءَ ساهي منجهہ فقير جي پڙ، گنج بخش شاهہ جي پڙ ۽ ڪاسائين جي پڙ واري علائقي منجهان ٻگهين جا ٽي گهر، نقاشن جا ٻہ گهر، پٺين جا چار گهر ۽ ٻيا بہ ڏهہ ٻارنهن گهر پنهنجا پاڙا ڇڏي قاسم آباد ڏانهن لڏي ويا. پٺيان گهر پريل هئا جيڪي لُٽجي ويا.

کوکر پاڙي منجهہ منور عباسيءَ جي مائٽن بہ پنهنجا ٽپڙ کنيا ۽ پٺيان گهر کي تالو ڏيئي لڏي ويا. انهن ڏينهن ۾ ڪيترائي گهر، ڪائي روڊ وٽان، ناهين جي پڙ مان، کورين جي پڙ مان، سري گهاٽ وٽان، تلڪ چاڙهي ۽ اڪال يونگي لين منجهان، ريشمي گهٽي، پکي پير جي چاڙهي، پرور شاهہ جي پڙ مان، سليم شاهہ جي پڙ مان، ڦليل پار پٺين جو سمورو ڳوٺ ۽ نوراني بستي جا بہ ڪيترائي ماڻهو گهر گهاٽ ڇڏي قاسم آباد جي اڌ وسندين ڏانهن وڃڻ لڳا.

ـــ شهر خالي ٿيڻ لڳو.

ـــ لاش شهر جي گهرن ۾ پهچڻ لڳا.

ـــ لاش شهر کان ٻاهر ٻهراڙين ڏانهن بہ وڃڻ لڳا.

ٻئي ڏينهن صبح جو اسٽيشن روڊ تي اين. ٽي. هوپفل هاءِ اسڪول جي پٺيان سائين جي پڙ ۽ ٿورو هيٺ پرو ڪاسائين جي پڙ وٽ ماڻهن جو گوڙ هو. سرڪاري گاڏيون بہ بيٺل هيون . هڪ گهر ۾

سرڪاري آفيسر ٻه اندر هئا. اندر زالون رُنيون پئي. هڪ ڪنڊ ۾ کٽ تي هڪ جوان ڇوڪريءَ سُڏڪا پئي ڀريا.

”بابا پُٽ ڇا ٿيو؟“ سرڪاري ڪاموري پُڇيو.

ڇوڪريءَ جواب نه ڏنو.

”امان تون ٻڌاءِ؟“ ڇوڪريءَ جي ماءُ کان پُڇيائون.

”ابا ڇا ٿيو؟ منهنجي نياڻيءَ جي عزت لٽي ويا. اسانکي جڳ ۾ ذليل ڪري ويا.“

”ڪير هئا؟“ اوهان ڪي سڃاڻا؟“

”ها اسان سڃاڻا پاڙي جا ڇوڪرا هئا.“

”ٻيو ڪو نقصان ڪيائون؟“

”ها زيور ۽ روڪ به کڻي ويا.“

”امان اوهان ڪو فڪر نه ڪريو. بدمعاشن کي ٻڌي کين اهڙي سزا ڏينداسين جو سڄي عمر ياد ڪندا.“

امان اُٿي ۽ ڪاموري کي هٿ کان جهلي پريان ڪنڊ ۾ سڏڪندڙ ڇوڪريءَ وٽ وٺي ويئي.

”ڪير سڄي عمر ياد ڪندو؟“ امان چيو. ”هي ڏس!“

ڇوڪريءَ جي ماءُ ڇوڪريءَ جي چولي جي ڳڇيءَ کي هيٺ ڪندي ڪاموري کي ڇوڪريءَ جو سينو ڏيکاريو جيڪو سڄو ګرم لوهه لڳڻ سبب ڳاڙهي ڦٽ وانگر لڳو پيو هو ۽ اهو ڦٽ انهن دهشتگردن جي تنظيم جي نالي جي شروعاتي اکرن وانگر لڳو پئي.

ڪامورو ڏڪي ويو ۽ گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ پاڻ سان گڏ هڪ ٻئي ڪاموري کي چيائين!

”تنظيم جي سِيل کي ګرم ڪري، ڇوڪريءَ جي ڇاتي کي ڏنيو ويو آهي. اڄ شام کان اڳ هي پنج ڇهه گهر هتان شفٽ ڪرايو.“

# 48

پوڙهو ولي محمد وري چئنل واري پُل تي پهتو. پل تي بيٺل رينجرس ۽ پوليس وارا ڪيس هاڻ سجاڻ لڳا. گذريل ڇئن پنجن ڏينهن کان هو روز صبح جو، چئنل واري پُل تي ايندو هو ۽ اُتي بيٺل سرڪاري اهلڪار کيس واپس موٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندا هئا تہ شهر ۾ لاڳيتو ڪرفيو لڳل آهي ۽ هو ڪنهن بہ صورت ۾ اوڏانهن وڃي نٿو سگهي. ولي محمد روز ٿورو گهڻو بحث ڪري پوءِ واپس پنهنجي ڳوٺ هليو ويندو هو. سندس ڳوٺ حيدرآباد شهر کان ڇهن ستن ميلن تي هو، پر چئنل کان پنج سادا پنج ميل مس هوندو.

ڳوٺان ٽانگي تي چڙهي ڦليلي بازار تائين ايندو هو، پوءِ اُتان وري رڪشا ۾ چڙهي سري گهاٽ تي لهندو هو ۽ پوءِ ڳوٺ ۾ پنهنجي دڪان لاءِ شيءِ شڪل ۽ ٻيو وَکر وٺي، وري اچي ڦليلي پار ڪري، ٽانگي اسٽينڊ تي پهچندو هو ۽ سندن ڳوٺ جو هڪ ٽانگي وارو سدائين پوڙهي ولي محمد جي انتظار ۾ هوندو هو.

ٽانگي واري کي بہ چئنل پار ڪري شهر وڃڻ جي اجازت نہ هئي. ڪيترن ڏينهن کان بنا ساهيءَ جي شهر ۾ ڪرفيو لڳل هو. هڪ ٻہ ڏينهن اڳ ٽيهريءَ جو ٽين بجي کان ڇئين بجي تائين ڪرفيو ۾ ساهي ٿي هئي.

پوڙهي ولي محمد کي ڏسي، هڪ پوليس جمعدار جيڪو ڊيوٽيءَ تي هو، سندس ويجهو آيو ۽ پُڇيائين: ”پورها خير تہ آهي جو شهر وڃڻ لاءِ ايڏو آتو آهين؟“ ”بابا مڙيئي ڪم ڪار اٿم.“ پوڙهي ولي محمد چيو. ”گمهڻ جي وهي ڪونہ اٿم، پلا اڄ ٻڌو اٿم ڪرفيو لاهيندا.“

”ها اڄ جمعو آهي.“ پوليس جمعدار چيو، پلارو ڏينهن آهي. چون پيا تہ ٻارهين بجي کان ٽئين بجي تائين ڪرفيو لهندو. توکي شهر جي ڪهڙي پاسي وڃڻو آهي.“

”پٽ مڙيئي شاهي بازار ۾ ڪم اٿم. ڪجهہ پنهنجي دڪانڙي لاءِ سامان بہ وٺڻو اٿم.“ ”پوڙها ڪُٽيءَ تہ نہ ڪنيو اٿئي.“ پوليس جمعدار رڙ ڪئي.

سندس پرسان بيٺل هڪ رينجرس جي سپاهيءَ بہ ڌيان ڏنو.

”چو ابا؟“ پوڙهي ولي محمد پُڇيو.

”شاهي بازار ويندين؟ پوليس جمعدار وري پڇيو.

”ها پُٽ شاهي بازار ويندس. گذريل پنجاهہ ورهين کان پيو ايڏانهن وجان ۽ اچان. پهرين پنهنجي ابي سان گڏ ويندو هوس. هاڻ هي پندرهن سالن جو جوان جماڻ پوٽو ساڻ اٿم. هي بہ گذريل پنجن ورهين کان گڏ اٿم.“

”پوڙها تون عمر جو اسي کن جو هوندين؟“ جمعدار پُڇيو.

” نہ ابا ہي درجا پڙهيل آهيان عمر جي چاڻ اٿم. جڏهن هندن جي لڏپلاڻ ٿي هئي ۽ مسلمان پائر هندستان منجهان سنڌ اچڻ لڳا هئا تہ آءُ ويهين ورهين جو جوان مڙس هئس. هرويرو ايڏو پوڙهو ناهيان. حساب ڪري ڏس تہ چوهٺ پنجهٺ جو هوندس.“

”چڱو يا تہ هتي ترس يا گهمي ڦري اچ. اجا ٻارهن ۾ ڪلاڪ ڏيڍ پيو آهي.“

”ابا ويندس ڪيڏانهن؟“ پوڙهي ولي محمد چيو. ”اتيئي پر پاسي ويهي ٿو رهان.“

پوڙهو ولي محمد سندس پوٽي سان گڏ ميرپورخاص ڏي ويندڙ رستي جي ڪاہي ڪنڌ وٽ ٺهيل هڪ هوٽل جي بانڪڙي تي اچي ويٺو. هوٽل ۾ ہہ ٽي ماڻهو ويٺا هئا، نہ تہ اها هوٽل چوويهہ ڪلاڪ ماڻهن سان سٽيل هوندي هئي. چئنل وارو اهو چؤ واٽو هر وقت ٽريفڪ سان پريل هوندو هو. سامهون اوير ڏي رستو ٽنڊي جام، ٽنڊي الهيار ۽ ميرپورخاص ڏانهن ٿي ويو ۽ ڪاہي پاسي ٽنڊي محمد خان کان بدين ڏانهن رستو هو. شهر حيدرآباد جي اولهہ ڏانهن ويندڙ رستي تي، پنجاري واهہ ۽ ڦليلي اُڪري، سڌ پنڌ تي هو. پر اڄ اهو چؤ واٽو بہ سُڃو پئي لڳو. هڪ پوليس جي گاڏي بيٺي هئي. ڪجهہ رينجرس جا سپاهي، ڪجهہ پوليس وارا ڊيوٽي تي هئا. ٻي ڪا اچ وڃ خير ڪي هئي.

”چاچا ولي محمد چانهہ پيئندين؟“ هوٽل واري رڙ ڪئي.

”ها يار پيار چانهہ.“ پوڙهي ولي محمد کي چڻ ڪا ڳالهہ ياد آئي.“ ڪير مڙيئي سرس ۽ ڪنڌ بہ ہہ ٽي چار چمچا گهمائي چڏجئينس.“

پوڙهو ولي محمد چانهہ پي رهيو هو. گرميءَ جي مند هئي پر ڪيس چانهہ وڻي پئي. ايتري ۾ ساڳيو پوليس جمعدار ۽ هڪ رينجر بہ چانهہ پيئڻ آيا.

”پوڙها،“ پوليس جمعدار چانهہ جو ڪوپ ڪٺندي چيو، ”ڏسان پيو تہ شهر وڃڻ لاءِ ڏاڍو اُبهرو پيو ٿين. ڪنهن کان قرض لهڻو اٿئي ڇا؟ ۽ پيو شهر جي ڪا خبر چار بہ اٿئي؟“

”بابا قرض لهڻو ڪونہ اٿم پر هڪ ٻن دڪاندارن جي مون ڏي اوڌر رهيل آهي سا بہ ڏيڻي اٿم ۽ ڪجهہ پيو سامان بہ وٺڻو اٿم. آخر ڏنڏو ڏاڙي بہ ڪرڻو آهي.“

”پوڙها شهر پيو ٻري،“ جمعدار وري چيو، ” تون هليو آهين شهري دڪاندارن کي اوڌر موٽائڻ. بابا ٿورو سمجهي پوءِ وڃجئين. انهن پاسن ڏي گوليون ائين ٿيون هلن چڻ ٻارن جي راند هجي.“

”بابا گوليون هلن يا تلوارون هلن. مونکي ڇا ڪنديون. آءُ پنهنجي ڪم سان وڃان ٿو ۽ انهن ساڳين پيرن تي ڪم لاهي موٽي ايندس. جن ماڻهن وٽ وڃان ٿو سي منهنجا سونهان آهن. ابو مرحيات آهي. ابو مرحيات بہ وٽن ايندو هو. بابا اسانجا تعلقات ڀاڻ ۾ ٽيهن چاليهن سالن کان آهن. ڏاڍا چڱا ماڻهو آهن. مون وٽ ڳوٺ بہ آيا آهن ۽ ہہ ٽي پيرا مانيءَ ٽڪر بہ کائي ويا آهن.

”چاچا ولي محمد،“ هوٽل واري پريان رڙ ڪئي، ”اُهي ڏينهن ويا هليا. هاڻ شهر جا ماڻهو چڻ بگهڙ ٿي پيا آهن. پنهنجي پرائي جي ساڃاهہ ئي ڪونہ اٿن.“

”پر بابا منهنجو تہ ڪنهن سان بہ جهيڙو ناهي.“ پوڙهي ولي محمد رڙ ڪئي. ”آءُ مسڪين ماڻهو آهيان. پنهنجي روزگار سان واسطو اٿم. ۽ جن وٽ وڃان پيو سي بہ ڇاتل سڃاتل آهن. چڱا ماڻهو آهن. بابا منهنجو ڪنهن سان بہ جهيڙو ناهي ۽ نڪي جيڪي شهر ۾ وڙهن پيا تن مان اسين ڪنهن ڏُر سان گڏ آهيون. هونئن بہ بابا جهيڙو ڪا چڱي ڳالهہ ٿورڙي آهي.““

”پوڙها ڳالهہ برابر چڱي ڪرين ٿو.“ پوليس جمعدار چيو، ”پر هي ويهين صديءَ جي آخر وارا جهيڙا آهن.“ جيڪڏهن ڌر آهن تہ سيئي ڌُر آهن ۽ جيڪڏهن ناهن تہ ڪابہ ڌر ناهي.“

”اهو توهان پوليس وارن جوخيال آهي تہ جيترين ڌريون وڌيڪ هجن اوترا ڌوڪڙ بہ وڌيڪ ملندا.“

پوليس جمعدار ڪلڻ لڳو ۽ پر ۾ بيٺل رينجر کي به ترجمو ڪري ٻڌائڻ لڳو. اهو رينجر به مرڪڻ لڳو.

”پُٽ آءُ يا اسين ماڻهو انهيءَ جهيڙي ۾ ڌر ناهيون. اِها ڳالهه منهنجي ٻڌي ڇڏ ته جڏهن مون ڪو ڏوهه يا ڪا ڇُرچ ڪئي ئي ناهي ته پوءِ منهنجو نالو ڇو وٺندا.“

ڏينهن جا ٻارهن لڳا ۽ چؤ طرف کان ٽريفڪ وڌڻ لڳي. ڪير ڊوڙڻ وارا گاڏا، ڀاڄي ڀڪالي ۽ اَن سان ڀريل ٽرڪون به چؤ واٽي تي اچي پهتيون. پوڙهو ولي محمد به پنهنجي پوٽي سان وڏيون ٻرانگهون ڀريندو شهر ڏانهن وڃڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن ساڳئي چؤ واٽي تي ڏينهن جو ٽين بجي پوڙهو ولي محمد ڪجهه ٻين ڳوٺاڻن سان گڏ اُتي بيٺو هو. سندس طبيعت ڏاڍي بي چين هئي. ساڳيو پوليس جمعدار ڊيوٽيءَ تي موجود هو. انهيءَ کي به جڏهن خبر پئي ته هو پاڻ به ڏاڍو افسوس ڪرڻ لڳو.

”ڀلا ڪيستائين ايندا؟“ پوليس جمعدار پُڇيو.

”ابا چيائون پئي ته اڄ شام جو ڪرفيو لهندو ته کڻي ايندا.“ پوڙهي ولي محمد چيو.

”ڪرفيو لهڻ کان پوءِ اچڻ ته پاڻ خطري وارو آهي.“ جمعدار چيو، ”اُتي ڪو اوهانجو ماڻهو آهي؟“

”ها منهنجو پُٽ اُتي پهچي ويو هو.“ پوڙهي ولي محمد ٻڌايو،

اُنهي مهل هڪ رينجرس جو سپاهي به پهچي ويو هو. سو به چئن پنجن ڏينهن کان پوڙهي ولي محمد کان واقف ٿي ويو هو. تنهن ٻگل ٽٽل اردوءَ ۾ پوڙهي ولي محمد کان سڄي ماجرا پُڇي.

”بابا ڪهڙي ڳالهه ٻڌايان؟“ پوڙهي ولي محمد وراڻيو. ”ڪالهه ڀلاري جمعي ڏينهن شهر ويس. پُٽ، منهنجي ته ڪنهن سان به دُشمني ڪانه هئي. اڄ ڇا پر سڄي عمر ڪنهن سان نڪو تڪو ڳالهايم ۽ نڪي ڏکيا لفظ ٻڌم. ڪالهه سري گهاٽ ويس. ورهين جي سڃاڻپ وارن واپارين ۽ دڪاندارن مان ڪجهه مليا به پر سڀ اچرج ۾ هئا ته ڪئين پهتو هوس. پئسا ته ورتئون پر سامان ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا. خير ڪجهه سامان ورتم به ۽ هميشهه وانگر سري گهاٽ واري مسيت ۾ نماز پڙهيم. مون کان اڳ منهنجو پوٽو مسيت مان نڪتو. ٿوري دير کان پوءِ آءُ نڪتس ته ڏٺم مسيت کان ٻاهر به ڪو بني بشر نه هو ۽ منهنجو پوٽو رت ۾ ٻڏل ڦٿڪيو پئي. منهنجو ته ساهه نڪري ويو. رڙيون ڪيم ته ڪو مدد لاءِ اچي پر ڪوبه ويجهو نه آيو. پتري ۾ پوليس جو گاڏيون اچي پهتيون. جوان کي کڻائي اسپتال پهتاسين ته چوڪري ۾ ساهه هجي ئي ڪونه. شيءِ وچي ڏٺيءَ کي پرتي. ههڙو ڀورل جوان مارائي ويٺس. لاش اسپتال کڻي ويا. مون ڊوڙ پائي اچي همراهن کي ڄاڻ ڪئي. منهنجو وڏو ماستر پُٽ ۽ چوڪر جو پيءُ اسپتال ۾ آهن چيائون ته اڄ ڪرفيو ۾ ساهيءَ مهل اسپتال وارا موڪل ڏيندا ۽ موٽر گاڏيءَ ۾ لاش کڻي ايندا.

”پوڙها! مون تو کي چيو به پئي. . . . “ پوليس جمعدار چيو.

”پُٽ مونکي ڪهڙي خبر ته شهر ۾ ماڻهن جي روپ ۾ هاڻ رڳو بگهڙ ويٺا آهن. پر ماڻهو مارڻ لاءِ ڪا دشمني هوندي آهي. ڪا ڳالهه هوندي آهي. يار ظلم ٿي ويو، بغداد ٿي ويو. قهر ٿي ويو.“ پوڙهي ولي محمد ٿڌو ساهه کنيو.

ٽي به ٿي ويا. ڪرفيو جي ساهي به ختم ٿي ويئي پر پوڙهي ولي محمد جي پوٽي جو لاش شهر منجهان نه آيو. ساڍس گڏ ڪيترائي همراهه ڳوٺان به آيا هئا.

”چاچا ڀڪ اٿئي ته ايندا؟“ هڪ ڳوٺاڻي پُڇيو.

”پُٽ الله کي خبر ته ايندا يا نه. مونکي ته چيو هئائون ته سياڻي ڪرفيو ختم ٿيندو ته اسپتال مان نڪرنداسين.“

”چاچا پوليس ڪان موڪل وٺ تہ پاڻ شهر هلون.“ ٻئي ڳوٺاڻي چيو.

”شهر ۾ ڪرفيو آهي.“ پوليس جمعدار چيو، ”هاڻ ڪير بہ شهر ڏانهن وڃي نٿو سگهي.“

”پر جمعدار اسانجو همراهہ مارجي ويو آهي. اسانکي خاص اجازت وٺي ڏي.“

”اجازت مونکي بہ ناهي تہ شهر وڃان. في الحال ماٺ ڪري اتي ئي ويٺا هجو. يا ڳوٺ هليا وڃو پاڻيهي اوهانجا همراهہ لاش کڻي اُتي پهچندا.“

اتي ويٺلن همراهن مان هڪ رڙ ڪئي. ”جمعدار ائين ڪئين ٿيندو؟ هاڻ موٽڻ ڏکيو آهي. ڇوڪرو بہ اسان جو ويو ۽ نڌڻڪا بہ اسين ٿيو ويٺا آهيون.“

”بابا اڄڪلهہ حالتون ڏاڍيون خراب آهن.“ پوليس جمعدار چيو.

ٿوري دير لاءِ ماٺ ٿي ويئي. سيني ماڻهن جون اکيون شهر منجهان ايندڙ رستي ڏانهن هيون.

آهستي آهستي شام ٿيڻ لڳي ۽ پوڙهي ولي محمد جي ڳوٺان ستر اسي همراهہ اچي چئنل جي ڇؤ واٽي تي ويٺا. ائين آهستي آهستي ماڻهن جو اچڻ ڏسي پوليس جمعدار وائرليس تي پنهنجن صاحبن کي ٻڌايو تہ چئنل تي ماڻهن جو مجمعو پيو گڏ ٿئي ۽ متان ڪو ڦڏو ٿي پوي تہ پوليس فورس موڪليو.

ٿوري دير ۾ ٻہ ٽي گاڏيون سائرن هڻنديون، نيشنل هاءِ وي کان چئنل جو ڪپ ڏينديون، ڇؤ واٽي ڏانهن اچڻ لڳيون. ويٺل ماڻهن ۾ چرپر ٿي ۽ سمجهڻ لڳا تہ شايد ڇوڪري جو لاش پيو اچي. پر جڏهن گاڏيون اچي بيٺيون تہ هڪ ڊي ايس پي لٿو ۽ تڪل قدم کڻندو ڳوٺاڻن ڏانهن وڌيو.

”هي ڇا گوڙ لڳايو اٿوَ. اوهانکي خبر ناهي تہ ڪرفيو لڳل آهي.“

پوڙهو ولي محمد اڳتي وڌي آيو. ”صاحب ڪوبہ گوڙ ناهي. اسان وٽ مڙيوئي خبر آهي. امن آهي. پر ڪالهہ منهنجو پوٽو شهر ۾ مارجي ويو آهي. اڄ ٻڌايو هئائون تہ اسپتال وارا لاش موڪليندا. منهنجو پٽ اسپتال ۾ آهي. بس انهيءَ ڪري ويٺا آهيون.

”اهو تہ صحيح آهي.“ ڊي ايس پي چيو، ”پر قانون مطابق ايترا ماڻهو هڪ هنڌ نہ ٿا بيهي سگهن. اڄ ڪلهہ ماڻهن جي مٿن ۾ بارود ڀريل آهي. شهر جي ڪناري وٽ ائين ماڻهن جو مجمعو لڳائڻ تمام خطرناڪ آهي ۽ قانون جي خلاف آهي.“

”سائين اسان وٽ نڪو بارود نڪو بندوق آهي.“ پوڙهي ولي محمد وراڻيو. ”نڪو اسين خطرناڪ آهيون.“

”لاش اوهانکي پهچي ويندو.“ ڊي ايس پي چيو. ”اوهان سڀ هن ڇؤ واٽي کان هٽي وڃو ۽ ٿورو پرتي وڃي بيهو نہ تہ سڀ ٻڌجي ويندا.“

”صاحب اسين وڙهڻ لاءِ ڪونہ آيا آهيون،“ پوڙهي ولي محمد چيو. ”نڪو پلاند وٺڻو اٿئون. پر جيستائين اسان جي ڇوڪري جو لاش نہ ٿو اچي، تيسين هتان چُرنداسين ڪونہ. اوهان ڪا مدد ڪريو. اسپتال فون ڪريو نہ تہ جيئن جئين دير ٿيندي ويندي تہ باقي ڳوٺ جا ماڻهو بہ ايندا ويندا. پوءِ پر وارن ڳوٺن سان اسان جو پرڻي مرڻي جو رستو آهي. سي بہ اچڻ شروع ڪندا ــ ۽ هت هزارين همراه اچي بيهندا. سو صاحب تون ڪا واهر ڪرـــ“

ڊي ايس پي مُنجهي پيو. هن وائرليس تي ڳالهايو. ٻيهر ڳالهايو. هُو بہ ڏسي رهيو تہ ماڻهن جو انگ برابر وڌي رهيو هو. متان ماڻهو مچرجي شهر ڏانهن نہ ڪاهي پون.

جڏهن سج پريان شهر جي عمارتن جي پٺيان گم ٿي ويو ۽ چؤطرف اونداهہ ڦهلجڻ لڳي تہ ڊي ايس پي تڪڙا قدم کڻندو پوڙهي ولي محمد وٽ آيو ۽ چيائين تہ گاڏي لاش کڻي اسپتال مان نڪتي آهي.

اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ايمبولينس پهتي. لاش وارثن کي مليو. پوڙهي ولي محمد جو پُٽ اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. شهر جي ايمبولينس اڳتي هلڻ لاءِ تيار نہ ٿي ۽ واپس ويئي هلي. ڪٽ تي رلي وڇائي لاش

رکي، سڀ ماڻهو چؤ واٽي کي آهستي آهستي خالي ڪرڻ لڳا. پوليس جمعدار به پوڙهي ولي محمد سان گڏ هلڻ لڳو.

ڊي ايس پيءَ هڪ گاڏي به ساڻ ڪئي.

پوليس جمعدار پوڙهي ولي محمد کي دلداري ڏيڻ لڳو ۽ پوءِ ڪجهه وقت ٻئي چپ گڏوگڏ خاموش، ٻين ماڻهن سان گڏ اڳيان وڌي رهيا هئا. ايڏو وڏو ماڻهن جو هشام هو. پر سڀ ماٺ هئا.

اوچتو پوڙهي ولي محمد پوليس جمعدار جي ٻانهن کان جهليو ۽ هلندي هلندي کيس چيو: ”جمعدار ڪالهه مون توکي چيو هو ته منهنجي ڪنهن سان به دشمني ناهي ۽ نڪي سڄي ويڙهه ۾ اسين ڪا ڌُر آهيون، پر هاڻ سمجهان پيو ته اسين ڌُر بنجي چڪا آهيون ـــ ۽ ڌُر آهيون!“

پوليس جمعدار پوڙهي ولي محمد ڏانهن ڏٺو ۽ کيس عجب لڳو.

# 49

شهر جيڪو ڀڻ صدين ۾ آباد ٿيو هو. اُهي ماڻهو جن هن شهر ۾ پنهنجا ڪچا پڪا گهر اڏيا هئا. جن جي سڃاڻپ هن شهر جي نالي سان لاڳاپيل هئي. ملڪ جي 73ع واري آئين جي حساب سان اهي شهري urban quota منجهه اچي ويا هئا. مئي جي مهيني ۾ ڏينهن ضرور گرم هوندا آهن. پر جئين سج اولهه ۾ لهڻ جو سعيو ڪندو آهي تئين ئي ٿڌيون هوائون ڏکڻ پاسي کان اچڻ شروع ٿينديون آهن ۽ ڪلاڪ ڀڻ ۾ سموري گرمائش ختم ٿي ويندي آهي ۽ شهر ٺرڻ لڳندو آهي. پوءِ رات جو ٿڌڪار وڌي ويندي آهي. پر هن سال مئي جو مهينو ڪربلا هو. شهر جي مٿان هلندڙ هوائن ۾ ٿڌڪار گهٽ هئي پر بارود جي بُوءِ ڪروڌ ۽ ڌڪار ڦهليل هئا. ائين پئي لڳو تہ صدين کان آباد تهذيب ۽ ماڻهپو، نئڙت ۽ ميناج، هن شهر مان لڏي ويا آهن. ماڻهن جي اکين ۾ بگهڙن جا تارا لڳل آهن. انساني ماس ۽ رت جي ڪا حيثيت ئي نہ رهي آهي. حيدرآباد جي اصلوڪي آباديءَ پنهنجا گهر خالي ڪرڻ شروع ڪيا. پڪي قلعي کان شروعات ٿي. علي ڪاڻ جي پڙ جي چوڌاري گهر، ڏتل شاهہ جي پڙ جا رهواسي، ٽاٽارن جا گهر، قريشين جا گهر، جمن شاهہ جي پڙ مان سيدن جا گهر، پرور شاه جي پڙ ۽ ريشمي گهٽي وارا گهر، پڪي پير واري چاڙهيءَ تي آباد پٺاڻن جا گهر ـــ ۽ شاهي بازار جي ڀنهي پاسي جيڪي بہ گهر هئا سي سڀ لڏڻ لڳا. رڳو ڪجهہ گهر ڪاهي روڊ واري پاسي وچي بچيا هئا. پر انهن ڪٽنبن منجهان بہ گهڻا ڀاتي ويا هليا. هيرا آباد خالي ٿي ويو. قاسم آباد جا خالي گهر ڀرجڻ لڳا.

اهڙو ئي، مئي جي مهيني جي آخري ڏينهن مان هڪ ڏينهن هو. شهر ڪرفيو جي ور چڙهيل هو. شهر جي گهٽين ۾ لاش ائين پئي مليا چڻ قرباني واري عيد ڏينهن ذبح ٿيل جانورن جون اوجهريون رستي ڪنڌ تي پيل هونديون آهن. انهيءَ ڏينهن آسمان بہ صاف نہ هو. سج ايريو هو پر آسمان تي ڇانيل رئي ۽ دز ڪري، شهر روشن نہ هو. اُنهيءَ ڏينهن هوا بہ بند هئي جنهن ڪري شهر ۾ اُبس ۽ گهُٽ پئي محسوس ٿي. شهر ۾ افواهہ ڦهلجي ويو تہ سنڌ جي ڀهراڙين جا رهواسي هٿيارن سان ليس ٿي، شهر تي حملي لاءِ شهر جي ٻاهر قومي شاهراهہ تي هالا ناڪي وٽ جمع ٿي رهيا آهن ۽ ڪنهن وقت بہ شهر تي حملو ٿيندو. شهر جي مسيتن منجهان اعلان ٿيڻ لڳا تہ شهر واسيو، ڌاڙيل پهچي ويا آهن ۽ شهر تي حملا ڪندا. انهيءَ ڪري پنهنجو بچاءُ بہ ڪريو ۽ مقابلو بہ ڪريو. شهر ۾ اڳئي ڪرفيو نافذ هو. پر اهڙين افواهن نہ رڳو ماڻهن جا لاهہ ڪڍي ڇڏيا پر بيمار شهر اڌ مئو نظر اچڻ لڳو. شهر جي مسيتن مان نعره تڪبير الله اڪبر جا نعرا ٻڌڻ ۾ آيا پئي.

ٻئي پاسي شهر جي اوڀر اتر پاسي ڇيڙي تي ڦليلي، پنجاري واهہ ۽ لائينڊ چئنل جي وچ ۾ قومي شاهراهہ تي پنجاهہ سٺ ڪٽنب جمع ٿيا هئا. هي اُهي ماڻهو هئا جنڪي گذريل رات جي لڳاتار فائرنگ ڪري فردوس ڪالوني، سخي پير ڪالوني ۽ ڀرپاسي جي ٻين گهرن منجهان لڏايو ويو هو. هو سڀ ـــ ٻہ اڍائي سئو کن مرد، زالون ۽ ٻار ڦليلي ۽ پنجاري واهہ جي وچ ۾ شاهي رستي تي ڏرٺو هڻي ويهي رهيا. انهيءَ ڏرٺي ڪري سکر، ملتان، لاهور ۽ پشاور کان ايندڙ سوين ٽرڪون، ڪارون ۽ ٻي ٽريفڪ بيهجي ويئي. هيڏانهن ڪراچيءَ کان ايندڙ ٽريفڪ ڄامشوري وٽ روڪيل هئي. پوءِ آهستي آهستي ڀرپاسي

جي ڳوٺن جا ماڻهو بہ اچڻ لڳا ۽ ماڻهن جو تعداد وڌڻ لڳو. لالو لاشاري، هٽڙي، مسو پرڳڙي، خان محمد مغل جي ڳوٺ ۽ ٻين ڪيترن ئي اوسي پاسي جي وستين جا ماڻهو جمع ٿيندا ويا. جڏهن اهو انگ هزارن تي پهتو ۽ هڪ عجيب صورتحال وجود ۾ اچڻ لڳي تہ پوليس ۽ رينجرس جا ٽرڪ پرجي آيا.

جيڪي ماڻهو ٻي گهر ٿيا هئا سي ڪجهہ تہ روئي رهيا هئا پر ڪجهہ نهايت جوش ۾ هئا ۽ سندن مطالبو هو تہ اسين شهر ويندا سين، اسانجن ماڻهن جا لاش روز شهرن مان اچن ٿا. اسانجن ماڻهن کي شهرن مان ٻي دخل ڪريو لڏڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو.

اهو محشر منجهند تائين وڌندو رهيو.

”اوهان فڪر نہ ڪريو، اوهانکي واپس پنهنجن گهرن ۾ وٺي هلون ٿا.“

ڊپٽي ڪمشنر چيو.

”اوهان ڪهڙي ضمانت ڏيو ٿا تہ ٻيهر دهشتگرد اسان تي حملو نہ ڪندا.“

”اوهانجي پاڙن تي پوليس جو پهرو وڌايو ويندو. ٻيو تہ فوج بہ اچي پئي.“

” تنهنجي قول تي اعتبار ناهي.“

”مون تي اعتبار ڪريو.“ ڊپٽي ڪمشنر چيو. ”اوهانکي ڪنهن بہ صورت ۾ شهر ڏانهن وڃڻ جي اجازت نہ ڏبي.“

”اسين پنهنجن گهرن کان ٻي گهر ٿيا آهيون.“ هڪ رڙ ٿي.

”اوهان جيڪي بہ ٻي گهر ٿيا آهيو، سي مون سان هلو. هڪ ڏينهن اوهان کي قاسم آباد ڪاليج جي ڪئمپ ۾ رکنداسين ۽ پوءِ اوهان کي 80 ۽ 100 والن جا ٿهيل بنگلا رهڻ لاءِ ڏينداسين. اوهين اتي تيستائين رهندا جيستائين پنهنجن گهرن ۾ واپس نہ وڃو.“

اُنهي هجوم منجهان هڪ پوڙهو اُٿي بيٺو. ڊگهو قدآور، اڇي ڏاڙهي ۽ مٿي تي پٽڪو ويڙهيل هئس تنهن ڳالهائڻ شروع ڪيو.

” تون ڳالهائين ڇا ٿو؟“ پوڙهي جو آواز ڳرو ۽ روئڻهارڪو هو. ”اسين هن شهر ۾ اُن وقت کان رهون ٿا جڏهن غلام شاهہ ڪلهوڙي هي شهر اڏيو هو. هن شهر جي مٽيءَ منجهہ اسانجن ابن ڏاڏن ۽ انهن جي ابن ڏاڏن جا هڏ پوريل آهن. صدين کان اسانجا پڪا ڪچا گهر انهيءَ ڳالهہ جي شاهدي ڏين ٿا تہ اسين اشراف ۽ امن سان رهندڙ ماڻهو آهيون. اسان وٽ قڏي فساد جو ڪو سبب ئي ناهي. اسان تہ هر ٻاهرئين مهمان کي بہ قبولي، دلين ۾ جاءِ ڏني آهي. اڄ مهمان اسان کان شهر خالي ڪرائي رهيا آهن. ۽ تون چڱو مڙس بنجي اهو فيصلو ڪري چڪو آهين تہ اسان اصل رهواسين کي پنهنجن گهرن هوندي سوندي، اسڪولن ۽ ڪاليجن جي ڪئمپن ۾ رهائيندين. اسان جا ڪيترا جوان مارجي چڪا آهن، ڪيترن جون حياتون خطري ۾ آهن. اسان پنهنجا گهر پريل پُڪيل ڇڏي راتو ـــ واهہ نڪتا آهيون ڄڻ شهر ۾ ڪو زلزلو آيو هجي. ڄڻ گنجي ٽڪر هيٺان ڌرتي پنهنجي سگهہ وڃائي ويٺي آهي. ڄڻ بگهڙن جي ڪا لوڌ شهر ۾ ڪاهي پئي آهي. اسان پنهنجا الهہ تلهہ بہ نہ ڪٺي سگهياسين. شهر جي هڪ ڪنڌ تي صديون اڳ پڪو قلعو جوڙايو ويو. انهيءَ ڪري تہ اسان شهر جي رهواسين کي حفاظت ملي، امن ملي ۽ خاطري ملي. ٻي ڪنڌ تي انهيءَ شهر جي جوڙڻ وارو ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو سُتل آهي. هن هي شهر انهيءَ لاءِ اڏرايو هو تہ سنڌ جي ڌتڙيل ماڻهن کي اجهي لاءِ زمين جو ٽڪر ملي جتي پنهنجا گهرڙا اڏي، ڏکڻ جي ساموندي هوائن ۾ سک ۽ آرام سان رهن. اِهي اُهي سنڌي ڌتڙيل هئا جيڪي ارغونن برباد ڪيا. جيڪي ترخانن تباهہ ڪيا، جن کي مغلن جي گورنرن ۽ عملدارن، ذليل ۽ خوار ڪيو. جيڪي پنهنجا شهر ڇڏي جهنگ منهن ڪري ويا هليا هئا. جن ٺٽو خالي ڪيو. جن سيوهڻ ڇڏيو. جن نصرپور منجهان لڏيو. انهيءَ ڪري تہ ٻاهران ايندڙ حاڪم قومن کي سنڌ جي شهرن ۾ وسندڙ وچولي ۽ هيٺين

طبقي جي ماڻهن کي، پنهنجي برتري ۽ اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ شهر بدر ڪرڻ ضروري هو. اهو وچولو ڪلاس سندن بادشاهيءَ جي لاءِ خطرو ثابت ٿي سگهيو ٿي. هاڻ به شهرن جي حاڪم طبقي کي اسين ٽتا وٽون. اسان مان کين خوف آهي. هو اسان کي، سنڌ جي شهرين کي هڪ دفعو وري شهرن مان نيڪالي ڏيئي جهنگ منهن ڪري وڃڻ لاءِ مجبور ڪري رهيا آهن. اسان جو شهر خالي ٿي ويو آهي. اوهين اسان کي ڪئمپن ۾ رهائڻ لاءِ بندوبست ڪري رهيا آهيو. مون به پنهنجو جوان پُٽ وڃايو آهي. منهنجي نُنهن کي به سيني تي ٺُو ٺُو رائيفل جي گولي لڳي. مون يونيورسٽيءَ منجهه ٻٽيهه سال پڙهايو آهي. منهنجن هن پوڙهن هڏن ۾ رڳن ۾ علم ۽ ڄاڻ پريل آهي. ڪيترو علم ۽ ڪيتري ڄاڻ آءُ ورهائي چڪو آهيان. اُنهيءَ جو اوهان اندازو ٽتا ڪري سگهو. اسانکي ڪئمپن ۾ اوهان رهائي ٽتا سگهو. اهو علم ۽ ڄاڻ انهيءَ سڄي رتيل واردات جي خلاف آهي. نه رڳو نوجوانن جي ذهنن ۾ پر وڏي عمر جي زالن توڙي مردن جي رڳن ۾ اها ڄاڻ موجود آهي ته اسين شهر ڇڏي، پنهنجا گهر ڇڏي ڪئمپن ۾ ڪونه رهنداسين. اسين آمريڪا جا ريڊ انڊين ناهيون. اسين آسٽريليا يا نيوزيلينڊ جا ائب ـــ اوريجنل رهاڪو نه آهيون. اسان ڪئمپن ۾ رهڻ وارا ناهيون. اسان ته شهر اڏڻ وارا آهيون. تون اسانکي روڪي نه سگهندين. اسان شهر تي حملو ڪرڻ نه پيا وڃون پر اسان پنهنجي شهر وڃون پيا. پنهنجي بند ٿيل گهرن ڏانهن وڃون پيا. پنهنجن لُٽيل، ڦريل ۽ برباد ڪيل گهرن کي ٻيهر آباد ڪرڻ وڃون پيا.

”اوهان اسانکي روڪي ٽتا سگهو. هي شهر اسانجو آهي. هي شهر اسانجا آهن. اسان امن پسند شهري آهيون. تاريخ شاهد آهي. اسان ٻين کي ڏنو آهي ڏکويو ناهي.“

ماڻهن جو ميڙ هزارين ماڻهن جو ميڙ آهستي آهستي چُرڻ لڳو. ڌرتي به سندن پيرن هيٺان اڳتي چرڻ لڳي. سڄي حڪومتي مشنري حرڪت ۾ اچڻ لڳي. شهر جي ٻاهران بيٺل شهرين جون نظرون شهر ڏانهن هيون.

# 50

آگسٽ 1990ع

هي آگسٽ جو مهينو 47ع جهڙو ئي هو. اڳ انهيءَ مهيني ۾ شهر جي ماڻهن ٻاهران ايندڙن کي دلين ۾ جايون ڏنيون ۽ پنهنجي شهر جون بند ٿيل جايون، ڀاڙيسرين ۽ جانين جي جدا ٿي وڃڻ ڪري ويران جايون، ايندڙن کي کولي ڏنيون هيون. اڄ شهر جا واسي پنهنجا ڪک ڇڏي، شهر مان ٽڙجي نڪتا هئا. سر بچائي نڪتا هئا ـــ ۽ شهر جي اتر ـ اولهه ۾، سنڌو نديءَ جي ڪناري پرسان اڏ آباد شهر ۾ اڏيلن گهرن ۽ سرڪاري ڪئمپن ۾ رهڻ لڳا. شهرن مان ٽڙجي، مارجي ۽ ڏڪارجي نڪرڻ، سنڌ جي شهري طبقي لاءِ ڪا نئين ڳالهه نه هئي. سنڌي تاريخ جا ورق اهڙن قتلامن ۽ لڏپلاڻن سان ڀريل آهن ـــ ۽ اهڙيون لڏپلاڻيون هميشهه ريگستان، ڪوهستان ۽ سنڌوءَ جي ڪناري آباد اڙانگهن ڳوٺن ۽ تهذيبي دنيا جي روشنين کان پرتي آبادين ڏانهن ٿينديون هيون ته جئين شهري طبقو پنهنجا سر بچائي سگهي. پنهنجو پاڻ بچائي سگهي. ٻاهران ايندڙ حاڪمن جي ترارن کان پاڻ کي حفاظت ۾ رکي سگهي ۽ وچ ايشيا ۽ اتر اولهه کان ايندڙ بين الاقوامي دهشتگردن جي سياسي ۽ اقتصادي بک ۽ هوس جي اڏيءَ تي قربان ٿيڻ کان بچي سگهي. شايد سندن بقا ئي اهڙي ڀاڄ ۾ لڪل هئي.

## شروعات

هن ڀيري ڀاڄ ڪجهه ٻئي انداز منجهه هئي. شهر منجهه گهر ضرور خالي ٿيا. پر شهر جي آڏو، گنجي ٽڪر تي ٻڌل شهر جي سامهون، سنڌوندي جي ڪناري سان ڦهليل نرم ۽ آباد زمين تي، انساني آباديون اڏجڻ لڳيون. جهنگ منهن ڪرڻ واري روايت بدلجي ويئي. هوائن منجهان بارود جي بو ختم ٿي ويئي. ماڻهو آباد ٿيڻ لڳا ته ماڻهپو به واپس ورڻ لڳو.

ماڻهو سمجهڻ ٿا ته پاڻ ۾ ملي رهڻ ئي چڱي ڳالهه آهي ۽ سنڌ جي مٽيءَ ۾ جذب ٿيڻ ئي تاريخي روايت ۽ ضرورت آهي.

بارود ختم ٿي ويندا آهن

محبت ۽ ميٺ ميدان ۾ رهجي ويندا آهن.

ماڻهو سهڻا ئي انهيءَ ڪري هوندا آهن ته سندن سونهن، سهپ ۽ سڪ محبت کي جنم ڏيندي آهي ـــ ۽ مستقبل انهيءَ سونهن، محبت، سهپ ۽ ڌرتيءَ منجهه جذب ٿيڻ جو ئي نالو آهي!

❋ ❋ ❋

# وائيس آف سنڌ اي بُڪ پبلشر

# VOICEOFSINDH E-BOOK PUBLISHER

www.voiceofsindh.net

editor@voiceofsindh.net